چيچ پرائي

(اخباري ڪالم)



قمر شهباز

ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

چچ پرائي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇيڇ پرائي

(ڪالم)

قمر شهباز

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ
ڪراچي 2010ع

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا قائم

ڪتاب جو نالو: ڄڄ پرائي
موضوع: ڪالم
ليکڪ: قمر شهباز
پهريون ڇاپو: ١٤٣١هه/ 2010ع
ڪمپوزنگ: امتياز انصاري
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: نديم احمد سولنگي
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي
فون: 021_32737290
ڇپائيندڙ: شمس جعفراڻي
سيڪريٽري ثقافت کاتو
حڪومت سنڌ

ڪتاب حاصل ڪرڻ لاءِ
ثقافت کاتو بوڪ شاپ
سامهون ايم پي اي هاسٽل
سر غلام حسين هدايت الله روڊ
ڪراچي 74400
فون: 021_99206073

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized By M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro
sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

تل ڪئنال_I 13
تل ڪئنال_II 16
تل ڪئنال_III 19
پراڻو اسڪرپٽ، نئون ناٽڪ 23
هاٿي ڇا ڪجي؟ 27
صدر جو اعلان ۽ پ پ جو رويو 31
سنڌي هجڻ جو ڏوهه 34
سنڌ جي تباهيءَ جون ذميوار ڌريون 38
چونڊون 41
موت جو پروانو 44
سنڌ جي اُداس نسل جو نوحو 47
نڌڻڪا گهوڙا، غيباٽا سوار 50
سينئرز خلاف طوفان بدتميزي 53
ايڪ وال، دو وال، تين وال...... 66
ميرن کي ڪتان لڳي؟ 70
اسان جي قوم، اسين ماٺهو! 73
نڌڻڪي سنڌ جي وارثيءَ جو سوال 77
سنڌ جي تنهائي _ذميوار ڪير؟ 81
سنڌ جا نمائندا _ نه هوند نه شُڪر 85
وڏو ياءُ ۽ پاڪستاني تهذيب 88
هٿ جي وِڇا 92

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌو درشن 108
سنڌي ٻوليءَ لاءِ خطري جي گھنٽي.............................. 111
جوڏا اچا جاڳن پيا 114
اعجاز علي اداڪار پرديسي 118
ولي بابا ۽ بنڊل دادا.. 122
خراب ڊرامو 125
سچو مرشد 128
شاعر جذبات حضرت بلبل بيقرار 132
لباس ۽ورديءَ جي اهميت 136
عيار اُلو ۽ چٻي چٻ 140
ڪامورن اديبن تي ڪاوڙ.. 144
سنڌي شاعريءَ ۾ مزاحمت جا اهڃاڻ.............................. 148
ڏاهپ سندا ڏنگ –I.. 153
ڏاهپ سندا ڏنگ –II 158
ڏاهپ سندا ڏنگ –III 162
ڏاهپ سندا ڏنگ –IV.. 166
ڏاهپ سندا ڏنگ –V 171
ڏاهپ سندا ڏنگ _VI 175
ڏاهپ سندا ڏنگ – VII 179
سنڌ واسين کي سڄاڳي مبارڪ! 183
واڪا ڪرڻ مون وس 188
سچ ٻڌي سگھندؤ؟ 192
منهنجا پيارا آصف زرداري! 196
منهنجا پيارا نثار کهڙا، صفدر عباسي، _مخدوم جميل الزمان، پير مظهر،
سسئي پيلجو، سراج دراني 200
موهن جو دڙو ۽ رني ڪوٽ جي اباڻڪائي 205
قبرستان واري خاموشي.. 209
امتحان جاري آهي.. 214

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھ ڪڙيون مٺيون ڳالهيون 218
اڄ ڪلھ تہ آئينا بہ ڪوڙ ڳالهائڻ سکي پيا آهن 223
اندروني سازشون ۽ واڳونءَ جا ڳوڙها 228
هر نئڊڙو تارو چنڊ لاءِ چئلينج هوندو آهي! 232
آخري جنم جو ڏک 236
نوٽ ڏئي ووٽ وٺندڙ 239
سنڌ جي علمي ادبي ادارن جي صورتحال 242
جادوگر قومي سورما 246
نڙيءَ ۾ قاتل ڳنڍ 252
سالا ايڪ مڇر....! 261
ہ اهم خط 264
سرڪار جا لاڏلا آفيسر 268
تعصباڻو رويو 275
سنڌي ادبي سنگت ۽ ڪوتا سِڪا 280
خواب اسان جا چيتيون چيتيون 284
سنڌي اديبن جي دهلي ڪنوينشن 287
بلبل بيقرار 291
آرام حرام 295
انٽرنيشنل سنڌي ادبي ڪنوينشن 298
بلبل بيقرار جا موتمار مشورا 302
سيڪن جي واپسي 307
سنڌي ٽيڻ جو فارمولو 310
اوما ديويءَ جي خودڪشي 314
اسان جي عيد 318
سنڌ بچايو! 322
اديبن جي چندا پٽ ۽ اياز جو قد 325
سڌڙيا سنڌ پرست! 330
ڳامون سچار 333

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ سَين نہ ڏيندي چَين 337
سنڌي ليکڪن جي بيماري 341
ٽوپي 344
سَرف ايڪسل هي نا؟ 348
فلمي 352
اب تيرا ڪيا هوگا ڪاليا؟ 356
پيڙ تي پڙڪڻ جو وقت 359
سنڌ ساليڊرٽي ڪانفرنس 363
حقيقت ڇا هي؟ 367
تاريخ جو انتقام 371
آهي ڪو سياٽي کي بچائڻ وارو! 375
ماٺهو پڇن تا هاٽي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ _I 380
ماٺهو پڇن تا هاٽي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ _II 384
ماٺهو پڇن تا هاٽي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ _III 388
ماٺهو پڇن تا هاٽي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ _IV 392
ماٺهو پڇن تا هاٽي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ _V 396
زوال ڏانهن ويندڙ سنڌي سماج 400
فرق 405
نئين سياسي ڪلچر جي شروعات 409
سيد قائم علي شاهہ جي خدمت ۾ 413
ڪتي جو پيچ ۽ ڇٻو تيل نڙ 417
آڏيءَ جو انصاف 421
امين فهيم جو دائمي درد 426
منهنجا سنڌي سڄڻو! 429
خط_I 434
خط_II 437
خط_III 441
خط_IV 444

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پبلشر نوٽ

قمر شهباز سنڌي ادبي دنيا ۾ هڪ جرڪندڙ نالو آهي. هُن هڪ مضمون نگار، شاعر، ڊراما نگار، ڪهاڻيڪار ۽ ڪالم نگار جي طورتي پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي ۽ انهن شعبن ۾ مڃتا پڻ حاصل ڪئي.

بيباڪي قمر شهباز جو خاصو هئي ۽ اها شاعري ۽ ڪهاڻين وانگر سندس ڪالمن ۾ ڀرپور نموني سمايل هئي. سنڌ لاءِ سندس سَنڌَ سَنڌَ سُور سلينڊڙ هو ۽ ان جي لاءِ سندس سڏ وراڪا اڄ بہ فضائن ۾ گونجندڙ آهن.

قمر شهباز جي مرتئي تي تعزيتي ريفرنس ۾ ثقافت کاتي جي وزير محترمہ سسئي پليجو قمر شهباز جي ڪتابن ڇپائڻ جو اعلان ڪيو هو، ان واعدي کي پاڙيندي اسان ثقافت کاتي جي پاران سندس مضمونن جي ڪتاب ”ڳٽوانن جون ڳالهيون“ ڪانپوءِ سندس ڪالمن جي مجموعي جو هي ڪتاب ”ڇج پرائي“ ڇاپي رهيا آهيون، ان سان گڏ سندس شاعريءَ جي ڪتاب ”ڳٽوانن جون ڳالهيون“ جي اشاعت لاءِ ورسٽي پبليڪيشن ڪراچي يونيورسٽي جو سهڪار پڻ ڪيو ويو آهي.

اسان کي اميد آهي تہ هي ڪتاب جتي پڙهندڙن جي لاءِ تفريح جو سامان مهيا ڪندو اتي قمر شهباز جي علمي ۽ ادبي خيالن کي سنڌ تائين رسائڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندو.

جون 2010ع

شمس جعفراڻي
سيڪريٽري
ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

قمر شهباز جي لاڏاڻي کانپوءِ شايع ٿيندڙ ڪتاب "ڄڃ پرائي" اوهان جي هٿن ۾ آهي.
سنڌ ثقافت کاتي ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر پاران قمر شهباز جي تعزيتي ريفرنس ۾، جيڪو ڪراچيءَ جي هڪ هوٽل ۾ ٿي ڪوٺايو ويو هو، سنڌ جي ثقافت جي وزير محترمه سسئي پليجو اعلان ڪيو هو ته قمر شهباز جا سمورا ڪتاب شايع ڪرايا ويندا. محترمه سسئي پليجو صاحبه پنهنجو اهو وعدو پاڙيو ۽ هي ڪتاب ثقافت کاتي پاران شايع ڪرايا ويا آهن. جڏهن ته هي ڪتاب ڪراچي يونيورسٽيءَ جي ورسٽي سنڌي پبليڪيشن پاران به شايع ٿيا آهن، جنهن لاءِ ثقافت کاتي ڀرپور سهڪار ڪيو آهي، جنهن لاءِ وزير صاحبه جس لهڻي.

قمر شهباز جي هن ڪتاب جو مهاڳ لکڻ لاءِ مون سائين امر جليل کي عرض ڪيو، گهڻي زور ڀرڻ کانپوءِ سائين مهاڳ لکڻ لاءِ راضي ٿيا، ۽ هڪ ڏينهن اوچتو هڪ SMS ذريعي معذرت ڪيائون، جيڪو ڪجهه هن ريت هو:

> Even after concerted efforts for four or five days, I have not been able to compose a suitable article on Qmar. I feel miserable. I gave up.
>
> Amar Jaleel
>
> 23.11 Hours 15-05-2010

مان ڪجهه ڏينهن ماٺ رهيس. سائين کي گهڻو زور ڀريم پر سائين ذهني طور تي ان مهاڳ لکڻ لاءِ تيار نه ٿيو. امر ۽ قمر جو هڪ گهرو بلڪ، گهري ڪان به وڌيڪ گهرو تعلق رهيو آهي، ۽ ٻنهي جي دوستيءَ جا جيڪي انگ هُن ڏنا ۽ ٻنهي کان ٻڌا، تنهنجي تقاضا اها هئي ته امر جليل صاحب ان ڪتاب جو مهاڳ لکي ها، ڇاڪاڻ ته پاڻ اردو، انگريزي ۽ سنڌيءَ جو هن دور جو مشهور ۽ مقبول ڪالم نگار آهي، ۽ قمر شهباز جي ڪالمن جي جذبي، موضوع ۽ معاملن تي وڌيڪ اثرائتي انداز ۾ لکي سگهيو ٿي، ۽ جيئن ته مون مٿي ڄاڻايو آهي ته ٻنهي جو پاڻ ۾ تعلق! جنهن جو اظهار امر جليل ڪجهه هن ريت ڪيو آهي:

> مون قمر جي ناليءَ سان ملندڙ جلندڙ اُچار وارو نالو امر ته پاڻ تي رکي ڇڏيو هو، پر اصل ۾ قمر جي دز کي به پهچي نه سگهيس. مون کي پڪ ٿي وئي ته ڪرڪيٽ ۾ جيئن مان امتياز جهڙو ٿي نه سگهيو هوس، تيئن ادب ۾ مان امر نالو رکائڻ جي باوجود قمر ٿي نه سگهندس. مون شاعريءَ تان هٿ ڪڍي ڇڏيو. ڪجهه عرصي تائين بي فيض ۽ بي لاپ جدوجهد کانپوءِ مون محسوس ڪري ورتو ته، مان ناممڪن کي ممڪن ڪري نه سگهندس. مان قمر وانگر ڪافي ڪهاڻي لکي نه سگهندس.
>
> عين ممڪن هو ته مان بدحواس ٿي لکڻ تان هٿ کڻي ڇڏيان ها. بي مقصد ۽ بي معنيٰ زندگيءَ کي ڪوبه مقصد ۽ ڪا به معنيٰ ڏيڻ کانسواءِ هتان هليو وڃان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ها! پر، قمر ائين ٿيڻ نہ ڏنو. قمر ڏاڍي يقين سان مون کي اعتبار ڏياريندو آيو، تہ مان لکندو رهان، مسلسل، لاڳيتو، پوري ڪمٽمينٽ سان لکندو رهان؛ ڇو جو مان ٽيسٽ ڪرڪيٽ کيڏڻ لاءِ نہ، بلڪہ لکڻ لاءِ پيدا ٿيو آهيان! فقط لکڻ لاءِ! تڏهن مون سوچيو هو تہ مان جيڪڏهن لکڻ لاءِ پيدا ٿيو آهيان، تہ پوءِ مون کي هڪ حقيقت کي قبول ڪرڻو پوندو تہ مان قيامت تائين، ڪنهن بہ جنم ۾ قمر جهڙي هڪ بہ ڪهاڻي لکي نہ سگهندس! مون کي ادب جو صحرا جهاڳڻو پوندو! پنهنجي لاءِ اظهار جو نئون رستو تلاش ڪرڻو پوندو. نئين راهہ جو کوج لڳائڻو پوندو. مون کي جوڳ وٺڻو پوندو. وستين بدران وستين جي ويرانين ۾ ويهي لکڻو پوندو. مون کي سيڪجه ڇڏڻو پوندو. دوست، احباب ۽ ساٿي!

سائين امر جليل جي انڪار ڪانپوءِ بہ مون آسرو نہ لاٿو ۽ کيس ڪجهہ عرصي کانپوءِ هڪ خط لکي عرض ڪيم تہ يا تہ توهان مهاڳ لکي ڏيو. ٻي صورت ۾ اجازت ڏيو تہ مهاڳ وارا صفحا خالي (Blank) ڇڏي ڏيان ۽ توهان جو نالو هيٺ ڏيئي ڇڏيان. پر مان پنهنجي سيني ڪوشش ۽ هٿڪنڊن کي آزمائڻ کانپوءِ بہ ناڪام رهيس ۽ کانئس مهاڳ نہ لکرائي سگهيس، جيتوڻيڪ مون کي اها خوشفهمي آهي تہ مان ساڻن حجت ڪرڻ يا حجت هلائڻ واري پوزيشن ۾ آهيان، پر ايئن نہ ٿي سگهيو، ان جو هڪ سبب اهو بہ آهي تہ سائين امر جليل جو زندگيءَ بابت، اٿڻي ويهڻيءَ بابت، ناتن رکڻ بابت پنهنجو life style آهي، جنهن ۾ هو ٻين جي هٿ چراند هرگز برداشت نہ ڪندو آهي، بهرحال قمر جي ڪتابن جي اڄان پڇاڻي ڪانہ ٿي آهي، ادي ارشاد جي خواهش آهي تہ سائين جي ڊرامن جو ڪتاب بہ اچڻ گهرجي.

قمر شهباز ريڊيو ۽ ٽي ويءَ لاءِ ڪافي ڊراما لکيا، نہ فقط لکيا، بلڪہ ڪن ۾ صداڪاري ۽ ڪن ۾ هدايت ڪاري جا فرض بہ سرانجام ڏنا. ون يونٽ ٽٽڻ کانپوءِ جڏهن ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تان سنڌ جي پروگرامن کي وڌيڪ وقت ملڻ شروع ٿيو تہ پيشيور ليکڪن جي اڻ هوند جي ڪري پروگرامن جي پروڊيوسرن کي سخت ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو، پر قمر شهباز سندن هر عرض جي دوا ٿي، انهن پروگرامن کي ڪامياب ڪرائڻ ۾ وسان ڪونہ گهٽايو.

شمشيرالحيدري سنڌس شاعريءَ جي مجموعي "چنڊ رهين تو دور" جي مهاڳ ۾ لکي ٿو:

"قمر شعر ۽ نثر جي سڀني صنفن ۾ "هر فن مولا" بڻجي ويو، ۽ بيوروڪيٽ ٿي ويو. هن شاعريءَ سان گڏ ڊراما ۽ ڪهاڻيون بہ لکيون تہ اداڪاري ۽ صداڪاري بہ ڪئي. هن اشتهاري "سلوگن" ۽ "جنگل" بہ لکيا تہ دستاويزي فلمن جي اسڪرپٽن سان گڏ فيچر فلمن جون ڪهاڻيون بہ لکيون. هن ريڊيئي لاءِ ڊراما، فيچر، گيت، خاڪا ۽ ڪامينٽريون لکيون تہ ٽيليويزن لاءِ ڊراما، گيت ۽ خاڪا بہ لکيا. هن اسٽيج لاءِ ناٽڪ بہ لکيا تہ هدايتڪاريءَ جو ڪم بہ ڪيو. هن سنجيديون شيون بہ لکيون تہ مزاحي بہ. هي واحد سنڌي ليکڪ آهي، جنهن لکڻ جي سمورن شعبن ۾ پنهنجي غيرمعمولي پيشيور ۽ تخليقي صلاحيتن جو مظاهرو ڪندي،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڙني پاسن جي گهرجن کي پرتي ڏني آهي. تنهن هوندي به "جئڪ آف آل، ماسٽر آف نن" جو مثال سائٽس لاڳو نٿو ٿئي. هو "ماسٽر آف آل" آهي "

قمر شهباز سنڌي ادب ۽ صحافت ۾ جيڪو نمايان ۽ بيباڪ ڪردار ادا ڪيو آهي، سا بيباڪي امر جليل جي ڪالمن ۾ به نظر اچي ٿي، پر ٻنهي جي اسلوب ۽ انداز ۾ گهڻو فرق آهي. ڪالم نگاريءَ جي شروعات پاڻ طنز ۽ مزاح وارن ڪالمن سان ڪيائون. اهي ڪالم اسان کي سنڌس ڪتابن "ضمير جو موت" جيڪو 1992ع ۾ شايع ٿيو. جڏهن ته "اڻون گهر" جيڪو 1989ع ۾ شايع ٿيو نظر اچن ٿا، جنهن ۾ هن مزاحيه انداز ۾ معاشري ۽ ان جي ڪردارن تي طنز ڪئي آهي، پر هن مجموعي ۾ سنڌس صحافتي ڪالمن کي شامل ڪيو ويو آهي، جيڪي مختلف اخبارن ۾ گذريل ڏهن سالن کان شايع ٿيندا رهيا آهن، جن ۾ هُن ملڪ جي سياسي سرشتي، پوتارن جي ڏاڍائي، معاشرتي برائين، ڪاروڪاري، سڱ چٽي، قبائلي جهيڙن، نفسانفسيءَ جي موضوعن کي پنهنجايو آهي. هن وقت جي حاڪمن، ڪامورن ۽ پيرن ميرن جي پڳ لاهيندي دير نه ڪئي آهي، ۽ کين آئيني ۾ سندن اصل چهرو ڏيکاريو آهي. هن مختلف دورن ۾ پيش ايندڙ دردناڪ واقعن تي به خاموشي اختيار نه ڪئي آهي ۽ حالتن جو تجزيو نهايت بيباڪيءَ سان ڪيو آهي. هن روايتي لوپي ۽ وڪاميل ڪالم نگارن واري انداز ۽ رويي کي رد ڪندي صحافت جا جهونا ڪوٽ ڪيرائي وطن دوست ۽ عوام دوست موضوعن کي پنهنجي ڪالمن ۾ جڳهه ڏني آهي. مختلف اخبارن ۾ سنڌس ڪالم مختلف موضوعن تي شايع ٿيا آهن. هن نه فقط تنقيد ڪئي آهي، پر هن معاشري جي سڄاڻ شخصيتن ۽ هستين کي خراج پيش ڪرڻ لاءِ به ڪيترائي ڪالم لکيا آهن. ڪالم لکندي جو اڪثر گهڻو جذباتي ٿي ويندو هو ۽ انهن جذبن جي وهڪري ۾ وهندي، هو پنهنجي سنڌ واسين ۾ سماجي ۽ شعوري جاڳرتا پيدا ڪرڻ ۽ کين غيرت ڏيارڻ کان به نه ڪيٻائيندو هو. هڪ ڪالم ۾ لکي ٿو:

ڪيڏا نه پليل ۽ پنيليل انسان آهيو!

ڪيڏا نه پورا ۽ بي وقوف آهيو!

ڪيڏا نه احمق ۽ اڻ ڄاڻ آهيو!

اڙي، مارڻو ئي اٿو ته پنهنجو خوف ماريو، ديپ ۽ ڊاءُ ماريو، احساس ڪمتري ماريو، اندر ۾ ستل گدڙ کي ماريو.

اهو غدار ماريو جو توهان ۽ توهان جي وطن جو ويري آهي.

اهو سرمائيدار ماريو جو غريب جو رت چوسي ٿو.

اهو وڏيرو ماريو جو پراون کي خوش ڪرڻ خاطر پنهنجن سان دغا ۽ دولاب ڪري ٿو.

اهو سياستدان ماريو جنهن هر دور ۾ توهان کي ڌوڪو ڏنو آهي.

اهو ڪامورو ماريو جنهن ڪوڙا ڊوميسائيل ڏئي توهان جي حق تلفي ڪئي.

ذاتي منافعي خاطر قوم جي مفاد کي نيلام ڪيو آهي.

اهو دانشور ماريو جو منافق ۽ مڪار آهي، چور آهي، چڪار آهي، جمهوريت جو غدار آهي.

اميد ته جلد سنڌس ڊرامن جو مجموعو به شايع ٿيندو.

پروفيسر محمد سليم ميمڻ

ڪراچي، 15 ڊسمبر، 2010ع.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿل ڪئنال_I

ٿل ڪئنال تي عام ماڻهوءَ جي جاڻ ۾ خدشن ۾ اضافو ٿيو آهي، پر احتجاج ٿڌو ٿيندو پيو نظر اچي. ماڻهو ورڇي پيا آهن. ٽڪجي پيا آهن. هڃي پيا آهن. هيڏي وڏي ناانصافي، انياءَ ۾ ڏاڍائي ٿي رهي آهي. هڪ سڄي ساري قوم کي نيست ۽ نابود ڪرڻ جي منصوبي تي عمل جاري آهي. ڪوڙ زٽ ۾ ڪپٽ جي بازار گرم آهي. هڪ طرف ماڻهن کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ چيو پيو وڃي تہ جيستائين ٻين صوبن جي ماڻهن جي رضامندي حاصل نہ ڪبي، تيستائين ٿل ڪئنال نہ جڙندو ٻئي طرف ڪئنال تي ڏينهن رات ڪم جاري آهي. هڪ طرف سنڌ کي ورهاست موجب پاڻيءَ ڏيڻ جي خوشخبري ٻڌائي پئي وڃي، ٻئي طرف پنجاب جي ڊيمن ۾ پاڻي نہ صرف ذخيرو ڪيو پيو وڃي پر پنجاب کي پنهنجي زورآوريءَ واري حصي کان بہ وڌيڪ پاڻي جاري ڪيو پيو وڃي. هڪ طرف پاڪستان جي وحدت، مرڪزيت ۾ ڏکهي ڇمار جا بيان ڏنا پيا وڃن، ٻئي طرف ننڍن صوبن کي ديوار سان لڳائي، ملڪ جون پاڙون ڪوڪليون ڪيون پيون وڃن. هن حڪمت عمليءَ کي ڪهڙو نالو ڏجي؟ هن منصوبابنديءَ کي ڇا چئجي؟

گذريل 54 سالن کان هر حڪومت وٽ ڪو اهڙو خفيہ سيل موجود رهي ٿو جيڪو سنڌ جا حق هڪ هڪ ڪري غصب ڪرڻ جا منصوبا جوڙيندو رهي ٿو. طرح طرح جون ترڪيبون ڪري، سنڌ جو هڪ هڪ ذريعو ڦٻائيندو رهي ٿو. توڙ جوڙ اتڪلون ۾ انسنا ڪري، ڪوڙن انگن اکرن وسيلي ۾ پنهنجي عددي اڪثريت جي زور تي اسان جو ساهہ قبض ڪندو رهي ٿو. اسان جي قومي زندگيءَ جا ڏينهن ڪٽائيندو رهي ٿو. انهن حالتن ۾ ڪو بہ انصاف پسند، خوف خدا رکندڙ اڻ ڏريو شخص اسان کي صرف اهو ٻڌائي تہ هاڻي اسان ڇا ڪيون؟ 1940 واري قرارداد تحت تہ سنڌ هڪ صوبي بجاءِ State جي حيثيت رکي ٿي ۽ هر طرح خودمختيار آهي ۽ پاڪستان ۾ پنهنجي دلي رضامنديءَ سان شامل ٿي آهي. هڪ State (رياست) جي آزادي ۾ خودمختياريءَ جون حدون ان وقت جي مدبرن کي بہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معلوم هيون ۽ هاڻي جي قانوندانن توڙي دانشورن کان ڳجهيون ناهن پر جيڪي وهي واپري رهيو آهي ۽ جنهن طرح سنڌ جي حقن کي پامال ڪيو پيو وڃي ۽ جنهن ريت اسان کي اقليت ۾ بدلائي، اسان جي قدرتي وسيلن تي زبردستيءَ قبضو ڪيو پيو وڃي، ان مان اسان جي دوستن جا ارادا معلوم ڪرڻ ڪو ڏکيو ڪم ناهي. بنگالين کان پوءِ نشاني تي اسان جو وجود آهي ۽ اهو سيڪجهه ڄاڻندي به اسان جيڪڏهن محض احتجاج به چڱيءَ طرح نه ڪري سگهون ته پوءِ اسان تي حيف صد حيف آهي.

منهنجي هڪ پياري، سڄاڻ ۽ همدرد صحافي دوست هڪ پيري ٽوڪ وچان چيو هوم ته ون يونٽ جي هلچل ۾ اسان جي سينيئرن جيڪي ڦاڙها ماريا هئا، سا به اسان کي خبر آهي. مون ان وقت ته ڪيس ڪو به جواب ڪو نه ڏنو هو ڇاڪاڻ ته انهن ڏينهن ۾ جونيئر ۽ سينيئر جو هترادو شوشو وڏيءَ ڌوم ڌام سان ڇوڙيو ويو هو ۽ سنڌ جي سڄڻن کي ٻن ڌار ڌار خانن ۾ بند ڪري، هڪ ٻئي جي مخالف ٻيهارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. هڪ طرف کان ڏنل ڪو به دليل ٻيءَ ڌر لاءِ چئلينج جي حيثيت پيو رکي ۽ جواب نه ڏيڻ هو پنهنجي هار پيا سمجهن. اڄ اها صورتحال ناهي. اڄ ان ميدان ۾ ڪافي ماٺار آهي. ان ڪري هٿ ادب جا ٻڌي عرض ڪرڻ ٿو چاهيان ته حضور، مان هميشه کان سٺ سالن جو ڪو نه رهيو آهيان. جڏهن ون يونٽ پئي ٺهيو تڏهن مان ۽ منهنجا ساٿي پندرهن سورهن سالن جا هئاسين. توهان جي لفظن ۾ ”جونيئر“ هئاسين. جڏهن ڀٽي صاحب جي دور ۾ ٻوليءَ جو مسئلو اٿيو ۽ هنگاما ٿيا، تڏهن منهنجي ڄمار ستاويهه سال ڪن هئي. جڏهن ضياءُ الحق خلاف ايم آر ڊي جي تحريڪ هلي، تڏهن مان چاليهن جي لڳ ڀڳ هوس. ظاهر آهي ته منهنجا ٻيا ساٿي پڻ ان ئي Age group سان تعلق رکندا هوندا. اهي ڪم نوجوانيءَ جا هئا. جوانيءَ ئي ڪرايا. ها، البته بزرگن جو ساٿ ۽ دعائون هميشه ساڻ رهيون. هاڻي به واڳ نوجوانن کي ئي سنڀالڻي آهي. اسان بزرگن ۾ شامل آهيون. اسان جو ساٿ ۽ دعائون هميشه ساڻن گڏ رهنديون.

مٿي بيان ڪيل ۽ پڻ ٻين تحريڪن ۾ ترتيبوار شاگردن، اديبن، صحافين، سياستدانن ۽ دانشورن وڏي ويڙهاند ڪئي ۽ عوامي راءِ کي هموار ڪيو. هاڻي شاگردن جو ته وجود ئي نظر نٿو اچي، صحافي ۽ اديب البته پاڻ پتوڙي رهيا آهن. سياستدانن مان ڪي ڪمٽيڊ اڳواڻ ته پاڻ پتي بيٺا آهن. ٻين جي نندا اجا پوري نه ٿي آهي. دانشورن ۾ مان خاص طور چند مهربانن جو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان، جو ته اهي ويچارا پاڻيءَ توڙي زراعت جي حوالي سان هر هنڌ نه صرف

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاضر هوندا آهن. بلڪ پنهنجي قابليت ۽ تجربي جي آڌار تي سيني جي رهنمائي بہ ڪندا رهندا آهن. اڳوڻو سينيٽر قاضي عبدالمجيد، تنوير جو ڀاءُ اي اين جي عباسي، قمر زمان شاهہ، ايم ايڇ پنهور ۽ ٻيا صاحب جنهن محنت ۽ محبت سان هر محفل، هر مجلس، هر مذاڪري، هر سيمينار ۽ هر ڊيليگيشن ۾ شامل ٿين ٿا، پنهنجي راءِ ڏين ٿا ۽ ٻين کي سمجهائن ٿا، اها واقعي تعريف ۽ تعظيم جي لائق آهي. اهي صاحب واقعي پنهنجي قوم ۽ مقصد سان سچا آهن.

سوال هيءُ ٿو پيدا ٿئي تہ جيڪڏهن اهي حالتون ايئن ئي آهن، جيئن عرض ڪيو ويو آهي، تہ پوءِ هر روز جي ارهہ زوراين کي مُنهن ڏيڻ لاءِ اسان وٽ ڪهڙا اپاءَ آهن؟ ظاهر آهي تہ ذريعا اهي ئي آهن، جيڪي اڳ هئا: شاگرد، اديب، صحافي، دانشور، سياسي رهنما ۽ عوام، ان ڪان وڏيڪ گهرجي الله تعاليٰ جو ڪرم ۽ مدد. جيڪڏهن اهي سڀ جُز گڏجي پنهنجي پنهنجي فرض ادائيگيءَ کي پوريءَ طور نباهين تہ پوءِ هر منزل آسان ٿي ويندي، موجوده ٿڏاڻ ختم ٿي ويندي، بي حسي ۽ بي وسيءَ جو وايومنڊل يڪسر بدلجي ويندو. سنڌ جا وارث جاڳي پوندا. بي رحم بازيگرن جون چالبازيون خاڪ ۾ ملي وينديون. سنڌ کي برابريءَ جا حق نصيب ٿيندا، اسان ٻئي نمبر جا شهري نہ رهنداسين. ڪرُ ڪٽي پنهنجيءَ ڌرتيءَ تي هلي سگهنداسين. سڀ ڪجهہ ٿيندو پر اسان کي پهريون قدم گڏجي کڻڻو پوندو. شاگرد پنهنجي محاذ تان، صحافي پنهنجي مورچي تان، اديب پنهنجي وٿاڻ تان ۽ سياسي اڳواڻ پنهنجي مارڳ تان آواز اٿارين. اخبارون گڏيل ايڊيٽوريل لکن. ادبي جماعتون احتجاجي مظاهرا ڪن. اديب پنهنجون لکڻيون وطن جي مسئلن لاءِ وقف ڪري ڇڏين. پوءِ ڏسون تہ جونيئر (جوان)ڪيترا ٿا ڦاڙها مارين ۽ سينيئر(بزرگن) ڪيئن نٿا سندن ساٿ ڏين. جن بہ انهن بيڪار محاورن کي جنم ڏنو آهي، سي ههڙو بي لوث مظاهرو ڏسي، ضرور شڪي ۽ شرمسار ٿيندا. يقين ڪريو ان قسم جون ڳالهيون اسان جا سڄڻ نہ دشمن ئي ڦهلائيندا آهن ۽ پورڙا بيوقوف سندن ڳالهين ۾ اچي، پنهنجن پيرن تي پاڻ ئي ڪهاڙو وهائيندا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽل ڪئنال_II

ٽل ڪئنال جي معاملي تي سنڌ ۾ هڪ دفعو وري مايوسي، غم ۽ محروميءَ جا ڪارا بادل ڪاهي آيا آهن. سک جي هڪ گهڙي به ظالمن جي سيني تي واسينگ بنجي وار ٿي ڪري. هن ملڪ جي پنجاهه سالن کان وڏيڪ حياتيءَ ۾ اسان کي چين سان هڪ پلڪ به وهڻ نه ڏنو ويو آهي. ساهي پٽڻ جي مهلت ڏيڻ به کين گوارا ناهي. وس ۾ هجين ته جيڪر ڪڏهوڪو نپوڙي ساهه ڪڍي دم ڪڍن ها پر ڪجهه لوڪ لڄا، ڪجهه اسان جي ڏاڍن ڪجهه ٻاهريون پٺو! هڄائي هڄائي ٿا مارين! اها سيني کي پڪ آهي ته جي هتان چڙهياسين ته سامهون پيو ٿيٽڪ تيار بيٺو هوندو. جي اتان به اُڪري پار پهتاسين ته اڄا به ٻي ڪا بلا انتظار ۾ هوندي هيٺي جو حال ناهي. پيو ڪينهوڙي وانگر ٿيلهبو. پنتي مُڙي نظر ته ڪيو ته ڪٿان هليا هئاسين ۽ ڪٿي اچي پهتا آهيون؟

سورهيه بادشاهه جو خواب سيني کي ياد آهي، سواءِ سندس اولاد جي. انگريز حڪمران سان جنگ، برطانيا جي تخت ۽ تاج سان جنگ هئي. پر واهه ڙي پاڳارا واهه تنهنجي ويڙهه. گورن جا ڪنڌا ڪٽي ڇڏيئي! گوريلا ويڙهاند ۾ هٽي سندن ڍيڍر ڍرا ڪري ڇڏيئي. مرڪندي سوري قبوليئي، پر ڏاڍي آڏو ڪنڌ نه جهڪايئي. مرد ته مرد، زائفائون به ميدان ۾ ائين لٿيون جو تواريخ ۾ امر ٿي ويون. ڏڪ اهو جنهن کي دشمن به مڃي. لئمبرڪ بهادر دشمن جي عظمت جو اقرار ڪندي، پنهنجي رِچمنڊ واري بنگلي جو نالو ئي ”سانگهڙ“ رکي ڇڏيو. ٿيمس نديءَ جي ڪناري، لنڊن جي ان مهانگي ترين علائقي ۾ سنڌي جوڌن کي گورن جو اهو واڪاٽي سلام اڄ به موجود آهي. جيڪڏهن موجود ناهي ته سندن پونئيرن وٽ اهو خواب، اها چٽنگ، اهو جوش، اها امنگ. جيڪا ورهاڱي کان اڳ هئي. مڙس ماٺهو ئي لڏي ويا. ڪُڏون ته ڪنهن تي؟ ناز ڪيون ته ڪنهن تي؟ ڪَرُ ڪٽي هلون ته ڪنهن جي آڏر؟ پاڙيسري ملڪ ۾ اڇوتن سان به ايتري جٽ نه هوندي، جيتري هت وڏي مسلمين ياءُ اسان سان ڪئي آهي. هڪ هجي ته به ڪٽي سور پي وڃون. هت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ جيڪو تہ وات مٽي، سو خدا ڪارڻ ٿڏو هنيون تہ وجي. ڪڏهن اکيون پوري، ڪنهن ڪنڌ ۾ ويهي ڪٿ ڪئي اٿئون تہ اِن عرصي ۾ ڇا ڪمايو اٿئون ۽ ڇا وڃايو اٿئون؟ ٻولي، تعليم، تهذيب، زمين، ڪاروبار، روزگار کان ويندي هاڻي پنهنجي شناخت سندو نديءَ بہ ڏئي ويٺا سين. ڇگو پوءِ بہ ڪنهن نہ ڇيو. ٻُرا هئاسين! ٻُرا آهيون ۽ ٻُرا رهنداسين! ٻيا برابر ٻچ تي اول ۽ اڳرا هئا، پر اڇو منهن اسان جن پنهنجن ئي ڪيو. ڪالهہ بہ، اڄ بہ ڪنهن نہ گهٽايو. ايڪشن ري پلي متان ايڪشن ري پلي: ميرجعفر مختلف نالن ۽ شڪلين سان ايندا رهيا، ڏوڪا ڏيندا رهيا ۽ نوڙجو پٽڪو ٻڌندا رهيا. اسان جي ڪهاڻي بس ايتري ئي آهي. دغا ۽ دولاب جي ماري قوم جو داستان دُهرائڻ ۾ ورهيہ لنگهي ويندا آهن پر نقطو هڪڙوئي هوندو آهي: ”پنهنجي وڏئي جو نہ ڪو ويڄ نہ طبيب“ ٻين کي ڏوهہ ڇو ڏيون؟ ”ڪنهن ٻوڙي؟ ڇي: خواجا خضر ٻوڙي!

سورهيہ بادشاهہ جو بہ هڪڙو خواب هو ۽ هوشوءَ جو بہ هڪڙو خواب هو ۽ دودي سومري جو بہ هڪڙو خواب هو. ۽ شايد اهو هڪ ئي خواب هو جو پوءِ اياز کان ٿيندو اسان تائين پهتو. پر اسان خواب ڏسڻ ڇڏي ڏنا آهن يا شايد خوابن جي تعبير ۾ ويساهہ وڃائي ويٺا آهيون. يا اڃا بہ اڳتي، اسان خود ساڳيا نہ رهيا آهيون. اسان جي دلين ۾ ڇپيل مير جعفر، ڦوڳ، چنيسر، ايوب کهڙا ۽ قاضي فضل الله باقي رهجي ويا آهن. اهي ڏيڍ، ڪراهت آميز ۽ ڪوڙهيا ڪردار هر دور ۾ جيجل جي جسم جو سودو ڪندا نظر اچن ٿا. دلال آهن. پرئي بازار ۾ هر تماشبين جي ڪيسي جو بار ڏسي، هر ڪيل اکين سان، چرب زبان سان، چالاڪ اشارن سان ريهي ريبي، ڪيس پنهنجي غيرت جي چانئٺ تائين وٺي اچن ٿا ۽ در تي لٽڪيل ميري چادر سيري پڇن ٿا، ”منسٽري ملندي؟“

۽ اهو خواب ڇڪنا چور ٿي وڃي ٿو جنهن ۾ شهيدن جو رتو رنگ، پينرن جو جوان انگ ۽ نوجوانن جو اٿاهہ اُمنگ سمايل آهي ۽ ان خواب جي جاءِ تي حقيقتن جا صحرا اڀري اچن ٿا ۽ زهريلا ٿوهر جنم وٺن ٿا. ڌارين جا قافلا دز اڏائيندا، ڇيخندا چلائيندا، اگهاڙيون ترارون لهرائيندا، ماءُ جي سيني تي خيما کوڙي ويهي ٿا رهن ۽ چنيسر ٻانهون ٻڌي، سر جهڪائي، لڙ ڪڙائيندڙ زبان سان چون ٿا، ”ڀلي ڪري آيا سائين!“

۽ هو نيزن سان زمين تي لڪيرون پائي چون ٿا، ”هيءَ ڌرتي، هيءَ هوا، هيءَ پاڻي اسان پاڻ ۾ ورهائي ڪنيون.“

۽ چنيسر وڏيڪ سرجهڪائي، ڪنڌ سان هاڪار ڪندي چون ٿا، ”ڀلا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منسٽري ملندي؟" ۽ ساڳي ئي گهڙيءَ ڦاٿل گوڏ، ٻت اگهاڙي ۽ ميري اجرڪ وارو جهور پوڙهو آلين اکين سان آسمان ڏانهن نهاري، من ئي من ۾ پڇي ٿو "اڄ مانيءَ ڳيو ملندو؟" ۽ سورهيه بادشاهه جو روح پڇي ٿو "اڄ سنڌ نظر نٿي اچي؟"

چنيسر چپ آهي. جواب نٿو ڏئي. سڀ چنيسر چپ آهن. جواب نٿا ڏين. خوابن جا واپاري ڪهڙو جواب ڏيندا؟ ۽ هو سمورا دودا ۽ جوڌا ۽ هيمون ۽ هوشو هوٽلن تي چانهه جو ڪوپ هٿ ۾ جهلي، ايڪشن چينل ڏسڻ ۾ مشغول آهن. جوشيلا شاگرد ڪئنٽين واري کي بل ڏيڻ بجاءِ سندس فرنيچر ٽوڙين ٿا ۽ امتحان هال ۾ پستول آڏو رکي ڪاپي ڪن ٿا. واندڪائيءَ مهل مخالف گروپ تي فائرنگ ڪري لطف اندوز ٿين ٿا. انقلابي اديب ڏڪڙن ۽ سارنگين وارا ساڻ کڻي پنهنجو ڪلام ٻارائڻ لاءِ هر محفل ۾ موجود رهن ٿا. موقعو ملندي ئي همعصرن کي چور چڪار ۽ وِڪاڻل وساڻل جو خطاب عطا ڪن ٿا ۽ اخبارن ٽوڙي رسالن ۾ اروندڌتي راءِ جي بيباڪي ۽ بهادريءَ جي واکاڻ ڪندي، سنڌي سماج ۾ اروندڌتي راءِ جهڙيون باهمت نوجوان ڇوڪريون پيدا نه ٿيڻ جو ماتم ڪن ٿا پر اڪيلي ۾ اروندڌتي راءِ جي تصوير سامهون جهلي من ئي من ۾ جَهرن ٿا. تڏا ساهه پرين ٿا ۽ نوجوان سنڌي ليکڪائن جو تصور ڪري گگ ڳاڙين ٿا. سنڌي دانشور ڏکين ۽ منجهائيندڙ لفظن جو چار اٺن ٿا ۽ ڪنڌ ۾ لڳل ڪليءَ کي وڌيڪ تائيٽ ڪري، ڇپي ڇاڙيءَ سان فلسفي جو نوَ لکو تيار ڪري، زوريءَ نوجوانن جي نڙگهٽ اندر اوتين ٿا ۽ دروازا بند ڪري، اڪيلائيءَ ۾ پنهنجن عقيدتمندن جي پوڪپائيءَ تي کلن ٿا. ڏيڍ هزار رپيا ماهوار پگهار کٽندڙ صحافي، نوڪري بچائڻ خاطر ڪُتر جي مشين مان ڪوڙيون خبرون ميڙي، ڳوٺين پري مالڪن تائين پهچائن ٿا ۽ چڱن مڙسن جي پڳڙي لاهي، لغڙ بنائين ٿا ۽ چوياريءَ ۾ ويهي سنڌ کي بچائڻ جي هام هڻن ٿا. مطلبي سياستدان ڪوڙ ڳالهائين ٿا. ڪروڙين ميڙين ٿا ۽ ڪوڙين قربدار قربان ڪرائين ٿا. تڏهن تہ ڪالاباغ جو ڀوت اڄ بہ زنده آهي. تڏهن تہ سنڌوءَ جي پيٽ ۾ ٻارڙا ونجهه وٺي ڪيڏي رهيا آهن. تڏهن تہ ٿل ڪئنال پروجيڪٽ بغير رسمي ڪارروائين جي، چند منٽن ۾ منظور ٿئي ٿو. تڏهن تہ سنڌ سڙي ٿي ۽ جيجل نير وهائي روئي ٿي، رڙي ٿي. تڏهن تہ سورهيه بادشاهه جو خواب ڪپهه جي پوٽين جيان ذرو ذرو ٿي وکري ۽ وِنڙي ويو آهي ۽ سندس ستاره شناس جانشين کي ڪروڙين ڪهڪشائن ۾ ڪٿي بہ ڪڏهن بہ ڪو اهڙو ننڍڙو اڪيلڙو اپاٽڪو ۽ اجهامندڙ ستارو نظر نہ آيو آهي، جنهن جو نالو سنڌ هجي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿل ڪئنال_III

هيءَ هفتو ٿل ڪئنال پروجيڪٽ خلاف سنڌين جي مهم جي حوالي سان نهايت ئي اهم رهيو. ان ۾ ڪو شڪ ئي ڪونهي تہ هيءَ پراجيڪٽ مڪمل طور سنڌ دشمني ۽ پنجاب جي مفادن کي وڌيڪ سگهارو ڪرڻ لاءِ هٿ ۾ ڪنيو ويو آهي. دنيا ڀر جا مضبوط کان مضبوط تر دليل دلائل، ثابتيون ۽ ثبوت پيش ڪرڻ کان پوءِ بہ حاڪمن جي عزم ۾ ذري برابر نرمي نہ آئي آهي. جلسا، جلوس، سيمينار ورڪشاپ، ملاقاتون، قراردادون، بک هڙتالون، نعرا ۽ اخباري ايڊيٽوريل لڳي ٿو تہ جهڙوڪر صحرا ۾ صدا ثابت ٿيا آهن. سنڌ جو آواز ايترو ڪمزور هوندو اهو اسان هن کان اڳ ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو ها، البتہ معاملي کي مُنجهائڻ ۽ ماڻهن کي خوش فهميءَ ۾ مبتلا ڪرڻ لاءِ حڪومت هڪ انوکي ۽ نئين چال چلي آهي. اها هيءَ تہ ڪجهہ اخبارن کي همت افزا خبر جاري ڪئي ٿي وڃي ۽ ساڳئي ڏينهن ٿي ٻين اخبارن کي ان جي ابتڙ بريفنگ ڏني ٿي وڃي. هيءَ اٽڪل گهڻي ڀاڱي ڪامياب وئي آهي، پر سنڌين جي دليلن ۾ ڇپيل شڪ جي ڇيت ايترو آسانيءَ سان نڪرڻ واري تہ ناهي؟ ڪوڙ کي پير ڪو نہ ٿيندا آهن ۽ هٿ ڪنگڻ کي آرسيءَ جي گهرج نہ هوندي آهي. سنڌ جا ڪجهہ سڄاڻ ۽ محنتي صحافي، پنهنجي فرض ادائيگيءَ جي سلسلي ۾ ٿل پراجيڪٽ جي سائيٽ تي پهتا ۽ جيڪو ڪجهہ ڏٺائون، تنهن موجب، پراجيڪٽ تي ڪوتائيءَ جو ڪم ڏينهن رات جنگي بنيادن تي جاري آهي، ايتري قدر جو رات جي وقت پڻ فلڊ لائيٽون ٻاري ڪوتائي ڪئي پئي وڃي.

ان کان اڳ منصوبي جي ايڪنڪ طرفان مليل تڪڙي منظوريءَ تي پڻ ڄاڻو ماڻهن سخت اعتراض واريا هئا. هنن جو چوڻ هو تہ هيڏي وڏي ۽ اهم منصوبي لاءِ قانوني، ڪاغذي توڙي طبعي تياري مڪمل نہ هئڻ جي باوجود ايڪنڪ تڙ تڪڙ ۾ منظوري ڏئي اهو ثابت ڪيو آهي تہ ڪي زور آور ڌريون جلد کان جلد، بلڪہ اليڪشن کان اڳ اهو سمورو بار لاهي ڇڏڻ ٿيون چاهين. اهو ئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سبب آهي جو ٽن صوبن ۾ سرائيڪي خطي جي اعتراضن ۽ احتجاجن کي ڪا بہ اهميت نٿي ڏني وڃي. ڏنڊي ۽ پاور جي زور تي ملڪي سلامتيءَ کي داءُ تي لڳائڻ جوان کان وڌيڪ ”سنو“ مثال پلا ٻيو ڪهڙو ملندو؟

هن ئي هفتي سرائيڪستان قومي موومينٽ جي ريسرچ سيل طرفان ڪي حقيقتون جاري ڪيون ويون آهن. عنوان آهي، ”ڪالاباغ ڊيم ۽ ٿل ڪئنال جي خواهشمند. رحيم يار خان ۽ بهاولپور ۾ 380 رپيا في ايڪڙ جي حساب سان زمينون حاصل ڪندڙ چند ٻي زمين ماڻهن جا نالا“ ان لسٽ ۾ 400 ڪنال ۽ ان کان مٿي زمين حاصل ڪرڻ وارن 63 ماڻهن ۾ 37 جنرل، ايڊمرل ۽ ايئر مارشل آهن، جن ۾ صدر صاحب کان علاوه معين الدين حيدر، جنرل عزيز، جنرل ذوالفقار علي، جنرل خالد مقبول وغيره شامل آهن. 18 برگيڊيئر، 5 ليفٽيننٽ ڪرنل ۽ 3 ڪرنل صاحب آهن. 200 ڪنال يا ان کان گهٽ واري فهرست ۾ 47 ڪرنل، حوالدار، نائب ڪلارڪ، نائڪ، صوبيدار، اعزازي ڪيپٽن ۽ اعزازي ليفٽيننٽ وغيره شامل آهن. ان ڪانسواءِ، اهو پڻ چيو ويو آهي تہ ٻيا بہ ڪيترائي نالا آهن، جيڪي لسٽ ۾ نہ ڏنا ويا آهن. مزيدار ڳالهہ اها آهي تہ تفصيلن ۾ الاٽ ٿيل چڪ نمبر پڻ ڏنا ويا آهن ۽ سرائيڪستان موومينٽ وارن پنهنجي وجود کي گمنام رکڻ بجاءِ، نہ رڳو پنهنجو نالو ڏنو آهي، بلڪ ڊيري غازي خان ۾ پنهنجي دفتر ۽ ڪئمپ آفيس خانپور جون ائڊريسون ۽ فون نمبر پڻ ڏنا آهن. ان مان هنن جي ريسرچ جي سچائيءَ جي تصديق ٿئي ٿي. بهرحال، جيڪڏهن ڪنهن بہ ڄاڻايل شخص کي خاطري آهي تہ موومينٽ خواهہ مخواهہ غلط بيانيءَ کان ڪم وٺي ماڻهن ۾ اجايون غلط فهميون پيدا ڪري رهي آهي، تہ پوءِ ڪيس هڪدم ملڪي مفادن خاطر قانوني ڪارروائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن الزام تراشي ڪندڙ ماڻهو آئينده لاءِ سبق سکن ۽ ٻيهر عوام کي ”گمراهہ“ ڪرڻ جي همت نہ ڪن.

هن هفتي پليجي صاحب جي عوامي تحريڪ، حيدرآباد ۾ پاڻيءَ جي بحران ۽ ٿل ڪئنال خلاف هڪ ڪانفرنس گهرائي. ان ڪانفرنس جي ڪاميابيءَ جو اندازو اوهان ان ڳالهہ مان لڳائي سگهو ٿا تہ هزارين عورتون ۽ مرد سخت گرميءَ جي باوجود سڄو ڏينهن پنڊال ۾ موجود رهيا ۽ اڌ رات تائين نهايت ئي صبر سان ڪارروائي ٻڌندا رهيا. سنڌين جو ايڏو وڏو ميڙ مون هن کان اڳ ڪافي سالن تائين ڪو نہ ڏٺو هو. نظم ۽ ضبط تہ خير پليجي صاحب جي تربيت جو اهم حصو رهيو آهي. مان سنڌس تقرير توڙي تحرير جو شروع کان ئي مداح رهيو آهيان ۽ وڏي واڪ چوندو آهيان تہ انهن ٻنهي شعبن ۾ سنڌس ثاني ملڻ مشڪل آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهٽ ۾ گهٽ همعصرن ۾ تہ اهڙي شخصيت ڪا نہ ٿي سجهيم. ابرار قاضي پنهنجي محنت ۽ قابليت سبب پليجي صاحب جو سنو ساٿي ثابت ٿيو آهي.

20 مارچ تي ڪراچي پريس ڪلب ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ طرفان ”يوم مادر وطن“ ملهايو ويو. ڊاڪٽر قادرمگسي ۽ سندس ساٿين پنهنجي پارٽيءَ جي يارهين سالگره کي پاڻيءَ جي حوالي سان منسوب ڪري، ڪلب جي ميدان ۾ هڪ ٿاهوڪي جلسي جي صورت ۾ ملهايو. دراصل ست سؤ ڪرسين جي موجودگيءَ مان اينئن پئي لڳو تہ جلسي جو اهتمام محدود ماڻهن کي خيال ۾ رکي ڪيو ويو آهي. خود ڊاڪٽر صاحب جي چواڻي محرم جي ڏهي سبب اهو فنڪشن ننڍي پيماني تي ترتيب ڏنو ويو هو پر ماڻهن جو هجوم ايترو تہ گڏ ٿي ويو جو نتيجو اهو ٿيو جو ڪرسين ۽ شاميانن جي باوجود تقريباً اوتري ئي تعداد ۾ ماڻهو بنا ڪرسين جي شام تائين بيٺا رهيا. جلسي جي خصوصيت جهوني رهنما يوسف هارون، سنڌي بلوچ، پٺاڻ ۽ سرائيڪي ليڊرن ڪانسواءِ جماعت اسلامي جي پروفيسر غفور ۽ اسد الله ڀٽي صاحب جي موجودگي پڻ هئي. پروفيسر غفور صاحب پنهنجي پراڻي عادت موجب پناهگيرن جي سنڌ ۾ آمد کي سنڌ لاءِ فائديمند ظاهر ڪندي، هميشہ جيان ساڳيو ئي پراڻو جملو دهرائيندي چيو تہ ”مهاجرن سنڌ جي بنجر زمين کي آباد ڪيو“ دل آزاري تہ سيني جي ٿي.خود مون بہ پاڻ تي جبر ڪندي ڪئي ڀيرا اٿي کيس ٽوڪڻ جي جذبي کي زبردستي دٻائي ڇڏيو صرف اهو سوچي تہ خواهہ مخواهہ بدمزدگي ٿيندي ۽ منتظمين جي محنت اجايو رائيگان ويندي. بهرحال، ٽل ۽ پاڻيءَ جي مسئلي تي تمام گهڻيون ڪارآمد تقريرون ٿيون. ڊاڪٽر قادرمگسيءَ کي مون هن کان اڳ بہ ٻڌو آهي، پر هن ڀيري سندس تقرير جي رواني، جوش ۽ ولولو ڏسڻ وٽان هو. زين شاهہ ۽ يوسف مستي خان بہ خوب پاڻ ملهايو. پر سڀ کان حيرت ۽ خوشيءَ ڏياريندڙ تقرير يوسف هارون جي هئي. هن ڪليل لفظن ۾ چيو تہ سنڌ سان هاڻي بنگال جهڙو رويو اختيار ڪيو پيو وڃي. ان ڪري جيڪڏهن پاڪستان کي بچائڻو آهي تہ پوءِ سنڌ سان ڏاڍائي ختم ڪرڻ پوندي ۽ کيس برابريءَ جا حق ڏيڻا پوندا. ان لاءِ ضروري آهي تہ پنجاب جي عددي نمائندگيءَ کي مهار وجهڻ خاطر سينيٽ ۾ ٻين صوبن جي نمائندگي وڌائي پنجاب جي برابر ڪئي وڃي تہ جيئن پنجاب پنهنجي گهڻائيءَ سبب ارهہ زورائي ڪري ٻين صوبن جا حق نہ ڦٻائي سگهي. يوسف هارون پراڻو سياستدان آهي. گهڻي وقت کان عملي سياست تان رٽائر آهي. هو صرف تڏهن نظر ايندو آهي جڏهن ملڪ ۾ ڪا سياسي تبديلي اچڻ واري هوندي آهي. هن صاحب جو هن موقعي تي موجود هئڻ ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪريون ڪريون ڳالهيون ڪرڻ واقعي تعجب جهڙي ڳالهه هئي.

مجبو ته سنڌ جي ماڻهن هڪ دفعو وري پاڻيءَ جي بنيادي مسئلي تي خوب پاڻ ملهايو آهي ۽ حڪومت جي سخت موقف باوجود پنهنجي ناراضگيءَ جو کليو اظهار ڪيو آهي پر ان هوندي به ڪا ڳالهه ڪٿل ڪٿل پئي نظر آئي. منهنجي خيال ۾ اها "ويساهه" جي ڪمي هئي. اعتماد جي گهٽتائي هئي. سنڌ سرڪار جي ڪمزور اسٽينڊ ماڻهن کي نستو ڪري ڇڏيو آهي. سرڪار چونڊيل ناهي. گورنر صاحب توڙي آبپاشيءَ جو وزير عوامي نمائندا ناهن، نه وري سيڪريٽري صاحب ڪواليفائيڊ انجنيئر آهي. نه هجن، ڪو پئو ناهي، پر هو جنهن لاچاريءَ هيٺ پاسا بدلائي رهيا آهن، سو پڌائي ٿو ته ان طرف ڪان ڪلياڻ ڪو نه ٿيندو. سنڌ جي ماڻهن کي هميشه جيان پنهنجي حقن جي لڙائي پاڻ لڙڻي پوندي، چنيسرن مان چاڙهو ٿئي ها ته جيڪر سنڌ هيءَ سور نه سهي ها.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پراڻو اسڪرپٽ، نئون ناٽڪ

ورلڊ سنڌي ڪانگريس جي سڏ تي 21 ۽ 22 ڊسمبر تي حيدرآباد ۾ "سنڌ ايڪتا" ڪانفرنس ٿي رهي آهي، جنهن ۾ سنڌ جا چونڊ محب وطن سياستدان، دانشور، صحافي ۽ ٻيا شريڪ ٿي رهيا آهن. ان ڪانفرنس ۾ جيئن ته هميشه جيان سنڌ کي درپيش مسئلن تي ويچاريو ويندو ۽ آئينده جي لاءِ اپاءَ تجويز ڪيا ويندا. ان ڪري ضروري آهي ته موقعي جي مناسبت سان ان تي تفصيلي بحث ڪجي ۽ ڪانفرنس کان ٻاهر ويٺل جيوَ جناور پنهنجي راءِ جو اظهار ڪن، ڇو ته آخرڪار اهي به سنڌ سان واڳيل آهن ۽ اڪثريت ۾ آهن ۽ شايد ٻين کان وڌيڪ وطن دوست آهن. هن کان اڳ ورلڊ سنڌي ڪانگريس گهڻو ڪري لنڊن ۾ ٿي چار ماڻهو گهرائي، پنهنجي وجود جو احساس ڏيارڻ ڪاڻ ۽ پنهنجي پگهار ڪڙي ڪرڻ خاطر، پنهنجي قد کان وڏا بيان جاري ڪري، لوهار جو هڪ ڌڪ هڻي، وري يارهن مهينا ڪُنڀ ڪرڻ جي ننڊ سمهي رهندي آهي. ڪجھ عرصي کان پوءِ هيءُ ڪارنامو سنڌ ۾ ٿي رهيو آهي، ان ڪري شائقين جي جستجو ۾ اضافو ٿيڻ قدرتي ڳالهه آهي. هر هڪ کي اها ٿي اڻ تڻ آهي ته هاڻي الائي ڇا ٿيندو؟ هڪ شخص کي ته نيم بيهوشيءَ جي عالم ۾، ڇڇريل آواز سان اهو چوندي ٻڌم ته "يا الاهي خير ڪجانءِ! شر کان بچائجانءِ، جذباتي نوجوان لنڊن کان ڪهي آيا آهن. ڪو خنام نه ٻاري وجهن. ڪين ساڇهه ڏجانءِ."

مون کي ڇاڪاڻ ته اهڙين سؤ کن ڪانفرنسن ۾ شريڪ ٿيڻ جو تجربو آهي، ان ڪري ڪانفرنس جو ايندڙ نقشو ساريو پيو اٿم. اجوڪي ڪانفرنس جي اڪين ڏٺي ڪارروائي اڳواٽ ٻڌائي ٿو ڇڏيان. سچ نڪري ته واهه واهه ڪجو ڪوڙ ثابت ٿئي ته هاءِ هاءِ ڪجو. ان ڳالهه تي هڪ چرچو ٿو ياد اچيم: هڪ همراهه ڊاڪٽر وٽ ويو ڇيائين، "سائين منهنجي گهر ۾ هڪ عجيب بيماري ڪاهي پئي آهي. سمورا گهرياتي ونجي ويا آهن. سڀني جون علامتون به ساڳيون آهن. هاڻي حڪم ٿئي ته سڀني کي ڪٺائي اچان، يا جيڪڏهن مناسب سمجهو ته ڪنهن به هڪ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڻي ڪي نموني طور ڏيکارڻ لاءِ وٺي اچان!“

اسان جون ڪانفرنسون هڪ ٻئي جون ڪاربان ڪاپيون هونديون آهن. هڪ ڏٺي ته سمجهو سڀ ڏٺيون. ان ڪري جيڪي شريڪ ٿي نه سگهن، سي ڏک نه ڪن. گذريل ڪنهن به ڪانفرنس کي ياد ڪري، گلاس پاڻيءَ جو پي، فرنا تي ويهي رهن. سندن حاضري لڳي ويندي.

سڀ ڪان پهريائين ته مشهور ۽ معروف رهنما الف شرڪت ڪان معذرت ظاهر ڪندو ڇو ته هن جي خيال ۾ ”ب“ کي دعوت ڏيڻ نه گهرجي ها. ب وري ان ڪري شريڪ نه ٿيندو جو هن جا تعلقات ”ت“ سان ٺيڪ ناهن پر جيڪڏهن پل ڇڪ، غلط فهميءَ يا حب الوطنيءَ جي لافاني جذبي تحت الف، ب ۽ ت ڪانفرنس ۾ پهچي به ويا ته پوءِ اهو سندن ڪارڪنن جو فرض ٿيندو ته ڪانفرنس دوران هڪٻئي خلاف نعرا هڻن، هڪٻئي جا ڪچا چٺا پڌرا ڪن ۽ موقعو ملندي ئي هڪٻئي کي سنهي ٻهه مان ڪيڏي ڇڏين. اها ڪارروائي اصل ڪارروائيءَ سان گڏوگڏ هلندي رهندي ۽ آخرڪار ڪانفرنس جي ڪاميابيءَ جي ضمانت ثابت ٿيندي، ڪانفرنس جي پهرينءَ نشست ۾ علي سائينءَ جو انگاس ڪپندو اوسر ڳائبا،نيرا ٿيندا، علم لهرائبا، باهه تي ماتم ٿيندو. يزيد ملعون تي پاڻي بند ڪرڻ سبب لعنت بيشمار وسندي، سينا ڪُٽبا، زنجيرون هلنديون، بليدن سان پاڻ کي جهير وجهبا، شامِ غريبان ٿيندي. ڳولي ڳولي سنڌ جون محروميون ۽ مجبوريون، بي وسيون ۽ بي ڪسيون بيان ڪيون وينديون، ظالمن کي اگرن نتيجن کان آگاهه ڪيو ويندو تنگن، ٻانهن ۾ زبان ڪپڻ جي خوشخبري سڻائي ويندي، آزاديءَ جي اعلان جي ڌمڪي ڏني ويندي ۽ پوءِ مانيءَ کان اڳ فوٽو سيشن ٿيندو جنهن ۾ آرگنائيزر هر اهم توڙي غير اهم شخص سان گڏجي فوٽو ڪڍائيندا ۽ مووي پرائيندا ته جيئن رڪارڊ تي رهي ۽ بوقت ضرورت ڪم اچي ۽ اجوري ۾ اضافي جو معقول سبب بڻجي.

ڪانفرنس دوران ڏکهي کي اعتراض ٿيندو ته بندري پهريون تقرير ڇو ڪئي، ڇو ته جيڪي نقطا هُن بيان ڪيا آهن، سي ته مون کي چوڻا هئا. اها بي ايماني آهي. ان ڪري اسان بائيڪاٽ ٿا ڪيون. مُڇُو ڏاڙهيءَ واري تي ڪاوڙيو ته هن پنهنجي تقرير دوران خفيه طور منهنجي پارٽيءَ جي موقف تي حملو ڪيو آهي. ان ڪري يا ته ڏاڙهيءَ واري کي تنگوٽالي ڪري پنڊال کان ٻاهر ڦٽو ڪيو يا اسان کي اجازت ڏيو ته ساڄهر ٿي وڃي گهر پيڙا ٿيون. ٿلهو سنهي تي چڙندو ته هو ري سڏيو اسٽيج تي ڇو وڃي ويٺو ڪيس ڳتر کان جهلي، اسٽيج تان گهلي هيٺ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاهيو نہ تہ اسان بہ ويچون ٿا. اهي تماشا اڳ بہ ٿي چڪا آهن. هاڻي بہ ٿيندا. آئينده پڻ ٿيندا رهندا، چو تہ سنڌي اڳواڻ ڪنهن جا چونڊيل نمائندا تہ آهن ڪو نہ. قومي جذبي تحت پنهنجو تن، من ۽ ڌن رضاڪاراڻي طور تي قوم جي قدمن ۾ رکيو اٿن. قوم کي خبر هجي نہ هجي، هنن پنهنجو پاڻ قوم کي ارپي ڇڏيو. هنن اهو بہ فيصلو پاڻمرادو ڪري ڇڏيو آهي تہ "ايڪتا" نالي هر ڪانفرنس ۾ شريڪ ضرور ٿجي، پر ايڪتا نہ ڪجي. چاهي اها "ون پوائنٽ ايجنڊا" چو نہ هجي. سنڌ جو روئڻو روئجي، پر سنڌ جي لاءِ سواءِ ڪانفرنسن، ميٽنگن، جلسن، جلوسن جي وڌيڪ ڪجهہ نہ ڪجي، ڏٺي ناراض ٿي ويندا! پيش بندي ۽ منصوبا بنديءَ جي نالي کان بہ ونءُ ويجي، چو تہ منصوبابنديءَ جي ڊڪشنريءَ ۾ معنيٰ ڏاڍي خطرناڪ آهي. وڏ ۾ وڏ بار لاهڻ لاءِ هڪ اڌ ڪميٽي ٺاهي ڇڏجي، جيڪا وري هڪ ننڍڙي ڪميٽي ٺاهي ڇڏي ۽ اهڙيءَ طرح مهل ٽاري ڇڏجي. سنڌين جو خير آهي. اڳ بہ لطيف نگهبان هوندو هو هاڻي بہ ڪو نہ ڇڏيندو. ملڪ ماڪڙ کائي وڃي، پيپنگ ٿي وڃي، اوندهہ انڌوڪار ڇانئجي وڃي، پنهنجا ڪنڌ پاسي ۾ پار ڪيندا وتن، ڌاريا ڏٺي ٿي ويهي رهن. چور چڪار لچ لوفر، خوني غنڊي کي عام معافي! سنڌي سڀاجهو چوويهہ ڪلاڪ آزار ۾! انهن ابن الوقت، طوطا چشم، ڦرڻن گهرڻن، بکايل گدڙن جو ڇا ٿيندو جيڪي وقت پئي وڃيو غيرن جي ڪڇ ۾ ڪرن ۽ قومي ڪارج کي پٺيرو رکي صرف پنهنجي پيٽ خاطر لوئيءَ لچ وڃائين؟ ان آئين ۽ قاعدي ۽ قانون ۽ انصاف جو ڇا ٿيندو جيڪو ڏاڍي جي سريت بڻيل آهي؟ انهن حقن جو ڇا ٿيندو جيڪي حقدار بجاءِ انگن اکرن جي جوئا ۾ ٽِپتاين ۽ بشنين دينا داستي اسان کان کسي پنهنجي ڳِيڊي ۾ ڳُدي ڇڏيا آهن؟ انهن نوجوانن جو ڇا ٿيندو جيڪي ماءُ پيءُ جي بکئي پيٽ صدقي ڪاغذ جون ڊگريون تہ حاصل ڪن ٿا پر روزگار کان اڳ خودڪشيءَ جي مارڳ تي پهچي ٿا وڃن ۽ ها، انهن جذباتي ڪارڪنن جو ڇا ٿيندو جيڪي توهان جي سڏ تي ۽ ڌرتي ماءُ جي خاطر سر ڌڙ جي بازي لڳائڻ خاطر جلسن، جلوسن ۽ لانگ مارچن جي امتحانن مان پار ٿي جيل جي سيخن پويان جوانيون ڳاري ٿا ڇڏين؟ آهي ڪو اسان جي ايڪتا ڪانفرنس وٽ انهن مسئلن جو حل؟ آهي ڪو اسان جي مهان اڳواڻن وٽ انهن سوالن جو جواب؟ آهي ڪو اهڙو هڪڙو واحد اڳواڻ، جنهن جي پاڇي پويان پيا سڀ رهبر ۽ رهنما، بنا پڙڪ ٻولڻ جي، صرف ۽ صرف سنڌ خاطر، ماٺ ميٺ ۾ هلڻ لاءِ تيار ٿي بيهن؟ جي آهي تہ ڪيڏي ظاهر ڪيو. جي ناهي تہ پوءِ هي ناٽڪ بند ڪيو سنڌ جي محرومي ۽ مجبوريءَ کي فقير جي ڀولي جيان چار ڏوڪڙ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمائڻ لاءِ، وڏيڪ دير وچ روڊ تي نہ نچايو. ڪوڙا آسرا ۽ دلاسا نہ ڏيو. اسان جي وڏ وڏ ۾ وِهڻ نہ پريو. خوشي نٽا ڏئي سگهو تہ ڏک بہ نہ ڏيو. سال اڌ ۾ ملاکڙو مچائي، ٻہ چار زوردار مطالبا ڪري، دڙڪا دهمان ۽ ڌمڪيون ڏئي، گهر ۾ وڃي نہ ويهي رهو. نوجوانن کي پڙڪائي، مچرائي، مارائي، حاڪمن سان هٿ ملائي ماٺ ٿي نہ وڃو. دانشورن کان نہ ڊڄو. اهي توهان جو سنگهاسڻ ڪو نہ کسيندا. ڪين پاڻ سان گڏ وٺي هلو. هڪ ٻئي جي صلاح سان مستقبل جي نوس منصوبابندي ڪيو. عالمي ادارن وٽ دانهيون خيرات پنڻ بند ڪيو. پاڻ تي ڀاڙيو. آدرش ضروري آهي پر آزاديءَ لاءِ اجهل، اٽل ۽ ارڏو هئڻ وڏيڪ ضروري آهي. سچا آهيو تہ سامهون اچو. بند ڪمرن ۾ محدود ماڻهن ۾ مِڻ مِڻ ڪوڙا ڪندا آهن. سنڌ کي هن وقت هڪ هزار منافقن بجاءِ صرف هڪ سچار جي ضرورت آهي. اها جاءِ اڄ بہ خالي آهي. ڏسون تہ هيءَ ڪانفرنس اهو خال پرڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿي يا هميشہ جيان لکيل اسڪرپٽ وارا ڊائلاگ چئي، اينڊڙ گڏجاڻيءَ تائين معطل ٿي ٿي وڃي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي ڇا ڪجي؟

ورلڊ سنڌي ڪانگريس جي ڪانفرنس ٻن ڏينهن تائين حيدرآباد ۾ جاري رهڻ بعد ختم ٿي وئي. جيئن اڳ ۾ عرض ڪيو هوم، بلڪل ايئن ڪجهه جذباتي تقريرون ٿيون، ڪالاباغ ڊيم متعلق ساڳيا ئي گِٽل پيٽل انگ اکر پيش ڪيا ويا. ڪجهه مطالبا دهرايا ويا، ڪجهه ناخوشگوار واقعا پڻ ٿيا ۽ آخر ۾ هڪ ڪميٽي جوڙي وئي. ان سڄي معاملي ۾ سنڌي اديبن، شاگرد اڳواڻن ۽ مڪيه دانشورن کي پاسيرو رکيو ويو. ايڪتا جي نالي ۾ ٿيندڙ ان ڪانفرنس ۾ سنڌ جي ڪيترين ئي قوم پرست پارٽين ۽ سندن اڳواڻن کي يا ته سڏيو ئي نه ويو يا وري جيڪڏهن سڏيو به ويو ته هنن شرڪت ڪرڻ ضروري نه سمجهيو. اهڙي قسم جي هڪ طرفي شو کي ڪنهن حد تائين ته سنڌين جي احتجاج طور قبول ڪري سگهجي ٿو پر ٻئي طرف مٿي ڄاڻايل سببن ڪري، گذريل اهڙين ڪانفرنسن جي ڪاربان ڪاپي سمجهي ان کي حڪمران نظر انداز پڻ ڪري سگهن ٿا. جنهن تحريڪ ۾ عوام شامل نه هجي، ان جي اهميت سواءِ هڪ معمولي ناٽڪ کان وڌيڪ ڀي ڪا به نٿي ٿي سگهي ۽ ناٽڪ به اهڙو جنهن جي هدايتڪاريءَ جا فرض اهي ئي جهان خان انجام ڏيندا هجن، جن جي آڏو دانهيو ويو هجي. ان کان اڳ جو مون کي ڪن نامناسب لقبن سان نوازيو وڃي، مان هڪ ڳالهه بلڪل واضح طور تي چوڻ چاهيان ٿو. اها هيءَ ته منهنجي تنقيد جو مقصد تعمير ئي آهي ۽ جيڪڏهن منهنجي لهجي ۾ ڪٿي به ڪا ٿوري گهڻي تلخي جهلڪي ٿي ته اها منهنجي سنڌ سان بي پناهه محبت جي نشاني آهي ۽ اسان جي خودساخته اڳواڻن جي نااهليءَ تي مايوسيءَ جو اظهار آهي. مان اهو به يقين ڏيارڻ چاهيان ٿو ته اهي سمورا اڳواڻ منهنجا پيارا دوست آهن ۽ ذاتي حيثيت ۾ مان سندن بي انتها عزت ڪندو آهيان پر ڇاڪاڻ ته مسئلو قومي نوعيت جو آهي ۽ سنڌي قوم هن وقت جنهن ٻوائتي تي پريشان بيٺي آهي، ان ڪري پهرين ترجيح سنڌ کي ئي ڏبي. ياريون دوستاريون پوءِ پيون نباهبيون، معافي تلافي پوءِ پئي ٿيندي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن جذبي تحت مون "پاتال جو پنڌ" لکيو ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي، ڇو ته اهو مون اڪيلي جو آواز نه هو هر سنڌي سڄڻ جي دل جو آواز هو. مان اڄ به پنهنجي راءِ تي قائم آهيان ته وقتي پڙڪيءَ مان ڪجهه به نه ورندو. اڪيلي اڏامر ڪو به پوتو نه پاريندي. وقت اهڙو اچي مٿان پيو آهي، جو ضروري ٿي پيو آهي ته اسان سڀ گڏجي منظم نموني سان حالتن جو مقابلو ڪيون. اهي تقريرون ته اسان اڳ به ٻڌيون آهن. اهي مطالبا ته اسان اڳ به ڪري ڇڪا آهيون. اهي ڇهرا ته اسان اڳ به ڏٺا آهن.

نئين ڳالهه ڪهڙي ٿي؟ بلڪ بار بار جي ساڳي رٽ سبب مسئلن جي اهميت گهٽبي ٿي وڃي. حاڪم/ حڪمران اسان جي ايلازن يا ڌمڪين کان خوفزده ٿيڻ بجاءِ هاٺي کلڻ لڳا آهن. کين خبر آهي ته هاٺي وري ٻارهين مهيني هوبهو ساڳي ڪانفرنس لنڊن ۾ ٿيندي، ان ۾ به ساڳيا ماڻهو ساڳئي لهجي ۾ ساڳيون تقريرون ڪندا ۽ ساڳيا ايلاز ۽ ساڳيون ڌمڪيون ڏيندا. ٿيڻو ڪجهه به ناهي. ان ڪري ڪن لاتار ڪري ڇڏجي. جيڪڏهن اسان جا رهنما ذري برابر به سچا ۽ مخلص آهن ته پوءِ کين گهرجي ته هو سنڌي اديبن ۽ دانشورن کان ٻڌڻ ڇڏي ڏين. کين اعتماد ۾ وٺن ۽ کين ساڻ وٺي هلڻ جا جتن ڪن. کين گهرجي ته هو شاگردن، نوجوانن ۽ صحافين جي اهميت کي محسوس ڪن ۽ پنهنجي تحريڪ جو بنياد کين بنائين. کين اهو به گهرجي ته هو سنڌي ادبي سنگت جي ماضيءَ واري ارڏي ڪردار کي ياد ڪري، ادبي سنگت ۽ اهڙين ٻين تنظيمن کي اڳتي آڻين. سنڌي اخبارن توڙي رسالن جو تعاون حاصل ڪن. اهي سڀ ڳالهيون تڏهن ٿينديون جڏهن اسان جا رهنما لڪ لڪاءُ واري راند ڇڏي پاڻ کي ڇنڊي، صاف ڪري، پنهنجا سڀ پتا ٽيبل تي رکي، نيڪ نيتيءَ سان سنڌ جي بچاءَ ۽ بقا واري جدوجهد شروع ڪندا. پسند ناپسند پنهنجي جاءِ تي آهي. قومي ويڙهاند پنهنجي جاءِ تي سڀ کان اهم ۽ اتم ايجنڊا هئڻ گهرجي.

تازي ٽيل ڪانفرنس جا منتظم هر طرح خوف ۽ بي يقينيءَ جو شڪار پئي لڳا. کين ڊپ هو ته ڪو اسان کان حساب ڪتاب نه گهري وٺي. ڪو اسان کان اسان جي تنظيم جو بنياد نه پڇي وٺي. ڪو اهڙو اگرو سوال نه ڪري وجهي، جنهن جو جواب ڏئي نه سگهون. سڀ کان اهم اهو ته ڪو اسان کان وڌيڪ سمجهدار ۽ مقبول شخص اڳتي نه وڌي اچي، جيڪو اسان جي هڪ هٽيءَ کي ڌڪ رسائي. منهنجي کين مخلصاڻي گذارش آهي ته اوهان مهرباني ڪري اهي ڊپ ڊاءَ دل مان ڪڍي ڇڏيو. ڪو به توهان جي جوڙيل تاج محل کي هٿ نه لائيندو. ڪو به توهان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سر تي پهريل سونو تاج نہ لاهيندو. ڪو بہ توهان جو سنگهاسڻ نہ لوڏيندو. سنڌ جا اديب ۽ دانشور سرفروش، سچار ۽ باهمت انسان آهن. هنن جي محبت غيرمشروط آهي. هنن اڳ بہ پاڻ ملهايو آهي ۽ آئينده پڻ ڪنهن لوڀ ۽ لالچ کانسواءِ سنڌ جي آجپي لاءِ هر قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ بي چين آهن ڪين ڪو موقعو تہ ڏيو.

اسان جي تحريڪن جي جان شاگرد، اڄڪلهہ ڇڙوڇڙ آهن. ڪين جدا جدا ڌڙن ۾ ورهائڻ جي ذميداري پڻ اسان جي رهنمائن تي آهي. اهڙيءَ طرح اسان جي قومي قوت ورهائجي چڪي آهي. اڄ اسان ڪمزور ان ڪري آهيون جو اسان جي نوجوانن وٽ ڪو هڪ مرڪزي نعرو ۽ جهنڊو ناهي. الڳ الڳ نعرا آهن. الڳ الڳ جهنڊا آهن، الڳ الڳ هيرو آهن. ڪين پيهر هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ جي جوابداري پڻ انهن ئي اڳواڻن تي آهي، جيڪي بظاهر تہ سنڌ جي وفاداريءَ جي دعويٰ تا ڪن، پر ذاتي پسند ناپسند سبب هڪ نعري ۽ هڪ جهنڊي هيٺ گڏ ٿيڻ لاءِ تيار ناهن. اڄ بہ جيڪڏهن ڪو همت پريو اڳواڻ فقط ۽ فقط سنڌي شاگردن کي يڪجا ڪري وجهي تہ پوءِ ڪنهن جي مجال ناهي تہ سنڌ سان ههڙيون عقوبتون ڪري سگهي. هي جو سنڌين جي راءِ کي ريتي، ڌوڙ ۽ ڏانڊلي ڪري، پانومتيءَ جي ڪنبي ۾ سنڌ جي حڪمراني ورهائي وئي آهي، اهو بہ ان ڪري ئي ٿيو آهي جو راڄن کي خبر آهي تہ هن قوم جا نوجوان هاڻي ورهائجي چڪا آهن، گڏ ٿي نہ سگهندا. ڪهڙيون بہ جنيون ڪيون، گڏيل جواب ڏئي نہ سگهندا. اها سنڌي رهبرن جي هن اپاڳي قوم تي سڀ کان وڏي مهرباني ٿيندي تہ هو پنهنجا نظرياتي اختلاف پاڻ تائين محدود رکندي، سنڌ جي عظيم تر مفاد ۾ سنڌ جي شاگردن ۽ نوجوانن کي آزاد ڪن تہ هو پنهنجو قومي فرض نڀائي سگهن. سنڌن اهي بہ لک قرب ٿيندا تہ هو سنڌ جي اديبن ۽ دانشورن تي اعتماد ڪندي، ڪين قومي جدوجهد ۾ ساڻ وٺي هلن. هڪ مرڪزي نقطي تي گڏ ٿين ۽ اجتماعي تحريڪ شروع ڪن.

سنڌي ادبي سنگت جي عهديدارن کي منهنجي ۽ منهنجي ساٿين جي استدعا آهي تہ هو هاڻي هڪ دفعو پيهر سنڌ جو وجود بچائڻ لاءِ پنهنجو اصلي ڪردار نڀائڻ لاءِ ميدان ۾ نڪري نروار ٿين. ساڳي گذارش مان سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي ڪارڪنن کي پڻ ڪندس. اهي ٻئي ادارا نهايت ئي آزمايل، پراڻا، تجربيڪار ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ دور دور تائين ڦهليل آهن. هو سنڌ جو پاور هائوس آهن. ذهن آهن. ضمير آهن. ڪين هاڻي وڏيڪ وقت وڃائڻ کانسواءِ متحرڪ ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن فقط اهي بہ ادارا ئي پنهنجو قومي فرض نڀائڻ لاءِ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مناسب قسم جو اعلان ڪندا تہ مون کي يقين آهي تہ رهبر ۽ رهنما، جيڪي هاڻي وڻ وڻ ڪاني ٿيا پيا آهن، سي پڻ هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ تي مجبور ٿي پوندا. منهنجا پراڻا ساٿي شاهدي ڏيندا تہ اڳين تحريڪن ۾ بہ ايئن ٿي ٿيو هو. اديبن ۽ دانشورن جي قيادت ۾ دلير ۽ دلبر نوجوان جڏهن سينو ساهي ٻاهر نڪتا هئا، تڏهن وڻ وڻ ڪاني ليڊر پڻ سندن ساٿ ڏيڻ تي مجبور ٿي پيا هئا. سندن هستي مستي مري وئي هئي. ڪوچڙايون وسري ويون هئن. ويڪائو مال جي بازار بند ٿي وئي هئي. ڪين خبر هئي تہ هاڻي اسان سان اڪين ۾ اکيون ملائي سوال جواب ڪرڻ وارا نوجوان بيدار ٿي چڪا آهن. هاڻي هڪ دفعو وري ماضيءَ کي موٽائڻو آهي. ڇا اسان ايئن ڪري سگهنداسين؟ ان جو جواب خود نوجوان ئي ڏين تہ بهتر ٿيندو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صدر جو اعلان ۽ پ پ جو رويو

نيٺ تہ ٻليءَ کي ٿيلهي کان ٻاهر نڪرڻو هو سو آخرڪار هزارها ماڻهن جي موجودگيءَ ۾ مينار پاڪستان جي سامهون نڪري نروار ٿي. پياري پاڪستان جي صدر محترم ڪمانڊو وردي پائي، پنجاب کي خوشخبري ڏيندي اعلان ڪيو تہ ٿل پراجيڪٽ هر حال ۾ مڪمل ڪيو ويندو. نہ رڳو ايترو بلڪہ هن صاحب اهو پڻ ٻڌائي ڇڏيو تہ ڪئنال جي ڇهہ ڪلوميٽر کوٽائي ٿي چڪي آهي ۽ باقي رهيل کوٽائي بہ مقرر ڪيل مدي اندر پوري ڪئي ويندي، جنهن کان پوءِ پنجاب جي وڏيڪ 15 لک ايڪڙ زمين آباد ٿي سگهندي. اهو اعلان ان حوالي سان وڏيڪ حيرت جهڙو ٿو لڳي تہ اجا ڪجهہ ڏهاڙا اڳ تائين صدر صاحب سنڌي سياستدانن ۽ دانشورن کي بار بار يقين پئي ڏياريو تہ جيسين ملڪ جا سڀ صوبا ۽ خاص طور سنڌ راضي نہ ٿيندو تيسين قومي مفاد ۾ اهڙو ڪو بہ قدم نہ کنيو ويندو. ايڪنيڪ جي اپهري منظوريءَ خلاف ٿيل مظاهرن ۾ مخالفت جي جواب ۾ سرڪار مائي باپ سنڌين جي وات ۾ لالي پاپ وجهنديءَ اها خاطري ڏياري هئي تہ پراجيڪٽ جي فيزبلٽي باقاعده طور ٺهرائي ويندي ۽ ان کان پوءِ مروجہ طريقيڪار مطابق، قانوني طريقي سان اهڙيءَ طرح قدم کنيو ويندو جو سنڌين جي دلين ۾ پيدا ٿيل غلط فهميون دور ٿي ويندديون پر جي غلط فهميون (يا خدشا) اجا بہ دور ٿي نہ سگهيا، تہ پوءِ ان پراجيڪٽ کي مورڳو رد ڪيو ويندو. انهن بيانن جي هُس بہ نہ سُڪي آهي جو دم دلاسن، ڏٽن پوزين، آسرن ۽ اميدن جي قلعي کلي پئي! چونڊا آهن تہ اُٽندو اها جيڪا ڪوريءَ جي مَنَ ۾ هوندي، ٿيندو اهو جيڪو وڏو ياءُ چاهيندو. اسان لک مظاهرا ڪيون، بک هڙتالون ڪيون، نعرا هڻون، عالمي ضمير کي آواز ڏيون. پاڪستان جي سلامتيءَ جا واسطا ڏيون. ٻيچاريون، ڏمڪايون، رُسون، ڪاوڙجون، چڙون، پر اسان جو آواز نہ اڳ ڪنهن ٻڌو آهي ۽ نہ وري آئينده ئي ڪوئي ٻڌندو. سنڌ ويران ٿيڻي آهي، ٿي ئي رهندي. مينار پاڪستان تي لکيل قرارداد پاڪستان پل تہ مُنهن تڪيندي رهي. رياستن جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزادي ۽ خودمختياريءَ متعلق ٺهراءَ جي تحرير پل تہ چٽي ۽ واضح پئي نظر اچي، پر جنهن صوبي جي هٿ ۾ بندوق آهي، اهو پنهنجو ڪم ڏيکاريندو رهندو.

چوڻ وارا چون ٿا تہ صدر صاحب جو اهڙي اعلان ڪرڻ جو في الحال ڪو بہ ارادو ڪو نہ هو. پر پنجاب جي پنجن زورآور ناظمن جي ڊٽ آڏو لاچار ٿي پيو. جيڪڏهن پنجاب جا ڪجهہ ناظم ملڪي سلامتيءَ کي داءَ تي لڳائي، ٻئي صوبي جي نڙيءَ تي ننهن ڏئي، پنهنجا نامناسب ۽ خوفناڪ مطالبا منظور ڪرائي سگهن ٿا تہ پوءِ حيف آهي سنڌ جي ناظمن تي ۽ سنڌ جي جهونن توڙي نون سياستدانن تي ۽ سنڌ جي دانشورن تي ۽ سنڌ جي اخباري سلطنت جي بي تاج بادشاهن تي، جيڪي حق تي هوندي بہ سچي ڳالهہ ميڃائڻ تہ پري رهيو سچي ڳالهہ سچيءَ دل سان بيان ڪرڻ کان بہ ڪيٻائي رهيا آهن. وزير ۽ سيڪريٽري تہ ٿيا ويچارا ڳچي ٻڌي، سرڪاري پگهاردار ۽ جي حضوري، لٽي کان پوءِ ڦاٽڪ وارو بہ ڪو نہ سڃاڻندن. پيا جيڪي ڏهہ سر ڪلهن تي ۽ چاليهہ ڪتا چيلهہ سان ٻڌي ٿا گهمن، تن ڪهڙو ٻوٽو ٻاريو آهي؟ اهي، جيڪي ڊرائنگ رومن ۾ ويهي، پاڻليءَ جا ڊُنگ خالي ڪري سنڌ لاءِ ڏهہ ڏهہ ڳوڙها هڪ ٿي وقت، هڪ ئي اک مان ڳاڙي، سڻڻ آلي ڪري ٿا اٿن. سي ڇا پيا ڪن؟ ۽ اهي، جيڪي قومي سلامتيءَ ۾ ڪوڙو ويساهہ ڏيکاري، مرڪز جي سياست جو ڍونگ رچائي، برابري، انصاف ۽ عوام جو ناچ ٿا نچن، سي ٻن ٻيڙين ۾ سوار ٿي ڪهڙو پيغام ٿا پهچائين؟

پلو ٿئي پ پ جو جنهن سنڌي ماڻهن جي صفن ۾ ڀڙڏڪ مچائي، ڪين چڙوچڙ ڪري، ڪٿان جو بہ نہ ڇڏيو آهي، ڀٽي صاحب مرحوم جي محبت ۾ عام سنڌي پيپلزپارٽيءَ تان بہ هٿ نٿو کڻي سگهي ۽ نہ وري پنهنجي قومي فرض کان غافل ٿي ٿو سگهي.

قوم پرست جماعتن لاءِ تہ پ پ هڪ ڀوائتو خواب بڻجي وئي آهي. ڪٿي نٿا سگهن، ان لاءِ جو ماڻهو اڃا بہ ڀٽي مرحوم جي قبر جا سلامي آهن. سنڌس پونئيرن جي ڏاڍاين، وعده خلافين، بداعمالين جي باوجود هنن کي فقط ۽ فقط ڀٽي جي ميار ماري ٿي. بينظير ۽ سندس ساٿاري، جن ۾ اڪثريت ڏماڻين، دهلارين ۽ اڌ اڪري مجهولن جي آهي، پل تہ پيا دل ۾ خوش ٿين تہ ماڻهو ساڻن محبت ۾ غلطان آهن. پر حقيقت اها آهي تہ سنڌ جو ماڻهو ڀٽي جي بيگناهہ موت تي اڄ بہ سوڳوار آهي ۽ پنهنجي غيرت، انتقام ۽ اندر جي باهہ سبب ڀٽي جي خاندان جو ساٿ ڏئي، قوم پرستن جي پورهئي ۽ محنت تي پاڻي پيو ڦيري. ڪيس خبر آهي تہ هو پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو پيو هڻي، پر دل هٿان مجبور آهي. بي وفائيءَ جو سوچي بہ نٿو سگهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچ پڇو تہ پ پ جنهن اندروني انتشار جو شڪار آهي، جنهن بدنظمي ۽ بداعتماديءَ جي دور مان گذري رهي آهي، جيڪڏهن مرحوم ڀٽي جو چهرو ماڻهن جي آڏو نہ ڦرندو هجي ها، تہ جيڪر ڪڏهوڪو زيرزمين دفن ٿي وڃي ها. ڀلا جيڪا پارٽي ٽڪي جي بيان ڏيڻ لاءِ بہ پهريون دبئيءَ تي ڀڄي، ايلچي تي ڊوڙائي يا فون تي ٿي اجازت وٺي، اها بہ ڪا پارٽي آهي؟ جيڪا پارٽي پنهنجن وفادار ورڪرن توڙي رهنمائن ۾ اعتماد ۽ اعتبار نٿي رکي ۽ بينظير صاحبہ جي غير موجودگيءَ ۾ ڪنهن سينيئر عهديدار کي ايترو بہ اختيار نٿي ڏئي تہ هو پنهنجي ذهن ۽ ضمير مطابق ڪاروهنوار هلائي، ان کي ڪهڙو نالو ڏجي؟ جيڪا پارٽي ڪليو ڪلايو ڏينهن ۾ ڏهہ رنگ ٿي بدلائي، ڪڏهن جنرل مشرف جي آمد تي ڀنگڙا وجهي ڪيس جڻ جڻ ڪار تي چوي، ڪڏهن ڪيس ملڪ جو بچائيندڙ ٿي سڏي، ڪڏهن گفتگوءَ لاءِ ايلاز ٿي ڪري، ڪڏهن مايوس ٿي مخالفت ٿي ڪري، ڪڏهن چوي ٿي تہ ريفرينڊم ۾ ورڪر حصو نہ وٺن، ڪڏهن فرمائي ٿي تہ اسان جا ناظم حضرات پلي تہ وڃي جنرل مشرف جي آجيان ڪن ۽ پوءِ گهر هليا وڃن، ڪڏهن چوي ٿي تہ عام اليڪشن جو بائيڪاٽ ڪنداسين، ڪڏهن ٻولي ٿي تہ جيڪڏهن اجا بہ سرڪار اسان سان ڳالهيون ڪري تہ اسان پنهنجي فيصلي تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ تيار آهيون، اهڙيءَ پارٽيءَ:

(1) پنهنجو اميج پاڻ ٻوڙيو آهي.

(2) زور آورن جي دل مان ڊپ ڊاءُ ڪڍي ڇڏيو آهي.

(3) سنڌ جي قومي ڪاز کي ڪاپاري ڌڪ هنيو آهي.

(4) سنڌ جي جائز حق گهرندڙن کي ورهائي ڪين ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي.

(5) آئينده سنڌ جو جيڪو بہ نقصان ٿيندو ۽ ڇيهو رسندو، ان ۾ پي پيءَ جو وڏو هٿ هوندو.

مٿي مون جو ڪجهہ لکيو آهي، دردمندي ۽ ڏکايل دل سان لکيو آهي. اڄ بہ مون لاءِ پ پ Lesser evil (گهٽ هاڃيڪار) جو درجو رکي ٿي. خدا کين سمجهہ ڏئي. سنڌين جي وفادارين، محبتن ۽ قربانين جو قدر ڪن. سنڌ سان ٿيندڙ ويڌن تي زبان کولين. اسان جي بقا جي لڙائي لڙن. چو تہ سنڌن ڪلهي ڪانڌي وري بہ اسان ئي ٿينداسين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي هجڻ جو ڏوهه

سنڌي قوم کي مايوس، بددل ۽ غير متحرڪ ڪرڻ لاءِ گهڻا ئي طبعي، عملي توڙي نفسياتي حربا استعمال ڪيا پيا وڃن. اها سموري سزا آهي ان جاڳرتا جي، جيڪا اسان جي شاگردن، اديبن، دانشورن، سياستدانن ۽ صحافين ڪانسواءِ عام ماڻهن، ايوب خاني دور کان وٺي اڄ تائين پنهنجي جياپي جي جنگ ۾ وقت بوقت پئي ڏيکاري آهي. اسان کي بدحال ۽ بيحال ڪرڻ لاءِ ماهر ڪاريگرن جيڪي رٿون رٿيون آهن، سي نه رڳو ڪارگر ثابت ٿيون آهن، بلڪ ان کان ڪجهه وڌيڪ اثر ڏيکارڻ لڳيون آهن، جنهن مقصد لاءِ کين جوڙيو ويو آهي. هينئر ته اهو حال آهي، جو اسان نه رڳو ڳالهائڻ ٻولهائڻ، ٻڌڻ سڏڻ ۽ لکڻ پڙهڻ کان ويا آهيون. پر سوچ سمجهه به اسان کان موڪلائيندي پئي وڃي. غربت، بک ۽ بيروزگاري هٽي وڃي هنڌ ڪيو آهي. ماڻهو پنهنجي ۾ پورا آهن، سي ڪٿي ٿا قومي بقا ۽ بچاءَ جي ڳڻ ڪن؟

شاگردن ۾ ڪاپي ڪلچر، مارڌاڙ ۽ ٽپاخوري ته اڳ ئي هئي. هاڻي ته مورڳو داخلائون بند ڪري، ڌارين کي وجهه ڏئي، تعليمي ادارا ئي ٻين جي حوالي ڪيا ويا آهن. ڪراچيءَ جون يونيورسٽيون گهمي ڏسو. ڪٿي ڪٿي ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ سنڌي نظر ايندو. ماحول اهڙو جو پاڻ ۽ ته لکنو يا الله آباد ۾ وينا آهيون. ورتاءُ ويرين جهڙو، رويو رُکو دل ۾ دوئي! زمين پيرن هيٺان ته اتي ئي کسڪي چڪي آهي. شاگرد توڙي استاد ڌاريا، ڌاري زبان، ڌاريو ڪلچر. رڳو يونيورسٽيون ڇو؟ سنڌيءَ کي ته پرائمريءَ کان وٺي جلاوطني ملي چڪي آهي. سيڪنڊري ته صرف نالي ڪاڻ وڃي بچي آهي. زنده قوم ٺلهو هُش تي خوش.

ڪراچيءَ تي ڇو ڏوهه ڏيون، ٻين وڏن شهرن ۾ وري ڪهڙا جهنڊا کُتا پيا آهن؟ روزگار کان سرڪار ته جواب ڏئي ڇڏيو آهي. نجي ڪمپنيون به اسان جون ناهن. ملٽي نيشنل ڪمپنين ۾ اڳ ئي ڌارين جا ڌڻ وينا آهن. ڪا جاءِ خالي ٿئي مس ته انٽرويو ۽ ٽيسٽ جو ناٽڪ رچائي، ميڙ گهرائي، پنهنجي ماڻهوءَ کي چونڊي، ٻين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ڏين ٿا ٿڙها مٿي تي. اڄهو هينئر، هي سٽون لکندي وقت سڄاڻ سنڌي ليکڪا سلطانه وقاصيءَ جو فون آيو آهي. سندس فرزند، جيڪو واقعي لائق ۽ قابل نوجوان آهي، تنهن آءِ سي آءِ جي ٽيسٽن ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪارڪردگي ڏيکاري پاڻ موکيو. ڪيس چيو ويو ته سياڻي توکي آخري انٽرويو تي گهرايو ويندو پر سياڻي ٽيڻ کان اڳ ئي سندن نيت بدلجي وئي. مٽ مائٽ، سفارشي ۽ قبيلي وارا پهچي ويا. اڄ شام ئي فون ڪري چيائونس ته "ساري، تون ڪو نه چونڊيو آهين." نه انٽرويو، نه گفتگو نه ڪو ڪارڻ، نه سبب، نه گهٽتائي، نه ڪي نوَ ڪوٽ! ڪو هجي ڏٽي سائين ته دانهن ڪوڪ ڪجي. پر جنهن معاشري ۾ سنڌي هجڻ گار بڻجي پيو هجي، اتي ڪن پوساتي، ڪنهن ڪنڌ ۾ پنهنجا لال لڪائڻ تي لاچار ٿي پيا آهيون. اهڙي دکدائڪ ڳالهه ڪا ٻي؟ پر نه. اهو به ان منصوبي جو هڪ حصو آهي، جنهن تحت سنڌي قوم کي پنڌ پهڻ ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي. ڪين احساس ڏياريو پيو وڃي ته توهان ان قابل ئي ناهيو ته توهان کي مناسب ذميداري ڏني وڃي. قابل ته اسان جا ماڻهو آهن، جي رٽائرٽيڻ کان پوءِ به ڏهوڻي معاوضي تي ٻيهر ۽ ٽيهر ڪانٽريڪٽ تي رکي سگهجن ٿا!

هڪ طرف سنڌي نوجوانن کي روزگار کان جواب، ٻئي طرف سندن حقن تي ڌاڙو ۽ ٽئين طرف سنڌ کي چڙوچڙ ۽ پورا پورا ڪرڻ جا سانباها. سترهن ديهن تي پنجاب حق ڏيکاريو آهي. ڪالاباغ تان هٿ ڪڻڻ لاءِ هو تيار ناهن. پاڻيءَ جي ڪوٽ جيئن پوءِ تيئن وڌندي پئي وڃي. شهري حڪومتن پناهگيرن جا خواب ساپيان ڪري ڏيکاريا. افغان، پنجابي، پٺاڻ، برمي، بنگالي، سري لنڪن، ٿائي، ايراني ۽ ڪيترائي پيا جٽا سنڌ ۾ پناهگير ٿي اچن ٿا يا روزگار جي بهاني پهچن ٿا ۽ پوءِ بااختيار ٿي ويهي ٿا رهن. نه رڳو ايترو بلڪ مالڪن کان به وڌيڪ مالڪيءَ جو حق جتائيندي اسان جي سمورن وسيلن تي قابض ٿي، لٽ ڪٽي ويهي ٿا رهن. سرڪار سگهوري هوندئن ته هر ڳالهه ۾ تکي تيز ترار آهي، پر هن معاملي ۾ ٿڌي جهڙي برف! لڳي ته ايئن ٿو ته سنڌين جي ماضيءَ وارين تحريڪن کي ڏسندي، سرڪار نامدار آئينده جي پيش بنديءَ طور هٿ وٺي سنڌين جو زور پيچڻ لاءِ، زوريءَ پناهگيرن جا ٽولا سنڌ ڏانهن ڌڪيندي ٿي رهي. انڌي پوندي ۾ خوش، اسان ان ۾ ئي راضي آهيون ته ماڻهن مڃيو آهي ته واقعي اسان مهمان نوازيءَ جا اڳيان پويان رڪارڊ ٽوڙڻ ۾ ماهر آهيون.

علمي ادبي ميدان ۾ جيڪا جٽ اسان سان ٿي رهي آهي، ان متعلق مان اڳ به گهڻو ڪجهه لکي چڪو آهيان پر ورجائيندي ٽڪجان نٿو چو ته پانيان ٿو ته ان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيڙا جو احساس تمام ٿورن حساس ماڻهن تائين محدود آهي. عام ماڻهن کي ان نفسياتي حربي جي ڏنگ ۽ منجهس اوتيل زهر متعلق پوائنٽي معلومات بلڪل ڪانهي، گهٽ آهي يا وري کين گمراهه ڪيو ويو آهي.

حقيقت هيءَ آهي تہ ون يونٽ توڙي ون يونٽ کان پوءِ جي سيني تحريڪن ۾ نوجوان شاگردن سان گڏوگڏ سنڌي اديبن، دانشورن ۽ صحافين جيڪو مزاحمتي ڪردار ادا ڪيو سو حاڪمن جي دلين ۾ چيٽ جيان چپي ويو. هو سمجهي ويا تہ سنڌي قوم جو پاور هائوس سندس دانشور آهن. اچو تہ کين ڍاهيون. انهن کي ختم ڪرڻ کانسواءِ سنڌ جي شهہ رڳ تي پير رکي نہ سگهنداسين. ان سوچ تحت جيڪي قدم کنيا ويا، تن مان چند هن ريت آهن:

(1) جونيئر ۽ سينيئر جو جهيڙو ڪرائڻ.

(2) "ون يونٽي اديب"، "وڪاميل اديب" ۽ "ساٽا اديب" "جهڙا لقب القاب ڏيڻ ۽ "شمن گڏين" هٿان سچن ۽ هڏڏوکي ليکڪن کي بچڙو ۽ رسوا ڪرائڻ.

(3) ادبي ادارن کي تباهہ ڪرڻ خاطر سندن گورننگ باڊين توڙي اهم عهدن تي هٿ ٺوڪيا، سفارشي ۽ مڏي خارج ماڻهو مقرر ڪرڻ.

(4) سرڪاري تقريبن، سيمينارن ۽ ادبي توڙي سماجي گڏجاڻين ۾ قابل ۽ ڄاتل سڃاتل دانشورن کي نظرانداز ڪري منظور نظر، نقلي ۽ وفادارين بدلائيندڙ ٻئي نمبر جا دانشور گهرائڻ.

تازو سنڌي ادب جي سڃاڻ شخصيت ۽ خود هڪ حساس شاعر ۽ ليکڪ، هدايت بلوچ جو ڪالم ڇپيو هو جنهن ۾ هن اسٽينلي والپرٽ کي گورنر هائوس ۾ ڏنل آجياڻي جي اکين ڏٺي روداد بيان ڪئي هئي ۽ اهو ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي تہ سواءِ چند سنڌي دانشورن جي، ٻئي ڪنهن بہ ڪراچيءَ ۾ موجود ڄاتل شخصيت کي ان موقعي تي دعوت ڏئي نہ گهرايو ويو هو. خود هدايت بلوچ بہ ڪنهن ٻئي ذريعي ساڻ ان سيمينار ۾ پهتو هو. ان کان اڳ ڪنهن گذريل ڪالم ۾ مان ان ميٽنگ جو ذڪر ڪري چڪو آهيان، جيڪا ٽيلنٽيڊ ڪزن جي صدارت ۾ ٿي گذري هئي ۽ جنهن ۾ چند واقعي مستحق دانشورن کانسواءِ ٻيا اوڦٽو خواتين و حضرات گهرائي، سنڌي ثقافتي مسئلن تي غور ۽ فڪر ڪيو ويو ۽ آئينده لاءِ ڪنهن نمائش وغيره منعقد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. اهڙي قسم جون گڏجاڻيون سرڪار مائي باپ ڳجهہ ڳوهہ ۾ پنهنجي پسنديده شخصيتن سان وقت بوقت ڪندي رهندي آهي. علمي، ادبي توڙي ثقافتي ادارن جي قسمت جا فيصلا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڻ اهڙين گڏجاڻين ۾ چند ”مارنگ“ ويهي ڪندا آهن. نتيجو سين جي سامهون آهي. سيني اهم ادارن جا ڏاچورا نڪري ويا آهن. سنڌي قوم مايوس ٿيندي ٿي وڃي ۽ شايد اها ئي حاڪمن جي ڪاميابي آهي.

ڀارت جي موجوده ارهه زورائي سبب ننڍي کنڊ جو امن خطري ۾ پئجي ويو آهي. جنگ ٿئي يا نه ٿئي، ماڻهن جي ننڊ ۽ آرام ڦٽي ويو آهي. ٿي سگهي ٿو ته حالتن جي نزاڪت تحت حڪومت ايمرجنسي نافذ ڪري ڇڏي. ان حالت ۾ سنڌ سان واسطو رکندڙ اهي مسئلا، جيڪي سنڌين جي مخالفت ۽ مزاحمت سبب في الحال سرد خاني ۾ رکيا ويا آهن، سي ايمرجنسيءَ جي اوٽ ۾ هڪ طرفا طئي ٿيڻ جو خدشو پڻ آهي. ان ڪانسواءِ پاڻ ۾ ٻيهر اعتماد بحال ڪرڻ ۽ ننڍا وڏا اختلاف نبيرڻ لاءِ منهنجو سيني معتبر ۽ بااثر سياسي، ادبي ۽ سماجي اڳواڻن کي عرض آهي ته وڏيڪ وقت وڃائڻ بنا هڪ محدود پر بااختيار گڏجاڻي ڪٺي وڃي، جنهن ۾ مٿيان بيان ڪيل ۽ ٻيا اهم مسئلا زير غور آندا وڃن. اهڙو انتظام اهي يار ئي ڪري سگهندا جن جا ڪلها گنل آهن ۽ جيڪي نينهن جو نالو ڳنهن ٿا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي تباهيءَ جون ذميوار ڌريون

آخر اهي ڪير آهن، جيڪي اسان جي قسمت جا فيصلا پنهنجي مرضيءَ سان ٿا ڪن؟ اهي ڪير آهن، جيڪي اسان جي ڌرتيءَ تي رهندي، پاڻ کي ان جو حاڪم سمجهڻ لڳا آهن؟ ۽ اهي ڪير آهن، جيڪي هر طرح سان اسان کي ڇيهو رسائڻ تي سندرو ٻڌيو بيٺا آهن؟ انهن کي ڪنهن جي شهه آهي، ڪنهن جي پٺ آهي، ڪنهنجي هُشڪر آهي؟ پرائي تڏي تي، ٺورائيءَ ۾ هوندي به، آخر هنن جي ايڏي همت ڪيئن ٿي جو هو اسان جي هر ڀلائيءَ جي مخالفت ٿا ڪن ۽ هر اهنج تي هنبوڇيون ٿا هڻن؟ اسان چئون ڪالاباغ نه کپي ته هنن جي وات ۾ مُڳ اسان چئون بهاري ۽ بنگالي نه گهرجن ته هو آڪرا ٿيو اچن. اسان چئون سنڌين کي روزگار ڏيو ته هو پنهنجي لسٽ اڳ ئي تيار ڪيو بيٺا آهن. اسان چئون ڪوٽڙو پار نه ڪوليو ته هو ڪلمر ڪلا اسان جي مخالفت ڪن. اسان چئون ضلعا نه ٽوڙيو ته هو شهري حڪومت جو راڳ آلاپين. اسان چئون اسان جي تهذيبي ورثي کي هٿ نه لايو ته هو اتي ناچ گهر کوليو ويٺا آهن. اسان چئون صوبائي خودمختياري ڏيو ته هو اسان کي عليحدگي پسند سڏين.

اسان ڪجهه به چئون، ڪجهه به گهرون، هو ديرينه دشمن جيان اسان جي آڏو ديوار بڻجي بيٺا آهن.

بلوچستان ۾ فوجي آپريشن ٿئي ته هو سچو يا ڪوڙو تڙپي اٿن، سنڌ ۾ ڪلور لڳا پيا آهن ته هو خاموش آهن.

ڪشمير ۾ عام راءِ معلوم ڪرائڻ لاءِ نعري جو ٺڪاءُ، سنڌ ۾ عام راءِ جو نالو وٺڻ به گناهه.

فلسطين ۾ اسرائيلي ڌارين جي لاءِ ڌڪار جو اظهار سنڌ ۾ روز نوان ڌاريا آڻڻ لاءِ گهاٽ پيا گهڙجن.

آمريڪا جي عالمي دهشتگرديءَ خلاف احتجاج، سنڌ ۾ زورآوريءَ جو راڄ.

اردو قومي ٻولي، سنڌي گولي ۽ غلام.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي آهن ماڻ ۽ ماپا، جن کي ڪوئي تارازيءَ ۾ توري ڪوڙ کي سچ تي ترجيح ڏني پئي وڃي.

پلا ڪير انڪار ڪندو تہ سنڌ ۾ سنڌي ڪامورا ٿورائيءَ ۾، ڏاريا گهڻائيءَ ۾ آهن؟ ڪير انڪار ڪندو تہ نوڪريون، چاهي سرڪاري هجن يا خانگي، سنڌين جي لاءِ ناهن؟ ڪير انڪار ڪندو تہ سنڌ جي وڏي وزير کان وٺي صلاحڪارن تائين، سڀ جا سڀ يرغمال ٿيل آهن؟

ڪير انڪار ڪندو تہ سنڌ جي هر مفاد تي ڏاريا منڊيئڙو ڦيريو بيٺا آهن؟

ڪير انڪار ڪندو تہ وڏن شهرن جا سمورا سنڌي تعليمي ادارا ختم ڪيا ويا آهن؟

ڪير انڪار ڪندو تہ سنڌ جي زمين ۽ وسيلا سنڌين جا نہ رهيا آهن؟

ڪير انڪار ڪندو تہ اسان پنهنجا جائز حق گهرڻ لاءِ نڪهڻ اُس ۾ پيرين پيادا، ڏينهن رات چيچلائيندا، روئندا، رڙندا، آهون ۽ دانهون ڪندا، دربدر جلسا جلوس، لانگ مارچ ۽ بک هڙتالون ڪندا ٿا وتون پر ڪو پڌڻ سڻڻ وارو ڪونهي؟

ڪير انڪار ڪندو تہ اسان جي چونڊيل نمائندن جي ڪيل فيصلن جي ٽڪو بہ اهميت ناهي؟ ڪير انڪار ڪندو تہ پنهنجي ئي ملڪ ۾، پنهنجيءَ ئي سرزمين تي، اسان ٻئي، ٽئين يا چوٿين درجي جا بہ شهري نہ رهيا آهيون؟ ۽ اهي جن کي اسان ڏاريا ٿا چئون، جيڪي اسان جي هر خوشيءَ تي شب خون هڻن ٿا، اسان جي هر حق تي غاصب ٿي وينا آهن ۽ اسان جي بنيادي گهرجن جا دشمن ٿي پيا آهن، سي آخر ڪير آهن؟ ڪڏهن سوچيو اٿئون تہ ڏاڙيلن جي ان ڏاڙي ۾ ڪير ڪير شامل آهن؟ اهي ڪهڙيون ڏريون آهن، جن اسان لاءِ سج سوا نيزي تي آڻي بيهاريو آهي؟ ڪنهن ڪنهن اسان جي وڏ وڏ ۾ وِهُ پريو آهي؟ ڪنهن ڪنهن اسان جي ارمانن جو خون ڪيو آهي؟ ڪنهن ڪنهن اسان لاءِ ڌرتي تامون ڪري ڏني آهي؟

ڪڏهن سوچيو اٿئون تہ پهرين پُل ڪنهن کان ٿي؟ ۽ پوءِ غلطيءَ مٿان غلطي ٿيندي وئي ۽ غلبي مٿان غلبو ٿيندو ويو ۽ ڏاڍ مٿان ڏاڍ جي ديوار اڏبي وئي ۽ ڪوڙن جي ڪوٽن ۾ اسان قيد ٿيندا وياسين ۽ ظلم جي گهاڻي ۾ پيسبا وياسين ۽ اسان جي زبان بند ڪئي وئي ۽ ذهن ڪُند ڪيو ويو ۽ جسم پڙيءَ تي نيلام ٿيندو رهيو.

ڪڏهن سوچيو اٿئون تہ بلوچ سردار هوندي بہ عوام جا رکوالا چو آهن ۽ سنڌي رئيس يا پير يا مير يا امير سڏائڻ وارا هر بار پنهنجن ماڻهن سان دوکو چو ٿا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن؟ ڪڏهن سوچيو اٿئون تہ اسان اڳڙيءَ جا گُڏا ڇو آهيون. ميڻ جا ماڻهو ڇو آهيون. ٿر جي واري ڇو آهيون؟

ڪڏهن سوچيو اٿئون تہ اسان جا رهبر. رهنما ۽ اڳواڻ بزدل. گيدي ۽ وڪاڻل ڇو آهن؟ ڪڏهن سوچيو اٿئون تہ جن چڱن مڙسن کي چونڊي اسيمبلين تائين پهچايون ٿا. سي اک ڇنڀ ۾ اسان کي رڻ ۾ رلائي ڏارين جي هنج ۾ ڇو ويهندا آهن؟ ڪڏهن سوچيو اٿئون تہ شهپر وٽي. بوٽ مان چيڪاٽ ڪڍي، فلڪ سان هلڻ وارا اسان جا معتبر دڙڪي آڏو هراسيل ٻليءَ وانگر ڪنهن ڪنڊ ۾ ڇو وڃي لڪندا آهن؟

ڪڏهن سوچيو اٿئون تہ ماضيءَ جي سيني قوم پرست اڳواڻن جو اولاد اڄ سنڌ جي سونهن، سپيتا ۽ سرير جي دلاليءَ تي ڇو لهي پيو آهي؟

سنڌ ۾ رڳو هندستان جا اردو ڳالهائيندڙ تہ ڪو نہ آيا آهن. چوڏهن ٻولين ڳالهائيندڙ هندستاني آيا آهن. پنجابي، ڇاڇي، سرائيڪي ۽ هندڪو آيا آهن. پٺاڻ، افغاني، ايراني، برمي، سيلوني، بنگالي، بهاري آيا آهن. ڪير نہ آيو آهي؟ ۽ هاڻي اهي سڀ ڌرتيءَ ڌڪاڻا گڏجي سڏجي، پاڻ ۾ سازباز ڪري، دوکي ۽ دولاب سان هڪ ٿي، وردين جي ڇاپي ۾، وڏيرن جي ساٿ سان. پيرن ۽ ميرن جي آشيرواد سان، اسان جو نانءُ ۽ نشان متائڻ لاءِ آتا آهن.

سنڌ جي وڏي وزير جي زبان ٻڌو لهجو ٻڌو گفتگو ٻڌو ڇڻ تہ اسان مان آهي ئي ڪو نہ اسيمبليءَ جي اسپيڪر جو رويو ڏسو انداز ڏسو اک جي پڪائي ڏسو ڇڻ تہ آيو ئي يوپيءَ مان آهي. ننڍن وڏن وزيرن ۽ صلاحڪارن جا پرڪار ڏسو بک جا چڪ ڏسو پنهنجن سان ارهہ زورائي ۽ ڌارين آڏو آهہ زاري ڏسو.

سنڌ جي تباهيءَ جا ذميدار رڳو ڌاريا تہ ناهن. وڏا ڌاريا تہ اسان جا پنهنجا آهن. پوءِ اهڙن نمڪ حرام، غدار ۽ ڪڙم جي ويري ڪانئرن کي نوڙ جو پٽڪو ڇو نہ ٻڌائجي؟ سنڌن پرڪار پڌرا ڪري ڪين خوار خراب ڇو نہ ڪجي؟ سنڌن ئي تڪ جي در در تي سنڌن ڪارنامن جو تفصيل ڇو نہ لڳائجي؟ رسوا ڇو نہ ڪجي؟

هي جو نوجوان ڌرتيءَ جو سکر کان ڪراچيءَ تائين پٿون پيرن سان، رت ڳاڙيندا، سڙندا ڪامندا، اڃيا ۽ بکيا سنڌ جو جهنڊو کڻي، ماتم ڪندا، يتيمن جيان ٻاڏائيندا پنڌ ئي پنڌ ماءُ جي تيج ملهائڻ لاءِ نڪري پيا آهن، ڇا تن کي رستي ۾ ڪا هڪ بہ دانگي هٿ نہ آئي آهي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوندون

سنڌ جاڳي اٿي آهي!

سنڌ اوچتو ئي اوچتو اگهور ننڊ مان جاڳي اٿي آهي!

سنڌي وڏيرو ڪونگهرا هڻندي هڻندي اچانڪ ڇرڪ ڀري جاڳي اٿيو آهي!
سنڌي سيد، پير، مير ۽ سردار پڻ ندوري ننڊ جي گهيرٽ مان ٽپو ڏئي اٿي پيا آهن.
ڏنڊا ڪونڊا، ڪڪڙ ڪُتا، ڪيجريون ۽ ڪمدار حيران ۽ پريشان آهن ته هي
اوچتو ئي اوچتو پوتارن تي ڪهڙو ڀوت سوار ٿي ويو آهي جو نشا پتا. ميلا ملاڪڙا،
سريتون سنگتياڻيون، لسڙوٽ لونڊا سڀ وسري ويا اٿن. رڳو "سنڌ سنڌ" ڪندا ٿا
وتن! اٿندي سنڌ، ويهندي سنڌ، کائيندي سنڌ، پيئندي سنڌ، شرعي ڪم ويل به
سنڌ، غير شرعي فعل ويل به سنڌ! سنڌين جو درد ٿو جاڳين ته سُور ۾ ٻيٺا ٿي ٿا
وڃن. "سنڌي سنڌي" پڪاري ڦٿڪن ٿا، روئن ٿا، ريهون ۽ ريهان ڪري منهن مٿو
پٽين ٿا. سڙڪ تان ٻڪ ڌوڙ جو ڀري مٿي ۾ وجهي لهر ڪن ٿا. ليُن ليارن ۽ ڪرڙن
ڪانڊيرن کي ڀاڪر پائي مارئي ڳائين ٿا. ککيءَ هاٺي ڪاري مٿي تي چاڙي، هڪ
هٿ ۾ سڙيل پلو ٻئي ۾ ڳريل ڪڳو ۽ چڪ ۾ ڏير ڪُرڙي جهلي، نوري نماڻيءَ جي
ڪينجهر تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ اکيون پوري ذڪر ۽ فڪر ۾ غلطان رهن ٿا.
هر گهر ۾ سنڌ جو نقشو هر ٽِڪڻ تي سنڌي ٽوپي، هر ڪنڌ ۾ سنڌي اجرڪ پيو
نظر اچي. ماڻهو حيران پريشان آهن. ڇج واتڙي آهي. هرڪو پيو پڇي ته رئيس
کي ڇا ٿي ويو آهي؟ مرشد سائينءَ کي شايد خواب ۾ ڏاڏا سائينءَ ڪو اشارو ڏنو
آهي. سردار صاحب هيري ڪتي جي اوچتي وفات تي هوش وڃائي ويٺو آهي. مير
صاحب گلزار ڪدڙي جي بي وفائيءَ جو ڏک پچائي نه سگهيو آهي. جيترا آهن
وات، اوتريون آهن ڳالهيون. هرڪو پنهنجي دل جي ڀڙاس ڪيڏي وڃي ٿو پار پوي.
چوندا آهن ته واياٽيءَ کي مڙس جو نالو ايندو آهي، پر ڳنهندي ناهي. خبر سيني
کي آهي، پر سچي ڪرڻ جي همت ڪنهن ۾ ناهي.

سچ اهو آهي ته سنڌ جاڳي اٿي آهي، انڪري جو اليڪشن اچي مٿان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڙڪي آهي. پيرن، ميرن، رئيسن ۽ سردارن کي سنڌين جو درد سڻون ڏئي ٿو ايري، انڪري جوکين ووٽن جي لوڙ آهي جن يا عمر سنڌ ۽ سنڌين جو نالو نہ ورتو سي بہ هاڻي ليٽي پيٽي خالص سنڌي قوم پرست ٿي پيا آهن. جن جي ليڊري چمڪي ٿي سنڌ سان دوکي، دولاب ۽ دغا تي هئي، سي بہ هاڻي سنڌ جي احساس محروميءَ جو پٽڙو پٽيندي نٿا ٿڪجن. ڏنا وائنا وڪاٺل اڳواڻ هاڻي سنڌ کي سندس کسيل حق موٽائي وٺي ڏيڻ جا وعدا ڪندا ٿا وتن.

اهڙو ئي هڪڙو ننڍاڪڙو سياستدان، بندرو قد ۽ پخال جهڙو پيٽ گهليندو جڏهن ميرو موچيءَ جي ڪچَ سري گهر ۾ سندس والد محترم جي وفات جي فاتح ڏيڻ آيو تڏهن گهر ڏٺي ششدر رهجي ويا. چيائون: پوتار سائين، بابو سائين تہ حال حيات آهي. اهو سامهون وينو جتيون ڳنڍي.

پوتار جون وايون ولڙيون ٿي ويون. هڪو ٻڪو ٿي چيائين: والد نہ تہ والده گذاري وئي هوندي.

چيائون: اها بہ ڪو نہ مئي آهي. اڳڻ ۾ ويٺي ٿي رلي سبي.

چيائين: ڪو تہ مئو هوندو؟

چيائون: اسان ڏي ست خير آهن. ها، باقي پاڙي وارن جو گڏهہ سو هفتو کن ٿيو تہ آڦرجي مري ويو آهي.

پوتار شرم پرچائيندي چيو: مڙئي خير آهي. انهن ڏانهن بہ وڃبو. گڏهہ مرهيات بہ تہ آخرڪار ساهہ وارو جانور.

هڪ ڀئي اهڙي ئي قلاباز رهنما سان ڪنهن دعوت ۾ ملاقات ٿي وئي.

چيائين: سنڌ لاءِ جان قربان ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي.

چيم: گذريل اليڪشن ۾ بہ اوهان ايئن ئي چيو هو.

چيائين: اها اليڪشن ڪوڙي هئي.

چيم: پر توهان تہ ڪٽي ويا هئا.

چيائين: پئسا ڏئي ڪٽيو هوم.

چيم: ڪيئن بہ هجي، توهان سنڌ لاءِ هڪ لفظ بہ نہ ڳالهايو هو.

چيائين: پئسن ڪٽايو هو سنڌين ڪو نہ ڪٽايو هو.

هڪ ٽئين اڳواڻ چيو: هن پيري سنڌين کي سندن حق ڏياري ئي رهنداسين. ويچارن سان ڏاڍا ظلم ٿيا آهن.

چيم: مثال طور؟

چيائين: مثال توهان ٻڌايو. ليکڪ ۽ اديب توهان آهيو يا مان؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيمر: جن کي سنڌ جي مسئلن جي ڄاڻ ناهي، سي اسيمبلين ۾ ڪهڙا ڦاڙها مارينداڀ

چيائين: حد جي صوبيدار کي تو بدلي ڪرايو هو؟ گلوءَ جي ڙن کي تو ڪاري ڪرايو هو؟ رمونءَ جي پڳل ٻانهن تو ورائي ڏني هئي؟ تر جي چورن ڌاڙيلن ۾ ضامن تون پيو هئين؟ پڌاءِ، جواب ڏي. اهي سنڌ جا مسئلا ناهن تہ ڪي منهنجي گهر جا مسئلا آهن؟

چيمر: سنڌ جو وڏي ۾ وڏو مسئلو تون آهين پوتارا!

هو چڙي ويو. رڦندي چيائين: ڏٺي ڏٺي بہ هڪڙو ووٽ تون نہ ڏيندين نہ؟ چڙهہ منهنجي آڱوٺي تي. راڄ وارن لاءِ تہ موچڙو ئي ڪافي آهي.

سو حضرات، موچڙي وارا، گهيٽين وارا، ڪوڙن دلاسن وارا، ڏٺئي، نڳ ۾ ٻچاپڙا اسان جا پراڻا يار هڪ دفعو ٻيهر ڌرتي ماءُ جي نانءَ تي طوطي جون اکيون پائي، واڳون وارا ڳوڙها ڳاڙي، ٻيانن جا ڪوڙا ڪوٽ اڏي، اجهو ڄاڻ تہ توهان جي در تي پهتا ڪي پهتا. ڪندا اهو جيڪو اڳي ڪيائون. اليڪشن کٽئي کان پوءِ نہ تنهنجا نہ منهنجا، جنهن نوٽ ڏيکاريا، پلاٽ ۽ پرمٽ ڏني يا وزير مشير ڪرڻ جو آسرو ڏنو ڄُتيءَ سوڌا تنهن جي هنج ۾ هوندا. سنڌ پئي سُڏڪندي، سنڌي پيا ٻاڪاريندا. دريا پيو ڌڌڙ اڏائيندو. سمونڊ پيو سُري ڊفينس اٿارٽين کي جاءِ ڏيندو. زمين پئي ڌارين ۾ ورهائبي. ڪالونيون پيون ٺهنديون. ڪالا، نيلا، پيلا باغ پيا اڏبا. بيروزگاريءَ جو پوٽ پيو ڪونڌر ڳهندو. بدامنيءَ جو راڪاس پيو گهر اجاڙيندو. پر تڏهن اهي سنڌ جي عشق ۾ اوڇتو الوٽ ٽيل برساتي ڪنيڙاتيون ڳوليون نہ لينديون. اهي موسمي ڏيڏر ايئن الوپ ٿي ويندا، جيئن گڏهہ جي سر تان سڱ نہ سنڌ ياد رهندي، نہ سنڌي ۽ نہ وري سنڌين جا مسئلا. ياد رهندن تہ صرف پنهنجو مسئلو ۽ ان مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ هو سنڌ تہ ڇا پنهنجو ضمير پڻ داءَ تي لڳائڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. ايئن ٿيو آهي، ٿي رهيو آهي ۽ ٿيندو رهندو. اهو ايڪشن ري پلي تيستائين جاري رهندو جيستائين اهي ڪردار اسان جي ”نمائندگيءَ“ جو فرضي فرض نڀائيندا رهندا. جيستائين سندن تن تي مڪاريءَ جو اجرڪ ۽ من تي لالچ جي ڪُٽ چڙهيل رهندي، جيستائين اسان جي اکين تي انڌ جا ڪوپا ۽ ميڄالي ۾ پوڪپائيءَ جو ٻهُ پريل هوندو. وڏيڪ پاڻ مالڪ آهيو.

اجهو در تي ڪڙڪو ٿيو آهي. وڃان ٿو. شايد ڪو ٻيو چتر زبان ۽ چالاڪ ويس ڌاري ووٽ وٺڻ لاءِ نئون ناٽڪ رچائڻ لاءِ اچي پهتو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موت جو پروانو

نہ سج سوا نيزي تي آيو نہ زمين ڦاٽي، نہ جبل ڪپھہ جي پوٽين جيان رئي ٿيا، نہ اسرافيل صور ڦوڪي- پوءِ بہ قيامت اچي وئي. چپ چاپ، ماٺ ميٺ ۾ خاموشيءَ سان، پير پير ۾ پائي روز محشر آيو ۽ ڪنهن کي خبر نہ پئي! هونئن تہ رڻ گجي ها، راڙو ٿئي ها، اپ جي اگهڻ تي ٽانڊا ٽڙن ها، ڌرتي سڄي داڻهن ٻڄي وڃي ها پر ڪجھہ بہ نہ ٿيو. ڏسندي ئي ڏسندي ويرين اوچتو وار ڪيو ۽ سنڌ جي سرير مان ساھہ ڇڏائي ويو. نہ تون رهين، نہ مان رهيس. نہ اسان سڀ رهياسين. هزارها سالن جي امانت هڪ لحظي ۾ لٽجي وئي. عزت ۽ غيرت ۽ شان ۽ شوڪت جا دعويدار تماشو ڏسندا رهيا ۽ ڪجھہ نہ ڪُڇيا.

سنڌ اسيمبليءَ، سنڌين جي اسيمبلي، پنهنجي موت جي پرواني تي پاڻ دستخط ڪري ڇڏيا. بنگالي ۽ بهاري سنڌ جا شهري ٿي ويا! هڪ ڪروڙ ڏاريا ملڪ جا مالڪ ٿي پيا. بکين ۽ بيحال ۽ بيروزگار سنڌين جي وات جو گرھہ کسڻ لاءِ بس هڪ رت ڪافي هئي؟ صدين جي ثقافت ۽ تهذيب ۽ تمدن کي ڦاهيءَ چاڙهڻ لاءِ بس هڪ اشاري جي دير هئي؟ نڌڪن ۽ يتيمن ۽ بي سهاري سنڌين کي پنهنجي ئي گهر ۾ غلام بڻائڻ لاءِ بس هڪ مير جعفر ئي ڪوڙهو؟

ڪنهن نہ ڪڇيو ڪنهن نہ پڇيو ڪو نہ لڇيو سڀ ماٺ، گونگا ۽ ٻوڙا ۽ نابين ٻڄي ڪنڌ جهڪائي ماٺ جو موت ڏسندا رهيا. اهي، جن سنڌ سان سچائيءَ جو وچن ڪيو هو. اهي جن سرگهوڙڻ جو وعدو ڏنو هو. اهي جن لطيف کي مرشد مڃيو هو سڀ جا سڀ، ڪوڙا ۽ ڪاٺئر ۽ لوڀي ۽ نوڳي، وقت پئي چند سڪن خاطر يا کن پل جي ڪرسيءَ خاطر يا ڏينهن اڌ جي ڏاڍر خاطر، سڀ وڙوساري، بي وڙا ٿي دشمن جي ها ۾ ها ملائي پنهنجي اينڌڙ نسلن کي جهنم جي آگ ۾ هميشہ هميشہ لاءِ اڇلي آيا.

اسان اقليت ۾ بدلجي وياسين. اسان سدائين لاءِ غلام ٿي وياسين. اسان هاڻي ڪڏهن بہ پاڻ کي سنڌ جو وارث سڏائي نہ سگهنداسين. سنڌ جا وارث ۽ مالڪ ۽ ڌڻي هاڻي اهي آهن جن کي سر ڇپائڻ لاءِ اسان پنهنجو گهر ڏنو. جن جو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بکيو پيٽ پرڻ لاءِ اسان پنهنجو گرهه ڏنو جن جو انگ ڏيکڻ لاءِ اسان پنهنجي تن جو اوڇڻ ڏنو. سنڌ هاڻي انهن جي ٿي وئي جيڪي ڪلهه تائين بي گهر، دربدر ۽ پينار هئا ۽ پناهه جي بيک گهرندا هئا ۽ سر جي سلامتيءَ لاءِ سوَ سلام ڪندا هئا ۽ پائي پائي جو ڪوڙو نعرو هڻي اسان جي پاڇي پويان ڊوڙندا هئا.

پر انهن کي ڇو ڇئجي؟ اهي ڪي اسان جا مائٽ ڪي مِٽ؟ انهن کي ڇو ڪهڪاءُ ايندو؟ ڇو قياس پوندو؟ ڪهڙي غيرت، ڪهڙو شرم ايندو؟ ڏوهه ته اسان جن پنهنجن جو آهي. اهي ابن الوقت سنڌ سان ڏکئي وقت ۾ غداري ڪري ويا. اهڙو پنيءَ ۾ خنجر هنيائون جو سنڌ پيهر ڪنڌ کڻڻ جي لائق نه رهندي اهڙو دوکو ڪيائون، جيڪو تواريخ ۾ مثال طور دهرائبو رهبو. اهڙو ڏنگ هنيائون، جيڪو سنڌي قوم کي هميشه لاءِ غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙي ويو.

اسان جي شڪايت نه ايم ايم اي سان آهي، نه متحده سان، نه وري پنجابي، پٺاڻ ۽ بلوچن جي سنڌ مان چونڊيل ميمبرن سان. هنن پنهنجي ضمير ۽ خمير موجب ڪم ڪيو. هنن کي ايئن ئي ڪرڻ گهربو هو. مفت جو مال هٿ اچي ته ڪير ٿو ڇڏي؟ سو به اهڙيءَ قوم جو جنهن کي نه ابو نه امڙ جنهن جا نوجوان ڪيبل، هيروئن ۽ هوٽلن جي مستيءَ ۾ مست آهن. جنهن جا اديب ۽ دانشور غاليچي جا توبچي بڻجي رهجي ويا آهن. جنهن جا صحافي مالڪن جي اشارن تي جهمريون هڻي هڻي بيحال ٿي پيا آهن ۽ مالڪ هر نئين سرڪار جي آڏو گوڏن پر سجدن ۾ اونڌا آهن. جنهن جا سياستدان شتر بي مهار وانگر بنا ڪنهن Vision ۽ بنا ڪنهن Direction جي اجائي دڙڪي دهمان ۾ پورا آهن.

سنڌ کي گدڙ کائي ويا. ڏک رڳو ان ڳالهه جو آهي ته اهو سيڪجهه اسان جي زندگيءَ ۾ ٿيو. ڪو هيمون، ڪو هوشو ڪو دولهه دريا خان پئدا نه ٿيو جيڪو سر ترِيءَ تي رکي ڌرتيءَ جي لڄ بچائي ها. جي ٿيو ته ڦوڳ ۽ چنيسر پئدا ٿيو. سڀ سڏڙيا پاسيرا ٿي بيهي رهيا. رهيا ته اهي رهيا جيڪي ڪمزور عورتن کي گولين مان ڪيڍي ڪاريءَ جو ناٽڪ رچائي هنبوڇيون هڻندا آهن. اڄ جيجل ماءُ کي ڪاري ڪري لاش لوڙهي آيا. سنڌ جو چيف منسٽر هجي يا ايوب کهڙي جي ڏيءَ، سورهيه بادشاهه جو پوٽو هجي يا نوجوان اپرنڌڙ امتياز سڀ جا سڀ سنڌين کي ڏٺا ڏيندا رهيا. سڀ جا سڀ سنڌين جي ويرين سان ہٿ ٿي بيهي رهيا، نه ڪڇيا نه پڇيا. منهن ۾ مگ وجهي ويهي رهيا. ڪالاباغ خلاف اسٽينڊ جي دعوي ڪندڙ سهي جي ڪل پائي ڪنڊن پاسن ۾ ٻرَ ڳوليندا رهيا. ان ئي بزدل ۽ گيدي ٽولي پنهنجي ڌرتيءَ جو سودو ڪيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن چيو "مون ۾ ڄام صادق جو روح اچي ويو آهي" ان جي اندران ڇنيسر جو روح نڪتو ڄام تہ مڙس ماڻهو هو جو ڪجهہ ڪيائين، جڏهن بہ ڪيائين، سيڪجهہ ڪيائين، پر گهٽ ۾ گهٽ ههڙي ڪار نہ ڪيائين. ۽ هو جيڪي لغاري ۽ پنهور ۽ جوڻيجا ۽ جتوئي ۽ سيد ۽ انڙ ۽ ٻيا. جيڪي جيجل جي جنازي جا ڪانڌي ٿيا ۽ دشمنن جي ٽولي سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ويهي رهيا. تن جو ڪهڙو موقف آهي؟ ذرا اسان بہ تہ ٻڌون. اسان کي بہ خبر پوي تہ آخر ڪهڙيءَ لالچ ۽ ڪهڙي لوڀ تي هنن اهو ڪڌو ڪم ڪيو آهي.

۽ ها، اهي قوم پرست، جيڪي جلسن جلوسن ۽ بک هڙتالن جي سياست کن ٿا ۽ اهي جيڪي پنهنجن بنگلن ۾ ويهي فقط بيان جاري ڪندا آهن ۽ اهي جيڪي سيد جا وارث آهن ۽ اهي جيڪي ٿن رنگن واري لغڙ جي چرخيءَ سنڀالڻ لاءِ هميشہ آتا هوندا آهن، سي هاڻي ڪهڙو نئون ناٽڪ ڪندا؟ڪجهہ نہ ٿيندو. ڪجهہ بہ نہ ٿيندو جيڪي ٿيڻو هو سو ٿي ويو. پاڻيءَ کان وٺي ناڻي تائين ۽ ناڻي کان وٺي بنگالين، بهارين ۽ ٻين قومن جي بحاليءَ تائين پنجاب جا ترڪتال ۽ نون سنڌي پائرن جا ڏنا هاڻي کلي ظاهر ٿي پيا آهن. هنن کي زمين گهربي هئي، سا ڪنهن نہ ڪنهن طرح اسان کي مٺي ۾ پنجو وجهي، ڦٻائي ويا. هنن کي پنهنجي ٻولي رائج ڪرڻي هئي، سا هو ڏنڊي جي زور تي ڪرائي ويا. هنن کي حڪومت پنهنجي هٿ وس ڪرڻي هئي، سا هو زورآور قوتن سان ٺاهہ ڪري، ڪري ويا. هنن کي اسان سان جٽ ڪري پنهنجي ئي وطن ۾ ٻي وطن ڪرڻو هو سو هو اسان جي بکين نمائندن کي هڏيءَ ٽڪر ڏيکاري، ڪري ويا.

سنڌ غلام ٿي چڪي، سنڌي سنڌ اندر ڌاريا ٿي چڪا. اسان سان عظيم ويساهہ گهاتي ٿي چڪي. هاڻي جنهن کي جيڪو وڻي سو چوي، جيڪو وڻي سو ڪري ڪجهہ نہ ٿيندو. ڪجهہ بہ نہ ٿيندو. ڳچيءَ ۾ پيل ڳٽ لهڻو ناهي. اسان کي غرق ٿيڻو هو، ٿي چڪاسين. هاڻي پل تہ ڪو ڇا بہ چوي. قيامت اچڻي هئي، اچي وئي. هن کان پوءِ ٻي ڪا بہ قيامت نہ ايندي، اهو ئي سنڌ جو ڀاڳ هو. اهو ئي سنڌ جو ماڳ هو ۽ اهو ڀاڳ ۽ ماڳ ان ڏينهن لکيو ويو جڏهن پير الاهي بخش گلن جا هار کڻي ريلوي اسٽيشن تي ڌارين جي آجيان ڪئي هئي ۽ جي ايم سيد هاڻيءَ کي هندستان ڏيکاريو هو ۽ ايوب کهڙي ۽ راشديءَ ون يونٽ ٺهرايو هو. بنگالين ۽ بهارين جو ٺهراءُ هڪ ڏينهن ۾ پاس نہ ٿيو آهي. سالن جو سفر طئي ڪري آيو آهي ۽ ان سفر ۾ قدم قدم تي ٻي وفائي ۽ دوکي ۽ غداريءَ جا ڄار وڇايل آهن ۽ لوسي ۽ لوپي ۽ ٺڳي ۽ گيدي سنڌي اڳواڻ انهن ڄارن جي رکوالي ڪندا رهيا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي اُداس نسل جو نوحو

سوريءَ سڌ ٿيو ڪا هلندي جيڏيون؟
ويچڻ تن پيو، نالو نينهن ڳنهن جي؟

اڄوڪو ڪالم انهن لاءِ آهي، جي نالو نينهن ڳنهن ٿا. جن جي دل ۾ سنڌ ڌڙڪي ٿي، جن جي نس نس، وار وار، ساهه پساهه ۾ جيجل جي جهوري لڳل آهي. جيڪي عاشق عزازيل آهن ۽ ڪلالن جي ڪاتن پر ڌڄندا ناهن ۽ پتنگن جيان پچڻ جو پهه ڪري مچ مٿان مڙندا آهن.

اڄوڪو ڪالم سڌڙين، سِڪڻن ۽ سڪڻن جي لاءِ ناهي. لوسي لپاٽي، ڪوڙا ڪپتيا، ڦرٽا ڦڙپاني، شوقين ۽ شوباز هن سٽ کان اڳتي نه وڌن جو ان کان اڳتي ماءُ جي ٿڃ جو فرض شروع ٿيندو ۽ گيدي ۽ گامڙيا ايڏو وڏو قرض لاهي نه سگهندا. واٽڙا وڏيرا، ڪوڙن ۽ ڪوڏين جا رسيا ڪن ٻوساٽي پاسو ڪري ٻيهن جو سچ جو تاءُ سهي نه سگهندا. چالاڪ، چالباز ۽ چلتا پرزا هڪدم صفحو پلٽي ايشوريا راءِ جي تازي عشق جي ماجرا پڙهن ۽ مُجري جا خفتي ميران جي مئخاني تي ٿيندڙ مار ڌاڙ مان لطف اندوز ٿين يا قومي خزاني جي لبريز ڪنارن مان ڪير ۽ ماکيءَ جي وهندڙ ندين کي حيرت مان ڏسن. يا دنيا جي سڀ کان انوکي جمهوريت جي تيزيءَ سان وڌندڙ ول جو نظارو ڪن يا ٿر ۾ ايندڙ اوچتي انقلاب جا سونهري خواب ڏسن، يا ڪالاباغ کان پوءِ سنڌ جي پلتجندڙ ڪايا جا سايا پسن. يا ڪارن ۽ ڪارين جي ٻي جان جسمن ۾ حسن جي ڪا رهيل رمق ڳولين. يا ڪنهن ڪنواري ناريءَ سان ستن چٽن جي ڪيل زوريءَ متعلق سوچي گگ ڳاڙين.

هن کان پوءِ سر ڦرين جي سرحد شروع ٿيندي دل وارن جو ديس لتبو. ڪانڌن جي ڪربلا ايندي لطيف جي واين ۽ بيتن ۽ ڏوهيڙن تي اڪريل آيتون اجاگر ٿينديون. اهو درد، اها پيڙا، اهو ماتم ڪو سهي سگهي ته مون سان گڏ اڳتي وڌي، نه ته آسرن، دلاسن، ڏتن ۽ پوزين جي رڃ ۾ اتي ئي ٻيهي رهي.

هزارين نه سوين نه فقط چند، چار، اٺ، ڏهه اهڙا سڄاڻ گهرجن، جي منهنجي ڳالهه سمجهي سگهن. منهنجي اک ۾ اٽڪيل ڳوڙهي ۾ پنهنجو عڪس ڏسي سگهن. جن جا لڱ لوهي نه سهي پر سندن سوچ ۾ بارود پريل هجي. جن جي لونءِ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوڻ ۾ لطيف جو ديرو هجي. جن جي سانت ۾ سپاٽي جو سويرو هجي. پيو ڪجهه به نه صرف ايترو چوڻ ٿو چاهيان ته بلوچن جي جاري تاريخ جو فقط هڪ پنو ڦاڙي تعويذ ڪري ڳچيءَ ۾ پائي ڇڏيو. حقن جي ويڙهاند ۾ نوجوان بالاچ جي تصويراکين آڏو رکو! نوجوان اختر مينگل جي مائيٽي ۾ پروقار چهري پويان ڪروڙ جي ڪتار ڏسو!

ڇا توهان مان ڪنهن پوڙهو مولانا پاشاني ڏٺو هو؟ جي نه ته مان ٿو توهان کي ٻڌايان ته هو ڇا هو. چوڪڙين واري گوڏ، کدر جو چولو مٿي تي تيلين واري ٽوپي ۽ پيرن ۾ ڇڳل چپل، پر ها، هٿ ۾ هڪ سگهاري لٺ به هئس. پيو ڪجهه نه ڪندو هو صرف ان نمائندي جي گهر جو گهيراءُ ڪندو هو جيڪو ووٽ وٺڻ کان پوءِ پنهنجن ماڻهن جي سار نه لهندو هو.

نيلسن منڊيلا، هوچي منهه، وليسا ۽ بوس جي حياتيءَ کي جاچي ڏسو ۽ پوءِ ٻڌايو ته اسان جي "انقلابين" ۾ انهن جا ڪهڙا ۽ ڪيترا گڻ موجود آهن. پنجاهه سالن کان اسان جا سياسي طوطا هڪ ئي جملو دهرائيندا ٿا اچن "نه ته اسان تحريڪ هلائينداسين" رڪارڊ ۾ گهاري پئجي وئي آهي ۽ هاڻي پري کان هڪ ئي آواز پيو ٿو ڪنن ۾ وڄي "هلائينداسين...... هلائينداسين... هلائينداسين....."

جناح پور نه ٿيو ته ڇا ٿيو؟ ڪو پيو نالو رکندا، ڪراچي ته وئي. سنڌ کي سنڌ ئي چون، پر اها سنڌ ڪنهنجي؟ تنهنجي يا منهنجي يا اسان جي ايندڙ پيڙهين جي؟ ورثي ۾ ڇا ڇڏي ويندا سين ايندڙ نسل جي لاءِ؟ ذلت، ظلم يا زنجيرون؟ ۽ ان جو ذميدار ڪير آهي؟ وڏيرو سياستدان يا ڪامورو يا تون ۽ مان يا اسان سڀ؟ هر ڪو هڪ ٻئي کان ٿو پڇي، "هاڻي ڇا ڪجي؟"

جواب سيني وٽ آهي، پر منجهن ڪو هوشو ڪو هيمون، ڪو دودو، ڪو دريا خان ڪونهي، ٺلها ٺڳ آهن، واتڙيا، بڪ بڪيا ۽ نعريباز.

ڇا واقعي اهي ڪجهه نٿا ڪري سگهن؟ ڇا واقعي هو بيوس آهن؟ ڇا واقعي سنڌن رڪارڊ گسي ويو آهي؟ جي ايئن ناهي، ته پوءِ اسان ۾ ڪو پاشاني، ڪو بالاچ ڇو ناهي؟ اسان وڏيرن ، سردارن، پيرن ۽ ميرن تي لعنتاڻو لايو ويٺا آهيون، پر بلوچن جا وڏيرا ۽ سردار ۽ پير ۽ مير ڇو نٿا وڪامن؟ ايئن به ناهي ته سنڌن عوام سنڌين کان وڌيڪ سجاڳ آهي. ايئن به ناهي ته هو قوم هتان مجبور آهن. ايئن به ناهي ته ڪين ڪرسي پياري ناهي. ايئن به ناهي ته ڪين لالچون، آڇون ۽ آسرا نه ملندا هوندا. پوءِ آخر اها ڪهڙي شيءِ آهي، جيڪا کين پنهنجن حقن لاءِ آواز بلند ڪرڻ تي مجبور ٿي ڪري؟ ۽ اها ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا اسان جي وڏيرن ۽ سردارن ۽ پيرن ۽ ميرن کي هميشه پنهنجن ماڻهن، پنهنجي ملڪ، سنڌن ٻولي، ثقافت ۽ ٻين حقن جي لتاڙ وڪري ۽ ڪلم ڪلا خلاف ورزيءَ تي اڪسائي ٿي؟ ڇا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن پنجاب اسيمبليءَ پنهنجي صوبي جي مفاد خلاف ڪا رٺ بحال ڪئي آهي؟ ڇا پنجاب جي ڪنهن نمائندي، وزير يا صلاحڪار پنهنجي تڪ، صوبي يا ماڻهن جي مفادن خلاف ڪو بيان ڏنو آهي؟ ڇا سرحد ايئن ڪيو آهي؟ جي جواب ناڪاري آهي، ته پوءِ سنڌ سان اهڙو ناحق ڇو آهي؟ اها ڪهڙي ڳالهه آهي جو اسان لاءِ هر روز هڪ نئين ڪڏ کوٽي ٿي وڃي ۽ اسان جا چونڊيل نمائندا يا ته اهڙي جبر تي خاموش رهن ٿا يا وري ڌارين سان ڏر ٻڌجي پنهنجي پيرن تي پاڻ ڪهاڙو هڻن ٿا؟

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ڌارين جي لوڏ سنڌ ۾ آڻڻ، کين آباد ڪرڻ ۽ کين پنهنجي ڏاڙهي هٿ ۾ ڏيڻ جهڙو ڪمال اسان پاڻ ئي ڪيو آهي. هاڻي انهن کان شڪايت ڪرڻ اجائي آهي. ان ۾ به ڪو شڪ ناهي ته پيتي صاحب جي محبت ۾ گرفتار سنڌين سنڌ جي ڪوڙين توڙي سچين قوم پرست جماعتن کي اڄ تائين اُڀرڻ نه ڏنو آهي. اهو به سچ آهي ته پ پ جي غلط فيصلن سبب نه رڳو هو پاڻ سياسي طور لوڙي رهيا آهن پر پاڻ سان گڏ پنهنجن وفادار سنڌين کي به ٻوڙي رهيا آهن. اهو به سچ آهي ته سنڌين جا چونڊيل نمائندا، اليڪشن کٽڻ کان پوءِ پنهنجي پاڻ تي Price Tag لڳائي، پري بازار ۾ وڪامڻ لاءِ وڏي بي حيائيءَ سان ايئن ٿا بيهي رهن، جيئن دڪان جي شوڪيس ۾ لٽا ڪپڙا پهريل پلاسٽڪ جا بت بيهاريا ويندا آهن.

ايڏيون وڏيون بي وفايون سنڌ جي نوجوان نسل کي مايوس ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. هو هر اميد لاهي يا ته پنهنجي زندگيءَ جي جوت اجهائي رهيا آهن يا موت جهڙي ڀيانڪ زندگي گذاري رهيا آهن. مان اڄ انهن ئي اداس ۽ مايوس نوجوانن جي دلين جو درد ڪٽي سنڌ جي ساڃهه وندن جي جهوليءَ ۾ پلٽيان ٿو ۽ ڪائنن صرف ايترو پڇان ٿو ته اي دوست، هنن ٻن لاشن مان تون ڪنهن جي چونڊ ڪندين؟ پنهنجي نوجوان بيروزگار، وياڪل، ويڳاڻي پاءِ، ڀائٽي، پٽ يا پاڙيسريءَ جي، يا وڪامجندڙ وڏيري، سردار، پير ۽ مير جي ڪوڙي انا، لوڀ، لالچ ۽ اڻ کٽ هٻڇ جي؟ ۽ جي توکي پنهنجو ايندڙ نسل ۽ ثقافت ۽ ٻولي پياري آهي ته پوءِ تون پيو ڪجهه به نه ڪر. نه وڙهه، نه مار نه جلسا، نه جلوس، نه نعرا، نه بک هڙتال، ڪجهه به نه ڪر! صرف ايترو ڪر جو پنهنجي بي وفا، بي مروت، بي حيا ڦرٽي گهرٽي نمائندي جي گهر ٻاهران پنهنجي نوجوان بيروزگار، وياڪل، ويڳاڻي پاءِ، ڀائٽي، پٽ يا پاڙيسريءَ جو پوين پساهن ۽ آخري هڏڪين وارو نبل، ناتوان ۽ جهرندڙ جسم ڪٽي ڌرٽو هڻي ويهي رهه ۽ جڏهن پٽ ورائي ڏسندين ته حيران ٿي ويندين جو توکي پاڻ جهڙن پڇرندڙ ماڻهن جو هڪ وڏو انبوهه پاڻ سان گڏ ويٺل نظر ايندو ۽ انهن مان هر هڪ جي هٿ ۾ ڪارو تنو هوندو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڊ ٽڪا گهوڙا، غيباٽا سوار

ڪمزور ماڻهوءَ تي هر ڪنهن جي سڌ هوندي آهي. ڪمزور قومن جو به ساڳيو ئي حال آهي. آيو ويو پيو ساڻن ڇيڙڇاڙ ڪندو. سندن حق ڦٻائيندو. وڙهسان وڙهسان ڪندو. حالتن هاڻي اسان کي آڻي حقيقتن جي ڪٽهڙي ۾ بيهاريو آهي، جتي چاهيون نه چاهيون، مڃڻو ئي پوندو ته اسان هڪ ڪمزور قوم آهيون. چوڻ سان ڇا ٿو ٿئي؟ لک چئون ته اسان دودا دلير آهيون. پر سچائي پڌري پٽ پئي آهي. پنهنجن ۽ پراون هٿي اسان جون جناخون ڪڍي ڇڏيون آهن، ڏارين جو ڏوهه گهٽ، پنهنجن جي غداري وڏيڪ. ڌارين تي ميار ناهي. انهن جا پنهنجا مفاد آهن. پنهنجن جي بي حيائيءَ ۽ بي غيرتي ۽ ابن الوقتيءَ پيرن هيٺان زمين ڇڪي ورتي آهي. اڳ به چار نالا لعنتين جا هوندا هئا جن تي پيا تبرا پوندا هئا. هاڻي ڪم ڳاٽاٽي ڪان چڙهي ويو آهي. وڌيڪ خطرناڪ ته اهي آهن جيڪي ٻاهران ٻاهران وڏا قوم پرست ۽ سنڌين جا هڏڏوکي هئڻ جا دعويدار آهن پر اندران ئي اندران ٽڪي جي معمولي ڪرسيءَ خاطر ڪو به ڪراهت جهڙو ڪم ڪرڻ کان ڪو نه ڪيٻائيندا.

پنجاب جيڪو وڏي ڀاءُ هئڻ جو دعويدار آهي ۽ جنهنجا ارادا پهرئين ڏينهن کان ڳجها ڪو نه هئا، سو هاڻي کليءَ طرح سنڌ کي نيست ۽ نابود ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ ڪاهي آيو آهي. هونئن ته سنڌين پنهنجي گهر کي پاڻ ئي ڪنڊن جي سيج بنائڻ ۾ وسان ڪو نه گهٽايو آهي. هر قسم جي ماڻهن کي پنهنجي اڱڻ ۾ آباد ڪري هنن پنهنجي پير تي پاڻ ئي ڪهاڙو هنيو ۽ ان مٿان ستم اهو ڪيو جو اسان مان ڪن ڪين پنهنجو سڄڻ سمجهي، انهن کي پنهنجي حقن جي جدوجهد ۾ شامل ڪيو. سواءِ چند باضمير دانشورن جي، جيڪي خود تعداد ۾ اٽي ۾ لوڻ برابر به ناهن، ٻئي ڪنهن به ڌارئي سواءِ ڏٿن ڏيڻ ۽ وقت تي ڌڪ ڪڍڻ جي ٻيو ڪجهه نه ڪيو. ڪرڻ به نه گهرجي. هرڪو ماڻهو سياري جي سوڙ پاڻ ڏانهن ڇڪيندو. اهي فقط اسان ئي آهيون، جيڪي ٻين جي غم ۾ لوڻ پاڻي ٿيندا ٿا وڃون.

اڳ هڪ طرفو حملو ٿيندو هو ٻوليءَ جو معاملو ون يونٽ جو مسئلو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪراچيءَ جو مامرو اهي سڀ ڏار ڏار وقتن تي اٿاريا ۽ اڀاريا ويا. اسان جون تحريڪون ان ڪري ڪامياب ويون جو اسان کي نہ صرف وقت ملي ويو بلڪ هڪ اڪيلي مسئلي تي هڪ ئي وقت ڏيان ڏيڻ سولو هو هاڻي ايئن ناهي. هڪ ئي وقت چئني پاسن کان. ٻيو ڪري اسان جون طاقتون ۽ حوصلا ورهايا ٿا وڃن. ڪلهہ تائين اسان جي نون سنڌين پنجاب کي غاصب پئي سڏيو. اڄ لوپي ۽ ٽوپي پاڻ ۾ ٺهي ويا آهن ۽ ٻنهي جي بندوقن جو منهن اسان ڏانهن آهي. سنڌ جي 39 وزيرن ۽ صلاحڪارن مان صرف 11 سنڌي آهن. وڏي وزير ۽ سندس ڪابينا جي سنڌي ميمبرن جا ٽپڙ ساريا پيا آهن. ٻُربل وانگر ڇپي تي ويهڻ لاءِ رڳو سيٽيءَ جي ضرورت آهي. اجهو باقي ٽورن ڏينهن جي ڳالهہ آهي. شوڪت عزيز کي ٽر مان چونڊجڻ ڏيو. اسان جا سڀ وزير امير ڪالاباغ سميت هر شيءِ چانديءَ جي پليٽ تي رکي وڃي حاڪمن جي حضور ۾ پيش ڪري ايندا. سنڌ جو سودو هاڻي اسان جي ڪريل نمائندن بجاءِ ٻيا ڪندا ڇو تہ انهن جي اڪثريت آهي ۽ اڪثريت کي سوديبازي ڪرڻ جو حق آهي. اسان هر راند وڃائي ويهي رهيا آهيون. اڃا گذريل هفتي جي ڳالهہ آهي تہ سنڌ جي وڏي وزير فاطمہ ثريا بجيا کي پنهنجو صلاحڪار مقرر ڪيو آهي. هيءَ ان ماڻهوءَ جي ڳالهہ آهي جيڪو سنڌ ۽ سنڌين جي حقن لاءِ وڙهڻ جي ڳالهہ ڪندو رهندو آهي. ڇا سنڌ اندر ڪو بہ اهڙو هڪڙو ليکڪ يا دانشور باقي نہ رهيو آهي، جيڪو سنڌ جي لائق فائق چيف منسٽر جي صلاحڪاريءَ جو اهل هجي؟ ڇا واقعي هاڻي اسان سنڌين جو سنڌ تي ڪو حق باقي نہ رهيوآهي؟ هن زمين تڪري تي اسان ڪمزور وارثن ڪانسواءِ هر آئي وئي جي مالڪي ٿيندي پئي وڃي. هر گرو گنجو پوءِ چاهي اهو پنجاب هجي يا سرحد يا بلوچستان يا هندستان جو هجي، اسان جي زمين، اسان جي وسيلن، اسان جي روزگار جو مالڪ بڻجي چڪو آهي. صرف اسان کي ئي ڪو حق ناهي.

اهڙين حالتن ۾ اسان لاءِ صرف بہ رستا بچن ٿا. هڪ اهو تہ ابن ڏاڏن وانگر رضا تي راضي رهي، هر ڪم قلندر تي ڇڏي، سوڙ پائي سمهي رهون. جنهن کي جيڪي وڻي سو ڪري! سنڌ صوفين جي سرزمين آهي، اهي پاڻهي سندس حفاظت ڪندا! ٻيو هيءَ تہ اسان پنهنجي وارثيءَ جو حق جتائيندي اهو سڀ ڪجهہ موٽائي وٺون جيڪو گذريل 57 سالن ۾ اسان کان طرح طرح جي حيلن بهانن سان کسيو ويو آهي.

جيڪڏهن رلي پائي ليٽڻ جو فيصلو آهي تہ پوءِ توهان کي مبارڪ هجي، ڇو تہ اهو ڪم اسان ورهاڱي کان وٺي ڪندا پيا اچون. وڌيڪ ڪجهہ بہ ڪرڻ جي ضرروت ناهي پر جي حقن لاءِ ويڙهاند جو فيصلو آهي تہ پوءِ اچو تہ ان فيصلي ۾ ڇپيل تفصيلن تي غور ويچار ڪيون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪالاباغ ڊيم مرده باد. ٿل ڪئنال مرده باد. پنجابي سامراج مرده باد! اهو سڀ ڪجهه پنهنجيءَ جاءِ تي، پر ڇا واقعي اسان جي مرده باد چوڻ سان يا اسان جي ٽنگون ٻانهون ڀڃڻ جي ڌڙڪي سان يا اسان جي بڪ هڙتالن، ايجيٽيشن ۽ لانگ مارچ سان هو ڊڄي ڀڄي ويندا ۽ سنڌ ساڳي پراڻي حالت ۾ اسان کي موٽي ملندي؟ ڇا سنڌ مان غيرسنڌي هاڻي پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي ويندا؟ ڇا اسان جا ليڊر ايترا سچا آهن. جيتري هام هڻن ٿا؟ ڇا اسان جو اديب ۽ دانشور، نوان توڙي پراڻا، ڪا عملي جدوجهد ڪرڻ لاءِ تيار آهن؟ ڇا اسان جو ڪامورو پنجاب جي ڪاموري جيان ڪليو ڪلايو پنهنجي ماڻهن جي لاءِ دنيا جي آڏو ديوار جيان اڏول ٿي بيهندو؟ ۽ ڇا سنڌ ۾ آيل هندستاني پناهگيرن جي اڳواڻن جيان ڪو اهڙو واحد ماڻهو به آهي جنهن جي اشاري تي هزارن لکن جو مجموعو اٿي بيهي، ويهي رهي، خاموش رهي يا ملڪ ۾ ٻائيتال ٻاري ڏئي؟

انهن سمورن سوالن جا جواب اسان کي انهن ماڻهن کان گهرجن. جيڪي سنڌ جي وارثيءَ جا دعويدار آهن. اهي چاهي سياستدان هجن يا ڪامورا يا اديب يا دانشور يا صحافي يا پيشيور يا ڏنڊوڙي يا عام ماڻهو انهن جو جواب ۽ جواب کان پوءِ ان مطابق تحرڪ ديرپا هوندو. اچو ته هاڻي ڪنهن به قسم جي ويڙهاند (قلمي، علمي يا عملي) کان اڳ پهريون پنهنجي دل و دماغ کان پڇي پڪ ڪيون ته جيڪو ڪجهه ڪرڻ اسان وڃي رهيا آهيون، اهو اسان جو آخري فيصلو آهي يا نه؟ جي آهي ته پوءِ پلي سنڌ جي هر دردمند انسان کي پاڻ سان گڏ ڪٺي نڪرون. ياد رهي ته سنڌ کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ جو فيصلو ڪرڻ وارا ڪي به چار ارسا يا واپڊا يا ٻئي ڪنهن اداري جا ميمبر نه بلڪه ڪي وڏا بازيگر آهن جن جي آڱرين ۾ ٻڌل ڏاڳي جي ڏور اسان جي وڏن پيرن ۽ ميرن ۽ اميرن جي ڳچيءَ چوگرد لپيٽيل آهي. ٿوريءَ سٽ تي سنڌن رڪارڊ ابتو وڄڻ شروع ٿي ٿو وڃي. گلڻ واري گهُمري ڏئي ٻولي ئي ٻي ٿا ٻولين. اديبن ۽ دانشورن مان گهڻي اميد رکڻ سان مايوسي وڌندي. اول ته ڪين ٻڌي ڪير ٿو پر جي ڪنهن حاڪم کي پل چڪ ۾ سندن اهميت جو اعتبار ڏياريو به وڃي ٿو ته پوءِ سنڌي ادبي بورڊ واري معاملي ۾ ڪيل سندن ڪارنامو اسان جون اکيون کولڻ لاءِ ڪافي آهي. ان ڪري منهنجا مظلوم، محروم، مجبور ساٿيو ڪو سڄ اپارٽو آهي، ڪو ٻوٿو پارٽو آهي يا ٻڌيءَ کي تارٽو آهي ته پوءِ گوڏو گڏي ويهڻو ئي پوندو جذبات کان پاسيرو ٿي وڏي ڏاهپ ۽ سنجيدگيءَ سان صلاح ڪري قدم کڻڻو پوندو. پر ان سڄي عمل ۾ سنڌ جي عام ماڻهو کي ساڻ وٺي هلڻو پوندو. ڇو ته اصلي مالڪ ۽ وارث اهو ئي آهي. هن وقت تائين ڏک ۽ ڏاڍايون ان ئي سٺيون آهن. وقت آيو آهي ته ڪيس رهنمائيءَ جو ڪسيل حق موٽائي ڏجي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سينئرز خلاف طوفان بدتميزي

چونڊا آهن تہ الله سائين شل گنجي کي ننهن نہ ڏئي، پولي کي بندوق نہ ڏئي ۽ لنگور کي انگور نہ ڏئي. هر حال ۾ پنهنجو توڙي پرائو نقصان ڪري پوءِ دم پٽيندا. ڪڙم جي ويري ان قبيلي جو پڻ ساڳيو ئي حال آهي. رب پاڪ کين وت ڪان وڏيڪ نوازيو آهي. بجاءِ ان جي جو هو پنهنجا وسيلا پنهنجيءَ قوم ۽ مظلوم ماڻهن جي غمن گهٽائڻ لاءِ استعمال ڪن، هو سنئون سڌو سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن کي ورهائڻ ۽ ويڙهائڻ لاءِ سندرو ٻڌي ويهي رهيا آهن. اسان جو ٻچو ٻار به ڄاڻي ٿو ته هيءَ وقت سنڌ مٿان قهر ٿي ڪڙڪيو آهي. لطيف سائينءَ جي "ياڳا ٽينڊي سهڻي" واري اڪيلي ذري گهٽ اڄي پوري ٿي آهي. هڪ طرف دريا شاهه تي ڏاڙو هڻڻ لاءِ بند ٻڌڻ جا بندوبست ٿي رهيا آهن ته ٻئي طرف سنڌ جي نقشي کي چيري ڦاڙي ٽوٽا ٽوٽا ڪري، ڏارين جي غلبي وڌائڻ لاءِ ڇتيون هٽي ٽنيڻ سان ڀيهر اهڙو روپ پيو ڏنو وڃي، جنهن ۾ سنڌي قوم پنهنجي ئي گهر ۾ ٽوراڻيءَ ۾ تبديل ٿي رهي آهي. روزگار، صحت ۽ تعليم جي ته ڀيڙي سير تي آهي ئي، هاڻي ته مورڳو جياپي جي جنگ به هارائيندا پيا وڃون.

پهريون شيرافگن جهڙا ماڻهو پريان ويهي دڙڪا ۽ دهمان ڏيندا هئا. هاڻي ته چوڌري صاحبان در تي اچي ست سريون ٻڌائي وڃي ٿا پار پون. پناهگيرن جي آڌار تي بيٺل سڪٽن جي حڪومت سنڌن هر انگل پورو ڪرڻ لاءِ ماندي آهي. نوڪرين ۾ ستر سيڪڙو ونڊ ڪان پوءِ به سندن دلجاءِ نٿي ٿئي. ڪراچيءَ ۾ هاڻي نالي ڪاڻ به ڪوئي سنڌي اسڪول باقي ڪو نه رهيو آهي، پر هو سنڌي زبان کي هڪ سبجيڪٽ طور قبول ڪرڻ لاءِ به تيار ناهن. ڏيکارڻ لاءِ لباڙ هرڪو پيو هڻي، عملي طور سنڌ کي بچائڻ لاءِ اڳتي وڌڻ جو دم ڪنهن ۾ ناهي. اسان جا نمائندا لوسين جيان رڳو اقتدار جي هڏيءَ پويان نوس نوس ڪندا ٿا وتن. انهن کي عام اڳيان اگهاڙو ڪرڻ جي ڪنهن ۾ همت ناهي. ويچارا سنڌي نوجوان يتيمن جيان وتن ٿا نعرا هڻندا، نوڪرون کائيندا، خودڪشيون ڪندا يا جيل ڀريندا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن جي ڪنهن کي ڳڻتي ناهي. سنڌي ثقافت جي تڏا ويڙهه شروع ٿي وئي آهي. اسان جي قومي ورثي وارن ماڳن مڪانن تي يا ته اڇي رينجرن قبضا ڪيا آهن يا وري ناڻڪين اڇي ديرا دمايا آهن. انهن جي به ڪنهن کي سار ناهي. سنڌ ۾ لچي لوفر کي ڇوٽ ڇڏيو ويو آهي. شهرن ۾ پانت پانت جا غير ملڪي ڪاهي آيا آهن. مافيائن جا ماڻهو سمگلنگ، ڌاڙن، خونن، ڦرمار ۽ عصمت فروشيءَ جهڙن ڌوهن ۾ ڪلم ڪلا حصو وٺي، امن امان جي صورتحال بگاڙي رهيا آهن ۽ ڳوٺن ۾ ڌاڙيلن، وڏيرن، پوليس ۽ سردارن کي کلي ڇوٽ ڏني وئي آهي ته پل ته هو غريبن، بي پهچ ماڻهن ۽ اشرافن جو جيئڻ جنجال ڪن.

اهڙيءَ صورتحال ۾ ٿيڻ ته ايئن گهربو هو ته ميڊيا سميت هر شعبو پنهنجي پنهنجي مورچي تي مضبوطيءَ سان بيهي سنڌين جي جياپي جي جنگ ۾ سندن ساٿ ڏئي ها پر ايئن نه ٿيو. فرض شناس ۽ باضمير صحافي پنهنجين ذميدارين کان به ڀه قدم اڳتي وڌي ويڙهاند ڪري رهيا آهن پر چند ڏيڪاءُ پسند ماڻهو جيڪي ٿوم مان زعفران ٿيا آهن ۽ جن جي آڏو ڏوڪڙ جي اهميت ڏيهه توڙي ڏات کان وڌيڪ آهي ۽ جيڪي هميشه ساٽيهه جي سودي ۾ سڀ کان سرس رهيا آهن. تن کي نه سنڌي قوم سان دلچسپي آهي نه سنڌيت سان لڳاءُ، نه جياپي جي جنگ ۾ حصيدار رهيا آهن ۽ نه وري ڪڏهن سچ جو ساٿ ڏنو اٿن. سي هر اهڙي وقت تي ڦرتي ڪائي ڪو نه ڪو نئون چيڏڪ ڇڏيندا آهن. جڏهن محروم ۽ مجبور سنڌي پنهنجن حقن حاصل ڪرڻ لاءِ گڏجي سڏجي هٿ پير هڻي ڪو جتن ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ته سنڌي ماڻهن کي ڇني، توڙي، ڌارئون ڌار ڪرڻ، ننڍن کي وڏن کان بدگمان ڪرڻ، اهم قومي مسئلن کي پاسيرو رکي، غير اهم، غير سنجيده ۽ بي وقتائتين ڳالهين ۾ ماڻهن کي الجهائڻ هميشه سندن وَڙ ۽ وتيرو رهيو آهي. اهو سڀڪجهه اوچتو ۽ اڻ ڄاڻائيءَ ۾ نه ٿيندو رهيو آهي. ان جي پويان شعوري ڪوشش ۽ ڪاوش هر حال ۾ ڪارفرما هوندي آهي. سنڌ جا ماڻهو هاڻي نه ڇريا رهيا آهن نه اڻ ڄاڻ ۽ نه ئي وري سادا. ڌارين جي ڌڪن، پنهنجن جي ڌوڪن ۽ سرڪار جي ڏڏڪين کين گهڻو ڪجهه سيکاري ڇڏيو آهي. هنن کي ڄاڻ آهي ته ڪير ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهي. ڪير سندن سڄڻ ۽ غمخوار آهي ۽ ڪير ڪنهنجي پڳهارداريءَ ۾ آهي. هو ٻڌن سيني جي ٿا پر راءِ پنهنجي ٿا رکن. سنڌ جو نوجوان سرڪش ۽ سورهيه آهي. حساس هئڻ جي ناتي هو قومي ڪارج ۾ هر انهي ماڻهوءَ جي پويان آس ۽ اميد تي لڳي ضرور ٿو پوي جيڪو کيس سنهرا سپنا ۽ لياڻيندڙ نعرا آڇي ٿو. پر جڏهن بگهڙ جي کل تان ڇيڻي جا ڇٽ ڏوپجي لهڻ لڳن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تا، تڏهن سندس ڪاوڙ ۾ ڪروڌ جي ڪا انتها نٿي رهي.

اسان جا هي ڪرم جا ويري ڪمدار، سنڌي نوجوان جي جذبات سان کيڏڻ لاءِ نت نوان گهاٽ گهڙيندا پئي رهيا آهن. ڪيس پنهنجي مارڳ ڪان پري رکڻ لاءِ ڪڏهن ڪاروڪاريءَ جو ڪڏهن پيار جي پرڙي جو ته ڪڏهن قبائلي ۽ قبيلائي جهيڙن جو کيل کيڏندا رهيا آهن. جن صفحن تي ڪالاباغ ۽ ٿل ڪئنال، بيروزگاري ۽ بداعتمادي، ٻولي، ناٽي ۽ وسيلن جي ورچ کي اوليت ڏيڻ گهرجي ها، اتي گهران ڀڄي ويندڙ نارين جا فوٽو ۽ ساڻن جنسي ڏاڍائيءَ جا چٽپٽا تفصيل ڏئي قومي ڪاز کي ڇيهو رسائيندا رهيا آهن. سينيئر ۽ جونيئر اديبن جي وچ ۾ نفاق جو ٻج ڇٽيندا رهيا آهن. ون يونٽ خلاف جنگ جوٽيندڙ سرڪرده ليکڪن کي وڪاڻل سفارشي ۽ ڪرپٽ ثابت ڪرڻ لاءِ پنهنجن پگهاردار ماتحت ۽ ملازم ماڻهن جي نالي ۾ فرضي ڪالم ۽ خط ڇپائيندا رهيا آهن. گهٽيا ۽ گهنائوني ٻولي جو سهارو وٺي سندن ڪردار ڪشي ۽ دل آزاري ڪندا رهيا آهن. اهو ثابت ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندا رهيا آهن ته سنڌي اديب هڪ قبيلو ناهن بلڪ ڪيترن ئي ڌڙن ۾ ورهايل آهن. هر هڪ ڌڙي کي ٻين کان نه صرف شڪايتون آهن بلڪ نفرت پڻ آهي. ان سازش ۾ اسان جا يار ڪن خاص ماڻهن کي پنهنجي بدڪلاميءَ سان ايترو ته نوازيندا رهيا آهن جو ڪو به غيرتمند ۽ حساس ماڻهو ڪنهن به صورت ۾ برداشت ڪري نه سگهي. پوءِ به عرصي تائين ڪين سندن شرارتن جو جواب نه ڏئي، سنجيده اديبن پنهنجي ڀرپور شرافت جو مظاهرو ڪيو. چپ رهيا. ڀڙڪ ٻاهر نه ڪڍيائون. چڙ ڏياريندڙ تحريرن کي ڏسي هنن ان آس تي خاموشي اختيار ڪئي ته تي سگهي ٿو ته اڳتي هلي ڪين پنهنجي رويي تي شرمساري ٿئي پر پوءِ به ڪؤنس، ڪيچل ۽ ڪانهر جاري رهي. ”جيئن ٿڏ تيئن وڏ“ جي چواڻي همراهه ڦوڪجي، شوڪجي، ڦنڊي شير ٿي پيا. ذاتيات تي لهي آيا. ادب ته رهيو پنهنجي ماڳ، مورڳو بي ادبيءَ جي سرحد پار ڪري ويا. سچ پڇو ته اسان لک ڪوششون ڪيون ته به اهڙي گندي زبان استعمال نٿا ڪري سگهون. اسان ڪان نه چيلڙين جا قصا بيان ٿيندا، نه ليلڙين جا ۽ نه وري ٻري ٻڪرين جا. اسان شريف ماڻهو آهيون. اوستائين چپ رهياسين، جيستائين اسان کي پت سان نه لڳايو ويو هو. نڙيءَ تي ننهن ايندو ته دوڏا ته ڦوٽاريا. غليظ گارين ۽ اجايا الزام رڳو اسان ته نٿا پڙهون. اسان جو اولاد، اسان جا گهرڀاتي، اسان جا دوست، اسان جا خيرخواهه به پڙهن ٿا. اسان ڀلي ڪمزور هجون يا اشراف، اسان جا سڀ واسطيدار ته اسان جهڙا ڏڄڻا ناهن. هنن کي ڪيستائين ٽاريندا ۽ ٽاريندا رهنداسين؟ هنن وٽ هزارين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوال آهن، آخر ڪيستائين جواب ڪان لنوائيندا رهنداسين؟ هجي ڪا علمي ادبي تنقيد تہ ڪٿي جواب بہ ڏيون. بدتميزيءَ ۽ بداخلاقيءَ جو ڪهڙو جواب ڏيون؟ ڪنهن کي قمر شهباز جي قد جو فڪر آهي تہ ڪنهن کي شمشير الحيدريءَ جي بت جي ڳڻتي! ڏيگهہ ۽ ٿولهہ جي غم ۾ غلطان انهن ماڻهن کي ڪهڙو آٿت ڏيون؟ حميد سنڌي، شوڪت شورو، هدايت بلوچ، تاج جويو تاج بلوچ ۽ ٻين تي تہ چوهہ چنبڄن پيا. ويچاري ماهتاب محبوب ۽ مهمان سريش ڪيسواڻيءَ ڪهڙو ڏوهہ ڪيو؟ اسان تہ ڪنهن جي نہ ٻلي ماري ڇاڻون نہ ڏاري ڇاڻون. ان جي باوجود پيا ٽا ڏينهن ڪان پڇجون! هر آيو ويو، ايرو غيرو، ٿوٽ ٽرڙو جنهن کي هٿ ۾ پورو قلم بہ جهلڻ نٿو اچي، سو اهڙي تہ ڏاڍر سان ڪاهيندو ٿو اچي ڄڻ اديب ناهيون، ڪي اخلاقي مجرم آهيون جن کي سڳ سوڌو پڪڙيو ويو آهي چرسي، موالي، ڪلارڪ ۽ پٽيوالاهڪ طرف تہ ڇيڳريون چوريون ٻئي طرف مالڪن جي حڪم تي رسا چنائي اديبن، ليڪڪن ۽ دانشورن جي پويان ايئن پئجي ويون آهن جو لڳي ٿو ڄڻ سنڌي سماج ۾ ڪو خطرناڪ ڀونچال اچي ويو آهي ۽ اهو سيڪجهہ هڪ ڌر طرفان يڪطرفو ٿي رهيو آهي. پڙهڻ وارا نہ انڌا آهن نہ ٻي سمجهہ. سيڪجهہ سمجهن ٿا. ڪجهہ وقت اڳ مانواري محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ کي پڻ انهيءَ عذاب مان گذرڻو پيو هو. اشراف ماڻهو سور پي مات ڪري ويهي رهيو. اسان بہ مات ڪئي هئي ان آسري تي تہ آخرڪار ڏوٽي ڏوٽي ٿڪجي پوندا پر هنن اسان جي خاموشيءَ کي ڪمزوري سمجهيو. سچ چيو اٿن تہ چتي ڪتي جو علاج آهي هڪ پتر. هاڻي هڪ پتر لاءِ نہ سوين پترن لاءِ تيار ٿي وڃن. انگريزيءَ ۾ چوندا آهن تہ Enough is enough هر ڳالهہ جي بہ ڪا حد ٿيندي آهي. حد ٽپڻ ڪان پوءِ هرڪو پنهنجي لنگوٽيءَ جو پاڻ ذميوار آهي. ٻين جي ٽوپي لاهڻ وارا هاڻي پنهنجيءَ پڳ کي قابو جهلين.

مون تي گيهہ ڪارپوريشن، حميد سنڌيءَ تي شادي شهيد ۽ غلام نبي مغل تي فوڊ ڊپارٽمينٽ ۾ ڪرپشن جا ڪوڙا الزام ايترا دفعا تہ ورجايا ويا آهن جو هاڻي تہ هرڪو لئي مان لٽ پيڃي، فيشن طور انهن الزامن کي دهرائڻ پنهنجو فرض ٿو سمجهي. ادب جون اهي صنفون اسان پهريون پيرو ٻڌيون آهن. نوجوان نسل جي ذهن ۾ زهر پرڻ وارا اهي الزام اسان کي نہ صرف ادبي حلقن ۾ بدنام ڪرڻ لاءِ لڳايا پئي ويا آهن، بلڪ اسان جي سماجي حيثيت کي پڻ ڇيهو رسائڻ لاءِ بار بار پئي استعمال ڪيا ويا آهن. مون کي پڪ آهي تہ اڄ ڪان پوءِ ڪنهن کي بہ اهي بي بنياد ۽ ڪريل الزام لڳائڻ جي همت نہ ٿيندي اهو ڪيئن، سو مان ٿو توهان کي ٻڌايان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جو ٻچو ٻچو ٻار ٻه ڄاڻي ٿو ته هيءُ وقت سنڌ مٿان قهر ٿي ڪڙڪيو آهي. لطيف سائين جي "ياڳا ٿيندي سهڻي" واري اڳڪٿي ذري گهٽ اڄي پوري ٿي آهي. قنڌارئون جوڪو ته هئو ئي، هاڻي ته چئني پاسي ڪُنن جا ڪڙڪا پيا ٿا پون. هڪ طرف دريا شاهه تي ڏاڙو هڻڻ لاءِ بند ٻڌڻ جا بندوبست ٿي رهيا آهن ته ٻئي طرف خود سنڌ جي نقشي کي چيري ڦاڙي، ڇيهون ڇيهون ڪري، ڌارين جي غلبي وڌائڻ لاءِ چٽيون هڻي، ٽنهڻ سان ٻيهر اهڙو روپ ڏنو پيو وڃي، جنهن ۾ سنڌي قوم پنهنجي ئي گهر ۾ ٿورائيءَ ۾ تبديل ٿي رهي آهي. هاڻي ته مورڳو جياپي جي جنگ ٻه هارائيندا پيا وڃون. جڏهن ملڪ جو سربراهه ئي سنڌين کي نااهل چوي ته پوءِ ٻئي ڪنهن تي ڪهڙي ميار؟

ويچارا سنڌي نوجوان يتيمن جيان وتن ٿا نوڪرون ڪائيندا. ٻاڏائيندا ۽ مايوس ٿي خودڪشيون ڪندا يا جيل پريندا. مٿن ڪنهن کي ڪهل نٿي پوي. ڪنهن کي ڳڻتي نٿي ٿئي. سنڌي ثقافت جي تڏا ويڙهه شروع ٿي وئي آهي. اسان جي قومي ورثي وارن ماڳن مڪانن کي يا ته رينجرز جي حوالي ڪيو ويو آهي يا وري ناٽڪين ۽ ناچ گانن وارن جي ور چاڙهيو ويو آهي. انهن جي ٻه ڪنهن کي سار ناهي. شهرن ۾ پانت پانت جا غيرملڪي ڪاهي آيا آهن. ڪن کي پاڻ گهرايو ويو آهي. ڪي زوريءَ ديرو دمائي ويهي رهيا آهن. مافيائن جا ماڻهو سمگلنگ، ڏاڙن، خونن، ڦرمار ۽ عصمت فروشيءَ جهڙن ڏوهن ۾ ڪلم ڪلا حصو وٺي رهيا آهن. امن امان جي صورتحال بگڙي چڪي آهي. ڳوٺن ۾ ڏاڙيلن، وڏيرن، پوليس ۽ سردارن رڻ ٻاري ڏنو آهي. هو غريبن، ٻي پهچ ماڻهن ۽ اشرافن جو جيئڻ جنجال ڪري چڪا آهن. ضلعا ٽوڙي نيون حدبنديون ڪري هر هنڌ سنڌين جي گهٽائي گهٽائي ڌارين جي نمائندگي وڌائڻ جون سازشون زورن تي آهن. ڪهڙي ڏاڍائي ناهي جيڪا هن وقت سنڌ ۽ سنڌين سان نه ٿي رهي هجي؟ ليڊر خاموش آهن. عوام هيسيل آهي. احتجاج ناڪافي آهي. ايئن ٿو لڳي ڄڻ اسان هڪ فتح ٿيل قوم آهيون جنهن سان غلامن کان ٻه بدتر سلوڪ ڪيو پيو وڃي. اهڙيءَ حالت ۾ ٿيڻ ته ايئن گهربو هو ته سموري سنڌي ميڊيا پنهنجي پنهنجي مورچي تي مضبوطيءَ سان بيهي سنڌين جي حقن ۽ جياپي جي جنگ ۾ ڪو اهم ڪردار ادا ڪري ها. ياد رهي ته اهي صحافي ئي هئا جن الوحيد، هلال پاڪستان توڙي جاڳو جي ذريعي مختلف دورن ۾ قوم جي اڳواڻي پنهنجن هٿن ۾ ڪنئي ۽ اهڙو ممڻ مچايو جو سنڌ ۾ نئون روح، نئين حرارت ۽ نئين زندگي پئجي وئي. ساڻن گڏ هئا شاگرد ۽ اديب. هر هڪ پنهنجو پنهنجو رول ادا ڪيو پر منزل ساڳي هئڻ سبب

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٽ هٽ ۾ ڏئي ھليا. نہ ڪو ننڍو ھو نہ ڪو وڏو. نہ جونيئر نہ سينيئر. نہ امير نہ غريب. سڀ مظلوم سنڌي ھئا. سيني جي راھ ساڳي ھئي. واھ ساڳي ھئي. چاھہ ساڳو ھو. شيطان ان وقت بہ ھئا. شرارتي بہ ھئا. سرڪاري چغلخور بہ ھئا پر سنڌين جي مثالي ٻڌيءَ آڏو سندن ڪا بہ سازش ڪامياب نہ ٿي. ماڻھن ڪين ڏڏي ڇڏيو. ٽوڪاري ڇڏيو. نظرانداز ڪري ڇڏيو. انھن ڏينھن ۾ تہ وڏا الزام لڳايا ويندا ھئا. اسان کي ملڪ دشمن، غيرن جو ايجنٽ، ملحد ۽ ڪافر سڏيو ويندو ھو. اسان تي ملڪ ٽوڙڻ جا الزام لڳايا ويندا ھئا. ڪيس داخل ٿيندا ھئا. وارنٽ نڪرندا ھئا. گرفتاريون ٿينديون ھيون. ھر طرح سان ڊيڄاريو ۽ دڙايو ويندو ھو. نوڪرين وارن سان تہ عقوبتون ٿينديون ھيون. ون يونٽ واري تحريڪ دوران تہ پوليس، ڪورٽ ۽ ڪچھري عام ھوندي ھئي. ان کان پوءِ بہ ڪنھن سک سان ويھڻ نہ ڏنو ڪنڊڪوٽ ۾ منھنجي پويان ملا ڇڏيا ويا جيڪي نہ رڳو منھنجي ڪافر، جي ايم سيد جي پوئلڳ ۽ پارٽي ايجنٽ ھئڻ جي ڏينھن رات پروپيگنڊا ڪندا رھندا ھئا بلڪ جمعي جي نماز تي مجموعي اڳيان گارگند بہ ڪندا ھئا. ڪنڊڪوٽ جا شھري ۽ منھنجا پراڻا شاگرد اڄ بہ ان جي شاھدي ڏيندا. ڊي ايس پي لال محمد رند ۽ اي ايس آءِ شھمير خان ھاڻي گذاري ويا آھن پر ڪرڪيٽر ۽ اي ايس آءِ حق نواز بلوچ اڄ بہ زندھ آھي. ھو اکين ڏٺو شاھد آھي تہ پٽي صاحب جي حڪم تي گرفتاريءَ جا وارنٽ تعميل ڪرڻ لاءِ ڪيس ٺي مقرر ڪيو ويو ھو ۽ ھن اشراف دوستيءَ جو حق نباھيندي، ٻُٽ ٻڌي، لڪ چوريءَ ۾ مون کي اڳواٽ اچي خبردار ڪيو ھو. ڊي سي اڪرام ۽ جيڪب آباد جو ان وقت جو ايڊمنسٽريٽر ۽ منھنجو دل گھريو دوست ابراھيم پٽو ھن دنيا ۾ ڪو نہ رھيا آھن پر جسٽس عبدالرزاق ٿھيم، جيڪو ان وقت وڪيل ھو ۽ ڊي ڊي اي جو سيڪريٽري ھو ۽ ھاڻي سينيئر آھي، ان کان پڇو تہ ٻئي پيري مون تي ڪھڙا الزام ھڻي گرفتاريءَ جا آرڊر جاري ڪيا ويا ھئا. خوجا صاحب کي الله تعاليٰ جنت نصيب ڪري، ھو اسان کان جسماني طور ڌار ٿي ويو آھي. سي آءِ ڊي جو گلاب ميمڻ بہ فوت ٿي ويو آھي پر منير مگسي حيات آھي ۽ سچل ڳوٺ ۾ رھندو آھي. ڪانئس پڇو تہ اسان کي ڪھڙن ڏوھن ۾ پڪڙيو ھئائون؟ وزير در محمد اوستي ڪھڙي گناھ جي سزا ۾ مون کي سسپينڊ ڪيو ھو. اھو احوال تہ توھان کي شاعر ملڪ نديم ٺي ٻڌائي سگھندو. گيھ ڪارپوريشن جي ڪرپشن جي واويلا ڪندڙ ماڻھو سنڌ ھاءِ ڪورٽ جو آرڊر پڙھي ڏسن ڪين خبر پئجي ويندي تہ اھو ڪنھن بہ طرح بدعنوانيءَ جو ڪيس نہ ھو. بلڪ سياسي فائدا حاصل ڪرڻ لاءِ ان وقت جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪومت مون تي نہ صرف ڪيس داخل ڪيو بلڪ طرح طرح جون تڪليفون ڏيڻ لاءِ تڪڙي اڪلاءَ واري ڪورٽ جي حوالي پڻ ڪيو. اڄ تائين مون ڏاڍي بردباريءَ سان آڳريون ڪٽڻ وارن کي نظرانداز پئي ڪيو آهي. هر روز جي چڙ ڏياريندڙ لکتن جو جواب ڏيڻ کان پاسو پئي ڪيو اٿم. ڄاڻي واڻي يا بي سمجهيءَ ۾ جن بہ ماڻهن ان حوالي سان منهنجي ڪردار ڪشي ڪئي آهي، تن سيني کي مون معاف ڪيو پر اهو ڪو بہ نہ وساري تہ مان ڪنهن وقت بہ هاءِ ڪورٽ جي 99-8-30 واري ان فيصلي جي حڪم عدولي ۾ پنهنجي بدناموسيءَ جي حوالي سان آئينده ڪنهن بہ اهڙي ليکڪ، پرنٽر ۽ پبلشر جي خلاف قانوني ڪارروائيءَ جو حق رکان ٿو جيڪو سوچي سمجهي يا اڻ ڄاڻائيءَ سبب يا ڪنهن جي چرچ تي ٻيهر اهڙي حرڪت ڪندو.

ڪيترائي فرض شناس ۽ باضمير صحافي وڏي ويڙهاند ڪري رهيا آهن پر چند ڏيکاءَ پسند ماڻهو جيڪي تومر مان زعفران ٿيا آهن ۽ جن جي آڏو ڏوڪڙ جي اهميت ڏيهہ توڙي ذات کان وڌيڪ آهي ۽ جيڪي هميشہ ساٽيهہ جي سودي ۾ سڀ کان سرس رهيا آهن، تن کي نہ سنڌي قوم سان دلچسپي آهي نہ سنڌيت سان لڳاءُ. نہ جياپي جي جنگ ۾ حصيدار رهيا آهن ۽ نہ وري ڪڏهن سچ جو ساٿ ڏنو اٿن. سي هر اهڙي وقت تي ڦڙتي ڪائي ڪو نہ ڪو نئون ڇيڏڪ ڇڏيندا آهن. جڏهن محروم ۽ مجبور سنڌي پنهنجن حقن حاصل ڪرڻ لاءِ گڏجي سڏجي هٿ پير هڻڻ جا جتن ڪندا آهن. سنڌي ماڻهن کي ڇني، توڙيءَ ڏاريون ڏار ڪرڻ، ننڍن کي وڏن کان بدگمان ڪرڻ، اهم قومي مسئلن کي پاسيرو رکي، غير اهم، غيرسنجيده ۽ اڻ مندائتين ڳالهين ۾ ماڻهن کي الجهائڻ هميشہ کان سنڌن وڙ پئي رهيو آهي. افواهہ ڦهلائڻ، شڪ پئدا ڪرڻ، ڪوڙي معلومات (Disinformation) ڏيڻ ۽ ان کي بار بار دهرائي سچ جو لباس پهرائڻ سندن طريقہ واردات آهي. مون تہ مٿي فقط پنهنجي باري ۾ بہ لفظ وضاحت جا چيا آهن. ٻين سنڌي ليکڪن ۽ دانشورن، جن جي عزت مٽيءَ ۾ ملائڻ لاءِ هيءُ ٽولو صبح شام سرگرم آهي، وٽ پڻ گهڻو ڪجهہ چوڻ لاءِ موجود آهي ۽ هن کان پوءِ هو بہ ماٺ ڪري ڪو نہ ويهندا ۽ ڪوڙي کي گهر پڄائي دم ڪٽندا. فرق صرف اهو هوندو تہ اسان شرافت جي زبان استعمال ڪنداسين. سنجيدگيءَ جو دامن هٿان وڃڻ نہ ڏينداسين. اخلاق کان ڪريل حربا ڪو نہ آزمائينداسين. دشمن کي ڪلڻ جو موقعو ڪو نہ ڏينداسين. ادب ۽ اخلاق جي حدن ۾ رهندي پنهنجي متعلق ڦهلايل غليظ پروپيگنڊا جو معقول ۽ مناسب جواب ڏينداسين. ايئن ڪندي سچ پڇو تہ اسان جي دل بہ اڏ تي ٽئي، ڪنڌ جهڪيو ٿو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچي. جيءُ تو جلي پر اسان کي اهڙي بري طرح تہ پٺ سان لڳايو ويو آهي جو پنهنجي عزت بچائڻ لاءِ مجبورن صفائي تہ پيش ڪرڻي پوندي. ايئن نہ ڪنداسين تہ پنهنجي نظرن ۾ پاڻ ڪري پونداسين. گواهہ رهجو تہ اسان هڪ تمام وڏي عرصي تائين پنهنجي ڪردار ڪشي ماٺ ميٺ ۾ سٺي آهي. چڙ ڏيارينڌڙ تحريرن کي نظرانداز ڪيو آهي. ذاتي حملن جو ڪو بہ جواب نہ ڏنو آهي. ادب جي نالي ۾ ٿيندڙ پنهنجي بي عزتيءَ کي وڏي صبر سان سٺو آهي پر هو جو چوندا آهن تہ برداشت جي بہ ڪا حد ٿيندي آهي. اسان جا بہ ٻار ٻچا آهن، ڪٽنب آهن، سماجي رشتا ۽ لاڳاپا آهن، تعلقات آهن. اهڙيون زهريليون تحريرون پڙهي اهي ڇا سوچيندا هوندا؟ توهان تہ پيءُ کي پٽ سان نظرون ملائڻ جي قابل بہ نہ ڇڏيو آهي. اسان جيڪي علمي ادبي خدمتون ڪيون، سي تہ لڙهي ويون. مورڳي Public trial وسيلي ڏوهاري ٺهرايا وياسين! واهہ جو صلو مليو آهي پنجاهہ سالن جي لڳاتار محبت، محنت ۽ عبادت جو!

علمي ۽ ادبي تنقيد ۾ توازن، تناسب ۽ ترتيب هوندي آهي. دليل ۽ دلائل هوندا آهن. اندر جي سچائي هوندي آهي. پڙهندڙ جي ذهني اوسر ٿيندي آهي. لکندڙ جي علمي ڄاڻ جو اندازو ٿيندو آهي. پراڻن ليکڪن جي معلومات ۾ اضافو ٿيندو آهي ۽ نون ليکڪن جي سکيا ٿيندي آهي. اهڙي قسم جي تعميري تنقيد تي نہ صرف ڪنهن کي اعتراض هئڻ نہ گهرجي، بلڪہ ان کي کليل دل سان تسليم ڪرڻ ۾ ئي سٺي ۽ سچي ليکڪ جو مان ۽ مرتبو وڏي ٿو گهٽجي نٿو. پر اهڙي شائستہ ۽ شاناٿي تنقيد سنڌي ادب کي ڪڏهن نصيب ئي ڪو نہ ٿي. جيڪي چند آڱرين تي ڳڻڻ جهڙا سريلا نقاد هئا سي بہ يا تہ لاڏاڻو ڪري ويا يا وري زماني جي بي رخي ڏسي مانڊڻي ڪري ويهي رهيا. اڄ جي ”تنقيد“ وچي ڏيکهہ ۽ ٽولهہ جي چڪر ۾ ڦاٿي آهي. فلاڻو ڏکهو آهي، فلاڻو ٽلهو آهي. فلاڻو سوٽ ٿو پائي، فلاڻو بوٽ ٿو پائي، فلاڻو سرڪاري ڪامورو آهي. فلاڻو بيروزگار آهي. سرڪاري ڪامورو آهي، ان ڪري ضرور سفارشي بہ هوندو، وڪاميل بہ هوندو ۽ ڪرپٽ بہ هوندو! بيروزگار آهي، ان ڪري وطن دوست بہ هوندو سچار بہ هوندو ۽ ايماندار بہ هوندو. فلاڻو سينيئر آهي، فلاڻو جونيئر آهي. سينيئر ضرور ٽڪل هوندو ڇٽل ڪارتوس هوندو پر عهدي ۽ ڪرسيءَ لاءِ ڇتو هوندو صدارتن جو بکيو هوندو. نوجوانن جي راهہ ۾ رڪاوٽ هوندو ٻين جا حق ماريندو هوندو! وغيره وغيره.

ان قسم جي ”تنقيد“ سواءِ سنڌيءَ جي اوهان کي دنيا جي ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ملنديءَ اسان سپ کان انوکا آهيون. اسان پنهنجين دلي خواهشن، مفروضن ۽ خدشن کي حقيقت جو روپ ڏئي چمڪي تي بندوق هلائڻ سکي ويا آهيون. ان ڪم جي شروعات بہ ان ئي سياڳي تولي ڪئي آهي، جنهن سنڌي سماج جا بخيا اڌيڙڻ جو ٺيڪو کنيو آهي. اها ذميداري هنن پاڻ کنئي آهي، ڪانئن ڪٽائي وئي آهي يا هنن کي ان جي عيوض ڪو اجورو ٿو ملي، سو تہ چئي نٿو سگهجي پر جيڪا خطرناڪ راند هو کيڏي رهيا آهن، سا سنڌي ماڻهن جي ٻڌي، ايڪتا ۽ گڏيل طاقت کي ڪاپاري ڌڪ هڻي رهي آهي. جيڪڏهن ٿورن لفظن ۾ ان سموري مامري کي بيان ڪجي تہ ڳالهہ ڪجهہ هن ريت وڃي دنگ ڪندي:

سنڌي قوم کي جن قوتن مونجهارن جي زنجيرن ۾ جڪڙي ٽڪائي، هڄائي، هيٺو ڪري وڃي پٽ سان لڳايو آهي، انهن کي هميشہ اهو خطرو پئي رهي ٿو تہ ڪٿي هن قوم جا دانشور هڪ دفعو ٻيهر پاڻ ۾ يڪمشت ٿي اسان جي سازشن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ پنهنجي قوم جي ٻچي ٻار کي جاڳائي اسان جون ننڊون حرام نہ ڪري ڇڏين. ان ڪري ڪن چند نامي گرامي، سولائيءَ سان وڪامندڙ ۽ لوسي ذهنيت ماڻهن کي ڪرائي تي وٺي ڪانئن ڏقيڙ، شڪ ۽ شرارت ڦهلائڻ جو ڪم ورتو وڃي. انهن جي هڪ نقاطي ايجنڊا فقط اها آهي تہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح سنڌي جاڳرتا کي ڦهلجڻ کان روڪيو وڃي. ان ڪم لاءِ هنن پنهنجا پگهاردار نوڪر چاڪر ۽ چاڙتا چيڪ ڇڏي ڏنا آهن ۽ کين پنهنجا سمورا وسيلا بہ مهيا ڪري ڏنا آهن تہ وڃو وڃي ماڻهن جي پٽڪن ۾ هٿ وجهو. کين خوار ڪيو. سندن حيثيت گهٽايو. بدنام ڪيو ۽ مٿن اهڙا نازيبا الزام هڻو جو پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ کين واقعي ڏوهاري سمجهڻ لڳن ۽ سندن گفتار توڙي ڪردار تي شڪ ڪرڻ لڳن.

انهيءَ ايجنڊا تحت ڪي من گهڙت بهتان گهڙيا ويا. مثلاً

(1) اهي اديب ۽ دانشور وڪائل آهن.

(2) انهن کي ون يونٽ جي صلي ۾ نوڪريون چاڪريون ۽ عهدا مليا.

(3) اهي ڪرپٽ آهن.

(4) سينيئر هئڻ جي ناتي اهي جونيئرن جا حق ڦٻائي ويٺا آهن.

(5) هنن ڪڏهن ڪک پڇي ڀيٽو نہ ڪيو آهي.

(6) مفت جو ڪٽيو ٽا کائين.

(7) سنڌي علم ۽ ادب ۾ سندن ڪو مقام ڪونهي، خواه مخواهہ آپي خان ٿيو وتن گهمندا.

(8) سوٽ بوٽ پائي خوشحال زندگي پيا گذارين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(9) مکيہ ادارن تي نانگ جيان ڦڻ ڪڍي قبضو ڪيو ويٺا آهن! وغيره وغيره ......

جن ليکڪن تي مٿيان ۽ ڪي ٻيا الزام ڏري کين ڪالمن توڙي خطن جي بهاني نشانو بڻايو پيو وڃي انهن ۾ مون ڪانسواءِ حميد سنڌي، شمشير الحيدري، هدايت بلوچ، شوڪت شورو، غلام نبي مغل، تاج جويو ۽ انهن جهڙا ڪجهہ ٻيا دوست بہ شامل آهن. لکڻ وارا ڪير آهن؟

(1) ٺيڪيدارن جا ماتحت، نوڪر ۽ چند سڌڙيا، جن جو علم ۽ ادب جي وٿي تي بہ نالو ناهي.

(2) ريڊيو ۽ ٽي ويءَ تي نالو ٻڌڻ لاءِ فلمي توڙي غير فلمي گانن جي فرمائش ڪندڙ واٽڙا.

(3) عهدن جي پوين پاڇي جيان پچندڙ لوپي، جيڪي وقت پئي حاڪمن جي پيرن تي ڪري ليلڙاٽيون ڪرڻ کان بہ ڪو نہ ڪيٻائيندا آهن.

(4) اڻ گهڙيا ڪالم نگار جن پنهنجي سارا هہ پاڻ ڪرڻ ۾ عالمي رڪارڊ توڙي ڇڏيا آهن.

(5) محروميت جو شڪار اهي موالي، جيڪي ديسي چُڪي لاءِ ڪو بہ ڪڌو ڪم ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار ملندا.

(6) اهي ڇيڳريون ڇوريون جن جو ماضي ڪريناڪ ۽ آئيندو ان کان بہ وڌيڪ ڀيانڪ آهي.

سنڌي ادب جا اهي سپ چنبڙ ۽ تارا فقط هڪ ٿي هنڌ پنهنجي مڪر ۽ فريب جو روٽڙو چوٽا روئن، پيو ڪو بہ کين گاهہ چو نٿو وجهي، ان سوال جو جواب ٿي منهنجي هن لکت جو مقصد آهي، جنهن کي هو ”تنقيد“ ٿا سڏين، سو سواءِ ذاتي حملن جي ٻيو ڪجهہ چو نہ آهي؟ اهو منهنجو ٻيو سوال آهي.

جڳ کي خبر آهي تہ سنڌي ادب ۾ پئسي نالي ڪا بہ شيءِ ناهي. اڄ تائين ڪنهن بہ نوٽ ڪو نہ ورتا آهن. ليکڪ مفت ۾ لکن ٿا ۽ پبلشر چار پئسا گهران ڏئي ڇپائين ٿا. پوءِ هاءِ گهوڙا ڇاجي آهي؟ اهو منهنجو ٽيون سوال آهي.

جنهن ڳالهہ جو پٽڪو اهو ماتمي ٽولو بار بار ڪري ٿو سا آهي عهدا ماڻڻ. مان پڇان ٿو تہ ڪهڙا عهدا؟ مان تہ اڄ تائين ڪنهن بورڊ، اٿارٽي يا سنگت جو عهديدار تہ ٺهيو ڪاميٽيءَ جو ميمبر بہ نہ رهيو آهيان. اهڙيءَ طرح منهنجا ٻيا اهي ساٿي جن جي پوين رڻ ٻاريو ويو آهي، سي بہ انهيءَ گند کان پري آهن. جيڪي عهدن ۽ ميمبرين جي پوين جتيون گسائيندا ٿا وتن، تن لاءِ تہ ڪنهن حرف بہ نہ ڪڇيو آهي. ڪٿي ايئن تہ ناهي تہ اهي ئي جتيون گساٽڻا پنهنجي ڦڪائي لڪائڻ لاءِ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊنڊيورچي ٻڌجي پاڻيءَ کان اڳ ڪپڙا لاهي، وقت کان اڳ ئي واويلا ڪرڻ لڳا آهن. يا وري اهي، جي آزيون نيزاريون ڪري، پيرن تي هٿ رکي، ڪوڙا دلاسا ۽ دلبا ڏئي وڃي ڪنهن ڪنڊيءَ لڳا آهن. سي پنهنجو پاندو پچڻ کان اڳ ئي بچاءَ جو ڏڳ ڳولي رهيا آهن؟ اسان جي قابليت ۽ لياقت تي سفارش ۽ سوديبازيءَ جي آڳر ڪٽڻ وارا ساڳي ٽيبل تي ويهي، اکيون اکين ۾ ملائي اسان سان ڳالهائي ته ڏسن. اهي ته ٺهيو مان ته سندن حوارين جي مهندار کي به چئلينج ٿو ڪيان. صرف پنج منٽ منهنجي سامهون ويهي ته ڏيکاري!

اڄوڪي موڪلاڻيءَ کان اڳ سمجهه وارن جي لاءِ فقط هڪ سوال پڙ ۾ ڦٽڙ ڪيو ٿو وڃان. هيءَ ٽولو انهن ليکڪن لاءِ ڪجهه به نٿو لکي جيڪي لکڻ پڙهڻ کان ڪڏهوڪو رٽائر ٿي ويا. انهن لاءِ به ڪجهه ڪو نه ٿو لکي جيڪي رٽائر ٿيڻ کان پوءِ ڪنهن نه ڪنهن اداري جي سر تي زبردستيءَ سوار ٿيندا ٿا اچن. انهن اديبن لاءِ به ڪجهه ڪو نه ٿو چوي جيڪي به لفظ لکڻ کان پوءِ هميشه لاءِ عظيم ۽ مهان ٿي ويا ۽ خبر ناهي ڪهڙي صلي ۾ اڄ به مهان آهن! هيءَ ٽولو صرف انهن ليکڪن کي ڇو ٿو لوئي جيڪي قومي ڪاڄ ۾ اڳ کان اڳرا آهن ۽ ڪا نه ڪا دونهين دکايو ويٺا آهن؟ ڪٿي ايئن ته ناهي ته اصلي مالڪن کي سندن اها جرئت ۽ بي نيازي ڏکي ٿي لڳي؟ جيڪڏهن ايئن نه هجي ها ته پوءِ جيڪر شاهه، سچل، سامي عالمي امن ڪانفرنس جي موقعي تي اهو ڪڙم جو ويري قبيلو صفا لاهي پاهي نه ويهي ها. هونئن ته هفتي ۾ ڏينهن به بدتميزيءَ جو ناغو ڪندا هئا پر مهمانن جي آمد کان پوءِ ته جڻ سندن ليڙو ئي لهي پيو. اهي رنگ ڪيائون جو ٻاهران آيل اديب به دنگ رهجي ويا. هڪ ڪانڊيري ته مورڳو پنهنجن ناپسنديده اديبن کي نيب جي حوالي ڪرڻ جو دڙڪو ڏئي ڇڏيو!

انهن ٻنهي هفتن دوران اسان جي حاسد ٽولي بڇڙائيءَ جي انتها ڪري ڇڏي لکڻ ۾ جيڪو ٻوڙ هارياڻون سو ته ٺهيو پر رات جو ٻين ادائين بجي وڃي مهمانن جا در ڪڙڪائي ڪين گاريون ڏنائون. دڙڪا، دهمان، ڌمڪيون، گٽا لفظ مطلب ته پنهنجي اصلي روپ ۾ نروار ٿي ويهي رهيا. ٻاهران آيل فنڪارن تي ڏنڊا کڻي ويهي رهيا ته متان فنڪشن ۾ ڳائڻ ويا آهيو. ٻين کي به چرچ ڏئي ڇيڙائي ويهاريائون. نتيجي طور آرٽس ڪائونسل واري شو دوران فنڪار هوٽل جي ڪمري ۾ نظربند رهيا. لاڙڪاڻي واري شو جا مقامي فنڪار پڄائي ڇڏيائون. حيدرآباد جي مشاعري ۾ پڻ گڙٻڙ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر حميد سنڌيءَ وڏي همت ڪري حالتون بگڙڻ کان بچائي ورتيون. سنڌي ادب جي انهن ”سڄڻن“ جا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڃا گھڻا ڪارناما ڏکيا پلا آهن. ضرورت پئي ته تفصيل سان بيان ڪبا ۽ نالا وٺي بيان ڪبا ته جيئن سيني کي انهن بداعمالن جا پوائنٽا ڇهرا ڏيکاري سگھجن.

شمشير الحيدري هڪ نماڻو نهٺو سچار ۽ همدرد انسان آهي. پهرين صف جو شاعر ۽ ڊرامانويس آهي. تحريڪن ۾ سڀ کان اڳرو ته ڪنهنجي ٻن ۾ نه ٽن ۾، نه ڏئي نه ڏکوئي. خاموشيءَ سان ڪم ڪرڻ وارو انسان، ننڍين توڙي وڏن ۾ هڪ جيترو مقبول آهي.

حميد سنڌيءَ جي "روح رهاڻ" واري تحريڪ هاڻي سنڌي مزاحمت جي تواريخ جو اهم حصو بڻجي چڪي آهي. اڄ به بزم روح رهاڻ وسيلي جاڳرتا جي لاٽ ٻاريو ويٺو آهي. سندس افسانا هند توڙي سنڌ ۾ ساڳئي شوق سان پڙهيا ويندا آهن. هڪ لاجواب منتظم ۽ مقرر آهي.

تاج جويو سنڌي ادبي سنگت جو سرواڻ آهي. شاعر آهي، نثرنگار آهي. نظرياتي ماڻهو آهي. ڪارڪن جي حيثيت ۾ ڪم ڪري ڄاڻي، هند مان آيل مهمانن سان پاڇي جيان گڏيو رهيو گهر ٻار وسري ويس، پٽ جي بيماريءَ باوجود پير پٺتي نه هٽايائين.

غلام نبي مغل افساني توڙي ناول ۾ تمام وڏو نالو آهي. سهڻيءَ سان لاڳاپي کان وٺي اڄ تائين سندس قلم وهندو اچي. سچ چوڻ کان ڪڏهن به ڪيٻايو نه اٿائين.

هدايت بلوچ به هڪ يار ويس، باهمت ۽ وقت تي وهي وڃڻ وارو پيارو انسان آهي. شاعر آهي ۽ سٺو شاعر آهي.

اهي ۽ ٻيا اهي سڀ، جن هن ڪانفرنس کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو ننڊ ۽ آرام وڃايو هڙان ۽ وڙان ونگار وهيا. سي هن ٽولي جي ڪيني ۽ ڪروڌ جا شڪار ٿيا. هڪڙي اڌ مشڪري ته بزم روح رهاڻ کي بزم بدروح رهاڻ چئي پنهنجي ڇسپائيءَ جو مظاهرو ڪيو. ٻيو شوڪت شوري جهڙي اشراف ۽ گهٽ ڳالهائڻ واري انسان مان به نه مڙيو. ٽئين پوڪ. اديبن کي ادب سيکارڻ ۾ پنهنجو وقت وڃايو. ماهتاب محبوب جهڙيءَ ماناٽيءَ ليکڪا جي ٻي ادبي ڪندي به ڪنهن کي شرم نه آيو.

اها ڪانفرنس 1947ع کان پوءِ پنهنجي نوعيت جي هڪ انوکي سنڌ ياترا هئي. جيڪا سنڌي سماج تي دائمي نشان ڇڏي وئي. نوان رستا، نيون راهون، نيون واهون کولي وئي. هڪ ڏينهن يا هڪ ڄڻي جي محنت نه هئي. سوين نوجوان توڙي سينيئر اديب ۽ ليکڪ ۽ سماجي ڪارڪن هن ڪم ۾ دل ۽ جان سان لاڳاپيل

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا. هر ڪنهن پنهنجو پنهنجو فرض نڀايو. نہ ڪو ننڍو هو ۽ نہ ڪو وڏو ۽ اُهي جيڪي هزارن جي تعداد ۾ مهمانن کي پليڪار چوڻ لاءِ ٻارهن ٻارهن ڪلاڪ روڊن تي انتظار ڪندا رهيا ۽ راتيون جاڳي تياريون ۾ مشغول رهيا ۽ اجرڪن ، ٽوپين، چنرين، هارن ۽ ڪتابن جا تحفا نڇاور ڪندا رهيا، سي سڀ ڪرائي تي تہ آندل ڪو نہ هئا. انهن جي دل ۾ ٻولي ۽ سنڌ جي محبت جي اها چڻنگ دکي رهي هئي جيڪا حاسدن جي ٽولي کي ڪڏهن بہ سمجهہ ۾ نہ ايندي، اپ ۾ ٽڪ اچلڻ سان پنهنجي ئي مُنهن ۾ لڳندي آهي. شل اها ننڍڙي ڳالهہ انهن سڪڻن ۽ سڌڙين جي سمجهہ ۾ اچي وڃي ۽ اهو بہ تہ جن دانشورن کي هو ڏينهن رات لوئي رهيا آهن، سي سنڌي ادب، ٻولي ۽ سماج کي هڪ نئون موڙ ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڪ وال، ڊو وال، تين وال......

جنهن ملڪ ۾ چاليهن کان وڌيڪ انٽيليجنس ايجنسيون هجن، جي هر چرپر جو احوال مٿي موڪليندڙيون هجن. جنهن ملڪ ۾ پن ڪرڻ جو سرڙاٽ بہ ڪن ڏئي ٻڌو وڃي، جنهن ملڪ ۾ ٽيليفون ٽيپ ٽيڻ تہ ماضيءَ جو حصو بڻجي ويا هجن، پر ڪنهن بہ گهر جي، ڪنهن بہ ڪمري جي، ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ ٿيندڙ گفتگو بہ جديد اوزارن جي وسيلي صاف ۽ چٽي ٻڌي سگهجي. جنهن ملڪ ۾ ڪيئي سال اڳ ٿيل واردات جا ڏوهاري آخرڪار اهلڪارن جي هٿان ڳولي ڦولي هٿ ڪيا وڃن. ان ملڪ جو سربراهہ ڀلا سنڌ جي ٻچي ٻار جي زبان تي آيل ڪالاباغ ڊيم جي خلاف نفرت ۽ حقارت جي لفظن کان ڪيئن ناواقف هوندو؟

جنهن ملڪ جي وڏن شهرن جي مکيہ چوسولن تي ڪئميرائون فٽ ٿيل هجن. جنهن ملڪ جي رستن، گهٽين ۽ تنگ گلين جون تصويرون سيٽلائيٽ ذريعي ورتيون وينديون هجن، تنهن ملڪ جي ڪشادن شاهراهن ۽ هاءِ ويز تي جهنڊا کڻي هزارن جي تعداد ۾ پيدل مارچ ڪندڙ جتا ڀلا ڪيئن ٿا ڪنهن کان لڪي سگهن؟

جنهن ملڪ جي سيني اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن کي غور سان پڙهيو وڃي، جنهن ملڪ جي انفرميشن ڊپارٽمينٽ خود هر ڇپجندڙ مواد جي نگراني ڪندي هجي. جنهن ملڪ جي هر ڇپيل مواد کي جاچي جوچي، ترجمو ڪري، اعتراض جوڳا حصا، هر روز بالا عملدارن ڏانهن موڪليا ويندا هجن. ان ملڪ جي اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ ٿل ڪئنال ۽ ڪالاباغ ڊيم خلاف ڇپيل مضمون، ڪالم ۽ تحقيقي انگ اکر ڀلا ڪيئن ٿا حڪمرانن جي مطالعي کان بچي سگهن؟

جنهن ملڪ جي ٽي وي چينلز کي واسطيدار ادارا پاڻ مانيٽر ڪندا هجن. جنهن ملڪ ۾ ٿيندڙ عوامي جلسن، سيمينارن، علمي ادبي گڏجاڻين ۽ بحث مباحثن تي ڪيترائي خفيہ ادارا ڳجهن جيان لامارا ڏيندا هجن. جنهن ملڪ جي سربراهہ، وزيراعظم، خاص وزيرن، گورنرن، وڏن وزيرن ۽ ڪور ڪمانڊرن جي آمد

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

و رفت وقت ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٽريفڪ بند ڪئي ويندي هجي ۽ هر مشڪوڪ ماڻهوءَ جي اک جي جنبش ڪي بہ نظر ۾ رکيو ويندو هجي، ان ملڪ ۾ پاڻيءَ جي مسئلي تي وڏي واڪي ڪيل غم ۽ غصي جو اظهار ڪو بہ شخص ڪاہ ايجنسي، ڪو بہ ڪاٿو نوٽ نہ ڪري، اها ان ٿيڻي آهي.

هڪ هڪ اکر، هڪ هڪ جنبش، هڪ هڪ تحرڪ جي چاڻ هر لمحي واڳ ڌڻين تائين پهچائي ويندي آهي. ماڻهن جي جذبن کان آگاهہ ڪيو ويندو آهي، سنڌن ذهني لاڙن متعلق رپورٽون تيار ڪيون وينديون آهن. ايوانن توڙي ايوان کان ٻاهر ڦهليل غم ۽ غصي جو رڪارڊ رکيو ويندو آهي. ڪئبنيٽ، ڪچن ڪئبنيٽ توڙي خاص صلاحڪارن سان ان سموري ماحول تي ڳالهيون ٿينديون آهن. انهن جو توڙ ڳوليو ويندو آهي ۽ پوءِ ان تي عمل ڪيو ويندو آهي. ان سموري پس منظر کان واقف ماڻهو ان وقت ڏندين آڱريون ڏيندا آهن، جڏهن صدر صاحب يا وزيراعظم صاحب يا چوڌري، صاحب يا ارباب صاحب يا لياقت صاحب يا ڪو پيو ايترو ئي اهم صاحب بيان ڏيندو آهي تہ سنڌ جا ماڻهو تہ ڪالاباغ ڊيم جا حمايتي آهن پر صرف ڪي چند سازشي سياستدان پنهنجو سياسي دڪان چمڪائڻ خاطر ان جي مخالفت ڪري رهيا آهن!

ڪين سکر کان ڪراچيءَ تائين پليجي جي پيدل مارچ نظر نٿي اچي. ان ۾ شامل غريب هاري ناري، شاگرد، وڪيل، استاد، عورتون ۽ ٻار بہ نظر نٿا اچن. قادرمگسيءَ جا ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر ۾ ڪيل خطاب بہ نظر نٿا اچن. پاڻيءَ جي ماهرن جا ٽي ويءَ تي ٽيل انٽرويو بہ نظر نٿا اچن. اديبن، ليکڪن ۽ دانشورن جا هر روز ڇپجندڙ مقالا، مضمون، ڪالم ۽ شعر بہ نظر نٿا اچن، ممتاز ڀٽي جا ڇپيندڙ بيان بہ نظر نٿا اچن. سنڌ اسيمبلي، بلوچستان اسيمبلي ۽ سرحد اسيمبليءَ جا پاس ڪيل ريزوليوشن بہ نظر نٿا اچن، سنڌوءَ جي پيٽ ۾ اڏامندڙ واري بہ نظر نٿي اچي! ساموندي پٽيءَ تي مئل تمر جا وڻ بہ نظر نٿا اچن، لکين ايڪڙ تباهہ ٿيندڙ زمين بہ نظر نٿي اچي! جن کي اهو سيڪجهہ نظر نٿو اچي، انهن کي سنڌين جي اکين ۾ آيل لڙڪ ڪٿان نظر ايندا؟ ڪٿان ڏسي سگهندا انهن هزارين نوجوان بيروزگارن کي جن جي هٿن ۾ ڊگريون تہ آهن، پر سفارش ناهي. ڪٿان ڏسي سگهندا ان لاقانونيت کي جنهنجي اوڙاهہ ۾ سوين انسان قبيلائي جهيڙن ۾ مرندا ٿا رهن. ڪٿان ڏسي سگهندا پوليس جي انهن ارهہ زوراين کي جنهن جي ڪري بدمعاش ۽ لوفر ۽ ڀاڙاريدار آزاد گهمندا ٿا وتن ۽ بي ڏوهي ٿاڻن جي لاڪپن ۾ بند آهن. ڪٿان ڏسي سگهندا عدالتن ٻاهران چڪر ڪاٽيندڙ انهن عورتن، ٻارن ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڻ ڪي، جيڪي انصاف جي آس تي سالن جا سال ڀاڙائيندي هن دنيا مان موڪلائي ٿا وڃن.

اڄهو ڪلهه جي ئي ڳالهه آهي. سنڌ جي وڏي وزير پنهنجي ئي هڪ وزير تي ڪيترائي سنگين الزام هڻي ڪيس وزارت تان هٽائي ڇڏيو ۽ جواب ۾ ان لٽل وزير وڏي وزير تي ان کان به وڌيڪ سنگين الزام هڻي سنڌس ڪارپٽ واڪي ڪري ڇڏي ڪاڏي وئي اينٽي ڪرپشن، ڪاڏي وئي نيب، ڪاڏي ويون اعليٰ عدالتون، جيڪي ڪمزورن تي ته ٺهر ٻڌجي ڪڙڪنديون آهن، پر ڏاڍن جي ويجهو وڃڻ لاءِ به تيار ناهن. شرمناڪ صورتحال ته تڏهن پيدا ٿي جڏهن وڏن منصبن وارن صاحبن ان سموري معاملي کي اندروني مسئلو قرار ڏئي پنهي ڌرين کي ناهه ڪرڻ جي صلاح ڏئي ڇڏي.

ڪجهه ٿيو ئي ڪو نه! ڪرپشن جا الزام لڳا. ثبوت پيش ٿيا. ملوث ماڻهو گرفتار ٿيا. شاهدن کي ٿاڻن جي باٿ رومن مان هٿ ڪيو ويو. لکن، ڪروڙن جي ڳالهه ته پري رهي، اربها روپين جا گهوٽالا سامهون آيا. پوءِ به اندروني ڳالهه آهي. ٺهي وڃو!

هيءَ آهي ملڪ جيڪو توهان اسان کي ڏنو آهي. هيءَ آهي انصاف جيڪو توهان اسان جي جهوليءَ ۾ وڌو آهي. هيءَ آهي برابري جنهن تي اوهان ڪڇيون پيا ٿا هڻو هيءَ آهي امن امان جي صورتحال، جنهن تي توهان کي ناز آهي. هيءَ آهي عوامي راءِ جو احترام، جنهن کي توهان جمهوريت ٿا چئو.

هوڏانهن وڏو ڀاءُ پنجاب آهي، جيڪو هر وقت ننڍين صوبن لاءِ قربانيون ڏيڻ جي دعويٰ کان واندو ئي نٿو ٿئي. قربانيون ڏئي ڏئي پنجاب جا برا حال ٿي ويا آهن ۽ هڪ اسان آهيون جيڪي انهن قربانين جو قدر ئي نٿا ڪيون. ڪشڪ جي ڪوٽ تي پنجاب پنهنجون سرحدون بند ڪري ڇڏيون. پنجابي نوڪر شاهي سنڌ جي اترئين علائقي ۾ ورتل زمينن کي بچائڻ لاءِ، اهو علائقو ئي پنجاب ۾ شامل ڪري ڇڏيو. ناڻي واري معاملي تي آدمشماريءَ جو بنياد بنائي سموري رقم پنهنجي کيسي ۾ وجهي ڇڏي. پنهنجي حق کان وڌيڪ پاڻي کڻڻ جي باوجود چشما ڪئنال کي دائمي درجو ڏئي ڇڏيو. ٿل ۽ گريٽر ٿل ڪئنال جا منصوبا زوريءَ چالو رکيا. سنڌ جي پناهگيرن ڌارين کي پاڻ سان ملائي بهاري ۽ برمي غيرملڪين کي پاڪستاني شهريت جا شناختي ڪارڊ وٺي ڏنا.

سنڌي ٻولي ۽ تهذيب کي متاثر ڪاڻ سنڌ جي تواريخي ورثي وارن ماڳن کي رينجرن جا وٿاڻ ۽ ناچن جا تربيت گاهه بنائي ڇڏيو. ڪوڪڙو پار سرحد

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪولي هندستاني شهرين جي لوڌ سنڌ اندر داخل ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري ريلوي پٽا وڇائڻ ۾ مدد ڪئي پئي وڃي. اڃا ويچارو وڏو ياءُ ڇا ڪري؟ اوهان ڪو اهڙو وڏو ياءُ ڏٺو هوندو جيڪو ڀاڻ کي نقصان ڏئي. ننڍي ياءُ کي زوري، زبردستي، بي عزتيون ڪري، دڙڪا دهمان ڏئي، ڪالاباغ جهڙي نعمت سان نوازي؟ ۽ هڪڙا اسان ڇسا، احمق، احسان فراموش ۽ جاهل آهيون. جيڪي وڏي ياءُ جي پيار مان وڌايل هٿ کي جهٽڪي ٽا ڇڏيون. اسان ڪان وڌيڪ نالائق ڀيو ڪير هوندو جيڪي صدر صاحب جي ڏنل خاطرين کي بہ خاطر ۾ نٽا آڻيون؟ اسان کي اها بہ ڄاڻ ناهي تہ ملڪ جو سربراهہ پاڻ سنڌي آهي ۽ سنڌ جي محبت سان سرشار آهي ۽ ڪڏهن بہ سنڌ جو برو نہ چاهيندو؟ ڇا اسان کي خبر ناهي تہ سنڌ جو وڏو وزير اسان جي ڀلائي ڪانسواءِ ڪنهن بہ صورت ۾ اهو ڊيم قبول ڪري ها؟ ڇا عبدالحميد جتوئيءَ جهڙي قوم پرست اڳواڻ جو نورچشم لياقت جتوئي ڏسي وائسي اسان کي ٻوهي ۾ وجهندو؟ ڇا غوث بخش خان مهر جهڙي ماڻهوءَ لاءِ اهو ضروري آهي تہ هو ايريگيشن جي سمورن ٽيڪنيڪل معاملن کان واقف هجي؟ دريا نظر نٿو اچيس؟ ڪانگ اڏي ٿو ڪانگ اڏي ٿو ڪانگ اڏي ٿو! واڪُ لڳو آ. واڪُ لڳو آ، واڪُ لڳو آ. قيمت ٻولايو مال ڪٺو! ايڪ وال، دو وال، تين وال، هل بابا! ڀيو اچي! وڏيرن، ڪامورن، اڳواڻن ۾ ڦرڦوٽ مچي وئي آهي. ”ڀهريون مان- ڀهريون مان“ جي دانهن پئي ٿي پوي. سچ چيو آهي پير پاڳاري تہ ”سنڌي ڀهريون پاڻ تہ سڏارين!“

ڇٽن چورن جي خاطر سنڌ ڀلي لوڙي لوڙي لڙهي وڃي؟ عادي ڏوهارين، هسٽري شيٽرن ۽ ابن الوقت چند ماڻهن جي سڏرڻ جي آسري ۾ ڀل هڪ قديم قوم پنهنجو وجود وڃائي ويهي؟ ڏارين جي لوڌ جي سر تي دعا جو هٿ ان ڪري رکون جو اهي ”سڏريل“ آهن ۽ پنهنجن کي پاڻ سڏارڻ جي تلقين ان ڪري ڪيون جو خبر آهي تہ ڪنهن بہ قوم ۾ سؤ سيڪڙو فرشتا جنم نہ وٺندا آهن!

اي منهنجا خلقڻهار قهار جبار رازق، رب رحيم! هيءَ بدنصيب قوم تنهنجي در تي دانهين آهي:

جهہ سي لوڙائو ٿيا، جنين سندي ڏير،
ماروئڙا فقير، ڪنهن در ڏيندا دانهڙي؟
(لطيف).

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميرن کي ڪٿان لڳي؟

هاڻي خبر پئي ته اسلام آباد ۾ ڪو اهڙو فرشتو سيرت انسان به رهي ٿو جنهن جي رڳ رڳ ۾ سنڌين جي محبت رچيل آهي، جنهن جي چهري تي ڦهليل سونهاريءَ مان نور جا چشما ڦٽي نڪرن ٿا ۽ جنهن جي گفتار ۾ سنڌ جي مهڪندڙ مٽيءَ جي سڳنڌ آهي ۽ جنهن جي روح ۾ حيدرآباد جون حسين راتيون ڪڙ موڙين ٿيون ۽ جنهنجي من ۾ مهراڻ جا موتي دمڪن ٿا. مان ڪُند ذهن انسان آهيان. ماڻهوءَ ڦي پرکڻ جي صلاحيت کان بلڪل اڻواقف. هيري کي پٿر ۽ پٿر کي هيرو سمجهڻ منهنجي ڪمزوري رهي آهي. شيخ رشيد جهڙي عوامي رهنما ۽ سوين خوبين جي اڪيلي مالڪ کي پڻ سمجهڻ کان قاصر رهيس. خواهه مخواهه هن باڪردار ۽ بااصول عظيم رهنما کي پنهنجو دشمن بڻائي وڌم. ٿورو تحمل سان سنڌس روح ۾ جهاتي پائي، سنڌس اندر ۾ لڪل ”فرزند پاڪستان“ کي هڪ نظر ڏسي وٺان ها ته جيڪر هيڏو ممڻ نه مچي ها. چپ چاپ سنڌس هٿ تي بيعت ڪري، پنهنجي آخرت موچاري ڪيان ها. افسوس جو ان وقت ڪو سهڻو صلاحڪار نه مليم. عزت جو مسئلو بنائي، هوڏ ۽ هوڙهيائيءَ کان ڪم ورتم ۽ پنهنجي ڪئي جي سزا لوڙيم. شاهه صاحب شايد شيخ رشيد جي لاءِ ئي چيو هو ته:

ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي!

پر هاڻي ڇا ٿيندو؟ مرشد ڪامل اکين آڏو هو پر مون نه سڃاتو. سنڌس منهن جي مٺيا منهنجي ڪسيل ۽ ڪٺيل دل تي ڪو اثر ڪري نه سگهي؛ راڻو رُسي ويو.

پاڙي ويچ هئام، تان مون دور نه پڇيا،
تيلاهين پيام، موريسر اکين ۾!

هاڻي هٿ هڻڻ مان ڇا ورندو؟ ڏڌو ڪير به ڪو ٽڻين پيو آهي؟ بس، صرف هڪ آس اٿم ته جيئن ئي منهنجو رٺل محبوب ڪوٽن ۽ ڪڙن جي عارضي بندشن مان آزاد ٿي ٻاهر اچي، تڏهن بيساخته سنڌس قدمن ۾ ڪري پوان، آهون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دانهون ڪري، منٿن، آزين، نيازين ۽ ايلازن سان پنهنجي نالائقيءَ جي معافي وٺان.

ڪيري ٻٽدي، ميري عزت نا گهٽدي،
مينون نچ ڪي يار مناوڻ ڏي

جهڙو خدا ترس ۽ نيڪ دل ٻانهو آهي، مون خطادار جي خطا معاف ڪندو ۽ مون کي پَٽ تان اٿاري ڪٽ تي وهاريندو ۽ راجا بازار مان نهاري گهرائي پنهنجن هٿن سان کارائيندو. اهڙيءَ طرح هڪ بي مثال مدبر، قومي رهنما ۽ عوامي هيرو کي پرچائي سگهان ۽ فخر سان چئي سگهان ته:

مون سي ڏٺا ماءِ، جن ڏٺو پرينءَ کي.....

محترم شيخ رشيد جو ذڪر ته خبر ناهي ڪٿان اچي نڪتو مون ته ڳالهه تي ڪئي اسلام آباد جي ان نفيس طبيعت، ملائم گفتگو واري، سنڌي نواز عظيم افسانا نگار ۽ اديب جي جنهن کي اوچتو ئي اوچتو حيدرآباد جي چند اديبن دريافت ڪري ورتو آهي. يا شايد فرشتي جي ڪارين، ڪجلين اکين حيدرآباد جي اديبن کي کوجي ڪڍيو آهي. هڪ دفعو ٻيهر منهنجي ڳنڊ ذهن ۽ ڳڙهه طبيعت مونسان ڏوکو ڪيو ته ڏسجي. هوت هنج ۾ هو ۽ مان پورب پڇائيندو تي وتيس.

سمجهه ۾ ئي نه آيم ته جنهن بي اعتنائيءَ کي ڏڪار سمجهي ويٺو هوس سا ته محبوب جو ماڻو هئي. اداءِ دلبرانا هئي. مون کي رٺل يار مڃائڻ نه آيو. بي سبب سندس ڪونئر جهڙي ڪومل من کي رنجائي ڇڏيم. هاڻي ڇا ڪيان؟ پراشچت ڪرڻو پوندم. ست جنم وٺي به پنهنجن پاپن جو بدلو چڪائڻو اٿم. هيترن سارن گڻن واري شخص کي غلط سمجهي، جيڪي ڪجهه لکيم، ان تي نادم آهيان. شل ڪو ڪلياڻ ٿئيم. دراصل منهنجو اعتراض ئي غلط هو. پنهنجي حيثيت ڄاڻڻ ڪانسواءِ ئي عالمي ادبي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ جو ڪليم داخل ڪري ويٺس. فرشتي ڪجهه افسانا انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ موڪليا. ان کي ئي پنهنجي حجت سمجهي ويٺس. اها ته هن جي مهرباني هئي جو هن مون کي ان قابل سمجهيو. ور نه هن زماني ۾ ڪير ٿو ڪنهن کي هڏي وجهي؟ چند ڏينهن اندر ست افسانا ترجمو ڪرڻ ڪو ڏکيو ڪم ته ناهي؟ ڪو به ڪري سگهيو ٿي. اها ته مون تي عنايت هئي جو نظر انتخاب قمر شهباز تي پئجي وئي. ٻين علمي ادبي پرکن تي پورو نه لٿس. ان ۾ پئي ڪنهن جو ڪهڙو ڏوهه؟ ڏينهن رات هڪ ڪري ترجما مالڪن تائين پهچائڻ، ڪيسي مان خرچ ڪري ٽي سي ايس ۽ فون ڪرڻ مون تي واجب هو. عالمي ڪانفرنس ۾ شرڪت ته عالم ئي ڪندا آهن، مون خواهه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مخواهہ آس رکي. ان کان وڌي نالائقي اها ڪيم جو اميد رکي ويٺس تہ فرشتا منهنجي فون جو جواب بہ ڏيندا، ڇپيل ڪتاب جي ڪاپي بہ موڪليندا ۽ نظر انداز ڪيل سنڌي اديبن جي دلجوئيءَ لاءِ سنڌن پٺي ٺپري، ڪو نہ ڪو عذر بہ پيش ڪندا. بلڪ هاڻي تہ اهو بہ خيال ٿو اچيم تہ مون ۾ مون جهڙن پين نظرانداز ڪيل، ڌڪاريل اديبن اهو بہ اجايو سوچيو هو تہ سنڌن پيا سنڌي اديب پاڻ، سنڌن طرفداريءَ ۾ ڪاغذ ڪارا ڪندا ۽ اڪيڊمي ادبيات کي سنڌن ڪيل ڏاڍائيءَ تي شرمسار ڪندا. ڏڏ ذهن آهي، بيڪار آسون ۽ اميدون رکي ٿو ويهي رهي. ڪير ٿو ڪنهنجي لاءِ ڏُڪو ڪٽي؟ جيڪو ڪريو سو رهجي ويو. مداحون لکڻ وارا مداحون ئي لکندا. ادبي پورهيو تہ ٽشو پيپرن تي ٽيندو آهي. رديءَ جي ٽوڪري اهڙين ڪيترين ئي ڪاوشن سان پري پئي آهي. ڪنيو ان، جنهن وقت جي نبض تي پهريون هٿ رکيو جيڪو ٽڙيو سو وري نہ اٿيو بس، هاڻي تہ اها ئي تمنا آهي تہ جلد کان جلد اسلام آباد پهچي ان گيانيءَ جو ديدار ڪجي، جنهن جي هٿ ۾ ميڊاس جو جادو آهي ۽ جيڪو جنهن شيءِ کي ڇهي ٿو سا سون ٿي ٿي پوي

پر هيءَ ڪير آهي، جيڪو منهنجي ڪن ۾ مستقل هڪ ۽ صرف هڪ ئي سوال ڪوڪي جيان ٺوڪيندو ٿو رهي تہ: ميرن کي ڪتان لڳي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جي قوم، اسين ماڻهو!

سمجهيو هئم تہ اخبارون جيڪي لکن ٿيون، سو سڀ سچ ٿيون لکن.
سمجهيو هئم تہ ڪالم نويس جيڪي ٻڌائين ٿا، سو حقيقت تي مبني آهي.
سمجهيو هئم تہ سياسي رهبر جيڪو ڪجهہ چون ٿا، سو پٿر تي ليڪو آهي.
سمجهيو هئم تہ ليکڪ ۽ اديب جيڪو ڪجهہ فرمائين ٿا، سو سندن دل جو آواز آهي.
سمجهيو هئم تہ گريٽر ٿل ڪئنال يا ڪالاباغ ڊيم يا ڀاشا ڊيم، يا چشما لنڪ ڪئنال سنڌ دشمن منصوبا آهن ۽ انهن جي جاري ٿيڻ سان سنڌ تباهہ ۽ برباد ٿي ويندي.
سمجهيو هئم تہ ارسا ۽ واپڊا ۽ پنجابي ڪامورا دوڌ تي سنڌرو ڀڏي ويٺا آهن ۽ سنڌو دريا سڪائڻ ۽ پنجاب کي ورسائڻ لاءِ طرح طرح جا داءَ پيچ کيڏي رهيا آهن.
سمجهيو هئم تہ انهن بدنيتيءَ تي ٻڌل منصوبن خلاف سنڌ سراپا احتجاج بڻجي چڪي آهي ۽ سنڌ جو ٻچو ٻچو ٻار ان احتجاج ۾ شدت سان شريڪ آهي.
سمجهيو گهڻو ڪجهہ هئم. سوچيو گهڻو ڪجهہ هئم. لکيو گهڻو ڪجهہ هئم ڳالهايو گهڻو ڪجهہ هئم. ايتري قدر جو آئينده جو تصور ڪندي بہ دماغ جون نسون ڏکڻ لڳنديون هيون. ذهن سُن ۽ جسم ساڻو ٿي ويندو هو.
ها، اهو بہ سوچيو هئم تہ سنڌ جي ڪک اڃا سنڍ نہ ٿي آهي، جاڳرتا اڃا باقي آهي، ٻانهن جو ٻَلُ اڃا زندهہ آهي.
ها، اهو بہ سوچيو هئم تہ هيڏي بيداد ۽ ظلم ۽ ڏاڍائيءَ تي ڪوي سوين گيت لکندا ۽ راڳي انهن گيتن جي گونجار گليءَ گليءَ ۾ ڦهلائي ڇڏيندا ۽ عوام جهومي اٿندو ۽ پنهنجا حق گهرڻ لاءِ ٻانهون ڏگهيري ڇڏيندو ۽ حاڪم سندن جائز مطالبا مڃڻ لاءِ مجبور ٿي ويندا ۽ سنڌ جون وسنديون ۽ واهڻ موهن جو دڙو ۽ ڪاهوءَ جو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏڙو ٻڌڻ کان بچي ويندا.

ها، اهو به سوچيو هوم ته ليکڪ آئينده قلم جي نوڪ پنهنجي دل ۾ چيوئي، پنهنجي خون سان آئينده جي تواريخ لکندا ۽ هميشه جي لاءِ امر ٿي ويندا ۽ سنڌ امرتا سنڌ وطن جي امرتا بڻجي ويندي

۽ اهو به سوچيو هوم ته سنڌ واسين جي دردمندانہ جدوجهد ڏسي پيرن، ميرن ۽ وڏيرن جا ڪنڌ شرم کان جهڪي ويندا ۽ هو پنهنجي لوڀ، لالچ ۽ هٻڇ تي پشيمان ٿي ويندا ۽ پيهر وڪامڻ بجاءِ پنهنجي ماءُ جي ٿڃ ملهائيندا.

پر مون غلط سوچيو هو. مان احمق آهيان، احمق ئي رهندس. مون ماضيءَ کان سبق سکڻ بجاءِ خوشفهمين جو محل جوڙيو هو. جنهن ۾ ڪوڙ ئي ڪوڙ دغا ئي دغا، دوکو ئي دوکو ۽ ٺڳي ئي ٺڳي آباد هئي. حيقت سان ان جو ڪو به واسطو ڪو نه هو. سچ ان کان سوين ڪوهه پري هو.

12 اپريل تي هڪ اپيل ذريعي سنڌي اخبارن جي ايڊيٽرن کي عرض ڪيو هئم ته ٿل ڪئنال خلاف عوامي راءِ جي احترام ۾ پيو نٽا ڪري سگهو ته صرف هڪ گڏيل ايڊيٽوريل ئي لکو ته جيئن حاڪمن کي خبر پوي ته ان منصوبي بابت سنڌي پريس جي ڪهڙي راءِ آهي. هڪ ٻن اخبارن اها اپيل شايع ڪرڻ جي مهرباني ڪئي، ٻين ايترو به نه ڪيو. ايڊيٽوريل ته پري رهيو اپيل شايع ڪندي به کين تڪليف ٿي پهتي. سوچيم، شايد منهنجي فيڪس کين وقت سر ڪو نه ملي آهي. پيهر ڪيم. ٽيهر ڪيم. سنڌن ڪراچيءَ وارن ريزيڊنٽ ايڊيٽرن کي فون ڪيم، سمجهايم. وعدا ورتم. پر پوءِ به اهو ئي ٽيو جيڪو هن ڌرتيءَ جا کهڙا ۽ راشدي ۽ قاضي ۽ شيرازي ۽ ارباب سائنس ڪندا آيا آهن. اخباري سلطنت جا اهي مهاراجا، جيڪي سنڌ جي ناتي، آني بهاني حاڪمن سان ملڻ جا بهانا ڳوليندا آهن. پنهنجي قابليت جهاڙڻ لاءِ هٿ ۾ سگريٽ جهلي، مُنهن چٻو ڪري سينٽ بونا وينچر جي سيڪاريل انگريزي ڳالهائيندا آهن. سنڌين جي مُنهن ۾ ڌوڙ وجهڻ لاءِ پنهنجين اخبارن ۾ سنڌ جي مسئلن تي عالمن ۽ اديبن جي راءِ جو ڍونگ رچائيندا آهن ۽ مٿينءَ دل سان تحقيقي مضمون لکي اهو ظاهر ڪندا آهن ته هنن کي سنڌ جي مظلوميت جو سيني ۾ نه پرجڻ جهڙو اونهو ۽ گهرو گهاءُ آهي ۽ پوءِ مُنهن ٻئي پاسي ڪري پنهنجي دولت ڳڻيندا آهن ۽ سنڌين جي جهالت تي کلندا آهن! سي پلا ڪيئن ٿا پنهنجا اشتهار داءَ تي لڳائين؟ جن هميشه ضمير جو سودو ڪيو آهي ۽ هر نئين حاڪم جي هنج ۾ ويهڻ لاءِ سر ڌڙ جي بازي لڳائي آهي، سي پلا ڪيئن هڪ ٽڪي جي قوم جي ٽڪي جي مطالبن لاءِ پنهنجي پي آر خراب

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندا؟ چو پنهنجي مٽي ۾ هڪ بيڪار، سُست ۽ نڪمي قوم جو سور وجهن؟

هيءَ قوم جا صدين کان سورن ۾ آهي جنهن سان هر آئي وئي ويڙن ڪئي، جنهن هر ڏني، پوزي ۽ آسري تي اعتبار ڪيو ۽ گهر ٻاري ڏياري ڪئي ۽ مهمان نوازڻ جي شوق ۾ خود پنهنجي وطن ۾ عارضي مهمان بنجي وئي ۽ حق گهرڻ تي غدار قرار ڏني وئي ۽ خاموش رهڻ تي وڏيڪ غدار ۽ باغي سڏي وئي.

هيءَ قوم جنهن جا اڳواڻ پيشي ور دلال آهن ۽ جيڪي سندس جذبن جي قيمت جو چيڪ ڪيش ڪرائڻ لاءِ گلو ڦاڙي ٻاڪاريندا آهن ۽ مانگر مڇ جا ڳوڙها ڳاڙيندا آهن ۽ هڪ مٽيءَ جا مٽي ۾ وجهندا آهن ۽ سڀ ڪان اڳرا ٿيڻ لاءِ نت نوان ناٽڪ رچائيندا آهن. هيءَ قوم جنهن جا اديب ۽ ليکڪ وائڙا ۽ واڇ آهن ۽ پنهنجي معتبري ڏيکارڻ لاءِ پنهنجن جو ٺي پٽڪو لاهيندا آهن ۽ وقت پوڻ تي ڪوئن وانگر ٻرن ۾ لڪي ويندا آهن ۽ سڻائي واءَ جي خوشخبري ٻڌي پيهر ميدان ۾ ڪڏي پوندا آهن.

هيءَ قوم جنهن جا شاگرد هٿيارن جي زور تي امتحان ڏيندا آهن ۽ پڙهائيءَ کي عيب سمجهندا آهن ۽ داداگيريءَ خاطر پجيرن جي ڊوڙ اڏائيندا آهن ۽ غريب ٻاڪڙا هوٽل وارن کان منٿلي اڳاڙيندا آهن ۽ ڪاليجن توڙي يونيورسٽين ۾ ڇوڪرين کي امپريس ڪرڻ لاءِ سينڊ سرما ڪري بي سري آواز ۾ دردِيلا گانا ڳائيندا آهن.

هيءَ قوم ، جنهنجو عوام اڻ ڄاڻ، بي خبر ۽ بي پرواهہ آهي، جنهن جي لڱن تي پورا لٽا بہ ناهن ۽ جو غيرتمند سڏائڻ جي شوق ۾ گهر جا ڪڪڙ مارڻ ۾ پورو آهي ۽ هوٽلن تي ويهي نلهيون ڳالهيون ڪرڻ ڄاڻي ٿي ۽ ڪيبل جا مزا ماڻڻ سندس زندگيءَ جو معراج آهي ۽ جنهن کي اها ڄاڻ بہ ناهي تہ دهل در تي اچي پهتا آهن ۽ سندن تباهيءَ ۽ بربادي‌ءَ جي شرناءِ وڄي چڪي آهي ۽ پيير تي ڏونڪو لڳڻ وارو آهي ۽ جن هميشہ معجزن ۾ ويساهہ رکيو ۽ جي هاڻي بہ ڪنهن وڏي معجزي جي انتظار ۾ آهن.

اها قوم اسان جي قوم آهي، اهي ماڻهو اسين پاڻ آهيون. تون آهين، مان آهيان ۽ اسان سڀ آهيون. اهو رهزن رهنما، اهو نستو اديب، اهو اڙٻنگ شاگرد، اهو تماشبين، ٻڪيو، ڏکيو ۽ لڱن اگهاڙو عام ماڻهو مان پاڻ آهيان. جنهن کي آئينو سمجهي مان پنهنجي شڪل شبيهہ کي وڏيڪ موهيندڙ بنايان ٿو. ڦٽي ڦوڪارو ڪيان ٿو دلڪش مسڪراهٽ سان موتي پاڻ ڏانهن نهاريان ٿو اهو آئينو ناهي، دانگي آهي، جيڪا منهنجي ٻوٿ تي ڄاڻ تي مکي، چو تہ هيڃي، لالچي، خود

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پسند، ڏوڪي باز ۽ غدار جو انجام اهو ئي آهي. اڄ نه ته سڀان، جڏهن سيڪجهه لٽجي چڪو هوندو تڏهن اسان سڀ هڪ ٻئي کي ڏسي شرمسار ٿينداسين، منهن لڪائينداسين، اکيون چورائينداسين، گهٽي مٽي ويندا سين، ڇو ته اسان ڪم ئي اهڙو ڪيو آهي. اسان ٻئي ڪنهن کي نه، پنهنجي آئيندي کي سوريءَ تي چاڙهيو آهي. لطيف، سچل ۽ ساميءَ کي لڄايو آهي. سنڌوءَ جي هزارها سالن کان پراڻي ساٿ سان ڏٿي وائٽي دغا ڪئي آهي. ڇا اڃا به اسان معافيءَ جي قابل آهيون؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڌڻڪي سنڌ جي وارثيءَ جو سوال

سنڌ تي پئي آهي گهڻ وارثي، جنهن ڪي تو ريچڪ اچي، سو تو حق جمائي. اڳ تہ هئي پيرن فقيرن، درويشن ۽ اوليائن جي حوالي، پوءِ تي وڏيرن، رئيسن ۽ سردارن جي وس. انهن سيني گڏجي مڙي سڙي پرمٽن، پلاٽن، وزارتن ۽ صلاحڪارين جي عيوض ذرو ذرو ڪري ايئن وڪي، جيئن جواري ٽڪريءَ تي گهرجا ٽپڙ تاڙي، زر زيور ۽ آخر ۾ ننگ داوَ تي لڳائيندا آهن. ان وچ ۾ پنجابي ۽ پناڻ بہ سنڌ جو نعرو هڻي سندس وارث بڻجي وينو. پنجابي پختون اتحاد اوهان ڪان ڪو نہ وسريو هوندو. ڇڪن ۾ رهندڙ پنجابين بہ سنڌين کي سنڌ مان نڪري وڃڻ جي صلاح ڏني. پنجابي اسٽوڊنٽس ايسوسيئيشن شهر ۾ ٻائيتال ٻاري ڏنو. پناڻ ڪراچي توڙي حيدرآباد ۾ سرگرم تي ويا. ٽرڪن ۽ ٽينڪرن سان رستا روڪڻ سندن معمول بنجي پيو. حاڪمن وڏي تيزيءَ سان هڪ ٻئي پٺيان ايتريون تہ چالون چليون جو مخلص سنڌي ڪارڪن ۽ شاگرد پڇي پڇي هڃي پيا. هڪ کي اڃا منهن ڏئي مس بيهن تہ ٻي مصيبت اڳ ئي موجود. هڪ جهيڙو ڳنڍيو ئي پيو آهي تہ ٻہ ٻيا ڪر کنيون بيٺا آهن. پناڻن کي تہ ورسائڻ سولو ڪم آهي. ٽرانسپورٽ تہ سؤ سيڪڙو سندن هٿن ۾ آهي. سپر هاءِ وي تي پيٽرول پمپ ۽ هوٽلون اڏيندا ويا. هر سنڌيءَ جي در تي پناڻ چوڪيدار بہ ضروري آهي. مٿان آيو هيروئن ۽ هٿيار جو پئسو تنهن تہ رنگ لائي ڇڏيا. پنجابين لاءِ البتہ مختلف حڪمت عمليون تيار تي ويون. چيائون، پنجابي هاري محنتي آهي، سنڌي سست ۽ نڪمو وڏيرن ٻڌي اگهہ تي پنجابي هاري رکي ڇڏيا. ان ڪم ۾ پلا حڪومت چو پنتي رهي؟ هڪ اسڪيم تحت رستن جي ڪنارن کي سرسبز ۽ آباد ڪرڻ جي بهاني نرسرين جي اسڪيم ٺاهي وئي، جنهن موجب زمين مفت ڏئي پنجاب مان ماٺهو گهرائي کين روزگار ۽ رهائش مهيا ڪئي وئي. گڏوگڏ هر هنڌ زوريءَ قبضا ڪرائي پارڪن، فٽ پاٿن توڙي وچ رستن ۽ چوڪن تي مسجدون ٺاهي، پيش امام ٻانگا ۽ خدمتگار پنجاب مان گهرائي آباد ڪيا ويا. رهائش، بجلي، پاڻي،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاڏو خوراڪ مفت، متان وري مذهبي چوڏراهڻ ڏار. متان وري ڪتابين جي يلغار
ڀڙا مزا ڪي پيا؟

سرڪاري ڪامورا نينڍڙا توڙي وڏا به هر صوبي جا سنڌ ۾، سنڌ جو هڪ به ملازم توهان کي ڪنهن ٻئي صوبي ۾ نظر نه ايندو. هت پوليس واري کان وٺي وزيرن تائين ڏاريا. پيو ته ٺهيو پر تعليم ۽ ثقافت جا وزير به سنڌي ناهن. اڃا به چار قدم اڳتي، گهرن ۾ ڪم ڪرڻ وارا نوڪر ۽ نوڪرياڻيون به ميانوالي ۽ بهاولپور مان اچن. اڃا اسان غيرقانوني طور سنڌ ۾ ايندڙ هندستانين، بنگالين، برمين، سريلنڪن ۽ ايرانين جي ڳالهه ڪو نه ڪئي آهي. بهاري به ٿورا ٿورا ٿي آخرڪار پهچي ويا.

فوجين کي زمينون مليون، ڇانوڻيون ٺهيون. رينجرن زمينن تي قبضا ڪيا. جن ماڻهن اسان جو پاڻي بند ڪيو ڪٽڪ جي چرپر تي بندش وڌي، ناڻي ۾ حصو ڏيڻ کان انڪار ڪيو. اسان جي نوڪرين تي ڪوڙا ڊوميسائيل ٺهرائي غاصب ٿيا. سي به اسان سان ياڳي پائيوار ٿي ويٺا آهن. اڃا به اسان جي اک نٽي کلي! سياستدان ته مورثي حقدار آهن سي آهن. وڏيري جي جاءِ ننڍيرو وڏيرو ٿو والاري، غداريءَ جا جيوڙا پيءُ کان پٽ ڏانهن منتقل ٿيندا ٿا رهن. قوم پرست چوائيندڙ اڳواڻ پاڻ ۾ ڪو نه ٿا ٺهن. ڪن تي ته پگهاردار هٿڻ جا به الزام آهن. متحده مولوي محاذ وانگر اهي به نوراڪشتيءَ ۾ به چار لفظ سرڪار مائي باپ کي ڏکيا چئي ماڻهن ۾ وهه واهه ڪرائي، پنهنجو اجورو وٺي اچي ٿا گهر پيڙا ٿين. اڃا به اسان زنده قوم چوائيندي ذرو به شرم محسوس نٿا ڪيون؟ سنڌ بچي ئي ڪٿي آهي جنهن کي بچائڻ جا جتن ڪجن؟ ڪو سچ ٿو چوي ته وڪاڻل، ڏڪاڻل، پليل، پتڪيل، خودساخته دانشور اخبارن ۾ نالو ڇپائڻ لاءِ اها ٿا جهمر وجهن جو الله ڏئي پناهه!

به ڏينهن اڳ الطاف حسين حيدرآباد جي سنڌي ليکڪن ۽ دانشورن کي خطاب ڪيو ۽ هڪ دفعو وري سنڌ سان وفاداري ۽ سنڌين جي حقن جي حفاظت جو وعدو ڪيو. سٺي ڳالهه آهي. اها گفتگو اڳ به ٿي چڪي آهي. سنڌ ۾ امن ۽ پائيچاري جي فضا قائم رکڻ لاءِ اهڙي جذبي جي سخت ضرورت آهي. پراڻي ڳالهه ڪانهي، آغا سليم ۽ مون ان ئي جذبي تحت متحده جي "غير مشروط" آڇ کي قبول ڪندي اليڪشن ۾ بيهڻ جو فيصلو ڪيو هو. اُهو هاهاڪار متو هو اهي پتڪا پيا هئا. اهي لزام لڳا هئا جو لاچار اسان کي اليڪشن تان هٿ ڪڍي عزت بچائڻي پئي هئي. ڪن سوتلي مارڪ اڳواڻن ته پريل محفلن ۾ گٿا لفظ به ڪڍيا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا. اڄ انهن مان ڪيترا الطاف جو خطاب ڀڏڻ لاءِ ممتاز هال ۾ موجود هئا. سنڌن علائقن ۾ متحده جا جهنڊا روڊن تي نه، سنڌين جي گهرن تي پيا لهرائن. ڪراچيءَ کان پلي روهڙيءَ، لاڙڪاڻي يا گهوٽڪيءَ تائين هليا وڃو بدليل نقشو ڏسي توهان پاڻ حيران ٿي ويندؤ. اها تبديلي ڇو آئي آهي؟ اسان جا يار پلي ته ڪهڙا به سبب گهڙين، پر حقيقت ڪڙي آهي. ڀڏڻ پسند نه ڪندا پر ڀڏڻي پوندن. حقيقت اها آهي ته سنڌي ماڻهو پنهنجن قوم پرست توڙي وفاق پرست اڳواڻن، اڌ اکري دانشورن ۽ نقلي ليکڪن کان بيزار ۽ نااميد ٿي پيا آهن. هو اکين سان ويٺا ٿا ڏسن ته ڳنوايامي ته گهٽو ٿو پر منجهس آهي ڪجهه به ڪو نه! نه همت، نه خلوص ۽ نه عمل. اهڙن ماڻهن جي موجودگيءَ ۾، سنڌن دعوائن ۽ نعرن جي باوجود، سنڌ هٿن مان نڪري چڪي آهي. سنڌ هاڻي اسان جي نه رهي آهي. نه ٻولي، نه ثقافت، نه ادب، نه تعليم ۽ نه وري حڪمراني، سڀ ڪجهه لڙهي ويو! اڃا ڪيترو وقت وڏيڪ انهن بي همت، بي عمل ۽ بي عقل ماڻهن جي پويان خوار ٿيون؟

مهاجرن ڪي سنڌ سان ڇڱايون ڪو نه ڪيون آهن. نالو ته سنڌ ڌرتيءَ، لطيف ۽ سچل جو ٿا وٺن، پر نيت تڏهن نيڪ مڃينداسين جڏهن اسان جي بنيادي مسئلن لاءِ عملي طور ميدان ۾ ايندا. زباني وعدا ۽ دعوائون ته عرصي کان ٻڌندا پيا اچون. هاڻي متحده سنڌ صوبي توڙي مرڪز ۾ حڪمراني ڪري رهي آهي. پنهنجن ڪارڪنن تان عدالتي ڪارروايون ختم ڪرائي رهي آهي. پنهنجن ماڻهن کي روزگار ۽ تعليم جون سهولتون ڏئي رهي آهي. پنهنجي معمولي معاملي کي مڃائڻ لاءِ حڪومت مان نڪري وڃڻ جي ڌمڪي ڏيڻ سنڌن پاليسيءَ جو حصو آهي. ڇا هو ڪالاباغ ڊيم، ٿل ڪينال، ناٽي روزگار توڙي ٻين مسئلن تي سنڌ جي ماڻهن سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪرڻ لاءِ ان قسم جو قدم کڻڻ لاءِ تيار آهن؟ جيڪڏهن ها، ته پوءِ هن کان وڏيڪ مناسب ڪو ٻيو وقت ڪو نه ايندو.

ياد رهي ته سنڌي ۽ اردو اديب توڙي دانشور سنڌ ۾ امن ۽ پيار ٿا چاهين. هو گڏجي رهڻ ٿا گهرن. هنن سنڌي ٻولي ۽ ادب ۽ ثقافت سان پاڻ کي واڳي ڇڏيو آهي. اهڙيءَ طرح سنڌي ۽ اردو مزور ۽ غريب پڻ تعصب کان لاتعلق آهن. اهي پڻ پاڻ ۾ کير کنڊ ٿي رهڻ ٿا چاهين. هو هڪ ٻئي جي زبان روانيءَ سان ڳالهائن ٿا ۽ هڪ ٻئي جي ثقافت جو احترام ڪن ٿا. مسئلو وچولي طبقي جو آهي ۽ وچولو طبقو جن جذبن جو اظهار لفظن ۾ ڪري ٿو، انهن کي جيڪڏهن عملي جامو پڻ پهرائي ڏيکاري ته هوند گڏجي ٻاهرينءَ لوڌ ۽ پرمارن جو ڪاميابيءَ سان مقابلو ڪري سگهون. امتحان جو وقت آهي. ڏسون ته ڪير ٿو اڳرائي ڪري انا جا بت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيچي؟ ڪير ٿو حقيقتن جي روشنيءَ ۾ سياٽپ جو رستو وٺي؟ ڪير ٿو سنڌ جي سينڌ پيهر سنوارڻ جو بار پنهنجي سر تي کڻي؟ جيڪڏهن ڪنهن کي واقعي اسان سان همدردي آهي يا پيار آهي يا اسان جي دکن جو احساس آهي، تہ پوءِ هن کي ٻيا سڀ حيلا بهانا ڇڏي اسان سان گڏ جدوجهد ڪرڻي پوندي، ماءُ کي ماءُ جو درجو ڏيڻو پوندو. ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هر ان رسم، رواج ۽ روايت جو مقابلو ڪرڻو پوندو، جنهن سنڌ کي ڪائي ڪوڪلو ڪري ڇڏيو آهي. پنهنجي ذاتي يا اجتماعي مفادن کان مٿيرو ٿي ڪين سنڌ جي گڏيل ڪارج ۾ ڀرپور حصو وٺڻو پوندو. ٻوليءَ کان وٺي پاڻيءَ تائين، هر ويڙهاند ۾ اسان ساڻ رهڻو پوندو. جيڪڏهن ايترو اعتماد بحال ٿي ويو تہ پوءِ اهي مفاد پرست وڏيرا جن قدم قدم تي سنڌ جي حقن جو سودو ڪيو آهي ۽ اهي غاليچي جا ٽوپچي سياستدان، جن غريبن جي وات مان گره کسي پنهنجن ڪتن کي کارايو آهي ۽ پاڻ هر حڪمران آڏو جهڪي سجدو ڪيو آهي ۽ اهي ليکڪ ۽ صحافي ۽ دانشور جيڪي هوا جو رخ ڏسي لڏو پٽيندا آهن، سي ڳوليا ڪو نہ لڀندا.

اهو سڀ ڪجهہ ٿي سگهي ٿو. سنڌ هر هنڌ پنهنجو ڪيس کٽي سگهي ٿي. ڌاريا ۽ غاصب راتو رات نپڙ کڻي پنهنجن اصلي صوبن ڏانهن وڃي سگهن ٿا. سڀ ڪجهہ ٿي سگهي ٿو، شرط صرف ۽ صرف اهو آهي تہ اهي ماڻهو جن جو مرڻ ۽ جيئڻ سنڌ ۾ آهي، جن کي تواريخ جي آنڌيءَ سڪل پن جيان اسان جي جهول ۾ اڇي اڇلايو آهي، سي ماضيءَ کي وساري، آئينده لاءِ پنهنجي تن، من ۽ وچن کي سنڌ سان واڳي ڇڏين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي تنهائي ـ ذميوار ڪير؟

سڄاڻ ماڻهوءَ جو ڪم آهي تہ پهرين پنهنجي حفاظت جو انتظام پاڻ ڪري، رات جو سمهڻ وقت در، دريون ۽ روشندان چڱيءَ طرح بند رکي. ٻاهرئين در کي تالو هڻي. گهر جي رکواليءَ لاءِ چوڪيدار رکي. چوڪيدار نہ هجي تہ ڪتو ڏارجي، سمهڻ کان اڳ ڪتي جو پٽو کولي ڇڏجي. ڳهہ ڳٺا، قيمتي سامان تجوڙي ۾ بند رکجي. ان سڄي اهتمام کان پوءِ بہ جيڪڏهن چور چوري ڪري وڃي تہ سڀ کان پهرين تہ ڏسجي تہ واردات ڪيئن ٿي؟ ڪهڙي غفلت ٿي؟ ڪٿي ڪا ڪسر تہ نہ رهجي وئي؟ جيڪڏهن نہ، تہ پوءِ چور جي همت ۽ عقل کي شاباس ڏجي. مٽ مائٽ، سات سنگت ميڙي، لٽ ٻانڌو ساڻ کڻي، چور جا پيرا کڻجن ۽ وڃي پنهنجو مال مڙي هٿ ڪجي. جيڪڏهن ڳالهہ اتان بہ زور ٿي وڃي تہ پوءِ لاچار وڃي ٿاڻي تي فرياد ڪجي. فرياد واري ڳالهہ ٿي ٻين جي هٿ وَس. پوليس کي ڪهڙي پئي آهي جو اسان جي خاطر پنهنجي ننڊ ڦٽائي؟ پوليس کي هوشيار ڪرڻ لاءِ بہ وڏي وٺ پڪڙ جي ضرورت آهي. ويسلو ٿي ويهبو تہ چوري پڌي ويندي، اورچ ٿي پٺيان لڳبو تڏهن وڃي ڪو نہ ڪو ڪلياڻ ٿيندو.

قومون بہ ايئن ئي آهن. جيڪڏهن اڳواٽ هوشيار رهنديون، پنهنجي مال جي رکوالي ڪنديون، پنهنجو مال ملڪيت سنڀالي رکنديون، راڪا ۽ چوڪيدار جاڳندا رهندا، روڙو ڪائي سمهي نہ رهندا، پنهنجي وکر جي سار سنڀال ٻين جي حوالي نہ ڪندا، تہ پوءِ ڪو بہ سندن وار ونگو ڪري نہ سگهندو. چور چوري ڪري نہ سگهندو. ڦورو ڦري نہ سگهندا، ماري ماري نہ سگهندو. پر جي سڀ ڪم الله جي حوالي ڪري، توڪل تي تڪيو ڪري، وهاڻو سيرانديءَ رکي، اکيون پوري، ننڊوري ننڊ ڪبي، تہ پوءِ ڏارئي شاهينگ تي ڏوهہ ڏيڻ اجايو آهي. جنهن کان پڇندو سو لوڙهو ٽپي، گهر ٻهاري، پينگ ڪري، وڃي سولو ٿيندو. ڦرئي کان پوءِ سينو ڪُٽڻ، رڙيون واڪا ڪرڻ، ڏهہ ڏهہ ڳوڙها ڳاڙڻ، آئي وئي کي دانهن ڏيڻ، چڳن مڙسن جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيرن ۾ ليٽريون پائڻ، پنچات ۽ جرڳا ويهارڻ ۽ قاعدي قانون جا ڪتاب کولي ڏيکارڻ مان ڪجهہ نہ ورندو اهي ٿيا پاڻ تي راڄ ڪلاٽا.

اسان سنڌين جو بہ ڪجهہ اهڙو حال آهي. دانهن ڪوڪ تي هري ويا آهيون. ويٺا انتظار ڪنداسين تہ من ڪا ڏاڏائي ٿئي تہ ڪارو جهنڊو هٿ ۾ ڪٽي، ماتم ڪندا، سينو ڪٽيندا، هاءِ گهوڙا ۽ حسين مولا ڪندا روڊن رستن تي نڪرون. ماڻهن کي پنهنجي مجبوري، لاچاريءَ ۽ مظلوميت جو داستان ٻڌايون. انهن در دانهيون، جن اسان سان جاڙ ڪئي! انهن کان انصاف گهرون، جن بي واجبي ڪئي! انهن کان سهارو گهرون، جن بي سهارو ڪيو.

سياست جي راند ڏاڍي بي رحم ٿيندي آهي. نہ ڏسي ياءُ نہ پيءُ، نہ مِٽ نہ مائٽ، نہ يار نہ دوستار، پنهنجي مطلب ڪاڻ جي محسن جو ڪنڌ ڪپڻو پوي تہ بہ جائز آهي. پنهنجي گتيءَ ڪاڻ جي ٻچن تي پير ڏئي بيهڻو پوي تہ بہ ڪو عار ناهي. پنهنجي فائدي لاءِ جي سنگت ساٿ جي پٺيءَ ۾ خنجر کوڙڻو پوي، تہ بہ ڪو حرج ناهي. اهڙي ظالماڻي راند ۾ جي ڪو سائينءَ جو سنواريو ويهي، عدل ۽ انصاف ۽ اصول جون ڳالهين ڪندو تہ دنيا وارا تن بدن تان لٽا بہ لاهي ويندس، پٽو ئي ڪو نہ پوندس. پوءِ پل تہ پيو نفل پڙهي. هن راند ۾ تہ هر وقت، هر پل، هر لمحي هوشيار ۽ خبردار رهڻو آهي. اڳلي جي هر چال تي نظر رکڻي آهي. سندس هڪ هڪ منصوبي جي لاءِ ڏار ڏار پيش بندي ڪرڻي آهي. هر وقت ساڳيو رڪارڊ وڄائڻو ناهي. ساڳي رٿابندي هر وقت ڪو نہ هلندي. ساڳيو پٽڪو هاءِ گهوڙا، ظلم، بغداد، فرياد ڙي فرياد، امان ڙي بابا ڙي، قرجي وياسين! هاڻي ڪوئي واهر ڪري، ڪير ڪنهنجي واهر ڪندو؟ آپٽي گهوٽ تہ نشا ٿيوئي. اسان ڪڏهن پنهنجي گهوٽي ئي ناهي تہ نشو ڪٿان ٿيندو؟ منصوبابنديءَ جي نالي کان واقف ئي ناهيون تہ چال ڪٿان چلنداسين؟ ڪڏهن چليائي ناهيون. سڏي راند سونٽي جي. هڪڙا اقتدار جي پويان، ٻيا جلوس جي پويان، ٻنهي پاسي گهاٽو قوم کي. ٽورا ٽورا تي حق کاڄي ويا. ڏاري مخلوق ايتري وڏي وئي جو ڪو پنهنجو ٿا ڏسون تہ حيرت تي ٿئي. ڪي ڏاريا ٻاهريان آيا. ڪن کي اسان زوريءَ ڏاريو ڪيو. برهمڻ جو ٿياسين! ميمڻن کي ڪڍي ڇڏيوسين. چيوسين، اهي سنڌي ناهن. خوجن کي ڪڍي ڇڏيوسين. چيوسين، اهي بہ سنڌي ناهن. بوهرين، پارسين، ڪرستانن کي پري ٻيهاري ڇڏيوسين. پنجابي، پناڻ، پناهگير، بنگالي، افغاني، ايراني ۽ ٻيا تہ هونئن ئي ڏاريا هئا. سيني گڏجي وڃي ايم ڪيو ايم جي پاڇي ۾ پناهہ ورتي. اڳ سنڌي ڳالهائيندا هئا. سنڌي لکندا هئا. سنڌي پڙهندا هئا. هاڻي اردو دان ٿي ويهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيا. ڪراچيءَ جا مڪراني ۽ حيدرآباد جا سلاوٽ بہ هاڻي سنڌي ڪو نہ ٿا ڳالهائين. پيو تہ ٺهيو پر جن مهاجرن سنڌ جي ڳوٺن ۽ ننڍن شهرن ۾ وچي پناهہ ورتي هئي ۽ سنڌين سان مليا، مٿيون ماڻهيون ڪري هڪ ٿي ويا هئا ۽ پاڻ کي سنڌي سڏائيندي ڪو نہ هٻڪندا هئا، تن کي بہ طعنا، مهڻا ۽ ڊيڪ ڏئي پاڻ کان باغي ڪري بيهاريوسين. ماڻهو وچن پنهنجو انگ وڌائيندا، اسان ويچون پنهنجو تعداد گهٽائيندا. هو اجرڪ ۽ ٽوپيون پائي، ٽٽل ڦٽل سنڌيءَ ۾ غلط سلط شعر پڙهي پاڻ کي سنڌي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ۽ اسان وچون پري ڀڄندا. اسان وچون پاند ڇڏائيندا ۽ هنن بال آڻي اسان جي ڪورٽ ۾ ڦٽو ڪيو. اسان جا پيادا وٺن ٺهندا، هنن جا مهرا وچن ويجها پوندا. هو پنهنجي چال هلي چڪا. اسان جو وارو آهي. اسان جي چال ڪير هلندو؟ گهٽين هارئين هر نہ هلي، گهٽين ڏاليِن گهر نہ هلي. نہ نامينيشن في، نہ فارم، نہ ورڪ، نہ ووٽ!

قومپرست ليڊر ٽيڻ ۾ دير گهٽي؟ جنهن کي پنهنجا گهرياتي بہ نہ سڃاڻن، سي بہ هڪ بہ نعرو هڻي اسان جا اڳواڻ ٿي ويهي رهيا آهن. نہ تجربو نہ تعليم، نہ ساڃهہ، نہ سماءُ. هرڪو پيو پاڻ پڏائي. جيڪي واقعي درد دل رکن ٿا، سوچ سمجهہ وارا آهن. لکڻ بہ ڄاڻن. پڙهڻ بہ ڄاڻن. ڳالهائي بہ ڄاڻن، سي فقط آڱرين تي ڳڻڻ جيترا. انهن ۾ بہ ڪير سچو ڪير ڪوڙو؟لامارا تہ گهڻا ئي پيا ڏين. ڪنهن جي پٺيان لڳون؟ هر ڪنهن جو رستو پنهنجو. اسان جي پاران ڪير ڳالهائي؟ هڪ ڳالهائي يا سڀ ڳالهائين؟ جي سڀ ڳالهائين تہ پوءِ ڪنهنجي ڳالهہ مڃجي؟ اتي هر بار ڏڪ کائي ٿا وڃون. اڄهو هاڻي گورنر جو مسئلو ڪڙو ٿيو آهي. ان کان اڳ چيف منسٽر جو مسئلو ڪڙو ٿيو هو. ان کان اڳ پارٽين جي الحاق جو مسئلو پيدا ٿيو هو. سامهون وارن رانديگرن اهڙيون تہ ڳوٺون بيهاريون جو مرڪز بہ سلامي تہ صوبو بہ سلامي، ووٽ بہ گهڻا ڪو نہ. پر چال جي پختگي تہ ڏسو. جماليءَ جي حڪومت بہ گوڏا ڪوڙيو ويٺي آهي تہ مهر ويچاري جي ڪرسي بہ هڪ ٽنگ تي بيٺي آهي. جن نوَ نِـرِڻ ڪيڏي هوندي، تن کي خبر هوندي تہ "ٻِـ ٽٽي"، "پيگهي" يا "ٻجهڙڪ" جا ٽيندي آهي. هيڏانهن بہ ڳوٺ مار هوڏانهن بہ ڳوٺ مار تڙ بہ تنهنجو پڙ بہ تنهنجو. گورنر نہ گهرن، ڪٽي جا بہ گهرن. لاچار ٽيڻو آهي. اسان وٽ ڇا رکيو آهي؟ يوم سياهہ، جلسا، جلوس، مظاهرا، ڪانفرنسون. هڪ ڪانفرنس گڏريل ڪانفرنس جي فوٽو ڪاپي. گڏريل ان کان گڏريل جي ڪاپي. اهڙيءَ طرح وچي توڙ ڪبو. ساڳيا بريف ڪيس، ساڳين بريف ڪيسن ۾ ساڳيا ڪاغذ، ساڳين ڪاغذن ۾ ساڳيا انگ اکر، پڙهڻ وارا بہ ساڳيا تہ ٻڌڻ وارا بہ ساڳيا. رڪارڊ کي چڙهڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ گهاري پنجي وٺي آهي. گذريل اڌ صديءَ کان سٺي ساڳيءَ جاءِ تي اٽڪي بيهي رهي آهي. نہ ٿي چاٻي ڪٽي، نہ ٿي جند ڇٽي!

جيڪڏهن ڪو ايئن ٿو سمجهي تہ مون کي اهي ڳالهيون ڪندي خوشي ٿي ٿئي يا مان ٽوڪ ٿو ڪيان يا مزو ٿو وٺان تہ مهرباني ڪري اهو خيال پنهنجي ذهن مان ڪڍي ڇڏي. مون کان پڇو تہ مان هڪ هڪ لفظ ڪيڏي نہ ڏک ۽ پيڙا مان گذرندي لکان ٿو. ڪيڏي ذهني اذيت تي ٿئيم پنهنجا زخم کوليندي. ڪا طنز ٿو ڪيان تہ پنهنجي پاڻ تي، ٺٺولي ٿو ڪيان تہ بہ پنهنجي پاڻ تي. ڏوهہ ٿو ڏيان تہ بہ پنهنجي پاڻ کي، ملزم ٿو ٺهرايان تہ بہ پنهنجي پاڻ کي، ڇو تہ ڪٺهڙي ۾ بيٺل شخص، بيو نہ، مان پاڻ آهيان. مان ئي ذميدار آهيان سنڌ جي بدحاليءَ جو. مان ئي ڏوهي آهيان سنڌ جي تباهيءَ جو. مان ئي مجرم آهيان سنڌ جي تنهائي جو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جا نمائندا ـ نہ هوند نہ شُکر

سنڌين ويچارن تہ پنهنجي صوبي جي حڪومتي معاملن جي تات پچار ڪڏهوڪو ڇڏي ڏني آهي. تماشائين وانگر پريان بيهي پيا دنيا جا رنگ ڏسندا آهن. ڪو آسرو ڪا اميد هجين تہ جيڪر دل ۾ جان سان ويهي هر چرپر جو حساب ڪتاب رکن. ڇگي ڪم جي واکاڻ ڪن، هندي تي ميار ڏين. سٺي جي ساراهہ ڪن، بري کي برو چون. پنهنجي کي پنهنجو چوندي بہ خوشي ٿيندي آهي. پرائو جي پنهنجائيءَ جي دعويٰ ڪري ۽ پنهنجي عمل سان سچ پچ پنهنجو ٿي ڏيکاري، تہ ان کان وڌ ٻي ڪهڙي عيد ٿيندي؟

ڪو وقت هو جو هجت بہ ڪندا هئاسين، ميار بہ ڏيندا هئاسين، اميد بہ رکبي هئي، مايوسي بہ ٿيندي هئي. هاڻي تہ ڪو احساس باقي نہ رهيو آهي. خبر پئجي وئي اٿئون تہ اسان جو ڪو بہ ڪو نہ رهيو آهي. سنڌي ماءُ پيٽان بہ هاڻي ڏاريا ٿا ڄمن. اڳي ڪو هڪ اڌ وڪامبو هو سو بہ شرم کان سر جهڪائي لنگهندو هو. هاڻي هڪ اڌ ڇڏي سڀ وڪائل آهن ۽ وڏي شان سان ڪرُ ڪڍي ٿا هلن. اڳ اسيمبلين ۾ سنڌ جي حقن خاطر وڏي ويڙهاند ٿيندي هئي. سرڪاري توڙي مخالف ڌريون گهٽ ۾ گهٽ سنڌين جي حقن تي ڌاڙي واري رٿ جي يڪراءِ تي مخالفت ڪنديون هيون. هڪ بہ واقعا ڇڏي، باقي ڪڍهن بہ، ڪنهن بہ اسيمبليءَ سنڌ توڙي سنڌين جي موت واري پرواني تي اکيون ٻوٽي، آمنا صدقنا چئي صحيحون ڪو نہ ڪيون. وڏا ڪاتڪو دغاباز ۽ ڦرٽا گهرٽا سياستدان بہ کلئي ڪلائي مک ڪو نہ اگرندا هئا. هاڻي تہ شرم حيا نالي ڪا شيءِ بچي ئي ناهي. عزت ۽ غيرت جي تہ نعرا هڻي ٿا نيلامي ڪن. وڏا وڏا ڦوڙاٽ خان، جي ڪمزور عورت کي ڪاري ڪرڻ واري ٻل تي تارا ڦاڙي، گڦ ڳاڙي، گلا ڦوڪي، ڪاريهر نانگ وانگر شوشات ڪري ٿا اٿن، سي ڌرتي ماءُ جي بي حرمتيءَ تي نہ صرف واتان اکر ڪو نہ ٿا ڪُڇن، بلڪ ڌاڙيلن جي ٽولي سان سنمک ٿي، دلالي ڪندي بہ ڪين ٿا ڪيٻائين. ڇڱا ڀلا ڏسڻا وائسڻا ماڻهو جن جي ڪلف لڳل ڪپڙن جو سرڙاٽ ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئين بوٽ جو چيچاٽ جيسين پاڙي وارن تائين نہ پهچي تيسين سک نہ اچين. سي خوشامد ۽ چمچاگيريءَ ۾ لوسين کي بہ مات ڏئي بيٺا آهن.

ووٽ ماڻهو خوشيءَ سان ٿا ڏين يا کانئن زوريءَ ٿو ورتو وڃي يا وري رات پيٽ ۾ باڪس ڀريا ٿا وڃن، اهو هڪ الڳ بحث آهي. نمائندا حقيقي آهن يا چور دروازن کان اسان تي مڙهيا ٿا وڃن. في الحال ان ڳالھ تي بہ ڪونہ ڳالهائيندا سين. جيڪو ”آلو نور مٽي جو سور“ طبقو اسيمبلين ۾ اسان جي نمائندگي ڪري رهيو آهي، اهو ڪيتري قدر منافق ۽ مڪار آهي، ڳالھ ان جي ٿي رهي آهي. ظاهر آهي، جن ماڻهن کي طاقتور ڌرين جي ٽيڪ ۽ ٽيڪر هوندي، سي رکوالي، بہ انهن جي مفاد جي ئي ڪندا. اهڙن ماڻهن مان نہ هوند نہ شڪر. جڏهن اسان جا آهن ئي ڪو نہ تہ پوءِ اسان جي ڏک سور ۾ ڇو شريڪ ٿيندا؟ اسان جي اون ڇو رکندا؟ اسان جي پاران ڇو لٺ بانٺو کڻندا. هو تہ جُتي ڪڇ ۾ ڪٽي اوڏاهين ڊوڙ وڃهندا جتي مٺائي پئي ورهائبي. اهڙيءَ حالت ۾ اهڙن ماڻهن منجهان چڱائيءَ جي اميد رکڻ ٻيرن کان ٻير گهرڻ برابر ٿيندو.

هي جو سنڌ هرطرف کان ڏک ڏسي رهي آهي ۽ سندس کلي کلائي حق تلفي ٿي رهي آهي، سا بہ ان ڪري جو اسان جا نمائندا اسان ڏانهن جوابدار ناهن. هو پنهنجن اصلي مالڪن ڏانهن سنواٽ سڌا جوابدار آهن ۽ انهن جي ئي ٻولي ٻولن ٿا جن جي سهاري تي هو موج مزا ماڻي رهيا آهن.

توهان جو سنڌي نمائندن کي ڪڏهن مسلم ليگ (ق) جي هنج ۾ لڪندي ڏسو ٿا، ڪڏهن متحده جي مرڪز جا چڪر هڻندي ڏسو ٿا ۽ ڪڏهن ايجنسين جي کاتي مان پگهارون کڻندي ڏسو ٿا. سو بہ ان ڪري جو هو اسان مان ضرور آهن پر اسان جا ناهن. سنڌ سان ٿيندڙ ناحقن ۾ ناچ ڪندڙ اهي ناچو ۽ قوال ڪڏهن بہ سنڌ جو آواز بڻجي نہ سگهندا. ها، باقي جعفر ڪوڙي وانگر ”شينهن آيو شينهن آيو“ ضرور ڪندا رهندا، ڇو تہ ايئن ڪرڻ سان هو پنهنجي ڪرندڙ ساک کي ٽيڪو ڀيا ڏيندا.

ان سڄي ماحول کي نظر ۾ رکي، سنڌ جي موجوده سياسي ڏڦيڙ تي نظر وجهندؤ تہ لڳندو تہ بہ پاتاريدار پاڻ ۾ حصي پتيءَ تي اٽڪي پيا آهن. هڪڙو ٻئي جا ٿو پتا پڌرا ڪري ۽ ٻيو ٻهرئين جي ٿو لاک لاهي. خبر اسان کي ٻنهي جي آهي. حال ساريا پيا آهن. سنڌ سان سندن محبت بہ جڳ کي ڏٺي پئي آهي. اسان لاءِ جيڪي لنيون ايپون ڪيون اٿن، تن جي بہ دنيا کي جاڻ آهي، پر نالو چاڪاڻ تہ سنڌ صوبي جو پيو ٿو ڳائجي، ان ڪري ماڻهن جون نظرون اسان ڏانهن کڄي ٿيون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجن ۾ ڪرائي تي نعرا هڻڻ وارا ۽ هڪ يا ٻئي جي حق ۾ جلوس ڪڍڻ وارا به اسان جا ئي ٿا ڀانئجن. ٻين صوبن کي اهو تاثر ٿو ملي ڇڻ ته سنڌ ان مامري تي ورهائجي به اڌ ٿي وئي آهي. هڪ اڌ ارباب رحيم جي غم ۾ غش کائي ڪري پيو آهي ۽ ٻيو امتياز شيخ جي ڏک ۾ نيڊال تي مرڻ ڪنڌيءَ تائين وڃي پهتو آهي.

ايئن ناهي. خوشامدڙين، ويڪائن ۽ پڳهاردارن جي پنهنجي رنڌٽي ۾ رولو پيو آهي. مال تي وڙهيا آهن. ٺاهڻ وارا ڀاڄهي ٺاهي ڇڏيندن. پوءِ نه رهنديون اربها رپين جي گهوٻين جون ڳالهيون ۽ عورتن جي سمگلنگ جون پچارون، نه ڪاتا بدلائي زوريءَ قبضا ڪرڻ جا قصا رهندا ۽ نه رهندا ٿر واسين تي روا رهندڙ ظلم جا داستان. اجهو ٿا ڪير ڪنڌ تي وڃن. بس، رڳو هڪڙو معمولي بيان ايندو ته ڀائرن وچ ۾ ڪي غلط فهميون هيون، سي دور ٿي ويون. الا الا خير سلا.

اڇو ته ٻيهر پنهنجي ڏنڌي کي لڳون!

نعريباز ڏهاڙي ڪمائي وڃي پنگ پڳڙو ڪندا. عوامي ليڊر وري وڃي سنڌ جي غم ۾ لوڻ ڀاٽي ٿيندا. متاثر ڌريون نئين سر نئين انداز ۾ تازه دم ٿي اڇي سنڌ جو ماس پٽينديون. جام صادق جو روح مفت ۾ بدنام ٿيندو. ڀاٽي ٻنهي جو ساڳي تڙ تان پيتل آهي. بنيادي تربيت به ساڳي اٿن. استاديءَ جا گُر به هڪ جهڙا اٿن. لَبَ تي ليٽيا آهن. اجهو ٿا ڪپڙا لٿا چنبڙي اٿي ڪڙا ٿين.

شام غريبان ته سنڌ جي اصلي وارثن جي آهي. ماتم ته ڌرتيءَ ڌڻين جي دلين ۾ متل آهي. اوسارا ته اسان جي اندر ۾ آهن. اسان جو ڪير آهي؟ سردار ۽ نواب برابر برا آهن پر بلوچستان جي حقن جي حفاظت لاءِ سنڌن موجوده ويڙهاند. گڏيل موقف ۽ وڏي واڪي اعلان ڇڱن پلن جا وائيسر ڦيرائي ڇڏيا آهن. اسان جا وڏيرا، سردار، نواب، پير ۽ مير رڳو ڏک گسائڻ لاءِ وتن ٿا لنئوٽا هڻندا. هاٿيءَ کي ڪِول مارينديِ آهي. نمرود مڇر هٿان هلاڪ ٿيو هو. اسان وارن ڪاغذي شيرن، مڪار وڏيرن ۽ ڪوڙن رهنمائن کي به اسان جي خالي هٿين، ڏتڙيل حال ۽ بي آسري نوجوان نسل هٿان رسوائي نصيب ۾ لکيل آهي. ان گهڙيءَ جو انتظار آهي جڏهن سڀ پرم پرندا ۽ ڪوڙ جا ڪوٽ ڪرندا.

تو ڇو گهبرايو آ پيارا؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏو ياءُ ۽ پاڪستاني تهذيب

اسان تہ گهڻو ئي پاڪستان پاڪستان ڪيون، برابريءَ ۽ برادريءَ جون ڳالهيون ڪيون، پين تي بيهي زوريءَ پنهنجو قد وڌائي پين سان ڪلهو ڪلهي جي برابر ڪري چئون تہ اسان سڀ هڪ آهيون، هڪ جهڙا آهيون، هڪ جيترا آهيون، پر اڳلا بہ پنهنجو ڪن تہ سهي. هڪ هٿ سان تاڙي وڄائي وڄائي ٿڪا آهيون، زنده باد زنده باد جا نعرا هڻي هڻي نڙي ويهجي وئي آهي، جهنڊا ڪڻي هٿ شلُ ٿي پيا آهن، اڳيان پويان ڊوڙي ڊوڙي جتيون گسي ويون آهن، پر پوءِ بہ دُڪو داخل نٿو ٿئي. ٿئي اهو ٿو جيڪي هو چاهن ٿا، مرضي انهن جي ٿي هلي جيڪي مرضيءَ جا مالڪ آهن. فيصلا اهي ٿا ڪن جن جي هٿ ۾ تارازي بہ آهي تاراجي بہ آهي. ڪالاباغ ناهڻو آهي تہ ضرور ناهڻو آهي. ٿل ڪينال مڪمل ڪرڻو آهي تہ هر حال ۾ ڪرڻو آهي. سنڌ سڪائڻي آهي تہ اوس سڪائڻي آهي. توهان پلي احتجاج ڪيو بڪ هڙتالون ڪيو اسيمبليءَ مان ٺهراءَ بحال ڪيو جيڪي وٽيوَ سو ڪيو، قومي مفاد وڏيڪ عزيز آهي. اهو ”قومي مفاد“ ڪهڙي بلا آهي، سا ڳالهہ ڪڏهن بہ سمجهہ ۾ نہ آئي. اهو بہ سمجهہ ۾ نہ آيو تہ ”قومي مفاد“ جيڪو بہ آهي، سنڌ جي مفاد ۾ ڪڏهن بہ ڇو نہ ٿيو؟

مان سنڌ جي وڪامندڙ يا گيدي يا مصلحت پسند وڏيري کي اهميت نٿو ڏيان. جيڪا شيءِ پڙيءَ تي آئي ئي وڪامڻ لاءِ آهي، سا گهٽ يا وڌ اگهہ تي ڪڏهن نہ ڪڏهن ضرور وڪامي ويندي. ڪو انڊو يا ڪاٽو يا ٻاتو يا ٻوڙو چار ڏوڪڙ ڏئي ڪيس ڪڻَ ڪان ڪاهي وڃي گهر ڪِليءَ سان ٻڌندو. مان ڳالهہ ٿو ڪيان لوپين ۽ ٺوڳين جي، جن پنهنجي هوڏ ۽ هٺ سبب اڌ پاڪستان هڪ ئي داءَ ۾ هارائي ڇڏيو ۽ هاڻي باقي بچيل ملڪ جون پاڙون پٽڻ لاءِ ڪات ڪهاڙا ڪڻي ميدان ۾ لهي پيا آهن.

بدقسمتيءَ سان وڏي ياءُ جو قد ايڏو تہ اوچو آهي جو ٻيا ٽيئي ياٿر هڪ ٻئي جي ڪلهن تي چڙهي، هٿ اوچو ڪري بيهن تہ بہ سندس برابري نٿا ڪري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهن. مٿان وري اٿس ڏنڊي ڪچ پر! ان ته هٽي برابري جي آخري اميد به ختم ڪري ڇڏي آهي. جيئن ٿو وٽيس تيئن ٿو ملڪ پيلي. رهي سهي ڪسر پوري ڪئي آهي اسان جي نون سنڌين. سنڌن مرضيءَ تي منحصر آهي. جڏهن دل ٿي ٿئين ته نوان ٿي ٿا پون. جڏهن ريڇڪ ٿو اچين ته پراڻا ٿا سڏائين. اڄ ڪلهه مالڪ مڪان آهن. ڪين گاديءَ تي ويهاري ڏرتيءَ ڌڻي مُنهن پيلو ڪري پاسيرا ٿي ويهي رهيا آهن ۽ هو يار جن ڪي ڪالهه ورديءَ وارن کان ته شڪايتون هيون سي هيون. پنجاب جي هڪ هٽيءَ خلاف جيڪا هاءِ گهوڙا ڪندا هئا. سا عرش عظيم تائين پهچندي هئي. تن هاڻي ٻنهي ڌرين سان ٺاهه ڪري يتيم سنڌين جي نڙيءَ تي. ننهن ڏيڻ پر ڪونه گهٽايو آهي. سنڌ جي مفادن جا دعويدار لطيف جي نانءَ تي قسم کڻڻ وارا, سنڌوءَ جي پاڻيءَ کي پوتر چوندڙ اجرڪ ۽ ٽوپي پائي "پائي پائي" جو نعرو هڻندڙ اسان جا هي ساٿي, جن ڪي باقي زندگي پيڙهين سميت هت گذارڻي آهي, سي هاڻي اسان جي هيچي ۽ وڪامندڙ وڏيرن جي ڪمزورين جو فائدو وٺي, پاڪستان ۾ اردوءَ جي نالي ۾ آهستي آهستي ڌرتيءَ تان اسان جا پير ڌاهي رهيا آهن. سنڌ جي حقيقي حقن خاطر جدوجهد ۾ اسان جو ساٿ ڏيڻ بجاءِ ڪن لاتار ڪري پري ويهي تماشو ڏسڻ ۾ مشغول آهن. مون سميت اهي سيئي جيڪي ان خوشفهميءَ ۾ مبتلا هئا ته هٽ هٽ ۾ ڏئي, نوان توڙي پراڻا سنڌي, پنهنجي وطن, ٻولي ۽ ڪلچر جي گڏجي حفاظت ڪنداسين, هڪ ٻئي جا پرجهلا ٿينداسين ۽ سنڌ خلاف سازشن جو ملي مقابلو ڪنداسين, سي هاڻي نه صرف مايوس ٿيا آهن بلڪ سنگت ساٿ ۾ شرم کان ڪنڌ کڻڻ جهڙا نه رهيا آهن. اسان ته ماڻهن جي ميار کڻي به ڪلئي عام اهو چيو هو ته سنڌ انهن سيني جي آهي جن جو جيئڻ مرڻ سنڌ ۾ آهي. دوستن وڪامڄڻ جو طعنو ڏنو هو دشمن بزدليءَ جو ويڻ ڏنو هو عام ماڻهن ٽيڪا ٽپڻي ڪئي هئي, پر اسان جو ايمان هو ته تواريخ جي هٿان سنڌ ۾ ڌڪيل انسان ڪڏهن نه ڪڏهن ضرور هن مٽيءَ سان وفا جو اعلان ڪندا.

ايئن نه ٿيڻو هو نه ٿيو اڄ هنن کي پنجاب جهڙو طاقتور ساٿي ملي ويو آهي, جنهن جا به سنڌ ۾ ساڳيا ئي مفاد آهن. اسان جي ٻٽيهه قومپرست جماعتن مان هر هڪ جو قبلو ڌار ڌار آهي. جيڪي پاڻ کي وفاق پرست ٿا سڏائين. تن جي جيتوڻيڪ ديڳڙي ڌار ڌار چڙهي آهي پر سنڌن ذاتي مفاد جي اعلان جو متن ساڳو ئي آهي. هو ڪلهه به اسان مان ڪو نه هئا. اڄ به ناهن. سياڻي به نه ٿيندا.

پير سائين پاڳاري اڌ صديءَ کان پوءِ مهرباني ڪري خيرپور جي سنڌي اديبن سان ملڻ جي خواهش ڏيکاري آهي ته جيئن ڪانئن سنڌ جا مسئلا معلوم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري سگهي. سنڌ جا مسئلا غيب جي ستين تهه هيٺان تہ لڪل ناهن جو پير سائينءَ جهڙي جهان ديده سياستدان کان ڳجها هجن. پر جيڪڏهن ڪين سچ پچ سنڌ جا مسئلا معلوم ٿي ڪرڻا آهن تہ پوءِ فقط خيرپور جا چوند ادبب ئي ڇو؟ اسان سڀ گڏجي ساڻس ملڻ لاءِ تيار آهيون. ٿائيم ۽ جڳهہ جو فيصلو ٿئي، پوءِ پير صاحب ويهي ڏسي تہ ڪيترا اديب، دانشور ۽ صحافي ساڻس ملڻ ٿا اچن. سنڌ جا اصل مسئلا ۽ مامرا اهي ئي ڪيس کولي ٻڌائيندا.

بہ ٽي هفتا اڳ پي ٽي ويءَ جي نئين ايم ڊي ڪجهہ ليکڪن کي دعوت ڏئي پارٽ وٺ گهرايو هو. هو صاحب ڪنهن موبائيل فون ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪندو هو پر ڏٺين ڪيس پاڪستان ٽيليويزن جو سربراهہ بڻائي ڇڏيو. ماٺهو چڱو هو. سڀ ڪنهن جي ڳالهہ ٻڌائين پئي ۽ پارٽ کي نئون ۽ بي خبر ڄاڻائي گهٽين ڳالهين کان پاسيرو پئي رکيائين. سنڌي ليکڪن ۾ مون ڪانسواءِ آغا سليم، محمود مغل، زيب سنڌي ۽ عبدالقادر جوڻيجو شريڪ ٿيو. سنڌي پروگرامن جي ٿوري وقت ۽ ٻين ڳالهين تي تہ سيني دل کولي ڳالهايو بلڪ سڀ کان سهڻي صلاح نوجوان زيب سنڌيءَ وٽان ئي آئي. هن صاحب اهارت ڏني تہ اردوءَ جي حڪمرانيءَ ۾ صوبائي زبانن کي ملندڙ هڪ ڪلاڪ جي خيرات نہ صرف ناڪافي آهي بلڪ شرمناڪ پڻ آهي. ان ڪري اردوءَ جو چينل تہ پل قائم ۽ دائم رکو پر بيواهہ يتيم علائقائي ٻولين کي هڪ هڪ چينل الڳ الڳ کولي ڏيو تہ جيئن اردوءَ جي حق تي هڪ ڪلاڪ جو بہ ڌاڙو نہ لڳي ۽ ٻين کي بہ احساس ٿئي تہ هو بہ هن ملڪ ۾ برابر جا حصيدار آهن.

ايم ڊي صاحب ڪو خاص وعدو تہ ڪو نہ ڪيو پر مان سمجهان ٿو تہ اسان سيني کي گڏجي زيب سنڌي جي ان رٿ جي حمايت ڪرڻ گهرجي تہ جيئن پي ٽي وي کان پنهنجي لاءِ هڪ بلڪل الڳ چينل حاصل ڪري سگهون. ايم ڊي صاحب جو مون بہ هڪ ٻيءَ اهم ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڇڪايو. اها هيءَ تہ ڄاڻي ٻجهي، بلڪ سوچي سمجهي، پي ٽي ويءَ جي پروگرامن کي پنجابيءَ جي رنگ ۾ رنگيو ٿو وڃي تہ جيئن دنيا پر جا ڏسندڙ پنجابي تهذيب، ٻولي ۽ لهجي کي پاڪستاني تهذيب، ٻولي ۽ لهجو سمجهن. ڪمپيئر حضرات، خاص طور نعيم بخاري ۽ نيلام گهر وارو طارق عزيز زوري پنجابيءَ ۾ گفتگو ڪري ڪهڙو پيغام ڏيڻ ٿا چاهن؟ پروگرام کُٽي پوڻ جي صورت ۾ Filler طور پنجابي پنگڙا ۽ "بوهي باريان" ۽ "نچ پنجابڻ نچ" ڇو ٿا هلائين؟ ڊرامن جا ڪردار ۽ سنڌن Locale ڇو گهڻو ڪري پنجاب جا آهن؟ خبرن توڙي حالات حاضره ۾ عوام جي راءِ جي آڙ ۾ پنجابي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهائيندڙن کان خاص طور انٽرويو ڇو ٿا ورتا وڃن؟ اهو ڪنهن مهم جو حصو ته ناهي؟ پاڪستان جو تشخص پنجابي جي ذريعي ڇو ٿو اپاريو وڃي.؟

ايم ڊي صاحب هڪ دفعو وري به بي خبريءَ جو بهانو ڏنو وعدو ڪيائين ته هو ذاتي طور انهن ڳالهين کي مانيٽر ڪندو ۽ پوءِ مون کي جواب ڏيندو. مون کي سندس جواب جو انتظار رهندو پر سنڌ جي ماڻهن کي منهنجو نماڻو عرض آهي ته هو به مٿين ڳالهين تي ويچار ڪن ۽ ٿي سگهي ته موثر انداز ۾ پنهنجو آواز اسان جي آواز سان ملائين.

ان ملاقات ۾ اردوءَ جي مشهور ليکڪا حسينه معين هڪ نقطو اٿاريو. جنهن اسان سيني جي دل آزاري ڪئي ان جو احوال ايندڙ ملاقات ۾ ڪندس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿ جي وِڇا

ارادو تہ اهو هو تہ سڀ کان پهريون سنڌ جي حوالي سان موجوده سياسي صورتحال تي ڪجهہ ويچار ونڊجن. سنڌين جي بي وسي، بي حسي ۽ اليڪشن کان پوءِ سندن ڪنڌائتي ۽ رحم جوڳي حيثيت تي بحث ڪجي. گهر ۾ بي گهر ٿيڻ جا ڪارڻ ڳولجن. پرائيءَ ڄڃ ۾ عبدالله ديواني واري ڪردار جي ڇنڊڇاڻ ڪجي. هيڏو سارو ووٽ بينڪ هوندي بہ سڪٽا ڪُنا چٽڻ واري مامري تي ماتم ڪجي. وطن دوستي ۽ وطن پرستيءَ جي پرُفريب نعري ۾ ڪنهن، ڪنهن کي پٺيءَ ۾ ڇرو هنيو آهي، ان نڳيءَ جي ٿاهہ کي وائکو ڪجي. سنڌي جذباتي نوجوان، اديب، ليکڪ، دانشور، صحافي، استاد توڙي ڌرتيءَ جي ديواني ڪنهن عام ماڻهوءَ جي عقيدت ۽ محبت تي ڪهڙا حرصي، لوڀي ۽ نوڳي وقت بوقت ڏاڙا هڻندا ٿا رهن ۽ "سنڌ ڪارڊ" کي ڪيئن ۽ ڪٿي ڪيش ڪرائي عيش جي زندگي پيا گذارين. اهڙن شعبده باز بازيگرن جي منهن تان نقاب لاهي سندن اصلي شڪل ماڻهن کي ڏيکارجي.

سچ ڏاڍو ڪوڙو ٿيندو آهي، خاص طور تي جنهن سچ جي مٿان قوم پرستيءَ جا هزارين پڙ پيل هجن، اهو تہ زهر قاتل کان گهٽ نہ هوندو. جنهن جنهن جي ڏکندڙ رڳ تي زور ايندو اهو ڇا ڇا نہ ناٽڪ ڪندو ڪهڙا ڪهڙا نہ اڻ سونهندڙ الزام لڳائيندو ڪٿي ڪٿي نہ وارُ ڪندو مون کي ان جو پليءَ پت احساس آهي. پرَ هاڻي مات ڪرڻ مجرماڻي حرڪت ٿيندي، سنڌي قوم جو بيڙو سير تي پهچائڻ وارن جي ناٽڪي حربن کي ظاهر ڪري، آئينده لاءِ ڪو نوس قدم کڻڻ ۽ پيش بندي ڪرڻ سان شايد ماضيءَ جا داغ ڌوئي سگهجن پر اهو سڀ ڪجهہ پوءِ. پهريون عبدالقادر جوڻيجي جي ڪالم "هٿ جي وِڇا" جي باري ۾ چند لفظ. جو اهو وقتائتو سڌ ڏئي اسان جي سڄاڻ دوست هڪ بيحد اهم موضوع طرف ڌيان ڇڪايو آهي. مُهڙ ۾ ئي ٻڌائيندو هلان تہ هن ننڍڙي ڪالم ۾ لفظ "مان" گهڻي ڀاڱي استعمال ٿيندو جو جيڪي ٻڌائڻو اٿم اهو منهنجي پنهنجي ذاتي مشاهدي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ٻڌل آهي. ان ڪري ڪو ٻيو عادت موجب مٺو ڏئي وجهي، ان کان اڳ وضاحت ضروري ٿو سمجهان. ڪنهن جي ذهن تي گران گذري تہ مجبوري ڄاڻي معاف ڪري ڇڏي.

ان ۾ ترِ جيترو بہ شڪ ڪونهي تہ سنڌي هٿ جي هنر ۾ جيڪا سونهن، سوپيا ۽ رچاءُ آهي، اهو ڪنهن ٻئي ملڪ يا قوم جي فن ۾ ورلي نظر ايندو. رنگ، ڊزائين توڙي ڪاريگريءَ ۾ سنڌي دستڪاري پنهنجو مٽ پاڻ آهي. سئيءَ جي پرت کان ويندي ڪاشيءَ جي سِرَ تائين جيڪا مهارت اسان کي صدين کان ورثي ۾ ملي آهي، ان کي هن ڌرتيءَ جي وارثن گهڻي ۾ گهڻ موجوده پيڙهيءَ تائين تہ پنهنجو رت ست ڏئي زنده رکيو آهي. البتہ حالتن کي ڏسندي آئينده جو الڪو وڌندو ٿو وڃي. هڪ تہ پورهيت کي پورو اجورو نٿو ملي. قادر چواڻي وچ وارا معمولي اجرت ڏئي اها ساڳي شيءِ پرڏيهہ ۾ هزارين پائونڊن ۾ تا وڪڻن. ٻيو خود اسان جو ئي پيدا ڪيل مسئلو آهي. هنرمند کي مختلف ڏڪار ڏيارينڌڙ نالن سان سڏي، سندن سماجي حيثيت گهٽائي، نئين اسرندڙ پيڙهيءَ کي اباڻي پيشي کان باغي ۽ ٻرُ ڪري ڇڏيو اٿئون. ڪوري، موچي ۽ ڪنير جهڙن باعزت پيشن کي ڪراهت ڀرئي لهجي ۽ بي عزتيءَ جهڙي انداز ۾ اچاري، اسان کين اشرافن جي قطار مان ڪڍي، نيچ ۽ اڇوتن جي دنيا ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي. وڏڙا تہ ويچارا جيئن تيئن اهي نفرت جا تير سهندا پئي آيا. پر اڄ جا تعليم يافتہ نوجوان، جيڪي برابريءَ ۾ يقين ٿا رکن ۽ پنهنجي تعليم کي سڦلو ڪرڻ لاءِ اندر ۾ اوچا آدرش پالين ٿا، تن کان اهي طعنا مهڻا سنا نٿا ٿين. انهن اباڻي پيشي کي ڇڏي نيون راهون تلاش ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون آهن. اهڙيءَ طرح سنڌ جا قديمي هنر، جن تي اسان کي ناز هئڻ گهرجي، سي مناسب اجورو ۽ مڃتا نہ ملڻ سبب هوريان هوريان ختم ٿيندا ٿا وڃن. ڳوٺاڻيون عورتون، جيڪي واندڪائيءَ جي هڪ گهڙي بہ ضايع ڪرڻ گناهہ سمجهنديون آهن، اهي البتہ اڄ بہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح نور نچوئي رليون، گهگها، ٽوپيون وغيره ٺاهي، هھڙيءَ ٿهري مهانگائيءَ ۾ پنهنجي ڪٽنب جي سهائتا ڪنديون رهن ٿيون. مگر ايڏي محنت ۽ هڻ هڻان جي باوجود کين ملي ڇا ٿو؟ چالاڪ واپاري ڪانئن سندن مهينن جي محنت ڪوڏين مُلهہ خريدي، وڏن شهرن توڙي ٻاهرين ملڪن ۾ تمام ڳري اگهہ ۾ وڃي ٿا وڪڻن. ترقي يافتہ ۽ شاهوڪار ملڪن ۾ هٿ جي هنر جو وڏو قدر آهي. هو اهڙين شين کي فن جا شهہ پارا سمجهندا آهن ۽ وڏي فخر سان مٿن"Hand made" (هٿ سان ٺهيل) لکي، گراهڪن کان وڏا اگهہ وصول ڪندا آهن. بلگاريا ۾ اتان جا ماڻهو مون کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ اهڙي آرٽسٽ ڏانهن وٺي هليا جيڪو شيشي (Crystal) کي ڪٽي، منجهانئس گلدان، رڪابيون، شراب پيئڻ جا گلاس وغيره ٺاهڻ جو ماهر هو. ڪيس ملڻ لاءِ خاص طور سفارتخاني کان سفارش ڪرائڻي پئي. آرٽسٽ جي لئہ ڏسڻ وٽان هئي. پرائيويٽ سيڪريٽريءَ کان وٺندي پبلڪ رليشنز آفيسر تائين عملو وٽس موجود هو. ڪم ڪرڻ واري ڪمري کي ورڪ شاپ پئي سڏيائين. اسان ڪلاڪ ڏيڍ ويٽنگ روم ۾ انتظار ڪندا رهياسين. چو تہ هو صاحب ان وقت ڪو عظيم شهپارو جوڙڻ ۾ مشغول هو. جڏهن مليو تہ بہ چڻ بيزار بيزار پئي لڳو. غيرملڪي سربراهن ۽ هالي ووڊ جي اداڪارن جا آرڊر پورا ڪرڻا هئس. چيائين، "ايترو مشغول آهيان جو هفتي کان پنهنجي گرل فرينڊ سان بہ ملي نہ سگهيو آهيان."

سئٽزرلينڊ جا ڪُڪوُ ڪلاڪ (ہولينڊز گهڙيال) تہ توهان ضرور ڏٺا هوندا. ڪاٺ کي رَندي، گهڙي، سنواري، ڪاريگر پهريون مشينن تي ۽ پوءِ هٿ سان ٺاهيندا آهن. انٽرليڪن (Inter Laken) نالي بهشت جهڙي سهڻي شهر ۾ سان انهن ڪاريگرن جي ڪالوني آهي. ڪين ڏسڻ وياسين تہ حيرت وٺي وئي. سوٽ بوٽ ٺاءِ پاتل خوش شڪل ۽ خوش لباس، پڙهيل ڳڙهيل ڪاريگر گانا ڳائيندا، سيٽيون وڄائيندا، پنهنجي ڪمن ۾ رڌل ڏٺاسين. پڇيوسين، "مهيني ۾ گهٽو ڪمائيندا آهيو؟"

چيائون، "نظر نہ هٽجو لک فرينڪ (اڄڪلهہ سوئس فرينڪ لڳ ڀڳ چاليهن روپين جو آهي) تہ ڪاڏي بہ نہ ويا آهن."

تازو گذريل جون ۾ هڪ پاڪستاني فنڪار لنڊن ۾ مليم، چيائين، "ڪراچيءَ جو آهيان، اتي شادين مرادين ۾ برف کي ڪُرچي بت ٺاهيندو هوس. مُلهہ ايترو ملندو هو جو گذارو بہ مشڪل سان ٿيندو هو. ڪجهہ سال ٿيا جو پاڪستان ڇڏي اچي لنڊن ۾ رهيو آهيان. هتي اڪثر منهنجي فن جون نمائشون ٿينديون آهن. وڏا ماڻهو پارٽين ۾ وٺي ويندا اتم ۽ پنهنجا مجسما ٺهرائيندا آهن. هاڻي خوشحال آهيان."

گذريل صديءَ جي ستر واري ڏهاڪي جي پوئين ڏينهن ۾ اقوام متحده پاڪستان ۾ هٿ جي هنر کي همٿائڻ ۽ ان جي لاءِ ٻاهرين ملڪن ۾ مارڪيٽ تلاش ڪرڻ لاءِ ايڪسپورٽ پروموشن بيورو ۾ هڪ Revolving Fund (لڳاتار جاري رهندڙ فنڊ) قائم ڪيو جنهن کي مختصر لفظن ۾ EMDF (ايڪسپورٽ مارڪيٽ ڊيولپمينٽ فنڊ) چئجي ۽ ان کي جينيوا ۾ ITC (انٽرنيشنل ٽريڊ سينٽر)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان منسوب ڪري ڇڏيائون. اهو فنڊ GATT ۽ UNCTAD جي ماهرن وسيلي پاڪستان ۾ هٿ جي هنر جو جائزو وٺڻ، چونڊ هنرن تي تحقيق ڪرڻ، انهن هنرن کي نين تقاضائن مطابق سڌارڻ، ڪاريگرن کي ترينننگ ڏيڻ، نوان نمونا (Prototypes) تيار ڪرڻ ۽ کين عالمي مارڪيٽ ۾ متعارف ڪرائڻ وغيره لاءِ مهيا ڪيو ويو هو.

1979ع ۾ مون EPB ۾ ڊائريڪٽر طور چارج سنڀالي ته EMDF جي ڪائونٽر پارٽ ڊائريڪٽر جي پڻ چارج اضافي مليم. مختلف هنرن جا ڪافي ماهر پرڏيهه کان اچي ڪراچيءَ ۾ رهيا ۽ پنهنجي پنهنجي چونڊيل ميدان ۾ ڪم ڪرڻ لڳا. سنڌ سان واسطو رکندڙ هنرن تي ڪم ڪندڙن کي مون ذاتي طور هر طرح جي مدد ڪئي، جو اهو ڪم منهنجي ڌرتيءَ ڏٿين لاءِ خوشحاليءَ جو پيغام کڻي آيو هو. اڳتي هلي سنڌ سان لاڳاپيل هُنرن جي ماهرن کي سنڌ سرڪار جي سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن حوالي ڪيو ويو. هنن اجرڪ، کيس، جنڊيءَ ڪاشيءَ ۽ پرت وغيره تي ڪافي ڪم ڪيو ۽ پنهنجي رپورٽ ۾ لکيائون ته سنڌ جا اهي هنر واقعي لاجواب آهن پر موجوده عالمي گهرجن موجب، موجوده شڪل ۾ انهن هنرن جي مارڪيٽنگ ڪرڻ محال آهي، ڇو ته اهي شيون مقامي ماڻهن جون گهرجون ته پوريون ڪري سگهن ٿيون، پر پرڏيهه ۾ سندن ڪو به ڪارج ناهي. مثلاً هڪ انگريز اجرڪ خريدي ڇا ڪندو؟ هڪ جرمن کيس کي ڪهڙي نموني استعمال ڪندو؟ هڪ آمريڪن جنڊيءَ تان لٿل کٽ جا پاوا ڪهڙِي ڪم آڻيندو؟ ان لاءِ هنن ڪي صلاحون ڏنيون ته جيڪڏهن ڇُرَ جي فن کي جديد تقاضائن تحت اسڪرٽ يا بلائوز تي استعمال ڪجي ته بهتر ٿيندو. جنڊيءَ مان کٽن جا پاوا ۽ بيون شيون ٺاهڻ بجاءِ آسانيءَ سان جڙندڙ (Furniture Knock Down) فرنيچر ٺاهجي ته هوند دنيا دنگ رهجي وڃي. نڪر جي ٿانون (Pottery) ۾ مٽن ڪاشي (Glaze) ڪرڻ لاءِ پڻ هنن کي مشورا ڏنا. نه رڳو ايترو بلڪ هنن پاڻ ڊزائين ڪري ڪي نمونا (Prototypes) پڻ ٺهرايا. ننڍڙو مثال ٿو ڏيان: لاڙڪاڻي جي کيسن ٺاهڻ واري هڪ مشهور ڪاريگر کي چيائون ته تون وڏا کيسا ٺاهڻ بجاءِ ننڍا اسڪارف ۽ عورتن لاءِ ڪلهي تي رکڻ جا اسٽول (مفلر) ٺاهه ته جيئن مغربي دنيا ۾ انهن کي مقبول بڻايو وڃي. هن صاحب وڏي محنت کان پوءِ اهي شيون ٺاهيون. مون کي ياد آهي ته انهن مان هڪ اسان جي گذارش تي ٽي ويءَ تي خبرون پڙهندڙ خاتون کي پهرائي وئي ۽ ڏسندڙن کي ڏاڍي وڻي. ساڳيءَ طرح فراسين ٺاهيندڙن کي نئين طرز ڊزائينن، رنگن ۽ سائيزن جون فراسيون ٺاهڻ جي صلاح ڏني وئي ته جيئن انهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي روايتي استعمال ڪان هٽي، فراسين کي بخاريءَ آڏو وڇائڻ، پتين تي ٽنگڻ ۽ سمنڊ ڪناري پڪنڪ ڪنڌڙن جي سمهڻ وغيره لاءِ ڪم آڻي سگهجي. هزارين قسمن جون نيون فراسيون، چوڪنڊيون، گول، بيضوي، نون رنگن ۽ نين ڊزائينن ۾ تيار ڪرايون ويون ۽ ٻاهر موڪليون ويون. هتي اهو به ٻڌائيندو هلان ته هندستان جو هڪ سنڌي هندو، آهوجا، دنيا ۾ فراسين جي بادشاهه جي نالي سان مشهور آهي. Ahooja Rugs ايئن ٽا وڪامجن جو وڪري جو انگ ٻڌي ڪنن تي اعتبار ئي نٿو اچي.

بهرحال، سالن جي محنت ڪان پوءِ سنڌي هنرن کي نئين نموني عالمي مارڪيٽ لاءِ تيار ڪيو ويو. ڪٿي ڏڪ ڪاڏوسين، ان جو جواب سنڌ سمال انڊسٽريز کاتو بهتر نموني ڏئي سگهندو.

ان ئي دور ۾، ڪراچيءَ ۾ سوئيڊن ۽ پاڪستان جي اشتراڪ سان هڪ ادارو PDI (پاڪستان ڊزائين انسٽيٽيوٽ) وجود ۾ آيو جيڪو اٽڪل پنجويهه سال کن قائم رهڻ بعد هاڻي بند ٿي ويو آهي. PDI پڻ اهو ساڳيو ڪم عملي صورت ۾ ڪري ڏيکاريو. ڪشمير روڊ تي قائم ان اداري هر قسم جي سنڌي هنر کي جديد ضرورتن مطابق ترقي ڏني، ڪاريگرن کي تربيت ڏني ۽ سندن تاهيل وڪر پرڏيهه ۾ وڪري لاءِ موڪليا. ڇُرَ (Hand block printing) تي بستري جون چادرون، وهاڻن جا ڇَوَ ۽ غلاف اهڙا ته سهڻا تيار ڪرايا ويا جو عالمي تجارتي ميلن ۾ مان جتي به اهي ڪٽي ويس، ڳرن اڳهن ۾، ڏسندي ئي ڏسندي کپي ويا. ڪيترن سفيرن ۽ ڪامورن ته وڏيڪ گهرج جي گذارش پڻ ڪئي.

مان قادر کي يقين ٿو ڏياريان ته اسان جي هٿ جي نهيل شين جو ٻاهر ڏاڍو مانُ آهي. 1983ع ۾ جڏهن مان TCP ۾ پرڏيهي تجارتي نمائشن جو ڊائريڪٽر هوس، تڏهن زغرب (يوگوسلاويا) ۾ پاڪستان جي نمائندگيءَ لاءِ ويڻ ٿيو. مختلف سامان جا واپاري پنهنجي پنهنجي وکر سان گڏ هليا. اتي رواج موجب هڪ ٻئي کي توڙي ميزبان ملڪ جي معزز شخصيتن کي سوکڙي پاکڙي طور ڏيڻ ڪاڻ اسان زينب مارڪيٽ مان سَو کن ميڪسيون (Long dresses) سٺ رپيا داڻي جي حساب سان خريد ڪيون. عام رواجي ڪپڙو عام رواجي سلائي، بس خوبي اها هئي جو مٿن ڇٻيون آئيني جون ٽِڪون ٽاڪيل هيون. پهچڻ شرط ترڪيءَ جي سفير جي ڏيءُ کي ڪا ڪڙڪ پئجي وئي. هڪدم پيءُ لاءِ ٻائيتال ٻاري ڏنائين ته انهن مان هڪڙي ڊريس ڪيئن به ڪري مون کي وٺي ڏي ويچارو اشراف پاڻ مون وٽ هلي آيو ۽ ڏاڍي عاجزيءَ سان ڌيءُ جي خواهش جو اظهار

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيائين. انڪار جي گنجائش ڪو نہ هئي. ٻريس ڏيڍ ڪي تہ ڏئي ويس، پر سڄو شهر اڃي مٿان ڪڙڪيو. عورتن جا هشام گڏ تي ويا. ڪين لنوائڻ لاءِ چيم تہ هي مفت جو مال ناهي. ٽيھہ ٽيھہ ڊالر قيمت آهي، جنهن ڪي وٺي سو ڪٽي. اعتبار ڪيو اڌ ڪلاڪ ۾ سوَ جون سوَ ٻريسون ڪجي ويون. ماين هٽي هڪ پئي جا مٿا ڦاڙي وڏا. ٻريسنگ روم هڪڙي هئي ۽ خريدارن جو انبوهہ. بس نہ ڪيائون هم نہ تم. پنڊال ۾ ئي ڪٽي آءِ ڪيائون. پئرس جي هڪ هوٽل ۾ رهيل هوس. باٿ روم ۾ ويس تہ پتين تي لڳل ٽائيلن ڪي ڏسي پنهنجي ڪاشيءَ جي سر ياد اچي ويم. هوبهو ڪاشي پئي لڳي. فرق صرف ايترو جو اسان جي ڪا شيءَ تي نيري رنگ جي چٽسالي (ڪن حالتن ۾ ٻيا رنگ بہ استعمال ٿيندا آهن) هوندي آهي، پر هنن سرن تي ڪا بہ ٻزائين نهيل ڪو نہ هئي. اڻ تڻ ٿيم. هوٽل وارن کان پڇيم تہ ڪٿان آنديون اٿو؟ چيائون تہ ڪو جپاني فرم آهي، ان سپلاءِ ڪيون آهن. فرم ڪي ڳولي لڌم. چيائون تہ هيءَ سر اسان جي قديم ثقافت جو ورثو آهي. هڪ ماهر ان کي ٿورو گهڻو جديد ٽيڪنالاجيءَ جي مدد سان بهتر ڪري پرموٽ ڪيو آهي. هاڻي تہ فرانس ان سر جي پويان چٽتي تي پئي آهي. باٿ روم ۾ پورچن ۾ ٽيرسن تي، مطلب تہ هر هنڌ هن سر جو استعمال ڪرڻ فيشن ٿي پيو آهي ۽ جپاني ماهر ان سر جي وڪري سبب ارب پتي بڻجي پيو آهي.

سچ پڇو تہ مون کي سڄي رات ننڊ ئي نہ آئي. ITC جو ماهر انگريز "برٽي"، جيڪو منهنجو ذاتي دوست بہ هو. تنهن کي جينيوا فون ڪيم تہ هڪدم پئرس هليو آءُ! پئي ڏينهن برٽي پهتو. ڪيس ٽائيل ڏيکاريم ۽ چيومانس تہ هن ۾ ۽ سنڌ جي ڪاشيءَ ۾ ذري برابر بہ فرق ناهي. پوءِ ڇو نہ سنڌي ٽائيل تي ڪم ڪيون؟ برٽيءَ مون سان مڪمل اتفاق ڪيو. پاڪستان اچي ڪيس ڪافي مقبرا ۽ درگاهون ڏيکاريم. نموني طور ڪجهہ سرون ڪٽي جپاني ماهر ڏي موڪليون سين جنهن پنهنجي راءِ ڏيندي چيو تہ سنڌي سر سائيز ۾ وڏي آهي ۽ ٿولهہ ۾ پڻ ڪافي ٿلهي آهي. اوهان پنهنجي سر جي سائيز گهٽائي چار انچ هم چورس ڪيو ۽ موجوده ٿولهہ گهٽائي چوٿون حصو ڪيو تہ پوءِ اوهان جي ٽائيل واهہ جو وڪامندي. هاڻي مرحلو آيو اهڙو جتي وري بہ موٽي وياسين سنڌي ڪاريگر ڏانهن. مان پاڻ هالا ۾ وڃي هڪ ڪاريگر جي بٺيءَ تي ويهي رهيس. ننڍڙي ۽ سنهڙي سر ڪوري ۾ ٿورو تپڻ سان چٻي ۽ ڪاري ٿي پئي وئي. هٽي هٽي بيناسين پر ڳالهہ نهي ئي ڪونہ. آخرڪار يوسف شاهين، جيڪو ان ڪم ۾ اسان سان ساڻ هو. تنهن چيو تہ مون کي ڇڏيو تہ نصرپور ۾ وڃي ٿو ڪو بلو ڪيان. ڪجهہ ڏينهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان پوءِ ڪامياب ٿي تہ موٽيو پر چيائين تہ ڪاريگر چون ٿا تہ ٻڙن ڏيڍ سرون تہ اسان بہ ٺاهي وٺنداسين پر گهٽ تعداد اسان جي وس جي ڳالهہ ناهي. ڄپانيءَ ماهر کي فون تي احوال ڪيوسين. چيائين، ”اهو ڪم مشينن جو آهي. هٿ تي ڪم ڪو نہ ٿيندو. مشينون مهانگيون آهن. خريدي سگهو تہ پوءِ جي بسم الله! خرچ جو نالو ٻڌي هر ڪو هٿ ڪڍي ويو. ڳالهہ اڄ بہ اتي بيٺي آهي.

ان وچ ۾ ابوظهبيءَ جي حاڪم پيغام ڪرايو تہ مان پنهنجي ملڪ ۾ هڪ تمام وڏي مسجد ٺهرايان. مون کي سنڌي ڪاشيءَ جي سر ڏاڍو ٿي وڻي. هيترا کي هيترا لک ڊاٽا کپندا. ٽن مهينن جي اندر جهاز پرائي موڪليو.

وري نڪتاسين سنڌ جي دوري تي. ڪو بہ ايتري ٿوري وقت ۾ ايتري وڏي آرڊر پوري ڪرڻ جي حامي نہ پيو ڀري. چيوسين تہ ٻلا سڀ گڏجي ڪٽي بار ڪٽو! ٺپ جواب ڏنائون. پهريون تہ آرڊر تمام وڏو آهي. گهٽ ۾ گهٽ سال ڏيڍ گهرجي. ٻيو تہ فلاڻو ڪاريگر هٿ جو ڍلو آهي، فلاڻو مال جو ڪسو آهي، فلاڻو هنر ۾ گهٽ آهي. گڏجي ڪم ڪنداسين تہ هڪجهڙائي نہ بيهندي وغيره وغيره...... ڳالهہ اتي پوري ٿي. ابوظهبيءَ وارن وچي ڪو ٻيو بلو ڪيو.

1982ع ۾ پئرس ۾ عالمي نمائش لڳي. ٻين سان گڏ منهنجو دوست نور نبي خان ڏاهري، جيڪو وڪيل بہ آهي، زميندار بہ آهي. نواب شاهہ ۾ هڪ هوٽل جو مالڪ بہ آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن شوقيہ طور ايڪسپورٽ جي ڄهر بہ ماريندو آهي، تنهن چيا ڪيو جو هالا ۽ حيدرآباد مان اجرڪ، سوسيون، پرت جو ڪم، جنڊي ۽ ڪاشي ڪٽي وڃي ميلي ۾ شريڪ ٿيو. هٿ کس تي ويس. ڏينهن ٻن ۾ سڀ سامان وڪڻي ٽڪڻي ڏوڪڙ پئسا خرچي کپائي، پئرس گهمي اچي ڳوٺ کان نڪتو. سوچيم تہ سنڌي ڪم ڇُر خوب ٿو هلي. ڇو نہ ڪنهن وڏي ڪمپنيءَ سان رابطو ڪيان؟ سنڌي ٽگلي جتي، ڪچهہ ٽوپيون، اجرڪ وغيره ڪٽي انگلينڊ هليو ويس. مارڪ اينڊ اسپينسر (جنهن کي سينٽ مائيڪل جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو) جي هيڊ آفيس ۾ هليو ويس. ٽگلي جتي ڏيکاري چيو مانِ تہ هن کي اوهان بيڊ روم سليپر طور پروموٽ ڪيو. مئنيجر صاحب ان وقت سگار ويٺي پيتو. جتيءَ ۾ سگار جي رک ڇنڊيندي چيائين،” مون کي تہ هيءَ ايش ٽري وڌيڪ ٿي لڳي.“

چيم، ”هيءَ اسان جي قديم تهذيب جي نشاني آهي. ڳوٺاڻيون عورتون وڏي چاهہ سان پائينديون آهن. اوهان فيشن طور ان کي بيڊ روم سليپر سمجهي مارڪيٽ ڪيو.“ ماهرن سان صلاح مشوري کان پوءِ هائوڪار ڪيائين. چيائين: اسان جا دنيا ۾ هزارين دوڪان آهن. انهن سڀني ۾ هڪ ئي وقت مال مهيا ڪرڻو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوندو آهي. اسان ڪا بہ شيءِ هڪ ملين (ڏهہ لک)داڙن کان گهٽ ڪو نہ وٺندا آهيون. پر چاڪاڻ تہ هيءَ هٽ جو ڪم آهي. ان ڪري اوهان کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ لک جوڙن جو آرڊر ڏئي سگهون ٿا. جاچ جوچ ڪري اسان کي ٻڌايو تہ اوهان کي اهو سودو منظور آهي يا نہ؟"

اتان اٿي ميڪس فيڪٽر وارن وٽ آيس. ڪين ٽوپيون ڏيکاريم. ڏاڍا خوش ٿيا. چيائون، "ٽوپين جي اسان کي گهرج ناهي، باقي جيڪڏهن اهو ساڳيو ڪم اسان کي 3x4 انچن جي ڳوٿرين تي ڪرائي ڏيو تہ اسان پنهنجي نئين ڪمپيڪٽ پائوڊر کي انهن سهٽين ڳوٿرين ۾ وجهي، زپ هڻي، دنيا ۾ متعارف ڪرائي سگهون ٿا. شرط اهو ئي ساڳيو تہ ٽن مهينن اندر ڏهہ لک ڳوٿريون مهيا ڪرڻيون پونديون."

موٽي پاڪستان آيس. خبر پئي تہ هالا شهر جي شاهي بازار ۾ هيرو موچي واهہ جون جتيون ناهيندو آهي. ڳولي وڃي هٽ ڪيومانس. چيائين، "ٽن مهينن ۾ سو سوا جوڙا نهي سگهندا. ان کان وڌيڪ گهرجن تہ مون سان گڏجي ڪاٽوٽ هلو. اتي وڏا ڪاريگر ويٺا آهن." وياسين ڪاٽوٽ. وڏن ڪاريگرن چيو تہ، "ٿورا ڪم ئي ڪو نہ ٿا ڪن. اسان ٿورا گهڻا پيرسن اوهان کي وڏ ۾ وڏ پنج سؤ هزار جوڙا ٽن مهينن ۾ ناهي ڏيندا سين." اها ڳالهہ اتي ڇٽي.

پرت جي ٽيلهين جي لاءِ جيڪب آباد، ڪنڌڪوٽ ۽ ڪشمور وياسين. اتي بہ ساڳي ڳالهہ چيائون: هڪ سائيز، هڪ ڊزائين، هڪ جهڙو رنگ بيهارڻ اسان کان زور آهي. هٽ هٽ جو فرق آهي. ڏاڳي جو تفاوت بہ بيهندو. سائيز جي ننڍ وڏائيءَ جا ذميدار بہ ڪو نہ ٿينداسين." تمت بالخير...

ماٺ ڪري پوءِ بہ ڪو نہ ويٺس. TCP جي بورڊ آف ڊائريڪٽرس کي ان ڳالهہ تي آماده ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس تہ جيسين Standardised Mass Production (معياري وڏي پيماني جي اپت) ۾ ڪامياب ٿيون، تيسين چو نہ اهڙيون شيون جوڙايون جيڪي آسانيءَ سان دستياب ٿي سگهن ۽ چند مارڪيٽن ۾ جيئن جو تيئن وڪامي وڃن. اهو پهہ ڪري پٽ شاهہ جي آرٽيزن ڪالونيءَ جو رخ ڪيوسين. ڪين هڪ هزار اجرڪن جو آرڊر ڏئي، پنجنيهہ هزار رپيا ايڊوانس بہ ڏئي آياسين. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ٽي سو اجرڪ تيار ٿي آيا. ڪٽي جو ڪولي ڏسون تہ زمين پيرن هيٺان نڪري وئي. ڦٽل رنگ، گهنجيل ڪپڙي تي ڇپا سبا ٿپا، ليڙون پيون لڙڪن. چوان تہ زمين ڦاٽي تہ جيڪر منجهس پيهي وڃان. مرحوم فريد نواز بلوچ ۽ انور سومرو ان ڳالهہ جا اکين ڏٺا شاهد آهن. شرمساريءَ وچان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنڌ ڪٽڻ جهڙو نہ رهيس. جيڪي پئسا ويا سي ويا. باقي آرڊر ڪينسل ڪري ويهي رهياسين. ان وچ ۾ شهنشاهہ ايران پاڪستان آيو (غالباً آخري ڀيرو) شڪارپور جي هڪ نوجوان آچار جي هڪ برني ڪيس تحفي طور ڏني. ان وقت تہ شهنشاهہ جي اسٽاف اهو تحفو وٺي پاڻ وٽ رکيو پر ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ايران جي فارن آفيس مان هڪ خط آيو جنهن ۾ ان نوجوان جو شڪريو ادا ڪيو ويو هو ۽ گڏوگڏ اهو بہ لکيو ويو هو تہ اسان جي ليبارٽرين ۾ آچار جي ٽيسٽ ڪرڻ تي پتو پيو آهي تہ هن آچار ۾ سائنائيڊ (زهر) جا جزا شامل آهن. ان ڪري مهرباني ڪري اوهان ان آچار جي تيار ڪندڙن کي اهڙو اطلاع ضرور ڏيندا.

اهو خط ملڻ شرط شڪارپور مان آچار جا ڪجهہ نمونا هٿ ڪيا ويا ۽ ڪين ٽيسٽ لاءِ ليبارٽرين ۾ موڪليو ويو. جڏهن رپورٽ ملي تہ سڀ حيران ٿي وياسين. سيني نمونن ۾ سائنائيڊ جو ٿورو ڪي گهڻو حصو ضرور مليو. وڌيڪ معلوم ڪرڻ تي خبر پئي تہ ٺاهڻ وارن جو ڪو بہ قصور ڪونهي. دراصل ڪين اهو معلوم ئي ناهي تہ آچار جي برنين کي ايئر ٽائيٽ بند ڪرڻ ضروري آهي ۽ جڏهن آچار ملڪ کان ٻاهر موڪلجي، تڏهن تيل جا ٽي حصا هئڻ ضروري آهن. ورنہ آچار تي ٻڦو (ڊينبرف) ڄمي ويندو جيڪو ڪيميائي تبديليءَ سبب زهر جي شڪل اختيار ڪندو. جن دوستن کي آچار ايڪسپورٽ ڪرڻو آهي، تن کي گذارش آهي تہ هو ڪو بہ قدم کڻڻ کان اڳ ليبارٽرين سان صلاح ضرور ڪن. ڪن ملڪن جا صحت جا قانون تمام گهڻا سخت هوندا آهن. ٿي سگهي ٿو تہ ايڪسپورٽرن جي ٿوري بہ لاپرواهي ڪين ڳري نقصان ۾ وجهي ڇڏي.

1992ع ۾ ورلڊ سنڌي ڪانگريس جي طرفان لنڊن ۾ سيمينار ڪرايو ويو ۽ ان ۾ حصو وٺندڙن کي خاص طور چيو ويو تہ سيمينار تہ هڪ ڏينهن هلندو پر جنهن هوٽل ۾ سيمينار ٿي رهيو آهي، (وچ لنڊن جي ڪينزنگسٽن واري علائقي ۾) ان ۾ سنڌي دستڪاريءَ جو نمائو ۽ وڪرو هڪ هفتي تائين جاري رهندو. منهنجي گهر واريءَ ارشاد قمر کان سواءِ جي ايم سيد جي نياڻي مرحوم درشهوار سيد. مسز الطاف حافظ، مسز اسد الله عباسي ۽ ڪجهہ ٻيون خواتين پاڻ سان گڏ سنڌي دستڪاريءَ جا سامان کڻي لنڊن ويون. گهٽ ۾ گهٽ مون کي پنهنجي گهر واريءَ جي خبر آهي تہ هن هڪ لک رپين کان مٿي جو سامان خريد ڪيو جنهن ۾ عورتن لاءِ سبيل جوڙا، اجرڪ، ٽوپيون، چوڙيون، ڪيس ۽ جنڊيءَ جو سامان وغيره شامل هو. منهنجو خيال آهي تہ ٻين عورتن پڻ ايتري ئي ملهہ جو يا ان کان وڌيڪ قيمت جو سامان ساڻ کنيو. جيجي زرينہ بلوچ، مصطفيٰ قريشي ۽ سندس بيگم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روبينہ قريشي بہ ان سيمينار ۾ شريڪ ٿيا هئا. مون خاص طور هڪ پمفليٽ تيار ڪرايو جنهن ۾ موهن جي دڙي جي ناچڻيءَ ۽ پروهت جون تصويرون ڏيئي اهو ٻڌايو ويو هو تہ هي سوڪڙيون سنڌ جي پنج هزار سال پراڻي تهذيب جي عڪاسي آهن. هنن کي خريد ڪيو ۽ پنهنجن ڊرائنگ رومن کي ماضيءَ جي هڳاءَ سان مهڪايو وغيره. سيمينار شروع ٿيڻ واري تاريخ کان بہ چار ڏينهن اڳ ئي سنڌي عورتن اهي پمفليٽ آڪسفورڊ اسٽريٽ، ٽيوب اسٽيشنن ۽ سياحن جي پسند جي جاين تي پاڻ بيهي ماڻهن کي هٿون هٿ ڏنا. انهن پمفليٽن ۾ نماءَ ۽ وڪري جون هڪ هفتي واريون تاريخون، جڳهہ ۽ ٽائيم پڻ ٻڌايو ويو هو.

جنهن ڏينهن سيمينار شروع ٿيو ان ڏينهن نمائش ڪندڙ عورتن ۽ سنڌن ساٿياڻين صبح جو سوير وڃي پنهنجا پنهنجا اسٽال سجايا. چند ماڻهن ڪي اجرڪ يا ٽوپيون خريدي اتي جو اتي پاتيون ۽ بين بعد ۾ وٺڻ لاءِ چيو. بدقسمتي اها ٿي جو سيمينار بہ ادائي ڪلاڪ هليو. تقريرون ٿيون، لنچ کاڌي ۽ هرڪو هليو ويو. هوٽل وارن اچي چيو تہ توهان جي بڪنگ پوري ٿي، هاڻي پنهنجا ٽپڙ کڻو. ڪنهن کي اعتبار ئي نہ آيو. هي ويچاريون تہ خرچ پکا ڪري، سامان خريدي، پاڙا پري، پرڏيهہ آيون هيون پنهنجي ثقافت کي روشناس ڪرائڻ. پر هتي تہ نمازون گچيءَ ۾ پئجي ويون! لاچار ڪنهن نہ ڪنهن طرح سامان کڻائي هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي واقفڪارن جي گهر پهچايو. ذري ذري تي چيري ميري ٿي ويو. هڪ پائي بہ موٽي نہ ملين. لکها رپين جو نقصان سهي موٽي آيون. مون منتظمين کي شڪايت ڪئي تہ لنڊن وارا هڪدم الي ويا. ڪراچيءَ وارن ڦڪائيءَ سان چيو تہ اسان ڇا ڪيون؟ مرضيءَ جا مالڪ آهن. اسان کي جيڪي ٻڌايو ويو هو اهو ئي هتي ٻڌايو هئوسين. ڳالهہ آئي وئي ٿي وئي. ايڏو وڏو ڌڪ کائڻ کان پوءِ اڄ تائين بيهر ڪنهنجي ايتري همت نہ ٿي آهي جو بيهر اهڙو جوکو پنهنجي سر تي کڻي.

قصا ڪهاڻيون هزارين آهن. لکندي لکندي مان ٿڪجي پوندس. پڙهندي پڙهندي اوهان ٿڪجي پوندؤ. ورندو ڪجهہ بہ ڪو نہ . ها، البتہ مٿين سمورين ڳالهين ۽ پنهنجي عمر پرجي تجربي جي بنياد تي، مان جن نتيجن تي پهتو آهيان، سي هن ريت آهن:

(1) سنڌي هنر جو ڪو جواب ڪونهي، هر شيءِ سونهن ۽ سوبيا ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2) انفرادي طور هر شيءِ آرٽ جو نادر نمونو آهي ۽ اهو شخص بختاور هوندو جنهن جي گهر ۾ اهڙو فن پارو هوندو.

(3) مجموعي طور اسان ٻڙيءَ تي بيٺل آهيون ڇو ته اسان جي سپلاءِ لائين بلڪل ڪانهي.

(4) تربيتي توڙي تشڪيلي (Production) ادارا آهن ئي ڪونه. ان ڪري ڪي به ٻه شيون رنگ، ڊزائين يا سائيز ۾ هوبهو هڪ جهڙيون ملڻ ناممڪن آهن.

(5) مارڪيٽنگ نالي ڪا شيءِ اسان نه ٻڌي نه ڏٺي.

(6) سرڪاري سرپرستي ڪانهي، اهڙي اميد رکڻ احمقپڻو ٿيندو.

(7) خانگي ادارا آهن ضرور، پر مضبوط نه آهن. جيڪي ٿورا گهڻا وچ وارا ماڻهو (Third man) آهن، سي پروموشن ڪان وڌيڪ ٺڳن جو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن.

(8) غريب پورهيتن وٽ نه پئسو آهي نه سهولت، هنن وٽ ته ڪچي مال خريد ڪرڻ جي به موڙي ناهي.

(9) اسان جا سفارتخانا شفارشخانا آهن. منجهن ويٺل عملدارن ۾ تڪي جي به حب الوطني ناهي. هو پنهنجي تماشي ۾ پورا آهن. اگر هو چاهين ته گهڻو ڪجهه تي سگهي ٿو.

1992ع ۾ آفريڪا جي سمورن ملڪن گڏجي پنهنجي آفريڪي ڇُرَ جي ڪم (Hand Block Printing) کي متعارف ڪرائڻ لاءِ هڪ زوردار مهم يورپ ۾ هلائي هئي. آفريڪي ڇُرَ جو ڪم هوبهو اسان جي سنڌي ٺپي واري ڪم جهڙو ٿيندو آهي. البته سنڌن رنگ وڌيڪ شوخ ۽ گل ٻوٽا وڏا ۽ ڦهليل هوندا آهن. ان سال جي اونهاري ۾ مان لنڊن ۾ هوس جو اوچتو ئي اوچتو سڄو شهر آفريڪي ملڪن جي جهنڊن سان سينگارجي ويو ۽ روڊن رستن تي آفريڪي موسيقي گونجڻ لڳي ۽ دوڪان آفريڪي بلاڪ پرنٽنگ جي ڪپڙن سان سٽجي ويا. لنڊن شهر ۾ ڄڻ ته بي موسم بهار اچي وئي. ٻيو ته ٺهيو پر جڳهه جڳهه تي آفريڪي ملڪن جا سفير ۽ سنڌن عملو پنهنجين مصنوعات کي مقبول بنائڻ لاءِ تقريرون ڪندا، ڳانا ڳائيندا ۽ ناچ ڪندا نظر آيا. ڪين ڏسندي ماڻهن آفريڪي ڪاڏي جا اسٽال کولي ڇڏيا ۽ دستڪاريءَ جا ننڍا ننڍا اسٽال فوٽ پاٿن تي اڀري آيا. آفريڪي ڪارا ته هونئن ئي زنده دل مشهور آهن، تن هٿ هٿ ۾ ڏئي، زنجير ٺاهي اهي ڊانس ڪيا جو رستن تي ٽرئفڪ رڪجي وئي ۽ گورا ۽ گوريون پڻ ساڻن گڏ جهومڻ لڳا. اهو سال آفريڪا جي غريب ماڻهن جو سال ثابت ٿيو. ان ڪان پوءِ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندن لباس هميشہ جي لاءِ فيشن ۾ "ان" ٿي ويو. اهو هو ڪمال سرڪاري سرپرستيءَ جو جيڪو بدقسمتيءَ سان اسان جي حڪومتن هميشہ نظرانداز ڪيو آهي. اسان جا ڪاٽائو پٽ سدائين پنهنجي پيٽ ڏانهن گوڏا سورڻ ۾ پورا. لٽي تي دز لڳڻ نہ ڏين. ڪنڌ ۾ ڪلي اهڙي جو جهڙي تهڙي تي فلڪ ٿي نہ آٿين. اهي ڪٿي ٿا پنهنجي سنگهاسڻ تان هيٺ لهن ۽ سڙڪن تي جهمريون هڻن ۽ پنهنجي ماروئڙن جي هٿن جو ٺاهيل مال مقبول ڪرائڻ ۾ مدد ڪن.؟

خير، سرڪار تہ سرڪار آهي، نجي ادارا بہ گهڻو ڪجهہ ڪري سگهن ٿا. ڪجهہ اسان سرون، ڪجهہ هو سرن، ڪٿي نہ ڪٿي تہ وڃي ملاقات ٿيندي. هن سال جون جي مهيني ۾ مان پنهنجي ڪٽنب وارن سان گڏ لنڊن ۾ هوس. جون جي آخري هفتي ۾ (شايد 25 تاريخ) ٽرائفلگر اسڪوائر وٽان لنگهہ ٿيو. ڇا ڏسون تہ ميلو لڳو پيو آهي. هزارين ماڻهو چوڪ تي جمع آهن. هڪ پاسي تمام وڏي اسٽيڊيم تيار ڪئي وئي هئي، جنهن تي هندوستاني ۽ انگريز ڇوڪريون ڪلاسيڪل ناچ پيون ڪن ۽ هشام ماڻهن جا ٻينا ڪين ڏسن ۽ وهہ واهہ ڪن. ٻئي پاسي هندستاني ڪاڌي جا اسٽال لڳا پيا آهن جن تي "فري فوڊ" لکيل هجي ۽ جتان مفت ڪاڌو وٺڻ لاءِ سوين ماڻهو قطارن ۾ بيهي پنهنجي واري جو انتظار ڪري رهيا هئا. ٽئين پاسي مفت سووينئر (سوکڙيون) ڏيڻ جا تنبو لڳل هئا. جن ۾ ڪتاب، ڪئسٽون، هٿ جي هنر جا ننڍڙا ننڍڙا خوبصورت تحفا هئا. مانيءَ ۾ برياني، سيرو پوري، دال، پاچيون ۽ شربت موجود هئا جن ڪي مقامي توڙي گهمڻ لاءِ آيل ماڻهن وڏي چاهہ سان وٺي پئي ڪاڌو. بظاهر تہ اهو تماشو "هري ڪرشنا هري راما" وارن جو هو پر درپرده اهو لقاءُ هندستاني ثقافت ۽ هٿ جي هنر ڪي هٿي ڏيڻ ۽ پروموٽ ڪرڻ جو هڪ ڪامياب جتن هو. سڀ کان مزيدار ڳالهہ اها آهي تہ اهو سيڪجهہ هڪ خانگي اداري "هندوجا فيملي" ڪيو هو. هندوجا سنڌي آهن ۽ تمام وڏا واپاري آهن. چوڻ وارا چون ٿا تہ هو ايتري پئسي وارا آهن جو راڻيءَ سميت سڄو انگلستان خريد ڪري سگهن ٿا. هن ميلي تي، جيڪو صبح کان سانجهيءَ تائين هليو منهنجي تخميني موجب گهٽ ۾ گهٽ هڪ ملين پائونڊ (ڏهہ لک پائونڊ) تہ واهہ جو خرچ ٿيو هوندو. هندوجا وارن لاءِ تہ اها رقم هڪ ڳرڙيءَ برابر بہ نہ هوندي، پر منهنجي دل ۾ اچي حسد جاڳيو تہ ڇو نہ اسان جي ڪنهن سنڌي اداري، جماعت يا ڪانگريس ڪين سنڌي ثقافت ۽ دستڪاريءَ جي فروغ لاءِ عرض ڪيو مون ڪي خاطري آهي تہ هو هرگز انڪار نہ ڪن ها. ذرا سوچيو تہ سهي تہ ان اسٽيج تي پيڻ زرينہ بلوچ ۽ عابده پروين موجود هجن ۽ الغوزي تي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مصري خان بلوچ هجي ۽ نياٽيون سياٽيون سنڌي پرت پريل ڪپڙا پهري هيڏانهن هوڏانهن گهمنديون هجن ۽ اسان جا سهڻا ڪوپا ڪونڌر نوجوان ڇوڪرا اجرڪ ڪلهن تي رکي هو جمالو ڳائيندا هجن ۽ پرپاسي ۾ هٿ جي هنرن جي نمائش لڳل هجي، جتان آيو ويو پيو خريداري ڪري، ته ڪيڏو نه مزو اچي!

سوال آهي ته ڪري ڪير؟ عبدالقادر جوڻيجي چواڻي هن ڪن دوستن سان صلاح ڪئي آهي. سٺي ڳالهه آهي. وڌيڪ صلاح ڪجي. سنجيده ماڻهن جي هڪ مختصر ڪميٽي ٺاهجي ۽ پوءِ باقي ڪم ان جي حوالي ڪجي. پاڻهي هٿ پير هڻي وجي هنڌ ڪندا.

جيستائين سرڪاري ادارن جو تعلق آهي ته اهي به تڏهن چُرندا جڏهن اسان کين چوڪ ڏيندا سين. حالانڪ پوءِ به ڳالهه ڳري تي نظر اچي. بينظير صاحبه جي پوئين دور ۾ مون ڪيس سنڌي هٿ جي هنرن جي پروموشن لاءِ هڪ رٿ ڏياري موڪلي هئي. دراصل رٿون به هيون، پر پيءَ جو ذڪر پوءِ ڪبو ڇاڪاڻ ته ان جو واسطو سنڌي نوجوانن جي روزگار سان هو. في الحال هن رٿ جي ڳالهه ڪيون جيڪا موضوع آهي. ان رٿ موجب سرڪار کي صلاح ڏني وئي هئي ته هو سنڌ ۾ هٿ جي هنر جي مرڪزن جي نشاندهي ڪئي وڃي. مثلاً ڪهڙي ڪهڙي شهر يا ڳوٺ ۾ ڪهڙي ڪهڙي اهم شيءِ جا ڪاريگر موجود آهن. ان کان پوءِ انهن مرڪزن ۾ Pickup points (خريداريءَ جا مرڪز) جوڙيا وڃن. ڪنهن به دڪاندار، اسڪول ماستر، اخباري نمائندي وغيره کي ڪا ڊزائين سائيز، رنگ، ڊزائين جي سمجهاڻيءَ سميت موڪلي اهو اختيار ڏنو وڃي ته جيڪو به ڪاريگر يا ڪاريگرياڻي انهن Specifications موجب وڪر ٺاهي دوڪان تي آڻي ڏئي ۽ معيار تي پورو اتري ته ڪيس اتي جو اتي مقرر ڪيل قيمت ڪئش ڏني وڃي. پئسا هٿ ۾ ملندي ئي اهو ڪاريگر وري هڪدم ٻئي شاهڪار ٺاهڻ ۾ جنبي ويندو. ٿي سگهي ٿو ته گهر جا ٻيا ڀاتي به ساڻس ساٿ ڏين ۽ گهٽي کان گهٽ ٽو ناٽو ڪمائڻ لاءِ رات ڏينهن محنت پڻ ڪن. انهن Pickup points تي جمع ٿيل مال هفتي ۾ هڪ دفعو ڪنهن مرڪزي جڳهه تي ڪراچيءَ آڻڻ جو انتظام ڪيو وڃي جتي ان مال جي Grading (ڇنڊڇاڻ) ٿئي. اي ڪلاس مال ٻاهر موڪلڻ جو انتظام ڪيو وڃي. بي ڪلاس کي ملڪ جي فيشنبل شهرن ۾ کپايو وڃي ۽ سي ڪلاس کي مقامي ميلن ملاکڙن ۾ وڪيو وڃي.

اها رٿ سال کن ته رلندي رهي ۽ پوءِ فنانس کاتي اسلام آباد مان هڪ سٽ جو هڪ خط آيو ته هن رٿ متعلق ڪي سوال وضاحت طلب آهن، جن لاءِ اوهان سان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بعد ۾ رابطو ڪيو ويندو. اهو رابطو ڪڏهن به ڪو نه ٿيو. جيڪڏهن سرڪاري سطح تي اهو ڪم نٿو ٿي سگهي ته خير آهي، اسان خانگي ليول تي به اهو ڪم ڪري سگهون ٿا. ضرورت صرف نيت جي آهي ۽ انهن چند ماڻهن جي، جيڪي بهتر منتظم هجن. انگلينڊ توڙي آمريڪا يا ٻين ملڪن ۾ قائم سنڌ سان واڳيل سياسي ۽ سماجي جماعتون پڻ اهو ڪم ڪري سگهن ٿيون. بجاءِ ان جي جو سال ۾ هڪ ڀيرو چار وڏين مچين وارا سنڌي اڳواڻ گڏ ڪري، زوردار بيان جاري ڪري، فوٽو ڪڍائي Donor Agencies کان چندا چڙائي، اسان جا خود ساخته سياسي اڳواڻ وري ٻارهن مهينا ڪُنڀ ڪرڻ واري ننڊ سمهي پون. هو چاهين ته عملي طور گهڻو ڪجهه ڪري سگهن ٿا. گهڻو چوندس ته چڙي پوندا، ان ڪري في الحال ايترو ئي ڪافي آهي.

اسان جي دوست عبدالقادر جوڻيجي جنهن خلوص سان ۽ دل جي گهرائين سان هن مسئلي طرف ڌيان ڇڪايو آهي، ظاهر آهي ڪيترائي ٻيا سڄڻ پڻ ساڳي انداز سان سوچيندا هوندا. هو اهو به حق رکن ٿا ته حجت ڪري پڇن ته آخرڪار ان مسئلي جو حل ڪهڙو آهي؟ منهنجي راءِ ۾ هيٺيان چند قدم کڻجن ته ضرور ڪجهه نه ڪجهه فرق پوندو. ٿي سگهي ٿو ته پڙهندڙن ۽ ٻين سڄاڻ دوستن وٽ ڪي ٻيون ۽ وڌيڪ مفيد تجويزون پڻ هجن جن جي روشنيءَ ۾ مناسب سفارشون مرتب ڪري سگهجن.

(1) جيئن مٿي لکي آيو آهيان، چند سنجيده، هڏڏوکي ۽ ڪم ڪندڙ ماهرن جي هڪ ڪميٽي جوڙي وڃي، جيڪا ڪنهن مناسب هنڌ تي ملي پنهنجو طريقيڪار جوڙي.

(2) انهن ملڪن جي نشاندهي ڪئي وڃي، جتي سنڌي ججهي تعداد ۾ آباد آهن. مثلاً دبئي، سنگاپور، ڪولمبو، هانگ ڪانگ، ٽيڪساس، بينڪاڪ وغيره.

(3) انهن مصنوعات کي چونڊيو وڃي جيڪي ايڪسپورٽ جي اهليت رکنديون هجن ۽ ڪين ٿورو گهڻو سڌاري، پرڏيهين لاءِ ڪارآمد بڻائي، ٻاهر موڪلي سگهجي.

(4) مقامي طور Supply line مضبوط ڪرڻ لاءِ اڳ ڏنل Pickup points واري تجويز تي عمل ڪيو وڃي. اهو ڪم سنڌ سرڪار ڪري ته بهتر، نه ته ڪا اين جي او (سگا وغيره) يا ڪا واپاري پارٽي هٿ ۾ ڪٽي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(5) جيستائين Supply line جڙي راس ٿئي (۽ ان ۾ ڪجھ عرصو لڳندو)، تيسين ماٺ ڪري ويھڻو ناھي. جيڪا شيءِ جنھن حالت ۾ ھٽ ۾ آھي، ان مان ترت فائدو وٺڻو آھي.

(6) دبئي ۾ ھر سال "دبئي فيسٽيول" ٿيندو آھي، جنھن ۾ ھر قسم جا واپاري مختلف ملڪن کان ڪھي اچي حصو وٺندا آھن. ان شھر ۾ سال جا ٻارھن ئي مھينا سياحن جي ڀرمار تہ ھوندي ئي رھندي آھي، پر فيسٽيول جي ڏينھن جي ڳالھہ ئي ڪجھہ اور آھي.ا سان کي گھرجي تہ سنڌي ھٽ جي ھنر جون چونڊ شيون ڪٺي چند اسٽال ڪرائي تي وٺي، ھر سال ان فيسٽيول ۾ شريڪ ٿيون. ان موقعي تي ھڪ ھفتي جو ڪلچرل پروگرام ٽڪيٽن تي رکجي تہ ويتر وڏيڪ ماڻھو پاڻ ڏانھن ڇڪي سگھبا. ان ھفتي دوران سنڌي اسٽيج ڊراما، ويرائٽي پروگرام، موسيقيءَ جي محفل، مشاعرا وغيره ڪرائي سگھجن ٿا ۽ پڻ ڪتابن، ڪيسٽن، چانديءَ جي زيورن جو نماءُ پڻ ڪري سگھجي ٿو. سنڌي ڪاڌا بہ متعارف ڪرائي سگھجن ٿا.

(7) دبئي فيسٽيول جي ڪاميابيءَ کان پوءِ اسان سينگاپور، ھانگ ڪانگ ۽ بيين شھرن ۾ پڻ ان قسم جا ميلا لڳائي سگھون ٿا.

(8) مختلف ملڪن ۾، جتي سھولت ھجي يا جتي جا سنڌي ساٿ ڏين، اتي اسان سنڌي ھنر جا Display Centres (مستقل نماءُ گھر) قائم ڪيون جن ۾ ھٽ جي ھنرن جون شيون نماءُ توڙي وڪري لاءِ موجود ھجن ۽ آرڊر پڻ بُڪ ڪيا وڃن.

(9) ماھرن کان آھستي آھستي دستڪاريءَ جي موجوده شڪل ۾ تبديليون آڻائي، ڪين استعمال ڪرڻ واريءَ صورت ۾ آڻجي تہ جيئن انھن جو وڪرو وڌي.

(10) خدا جي مھربانيءَ سان ۽ قاضي صاحبن جي ڪوشش سان منھنجو ديرينو خواب ساپيا ٿيو آھي. KTN سنڌي چينل شروع ٿي چڪو آھي جنھن لاءِ ڪين جيتري مبارڪباد ڏجي، ٿوري آھي. ڪين گھرجي تہ نہ رڳو سنڌي دستڪاريءَ تي ڊاڪيومينٽري پروگرام پيش ڪن، بلڪ پنھنجن ڊرامن وغيره ۾ پڻ سنڌي ڪلچر کي وڌ کان وڌ ڏيکارين.

(11) عورتن جون نمائنده جماعتون ان ڏس ۾ گھڻو ڪم ڪري سگھن ٿيون، بجاءِ ڊنرن کائڻ جي ۽ راڳ جون محفلون سجائڻ جي، ڪين گھرجي تہ ٻھراڙيءَ وارين عورتن جي پورھئي کي ھمٿائين. ان ڏس ۾ بلوچستان جي اڳوڻي گورنر جنرل رحيم الدين جي گھر واريءَ ثاقبہ رحيم الدين ۽ مسز مينوالا جو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذڪر ڪرڻ ضروري ٿيندو. اهي ٻئي خواتين One Man Exhibition هڻڻ لاءِ مختلف ملڪن ۾ هوٽل ۾ ڪمرو وٺي، اخبارن ۾ اشتهار ڇپائي، پاڻ سان آندل Products وڪڻي خوب پئسا ڪمائينديون آهن. نہ ڪنهن جو احسان کڻن، نہ ڪنهن کي پاڻ سان پائيوار ڪن.

(12) اسان کي مجموعي طور هڪ اسٽال وٺي EPB توڙي چيمبر جي جهنڊين هيٺ دنيا جي انهن ميلن ۾ شريڪ ٿيڻ گهرجي، جتي نمائش سان گڏوگڏ Spot Sales (ٽڏي تي وڪري) جي بہ اجازت هجي. ان مان پورهيت کي ترت آمدني ٿيندي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ ڪي وڏا آرڊر پڻ ملن.

(13) ڪن دوستن انگلينڊ ۽ آمريڪا ۾ ننڍا ننڍا ريزڪي دڪان کوليا آهن، جن ۾ هو ٻين شين سان گڏ Handicrafts (دستڪاري) پڻ رکندا آهن. اسان جي سماجي جماعتن کي گهرجي تہ انهن ملڪن ۾ ڪو ننڍو سنڍو گدام (Warehouse) وٺي، سنڌ کان آيل مال ان ۾ رکي ڇڏين ۽ وقت بوقت انهن دوڪانن کي پونڊڙ ضرورت جو ڪيش جي عيوض پورائو ڪن ڇو تہ ڪنهن بہ دڪاندار کي آرڊر ڏئي سنڌ مان مال گهرائڻ ۽ پئسا سيڙائڻ تمام ڏکيو لڳندو. اڪين آڏو شيءِ حاضر هوندي تہ گهرج آهر خريد ڪندو رهڻ هنن لاءِ سولو ٿي پوندو.

(16) سڄي دنيا ۾ مال کان وڌيڪ ان جي ٻاهرين پيڪنگ تي ڌيان ڏنو ٿو وڃي. ماڻهو ٻاهرئين ڏيک ويک تي مرن ٿا. معمولي پيڪنگ واري شيءِ کٽي کهڙي بہ سٺي ڇو نہ هجي،ضرورتمند کان سواءِ ڪو بہ نہ وٺندو. ان ڪري خاڪي لفافي ۾يا اخباري پني ۾ ويڙهي سيڙهي سامان ڏيڻ بجاءِ پيڪنگ طرف وڌيڪ ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. ان ڏس ۾ ڪراچيءَ ۾ قائم انسٽيٽيوٽ آف پيڪنگ ۽ پيڪيجنگ ڏاڍو مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌو درشن

سنڌو درشن جو نالو توهان ٻڌو هجي تہ ٻي ڳالهہ آهي، مون پهريون دفعو ٻڌو آهي. اها منهنجي پنهنجي ذاتي ڪوتاهي آهي. توائي آهيان. ڪيتريون ڳالهيون ٻڌي وساري ويهندو آهيان. چهرا سڃاڻي نہ سگهندو آهيان. نالا ياد نہ بيهندا اٿم. انهن ڳالهين جي ڪري اڪثر شڪي ۽ شرمسار ٿيڻو پوندو اٿم. ان ڦڪائپ کي وڌيڪ گهرو ڪرڻ لاءِ اڪثر دوست ڪجهہ هن قسم جا سوال ڪندا آهن:

پڇندا: سڃاتئي؟

هرويرو جو زٽ هڻي چوندو آهيان،" يار ڪمال ٿو ڪرين، تون بہ ڪا وسرڻ جي شيءِ آهين؟"

چوندا: پلا ٻڌاءِ!

چوندو آهيان: ڇڏ بابا، مشڪري نہ ڪر.

چوندا: ڪٿي مليا هئاسين؟

چوندو آهيان: هاڻي امتحان تہ نہ وٺ.

چوندا: چڱو پلا نالو ئي ڪٿي ٻڌاءِ!

نالو اچيم تہ ٻڌايان. لنوائڻ لاءِ چوندو آهيان، "نالي ۾ ڇا رکيو آهي؟"

چوندا: ڪو نہ سڃاتئي؟

هاڻي ڇا چوان؟

پوءِ ويچارا پاڻ ئي چوندا: ڪالهہ رات ئي تہ گڏ هئاسون فلاڻي جي مانيءَ تي. تو منهنجي مٿي تي ٻوڙ جي پليٽ هاري وڌي هئي ۽ منهنجي ٽاءِ سان منهن اگهيو هو ۽ منهنجا جوتا ڪڍي بالڪنيءَ مان هيٺ روڊ تي اڇلائي ڇڏيا هئا.

هاڻي ياد آيئي؟

ڪهڙو جواب ڏيان؟ چوندو آهيان: تڏهن تہ ڪو نہ پيو سڃاڻانءِ.

چوندا: پر پاڻ ڏهہ سال هڪ ئي گهٽيءَ ۾ هڪ ٻئي جي آمهون سامهون رهيا آهيون. تو منهنجي ننڍڙي جو ڪنمنڙو ڪسيو هو ۽ سنڌس ڪن پٽيا هئا ۽ سنڌس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متي ۾ ڊوڙ جو ہِڪ وڏو هوءِ منهنجي زال ذري گهٽ تنهنجي مٿان گاڏي چاڙهي هئي. ياد آيئي؟

مون کي ڪجهه بہ ياد نہ رهندو آهي. شاعر ويچارا ستون ڏيندا وتندا آهن تہ الله ڪري تہ ڪو پلجي بہ شاعريءَ جو ذڪر چيڙي سهي، پوءِ اسان کي ڪو جهلي تہ ڏسي. مان لڪندو وتندو آهيان تہ خدا ڪري تہ ڪو شعر ٻڌائڻ لاءِ نہ چئي وجهي. مون کي پنهنجو پرائو اڌ شعر بہ ياد نہ بيهندو آهي. هڪ دفعي ذهن تي وڏو زور ڏئي ڪو شعر ٻڌائي ويٺس. ٻڌندڙن جا منهن لهي ويا.

چيم: ڪا غلطي ٿي؟

چيائون: نہ، پٺائيءَ جو بيت هو.

مزو تہ وري ڊاڪٽر ڪندا آهن. اهڙا اهڙا سوال ڪندا آهن، جن جا جواب ڏيڻ منهنجي ياداشت کان ٻاهر هوندا آهن.

چوندا: آخري چيڪ اپ ڪڏهن ڪرايو هيئي؟

چوندس: گذريل مهيني.

حيران ٿي چوندا: گذريل مهيني؟

چوندس: نہ نہ، گذريل سال

پڇندا: گذريل سال؟

چوندس : شايد گذريل سال يا ان کان هڪ سال اڳ يا ٻہ سال اڳ يا ٽي سگهي ٿو ٽي سال اڳ.

چوندا: ڪٿان ڪرايو هيئي؟

چوندس: توهان کان.

پڇندا: مون کان؟

چوندس: نہ نہ، لنڊن مان، خبر ناهي لنڊن مان يا نيويارڪ مان يا ٽورنٽو مان.

چوندا: هاڻي ڪهڙي تڪليف اٿئي؟

چوندس: ڪا بہ تڪليف ناهي.

چوندا: پوءِ ڇو آيو آهين؟

چوندس: بس ملڻ آيو هوس. ڏاڍي خوشي ٿي تہ توهان بلڪل صحتمند آهيو. هاڻي مان وڃان ٿو.

شڪي نگاهن سان ويندو ڏسندي چوندا: ويندي ويندي سيڪريٽريءَ کي في ڏيڻ نہ وسارجو.

هاڻي اهڙي ماڻهوءَ کي جيڪڏهن ڪوئي چوي تہ سنڌو درشن ٻڌو اٿئي؟ تہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو جواب ڇا ٿيڻ گهرجي؟

ڇيمر: ها ها، ڇو نہ ٻڌو اٿم. سنڌو درشن سنڌو درشن آهي. دهليءَ واري نئين سنڌي چئنل جو نالو آهي.

فون جي ٻئي پاسي هو لڇمڻ ڪومل. دهليءَ مان پئي ڳالهايائين. ڪيس منهنجي افعالن جي خبر آهي، ان ڪري حيرت ڪو نہ ٿيس. مورڳو مون تي رحم کائيندي چيائين: هندستان جا سنڌي هر سال سنڌو درشن ملهائيندا آهن. انڊيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان سنڌي هر سال هزارن جي تعداد ۾ لداخ ويندا آهن. لداخ مانسروور ڍنڍ کان بہ مٿانهون آهي. اسان اتي پنهنجي پياري سنڌو نديءَ کي پهاڙن مان نڪرندو ڏسندا آهيون ۽ پوءِ مرد عورتون، ٻچا ٻڍا گڏجي سنڌس پوڄا ڪندا آهيون ۽ درياءَ توڙي سنڌ جي خوشي ۽ خوشحاليءَ واسطي پرارٿنا ڪندا آهيون، دعائون گهرندا آهيون. ايندڙ هفتي سنڌو درشن آهي. اسان اوڏانهن وڃي رهيا آهيون.

مان چپ ٿي ويس. چيائين: وطن کان دور رهي بہ اسان وطن کي ڪونہ وساريو آهي. سنڌوءَ جون مست ڇوليون اسان کي ٻيهر ملڻ ۽ زنده رهڻ جو حوصلو ڏينديون آهن.

مان وري بہ ماٺ.

چيائين: آهين نہ؟

مٺل آواز ۾ ڇيمر: ها، آهيان.

چيائين: توهان بہ تہ گڏجي سنڌو درشن ڪندا هوندا؟ ها يائي، خوشنصيب آهيو. ڇئن قدمن تي دريا شاهہ پيو وهي، توهان تہ ڪنهن بہ وقت وڃي ديدار ڪري سگهو ٿا.

چيائين: هاٽي تہ پاڻيءَ جي منڊ آهي. ڪوٽڙيءَ جي پل کي ڪلهو هٽندو هوندو.

ڇيمر: ها، ڪلهو هٽي ٿو.

چيائين: ۽ سکر بيراج وٽ تہ درياهہ جا ڪڙڪات هوندا.

ڇيمر: ها ڪڙڪات آهن.

چيائين: تو ڏٺو آهي پنهنجي اکين سان؟

ڇيمر: نہ، چيف منسٽر ڏٺو آهي.

هاءِ ڙي منهنجي ويسر جي عادت! وري بہ اهو چوڻ وسري ويم تہ سنڌ جي هر چيف منسٽر سنڌوءَ کي مستيءَ ۾ ڏڪا ڪندي ڏٺو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ٻوليءَ لاءِ خطري جي گھنٽي

ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۾ سنڌين جي ٽين پيڙهي جوان ٿي رهي آهي. جيڪي هتان ويا، سي آهستي آهستي دنيا ڇڏيندا پيا وڃن. اڪير به انهن کي گھٽي هئي جن پنهنجا گھر ياڱ، يار دوستار، مال ۽ ملڪيت ڇڏي جيڪي جيئرا آهن، تن جي دل منجهان سنڌ نڪري ئي نٿي. ڇيت جيان ڇپندي رهندي اٿن روح ۾. ڪين اڄ به آسرو آهي ته هڪ دفعو ٻيهر وڃي وطن جا وڻ ڏسندا. ڪانئن پوءِ، جيڪي هندستان ۾ پيدا ٿيا، تن سنڌ ته ڪو نه ڏٺي آهي، پر وڏڙن جي ساهه جون سٽون ڏسي، اهي پڻ سنڌ سان اڻ ڏٺي اوترو ئي پيار ڪن ٿا، جيترو سندن پيءُ ماءُ يا مٽ مائٽ ايئن سمجهو ته جهونن پنهنجي سڪ جو ڦڙو ڦڙو جمع ڪري پنهنجي اولاد جي هانءَ ۾ اوتيو آهي. پر ٽين پيڙهي، جيڪا هاڻي ساماڻجي رهي آهي، سا گھٽي ياڱي سنڌ کان اڻ ڄاڻ، لاپرواهه ۽ اوپري ٿيندي پئي وڃي. سندن جنم ڀومي هندستان آهي. سندن چوگرد وايومنڊل هندستاني آهي. سندن ٻولي بگڙجندي پئي وڃي. اڪثر گھرن ۾ ته وهنوار هلي ئي هنديءَ ۾. ٻارڙا اسڪولن ۾ پڙهن انگريزي ۽ هندي. سنڌي اسڪول تمام ٿورا آهن. جيڪي آهن، تن ۾ به ٻاري اڪثريت ديوناگري لپيءَ ۾ ٿي پڙهي. تازي ڪنوينشن دوران اسان کي اهڙا رسالا ۽ اخبارون پڙهڻ لاءِ ملنديون هيون، جيڪي ديوناگريءَ ۾ ڇپيل هيون. اهڙي ئي هڪ موقعي تي لڇمڻ ڪومل جي ياٽيجي شريڪانت ياتيا، جيڪو همٿ ڀريو صحافي آهي ۽ ديوناگريءَ ۾ سنڌي اخبار ڪيندو آهي، تنهن کي مذاق ۾ چيم: شريڪانت، مان سنڌي آهيان، ۽ هيءَ اخبار به سنڌيءَ ۾ ٿي ڏسجي. ذرا پڙهي ته ٻڌائينم. هو ته مرڪي چپ ٿي ويو پر منهنجي اندر جو سوال اڄ به مون کي ستائيندو ٿو رهي.

اسان ڪٿي لک ڇئون ته سنڌي ٻولي مرڻي ناهي. هميشه زنده رهندي جذبات جي تقاضا به اها ئي آهي. پر ٻولين جو هارٽ فيل ته نه ٿيندو آهي جو ويٺي ويٺي، ڪلندي ڳالهائيندي، گھمندي ڦرندي، اوچتو ئي اوچتو وفات ڪري وڃن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻوليون تہ آهستي آهستي، ڏکي ۽ اذيتناڪ بيماريءَ کان پوءِ چڙي چڙي ختم ٿينديون آهن ۽ ان ڏکي بيماريءَ جي شروعات ٿي چڪي آهي. صرف هندستان ۾ نہ هت اسان جي پنهنجي سنڌ ۾ پڻ. سنڌ جي وڏن شهرن ۾ انگلش ميڊيم اسڪول سنڌي زبان کي ڳڙڪائي ڪائي چڪا آهن. ٻار ڳالهائين سنڌي ٿا. پڙهن اردو ۽ انگريزي ٿا. اهي آثار قائم رهيا تہ ايندڙ ٿوري ئي عرصي ۾ هندستان پر ۾ ۽ سنڌ جي وڏن شهرن ۾ سنڌي فقط ڳالهائجندڙ (Spoken) ٻولي بڻجي رهجي ويندي . ڪي دوست مون سان اتفاق نہ بہ ڪن ۽ ڪي تہ مورڳو عادت کان مجبور ٿي بنا سوچڻ ۽ سمجهڻ جي الزامن جي بارش بہ لائي ڏين. پر شتر مرغ ٿيڻ تہ ويتر هاڃيڪار ثابت ٿيندو. انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي تہ:

A stitch in time, Saves nine.

(وقت سر هڪ ٽاڪو هڻڻ سان، ماڻهو آئينده هلي نون ٽاڪن هڻڻ کان بچي پوندو.)

مسئلو صرف تعليم يا لپيءَ تي ختم نٿو ٿئي. هيا بہ اڪيچار مامرا ڪاريهر جيان ڪنڌ ڪنيون بيٺا آهن. جڏهن اسان پاڻ ويسلا ٿياسين، تڏهن ڏارين تي ڪهڙو ڏوهہ؟ ڏاريا تہ پهرئين ڏينهن کان ان ڪوشش ۾ رڌل آهن تہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح سنڌين جي تواريخ کي توڙي مروڙي، ڇبو ٽنبو ڪري، اهڙا مونجهارا پيدا ڪجن جو گهر ڌڻي پنهنجي ماضيءَ تي فخر ڪرڻ بجاءِ شرم کان ڪنڌ جهڪائي لڪندا وتن. هو ان بہ ڪوشش ۾ لڳل آهن تہ سنڌي ٻوليءَ کي اهڙو تہ ڪو ڪاپاري ڌڪ هڻجي جو وري نہ اٿي سگهي. سنڌي اسڪولن جو بند ٿيڻ، غير سنڌين جو سنڌي پڙهڻ کان انڪاري ٿيڻ سرڪاري هٿ هيٺ پلجندڙ ميڊيا تي سنڌيءَ کي پنهنجو حقي واجبي حصو نہ ڏيڻ، مقابلي جي امتحانن ۾ سنڌيءَ کي ثانوي حيثيت ڏيڻ ۽ سڀ کان اهم، سماج ۾ سنڌي ٻوليءَ سان ٺٺول جهڙو ورتاءُ ڪرڻ، سنڌي ٻوليءَ کي هوريان هوريان تهس نهس ڪرڻ واري منصوبي جي آخري ڏاڪي ڏانهن ڌڪڻ جي برابر آهي. سنڌي ڪلچر هاڻي رڳو اجرڪ ۽ ٽوپيءَ جي علامتي ڪردار تائين محدود ٿيندو ٿو وڃي. سنڌي ويس وڳا ۽ زيور بہ نواڻ ۽ فيشن جي ڪري ڪڏهن ڪڏهن ساهہ کڻي ٿا وٺن. اسان جون اخبارون جيڪا ٻولي ٿيون لکن، اسان جي ميڊيا جيڪي ڪلور ٿي ڪري، اسان جو نوجوان نسل شاديءَ مراديءَ، ونواهہ يا مينديءَ تي جيڪي گانا بجانا ٿو ڪري، اسان جو تعليم کاتو جيڪي ڪتاب ٿو پڙهائي ۽ امتحانن ۾ جيڪي سوال ٿا پڇيا وڃن. اسان جا ٻارڙا جيڪي پيءُ جي سامهون سنڌي ڳالهائڻ کان لهرائن ٿا، اسان جون فيشن سٽيون عورتون جيڪي خواهہ مخواهہ گهرن ۾ اردو ٿيون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهائين، ڇا اهي سڀ علامتون ڪنهن چڱي مستقبل ڏانهن اشارو ٿيون ڪن؟

ڇوڻ اهو ٿو چاهيان تہ سنڌي ٻولي سرحد جي هن پار توڙي هُن پار تمام وڏي پيماني تي پيچ ڊاهہ جو شڪار ٿي رهي آهي. سنڌي رڳو هند ۽ سنڌ ۾ تہ ڪو نہ ٿا رهن. دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهليل آهن. انهن جو جڏهن مرڪز ئي ڍلو هوندو تہ پوءِ هو پاڻ ڪيئن مضبوط ٿي سگهندا؟

ڪنوينشن جي دوران هڪ سجاڻ نوجوان ڇوڪريءَ چيو "دادا، سنڌي چينل تي جيڪي وڏيرا، ڪمدار ڪاريون ۽ ڪارا ٽا ڏيکاريو سي تہ اسان کي سمجهہ ۾ ئي نٿا اچن. هتان جي ماڻهن کي اهي ڊراما ڏيکاريندي اسان کي تہ شرم ٿو اچي."

ڇوڻ هن اهو پڻ چاهيو تہ سنڌن نوجوان نسل پنهنجي پاڻ کي اسان سان Identify ڪرڻ لاءِ تيار آهي، پر اسان کي ڪين ڏيڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪونهي. هن ويچاريءَ تہ صرف ڊراما ئي ڏٺا هئا. هتان جون اخبارون ڪو نہ پڙهيون هيون. ڪيس اها خبر ئي ڪو نہ هئي تہ سنڌي اخبارون سرڪيوليشن وڌائڻ جي چڪر ۾ سنڌي قوم جو جيڪو اڇو مُنهن ڪري رهيون آهن، سو پيئن جي نظرن ۾ اسان کي تہ ڪيرائي ئي چڪو آهي، خود اسان پنهنجن نظرن ۾ بہ ڪريو پيا آهيون. بحيثيت هڪ قوم جي، اسان جي يارن اسان کي دنيا جو اُٺون عجوبو بڻائڻ ۾ ڪا بہ ڪسر باقي نہ ڇڏي آهي. اسان جا پوٽن ڏوهٽن وارا ۽ واريون پيرسن، جيڪي اڄ بہ پاڻ کي نوجوان نسل سڏائڻ تي ضد پڏيو بيٺا آهن، سي جيڪڏهن ٿوري تڪليف ڪري سڄ پچ جي نوجوان نسل کان پنهنجي متعلق ايمانداراڻي راءِ پڇن تہ جيڪر اڇا ڪارا پڌرا ٿي پون.

سنڌي ٻولي توڙي سنڌي سماج اڄ جنهن خوفناڪ بہ واٽي تي پهچي چڪو آهي، تنهن کي نہ جوشيلين تقريرون ۽ نہ پرمغز تحريرون بچائي سگهنديون. سوچ سمجهہ سان، گوڏو گڏي، ويچار ونڊيو، ڪو تعميري عملي ڪم ئي اسان کي هن ڏيڻ مان پاهر ڪيڍي سگهي ٿو ۽ اهو ڪم ڪي ساجهہ وند ئي ڪري سگهن ٿا. اجائي چِتڪتائي، واويلا، ويڻ ۽ تبرا صرف اسان جي گهبراهٽ ۽ بي وسي ظاهر ڪندا. ان ڪري منهنجو سنڌ جي سڄڻن کي هٿ ٻڌي عرض آهي تہ جتي آهيو جيڪي بہ آهيو پنهنجي پنهنجي شعبي جا نگهبان پاڻ ٿيو. گڏجي سڏجي، مڙي مُچو ٿي، سنگت ساٿ جي صلاح مشوري سان ڪو تعميري ڪم ڪيو. سنڌي جاتي، دنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ هجي، توهان جو ڪتنب آهي. توهان جي سڏ ۾ سڏ ضرور ڏيندي. توهان پنهنجي راءِ جو بيخوف اظهار پلي هينئر کان شروع ڪيو. ان بعد جيڪڏهن فقط ڪو هڪ بہ مفيد مشورو مليو تہ لک ڪٿيوسين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوڏا اجا جاڳن پيا

26 آگسٽ 2004ع تي صبح جي اخبار هٿ ۾ ڪنيم ئي مس جو موبائيل جي گهنٽي وڳي، ٻئي طرف ڪان وينا شرنگيءَ جو آواز آيو. غلط چيم، آواز نه سڏڪو هو.

چيائين: مون کي منهنجو پاڻيو موٽائي ڏيو.

ڳالهه نه سمجهيم.

چيائين: سنڌ ۾ امانتون توهان جي حوالي ڪري آيا هئاسين. اسان کي پنهنجون امانتون موٽائي ڏيو.

پڇيم: ڇا ڳالهه آهي؟

چيائين اسان جو ننڍڙو ڪپل ڪجي ويو آهي. ڪجهه ڪيو خدا جي واسطي ڪجهه ڪيو!

هوءَ روئندي رڙندي رهي جڻ ڪنهن ڪاتيءَ سان ڳلي تي سير وهائي ڇڏي هجيس. هر بار ايئن لڳو جڻ هيءَ سندس آخري هڏڪي هجي.

چيائين: مان هڪ هڪ سنڌيءَ کي هٿ ٻڌي وينتي ٿي ڪيان، پيرين ٿي پوان، لطيف جي صدقي اسان کي ڪپل ورائي ڏيو.

چيم: همت ڪر وينا!

چيائين: سندس ماءُ مري ويندي، پٽ جي جدائي سهي نه سگهندي.

چيم: هوش ڪان ڪم وٺ.

سندس ريهن ۾ ورهاڱي جو درد سمايل هو. وڇوڙي جا ورلاپ هئا، بيوسيءَ جا گهاءَ هئا.

چيائين: اسان ته سنڌ نه وساري آهي، سنڌ ڇو اسان کي وساري ڇڏيو؟

دل ۾ چيم: سنڌ؟ سنڌ رهي ئي ڪٿي آهي؟ تون ڪپل کي امانت ٿي چوين، اسان ته سنڌ جهڙي امانت جي رکوالي ڪري نه سگهياسين. لطيف جي ديس واسين سائنس بار بار دوکو ڪيو ۽ هر بار سندس مزار تي حاضري ڀري ڏمالون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنيون . اسان ماءُ کي ڪُهي ڪاري چوڻ وارا ماڻهو پنهنجا ننگ نياڻي نہ سگهياسين، پئي جي حفاظت ڪيئن ڪري سگهنداسين؟

اخبار جي پهرئين صفحي تي ننڍڙي ڪپل بابت خبر ڇپيل هئي ۽ ان جي پاسي ۾ حميده کهڙو جو اهو بيان هو. جنهن ۾ هن بنگالين ۽ بهارين لاءِ سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاس ڪيل ٺهراءَ جي پٺڀرائي ڪئي هئي.

اٽڪل پنجاهہ سال اڳ جي هڪ زهريلي ياد منهنجي ذهن ۾ اوتجي آئي. ون يونٽ خلاف هلچل جاري هئي. هر روز جلوس نڪرندا هئا. باهيون لڳنديون هيون. ٽرينن تي پٿراءُ ٿيندا هئا. پوليس جا اٽالا بندوقن جا فائر ڪندا شاگردن جي هجوم تي ڪڙڪي پوندا هئا. ڪي مئا، ڪي ڦٽيا، ڪي گرفتار ٿيا. هڪ ڪيپ ويندي ئي پي ان جي جڳهہ وٺندي هئي. ميدان هڪ پل لاءِ بہ خالي نہ ٿيو. اهڙا سر ڦريا سورهيہ مون ٻيهر ڪڏهن نہ ڏٺا. سنڌين جي پنهنجي وجود لاءِ اها آخري ويڙهہ هئي، جا هنن نہ پنجاب خلاف، نہ حڪومت خلاف، نہ وري توسيع پسند عناصر خلاف پئي وڙهي. هنن جي جنگ ٽر جي ڦوڳ، سومرن جي چنيسر ۽ نئين دور جي غدار ايوب کهڙي خلاف هئي. صدين جي نفرت هلچل بڻجي هڪ شخص جي چهري تي ملامت جي مهر هڻي وئي. سنڌ جو فولادي ماڻهو چوائڻ وارو ڪانئر ڪردار شينهن جي کل پائي گجندو، گوئنرندو گاج ڪندو سنڌ جي سڄڻن تي ٽٽي پيو هو. مالڪن کي خوش ڪرڻ لاءِ هن ڇا نہ ڪيو؟

ايس پي رب اسان کي پوليس جي گهيري ۾ آڻي چيو هو: کهڙي صاحب جو حڪم آهي تہ معافي نامو لکي ڏيو.

اسان مان هڪ جهڙي زمين تي ٿڪ اڇلائي چيو هو: هيءُ اٿئي معافي نامو. اهو معافي نامو سنڌ جي تواريخ جو سونهري باب لکي ويو ۽ نہ ختم ٿيندڙ مزاحمت جي تحريڪن کي جنم ڏئي ويو. ان ڪان پوءِ ڪيئي کهڙا ۽ سندس ساٿاري آيا، هر هڪ جي هٿ ۾ ڇارڻ ڪيچ ۾ ڪاتي هئي. هر هڪ پنهنجي ڏڏيءَ جي هُشڪر تي سنڌين کي ڏاڙهيو. سنڌ جي سينڌ اجاڙڻ لاءِ سوين ناٽڪ ڪيا. ڪين اقليت ۾ بدلائڻ لاءِ هر حربو استعمال ڪيو. ڪوڙا انگ اکر، ڪوڙي آدمشماري، ڪوڙيون اليڪشنون، ڪوڙا نمائندا، ڪوڙا ٺهراءَ- ڇاڇا نہ ٿيو انهن پنجاهہ سالن ۾؟ ڌارين جي لوڏ لاءِ سرحد جا دروازا کوليا ويا، ڪوڙا ڊوميسائيل، ڪوڙا آءِ ڊي ڪارڊ ۽ ڪوڙا پاسپورٽ جاري ڪيا ويا. سنڌين کي ٻي گهر ۽ ٻي در ڪرڻ لاءِ مٿن روزگار جا دروازا بند ڪيا ويا. پوري صوبي کي رڻ ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ پاڻي روڪيو ويو. ڪالاباغ جو رڪارڊ وڄايو ويو. اهم صوبائي عهدا انهن جي حوالي ڪيا ويا، جن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي سر لڪائڻ جي جڳھ بہ اسان ئي ڏني هئي ۽ جن ڪي پنهنجو وجود قائم رکڻ لاءِ ڪنهن زمين ٽڪري جي گهرج هئي ۽ جن پنهنجا ارادا ساپيان ڪرڻ لاءِ سنڌ جي ازلي دشمن سان سازباز ڪئي هئي.

اهي سڀ ترڪتال، قلابازيون ۽ بازيگريون اسان پنهنجين اکين سان ڏٺيون آهن ۽ ڏارين جي هر ترڪتال، هر قلابازي ۽ هر بازيگريءَ ۾ ڪو نہ ڪو ايوب کهڙو ساٿن گڏ ڏٺو آهي. اڄ جيڪڏهن حميده کهڙو جنهن نائون مل جي آتم ڪهاڻيءَ تي هڪ وڏو ديباچو لکي پاڻ کي سنڌ جي سڄڻ دانشورن جي قطار ۾ آڻي بيهاريو! بهارين ۽ بنگالين ۽ افغانن ۽ لکها بين ڏارين کي هڪ ئي ڌڪ ۾ سنڌ جي شهريت ڏئي، پنهنجيءَ قوم جي موت جي پرواني کي درست ٿي ڄاڻائي تہ ان ۾ عجب جي ڪا بہ ڳالھ ناهي. سندس ذهن ۾ پيل ان Chip کي ڏسو جيڪا کيس ورثي ۾ ملي آهي.

مون کي ڏارين کي شهريت ڏيڻ واري بل ۽ ڪپل جي اغوا ٿيڻ ۾ ڪو بہ فرق نظر نٿو اچي. گذريل چند هفتن ۾ ٽي هندو اغوا ٿيا آهن. ٽي قتل ٿيا آهن ۽ هڪ شديد زخمي ٿيو آهي. اها اخباري خبر آهي. حقيقت ان کان بہ ڀيانڪ ٿي سگهي ٿي. جنڊ جي ٻن پڙن ۾ سنڌي قوم کي پيهين نيست ۽ نابود ڪرڻو آهي. ڪين بي يارو مددگار ڪري مارڻو آهي. هيءَ ڌرتي متن تنگ ڪري ڪين اقليت ۾ بدلي، ڪين غلام بڻائڻو آهي.

ڪالاباغ، ٿل ڪئنال يا ڀاشا ڊيم جو ناٽڪ ڪري پنجاب جو پيٽ ڀرڻو آهي. ڪراچيءَ ۾ لکن ڏارين کي شهري حق ڏئي، ڪين سنڌ جي آدمشماريءَ ۾ شامل ڪري، اصلي مالڪن کي ٻاهر لوڏي ڪڍڻو آهي. سنڌي زبان کي ختم ڪري ڏاري ٻوليءَ جو راڄ پڪو ڪرڻو آهي. ان لاءِ صوبائي اسيمبليءَ ۾ ڄامڙن جي ووٽ ذريعي ٺهراءُ پاس ڪرڻ هڪ قدم هو ۽ ان ڪراهت جهڙي ڪڌي ڪم ۾ اسان جا نمائندا ساٿن ٻٽ ٿي بيٺا. هندن جي رهيل کهيل آدمشماريءَ کي پڄائڻ لاءِ سندن ماٺهو کنيا پيا وڃن، ڪين تنگ ڪيو پيو وڃي، متن اوچتا حملا ڪيا پيا وڃن. ان ظالماڻي ڪم ۾ پڻ سنڌين جي ڏوهاري عنصر کي استعمال ڪيو پيو وڃي.

ڇا اسان جا "غيرتي مڙس" جيڪي فقط مهڻي تي زال، ماءُ، ڌيءُ ۽ ڀيڻ کي ڪاري ڪري ڪهاڙين مان ڪيڻدا آهن، سي پنهنجي جيجل ماءُ هميشہ هميشہ جي لاءِ ڏارين جي حوالي ڪندي ڪا بہ غيرت نہ کائيندا؟

ڇا لطيف جا پانڌيئڙا، لطيف جي نانءُ تي سنڌ جي نياڻيءَ وينا شرنگيءَ جي جهليل جهوليءَ کي خالي رهڻ ڏيندا؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇا سنڌ جي معصوم ٻچڙي ڪپل جا ماءُ پيءُ پنهنجين آهُن، دانهن، آزين، نيزارين سان پنهنجن ئي سنڌ ڄاون جي پٿر دل کي پگهاري موم بنائڻ ۾ ناڪام ويندا؟

منهنجي دل تي چوي ته ايئن نه ٿيندو.
اسان جي غيرت اڃا مئي ناهي
اسان جي اڪين جو پاڻي اڃا سُڪو ناهي.
اسان جو انسانيت ۾ ويساهه اڃا ويو ناهي.
اسان اڃا به زنده آهيون.
سنڌ اڃا به جيئري آهي.
جوڌا اڃا به جاڳن پيا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اعجاز علي اداڪار پرديسي

مائٽن تہ نالو رکيو هئم اعجاز علي پر ڪو اعجاز نہ ڏيڪاريم. پرديسي ٿي پيس. شڪارپور کان لکيءَ پهتس تہ چيم، ”پرديسي آهيان.“

اسان سنڌي سڀ پرديسي آهيون. ديسي ڪو بہ نہ بچيو آهي. ها، هڪڙو پڦات پنجاهہ سالن تائين گهر کان ٻاهر ڪو نہ نڪتو هو ديسيءَ جو ديسي رهيو. هڪ دفعي پُل ۾ چانئٺ کان پير ٻاهر پئجي ويس. بس، پير ٻاهر رکڻ جي دير هئي، نعرا لڳي ويا. چيائون، ”مبارڪ هجئي دين محمد داڦوڙيءَ اڄ تون بہ پرديسي ٿي وئين!“

سنڌ جي اها خاصيت آهي، ڌاريا ديسي ٿي ويندا آهن ۽ گهر ڌڻي پرديسي! ڇا ڪجي بابا، هتان جي مٽي ئي اهڙي آهي، پاڻيءَ جو تاثير ئي اهو آهي. پاڻيءَ تي ياد آيم تہ گهگهي پاڻيءَ جي پري رکي اٿم تہ ڪڏهن ٻارن کي ڏيکاريندس تہ ٻارو ڏسو! پاڻي هيءُ ٿيندو اٿو. اڃا وڏيڪ پاڻي ڏسڻو اٿو تہ ڪراچيءَ جي سمنڊ ۾ وڃي ڏسو يا پنجاب جي واهن ۾. ڪراچيءَ جي سمنڊ جو پاڻي ڏسڻ ڏکيو آهي. ڊفينس وارا زمين جي چڪر ۾ وڃن ٿا سمنڊ سڪائيندا. ٿورن ڏينهن جي ڳالهہ آهي، پوءِ بس ٿي دبئي هلنداسين. پنجاب جو پاڻي سواءِ ماڻهن جي اکين جي، اوهان کي هر هنڌ ملندو.

پنجاب جي ڳالهہ تي وري نازڻ سائين ياد اچي ويم جو مهينن کان هڪ ئي آواز ۾ نار جي ڏڳي جيان پيو ٿو ڦيرا پائي ۽ ڳائي، ”هلو شهر لاهور ديدار ٿوَا“ نہ اڳتي ٿو وڌي! نہ پوئتي ٿو هٽي. ڪرڪيٽ جو ايڪشن ري پلي تہ سيني ڏٺو هوندو. تاريخ جي مشڪريءَ جي ڪردار جو ايڪشن ري پلي، ائن زاوين کان ڏسڻو اٿو تہ نازڻ سائينءَ کي ڏسو. ماڻهو ڪلي ڪلي ڪيرا ٿي پيا آهن. نازڻ سائينءَ جون ليٽڙيون بند ئي نٿيون ٿين.

ليٽڙين تي وري لينگويج اٿارٽي ياد آئي اٿم پر پاڙ کي ٿو چوان، ”پرديسي، ٽوپي بچاءِ، صبر ڪر. اڳ ئي پڳ تي راٺيپور ۾ ڪاميڊي شو پيو ٿو هلي، ڪٿي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڳڙيون نہ ٿي وڃين!“

ها، تہ مان پرديسي آهيان، فنڪار بہ آهيان. جهمر هٽندو هوس پر ماٺهن هُلايو تہ مرگهي اٿس. جهمر ڪان توبهہ ڪيم. ڪڏهن ڪڏهن پي پيءَ وارن سان ويهندو آهيان تہ مڙئي ڪجلڙي ٿيندي اٿم. هٿ پير ۽ چيلهہ چئي مان نڪري ويندا آهن، پر پوءِ خلق جي خواريءَ کان پاڻ کي جهلي وٺندو آهيان. هڪ ڀيري ڪنهن جيالي ”جيئي ڀٽو“ جو نعرو هنيو تہ منهنجي چيلهہ ازخود سٽڪو کاڌو. خبر تڏهن پئي جڏهن بہ ٽي ڍولڪيءَ وارا فقير ڦري آيا. تاڙي جو ٺڪو ڪندي چيائون، ”ائي هاءِ هاءِ! هيءَ مٺو تہ پنهنجو آهي؟“

ڳائڻ جو شوق بہ ننڍي هوندي کان هو. ٺٺ ۾ منهن وجهي رياض ڪندو هئس. پاڙي وارا لڏي ويا. فنڪشن ۾ ڳايم، باجي وارو ڀڄي ويو. ڍولڪيءَ واري خودڪشي ڪري ڇڏي. گهڙي وارو وڏيڪ سياڻو نڪتو. گهڙو منهنجي مٿي تي ڀڃي، هٿ ڇنڊيندو آرام سان اسٽيج تان لهي ٻاهر هليو ويو.

اسٽيج ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ لاڙڪاڻي پهچي ويس. چيائون، ”پهريون پردا ڇڪڻ سک، پوءِ نوڪر جي رول کان شروع ڪنداسين ۽ بادشاهہ جي رول تي وڃي دنگ ڪندين.“

چيم، ”ان کان اڳتي؟“

چيائون، ”مارائيندين ڇا؟ اڃا تازو ٽي تہ ايل ايف او پاس ٿيو آهي.“

پردا ڇڪڻ ۾ ئي عافيت سمجهيم. ڊرامو هو ”انارڪلي.“ شهزادو سليم گلاب جو گل هٿ ۾ جهلي، اکيون ٻوري، نازڻ اسٽائيل چئي رهيو هو ”انارڪلي، توکانسواءِ جيئڻ جنجال آهي. وٺ، اسان جي پيار جو تحفو قبول ڪر.“

ان کان اڳ جو انارڪلي پيار جو تحفو وٺي، منهنجي هٿن مان پردي جي رسي ڇڏائجي وئي. پردي جو ڏنڊو ڦرندو ڦرندو اچي انارڪليءَ جي مٿي تي لڳو. ويچاري اُتي ئي ڍير ٿي وئي. بي خبر شهزادو سليم هٿ ۾ گل جهلي، اکيون ٻوري، نازڻ اسٽائيل هڪ هنڌ فريز ٿيو بيٺو رهيو.

منهنجي دل کي جهٻو اچي ويو. اسٽيج تي چڙهي، وڏي وڃي شهزادي سليم جي هٿن مان گل کسيم. شهزادي جلال ۾ اچي چپاٽ وهائي ڪڍي. ڊائريڪٽر ڏي ڊانهين ويس تہ ان بجو گهروڙي ڏنو. پنتي موتان ئي موتان تہ بدبخت انارڪليءَ ڪن ۾ اهڙو چڪ پاتو جو ماٺهو ڪاري گڏهہ کي هينگ ڪرائڻ لاءِ گهرن ڏانهن پڳا. نياڳي اڌ ڪن ڇباڙي وئي. منهنجي فن جي پڄاڻي خيرپور ريلوي اسٽيشن جي پليٽ فارم تي ٿي، جتي اٺ ڏهہ مست ساڻ ڪٺي مون تنبوري تي پنهنجي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حياتيءَ جو آخري گانو ڳايو. ٽرين تہ پٽڙيءَ تان لهي منهنجي پٺيان پوڻ واري هئي پر ڊرائيور ڪمال هوشياريءَ سان بريڪ هڻي ڪيس روڪي ورتو.

ماڻهو محبت ۾ ناڪام ٿيندا آهن، پر اوهان جو هيءُ پرديسي فن ۾ بريءَ طرح ناڪام ٿيو. ناڪام عاشق خودڪشي ڪندا آهن. پر ناڪام فنڪار ٻين کي خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ڪندا آهن. منهنجي درد جو داستان ٻڌي ڪن پنهنجا وار پٽيا. ڪن پٽين کي ٺڪر هنيا ۽ ڪي هميشہ لاءِ وڻن تي چڙهي ويهي رهيا.

مايوسيءَ تي شاعري ڪيم پر ادبي بورڊ وارن پناڻ جو دڙڪو ڏئي ماٺ ڪرائي، چڙيو. اهو در بہ بند ٿيو. اداس ويٺو هوس جو هڪ همراهہ اچي ساڄي پاسي کان بيٺو ۽ ٻيو کاٻي پاسي کان. بہ لمبا ٽڙنگا، ٿلها متارا ماڻهو پنهنجي کاٻي ۽ ساڄي ڏسي ڏڪي ويس.

پڇيم: ڪير آهيو سائين؟

چيائون: توهان ڪير آهيو سائين؟

چيم: پرديسي آهيان.

چيائون: اهو تہ هر سنڌي آهي.

چيم: فنڪار آهيان.

چيائون: ٺيڪ آهي.

پڇيم: چا ٺيڪ آهي؟

چيائون: سوال نہ پڇ، جواب ڏي.

چيم: پڇو سوال، وٺو جواب.

چيائون: چڱيءَ طرح ٻڌي سگهندو آهين؟

چيم: ٿورو ٿورو.

چيائون: چٽو ڏسي سگهندو آهيان؟

چيم: ٿورو ٿورو.

پڇيائون: گدوءَ ۾ رهيو آهين؟

چيم: هڪڙو پيرو.

پڇيائون: قلفي وٽندي اٿئي؟

مان منجهي پيس. وڏو چالاڪي جهڙو سوال هو.

چيائون: ها يا نہ؟

وات سان ها چيم، ڪنڌ سان نہ ڪيم.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائون: آخري سوال. وصيت لکي اٿئي؟

چيم: ڪجهه هجيم تہ وصيت بہ لکان نہ؟

ٻنهي پاڻ ۾ سس پس ڪئي.

هڪ چيو: تون پاس ٿي وئين. هي وٺ لک رپيا ايڊوانس.

ٻئي چيو: تنهنجي وارثن کي پنج لک رپيا روڪ ڏنا ويندا.

ٽيهرئين چيو: ۽ ان کان اڳ تنهنجي هر خواهش پوري ڪئي ويندين.

حيران، پريشان، سرگردان ٿي رڙ ڪري پڇيم: پر مون کي آخر ڪم ڪهڙو ڪرڻو پوندو؟

چيائيون: ڪجهه بہ نہ صرف ٿر ۾ هلي، اسٽيج تي ويهي مسلم ليگي اميدوار جي ورڪ ڪرڻي پوندئي!

دوستو ساٿيو بزرگو مهربانو! مان سچ پچ پرديسي ٿي ويو آهيان، مون ٻالڪپڻ جي شهر ۾ اچي ساهي پٽي آهي. منهنجي لاءِ دعا گهرجو.

اوهان جو نيازمند، فقط پرديسي آف شڪارپور سنڌ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ولي بابا ۽ بندل دادا

ماما پارسي اسڪول سان گڏوگڏ، واءِ ڊبليو سي اي هاسٽل جي پاهران، فٽ پاٿ تي هڪ مست ملنگ اچي ديرو ڄمايو. ننگ ڌڙنگ، صرف هڪ ٽلهيءَ سوڙ اوڍيل، ورهين جي مٽ ۽ گرُ ۾ ٽڦيل، وڏا چيڙهالا وار اکين ۾ ڇپيون، جسم مان ڏپ جا پيوڪا، ڳالهائي ته زبان پئي ٿڙيس. ذهن مان هڪ لفظ مس سمجهي سگهجي. ڪن جو چوڻ هو ته درويش آهي. ڪي چون ته عشق جي ٺونڪر اٿس، پر جي سچاٽنس پيا سي چون ته چرسي موالي آهي، نشي پتي دماغ جون نسون ئي سڪائي ڇڏيون اٿس. هاڻي نه هوش، نه حواس، نه سمجهه نه شناس، جيڏانهن ٿو روح جو ريلو ٿئيس، تيڏانهن ٿو رخ ڪري. نالو ولي محمد ٻڌايائون. ماڻهن ولي ولي چوڻ شروع ڪري ڏنس. ڪجهه ڏهاڙن کان پوءِ ولي بابا ٿي پيو. اسان ننڍا هئاسين. رستو اهو ئي هو. ايندي ويندي پيا تماشو ڏسندا هئاسين. پهريون سلفي پيئندو هو تماڪ کتي ويس ته، سلفيءَ سان فٽ پاٿ تي ليڪا ڪيڙڻ ويهي رهيو. ڏسندي ئي ڏسندي ماڻهن جو هجوم جمع ٿي ويو. ڪن چيو آرٽسٽ آهي، ٻين چيو شاعر آهي، ٽين چيو افسانا نگار آهي، چوٿن چيو ستارن جو علم اٿس. جيترا وات اوتريون ڳالهيون. پرمي، وهمي ۽ سنئونسالي واپارين ۽ رشوت خور ڍچڻ ڪامورن ڪي ته اهڙن ماڻهن جي تلاش هوندي آهي. ڳاهٽ ٿيندا ويا. ڪو ٻوڙ مانيءَ جا ڍاڪون پرايو پيو اچي، ڪو فروٽ جا ٽوڪرا پيو خدمت ۾ آڇي ۽ ڪو ڀنگ، شراب، چرس، آفيم يا گانجي سان پيو پاڻ وٽائي.

هڪ سَٽئي سيٺ ڏاڍو بيزار ڪيس، چرڻ ئي نه ڏئيس، هر گهڙيءَ هٿ جوڙيو سامهون پيو ڦريس. ولي بابا ڪي ٻه ڪا جُوجڪي اچي وئي، سو گهروڙي پوندو ٻوٽ وارو ڏنائينس. سٽئي ٻُجو ملندي ئي خوشيءَ وچان چال ماريندو وٺي ڀڳو.

پڇيائونس: سيٺ، اهڙي ڪهڙي دولت ملي ويئي؟

چيائين: ولي بابا پنجن جو نمبر ٻڌايو آهي.

پنجين نمبر گهوڙي تي وجي لک رپين جو سٽو هنيائين. پنجاهہ ڪمائي ورتائين. بابا جي ڪرامت جا هُل پئجي ويا. شام ٿيندي ئي اوچين اوچين گاڏين جون قطارون واءِ ڊبليو سي اي کان جو شروع ٿين ته وڃي نشاط سئنيما تي دنگ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن. واپاري ڏسو تہ بابا جا پير پيا دٻائين، هٿ منهن پيا ڌورائين. نوان وڳا پيا پهرائين. ولي بابا کي هوش هجي تہ ڪاڻ پيئڻ. چوڙڻ ماڻڻ مان چس بہ اچيس، هن جي وڏي ۾ وڏي عياشي روڙو آفيم جو يا نسوار جي چپٽي. ڳُل پيران دا خيرا! پنڪي آئي، چڙ ستن آسمانن جو سير ڪري آيو. ڪنهن چرڪ ڪڍايس تہ چڙ آزار ۾ پيو.

هڪ ميمڻ پائيءَ جهوتي مان جاڳائي وڌس. پيو تہ ڪجھ ڪونہ ڪيائين، بس آڱوٺو ڪڍي ڏيکاريائينس. ميمڻ پائي بابا جي آڱوٺي مبارڪ کي چمي اکين تي رکيو ۽ قرضين کي آڱوٺو ڏيکاري پڇي ويو. ٻئي کي وچين آڱر ڏيکاريائين، سو رات جو ئي گذاري ويو. اهڙيءَ ريت بابا جو ناموس هنڌين ماڳين ڦهلجي ويو. هاڻي بابا جا انگل هجن ۽ ماڻهن جون گيهٽيون. هو اٿي بيهي تہ ماڻهو اڳ ئي ايا ٿيا بيٺا آهن. هو ڪلي تہ هرڪو پيو ڏند ٽيڙي، هو روئي تہ ماڻهن جا ڳوڙها بند ئي نہ ٿين. پلا مفت ۾ جو ايتري لئہ ٿي وئي سو بابا ارن مان ئي نڪري ويو. ڏڪ بجو تہ عام جام پيو هٽندو هو هاڻي تہ آئي وئي جي پڳ ۾ هٿ وجهڻ شروع ڪري ڏنائين. ڪنهن کي گار ڪنهن کي گند، ڪنهن کي چڪ، ڪنهن کي مُڪ. ڪيترن راهگيرن جا ستون ڏئي پاچا پٽي وڌائين. هڪ عقيدتمند جي جنبَ هٽي نئين گاڏيءَ جو شيشو پيجي وڌائين. ويچارا اشراف رستو ئي مٽائي ويا. ڪن ٻوساٽي، اکيون جهڪائي، ساهہ منجهائي، لڪي لڪي هلڻ وارا بہ پيا چرڪ پرين.

اسان سنڌي ماڻهو تہ ماشاءَ الله چرين، ملنگن مستانن ۽ موالين جا متوالا آهيون. شل نہ ڪنهن جو بگل ڦري، ست بسملاهيون چئي وچي پير مرشد. الهہ لوڪ ۽ درويش جو درجو ڏئي، معتبر ڪري ڪنهن اوچي سنگهاسڻ تي وهاريندا سين. اک جي اشاري تي پيا پلهار ويندا سين. ننڍ ۾ وڦلندو تہ سندس چيل اڻ چيل ڳالهين مان پنهنجي مطلب جون معنائون ڪڍندا سين. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ ۾ پتر اچلائي تہ وچي ڪنهن درويش تي ڪرندو. اهڙيءَ آسان ڪاميابيءَ کي ڏسي هر آيو ويو چريو ڌاتورو ۽ چرٻٽ راجا. بچڙا بانڪا حال ڪري، اول فول بڪي، آڏيون ابتيون حرڪتون ڪري، ڪنهن نہ ڪنهن طرح پاڻ کي يا تہ اعليٰ پائي جو منفرد دانشور يا وري مست ملنگ ثابت ڪرڻ جي چڪر ۾ رهي ٿو. اهڙا ڪوڙ سارا ولي بابا علم ادب، فن ۽ سياست ۾ ڪاهي پيا آهن جن جون سوٽا هٽي ڦڙٻاٽيون نڪري آيون آهن ۽ دماغ جا پردا خشڪ ٿي ويا آهن ۽ گفتگو ۾ ربط بحال نہ رهيو آهي ۽ زبان ڳالهائڻ دوران وچڙي ٿي. پنهنجي دانشوريءَ جي ڌاڪ بحال رکڻ لاءِ هو ڪڏهن ڪڏهن پنڪيءَ مان چرڪ پري هڪ پيينڊ سامهون ايندڙ ڪنهن بہ شخص ڏانهن اچلي، بہ ٽي نعرا هٽي، گڦ ڳاڙي، وري پيهر سال ڏيڍ لاءِ جهوتي ۾ هليا ويندا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واءِ ڊبليو سي اي جي فٽ پاٿ تي ويٺل بابا بہ گهڻن بي ڏوهين جو مٿو رلايو، پر هو جو چوندا آهن تہ نولي تي ڏهلو هر هنڌ هر دور ۾ هڪيو تڪيو حاضر هوندو آهي، سو بابا کي بہ ڪٿيءَ ڪنيو جو علائقي جي مشهور پئداگير "بنڊل دادا" تي اوچتو وار ڪري وينو. بس، ويچاري بابا جو اهو آخري وار ثابت ٿيو. بنڊل دادا بہ ڏند، ٽي پاسريون ۽ چار آڱريون پيجي، مٿو ڪچو ڪري، جيپ ۾ چاڙهي حب چوڪيءَ جي پئي پر ڦٽو ڪري آيس. اسان وري نہ ڪيس ڪراچيءَ ۾ ڪٿي ڏٺو.

هتي، ڪجهہ ڏهاڙا اڳ اخبار ۾ ڇپيل هڪ دلچسپ خبر ياد آئي اٿم. توهان بہ پڙهي هوندي، هڪ همراهہ زخمي ڪاريهر نانگ کي زوريءَ نسوار وات ۾ پئي وڌي تہ نانگ کيس ڏنگي وڌو. همراهہ تڙپي تڙپي مري ويو.

خبر پڙهڻ کان پوءِ هڪدم ڪيئي سوال منهنجي ذهن ۾ اڀري آيا.

پهريون تہ نانگ کي آخر نسوار ڪارائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ نسوار کائڻ وارا پئي جي هٽ جي نسوار ڪنهن بہ قيمت تي ڪو نہ کائيندا آهن. پنهنجي چپٽيءَ سان، هيٺئين چپ جي تهخاني ۾ پاڻ ٽنبيندا آهن.

ٻيو تہ همراهہ کي ڪيئن خبر پئي تہ نانگ دانشور آهي ۽ نسوار کانسواءِ هلي نہ سگهندو؟ ڇا نانگ جا وار اٿيا هئا. وڏا هئا يا مٿي ۾ پنجو پيل هوس؟ يا وري اهڙي درخواست نانگ بذات خود همراهہ کي سنئين سڌي ڪئي هئي؟

ٽيون تہ ڇا نانگ جي آشيرواد حاصل ڪرڻ لاءِ صرف نسوار ئي ضروري هئي؟ ٺري، اسپرٽ يا مينڊرڪس مان ڪم نہ پئي هلي سگهيو؟

چوٿون تہ همراهہ کي ڏنگڻ کان پوءِ اهو ڪاريهر ڪيڏانهن ويو؟ اهو هڪ خطرناڪ سوال آهي ۽ ان جو جواب ان کان بہ وڌيڪ خوفناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو. هر شريف شهريءَ کي پنهنجي گهر جون ڪنڊون پاسا، هنڌ بسترا ۽ جوتا چڱيءَ طرح جاچي ڏسڻ گهرجن.

پنجون، آخري ۽ اهم سوال تہ همراهہ کي نانگ کي نسوار کارائڻ کان اڳ پنهنجي ذهن تي ڀرپور زور ڏئي سوچڻ گهربو هو تہ هُن زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ، يا هن زندگيءَ کان اڳ، ڪنهن اڳلي جنم ۾، ڪڏهن ڪنهن ڪاريهر جي پڇ تي لت تہ نہ ڏني هئي؟

اهي سڀ سوال مان ان مرحوم همراهہ جي حوالي سان پنهنجي پاڻ کان ٿو پڇان. ڇو تہ ڪجهہ دير اڳ مون بہ هڪ ڪا، پهر کي زخمي ڏسي، سندس وات ۾ نسوار وجهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ جواب ۾ هن بہ مون کي ڏنگي وڌو آهي ۽ مرڻ کان اڳ مان انهن سوالن جا جواب ڄاڻڻ ٿو چاهيان ۽ ها، اهو بہ ڄاڻڻ ٿو چاهيان تہ "ادبي بابا" کي ڪو "بنڊل دادا" پڙ پوندو يا نہ؟ ۽ جي ها تہ پوءِ ڪڏهن؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خراب ڊرامو

اسان ڊراما لکندا آهيون، ماڻهو ڏسندا آهن. ڪي سٺا، ڪي وچولا ۽ ڪي خراب. ڪن ۾ ليکڪ چٽ، ڪن ۾ هدايتڪار اناڙي، ڪن ۾ اداڪارن جو ٻنڌُ. ويچارن ڏسندڙن کي جيڪي ملندو سو پيا لوڙيندا. سٺو ته واهه واهه، خراب ته ٻوٽ بچڙو. فلاپ ڊراما گهڻي ڀاڱي اهي ٿيندا آهن جن جو ليکڪ، هدايتڪار ۽ هيرو ساڳيو ئي ماڻهو هوندو آهي. ڪنهن زماني ۾ ان طرز تي سنڌي فلمون ٺهنديون هيون. وڏيرن ڪتن، ڪڪڙن ۽ ڪاري ڪاريءَ جا شوق ڇڏي فلمون ناهڻ شروع ڪيون هيون. ڪهاڻيون به پاڻ جوڙيندا هئا. هدايتون به پاڻ ڏيندا هئا ۽ هر سين ۾ هيروئن جي پويان پيٽ ڪڍي ڊوڙندا به پاڻ هئا. هيروئنون ويچاريون پاڻ به ڊبل ڊيڪر، سي ڊوڙي ڊوڙي سهڪي پونديون هيون ۽ پگهر ڳاڙيندڙ وڏيري کي چونديون هيون، "بديرا سائين، هُڻ تي بس ڪرا!" وڏيرن کي هوندا هئا وڄ جا پاٽي، سي هڪ سين ۾ وڏيڪ زور لڳائي هيروئن کي وڻ جي چوٽيءَ تائين پهچائي، چيلهه کي هٿ ڏئي رڦندا به هئا ۽ گاني جا آخري ٻول به اچاريندا هئا. مون کي ياد آهي ته هڪ اهڙيءَ فلم جي شوٽنگ دوران تيز هوا سبب وڏيري جي نقلي وارن واري وِگ اڏامي وڃي واهه ۾ ڪري هئي ۽ جيسين اسسٽنٽ پهچن، تيسين روهڙي ڪئنال مان ترندي وڃي ريگيوليٽر ۾ ڦاٿي هئي. خدا خدا ڪري وِگ هٿ ڪيائون. سُڪائي ٻيهر ڪونئر سان چنبڙائي اچا ڪئميرا مس آن ڪيائون ته وڏيري جي مڇ اڏامي وڃي ٻينگرن ۾ اٽڪي. توهان کي ته خبر آهي ته ٻينگرن مان ڪا شيءِ ڇڏائڻ ڪيڏو نه ڏکيو ڪم آهي. وٺ وٺان ۾ مڇ اڌڙي پئي. وڏيري کي ٻي مُڇ لڳائڻي پئي. اسان جا وڏيرا اڄ به نه ٿي مُڇون اسپيئر ۾ ساڻ کڻندا آهن. هڪ اڏامي وئي ته پرواهه ناهي، ٻي چنبڙائي، لٽا چنبڙي آڪڙجي گهمندا آهن.

سنڌي فلمون وڏيرڪي دٻ جهلي نه سگهيون ۽ نهڻ بند ٿي ويون. ان کان پوءِ ڪنهن ڏاهي صلاح ڏنن ته اخبارون ڪڍو. مشهوريءَ جي مشهوري مزي جو مزو روز فوٽو به ڇپجندو ۽ دشمن جو پتڪو به پيو لهندو. اهي تماشا اسان پنهنجين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪين سان ڏنا. مالڪ جو فوٽو پهرئين صفحي تي، عنوان ڪجهه هن ريت:

”وڏيرو علڻ خان ڪياڙي ڪنهي رهيو آهي.“

”رئيس ولڻ خان وزيراعظم جي شڪاري ڪتن کي ياڪر پائي رهيو آهي.“

”پير سائين پنهل شاهه بادشاهه پسيل پاچا سڪائي رهيو آهي.“ وغيره وغيره.

اخبار جي اندرين صفحن تي وري وڏيري سائينءَ جا مزيد فوٽو سندس شان ۾ بينام ماڻهن جا شڪرگذاريءَ وارا اشتهار ۽ سياسي مخالف جي حويليءَ متعلق دلچسپ پر سينسر ٿيڻ جهڙا انڪشاف. اهڙا طوفاني حملا ٻي ڏر جي اخبار پڻ ڪرڻ پنهنجو پئدائشي حق سمجهندي هئي. پڙهڻ وارن جا جاوا ٿي ويندا هئا. اهو سلسلو پڻ آخرڪار بند ٿي ويو. وڏيرا ڪٽي ويا. سندن جاءِ پڙهيل لکيل نقلي وڏيرن ورتي، پر اهي بہ پڄي نہ سگهيا. اخبارون ڪارو ڪاري ۽ پيار جي پرٽن تي گذارو ڪرڻ لڳيون.

اڄڪلهہ چئنلن جو دور آهي. ڏسجي تہ ڪٿي ٿو دنگ ٿئي. مون تہ ڊرامن جي ڳالهہ ٿي ڪئي. اهڙو ئي هڪڙو ڊرامو اڄا 12 مئي تي ٽي گذريو آهي. جنهن جو ليکڪ، پروڊيوسر، ڊائريڪٽر، ميوزڪ ڊائريڪٽر ۽ هيرو پنجاب جو اڳيون وڏو وزير شهباز شريف هو. نالي يائي آهي، شرمائي ويو. پنجابي فلمن جو ئي پرم رکي ها. ويندي ويندي ڪٽي هڪ بہ پڙڪون هٽي ها، تہ بہ عزت سان رهجي وڃي ها. نہ ايندي ڪلياڻ ڪيائين نہ ويندي سورهيائي ڏيکاريائين. اسڪرپٽ جي تہ خبر هئس. بينظير تہ هئو ڪونہ جو وٽ وٽ ٿي وڃي ها. پڪڙي ڏڪڙي ڪٽي جيل ۾ وجهنس ها. پنجاب جي پنجن دريائن جو پاڻي پيتو اٿائين. يار بہ گهٽا، پار بہ گهٽا، گرائينءَ کي هٽ ڪوئي نہ لائي ها. آصف جيان اٺ سال تہ پري، اٺ مهينا بہ وي آءِ پي جيل ۾ ڪو نہ گذاري ها. اها جٽ تہ صرف سنڌين جي لاءِ آهي. سلطان راهي جي هم وطن کي جيل جون اوچيون ديوارون، زنجيرون ۽ هٿ ڪڙيون ڇا ڪن ها؟ اڳ بہ اهي سموريون رڪاوٽون ٽوڙي پلي پار وڃي دم پٽيو هئائين! هاڻي بہ صحيح سلامت امانت مالڪن تائين پهچائڻ لاءِ سرڪار پڌل هئي پر اناڙي اسڪرپٽ رائيٽر ۽ ڪمزور هدايتڪاري چڱي ڀلي سنجيده ڊرامي کي ”ماما لالو“ بنائي ڇڏيو. نہ ايندي تاءُ ڪيائين، نہ ويندي ڪوئي ڪلائميڪس ڏيکاريائين. جهڙا آيا جڳ ۾ تهڙا ويا موٽي! سوپاري چباڙيندو آيو. چيونگم چباڙيندو ويو. ويندي ويندي خوشيءَ وچان هٿ لوڏي ڪنجندڙ رتورت ورڪرن کي خدا حافظ بہ چوندو ويو. ان کي چوندا آهن چانهہ جي ڪوپ ۾ آيل طوفان!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن جون جڙون عوام ۾ مضبوط ڪتل نہ هونديون آهن ۽ راتو رات نوٽ ورهائي ووٽ خريدي، لئيءَ مان لٺ پچي، ڏسندي ئي ڏسندي عوامي اڳواڻ ٿيندا آهن، تن کي نہ پاڻ تي ڀروسو ۽ نہ وري پنهنجن ورڪرن تي اعتماد. هڪ ڦوڪ ڪين اڏائي ڪرسيءَ تي وهاريندي آهي ۽ ٻي ڦوڪ جهاز ۾ وهاري ڪن ۾ نظرن کان اوجهل ڪري ڇڏيندي آهي. جن ذوالفقار علي ڀٽي کي ڏٺو هوندو تن کي ڄاڻ هوندي تہ عوام ڇا ٿيندو آهي ۽ عوامي ماڻهو ڇا ٿيندا آهن. سچار مڙس سوريءَ تي ڪيئن مرڪي سر ڏيندا آهن. ڀٽي صاحب کي بہ ملڪ ڇڏڻ لاءِ ايلاز ڪيا ويا هئا. لالچون ڏنيون ويون هيون. لبيا، ترڪي ۽ انڊونيشيا طرفان پنهنجي ملڪ ۾ عزت ۽ آبروءَ جي زندگي بسر ڪرڻ جا وعدا ڪيا ويا هئا پر ان المناڪ ڊرامي جي اسڪرپٽ عوام لکي هئي. ايئن ئي ٿيو جيئن ٿيڻ گهرجي ها. ڪنهن بہ ڪردار جي معمولي ڪوتاهي ان عظيم سانحي کي ڇيهو رسائي وجهي ها. اڄ جا ڪانڊيرا پل تہ ڀٽي صاحب تي چٿرون ڪن. سندس ڪيل توڙي اڻ ڪيل خطائون سندس کاتي ۾ وجهن پر جهنگل ۾ شير ناهي تہ ڀوءِ ڀولڙا بہ شير جي کل پائي، قلابازيون کائيندي نظر ايندا آهن. اهي تماشا تہ هاڻي روز جو معمول بڻجي چڪا آهن. چونڊيل نمائندن، صلاحڪارن توڙي وزير صاحبن جا مزاحيہ ناٽڪ هر روز پيا ڏسون. "دبليءَ ۾ دبلي" واري راند ورهين کان پئي هلي. ڪڏهن وڏي دبليءَ ۾ ويهارو ڪن دبليون سمائجو وڃن ۽ ڪڏهن نڪري نروار ٿي پونگي پري ڇڏين. اجهو چند ڏينهن اڳ سيني نندين وڏين دبلين هڪ دفعو وري گڏجي سڏجي هڪ دبليءَ ۾ بند ٿيڻ جو فيصلو ڪيو آهي. هاڻي هدايتڪار تي مدار ٿو رکي تہ مٿن پُڙ پختو ڏئي سال ٻن لاءِ پاسيرو رکي ڇڏي. توري گهٽي ڊلائي ٿي تہ اهو حشر ٿيندو جيڪو سنڌي فلمن جو ٿيو. يا وِگ واهہ ۾ هوندي، يا وري مُڇ ڍينگرن ۾!

اجهو هينئر جڏهن هي سٽون لکي رهيو آهيان، تڏهن هڪ ٻيو شخص ٽي وي تي پنهنجي عوام کي الوداع چئي رهيو آهي. چوي ٿو :"جنتا هن ڀيري اسان جي پارٽيءَ کي حڪمرانيءَ جو حق نہ ڏنو آهي، ان ڪري مون وزيراعظم جي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي آهي ۽ مخالف بينچن تي ويهڻ جو فيصلو ڪيو آهي." اهو شخص آهي پڙ واري ملڪ جو اڳوڻو وزيراعظم واجپائي. ظاهر آهي سندس اسڪرپٽ هن پاڻ نہ لکيو آهي. اتان جي عوام لکيو آهي. پاڻ کان پڇان ٿو: ڇا پنهنجي باقي زندگيءَ ۾ اهڙو ڪو معجزو پنهنجي ملڪ ۾ مان بہ ڏسي سگهندس.؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچو مرشد

احتسابي عمل جاري آهي. ڪامورن ۾ ڦڙڦوٽ آهي. واپاري، وڏيرا، ڪارخانيدار ۽ سياستدان ڀانهن سيراندي ڪيو ڪونگهرا پيا هٽن. جن تورن گهٽن مٿان ڪاوڙ ۽ ڪروڌ آهي، سي تاش جا پتا ڪيسي ۾ ڪنيون پيا گهمن. وقت اچڻ تي ڪڍي ظاهر ڪندا. پر اهڙو وقت ڪڏهن ايندو به سهي، سا پڪ ڪانهي. جن اربين رپيا ڪاڏا، سي اربين رپيا ڀوڙي به ڇاٽن. سمگلر ۽ رهزن هر دور ۾ معتبر ليکيا ويندا آهن. ڪلهه به سندن موج هئي. اڄ به جاوا اٿن. سرڪار جي ڏم پئي پوي ته جلدي ڪيو، معلومات پهچايو ته:

ڪهڙي ڪاموري وٽ پنهنجي ذاتي فون آهي؟

ڪهڙو ڪامورو ڪهڙن ڪلبن جو ميمبر آهي؟

ڪهڙي ڪاموري پنهنجي خرچ تي پرڏيهه جو سفر ڪيو؟

ڪهڙي ڪاموري ڏيءَ پٽ ڪهڙي هوٽل، ڪهڙي ڪلب، ڪهڙي شادي هال يا ڪهڙي باغيچي ۾ پرڻايو؟

معلومات ڪنڻ جي ناهي، جواب ڏئي ڏئي آڱريون گسي ويون آهن. پندار وڃي تو گڏ ٿيندو. مُنهن وڃن ٿا هيڊا ٿيندا. ٽنگن ڏکڻ شروع ڪري ڏنو آهي. دلين جي ڌڙڪن تيز ٿيندي ٿي وڃي. ٽي ويءَ تي "ظلم جي داستان" نما پروگرام ۾ ڏوهاري ۽ شاهد پنهنجا پنهنجا سبق پڙهندا ٿا وڃن. ماٺهو زي ٽي ويءِ چڏيءِ هن مزيدار ناٽڪ کي ڏسڻ لڳا آهن. ڇا ٿيندو؟ ڇا ٿيندو؟ جو غوغاءُ آهي.

سپريم ڪورٽ جي ججن جو مامرو هاڻي آخري مرحلن ۾ آهي. آخري سين اسٽيج تي ئي لکي ويندي. في الحال رٽائرڊ توڙي ايڪسٽرا فنڪار ڪنهن نه ڪنهن ڪردار ملڻ جي آسري تي Wings مان بيٺا ٿا جهاتيون پائين. تماشبين ون ڊي ڪرڪيٽ ميچ جي آخري اوورن ۾ زوردار مقابلي کي مدنظر رکندي پنهنجا ننهن چباڙي رهيا آهن. هڪ ڇڪو هيڏانهن يا هڪ وڪيٽ هوڏانهن ڪايا پلٽي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهي ٿي. امپائر واٽڙا، رانديگر پريشان ۽ ڏسندڙ حيران آهن.

رپئي جو مُلهہ ڪري وڃي پاڻليءَ کي پهتو آهي. پئسي واري ڊسپرين جي گوري رپئي ۾ ٿي وڪامي. مهيني جي پگهار ڪير واري لاءِ بہ پوري نٿي پوي. اڳتي ڇا ٿيندو؟ اهو سوچي ماڻهو پنهنجي پاڻ سان راهہ ويندي ڳالهائڻ لڳا آهن.

بينڪن مان ٽيهہ هزار ملازم نڪري فٽ پاٿ تي اچي ڪريا آهن. سندون ۽ سرٽيفڪيٽ ساڻ کڻي وتن ٿا در در روزگار لاءِ سئن هٽندا. ڪاليجن ۽ يونيورسٽين مان تازا نڪتل نوجوان پڻيواليءَ لاءِ پريشان آهن. اجا وڌيڪ ماڻهو بيروزگار ٿيندا. اجا وڌيڪ نوجوان پريشان ٿيندا. سنڌ کي اڳي ئي حصي جي جاءِ تي آسرو مليو هو. مٿان جيڪا چپ ڪري، سا بہ سنڌين تي. جيڪي ٿورا گهڻا ايلاز منٿ، سفارش يا لياقت تي ڪجهي پيا هئا، سي بہ هاڻي پهرئين ئي رهڙي ۾ رهڙجي وڃي گهر پيڙا ٿيا. مرڪز ۾ سنڌ جي نمائندگي ڏيڍ وزير. اهي بہ سيد سڳورا. ماڻهو دانهين تہ ڪنهن آڏو؟ فرياد ڪن تہ ڪنهن کي؟ نہ ٻڌڻ وارو نہ سڻڻ وارو. سنڌ حڪومت تان تہ اسان عرصو ٿيو جو آسرو پليو. سيني قوم پرستن جا پونئير وڃي وزارتن کي چنبڙيا آهن. پوئتي جو نہ اونو نہ فڪر. اهي ٽُنيا ئي ويا جيڪي گهڻا ڏيندا هئا.

ايم ڪيو ايم جي موج آهي. سچ پڇو تہ ڏاڍي جي لٺ کي بہ مٿا آهن. جيڏانهن وراءِ تيڏانهن وري. پلو ٿئي اسان جي سنڌي "قومپرست" نمائندن جو جن دير ئي ڪانہ ڪئي. ڊڪ پائي وڃي ڪرسيءَ کي چنبڙيا. سنڌي قوم وٺي لوڻ پاڻي تي. هنن يارن جا موج ميلا لڳا پيا آهن. ٻتا ٻتا پاڪر پايو ٿا ايم ڪيو ايم سان ملن. هتان ٿا جهاز ۾ چڙهن تہ وڃي ٿا لنڊن ۾ الطاف حسين جي فليٽ تي ساهي پٽين. هَئي ڙي سنڌ تنهنجي قسمت!

سنڌ سان نہ پيرن رهايو نہ ميرن، نہ اميرن ۽ نہ وري وڏيرن،
يتيمن جا پاڳ بہ يتيم!

جنهن ڏينهن روپئي جي قيمت ڪري، ان رات جو ميريٽ هوٽل ۾ ڪجهہ دوستن سان ويٺي ماني کاڌم. پر واريءَ ٽيبل تي ڪي واپاري اچي ويهي رهيا. ڏاڍا خوش پئي ڏٺا. ڳالهہ ڳالهہ تي کلن جا هوڪرا هئن. وڏي واڪ هڪ ٻئي کي مبارڪون پئي ڏنائون. ڪو چوي تہ مون کي هڪ ڪروڙ جو فائدو پئجي ويو. ڪو چوي تہ ڏهن ڪروڙن جو نفعو ٿيو اٿم. مانيءَ کي تپ چاڙهيندا بہ ٿي ويا ۽ ٺهڪن مٿان ٺهڪ ڏيندا بہ پئي ويا. انهن مان سڀ کان وڏي پيٽ واري ڪدوءَ چيو: مون کي ڪالهہ ئي خبر پئجي وئي هئي تہ روپئي جو مُلهہ ڪرڻ وارو آهي. جهٽ ۾ ڊالر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خريد ڪري ورتم. ٻيو جيڪو شرناءِ جهڙو سنهڙو هو تنهن پڇيو: توکي ڪيئن خبر پئي؟

ڪدوءَ چيو: مون کي مرشد ٻڌايو.

شرناءِ پڇيو: مرشد ڪهڙو اٿئي؟

ڪدوءَ چيو: ساموندي ملنگ بابا آهي. وڏو پهتل بزرگ آهي. پراڻي ڪلفٽن تي جهڳيءَ ۾ اگهاڙو رهندو آهي.

شرناءِ پڇيو: اڳ بہ آزمايو اٿئيس؟

جواب مليس: ڪيئي ڀيرا. مرشد سچو آهي. ڪم ٽيڙو هوندو تہ هڪ آڱر اڀي ڪندو آهي. شڪ هوندس تہ بہ آڱريون اڀيون ڪندو آهي. اڻ ٽيڙو هوندو تہ ٽي آڱريون اُڀيون ڪندو آهي. زال ڀڄي وئي. پڇيم تہ موٽي ايندي يا نہ؟ ٽي آڱريون ڏيکاري ڇڏيائين.

روپئي جي ملھہ جا افواھہ گرم هئا. پڇيم تہ ملھہ ڪرندو ڇا؟ هڪ آڱر اڀي ڪيائين. مون هڪدم پنج ڪروڙ ڊالر خريد ڪري ورتا.

هڪ ٽيون واپاري، جيڪو پاڏي جهڙو هو ۽ رکي رکي اوڳرايون ڏئي رهيون هو تنهن ڪدوءَ کي ٺيڪو وٺائيندي چيو: درويشن جي بات ئي اور آهي. ڪين سڀ ڪجھہ نظر ايندو آهي. هي سڀ سياستدان پڻ ڪنهن نہ ڪنهن درويش جا معتقد ٿيندا آهن. ڪو ٻُهارا هڻندو اٿن، ڪو گاريون ڏيندو اٿن، ڪو ٺقڙ وهائيندو اٿن. منهنجو مرشد وهاڙيءَ ۾ رهندو آهي. جڏهن ڪجھہ پڇڻو هوندو اٿم تڏهن مرشد جي خدمت ۾ پيش ٿي ويندو آهيان. جي پنهنجي ڏاڙهيءَ مان وار ڇني ڏنائين تہ سمجھہ تہ ڪم ٿي ويندو. جي منهنجي ڏاڙهيءَ ۾ هٿ وڌائين تہ ڪم هرگز ڪو نہ ٿيندو. رپئي جي مُلھہ واري معاملي ۾ بہ جڏهن حضرت جي خدمت ۾ حاضر ٿيس تہ پنهنجي ڏاڙهي ڪٽي منهنجي هٿن ۾ ڏنائين. سمجهي ويس تہ پئون ٻارهن آهن. ٻوڙ پائي وڃي ڊالر خريد ڪيم. ٻئي ڏينهن نٽ ٿي ويا. چوڌري صاحب تون ٻڌاءِ! توکي ڪيئن خبر پئي؟ چوٿون همراھہ جيڪو چوڌري هو ۽ شڪل ڀڳي جهڙي هئس. تنهن چيو:

منهنجو مرشد سڀ ڪان نرالو آهي.

پڇيائون: سو وري ڪيئن؟

چيائين: سندس تير خالي نہ ويندو آهي.

چيائون: کولي ٻڌاءِ.

چيائين: سوٽ بوٽ پائيندو آهي. انگريزي فتافٽ ڳالهائيندو آهي. بنگلي ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهندو آهي. ٻه چار موٽرون اٿس. مهيني ٻئي يورپ ويندو آهي.

حيران ٿي ويا. پڇيائون: ڪير آهي؟

ڏڪي وراڻيو. وفاقي سيڪريٽري آهي.

اسان سموري گفتگو ويٺي ٻڌي.

مون سان گڏ ويٺل پنڻ مهمان چيو: سنڌ تہ درويشن جو ديس آهي، پوءِ توهان کي ڪو اهڙو مرشد ڪامل چو نٿو ملي، جيڪو ڪک مان لک ڪري ڏئي.

چيم: آهي.

پڇيائين: ڪٿي؟

چيم: اسلام آباد ۾.

چيائين: سچو آهي؟

چيم: بلڪل سچو آهي.

پڇيائين: ڇا ڪندو آهي؟

چيم: جڏهن بہ ڪو سنڌي ڪم لاءِ ويندو اٿس، تڏهن پنج ئي آڱريون اپيون ڪري، ڪيس گهروڙي منهن ۾ پونبو ڏئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيندو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعر جذبات حضرت بلبل بيقرار

شاعر جذبات حضرت بلبل بيقرار ڪافي عرصو غيرحاضر رهيو. پهريون مشاعري وارا ڳولڻ آيس، پوءِ قرضي ۽ آخر ۾ پوليس وارا. جڏهن صفا نہ مليو تہ پوءِ سندس گهر واريءَ اچي ڏماڪو ڪيو.

چيائين: ڪٿي آهي تنهنجو اهو چريٽ راجا؟

چيم: اهو ڪراچيءَ ۾ تہ نہ رهندو آهي.

چيائين: بلبل جو ٿي پڇانءِ. مهيني کان غائب آهي گهر منجهان.

چيمُ: پيو گهر ڪيو هوندائين.

تارا ڦاڙي چيائين: ڇا چيئي؟

ساهہ نڪري وڃي لُڪيءَ ۾ لڪو.

چيم: ڪنهن ٻئي جي گهر رهي پيو هوندو.

چيائين: ان ڳوريٽ کي صرف هڪ ئي گهر قبولي سگهيو آهي ۽ اهو بہ ٽِل منجهان.

چيم: تہ پوءِ الڪو نہ ڪر. چاڙ تہ موٽيو ماڳ تي.

چيائين: اخبار ۾ اشتهار بہ ڏنو اٿم تہ جتي آهين، اتان سڌو گهر هليو اچ. توکي ڪجهہ بہ نہ چيو ويندو.

چيم: ڪاوڙجي ويو آهي ڇا؟

چيائين: مون ٿورو پيار وچان تلڪيءَ سان تاروڻءَ تي ڏنپ ڏنو هوس. ان ۾ ڪاوڙ جي تہ ڪا ڳالهہ ڪو نہ هئي.

چيم: ها جائي، ان ۾ ڪاوڙ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي!

چيائين: رات جو ننڊ ۾ زور زور سان ڪلام پئي پڙاياائين. دل کي جهُبو اچي ويو وات ۾ توال گديءِ بس بہ ٿي گهٽا بہ ڏنا هٺامانس. ان ۾ بہ ناراض ٿيڻ جي ڪا ڳالهہ ڪو نہ هئي.

چيم: نہ. هرگز نہ. دل کي جهُبو ايندو تہ ضرور گهُٽا بہ ڏبا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چياڻين: آخري ڏينهن ڪوهه ۾ ليٽو پئي پاتائين. مون کي سندس اها ادا ڏاڍي وڻي وئي. ڪٿي پنيان ڏڪو ڏنومانس. دل ۾ چيم ته ضرور وڏو ماڻهو ٿيندو ۽ پوءِ پڇندو "مون کي ڏڪو ڪنهن ڏنو؟"

چيم: اهو بہ نيڪ نيتيءَ سان ڪيئي.

چياڻين: اهوئي ته مان بہ پڇڻ آئي آهيان ته مُئي جو مکڻ پئي مٿو چو سڙيو؟

چيم: مٿو جاءِ ايندس ته ضرور موٽي ايندو.

چياڻين: ڪٿي ڪنهن حادثي جو شڪار ته نه ٿي ويو؟

چيم: سنڌي شاعر ٿيڻ ئي سڀ کان وڏو حادثو آهي. ان کان وڌيڪ ڇا ٿيندس؟

چياڻين: ڪنهن اسپتال ۾ ته ناهي؟

چيم: نہ. جيڪڏهن بلبل اسپتال ۾ هجي ها ته ڊاڪٽر هڙتال تي هجن ها.

چياڻين: پلا جيل ۾ ته نہ وڏو اٿنس؟

چيم: اها ڳالهہ بہ دل سان نٿي لڳي. پوليس وارا خود ڪيس ڳوليندا ٿا وتن. سامت جو ساهہ ڪنيائين.

چياڻين: چڱو مان هلان ٿي. پير ڪُرَ ملئي ته مون کي ضرور ٻڌائجانءِ. امان ڪراڙي ڪاٽي تکي ڪيو ويٺي آهي. چوي ٿي ته نظر تکي اٿس. جيسين نس نہ ڪپس، تيسين سنئين نہ ٿيندو.

ٻئي ڏينهن بلبل بيقرار نينگ ٽپا ڏيندو اچي پهتو. نئين پيو نئين. خوشيءَ وچان اصل ڪپڙن ۾ نہ پيو ماپي. ڪجهہ پڇان ئي پڇان ان کان اڳ چياڻين: پريشان نہ ٿي. هي ڪپڙا منهنجا ناهن. ننڍي پٽ جا آهن.

چيم: ڪٿي هئين ايترا ڏينهن؟

چياڻين: انٽرويو ڏيڻ ويو هوس.

پڇيم: انٽرويو؟ هن عمر ۾ ڇا جو انٽرويو ڏيڻ ويو هئين بلبل؟

چياڻين: اهوئي ته راز آهي.

چيم: ته پوءِ راز تان پردو هٽاءِ. ٻڌاءِ ڪهڙو انٽرويو ڏيڻ ويو هئين؟

چياڻين: اخبار پڙهندو آهين؟

چيم: ها، پڙهندو آهيان.

چياڻين: اخبار ۾ ڇپيل اشتهار پڙهندو آهين؟

چيم: هاڻي هن عمر ۾ ڪهڙا اشتهار ويهي پڙهندس.

منهنجي ٺوڙهہ تي ٺقڙ جو واجٽ ڪندي چياڻين: اتي مار کائي وئين نہ ڪڳا!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو اشتهار هئو ئي تو مون جهڙن جي لاءِ.

پڇيم: ڪهڙو اشتهار؟ ڪنهنجو اشتهار؟ ڪنهن ڏنو هو اشتهار؟ ڪنهن لاءِ هئو اهو اشتهار؟

چپائين: منتو ٽيڻ جي ناڪام ڪوشش نہ ڪر ٽيڙو.

چيم: دل ڪمزور اٿم. وڏيڪ ٽينشن سهي نہ سگهندس. ڏس، منهنجا تارا ساوا ٿي ويا آهن، پيرَ نيرا ۽ منهن ڪارو ٿيندو ٿو وڃي.

چپائين: الله سائينءَ جا لک شڪرانا جو تو اهو اشتهار نہ پڙهيو، ور نہ جيڪا ڪيفيت هاڻي ٻڌائين ٿو سا جيڪڏهن انٽرويو وارن کي ٻڌائين ها تہ منهنجو پتو تہ پهرئين ڏڪ سان ڪٽي ڇڏين ها.

چيم: اڙي نياڳا، ڪجهہ اڳتي بہ وڌ. انٽرويو تي سُئي اٽڪي پئي اٿئي ڇا؟

چپائين: مڙُ نہ ٻڌايانءِ ٿو. هو آرام سان سامهون واريءَ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. جڳ مان ٿڌو پاڻي گلاس ۾ اوتي، پهريون گلاس کي، پوءِ پاڻيءَ کي ۽ پوءِ مون کي ڏسي، ڍڪ ڍڪ ڪري پيئڻ لڳو.

چپائين: ڪجهہ ڏهاڙا اڳ اخبار ۾ خبر آئي هئي تہ سنڌ سرڪار کي سنڌي ادبي بورڊ لاءِ نئين چيئرمين جي ڳولا آهي.

پڇيم: اڳئين ۾ ڪهڙي خرابي هئي؟

چپائين: ٽائيم پورو ٿي ويو اٿس.

چيم: موجوده سرڪار مڪمل طور بااختيار آهي. سيڪجهہ وڏائي سگهي ٿي.

چپائين: هاڻي ٽڪجي پئي آهي، ان ڪري اخبار ۾ اشتهار ڏناءون تہ خواهشمند ۽ لياقتن تي پورا اترڻ وارا اميدوار درخواست هٿ ۾ کڻي، سڌا سنوان انٽرويو لاءِ هليا اچن.

چيم: پر تون تہ مهيني کان غائب هئين؟

چپائين: قطار ۾ بيٺو هوس ني.

چيم: ايڏي وڏي قطار هئي ڇا؟

چپائين: نہ. مون کان اڳ صرف هڪ اميدوار بيٺو هو.

ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آيم. چيم: ڇا ٿو چوين، اُٺ؟

چپائين: سچ ٿو چوان. نور پٽاري...! ڪنهن کان بہ پڇي ڏس.

چيم: ڇا پڇان؟ هڪ ماڻهو هڪ مهينو انٽرويو ڏيندو رهيو ۽ تون واري جي انتظار ۾ سڄا سارا چار هفتا بيٺو رهئين. ايئن نہ؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين: بلڪل ايئن.

مون ٽيبل تي رکيل گلدستي مان سمورا گل ڪڍي ڪائي چڙيا ۾ گلدان مٿي ۾ هٽي پيچي چڙيمر ۾ پٽ کي ٽڪر هڻڻ لاءِ ٻوڙيو ٿي مس هوس جو هُن زور سان جهلي ورتمر.

چيائين: پهريون ڳالهه پوري ٻڌ ٿيڙو پوءِ خودڪشي ڪجانءِ.

مان بي حال ٿي، ڏند ٿيڙي ڪرسيءَ ۾ پئجي رهيس.

چيائين: ان اميدوار وٽ مڻ کن سفارشي چٺيون هيون. هڪ چٺي ڪٽي اندر ٿي ويو. ٻه ٿي ڪلاڪ انٽرويو ڏٺي، ٻاهر نڪري، ٻي چٺي ڪٽي، ٻوڙ پائي وري اندر هليو ٿي ويو. مون گهٽيون ٿي گهتون ڏٺيون پر نه هن جي سفارش ڪٽي، نه جند ڇٽي. آخرڪار جڏهن ڳوڻ خالي ٿي، تڏهن پلٽي ماري صاحبن جي در اڳيان ويهي رهيو. ويهي ويهي ساٿو ٿيو ته ليٽي پيو. ننڊ اچي ويس. مان کيس اورانگهي وچي اندر پهتس تڏهن وڃي دلجاءِ ٿيمر.

چيمر: ڇا پڇيائون انٽرويو ۾؟

چيائين: سوال ٿي هڪڙو پڇيائون.

پڇيمر: ڪهڙو؟

چيائين: پڇيائون ته نچڻ ايندو اٿئي؟

چيمر "نه". چيائون، "ته پوءِ وهاءِ گوڏي کي. اسان کي ماڻهو اهو کپي جيڪو جهمر به هٽي، تاڙيءَ جو ٻتڪو ڪري، قلابازي به ڪائي ۾ هنبوچي به هٽي."

پڇيمر: پوءِ؟

چيائين: بس، پوءِ ڪٽي آياسين خير سان. هو جمالو؟ موٽي آيس ماڳ تي.

چيمر: ته پوءِ ايڏو خوش ڇو آهين؟ پٽيا؟

چيائين: اڇا به خوش نه ٿيان؟ هنبوچي هڻڻ ڪان ته بچي پيس.

ماڻهو وري به شاعر جذبات ته سڏيندا. منهنجي لاءِ اهو ئي ڪوڙ آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لباس ۽ وردي ءَ جي اهميت

جڳ مشهور فلاسافر ڪارلائل پنهنجي ڪتاب ”سارتر رِي سارٽس“ ۾ هڪ دلچسپ بحث ذريعي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي تہ ماڻهو سڀ برابر آهن پر ڪين درجن ۽ طبقن ۾ ورهائڻ جي سلسلي ۾ سندن لباس اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. هن مثال ڏيندي چيو هو تہ جيڪڏهن سماج جي سيني طبقن جي ماڻهن کي لباس کان آجو ڪري، ڪنهن کلئي ميدان ۾ بيهاريو وڃي تہ خبر ئي نہ پوندي تہ ڪير بادشاهہ آهي، ڪير وزير، ڪير استاد، ڪير وڪيل ۽ ڪير جمعدار البتہ طاقتور پنهنجي ٻل جي زور تي هيٺي کي هيسائيندو ۽ عقلمند پنهنجي ذهن جي آڌار تي ابوجهہ تي حاوي ضرور ٿيندو.

ڪارلائل اهو بہ چيو هو تہ ملڪي، سياسي توڙي سماجي نظام هلائڻ ۾ فرد جي حيثيت يونيفارم جي اهميت آڌو گهٽجي تي وڃي، حڪم مڃيندڙ حڪم ڏيندڙ جي شڪل صورت ڏانهن ڪو نہ ٿو ڏسي، بلڪ سندس رينڪ (درجي) جو احترام ٿو ڪري، اهڙيءَ طرح فوجي، پوليس وارا، عدليہ جا اهلڪار، هوٽل جا بيرا، ٽپال کاتي جا ڪارندا وغيره يونيفارم ۾ لڳل پٽل جي ڦولن، ڪارن جُبن ۽ ڪارن ڪوٽن، ڪلهي يا ڪيسي تي لڳل سجاٽپ جي نشانين ذريعي وڏي ڪان وٺي ننڍي تائين احڪام جاري ڪن ٿا ۽ سندن زبردست ان سجاٽپ جي آڌار تي ڪنڌ جهڪائي حڪم جي پوئواري ڪن ٿا. مون کي خبر ناهي تہ جيڪڏهن ڪارلائل اڄ زندهہ هجي ها تہ اسامہ جي پڳڙيءَ يا گانڌيءَ جي ڌوتيءَ متعلق سندس ڪهڙي راءِ هجي ها، البتہ هو ”طاقت ۽ قابليت“ متعلق ڏنل پنهنجن دليلن ۾ ضرور پناهہ وٺي ها.

ڪارلائل اهو بہ چيو هو تہ لباس (يونيفارم) جو غلط استعمال سماجي ڍانچي کي سخت نقصان پهچائي سگهي ٿو. مثلن ڌاڙيل پوليس جي وردي پائڻ شروع ڪري ڏين، چور ۽ بشني ججن جا ڪارا جُبا پائڻ لڳن، ريلوي جا ٽي ٽي ٽپالين جي لباس ۾ نڪري نروار ٿين، تہ پوءِ سماج جو ڍينگو ڍيري ٿي ويندو ۽ ڪو بہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وهنوار درست رهي نہ سگهندو. ان ڪري لازمي آهي تہ هر فرد پنهنجي اهليت، قابليت ۽ تربيت مطابق پنهنجي سڃاڻپ طور مناسب لباس پائي تہ جيئن سماجي افراتفريءَ کان بچي سگهجي.

ڪارلائل تہ ويچارو فلاسافر هو ۽ سو بہ وري يورپ جي هڪ سڌريل ملڪ جو. ٽيڻ دنيا جو رهواسي هجي ها تہ جيڪر اهڙيون مشڪريون نہ ڪري ها. اسان جي ملڪن ۾ گدڙ جي کل هيٺان شينهن جي نقلي کل ڏسي نہ صرف ڏندين آڱريون ڏئي ها، بلڪ پنهنجن ئي ڏندن سان پنهنجون ئي آڱريون چٻاڙي ڪائي وڃي ها. اسان ڪيترن ئي مغربي اڪابرن جا مٿا ڪچا ڪري ڇڏيا، سا خبر ڪيس بنهہ ڪا نہ هئي. پر جي ڪٽي خبر پيس بہ، تہ بہ اها خبر ڪيس ڏاڍي دير سان پئي. مُئي جي پچار ڪهڙي ڪجي؟ بهتر آهي تہ ڪيس ٻي سمجهہ ڄاڻي معاف ڪري ڇڏجي.

اهي سڀ ڳالهيون ان ڪري ياد آيم جو ڪالهہ واري اخبار ۾ خبر پڙهيم تہ سنڌ جي قديم تعليمي اداري ۽ قائداعظم جي درسگاهہ سنڌ مدرسي جو نئون پرنسپال ملتان جي هڪ رٽائرڊ ڪرنل کي مقرر ڪيو ويو آهي. حيرت اِن ڪري ڪو نہ ٿيم جو ملڪ ۾ ڪجهہ عرصي کان اهو ئي سلسلو جاري آهي. اڳي هڪ دوا ملندي هئي "امرت ڌارا"، جيڪا هر مرض جو علاج سمجهي ويندي هئي. هاڻي امرت ڌارا جي جاءِ خاڪي ورديءَ واري آهي. سرڪاري توڙي نيم سرڪاري ادارن مان هزارن جي تعداد ۾ ملازم اهو چئي ڪڍيا پيا وڃن تہ خزانو خالي آهي ۽ پگهار ڏيڻ جيترا پئسا باقي نہ بچيا آهن پر انهن ئي ادارن ۾ ڏهوڻي اجرت ڏئي حاضر سروس توڙي رٽائرڊ فوجين کي روزگار ڏئي ڪين آباد ڪيو پيو وڃي. دليل اهو ڏنو پيو وڃي تہ سندن موجودگيءَ سان ادارن جي ڪارڪردگي وڌندي. چرچو اهو ٿيو تہ پيا تہ ٿهيو واپڊا جا ميٽر ريڊر بہ فوجي اهلڪار مقرر ڪيا ويا. ڪارلائل جي فلسفي جا تہ ڌاڇورا نڪري ويا. مون اهڙي ئي هڪ ميٽر ريڊر کان پڇيو: توهان ۾ اهڙي ڪهڙي خوبي آهي، جنهن سبب ملڪي سرحدن جي حفاظت جهڙي اهم ذميداري ڇڏي، ههڙي غير اهم ڪم جي واڳ سنڀالي آهي؟

چيائين: ان ۾ ڪهڙي مهارت گهرجي؟

چيائين: سڄو ڪم مهارت جو آهي.

پڇيم: سو ڪيئن؟

چيائين: ان سوال جي جواب ڏيڻ لاءِ سڀ کان پهريون تہ (طريقيڪار) پروسيجر سمجهڻ ضروري آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇيمر: ٻڌايو.

ڇپائين: ميٽر ريڊنگ جي لاءِ هيٺيان جُزا هئڻ ضروري آهن.

هڪ عدد ميٽر.

هڪ عدد پينسل يا پين (حسب ضرورت).

هڪ عدد ڪلپ بورڊ.

ڪجهه ڪاغذ (اڳواڻ ليڪيل هجن ته وڌيڪ چڱو).

گهٽ ۾ گهٽ هڪ عدد جاءِ يا فليٽ يا جهوپڙيءَ جو رهواسي.

چار عدد سپاهيورديءَ ۾.

طريقيڪار:

جنهن گهر، فليٽ يا جهوپڙيءَ ۾ ميٽر لڳل آهي، تنهن جي در تي ٽي دفعا ٺڪ ٺڪ ڪئي وڃي. ٻور بيبل موجود هئڻ جي حالت ۾ پهريون سپاهيءَ کان مٿس آڱر رکائي وڃي ته جيئن خبر پوي ته بٽڻ ۾ بجليءَ جو ڪرنٽ ته ناهي. اطمينان ٿيڻ جي حالت ۾ ٽي دفعا بٽڻ کي دٻايو وڃي. جيڪڏهن گهر ڌڻي جلدي ٻاهر نڪري اچي ته سمجهڻ گهرجي ته ماڻهو شريف آهي. دير ڪرڻ واري کي مشڪوڪ سمجهي سپاهين جي تحويل ۾ ڏنو وڃي. ميٽر واري ديوار کي ٺوڪي وڄائي ڏسڻ تمام ضروري آهي. ڪي ميٽر نه صرف پاڻ نقلي هوندا آهن، بلڪه جن ديوارن تي لڳل هوندا آهن، سي پڻ نقلي هونديون آهن. منهنجو تجربو آهي ته ڪي گهر ۽ انهن جا مالڪ به نقلي هوندا آهن. نقل هن ملڪ کي ڪاٺي ڪوڪلو ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪري اصلي ۽ نقليءَ ۾ فرق ڪرڻ اسان جو پهريون اصول هئڻ گهرجي.

ميٽر توڙي ديوار جي تصديق ڪرڻ کان پوءِ هڪ ڪاٺ جي صندلي گهرائي پهريون گهر ڌڻيءَ . پوءِ واري واري سان چئني سپاهين ۽ آخر ۾ پاڻ ميٽر جي انگن جي ڇڪاس ڪرڻ گهرجي. ڪي انگ ڏاڍا پلائينڊڙ هوندا آهن. ان ڪري درست نمبر جو چشمو هميشهورديءَ جي کاٻي پاسي واري مٿئين کيسي ۾ موجود هئڻ گهرجي. اهو چشمو گهر ڌڻيءَ توڙي سپاهين کي ٿوري دير لاءِ استعمال ڪرڻ لاءِ ڏيڻ ۾ ڪو پولو ناهي. ميٽر ڇڪاس ڪرڻ کان پوءِ صندلي مالڪ مڪان کي موٽائي ڏيڻ ۾ به ڪو حرج ناهي. بس، هاڻي توهان جي ميٽر ريڊنگ تيار! ۽ ها، هن ڪم کي غير اهم ڪوٺڻ بي سمجهيءَ جي خطرناڪ علامت آهي. توهان جا ڪجهه وفاقي وزير، اعليٰ عهدي تي رسڻ کان اڳ بجليءَ جا ميٽر چيڪ ڪندا هئا. دراصل هن کي ڪاميابيءَ جو پهريون ڏاڪو سمجهڻ گهرجي.!

ڪجهه ڏهاڙا اڳ ڊفينس جي هڪ ڪلب ۾ غزل جي محفل هئي. ڊفينس ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻن قسمن جي مخلوق رهندي آهي. هڪڙيءَ کي A ڪيٽيگري سڏيندا آهن ۽ ٻيءَ کي B ڪيٽيگري. اي ڪيٽيگري وارا هٿياربند فوجن سان تعلق رکندا آهن ۽ ڪين ٻين جي مقابلي ۾ وڌيڪ سهولتون مليل هونديون آهن. ٻي ڪيٽيگريءَ وارا ڪاڪڙ ڪوڪڙ هوندا آهن ۽ ٻيٺا چندا ڀريندا آهن.

غزل جي محفل ۾ زمين تي چادرون ۽ وهاڻا رکيل هئا ۽ معززين جي لاءِ صوفاسيٽ پيل هئا. مان ۽ منهنجي گهر واري پاڻ کي معزز سمجهي وڃي صوفن تي ويهي رهياسين.

هڪ ڪارندي چيو: معاف ڪجو هي سيٽون ريٽر ايڊمرل ۽ سندس بيگم لاءِ رزرو آهن. اسان اتان اٿي ٻئي صوفي تي ويهي رهياسين.

ڪارندي چيو: هي سيٽون جنرل صاحب ۽ سندس بيگم لاءِ رکيل آهن.

اسان اتان اٿي ٽئين صوفي تي وڃي ويٺاسين.

چپڙاسي: هي برگيڊيئر ۽ سندس گهر واريءَ لاءِ والاريل آهن.

چيم: اسان ميمبر آهيون.

چپڙاسي: هوندؤ.

چيم: اسان بيمار آهيون.

چپڙاسي: هوندؤ.

چيم: انسان سڀ برابر هوندا آهن. الحمد الله سڀ اشرف المخلوقات آهيون.

چپڙاسي: هوندؤ پر ڪي ماڻهو مشرف المخلوقات بہ هوندا آهن!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عيار اُلوءِ چبِي چب

اُلوءَ کي انگريزيءَ ۾ آئول (Owl) ۽ سنڌيءَ ۾ چب چئبو آهي. عورتن جون متحرڪ جماعتون چب کي جنسي متيپيد جي دائري ۾ آڻي اڪثر مطالبو ڪنديون رهنديون آهن ته اها مردن جي سراسر ناانصافي آهي جنهن کي هو ”ميل شاونزم“ چونديون آهن ۽ ڪاريون چوڙيون پائي احتجاجي جلوس ڪڍنديون آهن. سندن چوڻ آهي ته ”چب“ جي بجاءِ سنئون سڌو ”چبرو“ چوڻ ۾ ڪهڙو حرج آهي؟ آخرڪار ان قسم جا اڪثر ڪم مرد ئي ڪندا آهن. مردن جو چوڻ آهي ته ”چب“ مرد توڙي عورت لاءِ هڪ ئي معنيٰ ۾ ڪم آڻي سگهجي ٿو. چبرو شاعراڻي نقطہ نظر کان ناموزون لفظ آهي. مثلاً توهان هيءُ شعر جهونگاريو:

اڙي چب اڙي چب، پرين تو ته ڏٺو ناهہ.

سندس رنگ سندس ڍنگ اٿين آهي جيئن تون!

اتي ”چبري“ جو لفظ سمورو بحر وزن، وٽ ۽ تازاري تباهہ ڪري ڇڏيندو. ٿي سگهي ٿو ته ان توڙ ڦوڙ سبب ويچارو چبرو خود به ڪنهن عتاب ۾ اچي وڃي، جو ته پڌو آهي ته شاعرن جو انتقام نهايت خطرناڪ ٿيندو آهي.

آئول ۽ الوءَ ۾ صوتي لحاظ کان فرق تمام ٿورو نظر ايندو پر چب ۽ الوءَ ۾ زمين ۽ آسمان جو تفاوت آهي. شايد اردو ۽ انگريزي حاڪم ٻولين هيٺ ڪري پاڻ ۾ ڪافي حد تائين ملن ٿيون ۽ چب محڪوم ٻوليءَ جي نمائنده حيثيت ۾ وڏيڪ سادي، وڏيڪ احمق ۽ وڏيڪ مظلوم ٿي لڳي. اردوءَ وارو الو به بيوقوفيءَ جي علامت آهي پر ان بيوقوفيءَ ۾ سادگيءَ گهٽ عياري وڌيڪ آهي. اردو وارن جو الو جهٽ سڌو ٿي ويندو آهي يا ڪيو ويندو آهي ۽ الوءَ کي سڌو ڪرڻ وارو پڻ بيحد خود مطلبي، سياڻو ۽ چالاڪ هوندو آهي. سنڌي چب ڪڏهن به سڌي ٿي نه سگهي آهي. هميشہ چبي رهندي آهي. اقتدار ۾ توڙي اقتدار کانسواءِ. سڌي ٿيڻ لاءِ سڌرڻ ضروري آهي ۽ سڌرڻ لاءِ سکيا گهرجي ۽ سکيا لاءِ وري سکيت کپي. اسان جي سنڌي چب ڪڏهن به انهن سخت مرحلن مان گذري ناهي. جي ٿوري گهٽي گذري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي تہ سڌري ناهي. ان ڪري اسان صدين کان چپ جي چپ ٿي رهجي وياسين. حالانڪ اسان ۾ شير شاھ جا شڪرا بہ پيدا ٿيا. سياڻا ڪانءُ بہ پيدا ٿيا. چور بہ پيدا ٿيا. مور بہ پيدا ٿيا پر جڏهن پاندا پڳا. ڦورا ڦلهيا ۽ بارش تي نقلي رنگ ڦٽا تہ هر دفعي اندران هڪ عدد چپ ٿي نڪتي.

انگريز وڏو استاد آهي. پنهنجي آئول کي وڏي استاديءَ سان مفڪر، ڏاهو ۽ غور ۽ فڪر وارو جانور مشهور ڪيو اٿائين. اتي مهرباني ڪري ڪو ٻوليءَ جو ماهر اعتراض نہ ڪري ويهي تہ آئول پکيءَ مان جانور ڪيئن ٿيو؟ بحث ڊگهو ٿي ويندو ۽ ان ۾ خدانخواستہ جيڪڏهن ٻولي اختياري يا ادبي بورڊ (بليڪ يا وائيٽ) ۽ س.ا.س (ايشيا جي سڀ کان وڏي) شامل ٿي ويا تہ پوءِ ڳالهہ وڏي ويندي، ان ڪري فيصلو جرڳي تي ڇڏيو پر هڪ نقطو هن حقير فقير پر تقصير جو بہ ٻڌندا وڃو. اهو هيءَ تہ پکيءَ کي جانور ٿيندي گهڻي دير ڪو نہ لڳندي آهي. خاص طور جڏهن ڪيس لاڳ ڏئي الو سڏو ڪرڻ لاءِ ڪنگ مان مور بڻايو ويو هجي. هن ديس اهڙا تماشا اڳ بہ ڏٺا آهن ۽ هاڻي جيڪڏهن ايڪشن ري پلي ٿيندو تہ ڪنهن کي ڪا بہ حيرت ڪو نہ ٿيندي، اڳ بہ غيب مان اڻ ڏٺا، اڻ ڄاتا اڻ سڃاتا چهرا سنڌ سڳوريءَ جي ”خدمت“ ڪرڻ لاءِ اوچتو ئي اوچتو پرگهٽ ٿيندا رهيا آهن ۽ پنهنجي چٽن ڏينهن جي چاندني بچائڻ لاءِ ماءُ جي مٽيءَ جو سودو ڪندا رهيا آهن. هاڻي بہ ڪالاباغ جو نعرو هڻي ڪي پکي ميدان ۾ آيا تہ آهن. لڇڻ چڱا نٿا ڏسجن پر ايوب کهڙي، راشدي ۽ قاضي فضل الله جي روح کي ضرور تسڪين ٿيندي تہ هاڻي هو اڪيلا نہ آهن.

ڳالهہ الوءَ، آئول ۽ چپ جي پئي هلي. وڻ وڻ، ٽاري ٽاريءَ تي ويٺا آهن. خود سڏا ٿيڻ لاءِ تيار آهن. اڳتي وڌي وڌي پنهنجون خدمتون پيش ڪرڻ لاءِ آتا آهن. جيڪو وڌيڪ واڪ ڏيندو اهو ئي سرخرو ٿيندو. جن جو ڪٽو ناهي نڪتو سي پريشان نہ ٿين، انهن جو بہ وارو اچڻو آهي. اڄ نہ تہ سڀاڻي انهن کي بہ سڏ ٿيڻو آهي. جڏهن پتڪو لاهڻو ئي آهي تہ پوءِ ٻيو ڇو لاهي؟ پنهنجي هٿن سان ڇو نہ لاهجي؟ اها ئي ريت آهي، اها ئي رسم آهي. اهو ئي رواج آهي. اها ئي روايت آهي. چپ ٽاريءَ تي ئي رهندي آهي. ٽاري جهُڪي ويندي آهي. اسان جهڪندڙ ٽارين جي ڏيهہ ۾ رهندا آهيون. ون يونٽ کان وٺي ٿل ڪئنال ۽ ڪالاباغ ڊيم تائين آئول سوچيندا رهيا آهن، الو سڏا ٿيندا رهيا آهن ۽ چپون چپ رهيون آهن. پتڪا ڪڇن ۾، ڪنڌ جهڪيل ۽ مرده ضمير سان چپن جون قطارون ڪرنشون بجا آڻينديون رهيون آهن. احمق طوطا پڙهايل سبق ورجائيندا رهيا آهن. ٻگهہ هڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽنگ تي ناچ نچندا رهيا آهن ۽ باندر پولڙا پڇ پر الٽا لٽڪي دنيا کي اونڌو ڏسندا رهيا آهن. ها، هن راڻي باغ ۾ شينهن، چيتا، رڇ ۽ گوريلا رهندا آهن. وقت تي ڪيڪرات، گجگوڙ ۽ اونايون به ڪندا آهن. سينو ڪٽي تارزن وانگر ٻاڪاريندا به آهن. منهن تي اڇي ڳاڙهي وار پينٽ (War Paint) ملي، خوفناڪ شڪليون ناهي، ڪوڙ ڪوڙ ۾ خيالي دشمن کي للڪاريندا به آهن. سادن سودن مداحن کان داد به وصول ڪندا آهن پر وقت آئي اهو ئي ڪندا آهن جيڪو راڻي باغ جي ڪيوريٽر ڪين سيڪاريو آهي.

ان ڪري اي منهنجي ديس جي چپ يا اي منهنجي ديس جا چپرا، دل نہ لاهہ. انگريزن جو آئول ۽ اردوءَ جو الو تنهنجو ڪجهہ بہ بگاڙي نہ سگهندو. نقشو بدلجندو ڏسندو رهہ. جڏهن ڏار جهڪي وڃي ۽ وڻ ڪمزور ٿي ڪري پوي، تڏهن تون اڏري ٻئي وڻ تي وڃي ويهجانءِ. طوطن کي پنهنجو سبق ياد آهي. زندهہ باد جا نعرا هڻندا. ٻي چپ وٺي ايندا. هن ويري چمن ۾ اها جنس جام آهي. "ادو مئو ادي جائي، اسين اوتري جا اوترا". هو اوهان کي سٺي صلاح تہ ڇا ڏيندا، مورڳو پنهنجي ڪڌن ڪارنامن سان اوهان جو نہ رڳو Image تباهہ ڪري ڇا ڇڏين، پر توهان جي ڪاتي ۾ لکجي ٿا وڃن ۽ توهان جو اقتدار ويندو ٿو رهي. تڏهن هو ڪم ڪاڍائو پنهنجا پيپ پري، ڪنهن ڏورانهين ڏيهہ ۾ وڃي ٿا سکي زندگي گذارين ۽ توهان کي سندن ئي ڪيتو لوڙڻ لاءِ ڪيئي سال ڪورٽن، ڪچهرين، ٿاڻن ۽ جيل جي ڪال ڪوٺڙين ۾ سڙڻو مرڻو يا پوڻو ٿو پوي ۽ اهي داغ ڌوئڻ لاءِ هر بار ڪنهن نہ ڪنهن بهادر پٽي کي پنهنجي خون جي قرباني ڏيڻ اوس ٿي ٿي پوي.

سياڻيون قومون پنهنجن سڃاڻن کي ساڻ کڻي هلنديون آهن. ڪين وساريندون ناهن. ڪين ڌڪاريندون بہ ناهن. ڪنهن بہ ملڪ جو مثال وٺو ڪنهن بہ سماج جو مثال وٺو ڪنهن بہ ڪامياب پارٽيءَ جو مثال وٺو توهان کي اڪبر جي نو رتن کان وٺندي ايم ڪيو ايم جي سحر انصاري ۽ جميل الدين عاليءَ تائين اها ئي صورتحال نظر ايندي پري ڇو ٿا وڃو اڄهو ڪالهہ ڪالهوڪي ڳالهہ آهي، سنڌ جي علمي ۽ تهذيبي مورچي کي فتح ڪرڻ لاءِ اسان جي نون سنڌين عمر شريف، فاطمہ ثريا بجيا، عالي، فرمان فتح پوري، محسن ڀوپالي وغيره کي تہ اڳيان آندو ئي آندو پر اداڪار لهريءَ جي، جهڙيءَ ريت سار سنڀال لڌي، اهو سيني جون اکيون کولڻ لاءِ ڪافي آهي. هنن پنهنجن صحافين، ليکڪن، ساڃهہ وندن کي ايمبسيڊر، سينيٽر، وزير ۽ صلاحڪارن تائين مقرر ڪري، سندن ڏاهپ ۽ سهڻيءَ صلاح مان فائدو حاصل ڪيو. هنن جو Talent Pool

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان وانگر وڏيرن جي اولاد ۾ وهہ واهہ ڪندڙن جي لوڙ سان پريل ناهي. وٽن واقعي سٺا ذهن ۽ اعليٰ دماغ موجود آهن جيڪي سندن مفاد لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪندا ٿا رهن. اسان تہ خير ان قسم جي ڪا اميد نٿا رکون پر گذريل ٽن ڏهاڪن ۾ سنڌ سان جيڪي ڪلور ٿي گذريا آهن انهن جي روشنيءَ ۾ ايتري آس ڪرڻ اسان جو بہ حق آهي تہ هيڏي وڏي سانحي ڪان پوءِ ۾ سنڌ جي وارثي تقريباً هٿئون وڃائڻ بعد، سنڌ جي (۽ پڻ مرڪز جي) نئين حڪومت گهٽ ۾ گهٽ انهن معاملن تي سنڌ جي سڄاڻ طبقي، اديبن ۽ دانشورن ڪي اعتماد ۾ وٺندي جيڪي اسان جي جياپي سان تعلق رکن ٿا.

ٽيڻ تہ ايئن ڪپي تہ سنڌ صوبي جو ايندڙ وڏو وزير، جيڪو اوهان دوستن منجهان يا اوهان جي ٿي ساٿين مان هڪ هوندو ۽ ملڪ جو وزيراعظم جيڪو پڻ پارٽيءَ جو ڪو سينيئر ميمبر هوندو ۽ هر ممڪن صورت ۾ سنڌي ٿي هوندو گذريل روايتون ٽوڙي، هن پيري سنڌ جي خيرخواهہ دانشورن ڪي موقعو ڏيندو تہ هو پنهنجن خيالن، سوچن ۽ تجربن جي بنياد تي ڪيس قومي راءِ ڪان آگاهہ ڪن. ايئن بہ ٿيڻ گهرجي تہ هن پيري غيرسنجيده، ناتڪي ۽ بدناميءَ جو باعث بنجندڙ ماڻهن ڪان پاسو ڪري، سنجيده ۽ قابل شخصيتن جي چاڻ ۽ لياقت مان فائدو ورتو وڃي. اقربا پروري، ياري دوستي ۽ سفارش تہ ترقي يافتہ ملڪن ۾ بہ عام آهي. اسان جو معاشرو تہ اڃا اونداهي دور ۾ پيو ٿاڦوڙا هڻي، پر اوسي پاسي ڪي ڏسي ۽ گذريل عرصي ۾ پوڳيل تڪليفن ڪي مدنظر رکندي، جيڪڏهن اهم مامرن ۽ منصبن تي سنڌي ماهرن جي مدد ورتي ويندي تہ خود توهان جي حڪومت جي دورانئي ۾ نيڪ ناميءَ ۾ اضافو ٿيندو.

اهي مشورا ڪي نوان ناهن. هن ڪان اڳ خود مون تقريباً هر دور جي سنڌي رهبرن ۽ رهنمائن ڪي اهي ساڳيون گذارشون ذاتي طور تي روبرو پڻ ڪيون آهن، پر ڪرسيءَ تي ويٺي ڪان پوءِ ماڻهن جي دنيا ئي بدلجيو وڃي. قومي مفاد ترجيحن جي آخري تري تائين پهچيو وڃن، تان جو دهلاري اچي در تائين پهچن. پر هن پيري خبر ناهي ڇو مون ڪي اميد آهي تہ ائين نہ ٿيندو. توهان ڪي ماضيءَ جي محرومين جو ازالو ڪرڻو ئي پوندو. بيين لاءِ نہ سهي، خود پنهنجي Survival لاءِ ئي سهي، ڇو تہ اليڪشن تہ اوهان ڪي شهيد راڻيءَ پنهنجي رت سان کٽي ڏني پر پنهنجي، اردگرد تاڪ ۾ ويٺل واڳن ڪي منهن ڏيڻ هاڻي توهان جو ڪم آهي ۽ اهو ڪم ياري باشيءَ يا ڏني پوزيءَ يا لٽ ڏڪي سان نہ هلندو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪامورن اديبن تي ڪاوڙ

ظفر ڪاظميءَ جي ڪن سخت جملن محفلن ۾ مانڌاڻ مچائي ڇڏيو آهي. پس منظر جي تہ خبر ناهي. جيڪي وهيو واپريو سو حيدرآباد ۾ اها بہ ڄاڻ ناهي تہ ممڻ ڇا تي متو. بہ جملا سي اسان تائين بہ پهتا آهن جن ۾ چيو ويو آهي تہ ظفر ڪاظميءَ دانشور حضرات جي شان ۾ گستاخي ڪئي آهي ۽ آئينده پڻ ساڳي راءِ رکڻ جو ارادو رکي ٿو.

اڄڪلهہ اهو بحث بہ جاري ۽ ساري آهي تہ "دانشور" ڪنهن کي چئجي. دعويدار تہ گهڻا آهن، پر اصل حقدار ڪير آهي. ڇا هر پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو دانشور چوائي سگهي ٿو؟ يا وري ان معتبريءَ جي لاءِ سرٽيفڪيٽ جي ضرورت آهي؟ پر جي ڪٿي سرٽيفڪيٽ بہ وٺجي تہ آخرڪار ڪنهن کان؟

معاملو منجهيل آهي. سنڌ ۽ سنڌين جي وجود جو سوال آهي. جيستائين اهو سوال حل نہ ٿيندو، سنڌي قوم هڪ قدم بہ اڳتي وڌي نہ سگهندي. تعليم، صحت، غربت ۽ بنيادي حقن جا مسئلا تہ پيا حل ٿيندا. سنڌي ٻولي، ثقافت ۽ سماج بہ ايترا اهم ناهن. بيروزگاري ۽ بي انصافي تہ هاڻي هن ملڪ جون مڃيل حقيقتون آهن. بس، جيڪڏهن ڪو سنڌي قوم جي زندگي ۽ موت جو مسئلو آهي تہ اهو آهي لفظ "دانشور" جي صحيح تشريح. جيڪڏهن ڪو خاطر خواه جواب مليو تہ سمجهو تہ اسان کي نئين زندگي ملي وئي. سڀ ڏک سور لحظي ۾ لهي ويندا. ماڪيءَ ۽ کير جون نديون وهي وينديون. پڪي پڪڻ وڻن جي ٽارين تي بي خوف ٿي ڇهڇهائيندا، هوائن ۾ سڳنڌ گهلي ويندي ۽ بيڪ گرائونڊ مان سک ۽ چين جي بنسريءَ جو مڌر آواز گونجي اٿندو.

جڏهن لفظ "دانشور" جي صحيح معنيٰ سمجهہ ۾ ايندي ۽ ان آڌار تي دانشورن کي ڌار ڪري ساڃي پاسي ويهاريو ويندو. تڏهن ظفر ڪاظميءَ جي سوچ جي ساهميءَ تي ڪين پرکيو ويندو ۽ جيڪڏهن انهن مان ڪو بہ دانشور ظفر جي پارن پتن تي پورو اترندو ۽ شڪل صورت توڙي افعالن مان اهو ئي لڳندو جيڪو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جي پياري مصور چيو آهي، تہ پوءِ سندس تصور ۾ تخيل جو داد ڏيڻو ئي پوندو. فنڪار تہ آخرڪار فنڪار ئي آهي. ڪلا جو مٿ (مرتي زبر آهي) ڪلا ئي آهي. اڄڪلهہ زير زبر جو تمام گھڻو خيال رکڻو ٿو پوي، ڪا مهل نہ ڪنهن جهڙپ، ڪو اعتراض ٿي پيو تہ ڏچي ۾ اچي ويندا سين. اڳي ئي سنڌي ڪاموري اديب تي خلق مچري پئي گهمي.

سنڌن ڳالهہ بہ ٺيڪ آهي. ماٺهو يا تہ اديب ٿئي يا ڪامورو. "اهو ڪامورو اديب" ڇا ٿيندو آهي؟ مون کي تہ ايئن ٿو لڳي تہ ظفر ڪاظميءَ جو دانشور "ڪامورو اديب" ئي آهي. بهرحال، اڇا ڪارا پاڻ ئي پڌرا ٿي پوندا، رڳو ڪنهن قومي ڪميٽيءَ جي، رپورٽ اچڻ ڏيو. اڳي چوندا هئاسين تہ کير ۾ پاڻي الڳ ٿي بيهندا. هاڻي چونداسين تہ ک ۾ ک الڳ ٿي بيهندا. جي گڏ رهڻ چاهين تہ بہ اسان کي اعتراض ناهي، پر پنهي جي بدني بناوت افسوس جو کين ڪڏهن بہ گڏ رهڻ نہ ڏيندي، وري بہ مرضيءَ جا مالڪ آهن. جي مسلم ليگ ۾ جيئي سنڌ گڏجي رهي سگهن ٿيون تہ پوءِ ڪنهن کي ڪنهن روڪيو آهي؟ هونئن بہ بہ ٽڪر ٿهيا چڱا آهن.

جن ظفر ڪاظميءَ کي جوانيءَ ۾ ڏٺو هوندو سي شاهدي ڏيندا تہ اسان جو يار لکن ۾ هڪ هو. جليل چواڻي هو ڪرڪيٽ جي ميدان تي امتياز احمد ۾ ميدان کان ٻاهر دليپ ڪمار لڳندو هو. سانورو، تکن نقشن وارو هي کلمک انسان هميشہ وارن جي ڇڳ پيشانيءَ تي ڪيرائي، بهترين لباس اوڍي، گلي ۾ رنگين سنهڙو رئو ويڙهي، محفلن جو مور لڳندو هو. مصوري سندس زندگي هئي. رنگ سندس جان هئا. خوبصورتي سندس ڪلپنا هئي. هر دلعزيز اهڙو جو هر هنڌ سندس آجيان ٿيندي هئي. ظفر بنا هر محفل سڃي ۽ اداس لڳندي هئي. سندس وجود سان دوستن جون رونقون هيون. پوءِ ڇا ٿيو جو اوچتو ئي اوچتو ظفر جي رڳ رڳ ۾ زهر اوتجي آيو؟ هو رنگينين کان دور ٿيندو ويو. سندس طبيعت ۾ تيزي ۽ چڙ گهر ڪندي وئي. آخر اها ڪهڙي ڳالهہ آهي، جنهن کيس اهو ڪجهہ وڏي واڪ چوڻ تي مجبور ڪيو. جيڪو کيس نہ چوڻ گهربو هو؟

ڏوهہ تہ سڀ کيس ڏيون ٿا، ناراضگيءَ جو اظهار بہ ڪيون ٿا. پر ڪنهن سندس جيءَ ۾ جهاتي پائي ڏٺو آهي؟ سندس غم، سندس غصي جي تہ تائين ڪو پهتو آهي؟ هن جي روڳ ۾ جوڳ جو ڪارڻ ڪنهن معلوم ڪيو آهي؟

اسان جو ئي هڪ ساٿي، اسان جو محسن، اسان جو لاڏلو البيلو مصور اندر جي ڪهڙي آڙاهہ ۾ جلي رهيو آهي، تنهن کان اسان بي خبر رهياسين. سندس پرگهور نہ لڌي سين. سندس ڏک ۾ شريڪ نہ ٿياسين. پنهنجون پنهنجون دانشوريون چمڪائيندا رهياسين. هڪ ٻئي جي ساراهہ جا راڳ آلاپيندا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهياسين. هر دور ۾ پنهنجي انا جي مرڪز کي مضبوط ڪندا رهياسين. ويچارو ظفر پنهنجي قابليت ۽ لياقت جهوليءَ ۾ جهلي هر دور ۾ حق گهرندو رهيو. جامڙا ماڻهو مٿس حڪم هلائيندا رهيا. سازشون سندس راهه روڪينديون رهيون. چور دروازي کان آيل نقلي دانشور ڪيس قطار جي پڇڙيءَ ڏانهن ڌڪيندا رهيا. اهڙيءَ طرح مايوسي، ناانصافي ۽ نظر اندازيءَ جي ماحول ڪيس چيڙاڪ بڻائي ڇڏيو.

جنهن جلسي ۾ چون ٿا ته ظفر دانشورن کي گهٽ وڌ ڳالهايو ان ۾ سندس پراڻا ساٿي به موجود هئا. سندس دوست ۽ غمخوار به هئا. سندس ناڪامين ۾ مايوسين جا اکين ڏٺا گواهه به هئا. ناراض ٿيڻ بجاءِ دوستن کي ظفر سان همدردي ڪرڻ گهرجي ها. سندس لڙڪ اگهڻ کپن ها. ساڻس ٿيل ڏاڍاين تي افسوس جو اظهار ڪرڻ گهرجي ها. ڇو ته اسان جي نظر ۾ ظفر ڪاظمي سنڌ جي چند اهم دانشورن مان هڪ آهي ۽ جڏهن هو دانشورن کي ڪجهه چئي رهيو هو تڏهن دراصل هو اهو سڀ ڪجهه پاڻ کي چئي رهيو هو. پنهنجي بي وسيءَ تي، پنهنجي بي حسيءَ تي، پنهنجي لاچاري ۽ مجبوريءَ تي. اها بي حسي، بي وسي، لاچاري ۽ مجبوري سنڌي قوم جي مجموعي لاچاري آهي. سنڌي دانشور ڇاڪاڻ ته وڌيڪ حساس آهي، ان ڪري هو وڌيڪ ڏکوئجي ٿو ۽ جڏهن ڏاڍي سان پڄي نٿو سگهي، تڏهن پنهنجن ئي زخمن کي کُرڇي، پنهنجو ئي خون وهائي، سڪون محسوس ڪري ٿو. اسان کي فراخدليءَ سان اهڙن دوستن جا ڪڙا مٺا جملا ۽ حملا برداشت ڪرڻ جو حوصلو ڏارڻ گهرجي.

لڳي ٿو ته مايوسيءَ جي گهُٽ، ٻوسٽ ۽ مونجهه سنڌ جي سماجي، ادبي توڙي صحافتي حلقن ۾ وڌندي پئي وڃي. اڻين نه هجي ها ته جيڪر سرويچ سجاوليءَ جهڙو دلبر اديب ڪامورن اديبن خلاف بيان نه ڏئي ها. جيتريقدر مون کي ڄاڻ آهي، سرويچ ڏاڍو ديرينو ۽ سنجيدو انسان آهي. شاعريءَ ۾ ته سندس مٽ ملڻ مشڪل آهي، پر شرافت جا گڻ پڻ منجهس اڻ ميا آهن. ظاهر آهي جنهن جو قدر نه ٿيندو ۽ جنهن جي لياقت کي صرف وه واه تائين محدود رکيو ويندو سو سماج جي مُنهن تي موتائي موچڙو ته ضرور هڻندو. غربت، بيماري ۽ پنهنجن جي لاپرواهي سبب سنڌ جو هيءُ يگانو شاعر اوڇتو ئي اوچتو دل جو غبار لاهڻ خاطر اهڙو بيان ڏئي ويٺو آهي، جيڪو شايد رواجي حالتن ۾ هو ڪڏهن به نه ڏئي ها. ظفر جيان هو پڻ پيار ۽ پاٻوهه جو مستحق آهي. ساڻس ٿيل ناانصافين جو ازالو ٿيڻ گهرجي. ڪيس عزت سان زندگي گهارڻ جا وسيلا مهيا ٿيڻ گهرجن. ڪيس اهو پد ملڻ گهرجي جنهن جو هو واحد حقدار آهي ۽ جيڪو هُن پنهنجي لاءِ پنهنجي ڏات جي آڌر تي جوڙيو آهي. هو ڪلهه به اسان جي اکين جي روشني هو اڄ به

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جي دلين جو ڌڻي آهي. وقت ساڻس بي واجبي ضرور ڪئي آهي پر ڪيس يقين رکڻ گهرجي تہ سندس مداحن جي دلين ۾ هن لاءِ بي انتها عقيدت، محبت ۽ پيار موجود آهي.

اهڙيءَ طرح ڪن اخبارن ۾ ناز سنائيءَ جا ابراهيم جوئي تي تبصرا ڇپيا آهن. ناز سنائي سان مان مليو ناهيان، البتہ سندس ڪالم ۽ رپورٽون پڙهيون اٿم. مون کي تہ ڏاڍو محنتي ۽ پورهيت صحافي لڳو. جوئي صاحب جي خدمتن کي ورجائڻ تہ خود جوئي صاحب سان ٿي ڏاڍائيءَ جي برابر ٿيندو. انهن ٻنهي شخصيتن ۾ ٻي ڪا بہ هڪجهڙائي ڪٿي نہ بہ هجي، پر ٻنهي جي خلوص تي شڪ نٿو ڪري سگهجي. فهميده حسين تي پڻ سندس ئي ڪنهن ساٿيءَ ذاتي حملا ڪيا آهن. خود منهنجي لاءِ بہ "سنڌ" جي ڪنهن گڏريل شماري ۾ نوجوان نسل جي هڪ پياري نمائندي اديب ڏکوئيندڙ جملا لکيا آهن. انهن سيني ڳالهين کي ذاتي سطح تي انا جو مسئلو ڪري وٺبو تہ پوءِ سنڌي ادب جو شيرازو وکري ويندو. الزامن ۽ جوابي الزامن جو هڪ اڻ کٽ سلسلو شروع ٿي ويندو ۽ ايئن ٿيڻ اسان سيني لاءِ نہ صرف هاڃيڪار بلڪ شرمناڪ ۽ افسوسناڪ سانحو هوندو.

سڌي سنئين ڳالهہ اها آهي تہ اسان سڀ مظلوم ۽ محروم آهيون. هر ڪو پنهنجي جاءِ تي ڏکويل ۽ ستايل آهي. سالن کان اهو ڏک ۽ ساڙ اندر ۾ سانڍيو، سانڍيو هاڻ هڃي پيا آهيون. نفسيات ئي بدلجي وئي آهي اسان جي، پنهنجي ئي پاڇي کان شڪ ڪرڻ لڳا آهيون. پنهنجي ئي اولڙي سان پيا وڙهون. مالي تنگي، ذهني پريشانيون، نظر اندازيءَ جو احساس، سماجي اڻ برابري، ڏارين جا ڏاڙا، پنهنجن جي اکين اڃائي، مطلب تہ مونجهارن جي ڀنوَر ۾ پيا ٿا ولوڙجون. سڄي قوم جي سائڪي (نفسيات) ئي بدلجي وئي آهي. ايئن نہ هجي تہ جيڪر اسان جا ڪونڌر جوان روز هڪ ٻن جي حساب سان ڇو آپگهات ڪن؟ جيڪي خودڪشي نٿا ڪري سگهن سي وري ايئن پنهنجي ئي پاڇي کي سنگسار ڪري پائڻ ٿا تہ سمورين محرومين جو پلاند ڪري ڇڏيوسين.

مهل آئي آهي، مُنهن ڏينداسين.
بردباريءَ سان، تحمل سان، سنجيدگيءَ سان
اشتعال ۾ ڪو نہ ايندا سين.
ريتيون روايتون ڪو نہ ٽوڙينداسين
پنهنجا مسئلا پاڻ ۾ ويهي طئي ڪنداسين.
وقت جي اها ئي ضرورت آهي، درگذر ڪيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي شاعريءَ ۾ مزاحمت جا اهڃاڻ

”انسانيت“ لفظ ۾ اهي سمورا اوصاف سمايل آهن جيڪي کيس اشرف المخلوقات جو درجو ڏين ٿا. کيس ممتاز ۽ مهان بنائين ٿا. عزت نفس جهڙيءَ ناياب وصف کان واقف ڪن ٿا. بري ۽ ڀلي جي وچ وارو تفاوت ٻڌائين ٿا. سچ کي سچ ۽ ڪوڙ کي ڪوڙ سوچڻ ۽ سمجهڻ جي نه صرف ساڃهه ڏين ٿا، بلڪ ڪوڙ کي ڌوڙ ڪرڻ ۽ سچ کي سرخرو ڪرڻ لاءِ جتن ڪرڻ تي پڻ آماده ڪن ٿا. ظلم، جبر، ڏاڍ، ڏمر ڪهڙي به شڪل، ڪهڙي به رنگ، ڪهڙي به روپ ۾ ماڻهن جي بنيادي حقن تي ڌاڙو هڻڻ لاءِ اچي، ماڻهوءَ ۾ ان خلاف نفرت جو اظهار ڪرڻ، آواز اٿارڻ ۽ ويڙهاند ڪرڻ جا احساس ازخود ڪر موڙي اٿن ٿا. شاعر ته هونئن ئي حساس ٿين ٿا. جيڪا ڪسڪ ۽ ڪِسيت عام ماڻهوءَ کي نٿي اچي، شاعر جو ذهن ان هلڪي ۾ هلڪي جهٽڪي کي نه رڳو محسوس ڪري ٿو بلڪ غير ارادي طور ان خلاف ردعمل پڻ ظاهر ڪري ٿو جيڪو مزاحمت ۽ احتجاج جي شڪل وٺي ٿو.

سنڌي شاعريءَ ۾ مزاحمت جا اوائلي اهڃاڻ ڳولبا ته گهڻو پري وڃي پهچبو. حاڪمن جي ڏاڍ، غربت ۽ اميريءَ جي وچ ۾ غير شاناٿي سنڌي، مذهبي ٺيڪيدارن جي مڪر ۽ منافقت کان وٺي ننگن ۽ ڏنگن تي ميري نگاهه رکندڙ مهر جوئڻ خلاف شاعري پڪي ۽ پختي انداز ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۾ جهڙيءَ ريت موجود آهي، ان مان ظاهر ته اهو ٿو ٿئي ته سندس پيشرو توڙي همعصر اهڙي قسم جي طرز اظهار جا نه صرف عادي هئا بلڪ سندن اهڙو احتجاجي اظهار وڏي ۽ گهري سوچ جو ارادي نتيجو هو.

علامتي شاعريءَ ذريعي صوفي بزرگن وقت جي حاڪمن ۽ ٻين طاقتور قوتن خلاف جيڪا جنگ لڙي، ان جو فصل نئين دور جي شاعرن لڻيو. اهي ڪڙيون پاڻ ۾ صدين کان اهڙيءَ طرح ته ڳنڊيل آهن جو کين ڪن به خاص دورن ۾ ورهائڻ نه رڳو ناممڪن ، بلڪ نامناسب پڻ آهي. ورهاڱي کان اڳ آزاديءَ جي هلچل ۽ ورهاڱي کان پوءِ ان حاصل ڪيل آزاديءَ کي برقرار رکڻ لاءِ ڪيل جدوجهد جون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڙون پاڻ ۾ ايتريون تہ ڳنڍيل ۽ ڳتيل آهن جو بنا ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي اها سموري مزاحمت لاڳيتي ۽ تسلسل واري ٿي لڳي. ها، البتہ وقت سان گڏ اسباب بدلجندا رهيا آهن.

ورهاڱي کان هڪدم پوءِ سنڌي پاڻرن جو ملڪ ڇڏي وڃڻ ۽ ڌارين جو ڌوڪي اچڻ، ڪراچيءَ جو سنڌ کان ڌار ٿيڻ، سنڌ جون زمينون ۽ ملڪيتون اجنبي ماڻهن ۾ ورهائڻ ۽ ڪين سنڌ ۾آ باد ڪرڻ جي ترغيب ڏيڻ، اهي پهريان مسئلا هئا، جن تي سنڌي شاعرن پنهنجي مزاحمتي ردِ عمل جو اظهار ڪيو. ان کان پوءِ تہ سياسي، سماجي، مذهبي، معاشي ۽ معيشتي مسئلن جي يرمار شروع ٿي وئي. جنهن رفتار سان مسئلا ڳنڀير ٿيندا ويا، ان ئي رفتار سان شاعراڻي مزاحمت وڌندي وئي. ٻوليءَ جو مامرو هجي يا ون يونٽ جو سانحو ناٽي، پاڻيءَ جو مسئلو هجي يا ڊيمن جي تعمير، سماجي اڻبرابريءَ جي ڳالهہ هجي يا فرقيواراڻا فساد، هر مورچي، هر محاذ تي سنڌي دانشورن ۽ شاعرن پاڻ موکيو آهي.

اياز تہ آزاديءَ کان اڳ ئي ميدان ۾ اچي چڪو هو پر جيسين سندس شاعريءَ کي قومي رنگ اچي ان کان اڳ عبدالڪريم گدائي مرحوم ۽ حيدربخش جتوئي مرحوم سان گڏ سندن ڪيترن ئي همعصرن جا نالا ظاهر ٿين ٿا. اشتراڪي ۽ هاري حقدار تحريڪون ان سلسلي ۾ اڳتي ۽ اڳريون رهيون. نياز همايوني، شيخ راز باقي، قاضي فيض محمد وغيره پنهنجي مزاحمتي شاعريءَ جي حوالي سان وڏو اهم ڪردار ادا ڪيو.

نياز همايوني هڪ درويش صفت انسان هو پر منجهس جيڪا بغاوت جي جوالا پڙڪي رهي هئي تنهن جو هڪ معمولي مثال سندس هيءُ شعر آهي:

اٿو اٿو جو زمانو ٿو جنگ جنگ ڪري،
وڄايو دهل بغاوت جو، ڊنگ ڊنگ ڪري.

حيدربخش جتوئيءَ جو ڪردار سنڌين جي سجاڳيءَ جي حوالي سان بيمثال رهيو آهي. هن جي ايم سيد، قاضي فيض محمد ۽ سندن ساٿين سان گڏجي تحريڪن ۾ حصو تہ ورتو پر هو صاحب پنهنجي سر هڪ تحريڪ کان گهٽ ڪو نہ هو. سندس شاعري جيتوڻيڪ اياز ۽ نياز جي پائي جي چٽي نٽي سگهجي، پر جذبات جي لحاظ کان ان کي تمام اهم حيثيت حاصل آهي.

آمريت جو ڪيستائين ڏوڙ؟
آمريت جو ڪيستائين جوڙ؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڙَ تي جڙَ دمبدم ڪجهه اوڙ؟
ڪيستائين ستم سهون هن طوڙ؟
پيڙجي ڪيستائين ساري سنڌ؟
تو مٿان ساهه صدقي پياري سنڌ.
اي مٺي جيجل، اي سنهاري سنڌ.

ساڳيءَ طرح سنڌن ٻيا متحرڪ ساٿي انقلابي شاعري نه رڳو لکندا هئا بلڪ ميڙن توڙي محفلن ۾ سُر سان ڳائي به ٻڌائيندا هئا. هاري حقدار تحريڪ ڪيتري قدر ڪامياب وئي ۽ ماڻهن ۾ ڪيتري سجاڳي آڻدائين، اهو هاڻي تاريخ جو هڪ اهم حصو آهي.

ايوب خان جي دور ۾ اردو ٻوليءَ کي وڌيڪ اهميت ڏيڻ لاءِ علائقائي ٻولين کي تعليم جي ذريعي بنائڻ کان محروم ڪيو ويو. پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان ته اڳ ئي خودبخود اردوءَ جي حق ۾ پنهنجين ٻولين تان هٿ کنيو هو پر سنڌي ماڻهن ڪنهن به طرح پنهنجي ٻوليءَ کي گهٽ ٿيڻ نه ڏنو ۽ اهڙيءَ ريت ٻوليءَ جي تحريڪ هلي. هيءُ اهو زمانو هو جڏهن سنڌ مان به نهايت ئي اهم رسالا ”روح رهاڻ“ ۽ ”سهڻي“ ڇپجندا هئا. انهن رسالن ۾ ڇپجندڙ مواد هڪ تحريڪ جي صورت اختيار ڪري ورتي.

هت اها ڳالهه سمجهڻ گهرجي ته سنڌ ۾ ڪا به تحريڪ، پوءِ اها سماجي هجي، سياسي هجي يا ادبي، ڪڏهن به اڪيلي سر ڪو نه هلي آهي. اهو اتفاق چئجي ته ڏکويل کي ٻيا ڏک به ڏاج ملندا رهندا آهن. جي چواڻي سنڌ ڪنهن نه ڪنهن طرح هر دور ۾ ڪيترين ئي ڏاڍاين جي اثر هيٺ رهي آهي. مثلاً ٻوليءَ جي تحريڪ سان گڏوگڏ ون يونٽ خلاف به تحريڪ جاري هئي ته هاري تحريڪ به ڳَٽ پئي هلي ته ڏارين جي آباديءَ خلاف تحريڪ پڻ روان هئي ۽ ساڻو ساڻ شاگرد تحريڪون به ان ماندڻ ۾ شامل هيون.

ٻوليءَ جي تحريڪ ته ڪامياب ٿي وئي پر ون يونٽ واري مامري کي ختم ٿيڻ ۾ 15 سال لڳي ويا. انهن تحريڪن جي نتيجي ۾ مزاحمتي ادب، خاص ڪري مزاحمتي شاعري پنهنجي عروج تي پهچي وئي.

عبدالڪريم گدائيءَ جو ذڪر مون شروع ۾ ئي ڪيو هو. هيءُ بزرگ ورهاڱي کان اڳ واري دور کان وٺي آخر تائين جوانن کان وڌيڪ جوان رهيو ۽ پنهنجي ويڙهاڪ شاعريءَ سان سنڌن خون گرمائيندو رهيو.

انگريز جي وقت ۾ هن جي للڪار هئي:

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄا ڪجهہ خون سان پسي ڪيڏٽيون آهن مون کي هوليون،
اڄا سيني تي کائڻ ڏي مون انگريز جون گوليون.

۽ پوءِ تحريڪن جي زماني ۾ ڇپائين:

هن ڌرتيءَ خاطر مرنداسون
هن ڌرتيءَ خاطر جيئنداسون
سقراط جيان جي زهر مليو
تہ بہ کلندي کلندي پيئنداسون
يا
جيئي سنڌ! جيجل جو آهي قسم
تہ جيسين آ سينو ۽ سيني ۾ دم
ٽئي ديس خاطر جي سر ڀي قلم
ساٿ هلندو رهي، لاٿ ٻرندي رهي.

ابراهيم منشي پنهنجي منفرد انداز سبب سڀ کان گهڻي مشهوري ماڻي. هو عوامي ماڻهو هو، عوام منجهان هو ۽ عوام سان گڏجي، سڌي سادي نموني تحريڪن جي جان بڻيو. هن جي مزاحمتي شاعري جهر جهنگ ۾ ڳائجڻ لڳي.

ڀلاري ڀونءِ جي مٿان تہ ڀاڳين ڀنيٺ پيا پڙڪن ڀلا ڀٽائي
مرن پيا مارو ڪُسن پيا ڪونڌر ٿهر پيا ڪڙڪن ڀلا ڀٽائي
چپن تي چتيون، زبان تي مهرون، ڪُڇون تہ ڪاتيون چنن ٿيون چاتيون
سهم ۽ صدما، اندر ۾ اڌما، ڏکن ۾ ڏينهن ۽ روئڻ ۾ راتيون
لڪايان ڪهڙيون لطيف توکان، ٻڌايان ڪهڙيون برهہ جون باتيون
سڱن جون ڪانئي ڇڏيون ڙي سائين، کلون تہ کولين، ڀلا ڀٽائي.

اميدون آخر ويون ٿي آسون، اسان ٿي ڦرجون اسان ٿي ڦاسون،
اسان جا ليڊر اسيمبليءَ لئہ هزارين باسيو اچن ٿا باسون
اندر ۽ ٻاهر ڪچن تہ ڪافر، وٺيو وزارت ڏين اوپاسيون،
هتي تہ باغي، هُتي تہ ڏوهي، سچا ٿا سڏجن ڀلا ڀٽائي.

ان ئي انداز جو هڪ ٻيو دوست آهي سرويچ سجاولي، هن جي رواني بہ منشيءَ کان هرگز گهٽ ڪانهي. سالن کان سرويچ ساٿ نڀاهيندو اچي. محمد خان مجيدي ۽ مريم مجيديءَ جي مزاحمتي شاعري جو ذڪر نہ ڪرڻ ساڻن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زيادتي ٿيندي، هنن پنهنجي پڻ مزاحمت جي ڏور کي مضبوطيءَ سان جهليو ۽ انقلابي قومي شاعريءَ کي اڳتي وڌايو.

هو مارون ڪاٿي منڇر ماڇر،
ڪاٿو ڪاروڇاڻ اٿيا.

جت چانديءَ جهڙا پٽ سڪن ات
ڏڪهڙي ۾ ڏينگاڻ اٿيا.
هو شاهه ڪپور جي ڌرتيءَ جا سپ
آڳاتا اهڃاڻ اٿيا.

هو بجليءَ جي مڪاڻ ڏسي سپ
چانڊوڪيون چانڊاڻ اٿيا.
هو ننڊ ۾ ڏوبياٽي کي ڇڏيندي
اوٺي اٿ پلاڻ اٿيا.

مريم مجيدي جي شاعريءَ مان هڪ ننڍڙو مثال به ڏيندو هلان:

او ڏسان ٿل سدا سنڌ سونهندي ڏسان
رات ڪٽندي پسان، باک ڦٽندي ڏسان.

روز مارن متي مامرا ڇو اچان؟
ڪوٽ پوري پڇان، ڏاڍ ڏڪندي ڏسان.

پل ته پوڻ ۾ تي بهاري رهي تا ابد
موج مستيءَ پري مرڪ ڪڙندي ڏسان.

اياز جي اڳواٽيءَ ۾ مزاحمتي شاعرن جو هڪ زوردار جٿو تيار ٿي چڪو هو جن ۾ تنوير عباسي، شمشير الحيدري، قمر شهباز امداد حسيني، تاجل بيوس ۽ ٻيا ڪيترائي قدآور ليکڪ شامل هئا. انهن منجهان گهڻا اڄ به پنهنجي مورچي تي ڪاربند آهن. سنڌ جا سور ڪٽڻ جا ناهن ۽ هي مانجهي مرد مرڻ جا ناهن. ساڻن گڏ نئين نسل جا ڪيئي نوجوان پڻ پنهنجيءَ ذات جا جوهر ڏيکاري رهيا آهن. احمد سولنگي، حسن درس، ايوب کوسو حليم باغي، رخسانه پريت چنڙ ج ع منگهاڻي، نورالهديٰ شاهه ۽ ٻيا اڪيچار دوست اڄ به سنڌ جي سينڌ سنوارڻ ۾ مشغول آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاهپ سندا ڏنگ –I

سنڌ کي ميرن، پيرن، وڏيرن، سردارن توڙي پوتارن ايڏو ڇيهو ڪو نه رسايو آهي جيترو اسان جي نقلي، هٿ ٺوڪين، گراٽ منڙين ۾ لوپي "ڏاهن" ۾ ڪنڌ سيٽيل "دانشورن" رسايو آهي. وڏيرا ۾ سردار ته خير آهن ئي ويڪائو مال. جتان واڪ سوايو ملندن اوڏانهن ڪنڌ جهڪائي رڍ جيان پاڻ وڃي بيهي رهندا. ڪمزور تي ڪاهه ڪندي دير ئي ڪو نه ڪندا، اتي عزت به ياد ايندن ته غيرت به ياد ايندن. پر ضمير وڪڻڻ ويل نه عزت، نه غيرت، نه شرم نه حياءُ. اهو ڪونه ڏسندا ته ڌرتيءَ جو سودو ٿا ڪيون يا قوم جو يا ڪڙم جو يا ننگ جو يا دنگ جو. اڪيون پوئتي انئي پير ٿاهي بيهي رهندا. اهو تماشو اسان شروع کان پيا ڏسون ۾ جيستائين هڪ به رئيس باقي هوندو تيستائين ٻڪرا پڙيءَ جو ڪاروبار هلندو رهندو.

متن ميار به ڪانهي، ان قبيلي مان اسان ڪڏهن چڱائي جي اميد به ڪو نه رکي آهي. خبر اٿئون ته مير جعفرن جو اهو ٽولو دغا ڏيڻ کان مڙندو ڪو نه. لک قوميت جو مرليون وڄايو واسطا ڏيو شرمايو برو ڀلو چئو ورڻو ڪجهه ناهي. ڪندا اهو ئي جيڪو "موجوده حڪومت" چوندي، پوءِ ڀل نه ڀنيءَ جو سودو ڪن يا ونيءَ جو. ڪو نه ڪو عذر بهانو بنائي وڃي غاصبن جي ٽولي سان گڏ بيهندا. ڪڏهن پارٽي ڊسيپلين جو دليل ڏيندا. ڪڏهن ملڪي مفاد جو راڳ آلاپيندا ته ڪڏهن يڪجهتي ۾ امن جي خاطر قربانيءَ جو درس ڏيندا پر حقيقت اها آهي ته سندن اندر جو چور اقتدار جي بک ۾ لوسي طبيعت کائنئن اهي ڪڏا ڪم ڪرائيندي رهندي آهي. هونئن ته اسان جي سٺ سالن واري ڏکهي تاريخ سندن "سونهري" ڪارنامن سان ڀري پئي آهي. پر گذريل اٺن سالن ۾ سندن ڦڙين گهڙيتن جيڪو قومي نقصان ڪيو آهي، اهو ڪنهن به طرح معافي جي قابل ناهي. اهو چڱي طرح ڄاڻيندي به ته سنڌ ۾ پناهه لاءِ آيل هندستاني ماڻهن جو هڪ مخصوص ٽولو صوبي کي ڪوريءَ ڪٽي، توڙي ڊاهي پنهنجي لاءِ جدا صوبو ٺاهڻ ۾ باقي بچيل "اندرون سنڌ" کي تباهه ۾ برباد ڪري پنهنجو غلام بنائڻ لاءِ ڪمر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪشيو بيٺو آهي ۽ ڪيس ان نيڪ عمل لاءِ واڳ ڏڻين جو پورو سهڪار به حاصل آهي. اسان جا وڏيرڪا نمائندا ۽ چني چماهيءَ دربيءَ مان ديدار ڪرائڻ وارا پير ۽ مير ڪليو ڪلايو وڏي واڪ نهايت ديده دليري ۽ اک جي پڪائي سان هر ان قدم ۾ سازشين جا ساٿاري، بلڪ ڪانئن به به قدم اڳتي رهيا آهن، جنهن سان ڏرتيءَ ماءُ کي جوکو رسندو هجي.

ايئن به ناهي ته سڀ وڏيرا يا پير يا رئيس لوپ پنيان گگ ڳاڙيندا، ور ڪنجي، ڏڏڙ ۾ ڏوڙيا ڪندا، ڊوڙندا وتندا هجن. ڪي اشراف، اصول پسند ۽ عزت ۽ غيرت وارا اهڙا به آهن جن ڪرسيءَ کي نوڪر هٽي ويڙهيچن سان وچن نيايو آهي پر اهي ڪي ٿورا، اني ۾ لوڻ برابر هوندا. وڏي اڪثريت وري به انهن جي ملندي جيڪي سون پنيان سيڻ متائيندي دير ئي نه ڪندا.

اهي ملامتي ڪردار رڳو ميرن، پيرن، وڏيرن، سردارن يا پوتارن ۾ ڪونه ملندا. ٿورو غور ڪري ڏسو ته اهي رويا يا انهن کان به وڌيڪ خطرناڪ رويا اسان کي سنڌ جي سمورن "ڏاهن" ۾ ملندا. قوم پرست سياستدان هجن. اديب هجن. فنڪار هجن، ڪامورا هجن، اين جي اوز جا پڳدار هجن، ميڊيا مئنيجر هجن يا پلي سماجي، ثقافتي يا تعليمي ماهر هجن، بيماري سڀني کي ساڳي آهي. ٻڪ جا چڪ هرڪو ٿو هٽي، لب تي هرڪو ٿو ليئي. ڪن جي ڪل سنهي. ڪن جي ٿلهي. چٽ سڀني چيتي جا ڪڍيا آهن. ڪن جو رنگ ڪچو ڪن جو پڪو ڪي پاٽيءَ ڦڙي سان ڦتيو وڃن، ڪي درياهن ۾ ڏوبڻ ڪان پوءِ به اهڙي جا اهڙا. ڪي ڪالر تي وڪاميو وڃن، ڪي ڪرسيءَ تي ۽ ڪروڙ تي، ڳالهه ساڳي آهي. رڳو معيار ۽ مقدار جو فرق آهي.

اسان اهڙا به جوان ڏٺا جيڪي پيدل مارچ ۾ بوٽ گسائي، پيرن ۾ لڦون پائي، گهگهي نڙيءَ سان نعرا هڻندا اچي گورنر هائوس آڏو پوليس سان مهاڏو اٽڪائيندا هئا ۽ زائفائن ۽ ٻارن کي ڏنبن سان ڪٽائيندا هئا پر ڪڏهن پل چڪ ۾ ٽي وي تي صدر صاحب سان خلاصي ڪچهري ڪندي به نظر اچي ويندا هئا ۽ اهڙا پڻ، جيڪي سرڪاري نوڪرين ۾ هوندي به سياسي محاذن تي هر وقت حاضر هوندا هئا ۽ وڏي واڪ گورنمينٽ کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا هئا ۽ ادبي اسٽيج تي پڻ بيحد سرگرم رهيا ۽ گڏوگڏ يونين سازي جي ڪم ۾ پڻ ضرورت کان وڌيڪ جوش خروش جو مظاهرو ڪندا رهيا، پر ڪڏهن به سنڌن وار ونگو نه ٿيو ۽ وقت پوڻ تي ڪيسي مان لسٽون ڪڍي انهن وزيرن جي قدمن ۾ پيش ڪندا رهيا جن جي خلاف هو بظاهر مزاحمت ۾ سڀ ڪان اڳرا رهيا. اسان اهڙا به رهنما ڏٺا جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فوجي دور ۾ ڪيڏيون هٽندا هئا ۽ عوامي دور ۾ جهنڊا کلهن تي کڻي احتجاج ڪندا هئا. پوءِ به پاڻ کي قوم پرست سڏائيندي ڪو نه شرمائيندا هئا ۽ تازو ڪي دانشور ۽ ڏاها اهڙا به نڪري نروار ٿيا جن بنا شرم ۽ حجاب جي، آڏا ابتا دليل ڏئي، ماڻهن کي اهو باور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ته سنڌين جي نجات ان ۾ آهي ته هو متحده سان سلهاڙجي وڃن. ڇو ته اها ئي جماعت سنڌن هر درد جو درمان آهي. هو ڏاڍي آسانيءَ سان وساري ويٺا ته ڪراچي جي پيٽن جو وڪرو ساموندي پٽي تي قبضو ڪراچي مان سنڌين جي نيڪالي، نوڪرين تي راتاهو سنڌي ٻولي پڙهائڻ تي بندش، بهارين ۽ بنگالين کي سڃاڻپ ڪارڊ جاري ڪرڻ، قديم سنڌي ڳوٺ ڊاهي پٽ ڪرڻ، سٽي گورنمينٽ ذريعي سنڌين جي هستيءَ کي نابود ڪرڻ ۽ سنڌ جي تهذيبي ورثي وارن ماڳن کي ناچ گهرن ۾ تبديل ڪرڻ ۾ سنڌن ئي دوستن جو هٿ آهي.

”مهاجر-سنڌي دوستيءَ“ جا اسان سڀ قائل آهيون. اسان جا ڪيترائي اردو دان اديب ۽ دانشور دوست بنا تعصب جي سنڌي ٻولي ۽ سماج جي خدمت ۾ اڳرا آهن. سمجهو ۽ اصول پرست، پڙهيل ڳڙهيل مهاجر پڻ ٻي ريا ۽ حسد ۽ ڪيني کان پاڪ آهن. اهي اسان جي دلين ۾ رهندا آهن ۽ ذهن تي راڄ ڪندا آهن. پر اهي ماڻهو جن سنڌ جي مجموعي مفادن لاءِ پلجي به اسان جو ساٿ نه ڏنو سي ڪيئن ٿا اسان جا سڏائي سگهن؟ اسان جو سڏائڻ لاءِ کين تاريخ جي سخت ترين امتحان مان گذرڻو پوندو. کين ثابت ڪرڻو پوندو ته هو هن وطن جا هڏڏوکي، خير خواهه ۽ حلالي پٽ آهن.اسان جي ٻن چئن پتڪيل ”ڏاهن“ جا ڪل جهڙا دليل ڪاري کي اڇو ڪرڻ لاءِ ڪافي ناهن. اسان کي قائل ڪرڻ لاءِ کين پنهنجن ڏٽين کي قائل ڪرڻ جي وڏيڪ ضرورت آهي. هو هڪ قدم اڳتي وڌن، اسان ڏهه قدم اڳتي وڌڻ لاءِ تيار آهيون. ٽوپي ۽ اجرڪ پائڻ سان ماڻهو سنڌي ٿين ها ته جيڪر اڄ سمورو پاڪستان سنڌي هجي ها.

هڪ ٻيو مرض جيڪو اسان جي دانشورن، اديبن ۽ ليکڪن کي عام جام لاحق آهي، سو آهي پاڻ پڏائڻ جو شوق. جنهن کي ڏس، سو پنهنجي قد وڌائڻ ۾ پورو آهي. ٻيو ڪو واڪاڻ ڪري نه ڪري، همراهه پنهنجي منهن ميان مٺو ٿيڻ ۾ وسان ڪو نه ٿو گهٽائي. ڪوڙا سچا قصا گهڙيو، گشاپتا ۽ گپوڙا هڻي پاڻ کي هماليا کان به اوچو ثابت ڪرڻ لاءِ کين ڪيترن ماڻهن جي دل آزاري ڪرڻي پوي ٿي، ڪيترن سرن تي پير رکي ٻيهڻو پوي ٿو ڪيترا ماڻهو پاڻ تي کلائتا پون ٿا، تنهن جي ته کين پرواهه ناهي. بس ”مان ئي مان“ جو رينگٽ ايئن پيو پوندن جڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڪارڊ ڪي گهاري پئجي وئي. علم ۽ ادب جو ايترو فڪر ڪو نہ اٿن. جيتري لوري پنهنجي ذات جي لڳل اٿن. بجاءِ ان جي جو هو پاڻ کي ان قابل بنائين تہ ٻيا سندن ساراهہ ڪن، هو آني مان ڦٽندي ٿي پنهنجي واکاڻ ۾ اڏ مئا ٿي ٿا پون. ايئن ڪندي هو سستيون ۽ ڇسيون حرڪتون ڪرڻ کان بہ نٿا ڪيٻائين. علم ۽ ادب سان واڳيل پڙهندڙن کي تہ اهڙا ماڻهو سنوان سڌا سجهيا پيا آهن. پر اتفاقي پڙهندڙن کي بہ هڪدم اندر ۾ ڇهندڙي پئجيو وڃي تہ هاڻو ٻيلي، هي يار تہ ليڪو لنگهي ٻيهي رهيا آهن. پاءُ اتي جو هرڪو ٿو ڪائي. ايتري سمجهہ تہ ٻار کي بہ آهي تہ هو بہ جملا پڙهڻ يا ٻڌڻ سان سمجهي وڃي تہ اڳلو ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهي.

شيخ اياز برابر خود پسند هو. منهنجو ساڻس بيحد عقيدت ۽ محبت هجڻ باوجود اختلاف بہ ان ئي ڳالهہ تي هو. پر حق جي ڳالهہ ڪجي تہ هو واقعي گهڻ پڙهيو ذهين ۽ قابل انسان هئڻ سان گڏوگڏ نثر توڙي نظم تي هڪ ئي وقت گهري نظر رکڻ وارو شخص هو. اها هن جي بدقسمتي هئي جو ٻين تي پروسو ڪرڻ بجاءِ هن پنهنجي قلم ۽ زبان سان اهو ڪجهہ لکڻ ۽ چوڻ کي ترجيح ڏني جيڪو سندس عقيدتمند لکڻ ۽ چوڻ لاءِ آتا هئا، پر هر شخص شيخ اياز ٿي نٿو سگهي. ٻئي اياز کي پيدا ٿيڻ لاءِ صديون گهرجن. جي ويچارا ڄامڙا، جيڪي پنهنجي هڪ ئي لکڻي کي ور ور ڪيو پيا نت نئين نموني دهرائين. جن ۾ نہ نئين سوچ، نہ گهرو مطالعو نہ وسيع نظري، نہ جدت، نہ جاذبيت، نہ انا، نہ عزت نفس (Self respect) سي جڏهن پنهنجو ڪلهو اياز ۽ لطيف سان هڻڻ جا جتن ٿا ڪن، تڏهن واقعي مٿن ڪل بہ ٿي اچي ۽ رحم پڻ. خود پرستيءَ جي سمنڊ ۾ هو ايترا تہ غرق آهن جو ڪين ڪاٻي ساڄي جو بہ هوش ناهي. ڪين صرف پنهنجي ئي تصوير هر وقت اکين آڏو نظر ٿي اچي. Megalomania جي مرض ۾ بہ ايئن ٿيندو آهي. مريض کي پنهنجي اهميت ۽ برتريءَ جو احساس وڌ ويڙهيءَ جيان ايترو تہ وڪوڙي ويندو آهي جو هن کي پنهنجو قد وڏو نظر ايندو آهي ۽ ڪيس يقين ٿي ويندو آهي تہ سندس خواهشون، اميدون ۽ آشائون حقيقت بڻجي چڪيون آهن. اهڙين حالتن ۾ ڪيس پنهنجي قلم ۽ زبان تي ڪنٽرول بنهہ نہ رهندو آهي. اتي اتي ماڻهون کان دادو وصول ڪرڻ تي دل ٿيندي اٿس. دل نہ پرجندي اٿس تہ ڏهہ ڪوڙا ڪارناما يا تصوراتي ڪاميابيون پنهنجي طرفان گهڙي محفل کي ٻڌائيندو آهي. اهڙي قسم جا ماڻهو گهٽو ڪري ٻي ضرر هوندا آهن. يا وڌ ۾ وڌ پنهنجي معتبرائي ڏيکارڻ لاءِ ٻي تڪيون، ٻي ڍنگيون ۽ بيهوده ڳالهيون يا حرڪتون ڪندا آهن جن سان ڪين تہ ڪو فائدو ڪو نہ ٿيندو آهي، پر ٻين جي دل آزاري ضروري ٿيندي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو مرض جڏهن شدت اختيار ڪري ويندو آهي تڏهن مريض بدتميزي، اگهاڙپ ۽ گارگند تي لهي ايندو آهي. پنهنجي علمي ادبي ڪارنامن کان علاوه پنهنجي مردانگي، وجاهت ۽ فرضي بهادريءَ جا ڪوڙا قصا وڏي واڪ ٻڌائيندو آهي. پنهنجي نياڻيءَ سياڻيءَ تي غيرت ڪو نہ ايندي اٿس. پراين ڌيئن ۽ ڀينرن کي ڀري بازار ۾ رسوا ڪندي ڪو نہ گسندو آهي. ساڙ حسد ۽ ڪينو سندس وجود کي ويڙهي ويندو آهي ۽ هو پنهنجي اندر جي آگ ۾ جلندي بدتميزي ۽ بليڪ ميلنگ تي لهي ايندو آهي. هن جي حالت ان مينهن جهڙي هوندي آهي جيڪا پاڻ سڄي ڪاري هئڻ جي باوجود ڳئون کي ڀچ ڪاريءَ جي مهڻو ڏيندي آهي. شل نہ باندر کي بندوق هٿ چڙهي، پرائي تہ ڀينگ ڪندو پر هٿي پنهنجا پير بہ ڦٽي رکندو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاهپ سندا ڏنگ –II

قلم کي وڏي طاقت آهي ٽوڙي، جوڙي، ڦٽائي ۽ مٽائي، ٺاهي، ڍاهي! اهڙي طرح جيئن پريل بندوق، شينهن، چيتي، گدڙ بگهڙ چور چڪار جا تہ ڇهہ ڇني ڇڏي پر جي اڇي ويڇي پولي باندر جي هٿ ۾ تہ چڱي ڀلي ماڻهو جو تہ ڊينگو ڊيري ڪري ٿي ڪري، مورڳو ملڪ جي سربخت جو بہ خدا خير ڪري! قلم سان دنيا ۾ تحريڪون هليون، ملڪ فتح ٿيا، انقلاب آيا، آمرن ۽ شاطرن جو انت آيو. غدارن ۽ پرمارن جي پڄاڻي ٿي، شاهن ۽ شهنشاهن جا تخت ۽ تاج رئي ٿي ويا ۽ ان ساڳي ٿي قلم سان قومن هڪ ٻئي کي ڦٽيو پٽيو ماريو ڌڪاريو ميساريو نيست ۽ نابود ڪيو. فردن پنهنجي ذاتي مفاد ۽ اندر جي حسد خاطر پنهنجي ٿي عالمن، ڏاهن غم خوارن ۽ جان نثارن جي عزت مٽي ۾ ملائي ڪين سربازار رسوا ڪيو ۽ مٿن تهمتن جا زهريلا تير وسائي سندن ڪردار ڪشي ڪئي، ڪين پنهنجن توڙي پراون جي نظر ۾ ڪيرايو اهڙن ڏکوئيندڙ مثالن سان دنيا جي تاريخ ڀري پئي آهي. خود اسان جو پنهنجو ماضي ۽ حال پڻ اهڙن ڪراهت جهڙن واقعن جو اکين ڏٺو شاهد آهي، گرانٺ-منڙا ماڻهو جڏهن پنهنجي ڪنهن قدآور همعصر سان پڄي نہ سگهندا آهن تڏهن ٽپو ڏئي سندس پڳ ۾ هٿ وجهندا آهن. ڳورپٽ جو گذران ٿي قبرون کوٽڻ تي هوندو آهي. ڪمزور جو دليل گار ڪان شروع ٿيندو آهي ۽ گار تي ٿي ختم ٿيندو آهي. بزدل پٺيان وار ڪندو آهي ۽ ڪم ظرف پنهنجون انساني، اخلاقي ۽ صلاحيتي اوڻايون لڪائڻ لاءِ ڏاڌر ٻڌي، تڪڙ ڪري اڳلي تي اهي ٿي الزام مڙهيندو آهي جن جو مرتڪب هو پاڻ هوندو آهي. اهڙا ماڻهو خبر ناهي ڇو اهو وساري ويهندا آهن تہ سندن بہ سوين ڪاتا کليل آهن. سندن ئي آواز ۾ سندن ئي آڊيو ۽ وڊيو ڪيسٽون موجود آهن، سندن ئي ٽيڙ ڪائيندڙ جسم ۾ لڙ ڪڙائيندڙ زبان ۽ ملڪ دشمن گفتگوءَ ۾ ۽ جيڪڏهن ديوار سان لڳايل ڪنهن ڄاڻوءَ مجبور ۽ لاچار ٿي، شاهدين ۽ گواهين سميت ان گند کي ڦولهيو تہ پوءِ هو ڪٿان جا بہ نہ رهندا، هڪ لحظي ۾ سموري هوا نڪري ويندن. سياڻا ان ڪري تہ چئي ويا آهن تہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇٽ ڦٽ پڌو ڇڱو آهي.

ڪلندو تہ ڊوڙيو ڪندو. ٽٽونءَ ڪي ٽارو تازيءَ ڪي اشارو ان ڪان پوءِ بہ جيڪڏهن ڪنهن ڪي قضا ڪنيون بيٺي آهي تہ پوءِ چوي پنهنجيءَ قسمت کي! اهو اسان جي سموري سنڌي سماج جي الميو آهي تہ بدترين حالتن ۾ بہ اسان ڪڏهن مجموعي سوچ جو مظاهرو ڪندي ڪنهن گڏيل رٿابنديءَ تحت وقتائتو قدم نہ کنيو آهي. ڇا سياستدان، ڇا ڪامورا، ڇا وڏيرا، ڇا شاگرد، ڇا اديب، ڇا دانشور ڇا صحافي سڀ دانهن تہ ساڳي ڪنداسين تہ ڦرجي وياسين، لٽجي وياسين، برباد ٿي وياسين، اسان جو الله تلهہ ناس ٿي ويو. ڏاريا پيننگ ڪري ويا، ٻولي وئي، ڪلچر ويو زمين وئي... پر جدوجهد وقت هر سڪٽو پنهنجي پنهنجي ڏار ديڳڙي چاڙهي ويهي رهندو. سياست کي ڏسو تہ ڏهہ جيئي سنڌون نرا ڪنيون بيٺيون آهن. قوم پرستن ڏانهن نظر ڪيو تہ پندرنهن قومپرست پارٽيون پاڇا ڪنجيو بيٺيون آهن وطن دوستن لاءِ واجهايو تہ هر پارٽي سنڌ جي حقن جي ضمانت ڏيڻ لاءِ تيار آهي، سماجي تنظيمن جو پڻ اهو حال آهي. گهر گهر ۾ گهوٽالو پيو هلي، پاور ۾ رهڻ لاءِ زوردار فرد عهديدارن جي چونڊ يقيني بڻائڻ لاءِ پنهنجي پنهنجي دستور ۾ اهڙيون ٿا اوچتيون ڦيرتيون هڻن جو شريف الدين پيرزادو بہ وچي گهر وهي، ادبي لڏي جو ڏاڍو آدم ٿي نرالو آهي، اهڙا اهڙا مداري ميدان ۾ لٿل آهن جو حقيقي اديبن تہ ڊپ ۾ شرم کان وچي ڪنڊ وسائي آهي. داداگيرن وانگر گلو ڪولي، اڪيون ڳاڙهيون ڪيو وتن ٿا گگ ڳاڙيندا ۽ آدم بو آدم بو ڪندا. هڪ اڌ رسالو آهي، تنهن جا ورق کولي ڏسو پڌي مرڻ تي دل چوندي، علم ادب جو ذڪر تہ نالي ماتر، باقي صفحا يا تہ پنهنجي لنڊي تعريف سان ڀريل هوندا يا وري ڪنهن نہ ڪنهن اشراف جو اڇو منهن ڪرڻ ۾ ڪتب آيل هوندا، هر مهيني ڪو نہ ڪو نئون شڪار گهرجي، نہ تعميري تنقيد، نہ لکڻيءَ جو اڀياس، نہ گهري ريسرچ، نہ ڊڪشن تي ٽيڪا ٽپڻي، نہ پلاٽ جو جائزو نہ ڪردارن تي راءِ زني، نہ موضوع تي بحث مباحثو نہ صلاح نہ مشورو نہ غلطيءَ جي نشاندهي، نہ سڌاري لاءِ ڪي مفيد هدايتون بس رڳو ذاتي حملا ۽ بدتميزي واريون جلهون. ڪنهن جو قد ننڍو وٽي، ڪنهن جو نڪ ڊگهو آهي. ڪنهن جو لباس گران ٿو گذري، ڪنهن جي قابليت هنيانءَ تي تور ڪري بيٺي آهي. وٺ وٺ ٿي ٿي وڃي. اسان جي سياسي رهنمائن جو اهو حال آهي جو عام گفتگو ۾ هڪ ٻئي لاءِ رواداري ڏيکارڻ بجاءِ هڪ ٻئي لاءِ گهٽيا ۽ ذلت آميز لفظن جو واهپو عام جام ڪندا رهندا آهن. مون پنهنجي ڪنن سان هڪ سينيئر ليڊر کي چوندي ٻڌو آهي "اڙي اهو قادرو ڪهڙي باغ جي موري آهي؟" ٻئي چڱي مڙس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي واتان پڌو اٿم "اهو بشيرا ان ٽربل تہ متحده جو پگهاردار آهي." "موالي" "چرسي" ايجنسين جو ايجنٽ " پاٽاريدار ۽ پيٽي خور... لفظن جو ڪاٽو ٿي ڪونهي. جنهن قوم جا رهبر ۽ رهنما هڪ ٻئي لاءِ ايتري محبت ۽ قرب رکندا هجن ۽ پبلڪ ۾ کلي طرح پنهنجي خيالن جو بيباڪي سان اظهار پڻ ڪندا هجن اها قوم ڪنهن جي پٺيان لڳي. ڪنهن کي پنهنجو هيرو بڻائي ۽ ڪهڙيءَ ريت متحد ٿئي؟ ساڳي حالت اديبن سڳورن جي آهي. هڪ ٻئي تي نفرت جوڳا نالا رکڻ، رسوا ڪرڻ ۽ سندن ذاتي زندگي، بلڪ گهر جي خواتين کي ڪلئي عام ڪٺهڙي ۾ آڻي بيهارڻ جو عمل هاڻي تيز کان تيز تر ٿيندو پيو وڃي. ڪجهہ وقت اڳ هڪ رسالي ڪنهن ڄاتل سڃاتل شاعر صاحب جي ادبي چوري، بلڪ ادبي چورين پڪڙيون. هڪ طرف اردو جو اصل شعر ڇاپيائين ۽ ٻئي طرف ان شاعر جو سنڌي شعر شايع ڪيائين. نتيجي ۾ ان رسالي جي مسڪين ايڊيٽر کي تہ جيڪي لقب ملڻا هئا سي مليا پر رونگ ۾ سندس گهر واري ۽ نياڻيءَ کي بہ گهڻو ڪجهہ ٻڌڻو پيو. پروفيشنل جرنلزم اچڻ کان پوءِ اسان جي صحافت ڪجهہ ماٺيپي ۾ آئي آهي. جيتوڻيڪ نوڪ جهونڪ ۽ ٽنگون ڇڪڻ جا واقعا ڪڏهن ڪڏهن اچا بہ سامهون ايندا رهندا آهن پر ٿوري ماضي ۾ وڃبو تہ اهي شرمناڪ منظر ڏسڻ لاءِ ملندا ۽ مضمون پڙهڻ لاءِ ملندا جو اندر ٿي سڙي ويندو.

اهي سڀ ڳالهيون پوءِ ڪنداسين في الحال ادب جو ذڪر پورو ڪري وٺون. سنڌي اديبن، دانشورن ۽ ڏاهن جي جڳائيندڙ ڪردار ڪارج ۽ ڪمٽمينٽ تي پياري انعام شيخ جو تازو ڇپيل پرپور مضمون پڙهڻ کان پوءِ مون کي پڪ آهي تہ اسان جا سنجيده اديب ضرور پنهنجي جيءَ ۾ جهاتي پائي پنهنجي اوڻاين ۽ اڳلاين ڏانهن نظرثاني ڪرڻ تي مجبور ٿيا هوندا تہ اسان پنهنجي طرفان جيڪو ادب جو "معراج" حاصل ڪيو آهي سو ڇا واقعي ان لائق آهي تہ ان تي فخر ڪري سگهجي؟ ڇا واقعي سنڌي اديب فڪر ۽ فن جي ڪمال تائين پهچي چڪا آهن؟ يا وري ايئن تہ ناهي تہ اسان جي غير سنجيده، هلڪڙي ۽ لباڙي رويي سبب پورهيت ۽ ڪرن اديبن جو ڪيو ڪرتيو بہ لوڙ پاڻي تي رهيو آهي؟ عالمي سوچ جا وشال نظريا تہ درڪنار اسان تہ پنهنجي پراڻي چڪ ۾ پيا ٽا ليٽڙيون پايون. پنهنجي دل تي هٿ رکي ڏسو تہ بغض، حسد ۽ ٽرڙائي هڪ ڇڳي پلي ادبي ماحول کي ڪيڏو نہ پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي جو هر ڏيڏر پنهنجي ساراهہ جا سهرا پاڻ ڳائيندو ٿو نظر اچي. رڳو معاملو ايستائين دنگ ڪري تہ بہ نهيو شيشي جي گهرن ۾ رهندڙ تاڪئان سماجي توڙي اخلاقي ايڊز ۾ بري طرح مبتلا "ڏاها" ٻنهي هٿن ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽر ڪٽي هر آئي وئي تي جلهہ ڪرڻ لاءِ اپا تي ٻيهي رهيا آهن. صرف ان ڏڌ تي تہ اشراف جي ٽوپي لاهينداسين تہ بہ ڪجهہ ڪو نہ چوندو. زائفائن جي ڪردار ڪشي ڪنداسين. ڪين بدشد ڳالهائينداسين تہ هو بدنامي جي ڀوَ کان منهن ويڙهي، سور سهي، ماٺ ڪري ويهي رهنديون. نوجوان ليکڪن کي سندن جسماني معذوري جو طعنو ڏينداسين تہ هو شرم وچان ڪنڌ جهڪائي ڇڏيندا. نياڻين سياڻين کي چڪ مک جو مهڻو ڏينداسين تہ هو لاچار ٿي ٻيهر جيل نما گهرن جي چار ديوارين ۾ بند ٿي ويهي رهنديون.

هڪ طرف نوجوان نسل جي نمائندگي جو دهل ڳچيءَ ۾ پائي جهمريون هڻڻ وارا ساڳيائي ماڻهو نوجوان نسل جي ڪرپ جهڙي ڪردار ڪشي تي ايترا تہ اگهاڙا ٿي ٿا بيهن، سا ڳالهہ ڪنهن بہ ساڃهہ وند جي سمجهہ ۾ تيستائين ڪو نہ ايندي جيستائين هو انهن وات ڦاٽوڙن، بد زبان ۽ بدفضيلتن جي نڙيءَ ۾ اٽڪيل سچ کان واقف ناهي ٿيو ائين بہ ناهي تہ ادبي حلقا ان بي ادب ٽولي جي ڦڙٻاٽين کان بلڪل ئي اڻ ڄاڻ ۽ اڻ واقف آهن. هر هڪ کي پلي پت ڄاڻ آهي تہ ڪير ڪيتري پاڻي ۾ آهي پر اڪثريت عزت بچائڻ ڪاڻ ۽ باقي بچيل ذاتي غرض يا چيٽا پوري خاطر يا تہ ماٺ آهي يا وري "جمعا جنج نال" ٻڌيل آهي. جيڪي گهڻو ڪجهہ ڄاڻن ٿا سي ڪوشش جي باوجود اخلاق جي ان آخري سطح تائين لهي انڌي کي آئينو ڏيکارڻ نٿا چاهين. خود پيارو انعام شيخ هٿ مٿي ڪٽي اڳتي وڌي ڪليل ۽ صاف لفظن ۾ اهو ٻڌائي سگهندو تہ 2005ع واري هندستاني ٽوئر ۾ پهرين ئي رات ڪيس ذري گهٽ دل جو دورو ڇو پيو هو؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاهپ سندا ڏنگ –III

تازو سچل سائين جي ميلي تي ڪوٺايل مشاعري ۾ سنڌي ادبي سنگت جي ٻن ڌڙن ۾ اسٽيج تي ويهڻ تان ڦڏو ٿي پيو. ٻهريون گارگند. پوءِ نعريبازي ۽ آخر ۾ موچڙي بازي ٿي. مشاعرو ته ويو لوڻ پاڻي ٿي، مورڳو هڪ شاعر ان وٺ وٺان ۾ دل جو دورو پوڻ سبب گذاري ويو.

ان کان اڳ حيدرآباد پريس ڪلب طرفان امر جليل کي تاحيات ميمبرشپ ڏيڻ واري شام، راڳ رنگ جي محفل دوران ڪي شاعر حضرات وٽ کان وڏيڪ دارون واپرائي آيا. هل هنگامو ڪيائون، ٻين ادبي لاڏي وارن مزاحمت ڪئي، نتيجي ۾ هڪ البيلي نوجوان نمائنده شاعر جا هڏگڏ ڀڃي رکيائون. ڪن رحمدل صحافين کان اهو دردناڪ منظر ڏٺو نه ويو. ڇڏ ڇڏاءَ ڪندي هڪ ٻي ڏوهي صحافي کي دل جو دورو پيو ۽ هو پڻ گذاري ويو.

ان کان اڳ سنڌي ادبي سنگت جي ٺٽي ۾ ڪوٺايل ميٽنگ ۾ صدر صاحب جي ڪن رمارڪن تي ڪي اديب چڙي پيا، احتجاج ڪيائون ته سنگت جي عهديدارن ۽ سندن حامين مٺن مڪن ۽ لٺن جو وسڪارو لائي ڏنو ۽ آخرڪار کين گهلي هال کان ٻاهر ڦٽو ڪري آيا.

ان کان اڳ ادبي سنگت جي سيالياڻين چونڊن ۾ ٻن اميدوارن جو تڪرار ايترو ته وڌي ويو جو الزام اخلاقي حدون ٽپي وڃي ذاتيات تائين پهتا، اخبارن ۾ ملاکڙو مچي ويو. ناهه ڪرائڻ لاءِ معتبر دانشور ڏاها ۽ سياستدان ميدان ۾ ڪڏي پيا. ٻي دليو ناهه ته ٿيو پر اليڪشن جي نتيجن تي پوءِ به آگريون ڪڇنديون رهيون.

ان کان اڳ واري سنگت جي سيڪريٽري جنرل پاڻ کان اڳ وارن عهديدارن تي فائيل چورائڻ جو الزام ڌريو جواب ۾ مٿس فنڊ ڦٻائڻ جو الزام هنيو ويو اخبارن ۾ روزانو اهي خواريون ڇپجنديون رهنديون هيون ۽ ٻنهي ڌرين جا همدرد وڏي شوق ۽ چاهه ۾ شد مد سان هڪ ٻئي کي ٻچڙو ڪرڻ ۾ وسان ڪو نه گهٽائيندا هئا.

ان کان اڳ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين وارو واقعو ٿيو. پناڻ وزير پاڻ کي بورڊ جو چيئرمين ناهي ويهي رهيو. سڄاڻ سنڌي اديبن سخت مخالفت ڪئي پر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنگت جي ان وقت جي چند عهديدارن واسڪوٽ مان پنهنجي ساٿين جي لسٽ ڪڍي وزير صاحب آڏو رکي. وزير صاحب لسٽ کي ته ڪنگهيو به ڪو نه. البته اديبن جو پاٽي ڪڇي ورتائين. جيستائين وزير رهيو سنڌي ادب ٽرانسپورٽرن جي قبضي ۾ رهيو جڏهن ويو ته پويان اڻ وٽندڙ روايت ڇڏي ويو. وزير جي حيثيت ۾ حميده کهڙو صاحب بورڊ جي چيئرپرسن ٿي، ڪيس ٽائيم ڪين ملندو هو ان ڪري پنهنجو بار لاهي ٻين جي مٿي تي رکيائين. وڏو وزير صاحب حميده کهڙو تي ناراض ٿيو ته ادبي بورڊ جي واڳ ڪانئس کسي پاڻ وٽ رکيائين. پاڻ وقت نه ڪڍي سگهيو ته ڪمدار مقرر ڪري ڇڏيائين! سچا وچي انڌن جي وس ٿيا. ادب جي اٺ کي جت پيا هڪلين! اڳئين زماني ۾ ڀڏندا هئاسين ته بادشاهه سلامت جي درٻار ۾ گويا، ناچڻيون، قصيده گو شاعر ۽ مشڪرا اچي گڏ ٿيندا هئا ۽ پنهنجا پنهنجا ڪرتب ڏيکاري حاڪم کي خوش ڪندا هئا ۽ بادشاهه سلامت راضي ٿي ڪنهن کي گلي مان هار لاهي ڏيندو هو ڪنهن کي خلعت بخشيندو هو. ڪنهن کي مٺ سوڻن سڪن جي اڇلائي ڏيندو هو ته ڪنهن کي جاگير عطا ڪندو هو. اڄ جي دور ۾ حاڪم خوشامدي ڪالمن تي ڪنهن کي ڪنهن بورڊ جو ميمبر ٿا ڪن، ڪنهن کي سيڪريٽري ته ڪنهن کي وري چيئرمين يا وائيس چيئرمين. سستو سودو آهي، ماڻهو ضمير وڪڻي ته ڪنهن لاپ تي وڪڻي، سڄي عمر مخالفت جو ڪنهن ٺيڪو ڪنيو آهي ڇا؟ سنڌي ٻولي ۽ ادب آهن يتيم ٻار، ڌڪا ڌوڏا ڪائي نيٺ پلجي پوندا، نه به پليا ته به خير آهي. اسان جي ته سڻائي ٿئي، پوين جو الله پوين ساڻ. ادب جي ٻيڙي به تڏهن سير تي پهچي آهي جو سياري جي سوڙ هر ڪنهن پاڻ ڏانهن سوري آهي. ادارا تباهه ٿين ته پلي پيا ٿين، ٻوليءَ جي پيننگ ٿئي ته پلي پئي ٿئي، ادب جي ستياناس ٿئي ته پلي پئي ٿئي، ڪنهن کي ڳتي پئي آهي جو سياڻي جي ويهي ڳڻتي ڪري؟

ڇا هيءَ اها ئي سنڌي ادبي سنگت آهي جنهن سنڌي ادب کي نئون رخ ڏنو، سنڌي اديب کي نئين ساڃهه ڏني ۽ سنڌي سماج کي نئين سوچ ڏني؟ ڇا هيءَ اها ئي سنگت آهي جنهن هر موڙ تي شاعر، افسانه نگار ۽ ڊراما نويس پيدا ڪيا؟ ڇا هيءَ اها ئي ادبي سنگت آهي جنهن سنڌي نوجوانن جي ذهن ۾ بغاوت جو بارود ڀريو. شاگردن ۾ جدوجهد جو جذبو بيدار ڪيو ۽ عام ماڻهوءَ کي آمرن جي مدد مقابل ڪيو؟

ڇا هيءُ اهو ئي ادبي بورڊ آهي جنهن جي پيڙهه ۾ جي ايم سيد، طالب المولي، آغا تاج محمد، ميران محمد شاهه ۽ ابراهيم جوئي جو پگهر ۽ خون پيل آهي؟ ڇا هيءُ اهو ئي بورڊ آهي جنهن اياز تنوير، نياز گرامي، رشيد ۽ جمال جهڙا باڪمال

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليڪ منظر عام تي آندا؟ ڇا هيءُ اهو ئي ادبي بورڊ آهي جنهن ڪلاسيڪل ادب کي سانڍيو سهيڙيو ۽ ڇپائي هميشه لاءِ محفوظ ڪيو؟

ساڳين ئي دليلن جي روشنيءَ ۾ سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ جو جائزو وٺو ۽ شرم کان ڪنڌ جهڪايو اڃا به پر قدم اڳتي، خانگي ادارن تي نظر وجهو ۽ ڏسو ته روح رهاڻ ۽ سهڻيءَ هڪ ذري گهٽ مثل قوم ۾ ڪيئن نه نئون روح ڦوڪيو. ان جو مقابلو اڄ جي جريدن ساڻ ڪيو ۽ پنهنجو سينو ڪٽيو. چند فردن جي سچائي قومن جي تقدير بدلائي ٿي ڇڏي ۽ چند فردن جي لچائي قومن کي سوين سال پٺتي ڌڪي ٿي ڇڏي، مثال توهان جي سامهون موجود آهن خود سوچيو ۽ ٻڌايو ته آخرڪار ان اوچتي تبديليءَ جا ڪارڻ ڪهڙا آهن؟

گذريل، موجوده توڙي ايندڙ سيٽ اپ ۾ منهنجو ذاتي مفاد هرگز هرگز نه رهيو ۽ نه رهندو مون کي خبر آهي ته منهنجي منهن ڦاڙ طبيعت ڪنهن به حاڪم کي نه وڻي آهي نه وڻندي، شايد اهو ئي سبب آهي جو ڪنهن به دور ۾ مون کي معمولي کان معمولي بورڊ يا ڪميٽي جي ميمبري جي به لائق نه سمجهيو ويو آهي، گهٽ ۾ گهٽ مون سان اختلاف رکندڙ اهڙو ڪو به طعنو ڪو نه ڏئي سگهندو ان ئي آڌار تي جيڪڏهن منهنجي راءِ کي ڪا اهميت حاصل هجي ته عرض ڪيان ته جن قوتن سنڌين جي سجاڳي کان خائف ٿي، سنڌن زور توڙڻ لاءِ ادب ۾ خطرناڪ رجعت پسند هٿ وٺي پيدا ڪيا ۽ ڪين پنهنجي خرچ تي پالي نپائي وڏو ڪري، ترقي پسند ۽ مزاحمت ڪار ۽ قوم پرست ۽ ويڙهاڪ قلم قبيلي سان ڏويڏو سامهون آڻي بيهاريا ۽ جن قوتن سنڌين جي گهٽائي مان سرجوشي ختم ڪرڻ لاءِ هڙان ۽ وڙان دل کولي اردو دانن منجهان هڪ منظم ۽ مسلح ٽولو ٺاهيو انهن ئي قوتن هاڻي خود سنڌين منجهان چند لوڀي ۽ خوشامدي ۽ ويڪائو هٿ ڪري سنڌي ادب، ٻولي توڙي سماج کي تهس نهس ڪرڻ جو پروگرام رٿيو آهي.

اهي ويڪائو هر ان نشان ۽ اهڃاڻ کي ختم ڪرڻ لاءِ سنڌرو ٻڌي بيٺا آهن، جنهن سان سنڌي قوم جي سياسي، سماجي توڙي علمي ۽ ادبي سرسي ۽ عظمت وابسته هجي، جنهن سان اسان جي جدوجهد ۽ ويڙهاند جي ڄاڻ پوي، جنهن سان اسان جي سوچ ۾ پريل بارود جي بوءِ ايندي هجي، جنهن سان اسان جي قومي مسئلن تي ٻڌي ۽ هم آهنگي ظاهر ٿيندي هجي، جنهن ۾ اسان جي بهادري بيباڪيءَ ۽ بي خوديءَ جو اولڙو سمايل هجي، جنهن ۾ اسان جي ذات ۽ لات جا ڏيئا روشن هجن، جنهن ۾ اسان جي قومي سورمن جا عظيم ڪارناما سمايل هجن.

وڻ کي ڪپڻ لاءِ ڪهاڙيءَ ۾ ڪاٺ جو ڳن هئڻ ضروري آهي. سرويچن کي ختم ڪرڻ لاءِ منجهانئن ئي مير صادق ۽ مير جعفر پيدا ڪرڻ ضروري آهن،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيلي۽ مان ڏيلي، پارٽي مان پارٽي، سنگت مان سنگت ۽ ايسوسيئيشن ٺاهڻ جو اهو ئي ڪارڻ آهي. ورهايو. ورهايو ۽ وڌيڪ ورهايو ته جيئن درياهه جو زور ٽٽي، طوفان جي رفتار گهٽجي ۽ جذبن مان جنون ختم ٿي وڃي.

پنهنجن سورمن تي ايترا الزام هڻو ڪين ايترو ذليل ڪيو، سنڌن ايتري ڪردار ڪشي ڪيو جو هو عام ماڻهن جي نظرن ۾ پنهنجي عزت ۽ عظمت وڃائي ويهن. پنهنجن قومي ڪارنامن تي فخر بجاءِ هو پنهنجي پڳ بچائڻ ۾ پورا هجن. پنهنجي شاندار ماضي۽ مان ايتريون وِڏون ڪڍو جو نئين نسل کي پنهنجين تاريخي ريتن، رسمن ۽ روايتن کان شرم اچڻ لڳي، پنهنجي تاريخ تي فخر ڪرڻ بجاءِ هو لڄي ٿي منهن لڪائي گهمن.

پنهنجي موجوده تحريڪن ۾ ايترو ڏڦيڙو وجهو ايترو خلفشار پئدا ڪيو ايترا مونجهارا، غلط فهميون ۽ بي اعتباريون پيدا ڪيو جو سچن ۽ کرن ڪارڪنن جون دليون ڪٽيون ٿي پون ۽ هو دل شڪسته، ساٿا ۽ ويڳاڻا ٿي جدوجهد تان دستبردار ٿي وڃن. ٿورو ذهن تي زور ڏيو ڪجهه ياد ڪيو. پراڻا ورق اٿلائي ڏسو اوهان کي ياد ايندو ته ٻولي، ون يونٽ ۽ ايم آر ڊي جي تحريڪن ۾ بي مثال يڪجهتي، ٻڌي ۽ بهادري جو مظاهرو ڪرڻ کان پوءِ اوچتو ئي اوچتو سنڌي سماج ۾ پنهنجن ئي پيارن ۽ يارن هٿان ڦيج ڊاهه شروع ٿي وئي، جيئي سنڌ جون ڏهه شاخون ٺهي ويون، مختلف نظرين واريون ڊزن کن ٻيون جماعتون به اچانڪ جنم وٺي ساڳي ئي منشور سان ميدان ۾ ڪاهي پيون.

ادبي مورچي تي بي ادب، بدتميز ۽ هلڪڙا ماڻهو قبضو ڪري ويهي رهيا آهن. ڇيو ويو ته ون يونٽ خلاف جدوجهد جي بهاني سنڌي اديب سٽيا عهدا وٺي ويهي رهيا. وڪامجي ويا آهن. نوجوان لکندڙن جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻجي پيا آهن. ڪين اسرڻ ئي نٿا ڏين. بلڪ ڪن بازيگرن ته اهو به ھُلايو ته ون يونٽ جي ٽوڙڻ ۾ سنڌي اديبن جي تحريڪ جو عمل دخل ئي ڪو نه هو ان ئي سلسلي کي جاري رکندي شيخ اياز ۽ سنڌس همدردن تي غليظ حملا ڪيا ويا. مزيدار ڳالهه ته اها هئي ته اهڙي قسم جي الزام تراشين جو گند ڦهلائڻ وارا به اهي ئي خسيس ماڻهو هئا جيڪي شيخ اياز ۽ سنڌس ساٿارين جون جتيون سڌيون ڪرڻ لاءِ سڪندا هئا.

سنڌي ڪهاڻي کي گولي به انهن ئي هنئين، سنڌي مزاحمتي شاعري جو فرضي جنازو به انهن ئي ڪڍيو سنڌي ڊرامي کي ڏينهن ڏٺي جو دفن به انهن ئي پگهاردارن ڪيو اخبارن، رسالن ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ روداليءَ جو ڪردار به انهن ئي ڪرائي جي گوريلن ڪيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاهپ سندا ڏنگ –IV

ماضيءَ جي سنڌي ادبي سنگت سڌيءَ طرح تہ اديب پئدا ڪيا، ڪين اجاريو ۽ نکاريو پر اڻ سڌيءَ طرح ان ڪان بہ وڌيڪ اهم ڪارناما سر انجام ڏنا. اديبن جي لکڻين معرفت عام پڙهندڙن کي، خاص طور تي شاگرد طبقي کي Motivate ۽ Mobilise ڪيو. ڪين شعور ڏنو ساڃهہ ڏني، سمجهہ ڏني، منجهن جوش، جذبو ۽ ولولو پئدا ڪيو ڪين احتجاج ڪرڻ جي قوت ۽ طاقت ۽ همت ڏني، فردن جي سوچ کي اجتماعي للڪار ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. ڪين ڳائڻ لاءِ قومي گيت ڏنا، ٻڌائڻ لاءِ ويڙهاند جون ڪهاڻيون ڏنيون. جوڌن، جنگن ۽ جوانن جي مزاحمت جا ناٽڪ ڏنا. مزاحمتي ادب جي سهاري تي سنڌي قوم ظلم، جبر، ڏاڍ، مڪاريءَ ۽ چالاڪيءَ جا سٺ سال گذاري وئي. ان وچ ۾ ڪيترائي اهم مرحلا آيا. اسان کي نيست ۽ نابود ڪرڻ جا گهڻا ئي گهات گهڙيا ويا. طرح طرح جا ترڪتال ڪيا ويا، قسمين قسمين ڪوڙ ڳالهايا ويا. بدنيتيءَ جا بند ٻڌا ويا، سونهري صبح جا ڏنا ڏئي رات جي اونداهيءَ ۾ شب خون ماريا ويا. ڇا هن قوم جي يادداشت ايتري ڪمزور ٿي وئي آهي جو ڪين هڪ هڪ ظلم، هڪ هڪ جبر، هڪ هڪ مڪر ٻيهر ياد ڏيارجي؟ ها، پر ايترو ضرور ورجائبو ۽ انهن نوجوانن لاءِ ورجائبو جن کي موجوده نڪما، وڪاڻل ۽ غير سنجيده چند "اديب" لاعلم رکي يا ڄاڻي ٻجهي گمراهہ ڪري، پنهنجو لولوتاري رهيا آهن.

پاڪستان ٺهندي ئي ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ جون سازشون شروع ٿي ويون. پناهگيرن جي ڪٽڪن کي سنڌ جي مکيہ شهرن ۾ آباد ڪري ڪين هندن جي ڇڏيل مال ملڪيت جو مالڪ بڻايو ويو. سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ نئين تعليمي پاليسي جوڙي وئي، جنهن ۾ اردوءَ کي تعليمي ميڊيم بڻايو ويو. ون يونٽ ٺاهي سنڌ کي پنجاب جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏيو ويو. سنڌين جون زمينون ۽ روزگار جا وسيلا هڪ طرف پناهگيرن جي حوالي ڪيا ويا تہ ٻئي طرف پنجابين کي سون جي ٿالهيءَ ۾ رکي تحفي طور پيش ڪيا ويا. ايم ڪيو ايم نالي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ زورآواز جماعت ٺاهي وئي جنهن سنڌين لاءِ ڌرتي ٺامون ٻٺائي ڇڏي. بهارين ۽ بنگالين کي اصل سنڌين کان به وڌيڪ حق ڏئي سنڌ جو ڊوميسائيل عطا ڪيو ويو. سنڌ جا ضلعا ٽوڙي مروڙي، ڏاهي ڦٽائي اهڙي ريت ٻيهر جوڙيا ويا جو سنڌي پنهنجا نمائندا ڪڍڻ به اسيمبلين تائين پهچائي نه سگهن. اڄڪلهه جيڪي ٿي رهيو آهي ان کان ته ٻچو ٻار واقف آهي. جيڪي به سنڌ جا سور ۽ ناسور آهن سي سيني کي ساريا پيا آهن. ورجائڻ سان وجود ۾ وڍ پوندا ان ڪري ڳالهه نه چورجي ته چڱو. ها، البته جيڪا ڳالهه مون ڪرڻ پئي چاهي سا هيءَ ته فقط سنڌي ادبي سنگت جي آنڌل سجاڳيءَ سبب ڪراچيءَ جي عليحدگيءَ کان وٺي جيڪا هلچل سنڌ ۾ متي ان اڳتي هلي ٻوليءَ جي مسئلي تي باقاعدي هڪ منظم تحريڪ جو روپ ورتو. هيءَ اهو ئي وقت هو جڏهن ادبي سنگت جا عهديدار ۽ ڪارڪن عملي طور ميدان ۾ نڪري آيا. مظاهرا ٿيا. جلسا جلوس ٿيا. نوجوان روڊن رستن تي نڪري آيا. سنڌي ٻوليءَ جي جائز حق لاءِ صحيحن وٺڻ جي تحريڪ شروع ڪئي وئي. شمشير الحيدري، تنوير عباسي، رشيد ڀٽي ۽ اسان پارا پيا معمولي ڪارڪن هڪ لک صحيحون گڏ ڪري هڪ وڏو اسڪرول ٺاهڻ جي ڪم کي جنبي ويا. گهر گهر، در در ادبي سنگت جا ميمبر ڏينهن رات ننڊ ۽ آرام ڦٽائي صحيحون گڏ ڪندا رهيا. ڪل هڪ لک صحيحن جو ٽارگيٽ رکيل هو پر پنجاهه هزار دستخط گڏ ٿي سگهيا هئا جو ٻوليءَ وارو فيصلو واپس ورتو ويو. اهو تاريخي اسڪرول اڄ به سنڌ الاجيءَ ۾ محفوظ آهي، ڪو به دوست ڪنهن به وقت وڃي ڏسي سگهي ٿو.

ان ئي زماني ۾ سنگت طرفان "سنڌي لکو. سنڌي پڙهو. سنڌي ڳالهايو" تحريڪ جنم ورتو. سنڌ جي شهرن ٽوڙي واهڻ ۾ اردوءَ جا بورڊ هٽائي سنڌي بورڊ لڳايا ويا. سنڌي اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن جو وڪرو وڌايو ويو. نجي توڙي سرڪاري محفلن ۾ سنڌيءَ کانسواءِ ڪنهن به ٻي ٻولي ۾ نه ڳالهائڻ جو عزم ڪيو ويو نه رڳو ايترو بلڪه سنگت جا عهديدار ۽ ميمبر خود رنگ جا دٻا هٿن ۾ کڻي هر هڪ ريلوي اسٽيشن تي سنڌي ۾ نالا لکڻ لڳا. لاچار مجبور ٿي سرڪار کي اهو ڪم خود ڪرڻو پيو. ان ئي عرصي دوران ون يونٽ خلاف تحريڪ زور وٺندي وئي، سنگت اتي به پارٽ ملهايو. سنڌ مخالف اخبارون ساڙيون ويون. ٽرينون روڪي مظاهرا ڪيا ويا. ٿاٽر جلايا ويا. هڙتالون ڪيون ويون. جيل ڀريا ويا. ڪي ڦٽا، ڪي ڦٽيا. ڪي شهيد ٿيا. اخبارن ۽ رسالن تي بندشون پيون. جلسن جلوسن تي لاٺي چارج ٿيا. گوليون هليون. گرفتاريون ۽ روپوشيون ٿيون. تڏهن وڃي پندرهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سالن جي ويڙهاند ڪان پوءِ ون يونٽ ٽٽو. ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ پڻ اهو ئي جوش ۽ جذبو نظر آيو آمر ۽ قاتل جي آڏو هٿين خالي عوام سر نہ جهڪايو بلڪ سر اوچو ڪري سرخرو ٿيو.

اهو تہ تمام مختصر جائزو هو انهن ڪارنامن جو جيڪي ادبي سنگت جي جلايل جوت سبب سنڌي نوجوانن سر انجام ڏنا. تفصيلي تاريخ لکڻ جي ضرورت آهي. شمشير الحيدري هڪ تاريخ ساز ڪردار اسان ۾ موجود آهي. اهو ڪم هو ئي ڪري سگهي ٿو اهو رڪارڊ جيڪڏهن هڪ دفعو ڇپجي پڌرو ٿيو تہ پوءِ سنڌ جي مزاحمتي تاريخ جو اهم ترين ۽ جديد باب هميشہ جي لاءِ محفوظ ٿي ويندو.

مهرباني ڪري متي لکيل جدوجهد کي بہ نظر ۾ رکو ۽ هاڻوڪي موچڙي بازيءَ تي بہ ڌيان ڏيو. انهن مستن جو بہ سوچيو جن کي ڏينهن رات سنڌ جو سوداءَ ستائيندو هو ۽ هاڻ هنن جوڌن کي بہ ڏسو جيڪي هر دفعي اسٽيج تي ويهڻ ڪاڻ ڦڏو فساد ڪري، ڪو نہ ڪو مڙس مارائي اچي ٿا گهر ڪان نڪرن. انهن تحريڪن کي بہ ڏسو جيڪي ڊڪٽيٽرن جي دورن ۾ هلايون ويون ۽ اڄ جي ماٺار کي بہ ڏسو. ادب تہ ويو لوڻ پاڻي ٿي، مزاحمت جو تہ سوال ئي نٿو پيدا ٿئي، مورڳو الزامن جا تير، گارين جا ڏوڙيا ۽ ادبي ملاکڙن لاءِ سندرا پيا ٿا ساهجن. اسان تہ اديب سڏائيندي بہ شرمندا ٿا ٿيون. هھڙي بڇڙي ماحول ۾ سنڌ تہ وئي تين وال ٿي، سنڌي ويا رئي رائو ٿي، ٻولي وئي چار ڦلهيار ٿي! سرموڙ سرتوڙ سر ڦريا سڏڙيا وتن ٿا دندنائيندا. دڙڪي دهمان ڪان ڳالهہ چڙهي وئي آهي. خون خرابي تائين وڃي نوبت پهتي آهي. لکڻ وارا عزت بچائي لڪڻ ۾ پورا آهن! جيڪي لکن ٿا سي بہ تهمتن ۽ بليڪ ميلنگ جي لڙڪندڙ تلوار هيٺان ويهي لکن ٿا. اهڙين لڪٽين ۾ اهو بارود ڪٿان پريو اهو جوش ۽ جذبو ڪٿان ايندو جيڪو هڪ مئل قوم ۾ ٻيهر جان وجهي سگهي؟

سنڌ جي اديب ۾ جيڪا ٻي وڏي بيماري هاڻي تمام گهڻو زور وٺي وئي آهي، سا آهي ”مان جي بيماري!“ خبر ناهي منجهن ڪهڙو عدم تحفظ جو احساس گهر ڪري ويو آهي. جو هو بجاءِ سٺو ۽ صحتمند ادب ڏيڻ جي پنهنجي سر پنهنجي پڌاءَ ۾ ڪاهي پيا آهن. هڪ اديب جو ڪم آهي لکڻ. تنقيد تعريف، پڙهندڙ جو ڪم آهي، سٺو لکبو وقتائتو لکبو ۽ عام ماڻهوءَ جي دل وٽان لکبو تہ جس تہ اوس ملندو وه واه بہ ٿيندي. پرجي لکبو هوائي توائي ۽ پنهنجن ئي پيرن ۾ چير پائي نچبو ۽ پنهنجي ساراهہ جا سهرا بہ پاڻ ئي ڳائبا تہ ماڻهو نہ رڳو کلندا پر پرپٺ ”هيڙو هيڙو“ بہ ڪندا. انهيءَ خود ثنائيءَ ۾ اسان جا يار ايترو تہ مگن ٿي ٿا وڃن جو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو بہ ڏيان نٿو رهي تہ پويان ٿئوليون پيون ٿين ۽ ماڻهن جا هوڪرا پيا ٿي پون. انڌي پونڊي ۾ خوش! ڀلا جوڪر جي ابتين سبتين حرڪتن تي ڪير نہ ڪلندو؟ اوهان جڏهن پنهنجي عزت نفس جو اچو منهن ڪرڻ تي ڪمرڪشي بيهندا تہ پوءِ ٻين تي ڪهڙي ميار؟ ماڻهو تہ آهن رونشي ڪوڏيا. انهن کي تہ الله ڪٽي ڪو مت جو موڙهو شل نہ هٿ ڏياري. هاسيڪاري پيا چوڪون ڏيندس تہ من چريو چلولائيءَ تي چڙهي. هڪ پاسي چرپٽ پنهنجي واڪاڻ جو رڪارڊ لڳايو بيٺي پاسي هو پيا پاسرين کي هٿ ڏئي کلندا ۽ هڪ ٻئي کي ميچون ڏئي مزا وٺندا. همراهہ جي ليکي تہ مون ڪا وڏي ڪيپ ڪٽي آهي جو هيترا سارا ماڻهو پيا ٿا هوڪرا ڪري کلن ۽ تاڙيون وڄائي وهہ واهہ ڪن، سو ٿيڪر تي رهيا کهيا لٽا بہ لاهي الف نانگو ٿي بيهي رهندو.

هڪ اهڙي ئي خوشفهم اديب جو انٽرويو پڙهيم. سوال پڇيو ويو تہ اوهان هن مهل تائين گهڻا عشق ڪيا آهن؟

جواب ڏنائين سئو کن عشق ڪيا اٿم.

منهنجي تہ پيرن هيٺيان زمين نڪري وئي. اهي سئو کن عقل جون انڌيون، گونگيون، ٻوڙيون ۽ ٿپ نابين عورتون سنڌ جي ڪهڙي علائقي مان آيون جن کي پاڪستان جي سورهن ڪروڙ آباديءَ ۾ ان ڳورپٽ ڪانسواءِ ڪو ٻيو ماڻهو ئي نظر نہ آيو؟ يار جي گهر ۾ بيلجم جو سئو آئينو ناهي تہ بہ مڙئي خير آهي. انڊس گلاس وارن جا آئينا بہ برا ناهن، اهي بہ سئو سيڪڙو نہ تہ بہ اڌو اڌ تہ سچ ڳالهائيندا. ڀلا هڙو انڌير تہ اسان آفريڪا جي اونداهين ڪنڊ ۾ بہ نہ ڏٺو ماڻهو پنهنجي پخال جهڙي پيٽ کي ڏسي، ڦاٽل ڍول جهڙي آواز کي ڏسي، ڏيڏر جهڙي ٻوٿاڙ کي ڏسي، رفتار کي ڏسي، گفتار کي ڏسي، هيٺي حال ۽ جهيٺي چال کي ڏسي ۽ پوءِ ٻئي پير زمين تي کوڙي ڪوڙ ڳالهائي. انهن سئو (يڪطرفا) عشقن جو ذڪر گنيز بڪ آف ورلڊ رڪارڊس ۾ ضرور ٿيڻ گهرجي.

هيءَ ڪهڙا اديب آهن هيءَ ڪهڙو ادب آهي؟ هيءَ ڪهڙو ڏيهہ آهي؟ جنهن جي درياهہ کي سڪائي ٿوٽ ڪيو ويو آهي، جنهن جا نوجوان ڳڀي جي ڳولا کان مايوس ٿي هر روز خودڪشيون ٿا ڪن. جنهن جا ڳوٺ ڌاڙيل پٽ ڪيا پيا وڃن. جنهن جي ٻوليءَ جي نڙيءَ تي ننهن ڏنو پيو وڃي، جنهن جي سپيتا جا سمورا آثار هڪ هڪ ڪري مٽايا پيا وڃن. جنهن جي علمي ۽ ادبي ادارن تي ڪمدار وهاريا ويا آهن. جنهن جي شڪل صورت ۽ سيرت بگاڙي پئي وڃي، جنهن جي اصلي وارثن کي ڌڪي ڌار ڪيو پيو وڃي، جنهن جي وجود جا ويري ڪلم ڪلا هٿيار تاڻي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي حاڪميت جي دعويٰ ڪندا ٿا وتن. پر اسان جا خوشفهم دانشور مزاحمت جو درس ڏيڻ بجاءِ خيالي حورن جي هنج ۾ آرام فرمائي رهيا آهن ۽ انگور جو ڇڳو وات مٿان جهلي هڪ هڪ داڻو ڪائي وڏيءَ موج ۾ اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ۾ مگن آهن ته اجا دلي دور آهي. سڀ خير آهي. ڳڻتي ۽ پريشانيءَ جي ڪا ڳالهه ناهي. هن ڪان اڳ جن سورمن سنڌ بچائڻ لاءِ جيڪا جاکوڙ ڪئي سا انهن جڪ پئي ماري اچو ته موج مستي ڪيون. عشق محبت جا داستان لکون. گل ۽ بلبل کي پيهر جياريون. سوسن ۽ سنبل کي نئين زندگي ڏيون. ساغر ۽ مينا جا گيت ڳايون. موچڙي ۾ ڳن وجهون ۽ هڪ ٻئي جو پٽڪو لاهيون. ويچاري نور عباسيءَ سچ چيو هو:

پينگ تي وئي آهي دلبر، پيو مڙئي خير آ!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاهپ سندا ڏنگ –V

ننڍا هئاسين، پاڪستان ٺهئي پنج اٺ سال ڪن ٿيا هئا. پناهگيرن جو ليڙو لٿو پيو هو هر روز ڪٽڪن جا ڪٽڪ سرحد ٽپي ماڪڙ جيان ڪاهيندا ايندا هئا. جهل پل تہ پنهنجي جاءِ تي، هٽ تہ بچ لڳي پئي هئي. وارو ڪيو ڙي وارو! سنڌ ۾ جاوا لڳا پيا آهن. هندن جي ڇڏيل ملڪيت تہ ملي ٿي. مٿان رونگ ۾ مهمان نوازي بہ ٿئي ٿي ۽ مورڳو گهران ٽپڙ ڪڍي ٿا ڏين تہ اچو مسلمان ڀائرو هيءُ منهنجو گهر گهاٽ بہ ڪٺو ٻني ٻارو بہ توهان تان گهوريو ۽ وات جو گرهہ بہ توهان تان قربان!

نوابشاهہ جو موني بازار وارو علائقو مالدار سمجهيو ويندو هو گهڻو ڪري هندو عامل اتي رهندا ها. اسان ٻارا غريب غربا غريب آباد جي حصي ۾ آيا هئا. پناهگيرن ڪي ريهبليٽيشن وارن ڪلي موڪل ڏئي ڇڏي تہ جيڪو بہ هندوءَ جو گهر خالي ڏسو ان تي قبضو ڪري ويهي رهو. ملڪيت جا آرڊر توهان کي پوءِ پيا ملندا. دير ئي ڪو نہ ٿي. سنڌي ويچارا تہ غريب آباد ۾ ئي رهيا. ڏسندي ئي ڏسندي موني بازار جا مالڪ ٻاهران آيل پناهگير ٿي پيا. بلڪ جن سنڌين جا پنهنجا ذاتي گهر يا روزگار جا دڪان موني بازار ۾ هئا، اهي بہ ڪائنڻ کسجي ويا.

ان سهڻي پاڙي ۾، مڪيہ روڊ تي، جي بنارس هوٽل سامهون هڪ وڏي چپ اچي رهي. عمر ستر سال ڪن، رنگ جو ڏونهاٽيل ڪارو قد ۾ ڊگهو، ڪڏهن سوٽ ۾ تہ ڪڏهن پاجامي ۾. شايد بيڪانيري هو يا مدراسي هو يا ڪا ٻي بلا پر اردو دان ڪو نہ هو. شام ٿيندي ئي روڊ جي پاسي ۾ ڪرسي رکي ويهي رهندو هو ۽ رستي تان لنگهندڙ ٻارن کي سڏي پاڻ وٽ گهرائي سر سان چوندو هو:

بولو باجا!

اسان کي لڳندو هو رونشو سو ساڳي ئي سُر ۾ ڪورس جي انداز ۾ چوندا هئاسين: باجا! هو وري جواب بہ سر ۾ ئي ڏيندو هو: تو ڦر تم بن گئي گواليار ڪي راجا! گڏوگڏ پنهنجي ئي اصلي زبان ۾ چوندو هو: ڪُتڪيو مُتڪيو مني چورا هو. (الائي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چا مطلب) پوءِ ڪيسي مان ڪتمنڙا ڪڍي هڪ هڪ ٻار کي ورهائي پاڻ وري ڪرسيءَ تي ويهي رهندو هو.

ٻيو ٽولو ايندو هو تہ ان کي سڏي چوندو هو: ٻولو راني؟

ساڳي ئي سُر ۾ ورندي ملندي هئس: راني!

ڪڙو تڙو جواب ڏيندو هو جائو جاڪي پيو ننڍيا پاني!

۽ پوءِ ساڳي ئي جناتي زبان ۾ چوندو هو ڪتڪيو متڪيو مٺي چورا هوا!

اهو ڪم رات جو نائين ڏهين تائين جاري رکندو هو ۽ پوءِ ڪرسي کڻي وڃي گهر پيڙو ٿيندو هو. ماڻهو چوندا هئا هندستاني فوج ۾ ڪرنل هو اتان ڪل ٿڙي ويس. هاڻي اسان کي چتو ڪرڻ آيو آهي.

مون کي اهو ڪرنل ان ڪري ياد آيو جو بلڪل اهڙي ئي جنس جو هڪ پتل شاعر اسان ۾ بہ موجود آهي بلڪل جي اجازت هجي تہ چوان تہ ان قسم جا ڪئي پتل شاعر اسان ۾ موجود آهن. جنهن دوست جو مون ذڪر ڪيو تنهن کي مصالحو ڪجهہ تيز اچي ويو آهي. هن پنهنجي دل ۾ اهو پڪو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي تہ هو شاهہ سائين کان بہ وڏي پائي جو شاعر آهي، پر فقط سندس پرم رکڻ خاطر پاڻ کي ڪانئس انچ بہ ننڍو ظاهر ڪندو آهي. سندس تازه ترين ڪلام، جنهن کي هو الهامي شاعري ٿو سڏي ۽ جنهن کي عام ماڻهو Instant شاعري چوندا آهن، سا ڪجهہ هن ريت آهي:

سريش ڪيسواڻي،

تون ايئن جيئن سنڌوءَ جو پاڻي!' (ڪتڪيو متڪيو مٺي چورا هوا!)

رينو عدناڻي،

پاڳن پري آهين،

راجن جي راڻي؟ (ڪتڪيو متڪيو مِٺي چورا هوا!)

شاعريءَ جو اهو طويل سيريل بنا ڪمرشل بريڪ جي ڏينهن رات جاري رهندو آهي، ڪوليءَ کان وٺي ٽڪيٽ چيڪر تائين ۽ پٽيوالي کان ويندي وڏي صاحب تائين، رستي ويندي اڻ واقف کان درگاهن جي متولين تائين ۽ مٺائيءَ جي دڪاندار کان بدهضميءَ جو چورن وڪڻندڙ تائين ڪو بہ ان وچڙندڙ بيماريءَ کان بچي ڪو نہ سگهيو آهي پڇندو: اوهان جو نالو؟

جواب ملندس: هيرو ٺڪر.

چوندو: اجهو هينئر جو هينئر الهامي شاعريءَ جو نزول ٿيو آهي، عرض ڪيو اٿم:

هيرا ٺڪر تون،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙو مڙس ماڻهو
جهڙو پڙهڻ لائق! (ڪتڪيو متڪيو مٺي چورا هو!)

مون جڏهن پنهنجي بورچي اربوءَ کي اها شاعري ٻڌائي ته هڪدم چيائين: سائين اهڙا سو شعر مون کان روز ونو پر منهنجي پگهار چار آنا في شعر وڌايو.

"مان" جي ڪينسر ۾ مبتلا ان شاعر جو هر جملو "مان" سان شروع ٿيندوآهي ۽ ختم به "مان" تي ئي ٿيندو آهي. شل نه ڪا محفل ڏسي، بنا سڏ جي اسٽيج تي چڙهي ويندو. مائيڪ تي چاپو هڻندي ئي پهريون پنهنجن ٽيهن ڪتابن جو ذڪر ڪندو. پوءِ شاهه سائينءَ سان پنهنجي ڀيٽ ڪندو. ان کان پوءِ پنهنجي تيرهن ٻارن جي باري ۾ معلومات ڏيندو ۽ اهو چوڻ به نه وساريندو ته اهي سڀ ٻار ڪيس هڪ ئي زال (فلاڻي) مان آهن. ماڻهن جي ٿهڪن کي هو پنهنجي تعريف سمجهي ويتر ٻتال تي ويندو ۽ داڦ مٿان داڦ ڪندو ويندو. ڪڏهن ڳائڻن کي پنهنجو ڪلام ڳائڻ لاءِ ايلاز ڪندو. ڪڏهن جهمر هڻندو ۽ ڪڏهن ڏهين روپئين جي نوٽ کي گهوري گهوري اڌ مٺو ڪري پوءِ فنڪار کي هٿ ۾ ائين پڪڙائيندو چڻ پارت ڪندو هجيس ته ٻيلي هيءُ نوٽ ڪپائي نه ڇڏجانءِ، سنڀالي رکجانءِ! تنهنجا پوٽا اڄ کان هڪ صدي پوءِ اهو ئي نوٽ ماڻهن کي وڏي فخر سان ڏيکاريندا ۽ چوندا ته اسان جي ڏاڏي يا پڙ ڏاڏي مرحوم کي هي انمول تحفو سنڌ جي سدا حيات شاعر چرئي ڏاتوري ڏنو هو.

جن مست جا رنگ اکين سان ڏٺا آهن سي ساک تي شاهدي ڏيندا ته پتل سائين ڪيئن نه پنهنجي هڪ نقاطي ايجنڊا تي هميشه ڪاربند رهيو آهي. موقعو مهل ڪهڙي به هجي هو پنهنجو گهاري پيل رڪارڊ وڄائيندو رهندو. ان وچ ۾ جي ڪو اوچتو پريس وارو هٿ چڙهي ويو يا ٽي وي چينل واري کي ڪٿيءَ ڪنيو ته پوءِ اسان واري يار جا ٽونا ڏسڻ وٽان هوندا. جان جي بازي لڳائي به وڃي ڪئميرا تائين پهچندو ۽ پوءِ رڪارڊ وري نئين سر وڃڻ شروع ٿي ويندو.

اسان وٽ اهڙن ڪلاڪارن جي ڪوٽ ٻنهه ڪونهي، هر ڪو پنهنجي واڪاڻ جي ڪئسٽ ساڻ ڪنيو پيو گهمي، شاعر هجي، افسانه نگار هجي، ڊراما نويس هجي، نقاد هجي، قبرون کوٽڻ وارو محقق هجي يا الله پناهه ڏئي، ڪنهن اخبار يا رسالي جو ايڊيٽر هجي، خود ثنائيءَ جي بيماري وڏي ڪنگهه وانگر پاڻ سان گڏ کنيون پيا گهمندا. شل نه وري سرهاريءَ کان ٻڇيريءَ تائين ڪو سفر ڪرڻ جو موقعو ملين! الله جي ڏني مان اهي ڪوڙ ٻدوڙ دليئون ٺاهي هڻندا جو پڙهندڙن کي پيو شرم ايندو پر مجال آ جو سنڌن ڪاپي اک به لڇي ٿئي. اهي سفرناما اڪثر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مڪرناما" ٿي هوندا آهن. جن ۾ اٽڪل پنج هزار دفعا "مان" جو لفظ استعمال ٿيل هوندو آهي ۽ هر "مان" کان پوءِ هڪ عدد من گهڙت واقعو پنهنجي عظمت جي ثبوت طور بيان ڪيل هوندو آهي ۽ پنهنجي بي مثال ڪوڙي ڪارنامي سان گڏ ڪنهن نہ ڪنهن همدرد يا ساٿيءَ جي گلا يا گهٽتائي پڻ فرض سمجهي ڪئي ويندي آهي. اهڙا "مڪرناما" اڄڪلهہ مارڪيٽ ۾ گردش ڪندا رهيا آهن. ليکڪن جي ان مان تسڪين نٿي ٿئي تہ انهن کي قسطوار اخبارن ۾ ڇپائڻ جا جتن ٿا ڪن. اتان بہ آسيس نٿي ملين تہ پوءِ چار ڏوڪڙ گهران خرچ ڪري پنهنجو پاڻ سان شام ملهائي دل جي باهہ دل کولي ڪڍن ٿا. اڄهو ڪالهہ ٿي دهليءَ مان لڇمڻ ڪومل فون ڪري اهڙي ئي هڪ ڪتاب جو ذڪر ڪيو ۽ سندس ئي لفظن ۾ ان "ڪوڙ جي انبار" تي سخت ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو. هن سنڌ جي هڪ ٻيءَ لباڙي هستيءَ تي بہ خوب چوهہ چنڊيا جن ساڻس منسوب ڪيل ڪي اٽوٽندڙ ڳالهيون لکي پنهنجي ليکي وڏي ڪيپ ڪٽي هئي. جيڪڏهن ڪو جواب ۾ سندن ئي بدتميزي جا ڪارناما لکڻ ويهي تہ پاڻ کي سنڌي ادب جا اهم ٿنڀا سڏائيندڙ اهي وات ڦاٽوڙا شترمرغ منهن لڪائڻ لاءِ واريءَ جا دڙا ڳوليندا وتن.

جڏهن موجوده سنڌي ادب تي ڇانيل ماٺار جا پيا سبب ڳوليا پيا وڃن، تڏهن سڀ کان وڏي سچائيءَ کي نظرانداز ڪرڻ ناداني ٿيندي. حقيقت اها آهي تہ ادب ۾ جمود جو ڪارڻ اهي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ايترا ۽ بليڪ ميلر آهن، جن ادب کي ڄٽپائيءَ جي حد تائين ادبي جاگير سمجهي يرغمال بڻائي رکيو آهي ۽ فضيلت وارن ماڻهن تي لک الزام ڏري، کين بدنام ڪري پاسيرو ٿيڻ تي مجبور ڪيو آهي ۽ لکڻ تان ارواح ڪٽايو آهي. سنڌي ادب ۽ اديبن جي هلندڙ ڏاڙهي پٽ تي ڪو بہ سنجيده اديب يا ادب سان دلچسپي رکندڙ عام شهري ڪنهن بہ ريت دلي طور خوش ناهي. تازو سنڌي ادب جي مشهور ڪهاڻيڪار ڊراما نويس ۽ سنڌ الاجي جي ڊائريڪٽر شوڪت شوري صاحب پنهنجي هڪ مضمون ۾ ان صورتحال تي سخت ڏک جو اظهار ڪيو آهي ۽ اديب سڏائڻ تي پنهنجي شرمندگيءَ جو اظهار ڪيو آهي. منهنجي خيال ۾ وقت اچي ويو آهي تہ سنڌي ادب جا سمورا سڄڻ ڪليل لفظن ۾ انهن ڪارين رڍن ۽ ڪنين مڇين جي نندا ڪن ۽ سندن ڪڏن ڪارنامن کي ايترو واڪو ڪن جو کين ٻيهر ڪنڌ کڻڻ جو موقعو نہ ملي. ٿي سگهي ٿو تہ ائين ڪرڻ سان اسان انهن ڪوڙن ۽ مڪريل اديبن مان جند ڇڏائي هڪ دفعو ٻيهر پنهنجي ادب کي قومي ڪارج سان سلهاڙي سگهون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاهپ سندا ڏنگ _VI

”مان“ جي موذي مرض چڱن ڀلن قابل ماڻهن کي ڏاهي وڏو آهي، منهنجي ذاتي راءِ آهي ته جيڪڏهن اهي صاحب پنهنجو دهل پاڻ نه وڄائن ۽ فيصلو پڙهندڙن ۽ مستقبل جي تاريخ تي ڇڏي ڏين ته جيڪر پنهنجي شخصيت ۽ محنت کي ايڏو هاڃو نه رسائين افسوس رڳو اهو آهي ته منهنجي صبر توڙي اعتماد جي ڪري، يا وري موجوده دور جي اڌ اکري نقادن جا هيٺا حال ڏسي کين اهو وهم ويڙهي ٿو وڃي ته جيڪڏهن اسان پاڻ همت نه ڪئي ته شايد اسان جو به اهو حال ٿئي جيڪو ماضي توڙي حال جي انهن لائق، محنتي ۽ گهڻ ڪنڌائتن ليکڪن جو ٿيو جن لکيو به سٺو ۽ گهڻو پر ڪنڌائتي سبب ۽ مداحن جي ٽولي نه هئڻ ڪارڻ زماني کين بلڪل وساري ڇڏيو آهي. بردي سنڌي ۽ نور عباسي جا مثال منهنجي سامهون آهن، پنهنجي پنهنجي ميدان ۾ انهن ٻنهي جو ڪو ثاني ناهي. بردو سنڌي گيتن جو بادشاهه هو موسيقي، رواني توڙي ڊڪشن ۾ هو اياز کان به گهڻو گهڻو مٿي هو. اشراف، شرميلو ۽ گهٽ ڳالهائڻو ماڻهو هو ان ڪري پاڻ ڪو نه پڌايائين نتيجو اهو نڪتو آهي جو سنڌي ادب جي هن شاعر جو ذڪر ڪٿي ڪٿي ڪو ورلي ملندو پر ان جي برعڪس ”ڳاڙهو جوڙو پاتل هوندو“ ٽائيپ جا ڪيئي شاعر پيچ تيلي ٿيو جهمر هڻندا وتن. ساڳي طرح نور عباسي پنهنجي فن ۾ يڪتا هو.هو بهترين ڪهاڻيڪار هو مزاحيه شاعر هو طنزيه ڪالم نگار هو سچي چمار شادي ڪو نه ڪيائين. غريب ۽ بي پهچ هو. آٽيندو هو ۽ چاڙهيندو هو. ان ڪري سندس نالو ڪنهن وٽي تي به ڪو نه لکيو سچ پڇو ته اڄ جا ڪالم نگاري ۾ تمام وڏا نالا به نور عباسيءَ جي آڏو پاڻي ڀرن. هن جي طنز ۾ جيڪا نشتر هئي، اها ڪيس پنهنجي ماحول جي محرومين منجهان ملي هئي. ايئرڪنڊيشن جي ٿڌڪار ۾ ويهي لکڻ وارا نور عباسي جي اندر ۾ اوتيل بي وسي جي زهر جي ڪڙاڻ ڪٿان پيدا ڪري سگهندا.

مون ته هي به مثال فقط ان ڪري ڏنا آهن، جو انهن ٻنهي شخصن سان گڏجي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حياتي جو ڪجھ حصو گهاريو هوم. ڪين ذاتي طور سڃاڻان. سنڌن دردن جي ڇاڻ اڻم. اهڙا پيا بہ ڪيترائي اڻ ڇاتا، اڻ ڳڻيا ڪاهوڙيي سنڌي ادب کي گهڻو ڪجھ ڏئي يا تہ دنيا تياڳي هليا ويا يا ڪنهن اونداهي ڪنڊ ۾ گمناميءَ جون گهڙيون گهاري رهيا آهن. انهن ويچارن تہ ڪڏهن بہ ڇير پڏي پنهنجي عظمت جو ناچ نہ ڪيو آهي، انهن تہ ڪڏهن شڪايت بہ زبان تي نہ آندي آهي. ڇا انهن جي محنت ۽ مزوري چند ڇڇورن. ڇڙوا ڳ ۾ وات وائکن جي "مان" واري لڙ ۾ لڙهي ويندي؟

هي ڪهڙا ماڻهو آهن جيڪي ڪنهن جي موت کي بہ پنهنجي پبلسٽيءَ جو ذريعو ٿا بڻائين؟ سنڌن تعزيتي ڪالم ڪجھ هن ريت شروع ٿيندو آهي، مرحوم فلاڻو هڪ عظيم ليکڪ ۽ دانشور هو. منهنجي فلاڻي سن ۾ ساڻس پهرين ملاقات ٿي، تڏهن وڏي سڪ مان پاڪر پائي ڇيو هٿائين تہ پتل تو جهڙي لاثاني شاعر سان ملاقات ڪرڻ منهنجي لاءِ وڏي فخر جي ڳالھ آهي. تون سنڌي ادب جو روشن ستارو آهين. ادبي لڏي جو واڳ ڏڻي آهين! تنهنجو فلاڻو ڪلام پڏي منهنجا نيڻ ٽمي پوندا آهن، دل جهري پوندي آهي. اندر اڌ ٿي ويندو آهي. ان ملاقات کان پوءِ اسان اڪثر ملندا رهياسين. منهنجي صحبت مان مرحوم گهڻو ڪجھ پرايو سنڌس همت افزائي سبب مون ٽيھ ڪتاب لکي پورا ڪيا ۽ هر ڪتاب تي ايوارڊ حاصل ڪيم. منهنجا گيت فلاڻن فلاڻن فنڪارن بہ ڳايا ۽ انهن گيتن جي ڪري انهن کي بہ فلاڻا فلاڻا ايوارڊ مليا. تازو مون کي فلاڻي ادبي سنگت سونو تاج پارايو. ان کان اڳ فلاڻي بزم مون کي بوسڪي جو پٽڪو پڌايو هو. ان کان اڳ ڏاڙيل ڪاري ماڇي جي ٽولي مون کي راڄو واڇن جا تيرهن سيٽ سوکڙي طور ڏنا هٿا جيڪي مون پنهنجن پٽن ۽ ڏيئرن ۾ ورهائي ڇڏيا. توهان کي تہ خبر آهي تہ حجام ۽ ڌوبي مون کان پئسا ڪو نہ وٺندا آهن. منهنجا پرستار مون کي هوٽل ۾ رهڻ ڪونہ ڏيندا آهن، زوري گهر وٺي ويندا آهن ۽ اتي سمهاري پيا گد گد ٿيندا آهن ۽ ڏٽي در شڪرانا بجا آڻيندا آهن تہ اسان جي محبوب جا نہ رڳو درشن ٿيا پر هن اسان جي اڱڻ تي پير پڻ گهمايا.

الطاف شيخ لڳ ڀڳ ستر سفرناما لکيا آهن، هو سنڌيءَ سان گڏ اردو اخبارن ۾ پڻ لڳاتار لکندو رهندو آهي. هر عمر ۽ هر پيڙهي جا ماڻهو سنڌس سفرنامن جا شيدائي آهن. مون کي اهڙو ماڻهو نہ سمجهي جنهن سنڌس ڪتاب نہ پڙهيا هجن ۽ سنڌس لکڻين جي تعريف نہ ڪئي هجي. ايتري ساري شهرت ۽ عوامي محبت جي باوجود الطاف بي حد شرميلو انسان آهي. هن ڪڏهن بہ پلجي پنهنجي تعريف تہ پري رهي، پنهنجي ادبي پورهئي جو ذڪر ڪرڻ مناسب نہ سمجهيو آهي. اسان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان جيڪڏهن ڪو سندس واکاڻ ڪندو ته لڄ کان ڳاڙهو ٿي ويندو. موضوع بدلائڻ جي ڪوشش ڪندو. ان مان به ڪم نه هلندس ته ڪنڌ هيٺ ڪري پيو مسڪرائيندو ۽ ”ها-ها“ ڪندو. الطاف جا ستر ئي سفرناما پڙهي ڏسو ڪنهن هڪ ۾ به هن ”هيرو“ ٿيڻ جي ڪوشش ڪو نه ڪئي آهي. ڪٿي به هن ڪنهن کي ننديو ناهي. ڪنهن به جاءِ تي ڪا هلڪڙي يا اڻ وڻندڙ ڳالهه ڪو نه ڪئي آهي. هو سفرناما پنهنجي معتبري ڏيکارڻ لاءِ ڪونه لکندو آهي. تفريح سان گڏ انوکي معلومات ڏيڻ لاءِ لکندو آهي. جيڪي ڏسندو آهي، اهو ئي پڌائيندو آهي. پنهنجو تعريفي مضمون شايع ڪرائڻ لاءِ ڪو نه لکندو آهي. مون کي خبر آهي ته الطاف جا چاهيندڙ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ عام جام ڦهليا پيا آهن. جڏهن به پرڏيهه ۾ ڪنهن ادبي ذوق رکندڙ سنڌي سان ملاقات ٿيندي آهي ته هو الطاف بابت ضرور پڇندو آهي. ڪيترا نوجوان اڪثر فون ڪري يا روبرو الطاف سان ملڻ جي خواهش ڏيکاريندا آهن پر ايتري مقبوليت به هن پياري ماڻهوءَ جي متي تي ڪڏهن به سوار نه ٿي آهي. مون سندس واتان ڪڏهن به ڪنهن جي گلا نه ٻڌي آهي. مورڳو ڏٺل وائٺل نڱن جي پيو پرده پوشي ڪندو ۽ سندن بچاءَ ۾ معصوم دليل ڏيندو.

اهو ساڳيو حال سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ پنجاهه سالن کان لڳاتار ۽ دلين کي ڇهندڙ ڪهاڻيون، ڊراما ۽ ڪالم لکندڙ امرجليل جو آهي. جيتري گهڻي محبت ملندي اٽس اوترو وڌيڪ نماڻو ٿيندو آهي. روئي پوندو آهي، هٿ ٻڌي ماٺ ڪري ويهي رهندو آهي. هن شخص گذريل اڌي صديءَ ۾ ڪيترو نه پيار ميڙيو آهي! عزت ۽ عظمت نهنائي ۾ ملندي آهي، وات هڻڻ ۽ بغليون وڄائڻ سان ڪو نه ملندي آهي. جليل جي طبيعت ۾ ئي ناهي ته هو پنهنجي لکڻين تي پاڻ ڳالهائي. هو ته پنهنجن انهن همعصرن جي باري ۾ به هميشه چڱو ئي ڳالهائيندو آهي جن ساڻس سٺا پير نه ڀريا آهن. انهن جي به نندا ڪرڻ سندس وڙ نه آهي. ڪيترن کي ته هريڙ تي ليپي ته پاڻ کي پساري ٿو ڪوٺي. ڪهاڻيءَ جي فن ۾ جليل جو ڪو هن وقت تائين ڪو ثاني ڪونهي، پوءِ به ”مان“ هن جي پر مان نه گذري آهي. سچ چوندا آهن ته سڪٽي ڪني گهڻو ايامندي آهي. ورندو ڪجهه ڪونهي. ڪي بي خبر ماڻهو ڪجهه عرصي لاءِ ته متاثر ڪري سگهجن ٿا پر سڀني ماڻهن کي هميشه لاءِ بيوقوف بنائڻ ممڪن ناهي.

شمشير الحيدري اسان سڀني جو پيارو ۽ گهڻ رخو ليکڪ آهي. علمي ۽ عملي طور شمشير پاڻ کي مشغول رکيو آهي. صحافت کان وٺندي تنظيم سازي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين ۽ شاعري کان وني جلسن جلوسن جي اڳواڻي تائين شمشير اڄ بہ اوترو ئي پرجوش آهي، جيترو اڄ کان پنجاهہ سال اڳ هو. هن جي هر محفل ۾ دل ۽ جان سان آجيان ٿيندي آهي ۽ پڙهيو لکيو شخص سندس ويجهڙائي کي پنهنجي لاءِ عزت جي ڳالهہ سمجهندو آهي. ايڏي وڏي جدوجهد جي زندگي گذارڻ کان پوءِ بہ شمشير پنهنجي زبان سان نہ ڪڏهن هڪ لفظ بہ پنهنجي واکاڻ جو ڪڍيو آهي ۽ نہ وري ڪنهن جي خلاف ڪجهہ ڳالهايو. مست ماڻهو آهي. جنهن سندس ڪارڪردگي کي ساراهيو تنهنجو بہ ڀلو ۽ جنهن نہ ساراهيو تنهن جو بہ ڀلو جونيئر سينيئر جي جهڳڙي ۾ ڪڏهن بہ ڪو نہ پيو. ننڍن سان ننڍو وڏن سان وڏو هر دم حاضر، هر حڪم ۾ سڀ کان اڳرو. اهڙا ٻيا بہ ڪئي مثال آهن پر مان هت انعام شيخ جو ذڪر ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان. انعام نوجوان ليکڪ بہ آهي، تعليمي ماهر پڻ آهي ۽ سنڌي سماج جي مختلف رخن تي گهري دانشورانہ نظر پڻ رکي ٿو. سندس ڪالم ان دليل جو کليل ثبوت آهن تہ هن جي سوچ موجوده سنڌي سماجي ڍانچي ۽ اسان جي بي عملي واري ڏکوئيندڙ صورتحال کان ڪنهن بہ ريت مطمئن ناهي. هو چاهي ٿو تہ سنڌي گهر جا ڪڪڙ ماري موالين جيان رلي ويڙهي سمهي نہ رهن بلڪہ هر اهو ڪم ڪن جنهن سان سنڌ ناماچاري دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهلجي ۽ سنڌ پهچ علم ادب ۽ شعر و شاعري جي دائري کان اڳتي وڏي عالمي سطح جي عالمي قدرن کي ڇهي سگهي. سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري هئڻ جي دوران انعام حيرت انگيز طور تي پنهنجي انتظامي لياقتن کي ڪم آڻيندي بورڊ جي ٻڏل ٻيڙي کي نہ صرف تاريو بلڪہ ان کي پنهنجن پيرن تي مستحڪم ڪري بيهارڻ لاءِ هڪ ڏکي رٿابندي پڻ ڪئي. افسوس جو سندس مدو پورو ٿي ويو ۽ نون ايندڙ دوستن شايد ان پاليسي کي اڳتي وڌائڻ مناسب نہ سمجهيو يا وري سرڪاري رڪاوٽون سامهون آيون. بهرحال انعام شيخ جو پورو اڌورو رهجي ويو. اسان ۾ ڪنهن جي بہ چڱي ڪم جي ميڄتا جو رواج ڪونهي، ان ڪري انعام شيخ وقت بوقت پنهنجي ڪارڪردگي جا تفصيل پڌرا ڪندو رهيو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاهپ سندا ڏنگ – VII

جيڪڏهن ڪو ماڻهو ساراهه جوڳو ڪم ڪري ٿو ته موٽ ۾ به لفظ جس جا پڌڻ به هن جو حق آهي. منهنجوءِ اسان مان گهڻن جو استاد ايڇ ايم خوجا صاحب اڪثر چوندو هو ته مون تعليمي خدمت ڪئي آهي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي پوءِ جيڪڏهن ان حوالي سان ڪو منهنجي تعريف ڪري ٿو ته مان خوش ڇو نه ٿيان؟

سنڌي ادبي بورڊ جا لاهه نڪري ويا هئا. جيڪا مون کي معلومات آهي، ان موجب ضرورت کان ڏهوڻا وڌيڪ سفارشي ۽ مٺ مائٺ بورڊ ۾ ملازم طور وهاريا ويا هئا. ڪم ڪار ڪو نه هو ان ڪري مختلف ماڻهن جي گهرن تي نوڪريون ڏيندا هئا. حاضريون پرائيندا هئا ۽ پگهارون کڻندا هئا. اهو پڌايو ويو آهي ته انهن مان ڪيترا ته گهر ويٺي پگهار کڻندا هئا. واندو ماڻهو شيطان جو گهر. سو ادبي بورڊ جي واندي لوڙ به سازشن جا چار ويٺي اٽندي هئي. ان وچ ۾ ڪي ڪمپيوٽر گم ٿيا، ڪي ايئرڪنڊيشنز چوري ٿي ويا. ڪي مشينون هيٺ مٿي ٿي ويون. ڇپيل ڪتابن جي مارڪيٽنگ ڪير ڪري؟ ويا ڍير ٿي سڙندا سڪندا. آمدنيءَ جو ڪو ٻيو ذريعو ڪو نه ليي. مورڳو تلڪ چاڙهي واري آفيس اٿي ٿي چٽي، بورڊ جا ميمبر رسمي ميٽنگون سڏائي، ڊاڙا ڊشا وني، ٽي اي ڊي اي چڙائي وڃي گهر پيڙا ٿيندا هئا. نڏٽڪا گهوڙا غيباٽا هسوار گاڏي ڪنهنجي هٿ ۾، گيسٽ هائوس ڪنهن جي حوالي، ٽيليفون وري ڪنهن ٽئين جي ملڪيت. اهڙين حالتن ۾ ڪوهه به ڪٽيو وڃن هي ته ويچارو يتيم. نتڏٽڪو ۽ بي واهه بورڊ هو سو به وري سنڌي ادبي بورڊ. جنهن جو نه ڪو اوهي نه واهي، نه والي نه وارث. تماهي مهراڻ چارئي مهينا اينگهي يارنهن ٿي ويا. ويچاريون اديون ته وڃي رلهي ويڙهي سمهي رهيون. جڏهن وڏن جو اهو حال هوندو ته پوءِ ٻارن جي گل ڦل مان ڪهڙي چڱائي ٿي هوندي؟

ان موقعي تي انعام شيخ کي يونيورسٽي مان ڊيپوٽيشن تي بورڊ جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. ايمانداريءَ جي ڳالهه اها آهي ته مان ان تقرري تي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوش ڪو نہ ٿيس. انعام کي مون سندس ڪالمن وسيلي پڙهيو هو. سندس تقريرون ٻڌيون هئم ۽ ان جي محفلن ۾ سندس ٽوڪ ۽ طنز پريا. رمارڪ ٻڌا هئم. ان ڪري هن جي متعلق مون کي ڪو سٺو تاثر ڪو نہ هو. شروع ۾ جڏهن آغا سليم سندس صلاحيتن جي واکاڻ ڪئي تڏهن بہ مون ان کي آغا جي روايتي درياهہ دلي سمجهي نظر انداز ڪري ڇڏيو. يڪدم پوءِ بورڊ جي چيئرمين شپ تي قڏو تي پيو هڪ ٽرانسپورٽر وزير زوريءَ چيئرمين جي ڪرسي والاري ويهي رهيو. سڄي سنڌ جا دانشور سراپا احتجاج بڻجي کڙا ٿيا. انعام ان معاملي ۾ بہ وزير جو ساٿ ڏنو اها ويتر ڏکوئيندڙ ڳالهہ ثابت ٿي، ڪن مسلسل حالت جنگ ۾ رهندڙ جذباتي، هيجاني اديبن بہ وڃي چيئرمين صاحب جي هٿ تي بعيت ڪئي. ان ويتر رنج پهچايو.

پر ان سموري دکدائڪ ماحول ۾ انعام شيخ خاموشي، برجستگي ۽ سنجيدگيءَ سان هڪ تمام سهڻي منصوبي تحت پنهنجي انتظامي قابليت جا جوهر ڏيکاريندي، نہ رڳو بورڊ کي ڏيڻ کان ڏکي ٻاهر ڪيڻ ۾ ڪامياب ٿيو بلڪ سرڪار نامدار ۽ عالمي ادارن کان پڻ گرانٽ مقرر ڪرائي بورڊ کي پنهنجن پيرن تي بيهڻ لائق ڪيائين. ڪتابن جي نئين سر ڇپائي شروع ٿي. رسالا ريگيولر ٿيا. اسٽاف کي مناسب سائيز تي آڻي فالتو اسٽاف کي ٻين کاتن ۾ کپايو ويو. اهي ڪي معمولي ڪم ناهن، هماليا جبل جهاڳڻ جي برابر آهن. بهرحال، هاڻي هو صاحب پنهنجي اصلي کاتي ۾ موٽي ويو آهي. بورڊ ٻيهر ڏولاون ۾ آهي. رب تعاليٰ سندس نگهبان ٿيندو باقي هيڻيءَ جو حال نظر نٿو اچي. بورڊ کي وري بہ ڪنهن انعام جي ضرورت آهي، جيڪو ننڊ آرام ڦٽائي، سخت پورهيو ڪري،ايمانداريءَ سان هن ٻڏل ٻيڙي کي پار لڳائي.

ساڳيءَ طرح پنهنجي ڪم سان ديوانگيءَ جي حد تائين پيار ڪندڙن ۾ مون پنهنجي دوست ظفر ڪاظميءَ کي ڏٺو. الانا صاحب پڻ لينگويج اٿارٽي کي صحيح دڳ تي لاتو. شوڪت شوري سنڌ الاجي کي زندهہ شاهڪار بڻايو حميد آخوند ڪلچر ڊپارٽمينٽ کي متحرڪ ڪيو. مظهر صديقي سنڌ يونيورسٽيءَ کي تعليمي، ثقافتي ۽ ادبي روين سان روشناس ڪرائي سنڌين جو مان مٿاهون ڪيو. حقدار کي حق ملڻ کپي، چڱي ڪم جو بدلو پيو نٿا ڏئي سگهون تہ گهٽ ۾ گهٽ واهہ واهہ تہ ڪيون. تاريخ پاڻهي انهن عظيم انسانن کي پنهنجن پنن ۾ جاءِ ڏيندي جن خاموشيءَ سان پنهنجي فرض کان اوچو ٿي قومن جو قرض چڪايو باقي رهيا دهلاري، سي پنهنجي ساراهہ جا دس هٽي هٽي نيٺ ساٽا تي ڪري پوندا. ورندو

ڪجھ بہ ڪو نہ.

منهنجي گذريل ڪالمن ۾ پنهنجي شڪل صورت ڏسي ڪي گراٽ منڙيا ڏاڍا ڏمريا آهن. طرح طرح جا افواهہ ڦهلائي ماڻهن کي بدظن ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون. ڪوڙن جا ڪوٽ اڏي اڏي اڌ مئا ٿي پيا. ڪنهن ڪنگهيں ئي ڪو نہ. هر ڪنهن کي سندن افعال ۽ اعمال ساريا پيا آهن. جيڪڏهن ڪنهن کي اجا بہ ثابتين ثبوتن جي گهرج آهي تہ اهي بہ مهيا ڪري ڏنا ويندا. قومي ڪم آهي. ان ۾ رک رکاءُ جي ڪا گنجائش نہ هئڻ گهرجي. سنڌي ادب کي ڀروپين ۽ ڏوتن کان پاڪ ڪرڻو آهي. ان ڪري منهنجي ادب جي سڄڻن کي التجا آهي تہ اهي بہ اڳتي وڌن ۽ چورن چڪارن، بشنين ۽ بليڪ ميلرن مان هميشہ جي لاءِ پنهنجي جان ڇڏائين.

هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ اهو آهي سڀ کان اهم سوال جيڪو هر سمجهو ۽ سياڻو ماڻهو هر محفل، هر محلات ۾ هڪ ٻئي کان ٿو پڇي، جواب بہ اسان کي ئي ڏيڻو پوندو ڪو آسماني مخلوق زمين تي لهي اسان ڀاران جواب ڪو نہ ڏيندي. سنڌ جا حال ساريا پيا آهن. ور ور ڪري ورجائڻ مان هڻ حاصل ڪو نہ ٿيندو جو ڪرڻو آهي سو ڀاڻ ئي ڪرڻو پوندو ۽ جلدي ڪرڻو پوندو ۽ گڏجي ڪرڻو پوندو ۽ پوري همت، طاقت ۽ قابليت سان ڪرڻو پوندو.

اديب ۽ دانشور قومن جا ذهني رهنما ۽ رهبر ٿيندا آهن. کين پنهنجو فرض نڀائڻ لاءِ ميدان ۾ نئين عزم ۽ نئين وچن سان اچڻو پوندو. جيڪو ڪجهہ هن وقت تائين ٿيو تنهن تي ڏوڙ وجهو جنهن جنهن مدائي ڪئي تنهن کي معاف ڪيو جنهن هوڙهيائي ڪئي تنهن کي نظرانداز ڪيو. پنهنجي ذات، پنهنجي نانءُ، پنهنجي مرتبي کي پاسيرو رکي فقط پنهنجي وطن ۽ وطن واسين کي نظر ۾ رکو. عشق، محبت، وصل، فراق ۽ گل و بلبل کي في الحال وساري ڇڏيو. پنهنجي ذاتي خوشي، پيڙا يا جذبن کي سمهاري ڇڏيو. اسان جو هر شعر، هر افسانو، هر ڪهاڻي، هر ناٽڪ هر ڪالم، هر خط، هر ايڊيٽوريل فقط ۽ فقط سنڌ لاءِ هئڻ گهرجي. هر لکڻي ۾ ساٽيهہ جي سار ۽ ساٽيهہ جا سور سمايل هجن. ڪل يوڳ، چرچا گهيا، فلمي اسڪينڊل، چار چار پرڻا، ٺڏيون آهون، ڄامشوري جون شامون وغيره وغيره جهڙا بيڪار موضوع ڀاڻ تي حرام ڪري ڇڏيو. فردن سان فرمائشي شامون ملهائڻ بہ بند ڪيو. ادبي ادارن ۾ اليڪشن تي راضپا ناراضپا بہ في الحال ختم ڪيو. ڪير ڪرسيءَ تي وينو ڪير نہ وينو تنهن جو فڪر نہ ڪيو. قومي رضاڪار ٿي ڪم ڪيو سنجيده لکڻي ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ لکنداسين، اهڙو وچن ڪيو. لکي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڪي ڇھنبڙيون پائڻ ڇڏي ڏيو ماٺ ۾ نہ ڳالھايو علامتن جي پويان نہ لڪو. وقت آيو آھي تہ ڪو کلي ڳالھائي. جا ڳالھہ ڪرڻي آھي، سا صاف صاف چئو. ائين ڪرڻ سان اڳلن کي خبر پوندي تہ ھاڻي اسان سجاڳ ٿيا آھيون. اک پٽي اٿئون، سنجيده آھيون. ويچايل حق گھرڻ لاءِ تيار ٿيا آيا آھيون.

اسان جن پنھنجن کي بہ ڄاڻ پوندي تہ ھوا جو رخ ڦريو آھي. دلبي، دلاسي يا ڏاندلي مان ڪجھہ نہ ورندو. سنڌ جا سوداگر ڪن سرلا ڪندا. ھوشيار ٿيندا، ڊڄندا، ڏڪندا. ٻيھر ڪڏو ڪم ڪرڻ کان اڳ ڏھہ دفعا سوچيندا.

نوجوان ۽ شاگرد اتساھہ حاصل ڪندا. ڪين ڳائڻ لاءِ قومي گيت ڏيو. پاڻ ارپڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ لاءِ وطن دوست ڪردار ڏيو. حوصلو وڌائڻ لاءِ حق ۽ سچ تي ٻڌل ايڊيٽوريل ۽ ڪالم ڏيو. سوچڻ، سمجھڻ ۽ عمل ڪرڻ لاءِ تحقيقي، فڪري، تاريخي، سياسي ۽ سماجي سچاين تي ٻڌل مقالا ڏيو. سنڌي ڳالھائڻ، سنڌي پڙھڻ ۽ سنڌي لکڻ جو نعرو ٻيھر زندھہ ڪيو. ڪراچي ۽ حيدرآباد جا شھر سنڌ جي دل آھن. انھن تان ھٿ نہ کڻبو. اتي ختم ٿيندڙ سنڌي تعليمي ادارن کي ٻيھر جيارڻ جا جتن ڪرڻا پوندا.

اھو سڀ ڪجھہ اسان اڳ بہ ڪري چڪا آھيون. اسان جي ماضيءَ واريون تحريڪون شاھد آھن تہ ان راھہ تان اڳ بہ ڪاميابي سان گذري چڪا آھيون. اھي گھٽ ۽ گھيڙ اسان جا اڳ بہ ڏٺل آھن. اسان ھر دور ۾ پنھنجي ٻوليءَ، پنھنجي ڌرتي، پنھنجي ورثي، پنھنجي وجود لاءِ وڙھيا آھيون. تاريخ ان جي شاھد آھي، ھڪ دفعو ٻيھر ئي سھي، سر تي آئي آھي تہ پوءِ نباھڻو بہ تہ اسان کي ئي پوندو نباھي ڄاڻون. شرط اھو آھي تہ ذاتيات کي وساري اجتماعي ڪارج کي اوليت ڏيڻي پوندي.

ڇڙواڳي ۽ بي راھہ روي ڇڏي يڪمشت ٿيڻو پوندو. ھلڪڙائي ۽ ڇسپائي ڇڏي سنجيده ٿيڻو پوندو.

اخبارن، رسالن ۽ چئلينجن کي پنھنجي ذاتي شھرت جو ذريعو بڻائڻ بجاءِ قومي امانت ميڄڻو پوندو. جيڪڏھن آھي منظور تہ پوءِ اڳتي وڌو سڀ کان پھريون ان سٽ ۾ مان پنھنجو نانءُ لکايان ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ واسين کي سجاڳي مبارڪ!

منهنجا پيارا سنڌ واسيو! توهان کي سجاڳي مبارڪ هجي. صدين جي ماٺار کان پوءِ چوڌاري ۾ طرفان جهڙي بيداري مبارڪ هجي، سالن جي سهپ بعد اوچتي اُڇل سان آيل جاڳرتا مبارڪ هجي.

هيءَ گهڙي ئي تہ هئي جنهن جا اوهان سيني سهانا سپنا ڏٺا هئا، هيءَ گهڙي ئي تہ هئي جنهن جي خاطر سنڌي نوجوانن جانين جا نذرانا پيش ڪيا هئا، هيءَ گهڙي ئي تہ هئي جنهن جي اوسيئڙي ۾ لطيف ۽ اياز جا گيت راتيون جاڳي رنا هئا. هيءَ گهڙي اسان جي جدوجهد جو انعام آهي. هيءَ گهڙي اسان جي شهيدن جي امانت آهي. هيءَ گهڙي اسان جي آئيندي جي ضمانت آهي، هيءَ گهڙي سنيالي رکجو دوستو هيءَ گهڙي املهہ آهي. بي مثال آهي، بينظير آهي ۽ ها، هن گهڙيءَ پنهنجيءَ ان بهادر پيڙهي کي نہ وساريو جنهن سنڌي روايتن جي لڄ رکندي ڪڌندي ڪنڌ ڪپايو وڙهندي جان ڏني. مرڪندي سر اڏيءَ تي رکيو فقط ان لاءِ تہ توهان جي غيرت کي ڏونڏاڙو ۽ ڏچڪو اچي! جو معجزو شاعر، صحافي، جوشيلا جوان ۽ قوم پرست اڳواڻ ورهين جي ويڙهاند کان پوءِ بہ ڏيکاري نہ سگهيا، سو ڪرشمو سنڌ جي سورمي هڪ پل ۾ ڪري گذري ستل قوم ۾ جان وجهي وئي، شاهد رهجو ان گهڙيءَ جا جنهن توهان جي قومي تقدير بدلي ڇڏي ۽ هڪ ڪاهل، هارايل ۽ بددل قوم کي نئين زندگي، نئين واٽ ۽ نئين لاٽ ڏني ۽ جيئڻ جو نئون مقصد ڏنو. اميد، آس ۽ امنگ جا نوان ڪارڻ ڏنا. ان سورميءَ کي نہ وسارجو جنهن توهان جي مايوس ۽ اونداهي زندگيءَ ۾ نئين روشن سحر آندي.

توهان اٿيا آهيو تہ سنڌ جرڪي پئي آهي، مٽل زمين اونهو ساهہ کڻي مرڪي پئي آهي، پر ياد رکو اها فقط شروعات آهي، ڪٺن منزل اڃا گهڻو پري آهي، في الحال تہ توهان فقط پنهنجي وجود جي واردات ئي محسوس ڪئي آهي ۽ پنهنجي اردگرد ڦهليل سازشي ڄارن کي اڌ ڪليل اکين سان ڏٺو آهي. اڃا تہ توهان کي آرس پيٺو آهي، ڪرَ موڙڻا آهن. اکيون کولي حالتن جو جائزو وٺڻو آهي، ڇا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇا تي گذريو ڇا ڇا تي رهيو آهي، ڇا ڇا ٿيڻ جا اهڃاڻ آهن، اهو سڀ ڪجهه توهان کي ڏسڻو ۽ پرکڻو آهي. ڇا ڇا ڪرڻو آهي، ڪيئن ڪرڻو آهي، ڪڏهن ڪرڻو آهي، ان تي گڏجي ويچار ڪرڻو آهي. ڪير پنهنجو ڪير پرائو ڪير سڄڻ ڪير دشمن، ڪير موافق، ڪير منافق، ان جو سوچي سمجهي فيصلو ڪرڻو آهي ۽ پوءِ ايندي توهان جي اصلي پريکشا، پوءِ ٿيندي توهان جي جدوجهد، پوءِ ٿيندي توهان جي اڻ ڪٽ، اڻ ٽر، اڻ ٽڪ ويڙهاند، پوءِ ٿيندا سرن جا سودا، پوءِ اٿندا دودا ۽ جوڌا ۽ پوءِ آخري فتح خاطر اوهان کي پنهنجي ئي رت سان رنگيل ريٽو جهنڊو آڪاس جي اتاهينءَ تي لهرائڻو آهي.

اڃا ته پنڌ پري آهي دوستو اڃا ته پيرن جا زنجير لاهڻا آهن. اڃا ته زبان تي لڳل تالا ٽوڙڻا آهن، اڃا ته سوچ تي بيهاريل پهرا هٽائڻا آهن، اڃا ته ماضيءَ جا زخم ڇٽائڻا آهن، اڃا ته ڪالهه جا اهڃاڻ مٽائڻا آهن، اڃا ته دلين جا فاصلا ڪٽائڻا آهن. اڃا ته پنڌ پري آهي دوستو في الحال ته ويريءَ تي پهريون وار ٿيو آهي، في الحال ته ڪانئر کي پهريون چرڪ پيو آهي، في الحال ته ظلم جي سيني تي پهريون ڏڪ لڳو آهي.

اهي سڀ . جن توهان جي شرافت، سادگي ۽ امن پسنديءَ کي توهان جي هيڻائي سمجهيو هو.

اهي سڀ، جن توهان جي اڻوجهائي، لاپرواهي ۽ لاتعلقي کي توهان جي ڪمزوري ڄاتو هو

اهي سڀ، جن توهان جي اخلاص، اخلاق ۽ مهمان نوازيءَ کي توهان جي جهالت سمجهيو هو.

اهي سڀ، جن توهان جي تاريخ، ثقافت ۽ روايت کي ڪوڙ بدوڙ ۽ پٽاڪ سمجهيو هو.

اهي سڀ، جن توهان جي سورمن، بهادرن ۽ جوڌن تي ٺٺولون ڪيون هيون،

۽ اهي سڀ، جن ياپي ۽ برابريءَ جو ڍونگ رچائي توهان جي حقن تي ڌاڙا هنيا هئا.

اڄ اهي سڀ توهان جو ڏمر ۽ قهر ڏسي ڏڪي ويا آهن، هنن جا ٽهڪ بي آواز ٿي ويا آهن ۽ سندن منهن جي مرڪ رجي ۽ روڄجي وئي آهي.

مڪر ڪندا، ڇُهڪندا، چرب زباني ڪندا، پر توهان کي خبردار رهڻو آهي،

ڪرڪندا، ڪنجهندا، دڙڪا ۽ دهمان ڏيندا، پر توهان کي اٽل رهڻو آهي.

وڙهندا، جهڙندا، رڻ ڀاري ڏيندا، پر توهان کي اڏول رهڻو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي لفظ ڇپارڻا ناهن، منهن. ڪنٽرائي ڊيڪارٽي ناهي، نياز نوڙت جا ڏينهن ويا، ڪرو سچ ڳالهائڻو آهي، کھرو سچ چوڻو آهي، لحاظ ۽ مروت ۾ مار کاڌي اٿئون، زهر جو ڍڪ پيري، جا دل ۾ آهي منهن تي ڦهڪائي ڏيڻي آهي. سوديباز چالاڪ ۽ ڪمر ڪيڙائو رهبرن، رهنمائن، سياستدان، وڏيرن، پيرن ۽ ميرن کي پل تہ ٻڌائي ڇڏيو تہ اسان هاڻي اهي ناهيون رهيا، جيڪي اڳ هئاسين، اسان جي حقن جا سودا نہ ملڪ، نہ ملت، نہ مذهب ۽ نہ قومي يڪجهتيءَ جي نالي ۾ ٿيندا. اسان کي هاڻي ڪو بہ سودو قبول ناهي، اسان کي پنهنجو حصو ذري پرزي گهرجي. اسان کي پنهنجا حق پورا ۽ سمورا گهرجن.

سنڌ جي زمين سنڌين جي آهي ۽ هن زمين جا دک ۽ سک بہ اسان جا پنهنجا آهن. جنهن کي انهن شرطن تي اسان سان رهڻو آهي اهي اسان جا پائر آهن، پر جن کي من ۾ مدي آهي سي مهاجر ٿي پنهنجي لاءِ ڪو ٻيو انتظام ڪن. هتي اسان جي زبان هلندي، اسان جي ثقافت هلندي، اسان جو ريتون، رسمون، رواج ۽ روايتون هلنديون، پاجامو پلي پايو، پڳڙي پلي ٻڌو، نسوار پلي ڏيو، گوڏ پلي ٻڌو، پاڻ ۾ پنهنجي ٻولي پلي ڳالهايو، پر اسان جي شهرن کي نہ دهلي بڻايو نہ آگرو نہ ڪابل، نہ قنڌار نہ لالا موسيٰ ۽ نہ وري سماسٽا.

هتان جي روزگار، تعليم، صحت ۽ مڪاني ادارن تي اسان جو حق آهي، هتان جا ڏوميسائل فقط اسان کي ٿي ملندا. هتان جي ڪوٽا جا حقدار بہ اسان ٿي آهيون، اسان کي ڪنهن بہ ٻوليءَ، ڪنهن بہ ٽوليءَ، ڪنهن بہ ڪلچر، ڪنهن بہ ادب سان تعصب ناهي. اسان بي تعصب، کليءَ دل ۽ کلئي دماغ وارا صوفي ماڻهو آهيون. وڙهڻ ۽ سازشون سٽڻ اسان جو وڙ ناهي، اڳ اڱرائي بہ اسان جي سرشت ۾ شامل ناهي، پر هاڻي جيڪڏهن ڪنهن جي من ۾ ميرُ ڏٺوسين تہ پوءِ ان لاءِ نہ اسان جي جيءَ ۾ جاءِ رهندي نہ جوءِ ۾.

دنيا اسان کي پيپلزپارٽيءَ سان سلهاڙي ٿي، هجون نہ هجون، جي ڪو ائين ٿي سمجهي ٿو تہ پوءِ ائين ٿي سمجهي. اسان کي فخر آهي تہ جمهوريت جي ڪوڙن دعويدارن ۽ آمريت جا بوٽ چٽيندڙ ٻهروپين کان اسان مختلف آهيون، هن ملڪ جي بقاءَ ۽ بچاءَ لاءِ سڀ کان وڌيڪ شهيد بہ اسان ڏنا، سڀ کان وڌيڪ خون بہ اسان ڏنو ۽ سڀ کان وڌيڪ گهاءَ بہ اسان سٺا آهن. اسان قربانيءَ جا نوان مثال قائم ڪيا آهن. اسان جهڙو ڪو ٿي تہ ڏيکاري؟

۽ پوءِ ان ٿي حوالي سان جڏهن سنڌ ڇائي، سنڌ جي پالي ۽ سنڌ جي جيالي پارٽي اڄ ان قابل ٿي آهي جو آمريت جي ديوارن ۾ ڏار پئجي ويا آهن ۽ غاصبن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي گهرن ۾ ماتم برپا آهن ۽ ظالمن جا ڪنگرا هڪ هڪ ٿي ڪري رهيا آهن، تڏهن ان جي حفاظت ڪرڻ به اسان جي ئي ذميواري ٿيندي. بينظير جي ڏنل امانت جي پرگهور سندس ننڍا وڏا، پيپلز ۽ پائر ڪندا. اهي ئي ڪندا جن جي سيني ۾ اندر ماتم جا گهاءَ آهن. اسان ان خوني جدوجهد کي هميشہ لاءِ سنڌي قوم جي سجاڳيءَ جي علامت بڻائي ايندڙ نسلن تائين پهچائڻ جو عزم تہ ڪيون ٿا، پر ڪيس ڪنهن بہ طالع آزما جي هٿان هاءِ جيڪ ٿيڻ نہ ڏينداسين. نيلام گهر بڻجڻ نہ ڏينداسين. ڇو تہ بي بيءَ جي شهادت اسان جي قومي بيداريءَ سان مشروط آهي. امامن جي المئي تي ذڪارو ٿيڻ لاءِ نہ شيعو ٿيڻ لازم آهي ۽ نہ وري مسلمان هئڻ شرط آهي. تاريخ جي هن عظيم قربانيءَ ۽ بهادريءَ جي بي بها مثال تي هر سچاڻ ماڻهو بي اختيار دانهن ڪري اٿي ٿو ساڳيءَ طرح بينظير جي هڪ سوچيل سمجهيل گهري ۽ مڪروهہ سازش تحت ڪرايل قتل تي ڳوڙها ڳاڙڻ ۽ هنجون هارڻ واسطي پ پ جو ڪارڪن هئڻ بہ ضروري ناهي. هوءَ هر آزادي چاهيندڙ ويڙهاڪ باغيءَ جي امام تي ايري آهي ۽ سچائيءَ جي سوڀ گهرندڙ هر گيانيءَ لاءِ بهادريءَ ۽ جرئت جي علامت بڻجي اسري آهي. سندس مداح ٿيڻ لاءِ ڪنهن پارٽيءَ سان وابستہ هئڻ بہ لازم ناهي. ها، جڏهن اسان پنهنجي بيداريءَ جو ڪارڻ ڪيس سمجهون ٿا ۽ موجوده نبل ۽ نپوڙيل سنڌين جي سرير ۾ نئون ساهہ ۽ ساهس پيدا ڪندڙ ڪيس مڃون ٿا، تڏهن اهو بہ وچن ڪيون ٿا تہ سندس ٻاريل شمع کي اجهامڻ ڪو نہ ڏينداسين. سندس قربانيءَ کي رائگان وڃڻ ڪو نہ ڏينداسين. اسان سنڌي پنهنجي سموري Inspiration 27 ڊسمبر جي المناڪ شام کان وٺندا رهنداسين. اسان جي پل تہ ڪو رهنمائي نہ ڪري، اسان پنهنجا رهنما پاڻ آهيون، اسان پنهنجون راهون، پنهنجون واهون پاڻ ڳولي لڌيون آهن ۽ آئنده پڻ پنهنجي ٻانهن جي ٻل تي پنهنجو دفاع پاڻ ڪندا رهنداسين. بيشڪ پ پ جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ سيد قائم علي شاهہ کي سنڌ جو آئينده چيف منسٽر مقرر ڪيو آهي. سندن فيصلي جي پويان ضرور ڪا مصلحت هوندي پر عام ماڻهن جي اڪثريت موجوده حالتن ۾ ان فيصلي سان سهمت نٿي ڏسجي، هنن جي خيال ۾ شاهہ صاحب حد کان وڌيڪ اشراف ماڻهو آهي ۽ طبيعت جو پڻ ضرورت کان وڌيڪ نرم آهي. هو جلد ئي پيدا ٿيندڙ وڳوڙن ۽ انتظامي مسئلن کي ان سختيءَ سان منهن ڏئي ڪو نہ سگهندو جيڪا سنڌ کي گهربل آهي. هو صاحب سنڌين جا قبايل حق موٽائي وٺي ڏيڻ ۾ ڪيتري قدر موثر ٿيندو اهو پڻ هڪ اهم سوال آهي. بهرحال، جيڪڏهن فيصلو ٿي چڪو آهي تہ پوءِ اميد اها ئي رکڻ گهرجي تہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيد قائم علي شاهہ جي شرافت سان گڏوگڏ نثار کهڙي جي زور خطابت ۽ گرجدار آواز نادر مگسيءَ جي جرئت، ذوالفقار مرزا جي همت، آغا سراج درانيءَ جي بيباڪي ۽ منظور وساڻ جي ثابت قدميءَ کان پڻ ڪم ورتو ويندو ان ڪانسواءِ ڏاهن، ماهرن، صحافين، ٽي وي چينلز، اديبن ۽ دانشورن جي هڪ مضبوط ٽيم پڻ شاهہ صاحب جي مدد لاءِ تيار ڪئي ويندي، جيڪا ڪيس وقت بوقت حالتن مطابق مشورا ڏيندي رهندي، پير مظهر جهڙو هر دل عزيز ڪوآرڊينيٽر پيو ڪو نہ ملندو.

ٽي سڳهي ٿو تہ هن گذارش جي ڇپجڻ تائين ڪافي دير ٿي چڪي هجي، پر پوءِ بہ عام ماڻهن جي دل جي ڳالهہ زرداري صاحب تائين پهچائڻ ۾ ڪو حرج ناهي. سنڌ جو ٻچو ٻچو پار چاهي ٿو تہ مخدوم امين فهيم کي وزيراعظم بڻايو وڃي. ان جا ڪيترائي مضبوط ۽ مناسب سبب آهن، سياسي مصلحتون ۽ مجبوريون پنهنجي جاءِ تي، پر هيءَ عوام جو آواز آهي ۽ اهو ساڳو ئي عوام آهي، جنهن جي جدوجهد ۽ قربانيءَ سان پ پ کي اڄ ملڪي معاملن ۾ سوپاري حيثيت حاصل ٿي آهي. جيڪڏهن فيصلا ڪندڙن کي ٿوري فرصت آهي تہ هو اهو بہ ٻڌي ڇڏين تہ سنڌ جا ماڻهو اهو پڻ چاهين ٿا تہ صدر مشرف ۽ سندس حواري جماعتن سان ڪنهن بہ قسم جي ڊيل سندن وفادارين ۽ محبتن ۽ اميدن کي مايوسين ۾ بدلائي ڇڏيندي. جيڪڏهن عوام جي سر تي تاج ڏسڻ چاهيو ٿا تہ پوءِ عوام جي راءِ تي هلو ۽ هاڻي جڏهن تاج جو ذڪر ٿيو آهي تہ تڏهن ياد آيم تہ تاج حيدر جهڙو پڙهيل، ڳڙهيل، سلجهيل، سمجهو سياڻو ۽ مڪمل طور وفادار سچار ۽ وقف ٿيل بہ تہ توهان وٽ آهي ڪڏهن پلجي ئي سهي، اهڙن ڪرن ۽ Dedicated ماڻهن جو قدر بہ ڪرڻ گهرجي، اهي بہ توهان جي ميراث ۽ اساس آهن. مثل گهوڙن کي ڪيستائين ڇهبڪ هڻي اٿارڻ جي ڪوشش ڪندا رهندؤ؟.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واڪا ڪرڻ مون وس

اخبارن ۾ محترمہ سسئي پليجو وزير ثقافت سنڌ جو بيان ڇپيو آهي، جنهن ۾ هن صاحبہ سنڌي اديبن ۽ دانشورن کي سڏ ڏنو آهي تہ سنڌ جي تهذيب، تمدن ۽ ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ هو ساڻس سهڪار ڪن ۽ کيس پنهنجا مشورا ڏين تہ جيئن هوءَ صاحبہ انهن صلاحن جي روشنيءَ ۾ سنڌي ماڻهن جي وڌيڪ سهڻي نموني سان خدمت ڪري سگهي.

ان کان اڳ پريس ڪلب ۾ پياري عزيز شيخ جي ڪتاب جي مهورت جي موقعي تي تعليم واري وزير محترم پير مظهر الحق صاحب پڻ ساڳيءَ طرح هٿ ٻڌي سنڌي ليکڪن ۽ ڏاهن کي گذارش ڪئي هئي تہ هو کيس سنڌي نصابي ڪتابن جي جوڙجڪ توڙي ڇپائي وغيره لاءِ پنهنجون صلاحون ڏين تہ جيئن سنڌي شاگردن کي هڪ مثالي نصاب ڏئي سگهجي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ وڌيڪ ڪم ڪري سگهجي.

مون کي نہ سسئي پليجو جي نيت ۾ شڪ آهي ۽ نہ وري پير صاحب جي اڻ ٿڪ محنت ۽ دلي سچائيءَ ۾ ڪو شبهو آهي. اتفاق سان مان پنهنجي معمولي حيثيت آهر انهن ٻنهي مانائتين شخصيتن کان واقف آهيان ۽ دل جي گهراين سان سندن مداح پڻ آهيان. سسئي پليجو کي سندس خاندان جي نامور هستين سندس والد، والده، ناني ۽ ڀين حوالن سان تڏهن کان سڃاڻان، جڏهن پاڻ بلڪل ننڍي عمر ۾ جوشيليون تقريرون ڪندي هئي ۽ قوم توڙي پارٽيءَ لاءِ پنهنجي وت کان وڌيڪ پاڻ پتوڙيندي هئي. ساڳيءَ طرح پير مظهر صاحب پڻ پهريون صحافي پوءِ اديب ۽ پوءِ سياسي ڪارڪن جي حيثيت ۾ منهنجي سامهون رهيو ۽ پنهنجي سلڇڻي طبيعت، نرم سڀاءَ، خوش شڪلي، خوش لباسي ۽ خوش طبعي سبب منهنجو پسنديده ڪردار رهيو آهي. جڏهن مون تي نواز شريف ۽ شيخ رشيد گڏجي ڪوڙا ڪيس ڪرايا ۽ هر طرح جون تڪليفون ڏنيون، تڏهن اهو پير صاحب ئي هو جنهن اسلام آباد تائين خود هلي منهنجي مشڪل آسان ڪرڻ جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوشش ڪئي، سنڌس ٿورا لاهي ته نٽو سگهان، ڇاڪاڻ ته ضرور سگهان ٿو مون کي ذري برابر به سنڌس سچائي ۾ گمان ناهي، هو صاحب واقعي سچيءَ دل سان پنهنجي ڪاتي توڙي ان ڪاتي سان جڙيل ادارن جي طرفان سنڌي تعليم، علم ۽ ادب جي خدمت ڪرڻ گهري ٿو ۽ ان لاءِ بجا طور تي مناسب راءِ طلبڻ سنڌس ارادن جي پختگيءَ جو ڪليل ثبوت آهي.

اهو سڀ ڪجهه پنهنجي جاءِ تي درست پر عملي طور اڄ تائين ڪهڙا نتيجا سامهون آيا آهن، انهن تي ويچار ڪبو ته ڪجهه قدر نااميدي ۽ مايوسي ٿيندي، اها منهنجي پنهنجي ذاتي راءِ آهي ۽ ٿي سگهي ٿو ته اڻ ڄاڻائيءَ سبب مان غلط به هجان ۽ خدا ڪري ته مان غلط ئي هجان، اجا ته جمعو جمعو اٺ ڏينهن مس گذريا آهن ۽ ايترو جلد ڪا به راءِ قائم ڪرڻ مناسب نه ٿيندو پر خبر ناهي ڇو ڪن ذاتي تجربن ۽ واقعن جي بنياد تي مون کي ڪي ڪٽڪا ٿي پيا آهن، جن جو دور ٿيڻ تمام ضروري آهي. سسئي پليجو صاحبه جي اديبن ۽ دانشورن کي ڪيل تازي اپيل کان گهٽو اڳ مون کيس هڪ تفصيلي پيپر ڏياري موڪليو هو (بلڪ پاڻ پهچايو هو) جنهن ۾ سنڌي ثقافت، هٿ جي هنر، ٻوليءَ جي واڌ ويجهه، هنر مندن جي خوشحالي، ٽوئرزم وغيره جي باري ۾ ڪي صلاحون ڏنيون هيون ۽ انهن مشورن کي عملي طور ڪامياب بڻائڻ لاءِ مناسب معلومات پڻ فراهم ڪئي هئي، جيڪا شايد سنڌس علم ۾ نه هئي، ٿيڻ ته ائين کپي ها ته وزير صاحبه جنهن جذبي سان ڪم ڪري رهي آهي، ان ئي جذبي تحت مون کان وڌيڪ معلومات ۽ تفصيل حاصل ڪرڻ واسطي ڪو مناسب وقت ڪيڏي صلاح مشورو ڪري، ڪنهن نتيجي تي پهچي، پنهنجي ڪاتي جي معرفت ڪو عملي قدم کڻي ها پر افسوس جو وزير صاحبه ان ڊاڪيومينٽ جي پهچ ڏيڻ به مناسب نه سمجهي، مورڳو ثقافت ڪاتي جي ڪن عملدارن ته خواريءَ جو ڪارو ڪٽي سر تي کنيو آهي ته پنجاهه کن رٽائرڊ سنڌي اديب نوڪري لاءِ وتن ٿا سٺون ڏيندا ۽ پيو نه ملين ته ڪلارڪي ڪرڻ لاءِ به تيار ٿي ويندا! انهن حالتن ۾ ڪهڙو خوددار انسان اڳتي وڌي خوامخواهه پنهنجي سر تي بدناميءَ جو داغ ڪڻڻ لاءِ تيار ٿيندو؟ ها، اسان ۾ خوشامدڙين ۽ لوبين جي برابر ڪوٽ ناهي. اهي ٿوري ذاتي يلي لاءِ ڪجهه به ڪري سگهن ٿا پر مون کي يقين آهي ته غيرتمند ۽ اصولن سان سچا دانشور پنهنجي پد تان ايترو هرگز ڪو نه ڪرندا.

ساڳيءَ طرح پير مظهر الحق جي پريس ڪلب واري اپيل پڙهڻ کان پوءِ مون دلي طور محسوس ڪيو ته هن مخلص انسان جو سڏ ورنائجي ۽ پنهنجي وس آهر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس مناسب صلاحون ڏجن تہ جيئن هو صاحب ايئن محسوس نہ ڪري تہ سندس خلوص پري اپيل تي ڪنهن بہ ڌيان نہ ڏنو اهو سوچي ہہ هفتا ڪن اڳ اوچتو ئي اوچتو مان سندس رهائشگاهہ تي پهچي ويس، عرضدارن جي پيڙ ايتري هئي جو بنگلي ہر اندر تہ ڇا ٻاهر روڊ تي ويهڻ جي جاءِ بہ ڪو نہ هئي. مون ہہ اڪر پنهنجي آمد جا لکيا ۽ اهو پڻ لکيمر تہ مون کي فقط 15 منٽ خلاصا عطا ٿين تہ جيئن توهان جي حڪم موجب ڪن ضروري معاملن تي صلاح مشورو ڪري سگهجي.

اهو پرزو پير صاحب جي سيڪريٽريءَ جي حوالي ڪري مان موٽي آيس ۽ اڄ تائين اوسيئڙي ہر آهيان تہ ڪڏهن ٿو سڏ ٿئي. مون کي پڪ آهي تہ ايئن ڪو نہ ٿيندو جي ٿيو بہ ڪٿي تہ رسمر نڀائڻ لاءِ ٿيندو جو تہ چوندا آهن تہ اٿندو اها جيڪا ڪوريءَ جي من ہر هوندي، ٿيندو اهو جيڪو مالڪ خود چاهيندا، صلاحن ڏيڻ جو سڏ هڪ رسمر ٻڻجي پيو آهي، جنهن کي هر ڪو نڀائيندو پيو اچي.

ٿيڻ تہ ائين گهرجي تہ سنڌ سرڪار ۽ خاص طور علم، ادب ۽ ثقافت سان واسطو رکندڙ کاتا چند ڄاڻو ۽ چونڊ ماهرن جي هڪ صلاحڪار ڪميٽي جوڙي ڇڏين، جنهن کان موقعي جي مناسبت سان وقت بوقت مشورا ڪري سنڌي زبان،ادب توڙي تهذيب جي واڌاري لاءِ غير روايتي، همت ڀريا ۽ پريڪٽيڪل قدم کڻي سگهجن ۽ ان کان پوءِ بہ سندن نگرانيءَ ہر انهن ڪنيل قدمن جي نظرداري ڪري سگهجي. يڪطرفا ڪيل فيصلا Subjective سوچ کان وڌيڪ ڪا بہ اهميت نٿا رکن، انهن مان عوامي ميڻتا جي اميد رکڻ فضول آهي. منهنجو مقصد خوامخواهہ ڪنهن تي تنقيد ڪرڻ ناهي، پر سنڌي ادبي بورڊ جي نئين جوڙجڪ توڙي ٻين ڪن قومي ادارن ہر ٿيل ڦيرڦار تي ڪيترن ئي سنجيده اديبن ۽ ڏاهن پنهنجن تحفظات جو اظهار ڪيو آهي.

قومي ادارا نہ صرف اسان جي سڃاڻ آهن، بلڪہ اسان جي وجود ۽ بقا جا ضامن پڻ آهن، انهن جي جوڙجڪ ہر ڪنهن بہ قسمر جي مفاهمت ۽ مصلحت کان ڪمر وٺڻ ۽ قابليت ۽ لياقت کي پاسيرو رکي ڪنهن فرد، ڌر يا گروهہ جي خوشنودي حاصل ڪرڻ قومي ڏوهہ آهي، اهڙو عمل اڳتي هلي اهڙا ئي نتيجا ڏيندو جهڙا ايوب خان، يحيٰ خان، ضياءُ الحق ۽ مشرف جي آمراڻي دور ہر سنڌين کي نصيب ٿيا. اهي عبرتناڪ دور اسان پنهنجي اکين سان ڏٺا ۽ ڏک ۽ تڪليف سان برداشت ڪيا. انهن دورن ہر سنڌي ٻوليءَ جون جڙون ڪاٽڻ جا منصوبا ٺاهيا ويا ۽ سنڌي تهذيب کي مليياميٽ ڪرڻ جا جتن ڪيا ويا. اهڙو ڪهڙو حربو آهي، جيڪو سنڌين جي وجود کي نابود ڪرڻ لاءِ استعمال نہ ڪيو ويو؟ جڏهن تہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسٽيج جا مشڪرا ۽ شادين ۾ چرچا ٻڌائي ماڻهو کلائڻ وارن کي اسان جي ثقافت جو وارث ٻڌايو ويو اسان جا نمائندا فنڪار بک ۽ بيماري ۽ بيڪاريءَ وگهي حياتيءَ جا پويان پساهه کڻندا رهيا ۽ ڏارين جا فلمي ۽ قلمي جوڪر ڪنهن نه ڪنهن بهاني لکها رپين جي امداد ماڻيندا رهيا.

منهنجو پنهنجن محترم ۽ مهربان هڏ ڏوکي وزيرن، اميرن توڙي نمائندن کي عرض آهي ته خدارا، هن پيري قومي بقاءَ ۽ بچاءَ جي معاملي ۾ ظالماڻي حد تائين سنجيده ٿين، نشتر وهائڻي پوي ته به پرواهه نه ڪن، ڪو ناراض ٿئي ته ڀل پيو ٿئي، ڪاوڙ ڪري ته ڀل پيو ڪري، تعلق ٽوڙي ته ڀل پيو ٽوڙي، قومي مفاد تي سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ کان به نه ڪيٻائجي، دوستن، واقفڪارن ۽ ڪارڪنن کي ورسائڻ جا ٻيا به گهڻا ئي موقعا ۽ طريقا آهن، ڪنهن جو ٿورو لاهڻو آهي، ڪنهن تي ٿورو ڪرڻو آهي، ڪنهن تي ٿورو ٿڦڻو آهي ته ان لاءِ ٻيا رستا به موجود آهن، قومي مفادن سان هٿچراند ڪرڻ پنهنجو ۽ پنهنجي ايندڙ نسل جو آئيندو اونداهو ڪرڻ جي برابر آهي. اسان کي هيءُ آخري موقعو بينظير شهيد جي خون جي صدقي مليو آهي. گهڻو ڪجهه ته اڳ ئي وڃائي چڪا آهيون. جيڪي ڪجهه بچيو آهي، گهٽ ۾ گهٽ ان کي ته بچائي وٺون. ناڪاره، اڌ اڪري ۽ سفارشي ماڻهن جي ٽڪر پور جو بندوبست ڪٿان ٻئي هنڌان به ٿي ويندو پر قومي ادارن کي ٿيل نقصان جو پورائو اسان جون ايندڙ سؤ پيڙهيون به نه ڪري سگهنديون. مون کي اميد آهي ته منهنجي هن دردمنداڻي ۽ عاجزاڻي اپيل کي ڪو نئون رنگ ڏيڻ بجاءِ ان کي ان جي اصل روح ۾ ڏٺو ويندو ۽ دل سان مٿس عمل پڻ ڪيو ويندو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچ ٻڌي سگھندؤ؟

سچ چوڻ تہ ڏکيو ڪم آهي ئي، پر سچ ٻڌڻ کان پوءِ ان کي سهڻ وڌيڪ اوکو ڪم آهي ۽ اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ سچ چوڻ وارو ماڻهو ڪڏهن بہ مقبوليت ماڻي نہ سگهندو آهي. هر دلعزيز ٿيڻ تہ دور جي ڳالهہ. هر ڪو پيو ڪانئس ٿهندو ۽ پري ڀڄندو پر ڇا ڪجي؟ هجي ڪو پنهنجو ذاتي مامرو تہ ڪٽي ڪوڙ بدوڙ ڳالهائي جان ڇڏائجي يا مصلحت کان ڪم وٺي ڳالهہ لئي متي ڪري ڇڏجي، پر جڏهن پوري قوم جي ڳالهہ هجي ۽ اکين سان پيو ڏسجي تہ اڳيان کاهي آهي. اجهو ٿا ڪڏ ۾ ڪرون. تڏهن خبردار ڪرڻ لاءِ دانهن ڪوڪ تہ ضرور ڪبي. ڪنهن کي چرڪ پوي يا دل هول ٿئي. چڙ لڳي يا ڪاوڙ وٺي، گڦ وهي يا گگ ڳڙي، تہ بہ ڳُل جي ڪلياڻ ڪاڻ زهر جو ڍڪ پيي وڃجي. سهمون سهي وڃجن ۽ ويڻ واري ڇڏجن. مان تہ هاڻي جهڳي رهبرن جا ڌڪ سهي سهي پڪو ٿي ويو آهيان. رڳو رهبرن تي ئي ميار ناهي، اسان جي تہ دانشورن، اديبن ۽ ڪلاڪارن کي بہ ڪتڙيون چنبڙيل آهن. شل نہ ڪنهن جي پيچ تي بيخبريءَ ۾ لت اچي، اهڙو روڙ ڪري پويان پوندا جو پاڇو ڇڏائڻ بہ محال ٿي پوندو پر پوءِ هو جو چوندا آهن تہ سچ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وٽي نہ وٽي، سو ان چواڻي ڪنهن نہ ڪنهن کي تہ اهو ڏکيو فرض نباهڻو آهي. قومن کي سرجريءَ جي ضرورت هوندي آهي، هلڪي ڦلڪي دوا يا ڦڪي متن اثر ڪو نہ ڪندي آهي. آپريشن ۾ تڪليف تہ ضرور ٿيندي پر پوءِ مرض بہ جڙ کان پٽجي ويندو ۽ هميشہ هميشہ لاءِ مرض کان نجات ملي ويندي

مريض آهي سنڌ. مرض آهي سنڌين جي محرومي. علامتون آهن: بي روزگاري، غربت، ويساهہ گهاتي، ڦرلٽ، زوريءَ قبضا، ٻولي، علم، ادب، فن ۽ ثقافت تي ڌاڙا، شهري ايراضين تي ڌارين جي يلغار. پناهگير ڦري ويا، پنجابي کائي ويا، پٺاڻ قبضو ڪري ويا، ٿهر ٿي ويو ظلم تي ويو بغداد ٿي ويو. گهوڙا ڙي گهوڙا، علي مولا يا حسين! علاج ڳوليوسين ڪو نہ پر هٽ جماعتن جي جدوجهد ۾ نوجوانن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ويڙهاند ۾ اديبن ۽ دانشورن جي لکڻين ۾، پ پ جي پويان لکڻ ۾ جلسن جلوسن، هڙتالن ، ڌرڻن، لانگ مارچ ۽ مزاحمتي ادب ۾ نتيجو نڪتو ٻڙي. بيماري گهٽجڻ بجاءِ وڌندي وئي، ڌاريا زور وٺندا ويا. اسان هيٺا ٿيندا وياسين. هو اڌ سنڌ تي قابض ٿي ويهي رهيا. اسان پنتي هٽندا وياسين. هو شهرن جا مالڪ ٿي ويهي رهيا. اسان جي ٻهراڙين کي ملڪ نيڪالي ڏئي ڇڏي، اسان جي تعليم جو ٽيو اونڌو ڪري ڇڏيو روزگار کان صاف جواب ڏئي ڇڏيو ثقافتي اهڃاڻ مٽائي ڇڏيا. تاريخ کي مسخ ڪري، ڇڏيو جاگرافي بدلائي ڇڏي. جن ماڻهن سنڌ ته ڇا پاڪستان به ڪونه ڏٺو هو بلڪ به قومي نظرئي جي مخالفت ڪئي هئي ۽ پاڪستان کي جهالستان سڏيو هو انهن ماڻهن جا نالا مکيه شاهراهن تي رکجي ويا. هندستان جي شهرن جا نالا ڪالونين ۽ بستين تي مڙهيا ويا. لال قلعي ۽ چار مينار جا ماڊل چوراهن تي اڏيا ويا. پان کائو ۽ چست پجاما ۽ دوپلي ٽوپي پائڻ وارا شاعر ۽ دانشور اسان جي ثقافت جا اهڃاڻ بڻجي ويا. اسٽيج، ٽي وي ۽ فلمن جا هلڪڙا مشڪرا اسان جي تمدن جا رکوالا بڻايا ويا. اردو ٻوليءَ کي اسلام، نظريه پاڪستان ۽ حب الوطنيءَ جي برابريءَ جو درجو ڏنو ويو. تعليمي ادارن ۾ اسان جي داخلا جا دروازا بند ڪيا ويا. ڌارين جي تعداد کي وڌائڻ لاءِ نوان نوان گهاٽ گهڙيا ويا. بهارين، بنگالين ۽ برمين کي شناختي ڪارڊ جاري ڪري شهريت جو درجو ڏنو ويو ۽ ٻيو به گهڻو ڪجهه ڪيو ويو. پر سڀ کان اهم ڪم اهو ٿيو جو ڌارين جي ٽولي، پنهنجا سڀ ويڇا وساري لوپي ۽ ٽوپيءَ جيان هٿ هٿ ۾ ڏئي، ايجنسين جي هٿي ۽ هشي ۽ مدد سان پنهنجي هڪ جدا لساني پارٽي جوڙي ورتي جنهن کي اڳتي هلي آب زم زم سان ڌاري پاڪ صاف ڪري، قومي ليول جي سياسي پارٽي جو لباس اوڍايو ويو. پر سندس روح ۽ رمزون ساڳيون رهيون. هٿ پير هٽي فرشتن جي امداد ۽ غيبي سهارا حاصل ڪري ڪجهه ڏوڻس، ڪجهه ڏانڊل ۽ ڪجهه هٿ جي صفائي سان اليڪشنون کٽي خير سان اچي صوبائي توڙي قومي اسيمبلين ۾ خيما کوڙيائون.

اسان جي همراهن کي جيڪا ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي سا اها ته جمهوريت کٽي کهڙي به بچڙي هجي، آمريت جي پيداوار هجي يا ڪمزور يا نڊال هجي، وري به جمهوريت ئي سڏائيندي آهي ۽ جمهوريت ۾ چونڊيل نمائندن جي حيثيت فيصلا ڪن هوندي آهي، پل ته اهي نمائندا ٺڳي سان چو نه چونڊجي آيا هجن، يا هٿيارن جي زور تي کٽي آيا هجن يا دينا داستي بي ايماني ڪري ايوان تائين رسيا هجن، چوائيندا هر حال ۾ پاڻ کي نمائندا ۽ جيترا نمائندا تعداد ۾ گهٽا اوتري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قانوني توڙي آئيني لحاظ کان سنڌن اهميت وڌيڪ. حڪومتون ناهڻ ۾ به هنن جي گهرج پوي ٿي ۽ حڪومتون ڊاهڻ ۾ به سنڌن ضرورت پوي ٿي. هو چاهن ته سوديبازي ڪري ڏوڪڙ ڪمائين يا پنهنجي مرضي جا شرط مڃائن يا پنهنجي فائدي جا قانون جوڙن يا پنهنجين بي قانوني حرڪتن ۽ ڏوهاري عملن تي پردو وجهي ڇڏين. گهٽ ۾ گهٽ گذريل ٽن ڏهاڪن کان ته اسان اهو لقاءُ ڏسندا پيا اچون. ان راند ۾ هو قدم قدم تي ڪامياب ويا آهن. اڄهوڪا الهه ارباب رحيم کي به سنڌن ضرورت پئي ۽ عيوضي ۾ اڌ سنڌ تان هٿ کڻي بيٺو ۽ هاڻي وري پ پ کي به سنڌن گهرج آهي ۽ هو به اسان جي ڪنڌ تي ڪاتي وهائي سنڌن مطالبا پورا ڪندا.

پ پ هجي يا مسلم ليگ جو ڪو به ڌڙو هجي يا مارشل لا هجي يا ڪيئرٽيڪر گورنمينٽ هجي، بارگين انهن سان ئي ڪندي جن وٽ ڪوڙا يا سچا چونڊيل نمائندا هوندا. وانڌن وٽ ڪو به ڪو نه ويندو. جن جي هٿن ۾ ڏيڻ لاءِ خاڪ به نه هوندي، اهي ڪهڙي زور تي مطالبا مڃائيندا يا لاڏ ڪندا يا آڪڙ ڏيکاريندا؟ اهي پل ته پيا ڌڙڪا ڏين، هڙتالون ڪن، جلسا ۽ جلوس ڪڍن، پاڻ ساڙين يا اڪوئي گذاري وڃن، سنڌن ڏکو داخل ڪو نه ٿيندو اها ننڍڙي ڳالهه اسان کي پنهنجي ميچالي ۾ چڱي طرح ويهاري ڇڏڻ گهرجي، جنهن وٽ نمائندگي جي طاقت ناهي، ان جي مدد نه قانون ڪندو نه دستور ڪندو ۽ نه وري ڪو غير آئيني ڊڪٽيٽر ڪندو.

هاڻي اچو ته مٿين حقيقتن جي روشني ۾ پنهنجي بربادي‌ءَ جو جائزو وٺون.

ملڪ اسان جو زمين اسان جي، ٻولي اسان جي، ثقافت اسان جي، گهٽائي اسان جي، سڀ ڪجهه اسان جو پر نمائندگي ڪانهي، سنڌين پنهنجي سموري محبت، پيار ۽ خلوص، ڀٽي صاحب ۽ سندس شهيد خاندان جي جهولي‌ءَ ۾ وجهي ڇڏيو آهي، ووٽ ڀٽي جو آهي، باقي سنڌ لاءِ جان به حاضر آهي، اها به ڪا بري ڳالهه ناهي. پ پ جو جنم سنڌ ۾ ٿيو نيپاج سنڌ ۾ ٿيو بلوغت سنڌ ۾ ٿي، پر سنڌ جا سڄڻ اها حقيقت چو ٿا وساري ڇڏين ته پ پ ڪا صوبائي پارٽي ناهي ۽ نه وري ڪا لساني جماعت آهي، پ پ قومي سطح جي هڪ تمام وڏي ۽ مقبول پارٽي آهي، جنهن ۾ هر صوبي هر نسل ۽ هر قوم جا ماڻهو شامل آهن. پناهگير به آهن، پنجابي به آهن، بلوچ به آهن، سنڌي به آهن، پٺاڻ به آهن، گجراتي به آهن، ميمڻ به آهن، بوهري به آهن، ته سرائيڪي به آهن. هو هڪ قوم جي مفاد خاطر ٻئي جي قرباني ڪو نه ڏيندا. پنجاب وڏو صوبو آهي. ان کي هو ڪنهن به حالت ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناراض ڪو نہ ڪندا. اجهو ڪالهہ شيري رحمان جو بيان آيو آهي تہ اسان ڪالاباغ ڊيم هر حال ۾ ٺاهينداسين. هاڻ سنڌي ڇا ڪندا؟ خاص طور تڏهن جڏهن تقريبن سنڌ اسيمبليءَ جا اڌ ميمبر متحده جا آهن. جن کي سنڌ جي هارين نارين سان دلچسپي ڪانهي. اها پ پ جي مجبوري آهي تہ هو سينيٽ کي ساڻ کڻي هلڻ لاءِ سنڌين جي ڪجهہ حقن کي قربان ڪن يا نظر انداز ڪن. اهڙين حالتن ۾ پ پ کي ڏورا پو ڏيڻ يا مٿس ناراض ٿيڻ اجايو آهي.

ها، اسان وٽ جيڪڏهن توري گهٽي نمائندگي هجي تہ پوءِ پ پ تي پريشر وجهڻ بہ آسان ٿيندو ۽ کين اهو بهانو بہ ميسر ٿيندو تہ جيڪڏهن سنڌين جي حقن تي سوديبازي ڪئي سين تہ اسان جي اسيمبلين ۾ پوزيشن ڪمزور ٿي ويندي.

حقيقت اها آهي تہ بدقسمتيءَ سان سنڌ اسيمبليءَ ۾ اڄڪلهہ هڪ بہ قوم پرست نمائندو موجود ناهي. جيڪو سنڌين جي اندر جو آواز اٿاري سگهي. مون کي نہ پليجي صاحب جي نيت تي شڪ آهي، نہ قادر مگسي، ممتاز ڀٽي، آريسر، جوڻيجي يا بشير قريشي جي حب الوطنيءَ تي شڪ آهي. اهي سڀ مهربان ۽ معزز دوست سچيءَ دل سان سنڌ جي حقن جي حفاظت ڪرڻ گهرن ٿا. پر هو اليڪشن ۾ ناڪام ٿيڻ جي خوف کان لهرائين ٿا. يا کين پنهنجي عوامي مقبوليت ۾ شڪ آهي. هو برابر ماڻهن کي روڊن تي آڻڻ ۾ اڄ تائين ڪامياب ويا آهن. جلسا جلوس ۽ لانگ مارچ آرگنائيز ڪري ٿا سگهن. بک هڙتالون بہ ڪرايون اٿن پر ان سموري سلسلي ۾ نوجوانن شاگردن، اديبن، دانشورن توڙي ڪارڪنن جي جذبي جو وڏو هٿ آهي ۽ کين ڪنهن بہ صورت ۾ نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. ڌڻ تہ آهي ڌڻي ڪونهي، ڌڻي آهي تہ ڌيان ڪونهي، صحيح سمت (Direction) ڪونهي. پر خلوص، سوچ ۽ لوچ جي گهٽتائي آهي. متحده محاذ ۽ پونم وغيره بہ نيڪ ارادن سان ٺي جوڙيا ويا پر وري بہ اهائي ساڳي ڳالهہ اسان جو پيڇو ئي نٿي ڇڏي. اسان سمجهون ٿا تہ اسيمبلين کان ٻاهر رهي يا ڪنهن وڏي پارٽيءَ جي پاڇي پويان لڪي يا زبان، هٿ ۽ پير وڍڻ جا احمقاڻا دڙڪا ڏئي اسان پنهنجا وڃايل حق واپس وٺي سگهنداسين تہ پوءِ اها اسان جي سادگي ڇٽبي ۽ اها سادگي سياڻي تاريخ ۾ اسان کي ڏوهارين جي ڪٽهڙي ۾ آڻي بيهاريندي.

مڙس ٿيو ميدان ۾ لهو راند ۾ حصو وٺو اڄ هار آهي تہ سڀاڻي جيت بہ ٿيندي، پنهنجو الڳ وجود تہ مڃايو ويچا وساري هڪ تہ ٿيو هڪڙا ڏهہ ماڻهو اسيمبلي تائين پهچائي تہ ڏسو جيڪڏهن سنڌ اسيمبلي ۾ عوامي نيشنل پارٽي جا نمائندا پهچي سگهن ٿا تہ پوءِ هن ڌرتيءَ جا وارث ڇو نٿا پهچي سگهن؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجا پيارا آصف زرداري!

منهنجا پيارا آصف زرداري! نوابشاهه جي سڪرنڊ روڊ تي توهان جو گهر ”قصر حاڪم“ ۽ منهنجو اباڻو گهر فقط ڏيڍ فرلانگ جي فاصلي تي هئا. اوهان جو والد مون کان عمر ۾ تقريبن ايترو ئي وڏو هوندو جيترا توهان ننڍا آهيو ان ڪري ڪجهه عرصو تہ اهو سوچيندي گذريم تہ توهان کي First Person يعني ”تون“ ڪري مخاطب ٿيان يا ”توهان“ پر پوءِ شهيد شهزاديءَ جي جيون ساٿي هئڻ جي ناتي ۽ پڻ سندس چڏيل ورثي جي محافظ هئڻ جي حوالي سان عمر جو لحاظ پاسيرو رکندي، توهانجي تعظيم لازم ٿو سمجهان. هونءَ بہ اسان جا ڪي قديمي تعلق رهندا پئي آيا آهن. اوهان جو مرحوم ڏاڏو منهنجي مرحوم والد صاحب جو پڳ مٽ يار هو ۽ ذري گهٽ هر شام اسان جي غريباڻي اوطاق تي ڪچهري ۾ گذاريندو هو ۽ بابا سائين سان جامع مسجد ۾ نماز ادا ڪندو هو ٻئي ڄڻا سنگت ڪري حج تي پڻ گڏ ويا هئا. اوهان جا بہ سهڻا ۽ نيرين اکين وارا چاچا، خوجا صاحب جي اسڪول ۾ ٽئين درجي ۾ منهنجا هم ڪلاسي ٿي اچي شامل ٿيا.

اهو سڀ ڪجهه ٻڌائڻ جو ڪو ٻيو مطلب نہ ونجي، صرف اهو ظاهر ڪرڻ آهي تہ هن کان پوءِ جيڪو ڪجهه لکڻ وارو آهيان، اهو دل جي خلوص ۽ نيڪ نيتيءَ تي مبني هوندو ڪو بہ لوڀ، ڪا بہ لالچ، ڪا بہ طمع نہ اڳ هئي ۽ نہ وري آئينده ٿي رهندي، اڳ بہ سنڌ ۽ سنڌين جي پيڙا تي قلم کنيو اٿم ۽ آئينده پڻ پنهنجو مظلوم ملڪ توڙي ماڻهن جي من جي ماجرا بيان ڪرڻ پنهنجو اولين فرض ڄاڻندس.

مون گذريل چند ڏينهن کان بلاول هائوس ٻاهران ڪنهن ڪنڊ ۾ گاڏي جهلي، انهن هزارين عورتن، مردن ۽ ٻارن کي پي پي جا جهنڊا هٿ ۾ کڻي ”جيئي ڀٽو“ ”جيئي بينظير“ جا نعرا هڻندي ۽ شهيد شهزادي جي پورتريٽ آڏو گل رکندي ۽ ميڻ بتيون ٻاريندي ڏٺو آهي، هو نچندا آهن پر سندن اکين مان لڙڪن جي لار جاري رهندي آهي، هو خوشيءَ وچان نعرا هڻندا آهن پر سندن آواز ۾ سڏڪا هوندا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، خبر ناهي ڪٿان ڪٿان ڪان ايندا آهن اهي ليڙون. لٽن وارا. ميرا ۽ پگهر جي بوءِ ۾ پنل ماڻهو؟ ڪيئن پهچندا آهن جهڳين. تنگ گهٽين ۽ گندگي جي ڍيرن جهڙن پاڙن مان ڪهي ايندڙ اهي ماڻهو تونگرن جي چمڪندڙ رستن. اوچين عمارتن ۽ ڏگهين ڪارن واري علائقي ڪلفٽن ۾ پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪرڻ لاءِ پنڌ. بسن ۾. ترڪن ۽ گڏهه گاڏين تي سوار اهي ماڻهو هڪ اڻ ڏٺي ڌاڳي ساڻ ٻڌل آهن. پنهنجيءَ شهيد پيڙ سان ڪيل وچن سان عجيب پنهنجائپ آهي انهن مسڪين، محروم ۽ مجبور ماڻهن جي دولتمند. شاهوڪار ۽ مغربي تعليم سان مالامال پٽي شهيد جي خاندان سان. انهن ۾ ٻنهي اڪين سان نابين اها ڪراڙي مڪراني عورت بہ هوندي آهي جيڪا بينظير جي تصوير کي هٿ لائي پنهنجي منهن تي مليندي آهي ۽ ڪيهاٽ ڪري روئيندي آهي ۽ ٻنهي ٽنگن کان معذور اهو بلوچ پيرسن بہ هوندو آهي. جنهن کي بہ ٻه جٽا سهارو ڏئي وٺي ايندا آهن ۽ پوءِ هو تيز ڪائيندو ريڙهيون پائيندو ليٽندو پيٽندو ڪڏهن روئندو آهي، ڪڏهن کلندو آهي ۽ ڪڏهن راهہ ويندن کي ٻنهي آڱرين سان وڪٽري جو نشان ڏيکاريندو آهي ۽ اهي نوجوان بہ هوندا آهن. جن کي بہ ويلا ڪاٽڻ لاءِ گهر ۾ ڏوڪڙ بہ نہ هوندا آهن پر پوءِ بہ هو شام ٽيندي ئي سيني تي بينظير جو بيج سجائي، هٿ ۾ پ پ جو جهنڊو کڻي، اگهاڙي پيرين بلاول چوڪ کان سمنڊ جي ڪناري تائين "بينظير. بينظير" پڪاريندا، اڌ رات تائين ديوانن جيان ڊوڙندا وتندا آهن ۽ اهي گاڏين وارا بہ هوندا آهن. جي پنهنجي ايسٽريو تي فل آواز ۾ بجان تير بجان ۽ "مين ذوالفقار ڪي بيٽي هون" جا ٽيپ وڄائيندا رهندا آهن ۽ مون ان ڪارڪن عورت کي وڏي واڪي اهو بہ چوندي ٻڌو آهي تہ "بينظير پنهنجي رت سان رنگي جيڪو جهنڊو اسان کي ڏئي وئي آهي اها امانت مرندي گهڙي تائين اسان جي سرساهہ سان ساڻ رهندي"

عجيب ماحول هوندو آهي بلاول هائوس جي ٻاهران. وڇڙيل پيڙ سان وچن پاڙي پنهنجي غم کي طاقت ۾ تبديل ڪري. ويرين کان پلاند ڪري ڪين عبرتناڪ شڪست ڏيڻ جي خوشي ۾ هر طرف واجهائڻ کان پوءِ ڪيس پاڻ ۾ نہ ڏسي، سندس جدائيءَ جو اندوهناڪ غم، چپن تي فتح جي مرڪ ۽ اکين ۾ وڇوڙي جا آنسوا مون رات جي اونداهي ۾ ماڻهن جي ٽولن کي بينظير جي تصوير آڏو پنهنجو سينو ڪٽي، مٿي ۾ مٽي وجهي ماتم ڪندي بہ ڏٺو آهي، بلڪل ائين جيئن ڏهين محرم تي امامن جا حبدار يا "حسين، يا حسين" جو ورد ڪندي زنجيرن سان پنهنجا پنا رتو رت ڪري وجهندا آهن. هيءَ ڪربلا هن ڪربلا کان مختلف ناهي،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتي امام ڪنا هئا. هتي اميد ڪني آهي!ا سان جي اميد. سنڌ واسين جي اميد. لاوارثن، محرومن، مجبورن، بيروزگارن، بي گهر ۽ پيٽ بکين ۽ انگ اگهاڙن جي اميد. منهنجي ناانصافين، ڏاڍاين ۽ دهشتگردي جو بک ٽيندڙ سپاجهڙن سنڌين جي اميد اها اميد جنهن لاءِ اسان سالن کان اوسيئڙي ۾ هئاسين. جنهن لاءِ اسان هر دم، هرپل، هر لمحي، هر لحظي ڏٺيءَ در پاڙايو هو اها اميد. جنهن جي وصيت ذوالفقار پٽو شهيد پنهنجي پياري نياڻي کي ڪري ويو هو.

پيارا آصف، مان تنهنجي دل درد، وڏيل وجود ۽ اجهاٽل اڌمن کان بيخبر ناهيان. تنهنجي ذهني ڪيفيت کان غافل ناهيان، جنهن ڏکويل دور مان تون بهادريءَ سان گذري رهيو آهين ۽ جنهن روحاني صدمي کان تون نڊال آهين. اهو ڪنهن کان ڳجهو ناهي، معصوم ٻارن جا چيندڙ سوال تنهنجي من کي ضرور رتوچاڻ ڪندا هوندا. راتين جي خاموشين ۾ جيون ساٿيءَ جون ساروڻيون تنهنجو تن من تڙپائي ڇڏينديون هونديون. گذريل يادون، گذريل ڳالهيون، گذريل واقعا، چيت جيان تنهنجي ذهن ۾ چپيندا هوندا. وڏي دل گهرجي اندر جي گهاءَ کي لڪائي لوڪ اڳيان مسڪرائڻ لاءِ!

پر پيارا آصف، هاڻي جڏهن ظالمن جي بي انتها نڳي، دولاب ۽ ڪپٽ جي باوجود توهان جي پارٽي کٽي آئي آهي، تڏهن مان فقط خود محترمہ بينظير ڀٽو جا واعدا ياد ڏيارڻ پنهنجو فرض ٿو سمجهان ۽ اهو پڻ تہ حڪومت توڙي پابند ميڊيا، توڙي هارايل حڪومتي اهلڪارن توڙي سرڪاري دهلارين جي ڪوڙين دعوائن جي باوجود تہ هيءَ اليڪشن ڪنهن بہ ريت نہ شفاف هئي، نہ آزاداڻي ۽ نہ منصفاڻي، ان جا ثبوت ٽي وي تي پڌايل هارائيندڙ اميدوارن جو رات جي پوئين پهر اوچتو ئي اوچتو هزارين بلڪ لکين پراسرار ووٽن جي برتري سان کٽڻ مان ملن ٿا. اهي ڪارناما نامي گرامي، ڄاتل سڃاتل ۽ ڏهڪاءُ ڦهلائيندڙ اميدوارن جي حوالي سان ڪرائي، حيدرآباد، سکر، خيرپور، ڪنڊڪوٽ ۽ ٻين جڳهين تي ظهور پذير ٿيا. توهان ڪنهن کي دانهن ڏيندؤ؟ اليڪشن ڪميشن کي، عدالت کي يا صدر صاحب کي؟ جتي بہ ويندؤ اتي تہ اڳوات Free, fair, Transparent جو راڳ درٻاري هلندو پڌندؤ.

توهان حڪومت ناهڻ لاءِ اتحاد ڪنهن سان ڪندؤ؟ انهن سان جن سنڌ کي يتيم خانو سمجهي پيلي پينگ ڪئي ۽ اسان جي ئي گهر ۾ گهڙي اسان کي بي گهر ڪيو يا انهن سان جن اعليٰ ترين عدالتن جي ججن کي ذلت آميز طريقن سان نہ رڳو پنهنجي منصب تان هٽايو بلڪ کين ناحق بند بہ رکيو ۽ سندن حمايتي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڪيلن توڙي سول سوسائٽي جي سڄاڻ ماڻھن کي عام ڌوھارين جيان پوليس عملي کان ڪٽايو ۽ ميڊيا تي اھي پابنديون وڌيون جن کي ڏسي آزاد دنيا شرم کان پاڻي پاڻي ٿي وئي ۽ اھي جن مرحوم شھيد جي زندگي ۾ ڪيس ماڏوري ۾ڪشٽ ۽ مڏوبالا جا لقب ڏنا؟ ۽اھي جن کي ڪيس نحوست جي نشاني سڏيو؟

ارباب رحيم تہ سنڌين جي حقن جو سودو ڪري پنھنجي نازيبا گفتگو ۽ ناشائستہ روش ڪري سنڌي روايتن کي پامال ڪندي پنھنجو نالو سنڌ جي سوداگرن جي لسٽ ۾ لکائي ويو ۽ ساڻس گڏ اھي سمورا وڪاڻل، لالچي ۽ ڪائر سنڌي سياستدان بہ جيئري دفن ٿي ويا جن پنھنجن آقائن جي ھشڪر تي پنھنجي ڌرتي کي تين وال ڪيو پر ڇا سنڌ جا اھي ازلي ويري، جن جي One point agenda سنڌ کي توڙي مروڙي، پيچي ڀاھي، تھس نھس ڪري، پنھنجي من جون مرادون حاصل ڪرڻ آھي، تن سان توھان جو سرچاءُ ٿي سگھندو؟ مان توھان کي خاطري ڏيارڻ ٿو چاھيان تہ توھان جي مدد ۽ خدمت ۽ ساٿ ڏيڻ لاءِ سنڌ جا اديب، ڏاھا ۽ دانشور ھر موڙ تي توھان سان گڏ ھوندا. شھيد سنڌ راڻيءَ جي خواب کي ساپيان ڪرڻ لاءِ توھان جي راھہ ۾ رڪاوٽون بہ اينديون، ڌمڪيون ۽ دلاسا بہ ملندا، زوربار بہ پوندا پر توھان کي انھن مخلص ماڻھن جي قربانين کي بہ ذھن ۾ رکڻو پوندو جيڪي اڄ بلاول ھائوس جي ٻاھران اکين مان ڳوڙھا ڳاڙي "جيئي ڀٽو بينظير" جي ڌن تي رقص ڪن ٿا ۽ نابين ڪراڙي مڪراني عورت جو بہ جيڪا شھيد شھزاديءَ جي تصوير کي چھي پنھنجي منھن تي ھٿ ملي ٿي ۽ ان ٻنھي ٽنگن کان اپاھج جو بہ جيڪو ٻن ماڻھن جي سھاري ٽڙندو ٿاٻڙندو . زمين تي ليٽندو گسڪندو خبر ناھي ڪٿان اچي ٿو ۽ سڏڪا ڀريندي ٻن آڱرين سان وڪٽري جو نشان ناھي ھر اينڊڙ ويندڙ کي ڏيکاري ٿو ۽ انھن بيروزگار نوجوانن جو بہ جي سيني تي بينظير جو بيج سجائي، ھٿن ۾ پي پي جا جھنڊا کڻي، پيرين اگھاڙا بلاول چوڪ کان سمنڊ جي ڪناري تائين "بجان تير بجان" ڳائيندا پوري رات پنڌ ڪندا ٿا رھن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجا پيارا نثار کهڙا، صفدر عباسي، مخدوم جميل الزمان، پير مظهر، سسئي پليجو، سراج دراني

منهنجا پيارا نثار کهڙا، صفدر عباسي، مخدوم جميل الزمان، پير مظهر، سسئي پليجو سراج دراني ۽ ٻيا اهي سڀ جيڪي سنڌ توڙي قومي اسيمبليءَ مان سوڀ ماڻي سرخرو ٿيا آهيو اهڙي سوڀ جنهن جي پيڙهه ۾ توهان جي شهيد شهزاديءَ جو خون شامل آهي. جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ توهان سوين ڪارڪن سر گهوري سرها ٿيا، جنهن جي تعبير لاءِ اڄ به سنڌ جو ٻچو ٻار عورت مرد، پوڙهو جوان خون جا ڳوڙها ڳاڙي رهيو آهي. جمهوريت جي ايڏي ڳري قيمت دنيا جي تاريخ ۾ شايد ئي ڪنهن ٻي قوم ڏني هجي. روءِ زمين تي ٻي ڳڙهي خدابخش جو تصور ئي ناممڪن آهي، مسلسل جدوجهد، جيڪا رت جون نديون جهاڳي، جان جا نذرانا ڏئي، آگ جي سمونڊ کي پار ڪندي ٽن پيڙهين تائين، ڏينهن رات ڪئي وئي هجي ۽ جنهن کي جاري رکڻ لاءِ سنڌ جي هر ماءُ پنهنجي پريل جهولي خالي ڪئي هجي ۽ هر پيءُ پنهنجي جگر جو لاش ڪلهن تي کنيو هجي ۽ هر ڪنوار ڪانڌ ڪسايو هجي، اها فقط ۽ فقط دودي شهيد جي ڌرتيءَ جي حصي ۾ آئي آهي.

اوهان سيني کي اها درد ڀري دائمي روايت مبارڪ هجي. اوهان سيني کي لڙڪن ڀري مسڪراهٽ مبارڪ هجي. اوهان سيني کي شهيد راڻيءَ جي قرب ڀري قرباني مبارڪ هجي. اچو ته اڄ پنهنجي دک درد ۽ غم الم جو ڏوم ڏام سان جشن ملهايون، اچو ته اڄ ايترو رقص ڪيون جو پير پٿون ٿي وڃن ۽ اکين جا تارا خشڪ ٿي وڃن ۽ ٿڪن ۽ سڏڪن جا پڙاڏا پولار تائين گونجي اٿن. جام ڪٺو ساٿيو ۽ پنهنجي ئي لهوءَ جي هر ڏک کان پوءِ ان بدنصيب پيڙ کي ياد ڪيو جا اُڃي پياسي مٽين متيءَ هيٺ اڄ به دعا جا ٻئي هٿ ايا ڪري، خوشيءَ جا لڙڪ لاڙي رهي آهي. جام ڪٺو ساٿيو جو ظالم کان مظلوم اڄ ڀهريون پلاند ورتو آهي. جام ڪٺو ساٿيو جو موهن جي دڙي جي نرتڪي هزارن سالن جي رسامي کان پوءِ اڄ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توهان جي اڳڻ تي موٽي آئي آهي. جام ڪٽو ساٿيو جو سنڌ هڪ ڀيرو ڀيهر اگهور ننڊ مان ڇرڪ ڀري جاڳي پئي آهي. توهان کي اها بيداري مبارڪ هجي.

بيدار ته اسان کي هن کان گهڻو اڳ ذوالفقار علي ڀٽي به ڪيو هو. هن اسان کي حقن لاءِ وڙهڻ سيکاريو هو. ڪاميابيءَ جو خواب ڏيکاريو هو سرداري ۽ سرواڻيءَ جو سونو تاج اسان جي سر تي سجايو هو ان کان پوءِ به دفعا سندس نياڻيءَ اهو ڪارنامو ڪري ڏيکاريو ۽ هيءَ چوٿون دفعو به فتح جو سهرو سندس لال لهوءَ جي صدقي اسان کي نصيب ٿيو آهي، اهي چارئي تاريخي ڪاميابيون، جيڪي سنڌ جي حصي ۾ آيون آهن. تن ۾ بلاشڪ پ پ جا ڪارڪن توڙي اڳواڻ سڀ کان اڳرا رهيا، پر اهو نه وسارڻ گهرجي ته ڀٽي خاندان کي هڪ سنڌيءَ جي حيثيت ۾، پنهنجي گهر جو فرد ڄاڻي هر سنڌي پنهنجي وت آهر، هڙئون وڙئون، تن من ۽ ڌن سان مدد ۽ واهر ڪئي. جن جي وس ۾ ڪجهه به نه هو تن به خالي پلاند جهلي ڏينهن رات پنهنجي رب کان سچيءَ دل سان دعائون گهريون. پر سڀ کان وڌيڪ ويڙهاند ڪئي جاڳرتا جي واڳ ڌڻين، سنڌ جي ليکڪن، قلمڪارن، ڏاهن ۽ دانشورن. اسان جي اها جدوجهد اڄ جي ناهي، ڪالهه جي به ناهي، گهڻو اڳ جي آهي، پاڪستان ٺهڻ کان هڪدم پوءِ سنڌ جي وجود تي ويرين جا وار شروع ٿي ويا. اسان ان دور کان ئي دشمن جي هر حملي خلاف ڍال ٿي پنهنجي زمين جي بچاءَ ۽ بقا لاءِ ميدان ۾ ڪڏي پياسين. اسان جي اها جنگ شروع کان جاري آهي ۽ آئينده به جاري رهندي. هر اها هستي جيڪا اسان جي جدوجهد ۾ سنڌ جي لاءِ سهاري جي علامت بڻجي اڀرندي آهي، اسان ان جا ساٿاري ٿي بيهندا آهيون. ذوالفقار ڀٽي شهيد کان وٺي بينظير شهيد تائين اسان کي سنڌين جي سرسي ان ۾ ئي نظر آئي ته انهن ويڙهاڪ، بهادر ۽ ٻي ڏپن انسانن جو ساٿ ڏجي ته جيئڻ سنڌن جيت کي اسان سنڌ ۽ سنڌ واسين جي جيت ۾ منتقل ڪري سگهون. تاريخ جا ورق اٿلائي ڏسو توهان کي پنهنجي هر جدوجهد جي پويان اسان جي قلم، عمل ۽ علم جو پورهيو ضرور نظر ايندو اهو ئي سبب آهي جو اوهان جي هر خوشي اسان جي خوشي ۽ اوهان جي هر محرومي اسان جي محرومي بڻجي پئي آهي، اڄ به اها ئي ساڳي ڪيفيت آهي، ڪلون ٿا ته ڳوڙها ڳڙي ٿا پون. دشمن جا برج لڏيا آهن. خوشيءَ جي ڳالهه آهي، پر اسان جي سر تي به ته آسمان ڪري پيو آهي. ان مونجهه، گهٽ ۽ ٻوسٽ ۾ به جڏهن ساهه کڻڻ جيتري فرصت ملي ٿي ته ”جيئي ڀٽو“ چئي ٿا وٺون، ڇو ته اهو ئي نعرو اسان مظلوم سنڌين کي هڪ هنڌ گڏي، نئين طاقت ڏئي، جياپي جي جنگ لاءِ ڀيهر آماده ڪري ٿو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"پٽو" هاڻي ڪو شخص، ڪا ذات، ڪا پارٽي نہ رهيو آهي، "پٽو" هڪ علامت، هڪ رويو، هڪ هَڪل بڻجي چڪو آهي، اثين، جيئن پاري بار ڪٽڻ وقت اسان بي اختيار "يا علي مدد" جو نعرو هڻندا آهيون يا سانوڻ جي ساڙيندڙ موسم ۾ اوچتي بارش جي پالوٽ تي "پيچ پاڳارا" پڪاريندا آهيون. "پٽو" هاڻي اسان جي war cry (جنگي طبل) آهي. اسان سڀ پٽا آهيون، پل تہ دنيا اسان کي ان نئين نالي سان سڃاڻي.

دوستو جيڪا ڳالهہ مون ڪرڻ پئي چاهي، ان لاءِ مون کي توهان جي مڪمل توجهہ گهرجي. غور سان ٻڌو، شانت ٿي سوچيو ۽ پوءِ جي متاسب سمجهو تہ ان تي عمل ڪيو جي نہ تہ اڳ بہ توهان جو اختيار هو هاڻي بہ توهان پنهنجي مرضيءَ جا مالڪ آهيو. اسان تي تاريخ ڪي فرض مڙهي ڇڏيا آهن. اهي اڳ بہ ادا ڪيا اٿئون، آئينده بہ ادا ڪندا رهنداسين. اهو اسان جو مقدر آهي.ا سان جي Destiny آهي. اسان جو ڪاريہ آهي. اسان جو ڪرتو آهي. فرض آهي، قرض آهي.

اسان کي شڪايت فقط اها آهي تہ سنڌي اديب، ڏاهو، قلمڪار يا دانشور تہ توهان سان هر مرحلي، هر محاذ تي گڏ رهيو آهي، پر اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ اوهان وڏيرن، سردارن، ميرن، پيرن، خوشامدڙين ۽ اڌ اکرين يارن دوستارن جي گهيري ۾ اهڙا تہ گهيرجي ٿا وڃو جو اوهان کي پنهنجي پرائي جو بہ هوش نٿو رهي. اهي چورن جهڙا وقتي يار سڪئي وقت ۾ اوهان جي ارد گرد ڳچهن جيئن ايئن ٿا لامارا ڏين ۽ پنهنجي غرض ڪيڻ لاءِ اهي ٿا نات ڪن جو اوهان هنن جي چالاڪين ۽ چالبازين ۾ وڃو ٿا وڪوڙيا. هو اوهان کي سٺي صلاح تہ ڇا ڏيندا. مورڳو پنهنجي ڪڌن ڪارنامن سان اوهان جو رڳو Image تباهہ ڪري ٿا ڇڏين، پر توهان جي ناڪامين جو ڪارڻ پڻ بڻجن ٿا ۽ پوءِ سندن ڪڌا ڪم جڏهن توهان جي ڪاتي ۾ لکجي ٿا وڃن ۽ توهان جو اقتدار ويندو ٿو رهي تڏهن هو ڪم ڪاڏائو پنهنجا پيپ پري، ڪنهن ڏورانهين ڏيهہ وڃي ٿا سڪي زندگي گذارين ۽ توهان کي سندن ئي ڪيتو لوڙڻ لاءِ ڪئي سال ڪورٽن، ڪچهرين، ٿاڻن ۽ جيل جي ڪال ڪوٺڙين ۾ سڙڻو مرڻو يا پوڳڻو ٿو پوي ۽ اهي داغ ڌوئڻ لاءِ هر بار ڪنهن نہ ڪنهن بهادر پٽي کي پنهنجي خون جي قرباني ڏيڻ اوس ٿي ٿي پوي.

سياڻيون قومون پنهنجن سڄاڻن کي ساڻ کڻي هلنديون آهن، کين وساريندڀون ناهن، کين ڌڪاريندڀون بہ ناهن، ڪنهن بہ ملڪ جو مثال وٺو ڪنهن بہ سماج جو مثال وٺو ڪنهن بہ ڪامياب پارٽيءَ جو مثال وٺو توهان کي اڪبر جي نوَ رتن کان وٺندي ايم ڪيو ايم جي سحر انصاري ۽ جميل الدين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عاليءَ تائين اها ئي صورتحال نظر ايندي پري ڇو ته وڃو. اڄهو ڪالهه ڪالهوڪي ڳالهه آهي. سنڌ جي علمي ۽ تهذيبي مورچي کي فتح ڪرڻ لاءِ اسان جي نون سنڌين عمر شريف، فاطمه ثريا بجيا، عالي، فرمان فتح پوري، محسن ڀوپالي وغيره کي ته اڳيان آندو ئي آندو پر اداڪار لهريءَ جي جهڙي ريت سار سنڀال لڌي اهو سيني جون اکيون کولڻ لاءِ ڪافي آهي. هنن پنهنجن صحافين، ليکڪن، ساڄهه وندن کي ايمبيسيڊر، سينيٽر، وزير ۽ صلاحڪارن تائين مقرر ڪري، سندن ڏاهپ ۽ سهڻيءَ صلاح مان فائدو حاصل ڪيو. هنن جو Talent Pool اسان وانگر وڏيرن جي اولاد ۽ وهه واهه ڪندڙن جي لوڏ سان ڀريل ناهي. وٽن واقعي سٺا ذهن ۽ اعليٰ دماغ موجود آهن، جيڪي سندن مفاد لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪندا ٿا رهن. اسان ته خير ان قسم جي ڪا اميد نه ٿا رکون، پر گڏريل ٽن ڏهاڪن ۾ سنڌ سان جيڪي ڪلور ٿي گذريا آهن. انهن جي روشنيءَ ۾ ايتري آس ڪرڻ اسان جو به حق آهي ته هيڏي وڏي سانحي کان پوءِ ۽ سنڌ جي وارثي تقريباً هٿون وڃائڻ بعد، سنڌ جي (۽ پڻ مرڪز جي) نئين حڪومت گهٽ ۾ گهٽ انهن معاملن تي سنڌ جي سڃاڻ طبقي، اديبن ۽ دانشورن کي اعتماد ۾ وٺندي جيڪي اسان جي ڄاڻي سان تعلق رکن ٿا. ٿيڻ ته ائين کپي ته سنڌ صوبي جو ايندڙ وڏو وزير، جيڪو اوهان دوستن منجهان يا اوهان جي ئي ساٿين مان هڪ هوندو ۽ ملڪ جو وزيراعظم، جيڪو پڻ پارٽيءَ جو ڪو سينيئر ميمبر هوندو ۽ هر ممڪن صورت ۾ سنڌي ئي هوندو، گذريل روايتون ٽوڙي، هن ڀيري سنڌ جي خيرخواهه دانشورن کي موقعو ڏيندو ته هو پنهنجن خيالن، سوچن ۽ تجربن جي بنياد تي ڪيس قومي راءِ کان آگاهه ڪن. ائين به ٿيڻ گهرجي ته هن ڀيري غير سنجيده، ناتڪي ۽ بدناميءَ جو ڪارڻ بڻجندڙ ماڻهن کان پاسو ڪري، سنجيده ۽ قابل شخصيتن جي ڄاڻ ۽ لياقت مان فائدو ورتو وڃي. اقربا پروري، ياري دوستي ۽ سفارش ته ترقي يافته ملڪن ۾ به عام آهي. اسان جو معاشرو ته اڃا اونداهي دور ۾ پيو ٿاٻوڙا هڻي، پر اوسي پاسي کي ڏسي ۽ گذريل عرصي ۾ پوڳيل تڪليفن کي مدنظر رکندي، جيڪڏهن اهم ماهرن ۽ منصبن تي سنڌين ماهرن جي مدد ورتي ويندي ته خود توهان جي حڪومت ۽ نيڪ ناميءَ ۾ اضافو ٿيندو.

اهي مشورا ڪي نوان ناهن، هن کان اڳ خود مون تقريباً هر دور جي سنڌي رهبرن ۽ رهنمائن کي اهي ساڳيون گذارشون ذاتي طور تي روبرو پڻ ڪيون آهن. پر ڪرسيءَ تي ويهڻ کان پوءِ ماڻهن جي دنيا ئي بدلجيو وڃي. قومي مفاد ترجيحن جي آخري ٽري تائين پهچيو وڃن، تان جو دهلاري اڇي در تائين پهچن. پر هن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيري خبر ناهي ڇو مون کي اميد آهي تہ ائين نہ ٿيندو. توهان کي ماضيءَ جي محرومين جوازالو ڪرڻو ئي پوندو ٻين لاءِ نہ سهي، خود پنهنجي Survival لاءِ ئي سهي، ڇو تہ اليڪشن تہ اوهان کي شهيد راڻيءَ پنهنجي رت سان کٽي ڏني پر پنهنجي ارد گرد تاڪ ۾ ويٺل واڳن کي منهن ڏيڻ هاڻي توهان جو ڪم آهي ۽ اهو ڪم ياري باشيءَ يا ڏٺي پوڙي يا لٺ ڌڪي سان نہ هلندو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موهن جو دڙو ۽ رني ڪوٽ جي اباڻڪائي

گذريل هفتي جي آخر ۾ سنڌين جو هڪ تمام وڏو ميڙ سچل ڳوٺ ۾ گڏ ٿيو ڊاڪٽر قادرمگسي ۽ ممتاز ڀٽي کان سواءِ عمران خان به ان جلسي کي خطاب ڪيو. سنڌي اديب ۽ سڄاڻ به موجود هئا. انهن پڻ پنهنجن خيالن جو کليءَ طرح اظهار ڪيو. ڪالاباغ ڊيم ۽ ڪراچيءَ جي ڀيٽن کان وينديِ هر ان عمل جي ننندا ڪئي وئي جيڪو سنڌ ۽ سنڌين جي حقن تي ڌاڙو هڻڻ لاءِ موجوده سرڪار طرفان اختيار ڪيو پيو وڃي. ظاهر آهي اهڙا موقعا ۽ منظر ڪڏهن ڪڏهن ڏسڻ لاءِ ملندا آهن پر جڏهن به اهڙي قسم جا ميڙاڪا مچندا آهن تڏهن پنهنجي پوپان جوش ۽ جذبن جو هڪ اٿاهه سمنڊ ڇڏي ويندا آهن. سچل ڳوٺ جا رهواسي ۽ اهي ماڻهو جيڪي ان جلسي ۾ شريڪ ٿيا، سي پڻ مزاحمت جو اڻ ميو طوفان اندر ۾ سانڍي آيا هوندا. تحريڪون ائين ئي جنم وٺنديون آهن. انقلاب ائين ئي ايندا آهن. قومن لاءِ ويڙهاند ائين ئي وجود ۾ ايندي آهي.

ان جلسي جي ٻي وڏي خوبي اها به هئي ته ان منجهه تحريڪ انصاف جو سربراهه عمران خان پڻ موجود هو ۽ هن پنهنجي اکين سان سنڌين جي اکين جي اداسي ڏٺي ۽ پنهنجي ڪنن سان سنڌن دل جو آواز ٻڌو ۽ پنهنجي زبان سان سنڌن اهنجن ۽ ايذائن جو اقرار ڪيو ۽ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي ذات ۽ پارٽيءَ جي حد تائين سنڌن مطالبن جي ساٿ ڏيڻ جو وچن ڪيو.

هونءَ ته اسان هميشه پنهنجو علم پاڻ کڻي، پنهنجي ئي درد جا داستان پاڻ کي ٻڌائيندا آهيون يا وڌ ۾ وڌ ڪجهه هم خيال بلوچستان جا يا سرحد جا يا سرائڪي ساٿي ساڻ کڻندا آهيون پر هن ڀيري پنجاب جو ماڻهو پر ۾ ويهاري ڪيس حال پاڻي ڪري، ڪانئس ئي پنجاب جي ارهه زوراڻي خلاف ڳالهرائڻ جي صلاح جنهن به دوست ڏني، اهو ضرور مبارڪباد جو مستحق چئبو. هن کان پوءِ ايندڙ موقعن تي انهن اردو دان همدردن کي پڻ ڪوٺ ڏجي، جيڪي ڪشاده دل

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئڻ سان گڏوگڏ متوازن سوچ رکندڙ هجن ۽ جيڪي پنهنجن ڏار ڏار حلقن ۾ عزت ۽ احترام جي نگاهہ سان ڏٺا ويندا هجن. ائين ڀين کي ساڻ کڻي هلڻ سان اسان جو ڪيس مضبوط ٿيندو، همدرديون وڌنديون ۽ اسان جي طاقت ۾ اضافو ٿيندو.

ٿيڻ تہ ائين کپندو هو تہ اهو جلسو وچ ڪراچي شهر ۾ ڪيو وڃي ها، آخرڪار ڪراچي اسان جو ئي شهر تہ آهي. اسان کي نہ صرف اهو ٻڌائڻو آهي بلڪہ عملي طور ثابت پڻ ڪرڻو آهي تہ هيءُ شهر اسان جو آهي ۽ اسان ڪنهن بہ صورت ۾ ان تان هٿ کڻڻ لاءِ تيار ناهيون. سچل ڳوٺ بہ ڪراچيءَ منجهہ ئي آهي پر نڪتہ چيني ڪرڻ وارن کي پوءِ اهو بهانو ٻڌائڻ جو وجهہ چو ڏجي تہ سنڌين وري بہ وڃي ڪنهن ڳوٺ ۾ جلسو ڪيو جتي سموري آبادي سنڌن ئي ماڻهن جي آهي، جلسي ۾ چيل هي جملا پڻ ناڪاري تاثر ٿا پيدا ڪن تہ ”سنڌين کي گهرجي تہ هو ڪراچيءَ جي ٻاهران چوطرف پنهنجا ڳوٺ آباد ڪن.“

ڪراچيءَ جي چوڌير هونءَ بہ سنڌين جا قديمي ڳوٺ آباد آهن، انهن ۾ اضافو ڪرڻ چڱي ڳالهہ آهي پر سنڌين کي اها ترغيب ڏيڻ وڌيڪ اثرائتي ٿيندي تہ هو گهٽي ڪان گهٽا ڪراچيءَ جو رخ ڪن، هن شهر جي گليءَ گليءَ، ڪوچي ڪوچي، پاڙي پاڙي ۾ ڦهلجي وڃن. نوڪريون نٿيون ملن تہ ڇا ٿيو؟ پنهنجا ننڍا ننڍا ڌنڌا ڌاڙي شروع ڪن. چوڪيدار ڊرائيور ۽ ٻورچي ٿين، سيڌي سامان جا دڪان کولين. مڪينڪ ۽ مستري ٿين، پنهنجا پاڙا وسائين. پنهنجون رسمون رچائين، پنهنجي ٻولي ڳالهائين. گهرن تي، دڪانن تي گهٽين تي سنڌيءَ ۾ نالا لکن. پنهنجو حق جتائين، پنهنجيءَ موجودگيءَ کي سرعام نروار ڪن، ڇو تہ ”همارا ڪراچي“ جي اوٽ ۾ ڌاريا دنيا کي صرف پنهنجو اولڙو ڏيکارڻ ٿا چاهين. ”همارا ڪراچي“ فقط هڪ محاورو ناهي آئينده جي رٿابندين ۽ بدنيتيءَ جي پيشبندي پڻ آهي. ساحلي علائقن تي قبضن ڪرڻ جي شروعات ٿي چڪي آهي ۽ اهي علائقا فقط ڪراچيءَ تائين محدود ناهن انهن ۾ سنڌ سان گڏوگڏ بلوچستان جي ساموندي پٽي پڻ شامل آهي. اڃا تہ ڪراچيءَ جا بہ بيٽ وڪيا ويا آهن. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ اهڙيون بيون بہ ڪيتريون ئي خوشخبريون ٻڌندؤ ڊي ايڇ اي کي تازي ڏنل زمين، جنهن جي قيمت پڳڙن مٽ ڪان بہ گهٽ آهي، سا تہ ڪجهہ ناهي، اوهان کي ان کان بہ وڌيڪ پوائنٽا جهٽڪا ڏيڻ لاءِ اسان جا پنهنجا چونڊيل نمائندا ۽ وزير امير ماشاءَ الله موجود آهن ۽ عهد ڪيو اٿن تہ لطيف سرڪار جي سنڌ جو انچ انچ تين وال ڪري پوءِ سک جي ننڊ سمهندا. اهو بہ پڪو پهہ ڪيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿن تہ پنھنجن ماروئڙن کي پاڻيءَ جي بوند بوند لاءِ ترسائي، ڏرتيءَ کي رڻ پٽ بڻائي، اڏوھي ڪاڏل ڪرسيءَ تي براجمان ٿي، سنڌ جي برباديءَ جو آخري منظر نوڙ جو پنڪو بڌي، پاڻ بہ ڏسندا ۽ ٻين کي بہ ڏيکاريندا.

"ھمارا ڪراچي" کان پوءِ "ھمارا حيدرآباد" اچڻ وارو آھي. ان لاءِ اڳواٽ تيار ٿي ويو ھاڻي اندرونِ سنڌ وڃي موھن جو دڙو بچندو. تازو رني ڪوٽ تي ٿيل مذاڪرو پڻ ان ۾ ھڪ وزندار اشارو ڪري ويو. اسان جي ڪن بيحد مخلص، معزز ۽ محترم دوستن چواڻي، اسان خواھ مخواھ ٽونٽيون ٽوڪي، اسٽيج تي زوريءَ چڙھي، شام غريبان پئي پڙھي. اسان کي پنھنجيءَ نالائقي جو بلڪل سختيءَ سان اعتراف آھي ۽ اھو مڃڻ ۾ بہ دير نہ ڪبي تہ اھا پھرين نالائقي نہ ھئي. اسان ان کان بہ اڳ اھڙين ڪيترين ئي خوشفھمين جو شڪار ٿي ان کان بہ وڌيڪ احمقيڻا ڪري چڪا آھيون. فقط ان آڌار ۽ آسري تي تہ شايد ھن ڀيري اڳلا سنجيدگي ۽ نيڪ نيتيءَ جو مظاھرو ڪندا پر ھر دفعي دوکو کائڻ کان پوءِ اسان پنھنجن بيحد مھربان، مخلص، معزز ۽ محترم دوستن کي يقين ٿا ڏياريون تہ آئينده نہ ٽونٽيون ٽوڪبيون، نہ اسٽيج تي براجمان ٿبو ۽ نہ وري شام غريبان ئي پڙھبي، توھان دلجاءِ ڪيو ۽ پنھنجي ڪم کي جاري رکو.

نواب اڪبر خان بگٽي ۽ وزيرستان وارن واقعن کان پوءِ ھر سمجھو شھري ڄاڻي ٿو تہ ڪندو اھا ئي جيڪا ڪوريءَ جي من ۾ ھوندي ۽ جيڪا ڪوريءَ جي من ۾ آھي اھا سنڌ. بلوچستان ۽ سرحد ۾ تہ ضرور ٿيندي پر پنجاب پنھنجا ھٿ ڪپائڻ نہ ڏيندو. ڇو تہ ھن وٽ ھٽ ئي تہ آھن ۽ جيڪڏھن پنجاب وقتي طور ۾ قدم پٺتي ھٽي بہ ويندو تہ ظاھر آھي ان جي قيمت بہ ڳري وٺندو ۽ اھا قيمت وري بہ سنڌين کي ئي ادا ڪرڻي پوندي. "ھمارا ڪراچي" وارن کي ڪھڙي پئي آھي جو ويھي اندرونِ سنڌ جي زمينن کي برباد ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ جاکوڙ ڪن؟ ھنن کي ڪھڙي پئي آھي جو سنڌ جي زمينن جو پئسي پائيءَ جي حساب سان ٿيندڙ نيلام روڪين؟ ھنن کي ڪھڙي پئي آھي جو بيروزگارن جي ڪيل آپگھاتن تي نير وھائن؟ سنڌ سڪي يا سڙي، ھنن کي فقط "ھمارا ڪراچي" گھرجي. پل تہ ھڪ ضلعي مان ڏھ ضلعا جڙن. پل تہ ھر ضلعي ۾ ھزارين ڏاريا آباد ٿين. پل تہ ھر ڏاريو ڪلم ڪلا سنڌ دشمني ڪري. ھنن کي ذري برابر بہ تڪليف ڪو نہ ٿيندي، بلڪ جڏھن سنڌ پڙپانگ ٿيندي ۽ سنڌي ڳولئي نہ لڀندا تڏھن ئي تہ "ھمارا ڪراچي" آباد ٿيندي ۽ ان آباديءَ ۾ سنڌي نمائندي جي اڏوھي ڪاڏل ڪرسي وڏو ڪردار ادا ڪري رھي آھي. پٺيءَ ۾ خنجر ھڻڻ وارو ڪو ڏاريو ناھي، پنھنجو ئي دلال آھي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچل ڳوٺ واري ميڙاڪي جا سڀ ماڻهو جيڪڏهن جلوس ڪاهي ڪنهن فقط هڪ ئي وڪاڻل وڏيري جي ڳوٺ ڏانهن مارچ ڪن ۽ ڪيس اها منٿ ڪن ته ڏيکارين جنهن ۾ ڪيس دفن ٿيڻو آهي ۽ اها پاڻيءَ لپ آچين. جنهن ۾ ڪيس شرم کان ٻڏي مرڻ گهرجي ته پوءِ چئبو ته لايا سجايا ٿيا. ان کان پوءِ هر شهر ۾ ٿيندڙ ميڙاڪي جو مقصد به اهو ئي هئڻ گهرجي: شرمائڻ، لڄائڻ، غيرت ڏيارڻ.

ڇهه ٻارهن مهينا اڳ، جڏهن صدر صاحب ڪالاباغ جو اعلان ڪرڻ لاءِ ڏاڍو ماندو هو ۽ اسان جا چنيهه لکڻا رهنما به ساڻس ٻيلهه سواري ڪرڻ لاءِ آتا هئا تڏهن سنڌي عوام جي غصي ۽ غضب کي ڏسي ڪيترائي سڪڻا پوڙن ۾ لڪي پيا هئا ۽ ٻين ته صاف جواب ڏئي ڇڏيو هو ته صاحب! اهو ڪم اسان کان ڪو نه ٿيندو.

هاڻي وري انهن ئي ٻارن ڪر ساهيا آهن. خط ساڳيو لفافو بدلايو اٿن. ٻاهران ڪوڙن جا رني ڪوٽ اڏيو ويٺا آهن پر اندر ۾ پنهنجي مهانگي ملهه تي پيا ٿا گد ٿين. اهڙن ٻي نڪن کي آرسي ڏيکارڻ لاءِ گهٽائي سچل ڳوٺ اڏٺا پوندا ۽ هڪ هڪ اڏوهي ڪاڏل ڪرسيءَ تي براجمان منٿيءَ جي مورتيءَ جهڙي ماڻهوءَ خلاف ڪنهن اڻ ڄاتي، اڻڳاتي، غيرتمند ۽ ٻي ڏيي نوجوان کي اليڪشن ۾ کٽائڻو پوندو. سنڌين جو انقلاب اٿين ئي ايندو.

مردار ۽ وڏيرڪي ذهنيت وارن نمائندن کي عبرتناڪ شڪست ڏئي پڙهيل ڳڙهيل، بهادر ۽ ڪميٽيڊ نوجوانن کي اسيمبلين ۾ آڻڻ سان سنڌ بچندي، سنڌ نه پير بچائيندو نه مير ۽ نه وري ڪو امير. سنڌ کي سنڌ جو عام ماڻهو بچائيندو مزدور، هاري ۽ ڪاسبي بچائيندو. جنهن کي زر خريدي نه سگهندي ۽ زور هيسائي نه سگهندو.

اهو ئي سنڌ بچائيندو اهو ئي "همارا ڪراچي" کي اسان جي ڪراچي چوندو ان جي ئي آجيان لاءِ موهن جو دڙو ٻيهر جي اٿندو ۽ رني ڪوٽ جي اياڻڪي اڪيلائيءَ کي به ان جو ئي انتظار آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قبرستان واري خاموشي

گذريل چند ڏينهن جون خبرون، جيڪي اخبارن ۾ ڇپيون ۽ جن جو سڌو سنئون واسطو سنڌ جي آڇپي سان هو پر سنڌ واسين انهن کي ڪنگهيو به ڪو نه، شايد هاڻي اسان جو مرض ايترو ته گهرو ۽ ڳنڀير ٿي چڪو آهي جو اٿڻ ويهڻ کان، هونءَ ئي هلاڪ هئاسين، هاڻي ته موريگو وات مان هونگار به نٿي نڪري، ڏئي وٺي سيڪجهه ڏٽيءَ جي حوالي ڪري، اڪ پوري، آخري هڏڪي جي انتظار ۾ پيا ٿا بچيل سچيل ساهه ڪٽون، جڏهن آيو جيئن آيو، جتي آيو دم ڏٽيءَ جي حوالي ڪري اجهو ٿا اڏامون، زنده ته خير تمام پري جي ڳالهه آهي، اڌميون قومون به ائين ڪو نه ڪنديون آهن. جيئن اسان هر شيءِ تان هٿ کڻي لاتعلق ٿي ويهي رهيا آهيون. ساهه ته خيرن سان سڄي جسم مان گهٽو اڳ نڪري ويو هو. رڳو ڇاڙي وڃي بچي هئي. لڳي ٿو ته هاڻي ان تي به سڪتو طاري ٿي چڪو آهي. ڪڏهن ڪڏهن اوچتو ڪو "يئو" ڪري ٿو وٺي، نه ته قبرستان واري خاموشي آهي.

پهرين خبر اها هئي ته ڪراچيءَ جي ٻن ٻيٽن جي ٻارهن هزار ايڪڙ زمين عرب امارات جي مشهور ڪمپني "عمار" کي وڪڻي ڏني وئي آهي، جنهن تي هو نوان شهر اڏيندا. جڏهن سنڌ جي وڏي وزير کان پڇيو ويو ته اها زمين ته سنڌ جي آهي، اها ڪهڙي ريت هڪ ڌارئي ملڪ جي ڪمپنيءَ کي وڪڻي ڏني وئي ته هن صاحب وراڻيو "مون کي ڪا خبر ناهي، ڇيو ويو ته توهان چيف منسٽر آهيو توهان کي خبر نه هوندي ته پيو ڪنهن کي هوندي؟" جواب مليو "اسان کي ڪجهه به معلوم ناهي، بهرحال مان اسلام آباد آڏو اعتراض اٿاريندس." ڪالهوڪي اخبار ۾ خبر آئي آهي ته وڏي وزير صاحب "اعتراض اٿارڻ" جا لفظ استعمال ڪو نه ڪيا هئا. هن صرف ايترو چيو هو ته "مان معلومات حاصل ڪندس."

اڄوڪي اخبار ۾ ان سلسلي ۾ ڪجهه وڌيڪ چاڻ آئي آهي. اخبار چواڻي ان زمين جي سودي لاءِ حڪومت پاڪستان ڇهن وزارتن کان راءِ گهري هئي، جنهن ۾ انصاف ۽ قانوني معاملن واري وزارت به شامل هئي. ڇن منسٽرين ته انڪار

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو پر ملڪ جي هڪ تمام اهم هستيءَ جي چوڻ تي اها زمين "عمار" بلڊرز کي ڏني وئي.

زمين سنڌ جي، ڪمپني ٻاهرئين ملڪ جي، سنڌ جي وزيراعليٰ کي خبر ئي ناهي، تن وزارتن مخالفت ڪئي، پوءِ به ٻارهن هزار ايڪڙ وڪامي ويا! ڪنهن به سنڌي وزير، امير، نمائندي، اسيمبلي، موافق يا مخالف ڌر قوم پرست يا غير قوم پرست، شاگرد، صحافيءَ، دانشور سجاڻ يا اجاڻ هڪ لفظ به ڪو نہ ڪڇيو آهي، موت جهڙي ماٺ ڇانئجي وئي آهي، اڪيون انڌيون، ڪن ٻوڙا ۽ ذهن سن ٿي ويا آهن. سنڌي قوم وڏي ڪوڏر هٿي هاڻي تڪجي ڦان ٿي ڪري آهي. گهري ننڊ اٿس، پر اها ڪا نئين ڳالهہ تہ ناهي؟ آزاديءَ کان پوءِ جيتري آزادي سان سنڌ کي لٽيو ويو ان جو مثال آفريڪا جي اونداهي کنڊ ۾ بہ ملڻ مشڪل آهي. پناهگيرن جي ڪوڙن ڪليمن کان وٺي، بئراج جي زمينن تائين ۽ رانديگرن، ڳائڻن، وڄائڻن، نقلي، دانشورن کان ويندي پرڏيهي "عمار" تائين اهو ئي ڪجهہ تہ ٿيندو رهيو آهي، مال مفت، دل بي رحم! ماڻهو پڳڙن جي مٺ بہ توري تڪي ورهائيندا آهن. سنڌ جي زمين تہ انڌن جي ريوڙين وانگر ورهائي وئي آهي. چند سال اڳ سمنڊ جي ڪناري، واري زمين اسان جي ئي سنڌي گورنر، ڊفينس هائوسنگ اٿارٽيءَ کي فقط ويهہ ربيا وال جي حساب سان وڪي هئي. جڏهن تہ هن علائقي ۾ اها زمين ويهہ هزار ربيا وال پئي وڪامجي. مٿان وري ڊي ايڇ اي وچي ٿي سمنڊ سڪائيندي ۽ زمين پنهنجي وس ڪندي، رڳو ڪريڪ ڪلب ۾ ئي پنهنجي مرضي سان پاڻي سڪائي، سيني جي اکين سامهون سوين ايڪڙ زمين پنهنجي گود ۾ هيٺان رکي، ان تي شادي لان ٺاهي ڇڏيا آهن. هجي ڪو راڄو راڻي ملڪ ۾ تہ سوال جواب بہ ڪري، هت تہ آپي شاهي لڳي پئي آهي. سون تي سهاڳو اهو جو اصل مالڪن کي پتوئي ناهي تہ زمين پيرن هيٺان کسڪندي پئي وڃي. ٻوڙي کي پئي ڪلو ڪتو تہ ماڻهن کان پئي پڇيائين تہ اهو دهڪو الائي ڪٿي پيو ٿئي.

بي خبر اها هئي تہ سنڌ سرڪار جي روينيو کاتي هڪ ئي آرڊر ذريعي ڪراچي ۾ مقرر 36 سنڌي تپيدارن کي راتو رات بدلي ڪري پنهنجن پنهنجن اصلوڪن ڳوٺن ۾ نوڪري تي رکيو آهي. لڳي ٿو تہ اهو آرڊر ان فيصلي تحت ڪيو ويو آهي. جنهن موجب موجوده سنڌ حڪومت جي هڪ زور آور ڌڙي اها گهر ڪئي هئي تہ آئينده ڪراچيءَ ۾ نوڪريون فقط انهن ماڻهن کي ڪرڻ ڏنيون وينديون، جن وٽ ڪراچيءَ جو ڊوميسائيل هوندو. هن کان اڳ پڻ ان ئي فيصلي تحت ڪجهہ پوليس عملدار "اندرونِ سنڌ" بدلي ڪيا ويا هئا. ڪجهہ پيا بہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪامورا ڪراچيءَ مان صرف ان ڪري تڙيا ويا هئا جو وٽن سنڌ جي ڀهراڙيءَ جو ڊوميسائيل هو. هاڻي ته ٻلي ٿيلهيءَ کان ٻاهر اچي چڪي آهي. ڀهراڙيءَ جو ڊوميسائيل رکندڙ سنڌين کي ڪراچي جي تعليمي درسگاهن ۾ به داخلا نٿي ڏني وڃي. آهستي آهستي سنڌين لاءِ گهيرو تنگ ڪيو پيو وڃي. هڪ خوفناڪ حڪمت عمليءَ تحت ڪراچي جا پلؤ سنڌين کان آجا ڪرائي، ان کي ڏارين جي جنت بڻائڻ جون تياريون مڪمل ٿي چڪيون آهن. انڌي پوڻدي ۾ خوش، اسان ان ۾ ٿي مست مگن آهيون ته ڪراچي سنڌ جي نقشي جو هڪ حصو آهي.

ٽين خبر جيڪا اڄوڪي اخبار ۾ ڇپي آهي. سا به ڪا گهٽ ڇرڪائيندڙ ڪانهي، خبر موجب ڪراچيءَ ۾ بي گهر ماڻهن جي لاءِ سنڌ سرڪار معمولي قيمت وارا فليٽ ٺهرائي رهي آهي، اهڙا فليٽ هندستان جي ممبئي شهر ۾ ٺهرايا ويا آهن ۽ انهن جي ڪاميابيءَ کي ڏسي سنڌ سرڪار جو هڪ وفد جلد ئي ممبئي ويندو ۽ روبرو ڏسي پڇا ڳاڇا ڪري، موٽي اچي ڪراچي ۾ اهڙا هزارين فليٽ ٺهرائيندو.

بي گهر ماڻهن کي گهر مهيا ڪري ڏيڻ واري عمل تي اسان ارها ناهيون اهو ته حڪومت جو فرض آهي ته هر شهري کي روٽي روزي ڪپڙو ۽ گهر دستياب ڪري ڏئي. اسان کي ڳڻتي ۽ ڳاراٽو آهي ته فقط ان ڳالهه جو ته اهي اجها ڪنهن جي لاءِ ٺاهيا ٿا وڃن؟ ڪٿي ڪي نوان مهمان ته ڪو نه گهرايا پيا وڃن؟.

سنڌين کي جيڪي گهر مليا آهن سي جڳ ڏٺا آهن. سوين سال پراڻا ڳوٺ به ڊاهي پٽ ڪري، اصلي سنڌين کي بنا ڇپر ڇانو جي بي گهر ڪيو ويو سا اڄهو ڪالهه ڪالهوٽي ڳالهه آهي. شهر جي چوڌاري سنڌين جيڪي وسنديون آباد ڪيون انهن کي اڃا سوڌو قانوني درجو ناهي ڏنو ويو. مٿن ڏينهن رات خوف جي تلوار لٽڪي رهي آهي. ڪو شڪ ناهي ته سنڌي نمائندن ۽ سنڌ جي حڪومت ۾ شامل سياسي ڌرين جي ڪمزوريءَ جو فائدو وٺندي انهن ڳوٺن کي به غيرقانوني ڄاڻائي ڊهرايو وڃي. آخرڪار ٻاهران ايندڙ مخلوق لاءِ جڳهه به ته پيدا ڪرڻي آهي.

اسان جاحاڪم ڪلهه به بي خبر هئا. اڄ به بي خبر آهن ۽ جهڙا حال آهن ته سڀاڻي به بي خبر رهندا، اسان جا قوم پرست رهنما ڪالهه به ضدي هئا. اڄ به ضدي آهن ۽ سڀاڻي به ضدي رهندا. لچڪ نالي ڪا به شيءِ اسان ۾ ڪانهي جيڪڏهن هيترو ڪجهه ڪرڻ کان پوءِ به الطاف حسين لنڊن ۾ صدر مشرف سان ملاقات ڪري سگهي ٿو ته پوءِ آخر محترم ممتاز ڀٽو محترم پليجو يا محترم قادر مگسي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چو نتا سائنس ملاقات ڪري، پنهنجا دک درد، اهنج ۽ ايذاءَ ڪيس ٻڌائن؟ آخرڪار لنڊن واري ميٽنگ ۾ الطاف ۽ مشرف صرف موسم تي ته تبصرو ڪو نه ڪيو هوندو. ضرور سياسي ڏي وٺ تي هوندي، اسان وارا سائين به ساڳئي طرح پنهنجي ماڻهن خاطر ڪوڙي گوري ڪائي پيو نه ته ڪي اصولي حق ئي ڪٽي حاصل ڪري اچن. وڙهڻ ته اسان ۾ رهيو ناهي. حڪمت عملي ڪان ته ڪم وٺي سگهون ٿا.

چوٿين خبر مان ٿو توهان کي ٻڌايان، اليڪشن جي ووٽر لسٽ ۾ نالو لکائڻ واري تاريخ 30 سيپٽمبر تي گذاري وئي. برسات سٽيل ڪجهه ايراضين کي واڌو وقت ڏنو ويو آهي. اليڪشن ڪميشن پنهنجي ڦڙتي ۽ ڪار گذاري ڏيکارڻ لاءِ ريڊيو، ٽي وي ۽ پريس ۾ ڏم لائي ڏني، ٽي وي تي ته اشتهارن ۾ سرڪاري ڪارندا در در تي وڃي فارم ڏئي به پئي آيا ۽ پرجڻ ڪان پوءِ موٽائي وٺي به آيا. هڪ خوش شڪل خاتون وڏي اطمينان سان مسڪراهٽون وکيري پنهنجيءَ سورهياڻيءَ تي سرهي نظر پئي آئي.

مان ڊفينس ۾ رهندو آهيان، جتي هر گهر تي نمبر، هر گهٽي تي نمبر، هر سڙڪ تي نالو ۽ هر فيز تي نمبر لڳل آهي. ساري پاڪستان ۾ ايتري منظم سوسائٽي ٻي شايد ئي ڪا هجي پوءِ به خوش شڪل خاتون جي دعويٰ موجب نه ڪوئي فارم ڏيڻ آيو ۽ نه موٽائي وٺڻ آيو. پاڙي جي ٻين سنڌين گهرن به ساڳي شڪايت ڪئي مان سنو شهري ناهيان، ان ڪري نه دانهن ڏيڻ لاءِ اليڪشن ڪميشن جي آفيس ويس ۽ نه وري ڪين فون ڪيم. گذريل دفعي ٻئي ڪم ڪيا هئم، فون به ڪئي هئم، روبرو آفيس ۾ وڃي شڪايت به ڪئي هئم پوءِ به لسٽ ۾ نالو ڳولئي نه لڌو. خبر ناهي ٻين ڪيترن سنڌي ڪٽنبن سان ساڳي ويڌن هوندي

ڪو ٻڌائيندو ته ائين چو ٿي رهيو آهي؟ چوٿين آڪٽوبر جي اخبار هٿ ۾ اٿم، لکيل آهي ته ڪراچي ريلوي جي ڪولين جي ٺيڪيدار اسي سنڌي ڪولين کي نوڪرين مان ڪڍي ڇڏيو ۽ سندن جاءِ تي پنجاب مان سورهن سالن جا ڇوڪرا گهرائي ڪين پرتي ڪيو آهي.

ٻي خبر اها آهي ته سنڌ ڪابينا عرب امارات واري "عمار" طرفان خريد ڪيل ٻن ٻيٽن تي اطمينان جو اظهار ڪيو آهي. ميٽنگ ۾ متحده جي وزير ان وڪري جي زبردست حمايت ڪئي، جنهن ڪان پوءِ سيني وزيرن کي ماٺ وٺي وئي. اهو به لکيل آهي ته وڏي وزير صاحب پڻ ان سودي تي خوشي جو اظهار ڪندي فرمايو آهي ته ترقيءَ تي زمين کي قربان ڪنداسين. مرڪز سان اهو اسان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو اندروني معاملو آهي، ٿهي پوندا سين. باقي انهن ٻنهي ڀيٽن تي نوان شهر ضرور اڏبا.

ٽين خبر اها آهي تہ فشر فوڪ ان سودي بازيءَ تي مزاحمت جو اعلان ڪيو آهي ۽ چيو آهي تہ ان عمل سان اسان قديمي سنڌي ماهيگر هزارن جي تعداد ۾ برباد ٿي ويندا سين.

خبرون توهان جي سامهون آهن، ڇا ٿي رهيو آهي، سو سمجهي سگهو ٿا. ڇا ٿيندو سو سمجهائڻ جي ضرورت ناهي. نانو نورو ليڪو پورو! دعا گهرو مومنو!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امتحان جاري آهي

امتحان جاري آهي.

اسان جي صبر ۽ شڪر ، درگذر ۽ وفاداريءَ جو امتحان جاري آهي. اسان جي آزي ۽ نيزاريءَ، نمڪ خواريءَ ۽ خدمت گذاريءَ جو امتحان جاري آهي. اسان جي ذلت ۽ رسوائيءَ ۽ نارسائيءَ جو امتحان، عزت ۽ غيرت ۽ حيا ۽ شرم، مرم ۽ ڀرم جي نيلاميءَ جو امتحان. پنهنجن پيارن، جيءَ جيارن ۽ آخري سهارن جا لاش ميڙڻ جو امتحان، خون ۾ وهنجاريل عقل، دانش، سوچ، لوچ، سمجهہ ۽ سونهن ۽ سچائيءَ کي بار بار متيءَ ماءُ حوالي ڪري، چند ڳوڙها ڳاڙي پنهنجو ئي سينو ڪُٽي، ڀريل دل، اجهاميل اکين ۽ رهڙيل روح باوجود رُڪي مات کائڻ جو امتحان، آزاديءَ جي اپري آس تي دامن جلائڻ جو امتحان.

سنڌ جي ڪروڙين احمقن جو امتحان، جيڪي پاڻ کي سادو سباجهو صوفي ۽ نماڻو ۽ مهمان نواز ثابت ڪرڻ لاءِ گهر قوڪي ڏياري ملهائيندا آهن. جيڪي دلبي، دولاب ۽ ڏتي ۽ آسري جي آڌار تي ڪونڌر ڪهائيندا آهن. جيڪي صلح، امن، پريت ۽ ڀائيچاري جهڙن ڪمزور لفظن جي پاڇي ۾ رُج پويان ڊوڙندا آهن. جيڪي ناممڪن کي پائڻ خاطر سورج جو سودو ڪندا آهن، جيڪي نانگ پاليندا آهن ۽ سوانگ رچائيندڙن کي مظلوم ڄاڻي جيءَ ۾ جايون ڏيندا آهن.

امتحان جاري آهي

بي رحمن کان رحم جي خيرات پنڻ جو ظالمن کان ڀاڄهہ جي آس رکڻ جو بندوقن کان پيار جا گل نچاور ڪرڻ جو سنگينن کان ساوا سلا اپارڻ جو. جلادن کان جيئدان گهرڻ جو نتهڻ اس کان ٿڌڙي هير گهلڻ جو وساريل خواب جي ساپيان ٿيڻ جو.

امتحان جاري آهي.

امتحان جاري رهندو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجود جي آخري علامت تائين، ساهہ جي پوئين سڏڪي تائين، جسم کان روح جي وڇوڙي تائين، سوچ جو سوريءَ جي رسائيءَ تائين، دوزخ جي انتهائي درد تائين.

خوشين جا قافلا، جي سٺ سال اڳ اميدن جي ماڳ ڏانهن راهي ٿيا هئا، سي ايترو جلدي لٽجي ويندا، سا تہ ڪنهن ڪي بہ ڄاڻ نہ هئي. آزاديءَ جا چراغ، جي قدم قدم تي جليا هئا، سي لحظي ۾ اجهامي ويندا، سو تہ ڪنهن سوچيو بہ نہ هو. امن جا ڪبوتر، جي اسان پنهنجن هٿن سان اڏاريا هئا، سي تيرن جي وسڪارن جي ور چڙهي ويندا، سو تہ ڪنهن جي گمان ۾ بہ نہ هو.

سڀ واعدا، انجام، اقرار، پاڻيءَ تي ليڪو ثابت ٿيا،
لفظن جا انبار هوا جي هڪ جهوٽي سان وکري ويا،
ڪاغذن جا ڍير پاڻيءَ جي هڪ چوليءَ ۾ چلي ويا.

اسان جي جهوليءَ ۾ فقط چند ٽٽل تارا ۽ ٿُڪل سپنا ۽ ڪومايل ڪنول ئي ڪريا. اسان جي نگاهن ۾ پنهنجي ئي ڌرتيءَ جي ڏوڙ دور دور تائين اڏامندي رهي.

اسان جي وڏ وڏ ۾ رِوهہ پرجندو ئي رهيو.
اسان جي سوچ تي سنگهر پوندا ئي رهيا.
اسان جي وات تي ٻاٽ چانئبي رهي.

محرومي ۽ مجبوريءَ ۽ بي وسيءَ ۽ بي ڪسيءَ اسان جو سَنڌُ سنَڌُ ساڙو ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ جڏهن سنڌ جي شهزاديءَ بينظير جو رت ۾ ٻڏل ڳاڙهو لاش، معمولي چپ بورڊ جي کهري ۽ بدنما تابوت ۾ ويڙهي سنڌ ڏانهن سوکڙي ڪري اماڻيو ويو، تڏهن اسان جي صبر جا سمورا بند ڀڄي پيا. ائين لڳو ڄڻ اسان انسان نہ، توهان جي خوني بندوق جي نشان تي بيٺل ڪي جهنگلي جانور آهيون، جي اڄ صديءَ کان پنهنجي ساهہ بچائڻ لاءِ هر دم، هر گهڙيءَ، هر پل، هر لمحي، ڀڄندا رهندا هجن، لڪندا رهندا هجن، ڇپندا رهندا هجن.

ڇا واقعي اسان انسان آهيون؟ پاڪستاني آهيون؟ توهان جا ڀائر آهيون؟ ڇا سچ پچ هن مُلڪ ۾ اسان جي ڪا ڀائيواري آهي؟ برابري آهي؟ برادري آهي؟ حصو پتي، ڪٿي ڪاسو تولو ماسو ذرو پرزو ڪجهہ آهي؟ ڇا اسان جي زبان، اسان جو ڪلچر، اسان جو ادب، اسان جو وجود توهان جي نظرن ۾ ڪا اهميت رکي ٿو؟ ڇا اسان جي جان، اسان جي مال اسان جي ڌرتيءَ جي اوهان جي آڏو ڪا حيثيت، ڪا قيمت آهي؟ ڇا اسان جي آسن، اميدن ۽ امنگن جي اوهان وٽ ڪا وقعت آهي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي سوال نوان ناهن، اڳ بہ پڇيا ويا آهن، بنگالين پڇيا، بلوچن پڇيا، پختونن پڇيا، سنڌين پڇيا، جواب هميشہ تابوتن جي شڪل ۾ مليو.

چئو ٿا: هوءَ سر نہ ڪيڏي ها تہ زندهہ هجي ها.

چئون ٿا: هوءَ سر اوچو نہ ڪري ها تہ زندهہ هجي ها.

پٽي بہ ساڳي غلطي ڪئي هئي. هن سر نہ جهڪايو سندس پياري ڌيءَ بہ ساڳي غلطي ڪئي. اسان سڀني جي ساڳي غلطي آهي. اسان سڀ سوريءَ سزاوار آهيون. ڳڙهي خدابخش جي مٽيءَ ۾ هيءَ پهريون لاش تہ دفن ٿيڻ لاءِ نہ آندو ويو آهي؟ ۽ پڪ اٿئون تہ آخري بہ ناهي.

حيرت آهي. هيڏو وڏو هاڃو ٿي ويو پر توهان جي ڇهري تي گهنج نہ پيو توهان جي اکين مان لڙڪ نہ لڙيو توهانجي ضمير تي ضرب نہ آئي. ڪونج ڪسجي وئي، گوليءَ جي گونج ڌرتيءَ جي گولي کي ڌهلائي ڇڏيو پر توهان جي منهن تان مرڪ نہ وئي. چوڌرين چيو: سنڌي لٽيرن اربن جون ملڪيتون ساڙي ڇڏيون.

پائي صاحب چيو: سنڌي وڳوڙين ڪيترين ئي عورتن جون عصمتون لٽي ڇڏيون.

ارباب سائينءَ چيو: نحوست هئي، ٽري وئي!

زخمن تي لوڻ اچا پيو ڪيئن ہرڪبو آهي؟ ڏڪويل کي اچا وڌيڪ ڪيئن ڏڪوئبو آهي؟ ڪٺل کي بيهر ڪيئن ڪهبو آهي؟ گردن تي ڪاتي وهي ۽ چڙهيون بہ نہ هٽجن؟ جسم مان جان نڪري ۽ آهہ بہ نہ ڪجي؟

سقراطن وڏي اعتماد. ثبوتن ۽ ثابتين سان فتويٰ ڏني تہ موت گاڏيءَ جي سن روف جي ليور لڳڻ سان ٿيو. وري چيائون: آپگهاتي حملي آور جي بم جا ٽڪرا لڳا.

وري چيائون: ڪنهن بہ گوليءَ جي تصديق ڪا نہ ٿي آهي.

ميڊيا تصويرون ڏيکاريون تہ ڪکا وکا ٿي ويا. آڊيو ٽيپ ڪٽي آيا. آواز سچا هئا، ڪوڙا هئا، اصلي هئا، نقلي هئا، تازا هئا. پنج سال پراڻا هئا. فيصلو ڪير ڪندو؟

جاءِ واردات تي هڪدم پاڻي ڇو هارايو ويو؟ خودڪش بمبار تي سمورو بار ڇو وڌو ويو؟ بيت الله محسود جي بار بار انڪار باوجود القاعده جي ٺپ ڇو وجهائي وئي؟ اسڪاٽليند يارڊ ٽيم کي بريفنگ ڪنهن ڏني؟ انهن ۽ اهڙن بين هزارها سوالن جا جواب ڪير ڏيندو؟ آهي ڪو راڻو راڻي ملڪ ۾؟ هر طرف سانت آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماٺ آهي. خاموشي آهي. ملڪ ۾ جمهوريت آڻڻ جي دعويدارن جا چپ فقط پنهنجي بچاءَ ۽ واڪاڻ وقت کلن ٿا. جج ۽ وڪيل قيد آهن. ميڊيا تي زنجير پئجي ويا. عام ماڻهوءَ جو آواز ڌماڪن ۾ دٻجي ويو آهي. مهانگائي ۽ بدامنيءَ جي راڪاس عوام جو ساهہ سڪائي ڇڏيو آهي. اٿو اٿليو آهي. اليڪشن جي آزاد ۽ شفاف هجڻ تي آڱريون کڄي رهيون آهن. ساهہ مٺ ۾ آهي. ڌرتي ٽامو ۽ آسمان آڳ اوڳاڇي رهيو آهي ۽ ان مايوسيءَ جي ماحول ۾ سنڌ پنهنجي بدنصيبيءَ جو ماتم ملهائي رهي آهي. ڳالهہ ڳالهہ تي سڏڪو اڀري ٿو اچي. اندر مان لڳي ٿو تہ ڪجهہ وڃائجي ويو آهي. دل ۾ ڪوئي ڪاٺُ هٽي وئي آهي. اکيون واجهائن ٿيون، ڪن ڪنائن ٿا. ذهن سوچي ٿو ڪو قيمتي وکر وڃائجي ويو آهي. گهڙيءَ گهڙيءَ من پڇي ٿو تہ بينظير جي موت سان اسان جا وڃايو آهي؟

هڪ ئي جواب آهي: اسان اميد وڃائي آهي.

۽ ان اميد سان گڏ مئو آهي اسان جو ڀروسو اسان جا خواب، اسان جون خوشيون، اسان جو آئيندو.

اوهان ڇا ڇا موٽائي سگهندؤ؟

اسان جي اندر جا ٽهڪندڙ ٽانڊا وسائي سگهندؤ؟

اسان جي دل ۾ دکندڙ نفرت جي آڳ اجهائي سگهندؤ؟

اسان جي تپندڙ تن بدن تي پڇتاءَ جا ڦها رکي سگهندؤ؟

اوهان ڪجهہ بہ نہ ڪندئو. اوهان ڪجهہ ڪرڻ ئي نہ چاهيندئو. توهان چاهيو تہ بہ ڪجهہ بہ نہ ٿا ڪري سگهو.

اسان جي ويساهہ جو سفر 27 ڊسمبر جي شام جو سج لهڻ سان گڏ پورو ٿي چڪو. ان کان پوءِ ڪا بہ راهہ ڪا بہ واهہ ڪو بہ گس ڪو بہ پيچرو نظر نٿو اچي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھ ڪڙيون مٺيون ڳالهيون

حالتون جنهن رفتاريءَ سان بدلجي رهيون آهن، انهن ڪي ڏسندي پڪ نٿي ٿئي تہ اڄ جو لکيو سياڻي جڏهن توهان جي هٿن تائين رسندو، تڏهن صورتحال ڪهڙي هوندي، پر ان هوندي بہ اڄ جي سچائيءَ ڪان منهن موڙي سياڻي جي آسري تي ويهي رهڻ بہ ناداني ٿيندي. اڄ جي راءِ اڄ ئي ڏئي ڇڏجي، سياڻي جا ياڳ سياڻي سان.

پر ان ڪان اڳ جو موجوده حالتن جي ڇنڊڇاڻ ڪجي، ڪي سچايون مڃڻ ضروري ٿو سمجهان.

سڀ ڪان پهريون تہ مون ڪي اها حقيقت ڇوڻ ڏيو تہ اسان جيڪي ڪجھ پنهنجي طرفان وڏي محنت ۽ خلوص سان لکون ٿا. تنهن ڪي پڙهڻ لاءِ واسطيدار اڳواڻن ڪي نہ تائيم آهي ۽ نہ ضرورت. اسان فقط هنيانءَ جي باھ ڪيڻ لاءِ قلم ٿا ڪٽون، پر اهو بہ چئون ٿا تہ اهو پاڻيءَ تي ليڪي برابر آهي، نہ ڪو پڙهندو ۽ نہ مٿس ڪو اثر ئي ٿيندو پر جي ڪنهن اتفاق سان بي دليو ٿي پڙهي بہ ورتو تہ بہ ان جي اهميت سندس ذاتي راءِ جي آڏو ٽڪي برابر بہ ڪونہ هوندي. ان ڪري دوستو گهٽ ۾ گهٽ مون ڪي پنهنجي باري ۾ ڪا بہ خوش فهمي ڪانهي.

ٻي ڳالھ هئي تہ اليڪشن کٽڻ ڪان پوءِ هر ماڻهوءَ جي "سائڪي" ئي بدلجي ٿي وڃي، جيڪو ڪالھ تائين ياڪر پائي ملڻ لاءِ آتو هوندو هو اهو ڏھ دفعا فون ڪرڻ ڪان پوءِ بہ پيو لنوائيندو ڪڏهن پلجي فون ڪٽي بہ ويٺو تہ نالو ٻڌڻ ڪان پوءِ رسيور ڪي اهڙي ڪريپ سان پيو ڏسندو جڻ مئل ڪوئو هٿ ۾ ڪنيو هجيس.

ٽئين ڳالھ، پارٽي جي ڪامياب ٿيڻ شرط خوشامدين، ڇچڙن ۽ منگهٽن جا ٽولا الائي ڪٿان نڪري اچن ٿا. ڪنهن ڪي پٽي صاحب سان گڏ ڪڍايل فوٽو هٿ ۾. ڪنهن ڪي بينظير صاحبہ ساڻ ڪڍايل تصوير کيسي ۾. ڪنهن ڪي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مخدوم صاحب سان جهول ۾ هٿ ملائڻ جو شرف. ڪنهن کي سراج دراني جي وڏن سان پنهنجن وڏڙن جي ياري تي فخر. خود مون به ڪجهه ڏينهن اڳ آصف زرداري کي پنهنجو پاڙيسري سڏي ساڻس ويجهي تعلق جي دعويٰ ڪئي هئي. پر وريو ڪجهه به ڪونه. مون کي ته ڊپ آهي ته ڪٿي نثار کهڙو به سڃاڻڻ کان انڪار نه ڪري ڇڏي! موقعي پرستن ۽ ٺڳن پنهنجا پنهنجا ڊراما تيار ڪري ڇڏيا آهن. ڊائلاگ ياد ڪري ڇڏيا آهن ۽ پراڻا ڪاسٽيوم ڪڍي ڇنڊي، ڦوڪي، استري ڪرائي رکيا آهن. رڳو وزيراعظم، وزيراعليٰ ۽ وزيرن جي نالن جي اعلان ٿيڻ جي دير آهي. همراهن کي جتي به هٿ اچي ويجي ته منهنجو نالو بدلائي ڪنهن بڇڙي جانور تي رکي ڇڏجو وري به اهي لاٽون، اهي ئي چڱهه، اهي ئي ٺڳيه بشني ۽ بليڪ ميلر ويجي حڪمرانن جو پاسو وٺندا جن جي ڪري پيپلزپارٽي ٽي دفعا رسوا ٿي چڪي آهي ۽ سندس سچن سچڻ شهادتون ماڻيون، جيل ڏٺا ۽ سختيون سٺيون.

سنڌي ليکڪن، اديبن، صحافين ۽ ڏاهن کي نه اڳ ڪنهن ڪنگهيو هو نه هاڻي ئي ڪنهن کي لوڙ پئي آهي، هو ليکن نه ليکن، اسان لال جي ليکي! اڳلا ڪنگهن به ڪو نه اسان هش تي خوش! هنن کي گهرجي نه گهرجي اسان صلاحن مٿان صلاحون پيا ڏيون، پر نه، صحيح ۽ ايمانداراڻي صلاح ڏيڻ اسان جو فرض آهي. ڳالهه رڪارڊ تي اچڻ ضروري آهي. مڃڻ نه مڃڻ مالڪ جو ڪم آهي، پڳ اسان کي ڪوئي ڪو نه ٻڌائيندو پر وقتائتو چتاءُ ڏيڻ سچڻ جو ڪم آهي. انهيءَ ئي حوالي سان اڄ جو اهم مسئلو جيڪو سنڌ ۽ خاص طور سنڌي سياست جي جوڙجڪ جي سلسلي ۾ عام بحث جو موضوع آهي، ان تي به اکر چوڻ ضروري ٿي پيا آهن.

مسئلو آهي متحده کي سنڌ جي صوبائي حڪومت ۾ شامل ڪرڻ يا نه ڪرڻ جو. گذريل ٽن چئن ڏينهن کان ان سلسلي ۾ عجيب تماشا ڏٺا اٿئون. سنڌ جي چونڊيل نمائندن جي گڏيل راءِ سامهون آئي ته متحده کي حڪومت کان پاسيرو رکجي. پنهنجي ان فيصلي جي حق ۾ هنن ڪي معقول ۽ مناسب دليل پڻ ڏنا آهن. جواب ۾ متحده جا ٽي چار موقف سامهون آيا آهن، پهريون چيائون ته پيپلزپارٽي ڪتيو آهي ان ڪري ڪين حڪومت ڪرڻ جو هر حق آهي ۽ اسان هنن لاءِ ڪا به مشڪل پيدا ڪونه ڪنداسين. پوءِ چيائون ته اسان ٽيهه سيڪڙو سيٽون کٽيون آهن. ان ڪري اسان کي پنهنجو حصو ملڻ گهرجي. وري چيائون ته اسان وزارتن جي خيرات ڪو نه ٿا گهرون. تازي خبر اها آهي ته جيئن ته اسان شهري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آبادي مان نمائنده حيثيت حاصل ڪئي آهي. ان ڪري جيڪڏهن اسان کي حڪومت ۾ حصو نہ مليو تہ پوءِ حالتن جا ذميوار اسان ڪو نہ ٿينداسين. جواب ۾ آصف زرداري، خورشيد شاهہ، سراج دراني ۽ ٻين جا بيان اڄوڪين اخبارن ۾ ڇپيا آهن جن ۾ صلح صفائي، امن امان ۽ خير خوبي سان گڏ رهڻ ۽ شهري آبادي کي سنڌ جائز حق ڏيڻ ۽ کين ساڻ کڻي هلڻ تي زور ڏنو ويو آهي.

ڳالهيون سڀ سٺيون. خير ۾ برڪت آهي. امن ۾ سيني جو ڀلو آهي. سچ تہ ٻيئو نچ وغيره وغيره. وڏڙا ويچارا سهڻا سخن چوندي چوندي وڃي قبر پيڙا ٿيا، سنڌ هڏا بہ ڳري ويا. اسان بہ اڃي پهتا آهيون پر نہ سچ کي نچندو ڏٺوسين، نہ ايمانداري جي وڻ ۾ ڪو ڦل ڏٺوسين، نہ صبر جو تير نشاني تي لڳندو ڏٺوسين، ها ڏٺوسين تہ ڏاڍي جي لٺ کي ڀہ مٿا ضرور ڏٺاسين.

تاڙي ٻنهي هٿن سان وڄندي آهي. پيار هڪ طرفو ڪو نہ ٿيندو آهي. زور جي ميندي بہ ڪو نہ لڳندي آهي. زماني جو اصول آهي: گهر تہ گهراڻو، گڏريل حڪومت ۾ جيڪڏهن سائيڪل ۽ لغڙ سنڌين جي تير جي اهميت کي ماڻ ڏنو هجي ها تہ جيڪر اڄ هيءَ حالت پيدا ٿي نہ ٿئي ها. سنڌين جي حقن واري ويڙهاند ۾ هو اسان سان ٻٽ ٿي بيهن ها تہ اسان بہ کين اڪيلو نہ ڇڏيون ها. شهري ۽ ٻهراڙي جو فرق بہ سنڌ ئي پيدا ڪيل آهي. ورنہ اسان لاءِ تہ سنڌ سموري سنڌ ئي آهي.

اڄ جيڪڏهن اسان سنڌ ۾ ٻهراڙي ۽ شهريءَ جو اصول تسليم ڪيو تہ پوءِ ائين سمجهو تہ اسان سنڌ جي ورهاڱي واري دستاويز تي دستخط ڪري ڇڏي، مان اليڪشن ۾ ٿيل ڌانڌلين جو ذڪر نٿو ڪيان. ان لاءِ هڪ الڳ مضمون جي ضرورت پوندي، پر ڳالهہ سنڌ جي شهرن جي پئي هلي. سنڌ جي ٻهراڙي بہ اسان جي آهي تہ شهر بہ اسان جا ئي آهن. اسان نہ ڳوٺن تان هٿ کنيو آهي ۽ نہ شهرن تان، اندرئين سنڌ ۾ بہ سنڌي ٿا رهن ۽ ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۾ بہ سنڌي آباد آهن. اسان جي تاريخ اسان جي جاگرافيءَ ٿي هر هنڌ ڦهلي پئي آهي. ائين ڪو نہ ٿيندو تہ ڪورنگي مان کٽندڙ کي جدا نمائندگي ملندي ۽ ٽنڊي نوڙهي مان ڪامياب ٿيندڙ کي الڳ نمائندگي ملندي، ملڪ ۾ ڪيترين ئي سياسي پارٽيون آهن، هڪڙيون کٽنديون ٻيون هارائينديون. اڪثريت واريون پارٽيون حڪومت جوڙينديون آهن ۽ هارائيندڙ مخالف ڌر بڻجنديون آهن. ان ۾ ڪو عار هئڻ بہ نہ گهرجي، بلڪ سنجيده ماڻهن جو ڪم آهي تہ پنهنجي هار کي دل سان قبولي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جمهوريت کي مضبوط ڪن. روئڻ، پٽڻ، طعنا، مهڻا، دڙڪا، ڪڙڪا ڏيڻ سان جمهوريت ڪمزور ٿيندي ۽ ڪو نہ ڪو آمر دڙها هڻندو اچي هڪ دفعو وري قوم جي نڙيءَ تي ننهن ڏيندو. متحده جي خدمت ۾ بہ ساڳيو ئي عرض آهي تہ پيارا سائين! اسان توهان کي دل ۾ جان سان پنهنجو سمجهنداسين پر توهان رڳو هڪ دفعو پنهنجي گذريل ڪارڪردگي تي سرسري نظر وجهي ايمانداريءَ سان اهو ٻڌايو تہ اوهان اڄ تائين جيڪو ڪم ڪيو آهي، ڇا اهو پراڻن نون سنڌين کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻڻ لاءِ ڪافي آهي. ڇا اوهان اسان جي ڏک سک ۾ ڀائرن وانگر ڀاڱي ڀائيوار ٿيئو؟ ڇا توهان سنڌ جي ٻولي، ادب ۽ ثقافت کي دل سان قبوليو ۽ اهو مان ڏنو جيڪو سنڌس حق آهي؟ ڇا توهان روزگار ڏيڻ ۾ غريب سنڌين کي سندن جائز حصو ڏنو؟ ڇا توهان سندن ڳوٺن کي ڌاهڻ بجاءِ قانوني حيثيت ڏئي شهري سهوليتون پهچايون؟ ڇا توهان شهري تعليمي ادارن ۾ سنڌين جي مالڪي تسليم ڪئي؟

سوال گهڻا آهن جواب سنجيدگي جا طالب آهن. اڄ جيڪڏهن پ پ يا ٻين پارٽين کي متحده تي اعتراض آهن تہ انهن اعتراضن جا وٽن جوڳا دليل پڻ موجود آهن. دليل جو جواب دليل سان ڏيڻ گهرجي ۽ دليل بہ اهڙو جيڪو قائل ڪري سگهي. اهو ڪو دليل ڪونهي تہ ڇاڪاڻ تہ اسان شهري آبادي ۾ وڌيڪ سيٽون کٽيون آهن، ان ڪري توهان جي حڪومت ۾ اسان جو بہ حصو لڳي! اهڙو دليل تہ سائيڪل وارا پنجاب ۾ بہ ڏئي سگهن ٿا.

ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اهو دل سان مڃيو وڃي تہ سنڌ ۾ رهندڙ سڀ سنڌي آهن. تورائي وارا هٺرادو طرح پنهنجو انگ وڌائڻ بجاءِ پنهنجي وڏي ڀاءُ جي عزت ڪن. سائٽس سينو نہ ساهن، سندن ڏک سک ۾ شريڪ ٿين ۽ پوءِ وڏي ڀاءُ جو فرض ٿيندو ننڍي جي مٿي تي پيار ۽ شفقت جو هٿ رکي ۽ اوکيءَ توڙي سوکيءَ ۾ ڪيس پاڻ سان گڏ وٺي هلي.

مان جڏهن هي آخري جملا لکي رهيو هوس تڏهن هڪ پياري ڀاءُ ڊاڪٽر عبدالخالق ٻگهئي صاحب جو هالا مان فون آيو. چيائين تہ بينظير شهيد اسان لاءِ ولي جو درجو رکي ٿي. هونءَ بہ اسان جي پيڙهہ بہ هئي تہ ليڊر بہ هئي پر سندس شهادت کيس ڌڻي جي پيارن ٻانهن ۾ شامل ڪري ڇڏيو. هونءَ بہ شهيدن کي اڳواٽ پروڙ پئجي ويندي آهي ۽ هو پنهنجي دل جي ڳالهہ جو اظهار پنهنجي حياتي ۾ئي ڪري ڇڏيندا آهن. شهيد راڻي پڻ هڪ ڪان وڌيڪ دفعا مخدوم امين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهيم صاحب کي ڇيو هو تہ مخدوم صاحب، اوهان جنهن ثابت قدميءَ سان هر اوکي موقعي تي منهنجو ساٿ ڏنو آهي تہ دل تي ڇوي تہ جيڪر اوهان زندگي ڀر پارٽي جا چيئرمين ٿي رهو.

ڊاڪٽر صاحب، بيشڪ مخدوم امين فهيم جي شخصيت ۾ سڀاجهائي، سادگي، شرافت ۽ رواداري جي ڪا ڪوٽ ڪانهي، پارٽي سان مشڪل کان مشڪل حالتن ۾ نباهہ جهڙي ريت پاڻ ڪيو اٿن، اهو ڪو ٻيو ورلي ڪندو ، پاڪستان توڙي دنيا جا سجاڻ ماڻهو ان حقيقت کان چڱي طرح واقف آهن. اسان جي بہ دلي خواهش اهائي آهي تہ امين سائينءَ کي سندن محنت، محبت، سچائي ۽ خلوص جو اجورو هاڻي ملڻ گهرجي. سياسي معاملا آهن. وڏيڪ رب کي جنهن ۾ چڱائي نظر اچي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ ڪلهه تہ آئينا بہ ڪوڙ ڳالهائڻ سکي پيا آهن

اڄ مون کي توهان کان هڪ اهم سوال پڇڻو آهي
سوال تہ گهڻا ئي آهن. ورهين کان هر سنڌي مرد توڙي عورت جي ذهن ۾ پيا ٽا ولوڙجن، هر قدم تي، هر گهڙيءَ، هر جڳهہ اهي سوال واسينگن جيان ڪر ڪڻي اسان جو ڏنگ جهلي بيٺا آهن. جلهہ ٽا ڪن، وڙهن ٽا، پٽيان ٽا لڳن پر اسان ڪنڌ جهڪايو اکيون پوري، ڪن ٻوساٽي، هر دفعي اڳتي وڌي ٽا وڃون. لنوائي ٽا ڇڏيون، پلائڻ ٽا چاهيون تہ ڪا سندن حقيقي حيثيت بہ آهي. شترمرغ جيان ڳچي واريءَ ۾ لڪائي پاڻ کي ڪوڙي تسلي ڏيڻ ٽا چاهيون تہ ڪو بہ ماري يا شڪاري اسان جي عين سامهون بندوق سڌي ڪيو بيٺو ناهي.
سال ٿي ويا آهن واريءَ ۾ ڪنڌ لڪائيندي تڏهن کان، جڏهن اڃا دشمن جو پهريون دڙهو ٻڌو هئوسين.. اڄ تائين جڏهن صرف گهوڙي دٻائڻ جي دير آهي. ان پوري عرصي دوران اهي سمورا سوال ٽڙندا ٽاٻڙندا، وڙهندا جهڙندا لڪندا ڇپندا رهيا، پر اسان پنهنجي وجود جا سمورا در دروازا ۽ روشندان بند ڪري ڇڏيا ۽ سڄو بار صوفين، درويشن ۽ بزرگن ۽ ڪرامتن ۽ معجزن ۽ ڪرشمن جي ڪمزور ڪلهن تي رکي ڇڏيو.
لطيف جي ڌرتيءَ کي لهر نہ ڪي لوڏو!
قلندر جي نگريءَ جو رکپال، سيوهاڻي لال!
سچل سارو سچ، پچ دشمن پچ!
ڪير آهي جو سنڌ ڏانهن ميري اک کڻي ڏسي! انڌو ٿي پوندو اتي جو اتي،
شاهہ صاحب دعا ڪري ويو آهي تہ "سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار"
هاڻي اسان جو وار بہ ونگو ڪو نہ ٿيندو بابا سنڌ جو ذڪر تہ قديم ترين ڪتابن ۾ بہ ٿيل آهي. پنج هزار سال پراڻي تهذيب آهي اسان جي، ان کي يلا معمولي مڪڙ ڪيئن ميساري سگهندا؟
سمهي رهہ پنگ جو پيالو پي ڪري!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سلفيءَ جو سونو هڻ موالي!

چرس ناهي چاندي آهي، پارٽي جي جوءِ واندي آهي.

هوڏانهن وري ٻيا جوڙا نعرا هڻندا نچندا ڳائيندا. جهمريون هڻندا، جيئي جيئي ڪندا. ور ور جوش ۾ مڪون اولاريندا پيا چون:

اسان اکيون ڪڏهن ڇڏينداسين.

زبان پٺي ڪيينداسين.

ٽنگون پيچي ڇڏينداسين.

سمونڊ ۾ ٻوڙي ڇڏينداسين.

وري بہ ساڳي جهمر، تاڙي جو ٻنڪو چيلهہ جو سنڪو جيئي جيئي، هوشو جيئي، هيمون جيئي، دودو جيئي، جيئي جيئي ٻلي جيئي سدا جيئي!

لڙي آيو لاڙ ڏانهن...... هو جمالو!

ڪٽي آيو خير سان..... هو جمالو!

جنهنجا پير پنج سير لا.........هو جمالو!

شاعرن جي موج ٿي پئي آهي. ڇو: مزاحمتي شاعري ٿا ڪيون.

ڪو ٻارڻ ٻاري ويندا سين.

۽ بستي ساڙي ويندا سين،

۽ جڳ اجاڙي ويندا سين،

۽ ماري ماري ويندا سين،

۽ لنگهہ لتاڙي ويندا سين!

نہ ڪنهن زبان ڇڪي ڪيئي، نہ ڪوئي ڪٽي آيو خير سان ۽ نہ ڪنهن ڪو ماري ٿي ماريو. اسان جو سر اڄ بہ واريءَ ۾ پوريل آهي ۽ سوچيون پيا تہ اسان ڪنهن کي ڪو نہ ٿا ڏسون، اسان کي بہ ڪوئي ڪو نہ ڏسندو هوندو ۽ اها بندوق جا سامهون اڀي آهي سا مرشد جي دعا سان گلن جو هار ٿي ويندي ۽ سنڌ سدائين اٿين ئي رهندي جيئن هزارن سالن کان رهندي پئي آئي آهي

اهي سڀ سوال بہ ضروري آهن، پر اڄ منهنجو سوال ڪجهہ مختلف آهي. سوال اهو آهي تہ اها ڪهڙي بدبختي آهي جيڪا ٻن سنڌين کي سڪ، پيار ۽ سلوڪ سان گڏ ٽيڻ نہ ٿي ڏئي؟

ڇا اسان جي ”جينس“ ۾ خرابي آهي؟ يا ڪا ڦيناڙي جي، ”چپ“ (Chip) پيل آهي؟ يا ڪو غيبي پاراتو آهي؟ يا ڪا بادشاهہ پير جي ڌوهي پاتل آهي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخر اها ڪهڙي ماجرا آهي جو اسان پاڻ ۾ گڏ ٽيڻ چاهيون ٿا پر ٿي نٿا سگهون؟ وڏي جذبي سان پارٽي ٺاهيون ٿا. ادبي انجمن جوڙيون ٿا. سماجي ايسوسيئيشن جو بنياد وجهون ٿا. پر پهرين سر ئي ٽيڏي رکي ٿا ڇڏيون. پهرئين جملي سان اختلاف شروع ٿي ٿا وڃن. پهريون قدم کڻندي ئي ڪاهيءَ ڏانهن ٿا وڃون. اها ڪهڙي پٽ آهي. ڪهڙي ويڌن آهي، ڪهڙو پاراتو آهي؟

احساس محرومي آهي؟ پر احساس محرومي ته انقلابن کي جنم ڏيندي آهي، نفرت ۽ ڪروڌ جي باهه ڀڙڪائي انتقامي جذبن کي اڀاريندي آهي. نس نس ۾ ناسور، رڳ رڳ ۾ روڳ. ۽ ساهه پساهه ۾ ويساهه جي دنيا آباد ڪندي آهي. ڏاڍي، ظالم ۽ غاصب جي ڪنڌ ڪورڻ جي ترغيب ڏيندي آهي. احساس محرومي ته مردن ۾ جان وجهندي آهي. هيٺي کي حاوي ٿيڻ جو درس ڏيندي آهي، ڪريل کي اٿڻ جي شڪتي ڏيندي آهي. هيءَ ڪهڙي احساس محرومي آهي جو پنهنجن جي ئي خلاف حسد جي باهه ڀڙڪائي، ويچا وڏائي ۽ پنهنجي ئي گهر ۾ ويريون ڪيڏي؟ هيءَ ڪهڙي احساس محرومي آهي جيڪي پنهنجي زخمي جسم، روح ۽ ذهن کي وڏيڪ گهاءَ رسائي؟

ڪانئر آهيون؟ ڪمزور آهيون، گيدي آهيون؟ حالتن کي منهن ڏيڻ جو ساهس نٿا ساري سگهون. تڏهن ٿا پنهنجو ئي گوشت پٽي کائون؟ پنهنجي ئي پاڇي کان ڇرڪون ٿا؟ پاڻ تي اعتماد ڪرڻ ڇڏي ڏنو اٿئون؟

ڪجهه ته آهي.

ڪجهه ته آهي جنهن انا جو اڪٽ پهاڙ ڪڙو ڪري ڇڏيو آهي اسان جي اکين آڏو "مان" جا ڪوڙ سارا ڪيپ چاڙهي ڇڏيا آهن اسان جي سوچ تي، ساڙ جا ڀنيٽ ٻاري ڇڏيا آهن اسان جي اندر ۾، دغا جا ٽانڊا ترڪائي ڇڏيا آهن اسان جي ذهن ۾!

ڪجهه ته آهي.

ڪجهه ته آهي جنهن قومي سوچ جي مرڪز کي مختلف ڏسائن ۾ ڦيري ۽ ڦهلائي ڇڏيو آهي. قومي ڌارا جو رخ ڌار ڌار نالن ۾ بدلائي ڇڏيو آهي. چار ڪروڙ سنڌين جا چار ڪروڙ ليڊر پيدا ڪري ڇڏيا آهن. هر شخص پنهنجو "هوجمالو" پاڻ تو ڳائي. هر ماڻهو پنهنجي جهمر پاڻ ٿو هڻي. هر فرد پنهنجي لاءِ تاڙي پاڻ ٿو وڄائي. ڪڏهن ڏٺو اٿوَ اسٽيج تي ويٺل اڳواڻ. اديب يا دانشور کي؟ ڇا ٿو چوي، غور سان ٻڌو اٿوَ؟ سنڌس خود پرستي جي گفتار تي سوچيو اٿوَ؟ "مون هيترا ڪتاب لکيا. مون هيترا ڦاڙها ماريا. مون هيترا معرڪا سر ڪيا. آهيان ته مان ئي آهيان. ٻيو منهنجي جتيءَ ۾ پير پائي؟ مجال آهي!"

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ هڪ ماڻهوءَ جي سياسي پارٽي الڳ الڳ.

هڪ هڪ ماڻهوءَ جي ادبي انجمن جدا جدا.

هڪ هڪ ماڻهوءَ جي سماجي تنظيم ڌار ڌار.

فقط هڪ ماڻهو وس پڄيس ته پاڻ کي به چيري به اڌ ڪري، ڪاٻي ۽ ساڄي هٿن جون به جدا پارٽيون ٺاهي. پر ڊپ اٿس ته اهي به گڏ هلي نه سگهنديون. مفت ۾ ضايع ٿي وينديس.

تازا ڪجهه مثال توهان جي سامهون آهن. قوم پرستن مان قوم پرست بيزار ٿي جدا قوم پرستن جا وڏيڪ ٽولا ٺاهي ويٺا. ائن ڇٽن جي "جيئي سنڌ" وارو فلڪ شگاف نعرو دشمن جا جيڪي ڏيڊر ڏرا ڪندو سا سيني کي سجهي پئي آهي. اهڙن دڙڪن تي ڊڄڻ ته پري رهيو خانو ڪدڙو به ڪلي ڪلي ڪيرو ٿي پوندو. سنڌ جو ڪهڙو ڪلياڻ ٿيندو؟

اديبن جو حال اهو آهي جو مار موچڙي جي دلسوز ڪهاڻي هر روز پئي اخبارن ۾ دهرائجي. فلاڻو اڍائي هزار کائي ويو، فلاڻو اڪائونٽ بڪ کيسي ۾ ڪٽي پڇي ويو، فلاڻي داداگيري ڪري اليڪشن کٽي، فلاڻن ميٽنگ ۾ ڏقيڙ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي، پوءِ اسان کين ڦيهه ڪڍي ٻاهر اڇلائي ڇڏيو مان زنده باد، تون به زنده باد، پاڻ بئي زنده باد!

جيڏا وڏا اديب اوڏي وڏي سندن خوشفهمي، اها ته ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي ته جيڪڏهن شيخ اياز جهڙو ماڻهو ڪٽي پاڻ پڏائيندو به هو ته هو پين واتان اوتري، بلڪ ان کان به وڌيڪ واڪاڻ جو مستحق پڻ هو.اسان وٽ ته وٽ وٺان لڳي پئي آهي. جنهن کي جتان ٿو اچي، اتان نعرو هڻي ٿو بيهي رهي. چي، "شاهه سائينءَ ساڍا چار هزار بيت چيا هئا. مون ڇاڻي ٻڄهي هڪ بيت گهٽ چيو آهي ته جيئن مرشد جي عزت رهجي اچي!" يا ٿا چون، "اديبن جو ون يونٽ واري تحريڪ ۾ ڪهڙو هٿ هو؟"

هلڻ پڇي پاڻ کان ڪو نه ٿڪ لعنت گوڏن تي. ادا، انهن اديبن جو ڪو هٿ ڪو نه هو ته نهيو پنهنجي قيام ڪاري ڪياڻون. توهان ٿي ڪٽي واهر ڪيو توهان کي ڪنهن زنجير وڌا آهن؟ هنن جو ته سنڌي ٻوليءَ واري تحريڪ ۾ به هٿ ڪو نه هو. اها تحريڪ به پناهگيرن هلائي هئي ۽ ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ واري تحريڪ به پناهگيرن هلائي هئي. ون يونٽ خلاف پندرهن سال جنگ ته جوڻي ٿي پنجابي اديبن هئي! هاڻي جو پهاڙ اچي سر تي ڪريو آهي. ان کي ته توهان منهن ڏيو. مهڻو ڏئي پئي ڏيکاري پڇو ڪيڏانهن ٿا؟ يا توهان جو ڪم فقط ماڻهن جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿي ڪرتئي تي پاٽي ڦيرڻ آهي؟ ٻڌيءَ کي ٽوڙڻ آهي؟ ٻي همٿ ڪرڻ آهي؟

سماجي تنظيمن جي عزت ۽ عصمت ويچاري ته هر دور ۾ خطري ۾ رهندي آئي آهي. چيٽي پور هر هنڌ، هر وقت، هر تنظيم جي پويان پاڪي ور ۾ وجهيو پيا گهمن. هتان چار پئسا هنيا، ٻي عزت تي نڪتا، هي جهيڙو وچڙايو ڌڪا ڪائي پڳا، وري ويجي ڪنهن ٽئين کي پاسو ڏيندا. پارٽي بازي، شرارت ۽ آخر ۾ هاءِ جيڪنگ، لڳو ته تير، نه ته فقير! عزت اڇٽي وچٽي شئي آهي. عزت کي ڪير ٿو پڇي؟ اڄ آهي، سڀاڻي ناهي. هڪ سچ به پاڇا، وري نيون راهون، نيون واهون، نوان تير، نوان شڪار، چنندا رهجو ڳنڍجڻ مور نه ڏجو جنگ جاري رهي.

اها آهي اسان جي اصلي شڪل، اها آهي آرسي، اهي آهيون اسان پاڻ.

سوال منهنجو اڃا به پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. ڪو جواب ڏئي سگهي ته ضرور ڏئي، نه ته لاچار تي پڇون آئيني ڪان؟

پر هاءِ اڄڪلهه ته آئينا به ڪوڙ ڳالهائڻ سکي پيا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندروني سازشون ۽ واڳونءَ جا ڳوڙها

گذريل دفعي مون پرهندڙن کي گذارش ڪئي هئي تہ مهرباني ڪري اخبارن ۾ ڇپجندڙ ننڍين ننڍين خبرن کي غور سان پڙهن ۽ انهن جي گهرائيءَ تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪن. انهن ئي معمولي خبرن مان مختلف ماڻهن، گروهن ۽ پارٽين جي دلي سوچ جي خبر پوي ٿي. ڪنهن جي اندر ۾ ڪهڙي بلا لڪل آهي؟ ڪتي ڪهڙي ڪچڙي پچي رهي آهي؟ ٻاهرينءَ طرح واڳونءَ جا ڳوڙها ڳاڙيندڙ ماڻهو يا ماڻهن جا ٽوالا اندرينءَ طرح ڪهڙي ايجندا تي ڪم ڪري رهيا آهن؟ اهي سڀ ڳالهيون ڇهن ڪالمي خبرن مان گهٽ، هڪ ڪالمي معمولي خبرن مان پليءَ پيت معلوم ٿي سگهنديون. مثال طور گذريل آچر تي 12 ربيع الاول هئي. عام طور ان ڏينهن تي ملڪ ۾ اسڪولن، ڪاليجن توڙي آفيسن ۾ سرڪاري موڪل ٿيندي آهي پر چاڪاڻ تہ اهو ڏڻ هن ڀيري آچر واري موڪل جي ڏهاڙي تي آيو. ان ڪري سرڪار سڳوري خاموش رهي. موقعي جو فائدو وٺندي ڪراچيءَ جي ناظم، جيڪو هڪ لساني سياسي پارٽيءَ سان تعلق رکي ٿو ۽ سنڌي وزيراعليٰ کي ٿڪ ڪيڻ جو ڪو بہ موقعو هٿان وڃڻ نہ ڏيندو آهي. تنهن حڪم جاري ڪيو تہ ڪراچيءَ جي سٽي گورنمينٽ تحت ڪم ڪرڻ وارا سڀ سرڪاري دفتر، ڪاليج ۽ اسڪول سومر تي بند رهندا. مرڪزي سرڪار جيڪا هرحال ۾ انهيءَ در سان سر ۾ سر ضرور ملائيندي آهي. ان پڻ پنهنجي ماتحت هلندڙ ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ سومر جي موڪل جو اعلان ڪيو. لاڻين ملندي ئي حيدرآباد ۽ ٻين انهن شهرن جي ناظمن پڻ ساڳيو ئي اعلان ڪيو جيڪو سندن اڳواڻن ڪراچيءَ جي باري ۾ ڪيو هو. ٻين لفظن ۾ سنڌ حڪومت جي مرڪزي حيثيت هئڻ جي باوجود هڪ خاص ڏر پنهنجي جدا حيثيت مڃائڻ ۽ پاڻ کي ڏار ڪري ٻيهارڻ ۽ سنڌ صوبي جي انهن حصن کي پنهنجي حڪم جي تابع ڏيکارڻ لاءِ جتي سندن ماڻهو پنهنجيءَ مڙسيءَ سان يا اسان جي غفلت سبب يا ڪنهن ٻيءَ طرح ناظم چونڊجي ويا آهن. صوبي جي سربراهہ اهڙي صوبائي سرڪار جي گڏيل ڊسيپيلين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو قدر نہ سمجھيو. اڄ اها ديڳڙي ڏار چڙهي آهي. اهي ديڳيون جدا دمبيون. اهو ٿي خدشو ٿيو.

وڏي وزير صاحب سان اختلاف پنهنجي جاءِ تي، پر جنهن قوميت جي بنياد تي ڪو ڪيس سوڙهو ٿو ڪري تہ دل نہ چاهيندي بہ سندس بيوسيءَ تي ٿي سهي، تڪليف ضرور ٿئي ٿي. مٿان وري موصوف پنهنجي صلاحڪارن جي فوج ظفر موج ۾ جيڪي هيرا ۽ جواهر چونڊيا آهن تن بجاءِ ڪا سهڻي صلاح ڏيڻ جي، هٽي اڳيون نور بہ چٽ ڪري ڇڏيو اٿس. اهي نورتن چئجن يا پورس جا هاٿي، پاڻ تي ماٺهو ڪلائڻ جو ڪو موقعو هٿان وڃڻ نٿا ڏين. جڏهن ناظمن جي اعلانن جي خبر عام ٿي، تڏهن عقلمنديءَ جي تقاضا اها هئي تہ شرم پرچائڻ خاطر ۽ ماڻهن ۾ پاهرئين پني لئہ رکڻ لاءِ سنڌ جي صوبائي حڪومت بيندڳ پاڄن سان پنهنجي طرفان صوبي ۾ سومر ڏينهن خود ئي موڪل ڪري ڇڏي ها. ائين ڪرڻ سان ناظمن واري حڪم نامن جي اهميت ازخود گهٽجي وڃي ها. پر پهرين اپريل (فول) تي بہ اسان ڪا بيوقوفي نہ ڪيون تہ پوءِ ڪڏهن ڪنداسين؟ سڪ ويچارا سڄو ڏينهن سوچيندا آهن تہ رات جو ٻارهين بجي بلڪل محتاط رهنداسين ۽ ڪا بہ اهڙي حرڪت ڪو نہ ڪنداسين جنهن تي راڄ کلن. پر پوءِ بہ ٺيڪ ٻارهين بجي ڪانئڻ ڪا نہ ڪا اهڙي پل ضرور ٿي ويندي آهي جنهن تي بعد ۾ ڪين شرمساري بہ ٿيندي آهي ۽ مٿن ٺونٺڪا بہ ٺهندا آهن. بلڪل اهڙيءَ طرح سنڌ سرڪار جو نوٽيفڪيشن جاري ٿيو جنهن ۾ "آچر" ڏينهن عام موڪل جو اعلان ڪيو ويو!

گدو بندر جي سيني ڪان پراڻي مستاني چاچي رموڻ کي بہ خبر آهي تہ آچر ڏينهن سموري پاڪستان ۾ عام موڪل هوندي آهي. پوءِ آخر ڪهڙي سياڻي جي چوڻ تي اهڙو پوچ جهڙو آرڊر ڪڍيو ويو؟ هن کي خبر آهي تہ ڪي سياڻا جواب ۾ چوندا تہ ڪارخانا ۽ خانگي ادارا آچر ڏينهن بہ ڪم ڪندا آهن. هيءَ موڪل انهن جي لاءِ هئي. جواب ۾ عرض آهي تہ قبلا، خانگي ادارا اڳ ڪڏهن توهان جي تابع هئا جو هاڻي ايندا؟ اهو لولو لنگڙو دليل فقط مت جا موڙها ئي ڏئي سگهن ٿا. ڳالهہ وري بہ ساڳيءَ جاءِ تي اچي ٿي بيهي جتان شروع ٿي هئي. اها هيءَ تہ سنڌ کي بہ ٽڪر ڪرڻ جا خواب تہ پاڪستان ٺهڻ شرط ئي اسان جي مهربان مهمانن ڏسڻ شروع ڪري ڇڏيا هئا. صوبي کي ٻن زبانن وارو صوبو قرار ڏئي ڇڻ تہ ان تحريڪ جو ٻج ڇٽيو ويو. ان ڪان پوءِ جيڪو ڪجهہ ٿيو اهو اوهان جي سامهون آهي. شهري حڪومت جو نالو مون پهريون دفعو تڏهن ٻڌو هو جڏهن جنوري 1995ع ۾ سرڪاري سينيئر ڪامورن جو هڪ وفد جرمنيءَ ڏانهن هڪ Study Tour

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(مطالعاتي دوري) تي ويل هو. بان شهر ۾ ان وقت پاڪستان جي جرمنيءَ ۾ مقرر ڪيل سفير اسد دراني جڏهن اسان کان سنڌ ۾ ٿيندڙ لساني فسادن جي حل بابت پڇيو تڏهن هڪ سينيئر اردو دان ڪاموري، جيڪو پاڪستان جي هڪ مشهور انگريزي اخبار جو پراڻو ڪالمسٽ پڻ آهي، تنهن يڪدم جواب ڏنو "ان سموري بکيڙي جو حل فقط ۽ فقط شهري حڪومت ئي آهي."

جڏهن مون سنڌس ان دليل کي رد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تڏهن هن مرڪندي چيو "دوست، اها ڳالهه اوس ٿيڻي آهي، تنهنجا يا منهنجا جذبات ان کي روڪي نه سگهندا." انهن ٻارهن سالن ۾ پل هيٺان ڪافي پاڻي وهي چڪو آهي. هاڻي جنهن جڳهه تي اسان پهتا آهيون، اها ڪنهن به عزتدار قوم لاءِ فخر ۽ خوشيءَ جو مقام ناهي. هي ننڍڙيون ننڍڙيون وارداتون صرف ايندڙ وقت جي هڪ هلڪي جهلڪ آهن. جيڪي اڄ جناح پور جو سوچي غمگين ٿي تا وڃن، سي سياڻي ٿر کي به سنڌ چوڻ لاءِ سڪندا، اسان جون پنهنجون نادانيون قوم آڏو ڏوهي نوعيت کان گهٽ ناهن. هيءَ سڀ انهن جو ئي ڪيو ڌريو آهي جيڪي اڄ سنڌ جي عشق ۾ ٻارهن ٻارهن ڪلاڪ لاڳيتو ماتم ڪندي به نٿا ٿڪجن. اهي به ڏوهاري آهن جن هاڻيءَ کي هندستان ڏيکاريو ۽ اهي به مجرم آهن جن ڏنو وائٺو سنڌ جي سرزمين ۾ اکيون وجهندڙن سان ڳڍها معاهدا ڪيا ۽ هاڻي سچ لٽي کان پوءِ لانگ مارچون ڪري، پٽون پيهر ڏيکاري پنهنجين غلطين جو ازالو ڪرڻ ۾ پورا آهن. ۽ اهي پڻ جن جيري ڪاڻ ٻڪري ڪٺي، جن چند ڏينهن جي اقتدار خاطر پنهنجو ضمير ۽ ايمان داءَ تي لاتو. جن ذاتي هيچ ڪاڻ سنڌ جي هزارين سال پراڻي تاريخ تي پاڻي ڦيري ڇڏيو جن ۾ نه لياقت هئي نه قابليت. فقط پنهنجي حرص جي بک مٽائڻ خاطر سون تي سيڻ مٽائي ويهي رهيا. هو اڄ ڇا به چون، پنهنجي تيس ماريءَ جا ڪيترائي قصا ڇو نه ٻڌائين. خبر تڏهن پوندي جڏهن سندن اولاد جي وات ۾ پان جي پڪ هوندي ۽ سٽڻ جي جاءِ تي چوڙيدار پاجامو پائي قوالن جيان ٽيڏي ٽوپي ٽڪڻ تي رکي. غالب ۽ مير جا شعر پڙهي، چيلهه جهڪائي، ٿي فرشي سلام ڪندا نظر ايندا.

اهو سڀڪجهه ڪيئن ٿيو؟ سياستدان هجان ها ته جيڪر انگ اکر، واقعا ۽ وارداتون ميڙي، وڏي هوشياريءَ سان پنهنجو دامن بچائي، روئي پٽي، مٽي ۾ ڌوڙ وجهي پنهنجا وار پٽي، شور ڪري ٻڌايان ها. پر يارو افسوس جو مان ان نعمت کان محروم آهيان. هڪ معمولي ليکڪ آهيان جنهن تي به هزار تهمتون پنهنجن ئي پيارن جي طرفان لڳنديون رهن ٿيون. سچ لکندي دوست وڃايا اٿم. دشمن ٻرايا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿم. هاڻي تہ ماٺهو اهو بہ الزام ٿا هڻن تہ جيڪو ڪجهہ اڄ تائين پنهنجو ڄاڻائي لکيو اٿئي سو تنهنجو نہ ڪنهن ٻئي جي قلم جو پورهيو آهي.

ها، ادبي دنيا جي جوڳن سنڌ جي قومي مفادن جي پٺ ۾ خنجر ڪيئن کپايو آهي، ان تي ضرور لکندس. ماضيءَ ۾ ادبي تحريڪن ذريعي ڪيئن سنڌ جي حقن جي جنگ وڙهي وئي. ان تي بہ لکندس. سنڌي اديبن ڪهڙي ريت سياسي رهنمائن جي رهبري ڪئي. ان تي بہ لکندس. موجوده دور ۾ ادبي "چڪا" پاڻ وٽائڻ، نالو ڪمائڻ ۽ عهدا ماڻڻ لاءِ ڪهڙا جتن ٿا ڪن ۽ ڪيئن ٿا رنگ مٽائين. ان تي پڻ لکڻو اٿم. سچ چئي يار رسي تہ رسڻ ڏينس، هن عمر ۾ بہ سچ نہ چيوسين تہ پوءِ پلا ڪڏهن چونداسين؟

سچ پڇو تہ اسان سڀ ڏوهاري آهيون پنهنجي قوم ۽ ديس جا. جن کي ڪجهہ ڪرڻ گهرجي سي ڪياڙي ڪنهي پاسيرا ٿي بيٺا آهن. پنهنجي بلا ٻين جي سر تي مڙهڻ لاءِ "چور چور" جو شور پيا ڪن. جيڪي نااهل آهن پر خواب وڏا ٿا ڏسن، تن بري تي ٻچ لائي ڏني آهي. وڪامجڻ لاءِ پڙيءَ تي بيٺا گراهڪ جو انتظار پيا ڪن. ڪن کي گراهڪ ڪنگهن ئي ڪو نہ ٿا، ٻين کي اگهہ گهٽ ٿو ملي. اقربا پروريءَ جي اها حالت آهي جو شل نہ ڪو ڪٽنب جو هڪ فرد بہ اکر ڪوڙا سچا يا ڏيڻا داستي چوريءَ جا لکي وٺي ياءُ، ياٽتيا، چاچا، ماما، پينر ۽ ياٽيجا سڀ جا سڀ علمي اڪابر ٿي پوندا. انهن حالتن ۾ نوجوانن جي رهنمائي ڪير ڪري؟ ڪين ڏڳ ڪير لائي؟ سندن ڏات جو ڏيهہ سان رشتو ڪير ڳنڍي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر نندڙو تارو چنڊ لاءِ چئلينج هوندو آهي!

ڪافي عرصي کان پوءِ شاعر جذبات حضرت بلبل بيقرار سان ملاقات ٿي.

پڇيم: ايترا ڏينهن ڪاٿي هئين؟

چيائين: ديوان پئي جوڙيم.

چيم: ديوان تہ لکبو آهي، جوڙبو ناهي.

چيائين: لکيل اڳ ئي هو ڪاڳر ملائي جوڙيم پئي.

چيم: ڪاڳرن کي ملائي جوڙڻ ۾ ايترا مهينا تہ نہ لڳندا آهن؟

چيائين: جڏهن توهان جو ڪلام ٻين جي ڪلام سان ملي وڃي ۽ توهان کي خبر نہ پوي تہ ڪهڙو ڪلام ڪنهن جو آهي. تڏهن مهينا تہ ڇڏيو سال لڳي ويندا آهن.

چيم: پر توهان تہ شاعر جذبات آهيو توهان جهڙي جذبات ٻي ڪنهن ۾ ڪٿي؟

چيائين: توکي خبر ناهي اڄڪلهہ هر آيو ويو جذبات سان لبريز ٿي پيو آهي، ماڻهن کي "سنڌ" جو تعويذ هٿ چڙهي ويو آهي. "تخلص" جي جاءِ تي يا سنڌ ٿا لکن يا وطن يا ساٿيهہ. جذبات سان ڀرپور شعر تيار! واهہ واهہ ٿيو وڃي، نہ قافيو نہ رديف، نہ سر نہ تال، بس ڪنهن ڪنڌ پاسي ۾ سنڌ لکي ڇڏيو وهي نہ وهي وٺ رينگٽ کي.

چيم: رڳو شاعرن تي چو ٿا ڏمرجو بيقرار صاحب، اهو ڪم تہ هر ڪو پيو ڪري ڪالاباغ جي منظوري ڏئي، حاڪم پيا چون تہ ان ۾ سنڌ جو ڀلو آهي. ٻيٽ هٿ سان وڪڻي، سرڪار ٿي چوي تہ سنڌ سائي ٿيندي، ٻهارين ۽ بنگالين کي شناختي ڪارڊ جاري ڪري اسان جا يار ٿا چون تہ سنڌ کي فائدو ٿيندو!

چيائين: ائين تہ گهڻايو صحافين، اخباري مالڪن، ٽي وي چينلن وارن ۽ قومپرست سياستدانن بہ ڪونهي، تازو سنڌ کي بچائڻ لاءِ ڪي سيد سڳورا پارلياماني سياست خاطر پاچا ڪنجي ميدان ۾ لهي پيا، ويرم ئي ڪا نہ گذري تہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ وسري وين، وچي سياسي جوڙ توڙ ڪيائون متحده ۽ قاف سان!

چيمر: متحده وارا بہ تہ ويچارا سنڌ جي خوشحاليءَ لاءِ سرگردان آهن.

چيائين: هائو. چار مشڪرا ساڻ ڪٺي سنڌ جي ثقافت بچائڻ لاءِ ٻسڪو ڊانسون ڪرائيندا ٿا وتن. انڌي پونڊي ۾ خوش. اسان ڪپڙن ۾ نٽا ماپون تہ وهہ واهہ ٿي وئي. عمرڪوٽ جي قلعي ۾ صدين کان پوءِ زندگي موٽي آئي آهي. اهو وساري ٿا ويهون تہ عمرڪوٽ جي قلعي مان صدين کان پوءِ زندگي موڪلائي وئي آهي. مارئيءَ جا وارث ٻاهر واريءَ جي ڍڙي تي ويٺا آهن ۽ اندر اسٽيج تي هيسٽر ساڙهي پئي نچي.

چيمر: سنڌ ائين تہ بچندي

چيائين: سنڌ بچي سا بچي، هاڻي سنڌين جو خير گهر. اجهو ٿا پاجاما ۽ اچڪن سبائن.

ٺهڪ ڏئي چيائين: اسان وارو وڏو همراهہ ان ڊريس ۾ ڪيئن لڳندو؟

ڪل تہ مون کي بہ ڏاڍي آئي پر چيمر: بلبل، پاڻ وڏن لاءِ ائين نہ چئبو آهي، آخر تہ اسان سيني جو هڪ راءِ چونڊيل نمائندو آهي. وٽيس تہ سنئين ڪري، وٽيس تہ اونڌي ڪري.

چيائين: پوئين ڳالهہ صحيح آهي.

پڇيمر: ڪهڙي؟

چيائين: ٽري وچ ان ڳالهہ تان، صفدر سرڪي تي ويندين.

چيمر: مولا مدد ڪندو.

چيائين: ها، جيڪڏهن تعريفي ڪالم لکندين تہ پوءِ راتو رات ائين بہ ٿي سگهي ٿو. قادر جو اعجاز گهرڻ لاءِ فقط هڪ ڪالم جي ئي لوڙ آهي. اهڙو سستو سودو ڀاڳن وارن کي نصيب ٿيندو آهي.

چيمر: بلبل، تنهنجا منهنجا اهڙا ڀاڳ ڪٿي؟ اسان جي نڙيءَ ۾ سنڌ اٽڪي پئي آهي.

چيائين: ان مرض جو علاج حڪيم لقمان وٽ بہ ڪو نہ هو.

چيمر: علاج سولو آهي بلبل. نڙيءَ ۾ اٽڪيل سنڌ کي ٽوڪاري ڇڏ، ضمير کي آفيم کارائي سمهاري ڇڏ، منافقي جي نٽئين ٻولي سکي وٺ. ٽوم مان زعفران ٿي ويندين.

چيئيان: مير جعفر جو حشر ياد اٿئي؟

چيمر: ها، پر سنڌي مير ۽ پير پهاڙي مٽيءَ جا جڙيل آهن. جنهن قوم جي گهر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهر ۾ نائون مل جنم وٺي ۽ مير صادق جو روح حاڪمن جي جسم ۾ داخل ٿي وڃي ۽ ان کي هو پنهنجي لاءِ اعزاز سمجهن. اها قوم مشڪرن هٿان مات کائيندي آهي.

چيائين: جنهن قوم کي جيئڻ جو چاهه ئي نه هجي ان کي ته هوا جو هلڪو جهونڪو به اڏائي ويندو آهي. اسان هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا آهن. بلڪ اسان هٿيار کنيا ئي ڪڏهن هئا؟ اسان کي الله فقط ڄاڙي ڏني هئي. هٽي هٽي ٽڪجي پياسين.

چيم: ڄاڙي ته اڃا به لڳي پئي.

چيائين: پيٽ خاطر ته مداري به مجموعو لڳائيندا آهن. پولي کان جهمر هڻائيندا آهن، طوطي کان توب ڇوڙائيندا آهن ۽ ٻڪر جو ڪتيءَ سان وهاڻ ڪرائيندا آهن. چٽڻ پٽسن لاءِ ماٺهو ڇا ڇا نٿو ڪري؟ اکين ۾ ٿورو شرم نه هجيم ها ته جيڪر مان به اهڙن مصنوعي مشاعرن ۾ گلو ڦاڙي، رانيات ڪري، پنهنجو ڪلام ڳائي وڄائي ٻڌايان ها.

چيم: ان ۾ شرم ڪهڙو؟ هارايل سپاهي فاتح آڏو گوڏا کوڙي آڻ مڃيندا آهن.

چيائين: سپاهي ۽ شاعر ۾ فرق آهي، شاعر خواب ڏسندو آهي ۽ سپاهي حڪم مڃيندو آهي.

چيم: خوابن جا رهواسي حقيقت جي چانئٺ تي دم توڙي ڇڏيندا آهن. ڪي شاعر حقيقت پسند به ٿيندا آهن.

چيائين: تون قصيده گو شاعرن جي ڳالهه ٿو ڪرين.

چيم: مان مصلحت پسند شاعرن جي ڳالهه ٿو ڪيان.

چيائين: مصلحت پسند انقلابي انبوهه جي پوئين قطار ۾ بيٺل ملندا آهن. غدار ۽ محب وطن جي وچ واري سنڌي کي مصلحت جي سرحد چئبو آهي، سنڌي ماڻهن کي اڄ ان سرحد تي ڪنو ڪيو پيو وڃي. منافقيءَ جا ويس وڳا پائي، پائيچاري جا کيل تماشا ڏيکاري، دوستيءَ جا ترڪتال ڪري، سنڌن ئي ديس ۾ سنڌن ئي روايتن کي پائمال ڪيو پيو وڃي. هڪ هٿ ۾ امن جو اڇو جهنڊو لهرائيندڙن جو ٻيو هٿ ڳوليو. توهان جي کيسي ۾ ملندو. سنڌيءَ کي قومي زبان جو مطالبو ڪرڻ وقت سنڌن ڇهرن کي ڄاڇيو ڪراچيءَ کي وڪڻڻ خلاف احتجاج ڪرڻ مهل سنڌن اکين ۾ لڪل ڪروڌ کي ڏسو. پوءِ به اسان جا رهبر، رهنما، دانشور ۽ اڪابر رڍن جيان ٻيڪاريندا سنڌن ڪڍ ڇو ٿا وڃن؟

چيم: تون ٻڌاءِ ڇو ٿا وڃن؟

چيائين: ان ڪري جو اسان جي جسم ۾ غلاميءَ جي چپ (Chip) پيل آهي. اسان ربيع ۽ خريف خوشامدڙيا ۽ جي حضوري پوڪيندا آهيون ۽ ٻچاپڙا، اکين اڳيا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ غدار لڳندا آهيون.

پڇيمر: ۽ اهي جيڪي مهمان نوازيءَ کي محتاجي سمجهندا آهن ۽ ڪارائيندڙ هٿ تي وار ڪندا آهن؟

چيائين: عرب ۽ اٺ جي ڪهاڻي ڪو نہ پڙهي اٿئي ڇا؟ شاهہ لطيف "مدي ڏيرن من ۾ ڪليو ڪيڪاريان" خواهہ مخواهہ تہ ڪو نہ چيو هو؟

چيمر: ڌرتي تہ اسان جي پنهنجي آ، اتي ٿي رهندي، ڪو کڻي تہ ڪو نہ ويندو.

چيائين: ڌرتي ڌرتيءَ وارن جي هوندي آهي. اتي ٿي رهندي، ڌڻي بدلجي ويندا.

چيمر: اهي مايوسيءَ جون ڳالهيون آهن.

چيائين: خوشفهميءَ جا ست سال گذري ويا. سچائيءَ کان ڪن لاٿار ڪندي ڏوڪي جي ڏيڻ ۾ ڦاسي پيا آهيون. هاڻي بہ اک نہ پٽي سين تہ هميشہ هميشہ جي لاءِ غرق ٿي ويندا سين.

چيمر: بلبل بيقرار، تو هن کان اڳ تہ اهڙيون جذباتي ڳالهيون ڪڏهن نہ ڪيون. هيءَ اڄ توکي ڇا ٿي ويو آهي؟

چيائين: اڄ مون مارئيءَ جي ڏيهہ ۾ مارئيءَ جي لوئي لهندي ڏٺي آهي، همايون کي پناهہ ڏيندڙ ڌرتيءَ اڪبر کي جنم ڏنو هو جنهن جي روح ۾ صوفيءَ جي صدا گونجندي هئي. اڄ سندس ئي پونئرن صوفيءَ جي روح کي رنجايو آهي. سنڌين جي پروسي جو صلو اهو مليو آهي تہ سنڌي ثقافت جي نالي ۾ شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ، واهڻ واهڻ ۾ اقليتي، اڌارو ۽ ڌڪاريل ڌاريو ڪلچر متعارف پيو ڪرايو وڃي، عجب ڳالهہ اها آهي تہ اسان جا ڏسٽا وائسٽا دانشور ڪوريئڙي جي ڄار ۾ ڦاسندا پيا وڃن، اڳ سياستدان جي مات کي دانشورن جيت ۾ بدلايو هو. هاڻي دانشورن جي هار کي ڪير منهن ڏيندو.؟

چيمر: تو جهڙا سڄاڻ، سمجهو ۽ سياڻا انسان.

چيائين: مان تہ فقط هڪ ننڍڙو شاعر آهيان، سو بہ شاعر جذبات، منهنجي ڪير ٻڌندو.

چيمر: هر ننڍڙو تارو چنڊ لاءِ چئلينج هوندو آهي. بلبل همت ڪر، هڪ ڏيئو جلاءِ. ان مان هزارين لکين ڏيئا ٻري پوندا. تون اڪيلو ناهين، چار ڪروڙ سنڌي توسان ساڻ آهن. ماءُ جي لڄ بچائڻ لاءِ ڇا هو ايترو بہ نہ ڪري سگهندا؟ تون هڪ آواز ڏي، لکين پڙاڏا گونجي پوندا. هڪ صدا هڻ، ڪروڙين صدائون جاڳي پونديون ۽ سجاڳيءَ جي ان طوفان ۾ اهي سڀ سڏڙيا لڙهي ويندا جن تنهنجي منهنجي اسان سڀني جي وجود تي وار ڪيو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخري جنم جو ڏک

هن ڌرتيءَ تي منهنجو هيءُ آخري جنم آهي. مالڪ کان ست جنم گهري ورتا هئم سنڌڙيءَ جي مٽيءَ مان اپڙڻ ۽ اسرڻ جا. اُهي پورا ٿيا. هاٿي ٻيهر ٻيجل اڇٽو ناهي، ٻيهر واءُ ورٽو ناهي. مينڌرو موٽي ته به ڪنهنجي لاءِ؟ نه سنڌ رهي، نه سنڌو رهيو. نه سگ نه سياپو نه لڳ نه لاڳاپو. لطيف ڪي ڄاڻ هئي. چيو هئائين: مڙيا مڇ هزار، ياڳا ٿيندي سهٽي! تي چڪي، ڏيرا نيلا گهوڙا رڳوا تر ڪان ٿي نه ڏکڻ، اوير ۽ اولهه کان به ڪاهي آيا. هو چوندو ئي رهيو: سُتا اٿي جاڳ. پر اسان آياڳا ستائي رهجي وياسين. هو چوندو ئي رهيو: هڻ پالا، وڙهه پاڪرين. پر اسان دڙڪي ۽ دهمان کان اڳتي وڌي نه سگهياسين. هو چوندو ئي رهيو: متان ٿئي اونداهه پيير نه لهين پرينءَ جو پر اسان ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي. اسان نه دودي جي شهادت ياد رکي، نه هوشوءَ جي هوڪار ۽ نه هيمونءَ جي للڪار. جوڌن جي قربانين تي خود غرضيءَ جو سنگهاسڻ سجائي، اکيون، ڪن ۽ وات بند ڪري، اندر ئي اندر ۾ پنهنجي انا جو آواز آلاپيندا رهياسين. سچائيءَ کان منهن موڙي، خواب پاليندا رهياسين. چنيسر ۽ ڦوڳ ته اڳ به پئدا ٿيندا پئي رهيا آهن، جيجل جو سودو ڪرڻ وارا وڏا واپاري هن کان اڳ نه ڏٺاسين نه ٻڌاسين. بگهڙ آيو بگهڙ آيو جو اجايو شور مچائڻ وارا، سچو پچو بگهڙ ڏسي، منهن ڦيري، چادر تاڻي، سانتيڪي ننڊ سمهي رهيا. سنڌ تڙپندي رهي، سُڏڪندي رهي، ليلائيندي رهي، پر خان ۽ خانزادا، دودا ثاني ۽ جوڌا لاثاني، نوان گوتم ۽ گنل ٻڌ، دور ڪڙا ڪلهي جو اجرڪ ۽ مٽي جي ٽوپي ٺيڪ ڪندا رهيا. گياني گيان ۽ ڌيان ۾ گم رهيا، لباڙي لٽ ۽ چٽ جي درميان ڊوڙندا رهيا ۽ دانشور دان جي جهولي ڦهلائي، اُپ ڏانهن ڪنهن غيبي امداد جي آمد جو انتظار ڪندا رهيا ۽ هوڏانهن سنڌ جي سنڌ سنڌ ڪي جهنگلي جناور چڪي، پٽي، چني، چباڙي چٽي، رڙڪي کائيندا رهيا. اڄ آخري آس به ويندي رهي. اخلاق، مروت، اخلاص ۽ انصاف جو گڏيل جنازو ڪڇي چڪو. ست ڌارين جي ٻچڪار تي پنهنجن اکيون ڦيري ڇڏيون. سنڌ باقي نه رهي! پرين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇاڻان ڏجي باهه ۾ پنيور کي.

هن ڌرتيءَ تي اسان سڀني جو هيءُ آخري جنم آهي. اسان، جن هر جنم ۾ جيجل جو عروج ڏٺو شان ڏٺو مان ڏٺو موهن جي دڙي جي سڀيتا، صوفين جو ڏاڍ خلاف ڪليو ڪلايو جهاد ۾ انگريزن خلاف حرن توڙي هارين جي مزاحمت ڏٺي، آمرن، سندن چاڙتن ۾ ڌوتن کي ڌوڙ ۾ ڌڪبو ڏٺو سي هيءُ آخري منظر پنهنجي اکين وڏيڪ دير ڏسي نتا سگهون. لطيف، سچل، اياز ۾ استاد جي آسائتين اکين ۾ الهندڙسج جي بي وسي پسي نتا سگهون. سنڌ جي سنتان، جنهن صدين کان اوچي ڳاٽ هلڻ سکيو، تنهن جي جهڪيل ڪنڌ ۾ نيچي نگاهن ۾ ڇپيل شرمندگيءَ کي سهي نتا سگهون.

سنڌ پرائي ٿي وئي. اسان جي نه رهي. اهو سوچي هن آخري جنم جا باقي بچيل ڏينهن به پنهنجي هٿن سان پاڻ پورا ڪرڻ تي دل تي ٿئي. ڪهڙيءَ پر پرين، پوري پتارن ري؟؟ منهنجو ڳجاڙو پينر هن پنيور ۾؟ صوفين جي تپسيا، شاعرن جي ڪلا، راڳين جا راڳ، واهرن جي ويڙهاند سڀ وئرٿ ويا. هزارها سالن جي سڀيتا جو سفر اسان جي ئي زندگيءَ ۾ اوچتو پڇاڙيءَ تي پهچندو ان تصور جو مرم ئي ماري ٿو وجهي. ايڏا بدنصيب ۾ بزدل نڪرنداسين. اهو ته ڪنهن سوچيو به نه هو. وطن جي تقدير ترڻيءَ تي رکي ڌارين کي آڇينداسين. ڪنهن کي خواب خيال ۾ به نه هو. اسان ته آخري جنم جي پوئين پساهه تائين سنڌ کي مرڪندو مهڪندو ٽهڪندو ڇهڪندو ڏسڻ پئي چاهيو گذريل ڇهن جنمن جيئن. اسان ته موت کان پوءِ به هن ڌرتيءَ سان ڪنهن نه ڪنهن ريت واڳيل رهڻ ٿي چاهيو. هوا بڻجي، خوشبو بڻجي، ٿر جي واري ۾ بر جي مٽي بڻجي پتائيءَ جي ڪراڙ جو آخري ڦڙو بڻجي، سچل جي درگاهه ٻاران لنبيل ڪاشيءَ جي سر بڻجي، ڪياماڙيءَ جي ڪناري کي ڇهندڙ بي نام لهر جي صورت. ڪشمور جي گدلي پاڻيءَ ۾ ڪوماڻل ڪنول جي صورت. اسان ته گهڻو ڪجهه چاهيو ٿي. گهڻو ڪجهه چاهيون ٿا. ڊپ هو ته فقط پنهنجي مختصر زندگي جو، ڏک هو ته صرف پنهنجي پوئين جنم جو غم هو ته رڳو پنهنجي جدائيءَ جو پر ائين نه ٿيڻو هو نه ٿيو وطن وڃائي ويناسين. "پنهنجي ڪرٽي پرٽي آ." چيو هٿائين. پر سنڌ اياز نه مرٽي آ. شاعر هو ويچارو چوڌري نه هو. خود غرض سياستدان نه هو. خود ساخته اڻ گهڙيو انٽيليڪچوئل نه هو. ڦرٽو گهرٽو چولو مٽائيندڙ وڏيرو نه هو ماءُ جي ممتا ۾ مهانتا جو قائل هو. يتيميءَ جي آزاريندڙ احساسن کان وانجهيل هو. نه ته سنڌ ديس جي ڌرتيءَ تي سيس نوائڻ ۾ سندس مٽي ماٽي لائڻ جي چاهنا نه ڪري ها. ڪوئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس وچي ٻڏائي تہ تنهنجي مومل رات مري وئي. تنهنجا خواب ساڀيان نہ ٿيا. تون يتيم ٿي وئين. تنهنجو هر جنم، هر وهم، هر پرم گهوماٽجي، گهٽجي، گهائجي، دم ٽوڙي ويو تنهنجي سنڌ سنڌ نہ رهي، سڌڙين جي شڪار گاهہ ٻڻجي وئي. تنهنجي عبادت نہ اگهاڻي.

آخري جنم جو ڏک روح کي ڇيت جيان ڇليندو رهندو. هيءُ اڪيلي انسان جو ماتم ناهي، هڪ قوم جي هزارها سالن جو الميو آهي. اهڙي قوم جا جاڳندي جاڳندي اوچتو ئي اوچتو ڪن پلڪ لاءِ سمهي پئي ۽ سيڪجهہ وڃائي ويٺي. ٻولي، ثقافت، سڃاڻپ، مالڪي، ماليت خاڪ وجود جي ويڙهہ بہ جاري رکي نہ سگهي. سندس سورما ۽ ساجهہ وند ذاتي انا جو ٻڪ ٿي ويا. ٻين ماءُ جي نالي ۽ ناتي کي رٻين، ڊالرن ۽ پائونڊن ۾ ڪيش ڪرائڻ کي ترجيح ڏني. سندس جاننا جوان، جن جي ڏاڪ ڪان ڏاريا ڏڙڪي ويندا هئا، ٽولن ۽ ٽولين ۾ ورهائجي ويا. سندس ليڪڪ محبوبہ جي واسينگ جهڙن وارن ۾ گم ٿي ويا. سندس صحافت ٽي اشتهارن جي ڪٽ چڙهي وئي، ۽ پوءِ اهو ڏينهن بہ آيو جو سنڌ واسين جو وجود پاتال ۾ پيهي ويو ۽ گجرات جي پٽرايل چوڌري سنڌن راءِ کي ريٽي، دڙڪي، دهمان ۽ ڌمڪيءَ، لوڀ ۽ لالچ وسيلي انهن سيني ٽڪل گهوڙن کي گڏ ڪيو جي وڪامڻ لاءِ آتا هئا ۽ جن جي روح ۾ رات هئي ۽ جن جي اندر ۾ ڪات هئا. اهڙيءَ ريت سنڌ تان سنڌين جي حاڪميت جو سج لهي ويو ۽ اڻ ڪٽ پوائتي رات جي شروعات ٿي. اها رات ڪڏهن ڪٽندي ۽ پرڀات ڪڏهندي ڦٽندي!؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوٽ ڏئي ووٽ وٺندڙ

سنڌ عالمي سطح جا ڪيئي مشهور مشڪرا پيدا ڪيا. نورو مشڪرو اڳڻ مشڪرو نور محمد چارلي، گلي مشڪرو محمد فقير مشڪرو ۽ ٻيا ڪيترائي چرچائي پنهنجو وارو وچائي ويا ۽ دنيا کي کلائي ويا. جيڪڏهن مشڪريءَ تي ڪو نوبل پرائيز رکيل هجي ها، تہ سنڌ کي چار ئي ايوارڊ تہ ضرور ملن ها. ٻيو ڪجهہ نہ سهي سنڌ مشڪرن ۾ تہ ضرور خود ڪفيل آهي. اهو ڏک دشمن بہ مڃيندو آهي. ڪنهن جي مجال جو انڪار ڪري؟ سنڌ جي سياست تہ ان کان بہ وڌيڪ ٻوڳائي پيدا ڪيا. ٿورا هجن تہ نالا وٺجن. هتي تہ ڪوڙيءَ کي ئي گهمري آهي. ڪي اسيمبليءَ ۾ ننڊ ڪرڻ لاءِ رلي ساڻ کنيون وڃن. ڪي بينچن تي چڙهي جهمريون هڻن، ڪي هال ۾ ڪوڏي ڪوڏي ڪيڏن، ڪي تاس ور ۾ لڪائي وچي دل وندرائن، هيڏانهن سنڌ جي اوندهہ ٿيندي وڃي هوڏانهن ٻوتار مڇ مروڙيہ اوٻاسيون ڏيندا. اسيمبلي هال کان ٻاهر ائين ٻيا نڪرندا، جڻ جبل کي مٿو ڏنو هجين. ملڪ سڄ تي ويو ٻاٽي بند، نوڪريون بند، تعليم تباهہ، صحت ختم، ڌارين جي يلغار، پوليس جو ڏنو واٺنو ڌهڪاءُ، زمين پڳڙن مٿ تي نيڪال، ٻوءِ بہ پائو هش تي خش.

اهي تہ ٿيا انهن جا پرڪار جيڪي نوٽ ڏئي ووٽ وٺي اسان جا نمائندا سڏائيندا آهن. اهي جيڪي رهجي ويندا آهن، سي بہ گهٽ ناهن. ڏور ڇڪي تہ پڙڪي ڪائي اٿندا، ڏور ڍري تي تہ نہ تو ڏٺا نہ مون. جذباتي اهڙا جو لڳندو تہ اجهو ٿا حڪومت جو ديڱو ڍيري ڪن. ٿڏا اهڙا جهڙوڪر ڪڪڙ تي مينهن پيو هجي. پنجئي آڱريون برابر ناهن. ان ڪري جيڪي دوست مٿيون وصفون نہ رکندا هجن. سي ٻاڻ کي پاسيرو سمجهن ۽ منهنجي گستاخيءَ کي معاف ڪن ۽ جوابي حملي لاءِ تيار پنهنجي ٻئي نمبر جي لڪاڙي مداح کي في الحال ناري وهارين. ٻوءِ جا ڏوراپا ٻوءِ ڏبا، هونءَ بہ اڄڪلهہ قومي محاذ تي ڏگهي رسيس آهي. هر ڪو آمريڪا جو ملاکڙو ڏسڻ ۾ مشغول آهي. سندن نڪ هيٺان هزارين افغاني ترڪون پري سنڌ جي ننڍين وڏن شهرن ۾ آباد تي رهيا آهن. ارسا موقعي جو فائدو وٺي راند جا تي اهم هٿ ڪٽي ورتا، تي ويءَ تان خيرات ۾ مليل سنڌي پروگرامن جو وقت بہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيلام ٿي ويو. هزارين ملازم اڃا بہ بي روزگار ٿي ويا. شهري حڪومت جي بهاني ڪراچي سنڌ کان عملي طور ڌار ٿي وئي. اسان جي دل ۾ اڃا بہ خير، بہ ٿي بيان هيڏانهن هوڏانهن بار لاهڻ لاءِ ڏنا. باقي ڪم قادر تي. دل ۾ آس اها ئي تہ ڪو نہ ڪو مشڪرو اچي جان ڇڏائيندو. وڏو مشڪرو اچي ئي اچي، ان کان اڳ ننڍا مشڪرا ميدان ۾ پهچي ويا آهن.

مون هڪ ناظم کان پڇيو: سنڌ لاءِ ڇا پيا ڪريو؟

ڇياٿين: منهنجو واسطو پنهنجي تڪ سان آهي. سنڌ جو ٺيڪو مون نہ کنيو آهي.

ڇيم: تڪ لاءِ ڇا پيا ڪيو؟

ڇياٿين: تڪ ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. هڪڙا اهي جن مون کي ووٽ ڏنا، ٻيا اهي جن مون کي ووٽ نہ ڏنا. جن ووٽ نہ ڏنا، انهن جو ٺيڪو بہ مون نہ کنيو آهي.

ڇيم: جن ووٽ ڏنا، انهن لا ڇا پيا ڪيو؟

ڇياٿين: اهي بہ ٻن حصن ۾ ورهايل آهن. هڪڙا اهي جيڪي منهنجا حامي آهن. ٻيا اهي جيڪي لاچاريءَ کان اسان سان شامل آهن. جيڪي لاچاريءَ کان شامل آهن. انهن جو ٺيڪو بہ مون نہ کنيو آهي.

ڇيم: پلا پنهنجي حامين لاءِ اوهان ڇا ڪيو آهي؟

ڇياٿين: منهنجا حامي بہ ٻن حصن ۾ ورهايل آهن. هڪڙا اهي جيڪي منهنجا مائٽ آهن، ٻيا اهي جيڪي ٻيون ذاتيون آهن. ٻين ذاتين جو بہ ٺيڪو مون نہ کنيو آهي.

ڇيم: پلا مائٽن لاءِ اوهان ڇا ڪيو آهي؟

ڇياٿين: مائٽ بہ ٻن قسمن جا ٿيندا آهن. هڪڙا ويجها، ٻيا پري جا. پري وارن مائٽن جو ٺيڪو مون نہ کنيو آهي.

ڇيم: پلا ڪو تہ ٺيڪو کنيو هوندو؟

اک هٽي ويجهو اچي، ڪن ۾ سرٻاٽ ڪندي ڇياٿين: ها نہ؟ چونگي ناڪي جو ٺيڪو کنيو اٿم نہ!

هڪ ٻئي ناظم کان پڇيم: پوتار ڪر خبر ڪهڙا ڪهڙا پاور مليا اٿئي؟

ڇياٿين: رڳو بجليءَ جو پاور هٿ ۾ ڪو نہ اٿم. باقي سڀ پاور آهن.

ڇيم: مثلاً؟

ڇياٿين: مثلاً اهو تہ ڊي سيءَ جي آفيس تي قبضو ڪري ورتم. ڇيو ڪنهن بہ ڪو نہ. فون ڪاٻي پاسي رکيل هئي. اها پٽائي ساڄي پاسي رکايم. ڇيو ڪنهن بہ ڪو نہ. پٽيوالي کي سڏڻ واري گهنٽي آهستي پئي وڳي. اها ڪڍائي ٽرڪ جي پون پان" واري هارن جهڙي گهنٽي لڳائي ڇڏيم. ڇيو ڪنهن بہ ڪو نہ. سرڪاري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بورچي کي بدلي ڪري ڇڏيم. پاڻ واري پراڻي مالشيءَ سومار کي ڳوٺان گهرائي رکي ڇڏيم. چيو ڪنهن به ڪو نه. اهي پاور ناهن ته پيو ڇا آهي؟

چيم: ڪو اسڪول، ڪو ڪاليج، ڪا اسپتال، ڪو روڊ، ڪا فوٽ پاٿ؟

چيائين: تو پاور پڇيا، مون ٻڌايامانءِ. باقي نانگن جي ٻرن ۾ هٿ نه ڪالهه وڌم، نه اڄ وجهندس. ڳالهه اٿئي سنئين سڌي.

ٿئين ناظم کي چيم: توهان ناظم آهيو؟

چيائين: مان الله رکيو آهيان.

چيم: پر ناظم به ته آهيو؟

چيائين: ناظم منهنجي سالي جو نالو آهي انهن سان ڳالهه بند آهي.

چيم: توهان ناظم آهيو يا نه؟

چيائين: آهيان، پر مون کي اهو نالو نٿو وڻي، منهنجو انهن سان ناهه ناهي.

چيم: پوءِ توهان کي ڪهڙو نالو پسند آهي؟

چيائين: مختيار.

پڇيم: اهو ڪير آهي؟

چيائين: هوندو هو ڪو سالو ٿيندي ٿيندي رهجي ويو.

چيم: سنڌ ۾ پناهگير وڏي ويا آهن. انهن جي لاءِ توهان ڇا ڪندؤ؟

چيائين: سڀ ڪجهه ڪنداسين. مسلمان ڀائر آهن.

چيم: پنجابي زور وٺندا ٿا وڃن؟

چيائين: وٺن. ڀلي وٺن. مسلمان ڀائر آهن.

چيم: افغاني قافلن ۾ ٻيا اچن؟

چيائين: ڀلي اچن. مسلمان ڀائر آهن.

چيم: سنڌين جو ڇا ٿيندو؟

چيائين: ڇا وري ڇا ٿيندو؟ پنهنجي گهر ويٺا هوندا.

چيم: سنڌن حصو ٻيا کائي ويندا؟

چيائين: منهنجو حصو جو ناظم وارا کائي ويا آهن؟ انهن کي ڪو ڇوڻ وارو ڪونهي؟ اڄهو ٿو ڊي ايس پي منهنجي هيٺان ٿئي. پهرئين ڏهڙاٽ ۾ ٽيڙ ڪٽائيندو مان.

چيم: ٻيءِ ڏاريا؟

چيائين: ٻئي ڪنهن سان منهنجو جهيڙو ناهي سڀ مسلمان ڀائر آهن. بس، منهنجو ساهراڻو خاندان، انهن جي پرسان وارا راڇپر، هيڏانهن هي انڙ سنڌن پريان وارا ابڙا، انهن جا حمايتي ٻگهيا، پٺا ۽ ڏکڻ انهن سيني سان به پاٽي ڪرڻا آهن. سنڌ موچڙي سان ٻڌل آهي، باقي ٻيا سڀ مسلمان ڀائر آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي علمي ادبي ادارن جي صورتحال

سنڌي ادب ۾ جمود ٽوڙي لاٽ جا ڪارڻ ته ڪئين آهن، آڳرين تي ڳڻي نه سگهبا، روز روز جي مهڻن ۽ ويڻن ڏيڻ ڪان مان به بيزار ٿي چڪو آهيان. اوهان ته ان ڪان به وڌيڪ بر ٿيا ويٺا هوندا. ان ڪري هر هر جي ورجاءَ کي اتي ڇڏيو، ڪي مناسب اپاءَ سوچجن ته آخر ڪهڙيءَ ريت هن ڏيڻ مان ٻاهر نڪرجي. ٻيهر اوج ماڻڻ لاءِ ادب جي سڄڻن کي ڪهڙيون راهون اختيار ڪرڻ گهرجن جي آسان به هجن، خرچ به نه گهرن ۽ ڪارگر به ثابت ٿين. ظاهر آهي ته اهڙي اهم ڪم کي ڪو به سڄڻ اڪيلي سر منهن ڏئي ڪو نه سگهندو. جهڙي تهڙي سنگت پڻ پڇي نه سگهندي. سيني کي پنهنجا حال ساريا پيا آهن. سنڌي اديب ته هونءَ ئي دنيا جي مفلس ترين مخلوق آهي. اهي قومون ٻيون جن جا قوال به بنگلن ۾ رهن ٿا ۽ يورپ توڙي آمريڪا جا دورا ڪن ٿا. خود اسان جي ملڪ جا اردو مشڪرا به سال ۾ هڪ به ڦيرو ٻاهر جو سرڪاري خرچ تي ضرور ڪن ٿا. ٻيو ڪجهه نه ته ملين ته به مشاعرا ته ڪيڏانهن نه ويا آهن، زور آڏو زاري آهي. اسيمبلين، سينيٽ ۽ سفارتخانن ۾ پڻ تقرر انهن جو ئي ٿئي ٿو. اسان لال واهه جا چيڙا آهيون. وٺي تي نالو لکيل ڪو نه اٿئون. اسان جي گهرج تڏهن پوندي، جڏهن جُهمر هٽائڻي هوندي يا هو جمالو ڳارائڻو هوندو. سيپ ان ڪم ۾ ماهر ڪو نه آهيون، پر ڪي يار ته ٺاهوڪي ڪڳي هٽي به ڄاڻن ته بغلي وڄائي ٻيگهي به سهٽي هٽي ڄاڻن. بس، گهور جا پئسا انهن ڪمايا، خوار سڄو ڪڙم قبيلو ٿيو.

بهرحال، ڏسڻو اهو آهي ته ڪهڙا قومي ادارا خوشحال به آهن ۽ گڏوگڏ اختياري پڻ آهن، جي هن ڏس ۾ قدم اڳتي وڌائي اسان جي مدد ڪن. سيپ کان پهريون ته مون کي سنڌ سرڪار جو ڪلچر ڊپارٽمينٽ ٿو سجهي، جنهن جي نه صرف اختيار ۾ بلڪ فرض ۾ پڻ شامل آهي ته هو سنڌي تهذيب ۽ تمدن سان گڏوگڏ ادب جي اوسر جي پڻ خدمت ڪري. مون کي ان کان هرگز انڪار ڪونهي ته ماضيءَ ۾ هن اداري ڪافي ڪارائتا ڪم ڪيا آهن. ان ۾ وڏاءُ ڪو نه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيندو تہ ڪي لاجواب ڪم پڻ ڪيا اٿس جن ۾ گنج جو ڇپائڻ، تاريخي نوعيت جي فوٽن جي ٻيهر پرنٽ، اديبن سان رهاڻيون وغيره شامل آهن. اسان ڪلچر سان واسطو رکندڙ اسمن کي في الحال پاسيرو رکندي، صرف ادب جي ميدان ۾ ڪلچر ڊپارٽمينٽ جي ڪم جي ساراهہ ڪرڻ کانسواءِ رهي نٿا سگهون. حميد آخوند لاءِ ماڻهو پلي ڇا بہ چون ۽ هو پلي منهنجي متعلق ذاتي راءِ ڪهڙي بہ رکي، مان سندس محنت ۽ لگن جي واکاڻ ڪرڻ کانسواءِ رهي نہ سگهندس. ها، ايترو سو ضرور چوندس تہ سندس پسند ۽ ناپسند جا ڇيڙا هڪ ٻئي کان گهڻو پري، ٻن جدا جدا، انتهائن تي پهتل آهن. پر ڇاڪاڻ تہ هو Perfectionist آهي، ان ڪري سندس ان ظاهري ڪوتاهيءَ کي سندس ڪيل خدمتن جي عيوضي آسانيءَ سان نظر انداز ڪري سگهجي ٿو پر هاڻي ان ڊپارٽمينٽ کي، مرڪزي سرڪار جي ٿاڦيل ادارن جي ڏاڍي مڙسيءَ کي نظر ۾ رکندي، ادب جي ميدان ۾ وڏيڪ سرگرمي ڏيکارڻي پوندي.

ٻئي نمبر تي سنڌي ادبي بورڊ آهي. سچ پڇو تہ اهو ادارو صرف نالي ۾ ئي زنده آهي. نہ تہ هوندي سوندي جيڪو اڄو منهن ادبي بورڊ جو ٿيو آهي اهو خدا دشمن جو بہ نہ ڪري، ڏنگ پيا ٿا رڙن، نہ ڪم نہ ڪار، رڳو عياشين تي زور آهي. مان ماضيءَ جي تلخين کي دهرائڻ نٿو چاهيان. پر سندس حالت کي نظرانداز ڪرڻ مجرماڻي حرڪت ٿيندي. آخر اها ڪهڙي ڪاميابي آهي، جنهن تي سنڌي ادبي بورڊ منهن مرڪائي سگهي؟ سڀ ڪجهہ موجودآهي. اسٽاف، بلڊنگون، ڪمپيوٽر، ٽيليفون، فيڪس، پريس، گاڏيون، گرانٽون، قدر دان ۽ پيو الائي ڇا ڇا. پر حاصلات ڪجهہ بہ نہ، نتيجو ٻڙي۔ بلڪ ڪاٿو ٻڙي ڇا انهن نتيجن حاصل ڪرڻ لاءِ نوجوان اديبن ڏرٽا ڏنا هئا ۽ جلوس ڪڍيا هئا؟ بورڊ جا ميمبر تہ برابر سرڪار چونڊيندي آهي، پر ميمبرن تي بہ ڪجهہ جوابداريون آهن يا نہ؟ پي پي جي حڪومت تي پل تہ دنيا پر جا الزام هجن، پر جنهن ڳالهہ کي سنڌي اديب معاف نہ ڪندا سا اهي نااهل، ٽي ايم ڊي اي ڪمائڻ وارا، نالي وارا توڙي بي نام ميمبر جيڪي ادبي بورڊ جي مٽي ۾ هنيا ويا. جي انهن يارن ۾ ٿورو بہ شرم ۽ حياءُ ۽ ٻولي توڙي ادب سان همدردي هجي تہ پنهنجي موجوده ڪارڪردگي ڏسي هڪدم استعيفائون ڏئي وڃي گهر ويهن ۽ جيڪڏهن گورنر سنڌ کي سنڌين ۽ سنڌي علم ادب جي پت رکڻي آهي، تہ پوءِ ڪيس يڪدم اهو بورڊ ڊاهي، مناسب ماڻهن جو بورڊ ٻيهر جوڙڻ گهرجي، جيڪو ڪيس ان انڌي کوهہ مان ڪڍي ٻاهر ڪري. بهرحال، سنڌي ادبي بورڊ جي سڌرڻ کان پوءِ، اسان ان مان پڻ ڪي چڱائيءَ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون اميدون رکي سگهون ٿا.

ان کان پوءِ سنڌ يونيورسٽي ۽ خيرپور يونيورسٽي جو وارو اچي ٿو. ڇاڪاڻ ته اهي ٻئي ادارا علم جو گهر آهن. ان ڪري سنڌي ادب جي واڌ ۽ سڌاري ۾ لاجواب ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. في الحال ته خيرن سان پنهنجن پاپن ۾ پورا آهن. افراتفري جو شڪار آهن. وائيس چانسلرن کان وٺندي ليڪچرارن تائين، گهڻي ڀاڱي غير محفوظ ۽ منتشر آهن. پنهنجو اصلوڪو ڪم، يعني درس تدريس به سندن وس جي ڳالهه نه رهي آهي، ليڪن جي خدا کين توفيق ڏئي ۽ ڪنهن معجزي سبب سندن قلبن جي ڪٽ لهي وڃي ۽ هو ٻيهر پنهنجي فرض ادائيگيءَ طرف مائل ٿي وڃن، ته پوءِ واقعي هو سنڌي ادب جي اوسر ۾ اهم ترين ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا.

اهڙيءَ طرح سنڌي لينگويج اٿارٽي ۽ سنڌالاجي، جي پڻ سهڪاري ادارا ٿي سگهن ٿا، ممڪن آهي ته ڪي ٻيا ادارا پڻ پڙهندڙن جي ذهن ۾ هجن. انهن کان پڻ ڪم وٺي سگهجي ٿو. ڪم ڪهڙي نوعيت جو هوندو؟ ان تي مان پنهنجي راءِ ڏيان ٿو. ادب جا هڏ ڏوکي ان ۾ واڌارو ڪرڻ چاهين ته ضرور ڪن.

سڀ کان اول ته اسان مرڪزي سرڪار جي علمي ادبي ادارن سان ناتا ٽوڙي، کين خدا حافظ چئي، پاڻ کي آجو ڪري، پنهنجو ٻوٽو پاڻ ٻاريون. گذريل تجربن صاف ظاهر ڪيو آهي ته ان قسم جا ادارا صرف پنجابين جي لاءِ مخصوص آهن ۽ اهي محض اردوءَ ۾ لکندڙ پنجابين ۽ ڪجهه اردو دانن جي مفاد خاطر ڪم ڪري رهيا آهن. نوڪريون به انهن جون، انعام ۽ اڪرام به انهن جا، نمائندگي به انهن جي، اسان ٺلهو هوجمالو ڳائڻ ۾ پورا. ممڪن آهي ته ڪن مفاهمت پسند ۽ عادي جي حضورين کي ڪو لاڀ به ٿيو هجي، پر ٿلهي ليکي اسان جي حيثيت صرف تماشبين واري وڃي بچي آهي. تماشبين به اهڙا، جي صرف اسلام آباد ياترا جي لاءِ پاڻ ۾ ڏاڙهيءَ پٽ ڪن، هڪ ٻئي تي الزام هڻن، وفاداريون بدلائي هر قسم جون يقين دهانيون ڪرائي اچن، پنهنجي ضمير ۽ عزت جو سودو ڪن ۽ پاڻ کي ٻين جي آڏو حقير ثابت ڪرڻ ۾ ڪا به ڪسر باقي نه ڇڏين. هاڻي اسان سيني کي کلي عام اهي زنجيرون ٽوڙڻيون آهن. ممڪن آهي ته ڪن ٺيڪيدارن جي روزي تي لت به اچي ۽ هو غلاظت تي لهي اچن. پر هڪ خوددار ادب جي وارثن جي حيثيت ۾ اسان کي پاڻ سان وچن ڪرڻو پوندو ته اسان ٻيهر اهڙي ذلت برداشت نه ڪنداسين ۽ ٽڪر ٽڪر پور تي ٻکين وانگر نه ڪرنداسين. ان جي جاءِ تي اهي ساڳيا انعام اڪرام ۽ سهولتون مٿي ذڪر ڪيل پنهنجن ادارن کان گهري وٺنداسين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪين شرمائي مجبور ڪنداسين تہ هو:

1. هر سال بهترين ڪتابن، ڪهاڻين، شعرن، ڪالمن، تنقيدي مضمونن وغيره تي پنهنجن پنهنجن ادارن طرفان انعام ڏين.
2. هر سال ادبي ڪانفرنسون ڪن ۽ ڏيساور مان سنڌي دانشورن کي دعوت ڏئي گهرائي، مختلف موضوعن تي سيمينار ڪرائن.
3. مناسب وقفي کان پوءِ ادبي ورڪشاپ جو انتظام ڪن.
4. ڪجهہ چونڊ ليکڪن کي وقت بوقت دعوت ڏئي پنهنجن ادارن ۾ ليڪچر ڏيارين ۽ ان ۾ سيني واسطيدارن جي شرڪت کي يقيني بڻائين.
5. سنڌي ڪتابن، رسالن، اخبارن وغيره جون نمائشون ڪرائين.
6. هر ادارو پنهنجي طرفان مناسب فنڊ قائم ڪري غريب اديبن کي وظيفو مهيا ڪري
7. بجيٽ ۾ هر سال اهڙن ليکڪن جي لاءِ ضروري انتظام ڪيو وڃي، جنهن ذريعي معياري ڪتابن ڇپائڻ جو بار مصنف جي سر تان لاهي سگهجي.
8. زندگي ڀر جي پورهئي ۽ خدمت عيوض مستحق دانشورن کي عزت بخشين.
9. پنهنجي ضرورت آهر ڪتاب ترجمو ڪرائن ۽ مترجمن کي مناسب اجورو ڏين.

اهي ۽ ٻيا اهڙا ڪم ڪرائڻ لاءِ اسان کي پنهنجي صوبائي حڪومت ۽ صوبي اندر ڪم ڪندڙ ادارن تي زور وجهڻو پوندو ۽ زور وجهڻ لاءِ اديبن ۽ صحافين کي پاڻ ميدان ۾ اچڻو پوندو. هڪ ٻئي ڏانهن تڪڻو ڪو نہ پوندو. روايتي سنڌي سستي ۽ اجائي تڪلف کي ڇڏڻو پوندو. سوٽ بوٽ، ٽاءِ جوراب وارا توهان کي نااميد ۽ مايوس ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏيندا. ماٺهو ميڙڻ وارا ٺيڪيدار پڻ پنهنجا ڪرتب ڏيکاريندا. آخرڪار تہ سندن روزي ۽ چوڌراهٽ جو سوال آهي. پر قومي غيرت بہ تہ ڪا شيءِ آهي. اسان تہ سون مٿان سيڻ نہ متائڻ جو وچن ڪري چڪا آهيون. تڪي جي ڳالهہ لاءِ ڪيئن وچي اڪيڊمين جا گوڏا پڪڙيندا سين. جن جي لاءِ آهن، انهن لاءِ پلي هجن. بري هن ٻنيور ۾ پنهنجو ڪجهہ بہ ناهي. نہ ڪپي، نہ ڪپي، بي عزتي جي ٽوپي هرگز نہ ڪپي.

مون کي اميد آهي تہ منهنجي هنن گذارشن کي سنڌي سجاڻ غور سان پڙهندا، مٿن عمل ڪندا ۽ زباني توڙي پريس وسيلي اهو پيغام ٻين تائين پهچائيندا ۽ اهي ادارا، جن جي باري ۾ مان مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان، سي پاڻ مرادو پنهنجن فرضن ۽ مٿن رکيل ذميوارين جو اعلان ڪندا، ان کان اڳ جو ڪين اهي ذميواريون ياد ڏياريون وڃن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جادوگر قومي سورما

1965ع واري جنگ کان هڪدم پوءِ مان سرڪاري نوڪري ڇڏي، ڪنڊڪوٽ هليو ويس ۽ وڃي اتي نئين ڪاليج جي پيڙهه وڌم. ڳوٺاڻا ڇوڪرا، ملڪ جهان کان بي خبر ۽ بي نياز نه علم سان واسطو نه ادب جي ڄاڻ. نه سياست جي پروڙ نه سياسي تحريڪن جي خبر. تعليمي سرگرميون ٿينديون ڏٺائون ته مڙئي سڙي، مچو ٺاهي اچي منهنجي گرد جمع ٿيا. علمي ادبي ماحول جنم وٺڻ لڳو. اردگرد جي حالتن کان واقف ٿيڻ لڳا. راندين روندين، ڊبيٽن ۽ ڊرامن ۾ بهرو وٺڻ لڳا. ايوب خان ويو يحيٰ خان آيو. سنڌي قومي تحريڪ هڪ دفعو ٻيهر زور وٺڻ لڳي. ون يونٽ کي ڊاهڻ جا آخري سانباها ٿيڻ لڳا. جيئي سنڌ جا جلوس نڪرڻ لڳا، بڪ هڙتالون ٿيون، ڪلاسن جا بائيڪاٽ ٿيا.

مون وارا ڇوڪرا پڻ تيار ٿي ميدان ۾ ڪاهي پيا. پاڻ تي قومي سورمن جا نالا ڪٽي رکيائون. ڪو باغي بلوچ سڏائڻ لڳو. ڪو مهراڻ سنڌي، ڪو هيمون، ڪو هوشو ڪو دودو مطلب ته مڃي مڙس ٿي پيا. انهن ڏينهن ۾ ليڊرن جي سڏ تي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ شاگردن گرفتاريون ڏيڻ شروع ڪيون. مون وارا همراهه به هر روز گلن جون ڪنڊيون پائي وڃي چوسول تي ويهندا هئا ۽ گرفتاريون پيش ڪندا هئا. سرڪار نامدار ان سموريءَ هلچل جو ڪارڻ مون کي ٺهرايو. گرفتاريءَ جا وارنٽ نڪتا. ڏکِي ۽ دلچسپ ڪهاڻي آهي، ڪنهن ٻئي دفعي تفصيل سان لکندس. ملن مولوين کي هشي ملي وئي. جمعي جي خطبي تي مون کي ملحد، پارٽي ايجنٽ ۽ ملڪ دشمن چيو ويو ڇورا بس نه ڪن. روز جلسو روز جلوس، ڪنڊڪوٽ کان ڳالهه ٻاهر ڦهلجي وئي. پرپاسي وارن ڳوٺن توڙي شهرن ۾ پڻ سجاڳيءَ جي لهر جاڳي اٿي. اتي پڻ شاگردن پنهنجا ڪارناما ڏيکارڻ شروع ڪري ڏنا.

مان پنهنجي آفيس ۾ ويٺو هوس جو ڪنهن دڪاندار اچي شڪايت ڪئي ته سائين، توهان جا ڇوڪرا پتو ٿا ڳهرن، ۽ جي نٿا ڏيون ته ڏاهه ڏوهه ٿا ڪن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن هوٽل واري اچي چيو تہ ڇوڪرا هوٽل تي چانهہ ٽا پيئن. ماني ٽا کائن پر بل ڏيڻ وقت جيئي سنڌ جا نعرا هڻندا هليا ٽا وڃن. ڊي ايس پي فون ڪئي تہ توهان جي هڪ جوشيلي تنگواٽيءَ وٽ بس ڦري، آهي ۽ ٽيهہ هزار رپيا ڪٽي فرار ٿي ويو آهي.

پهريون تہ مون کي اعتبار ئي ڪو نہ پئي آيو. پنهنجن ڇوڪرن تي ايترو تہ پروسو هوم جو ڪا بہ شڪايت ٻڌڻ کان صفا نابري واري بيٺس پر پوءِ پنهنجي طرفان جاچ ڪرڻ تي پتو پيم تہ بيو نہ تہ بہ پنجاهہ سيڪڙو ڳالهيون صحيح آهن. افسوس ٿيو پر شينهن پيجري مان آزاد ٿي چڪو هو. جلد ئي جماعت اسلاميءَ جو خاص ماڻهو درمحمد اوستو پيپلزپارٽيءَ ۾ شامل ٿي، وزير تعليم بڻجي آيو. اچڻ شرط پراڻا حساب برابر ڪرڻ لاءِ مون کي اتان هٽائي ڇڏيائين ۽ مان ڪراچي هليو آيس.

اٽڪل پندرنهن سالن کان پوءِ منهنجن پراڻن سورمن مان هڪ، هڪڙي ڏهاڙي مون سان منهنجي آفيس ۾ ملڻ آيو. حال احوال ڪرڻ کان اڳ روئڻهارڪو ٿي چيائين:

سائين، مان توهان وٽ ڪم سان آيو آهيان.

پڇيم: خير تہ آهي؟

چيائين: خير ڪونهي. هڪڙو ياءُ هئم. سخت بيمار ٿي پيو ان ڪري ڪراچيءَ علاج لاءِ ڪٺائي آياسين. رات سول اسپتال ۾ گذاري ويو. لاش ڳوٺ ڪٺائي وڃڻ ٽا چاهيون. پر ايمبولينس وارا بہ هزار رپيا ٽا گهرن. اسان غريب ماڻهو پئسا ڪٿان آڻيون؟

چيم: ايمبولينس جو مان ٿو انتظام ڪري ونان.

چيائين: نہ. انتظام اسان ڪري چڪا آهيون. لاش ايمبولينس ۾ پيو آهي. ڊرائيور پئسن کان سواءِ هلڻ کان انڪاري آهي. توهان بہ هزار رپيا ڏيو تہ ڳوٺ وڃون.

چيومانس: پلا ايمبولينس وارن جو پتو ڏي تہ مان ٿو انهن سان ڳالهايان. ڪجهہ گهٽ ڪرائي ونون.

چيائين: ڪا پرائيويٽ گاڏي آهي، دير ٿي وئي آهي، ميت خراب ٿي ويندو مجبوري آهي، ڪا واهہ نہ ڏسي توهان وٽ آيو آهيان.

مون بہ هزار رپيا ڪڍي کيس ڏنا. هو ڳوڙها ڳاڙيندو هليو ويو.

ٻئي ڏينهن ڪنڊڪوٽ جو ئي ڪو بيو نوجوان ملڻ آيو. کيس ڪالهوڪي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روداد ٻڌايم.

ڪلي چيائين: ان سورمي کي تہ رات مون سينما تي ڏٺو هو. سگريٽ مٿان سگريٽ پئي ڦوڪيائين.

چيم: پر سندس پاءُ جو ڇا ٿيو؟ اهو ويچارو ڪالهہ اسپتال ۾ گذاري ويو هو.

چيائين: پاءُ؟ ڪيس تہ ڪو پاءُ ڪونهي!

پيو قصو ٻڌو: ٻہ سال کان اڳ هڪ نوجوان منهنجي آفيس ۾ آيو. چيائين مان فلاڻو اديب آهيان نالو ٻڌل هو. ڪيس وڏي عزت ڏئي پاڻ سان ويهاريم. ادب تي گفتگو ٿي، ڏاڍو سلڇڻو ۽ شريف طبيعت لڳم. ساڻس ملي خوشي پڻ ٿيم. ڪلاڪ ڏيڍ کان پوءِ موڪلائي ويو. ٻئي ڏينهن وري آيو. وري ڪچهري ٿي. سندس علم ۽ ادب بابت ويچار وٽيم. سڀ کان وڌيڪ وڻيم سندس مائيٽي طبيعت. بهرحال ڪجهہ ڏينهن لاڳيتو اچڻ کان پوءِ هڪ ڏينهن چيائين سائين هڪ خوشخبري آهي.

پڇيم: ڪهڙي؟

چيائين: فلاڻي فرم ۾ پگهار سٺي ٿا ڏين. تائيم مناسب آهن ۽ ڪمپني مضبوط آهي.

چيم: اها تہ چڱي ڳالهہ ٿي.

چيائين: پر هڪڙو مسئلو آهي.

پڇيم: ڪهڙو؟

چيائين: هو ٿا چون تہ جينز پائي اچڻ منع آهي ۽ ٽاءِ لڳائڻ بہ ضروري آهي. مون وٽ جينز کان سوا ٻي ڪا پتلون ڪونهي ۽ ٽاءِ تہ هڪ بہ ڪا نہ اٿم.

چيم: پوءِ ڇا ٿيندو؟

چيائين: پئسا گهرجن. توهان مهرباني ڪري چار پنج هزار رپيا قرض ڏيو پهرينءَ پگهار تي موٽائي ڏيندس.

چيومانس: ان جي تون ڳڻتي نہ ڪر. مان تازو سينگاپور ويو هوس. اتان پنهنجي سائيز جون ڊزن کن قميضون، ڪجهہ سوٽ ۽ پينٽون آنديون اٿم پر مصيبت اها ٿي جو مشرق بعيد جا ماڻهو ٿيندا آهن قد جا ننڍڙا. ان ڪري نمبر، ساڳيا رکندا آهن، پر سائيزون ڇوٽيون هونديون اٿن. اها خبر مون کي هت اچي پئي. منهنجي لاءِ اهي سڀ ڪپڙا بيڪار آهن. جيئن آندا اٿم، ايئن پيڪ لڳا پيا آهن. تون سڀاڻي اچي کڻي وڃ.

ڏٺم تہ کيس ڳالهہ نہ وڻي. هو ڪجهہ مايوس ٿي هليو ويو. مون گهر اچي اٺ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏهه قميصون، ٻه نوان سوٽ، ٻه بليزر ۽ ٻڙن ڪن ٽايون. هڪ وڏي مارڪ اسپينسر جي ٿيلهي ۾ بند ڪري گاڏيءَ ۾ رکي ڇڏيون. ٻئي ڏينهن آفيس ڪٽي ويس پر هو نه آيو. ٽئين ڏينهن به نه آيو. اهڙيءَ طرح ڏهه ڏينهن ساندهه مان هر روز اهي ڪپڙا رلائيندو رهيس. پر هو نه اچڻو هو سو نه آيو. اڄ تائين مون سندس شڪل ٻيهر نه ڏٺي آهي. مانڙي ڪري اهو هينگر ٺيڪ اهڙيءَ طرح ٽنگي رکيو اٿم. ٿي سگهي ٿو ته زندگيءَ ۾ ساٿس ڪڏهن ملاقات ٿي وڃي.

سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ وارا ڪڏهن ڪڏهن حڪم ڪندا آهن ته وڃي سندن گڏجاڻين ۾ حاضري ڀريندو آهيان. نوجوانن سان ملي خوشي ٿيندي آهي. سندن اتساهه ۾ ڀورهيو ڏسي اطمينان پڻ ٿيندو آهي. هڪ اهڙي ئي گڏجاڻيءَ ۾ محسوس ڪيم ته مائيڪرو فون نه هئڻ ڪري ڳالهائيندڙ توڙي ٻڌندڙن کي ڪافي تڪليف ٿي رهي هئي. سوچيم ته ڪين ڪنهن طرح لائوڊ اسپيڪر جو انتظام ڪري ڏجي. آخرڪار عورتن جي جماعت "مارئي فورم" "مارئي فورم" کي آماده ڪيم ته هو ڪين هڪ عدد پبلڪ ايڊريس سسٽم تحفي طور خريد ڏين. "مارئي فورم" منهنجي گذارش قبول ڪندي پنهنجي فنڊ مان اهڙو مڪمل سيٽ خريد ڪري سنڌي ادبي سنگت کي عطيي طور پيش ڪيو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ جڏهن ٻيهر سنگت جي سڏ تي سندن گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيس ته ماٺ وٺي ويم. جڏهن ڏٺم ته اهو سيٽ اتي موجود ناهي. پڇيم: لائوڊ اسپيڪر جو ڇا ٿيو؟

چيائون: چورائجي ويو.

پڇيم: ڪيئن؟

جواب گول مول مليو. چيائون: اتي ئي پيو هو. ڪو کڻي ويو.

چيم: ايڏي وڏي شئي آسانيءَ سان ته نه کڄندي.

چيائون: خبر ناهي. اڳينءَ انتظاميه جڏهن چارج ڏني، تڏهن ان ۾ لائوڊ اسپيڪر ڪو نه هئا.

چيم: ان کي به چند هفتا ٿيا.

چيائون: بس سائين ڇڏيو ان ڳالهه کي، گذري ڪيوس.

مون گذري ڪري ڇڏي. هاڻي ساڳيا ٽڪر ساڳ سان، ويچارو قومي ڪارڪن عبدالستار پيٽي هر دفعي هڪ جادوءَ جي گودڙي ساڻ کڻي ايندو آهي. ان مان خبر ناهي ڪيئن ڦهريون مائيڪ ڪڍندو آهي. پوءِ ننڍڙا اسپيڪر نمودار ٿيندا آهن ۽ آخر ۾ ايمپليفائر منهن ڪڍندو آهي. هر جملي کان پوءِ اسپيڪر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيٽي وڄائيندو آهي ۽ غريب ستار ڊوڙ پائي زمين تي اوڪڙو ويهي سيٽي بند ڪرڻ جا جتن ڪندو آهي.

هڪڙو نوجوان اوچتو ئي اوچتو ظاهر ٿيو. آفيس وڃان ته اڳ ۾ موجود، گهر اچان ته اتي مون کان اڳ حاضر. نوڪري کپي. چوان نوڪرين تي بندش آهي پر مڃي ئي ڪو نه. ڏينهن رات جي ايلازن ڏاڍو پريشان ڪيم. آخرڪار ڪنهن تمام مهربان دوست وٽ عرض اگهايو. نوجوان کي نوڪري ملي.

شڪر ادا ڪيم. پر ٻئي ڏينهن وري در جهليو بيٺو آهي.

پڇيم: هاڻي ڇا کپي؟

چيائين: بدلي.

پڇيم: ڪٿي؟

چيائين: ڳوٺ.

وري ايلاز شروع ٿي ويا. ڳوٺ بدلي ٿي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ وري همراهه اچي پهتو ساهه سڪي ويم.

چيم: خير؟

چيائين: ڪانٽريڪٽ پورو ٿيو پيهر ڪرائي ڏيو.

حياتي حرام ٿي وئي. هٽي ماري ڪانٽرڪيٽ نئون ڪرايم. ان تي به اطمينان نه ٿيس. اڌ رات جو اچي گهنٽي وڄائين.

پڇيم: خدا جا ٻندا هاڻي ڇا گهر جئي؟

چيائين: فلاڻو ٺيڪيدار وڏيڪ سئيون نوڪريون ٿو ڏئي. ان کي چئو.

ان کي چيم. اتي نوڪري ملي. اها جاءِ نه وڻي. بدلي ٿي. اتي جا ماڻهو نه وڻيا. وري بدلي ٿي. اجا مزو نه آيو. مراد علي شاهه کي فون به ڪيو ڪارڊ به ڏيو. مراد علي شاهه ويچاري قرب ڪيا. نوڪري ڏنائين. اتي مسئلا پئدا ٿيا. وري ڪارڊ ڏيو. ان مان ڪم نه ٿيو. اجا ڪارڊ ڏيو. بلڪ ڪجهه وڌيڪ ڏئي ڇڏيو. پيا ڪم ايندا. حاضر سائين. هي ڪارڊ. جند ڇڏ.

وري اڌ رات جو آيو چيائين پگهار ملي هئي. ڪنيو پئي آيس ته پوليس وارا ڦري آيا. پئسا کسيائون. مار به ڏنائون. ڪوڙو ڪيس به ٺاهيائون. ٻانهن ڀڃي وڏي اٿن. علاج ڪرائڻو آهي. ان لاءِ ڏوڪڙ کپن. پوليس وارن کان پئسا موٽائڻا آهن. ان لاءِ آءِ جي يا ڊي آءِ جيءَ کي فون به ڪرڻو آهي ۽ ڪارڊ به ڏيڻو آهي. پئسا به ڏنم، ڪارڊ به ڏنم، فون به ڪيم.

قصو ته وڏو آهي. مختصر ڪري ٿو ٻڌايان. ٽي چار سال ان عذاب ۾ گذريا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخر ڳالھ ڦاٽي، خبر پئي تہ همراھ فون ڪرائي ۽ ڪارڊ وٺي واسطيدار عملدارن ۽ وزيرن سان ملندو هو. ڪين چوندو هو تہ مان قمر صاحب جو پٽ آهيان، ڀائٽيو آهيان. نياٽو آهيان يا ويجهو مائٽ آهيان، منهنجو ڪم ڪيو. اهڙيءَ طرح نوڪريون حاصل ڪري ويهہ ويهہ هزارن ۾ وڪڻندو هو. پوليس عملدارن کي فون ڪرائي ماڻهن کي بليڪ ميل ڪندو هو ۽ ڪانئن پئسا وٺي جان ڇڏيندو هو. جوئا کيڏندو هو، ڪچو شراب پيئندو هو ۽ پاڙي ۾ داداگيري ڪندو هو. هڪ هنڌان جي ڳالھ نڪتي تہ ٻين بہ تصديق ڪئي. سختيءَ سان منع ڪئي مانس تہ ٻيهر مون وٽ نہ ايندو ڪر. سال کن سانت ٿي وئي. ڪجھ ڏينهن اڳ فون وڳي، منهنجي گهر واريءَ کنئي.

چيائين: وري آيو اٿئي.

چيم: چئينس تہ قمر صاحب گذاري ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڙيءَ ۾ قاتل ڳنڍ

1979ع ۾ منهنجي بدلي اسلام آباد ٿي وئي ۽ مون اتي وڃي پاپوليشن پلاننگ ۾ ڊائريڪٽر انڪوائريز جو عهدو سنڀاليو. رهندو MNA (ايم اين اي) هاسٽل ۾ هوس ۽ آفيس سڌ پنڌ تي هئي. ان ڪري گهڻو ڪري پنڌ آفيس ايندو هوس. پاپوليشن ڊويزن جو ايڊيشنل سيڪريٽري رشيد احمد هو جيڪو ڪنهن زماني ۾ پٽي صاحب جو پرائيويٽ سيڪريٽري ٿي رهيو هو. نهايت ئي عجيب ۽ غريب ڪردار هو. اکر اهڙا سهڻا، جهڙا موتيءَ جا داڻا. لکڻ وقت لائين اهڙي سڌي بيهاريندو هو جو فوٽ پٽي رکي ڏسبو هو ته ٽر جو به تفاوت نظر نه ايندو هو. شارٽ هينڊ جو ماهر، فائيل صاف سٿرا. انگريزي درست، ٽائيم جو پابند. بلڪ ضرورت کان وڌيڪ ڊيوٽي ڏيندڙ صبح جو سوير جڏهن اڃا آفيس جي صفائيءَ وارا به نه ايندا هئا. هو دفتر پهچي ويندو هو. پهرين پتلون لاهي ڪليءَ ۾ ٽنگيندو هو پوءِ قميض لاهي صرف گنجيءَ ۽ پاجامي ۾ ويهي ڪم ڪندو هو. گهران هڪ ٻه سنبوسو يا سينڊوچ ناهي ڪٽي ايندو هو جيڪو آهستي آهستي سڄو ڏينهن ويٺو کائيندو هو. هڪ ڪيٽلي سبز چانهه جي هر وقت پيئي اُبرندي هئس، جنهن مان وقفي وقفي کان پوءِ ڪوپ ناهي پيو پيئندو هو. آفيس جو ٽائيم پلي شام جو ختم ٿي وڃي، هو اڪثر رات جو هڪ ٻين بجي تائين ويٺو رهندو هو. بعضي ته رات به اتي ئي گذاريندو هو. پيو ته نهيو عيد براد تي به گهر ڪو نه ويندو هو. سندس عملو ان مصيبت کان ايترو ته تنگ هو جو پئسا ڏئي به بدلي ڪرائي ويندو هو. مون کي هڪ عيد ان نوڪريءَ دوران ان آفيس ۾ گذارڻي پئي. حسب عادت هو پاڻ ته دفتر آيو پر پنهنجي سموري ذاتي عملي کي پڻ يرغمال بڻائي رکيائين. سندن ڪٽنب ڏاڍو پريشان ٿيا. منجهند ڏاري ننڍڙا ننڍڙا ٻار هٿن ۾ بينر کڻي اچي آفيس ٻاهران بيٺا ۽ نعرا هڻڻ لڳا: ”هماري ابو ڪو رها ڪرو.“

رشيد احمد جي هيٺان هڪ جوائنٽ سيڪريٽري هو. نالو هوس سڪندر حيات. قد جو هلڪو بدن ۾ پريل، ڳاڙهو ڳٽول. طبيعت ۾ چوويهه ڪلاڪ غصو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو سندس ويجهو بہ نہ ويندو هو. رڙيون اهڙيون ڪندو هو جو رستي وارا بہ پيا ٻڌندا هئا. هر ماڻهوءَ جي ڪم مان غلطي ڪيڻ سندس دلپسند مشغلو هو. ناراض ناراض، هر وقت هر انسان کان ناراض رهندو هو. اهو تفصيل ان ڪري ٻڌايم جو سندس وڏيڪ اهم واقفيت هاڻي ٻڌائڻ وارو آهيان. سڪندر حيات احمد رضا قصوريءَ جو سڳو پاءُ هو. احمد رضا تقريباً هر روز ساڍس ملڻ آفيس ايندو هو ۽ پوءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪمري ۾ بند پاءُ سان ويٺو صلاح مشورا ڪندو هو ڀٽي صاحب جو فيصلو اچي چڪو هو ان ڪري شايد ڊپ کان هڪ بہ بندوقي بہ ساڻ گڏ کڻندو هو.

سڪندر ساري جهان کان برابر بيزار هو پر خبر ناهي ڇو مون کي ڏاڍو پسند ڪندو هو هر روز ڪلاڪ سوا مون کي، پاڻ سان ويهاري ڪچهري بہ ڪندو هو چانهہ وغيره بہ پيارينڊو هو. ان وچ ۾ جيڪڏهن احمد رضا اچي پهچندو هو تہ مان ماٺڙي ڪري اُتان اٿي ايندو هوس. هڪ بہ دفعا احمد رضا سان گفتگو بہ ٿي. ڏٺم تہ ڪافي پريشان هو. ٽڙيل ٽڙيل پئي لڳو. خود سڪندر بہ ذهني طور پرسڪون ڪو نہ هو. ان جو عملي مظاهرو ان ڏينهن ٿيو جڏهن ڀٽي صاحب جي آخري اپيل بہ رد ٿي. سڪندر ڪنهن ڳالهہ تان رشيد احمد سان وڙهي پيو. هڪ ٻئي کي پنجابي ۾ خوب گاريون ڏنائون. مان اتي موجود هوس. جهيڙو تارڻ جي ڪوشش ڪيم پر سڪندر قميض جون ٻانهون ڪُنجي، رشيد احمد کي مارڻ لاءِ متس هلان ڪري آيو. گهتو پئي ڏنائينس جو مون ڪيس زوري در کان ٻاهر ڌڪي رشيد جي جان بچائي. ورانڊي ۾ بيهي پهريون تہ سڪندر خوب گارگند ڪيو ۽ پوءِ ڀتين ۾ درن کي لتون هڻندو پنهنجي آفيس ۾ اچي ويٺو. ٿوريءَ دير کان پوءِ مان وٽس آيس تہ جنسي نانگ وانگر ڦوڪون پئي ڏنائين. چيائين: تنهنجي ڪري مُڙي ويو آهيان، نہ تہ ڪراڙي جو لاش ڏسين ها.

ايتري ۾ احمد رضا بہ اچي پهتو. ٻنهي ڀائرن صلاح مشورا ويٺي ڪيا تہ ان وچ ۾ رشيد احمد پنهنجي بچاءَ لاءِ فون ڪري پوليس بہ گهرائي ورتي. اهو تناءُ ان ڏينهن تائين قائم رهيو جڏهن آخرڪار ڀٽي صاحب کي ڦاسي ڏني وئي. ان ڏينهن بابت سوچي. مان ڏکي ويندو آهيان. اهڙو خاموش، هراسيل ۽ ماتمي ڏينهن مون ان کان اڳ ڪڏهن بہ ڪو نہ ڏٺو پر ان ڏينهن جي ذڪر کان اڳ مان چاهيان ٿو تہ اوهان کي ڪجهہ ٻين ڪردارن ساڻ ملايان.

مير علي احمد خان ٽالپر انهن ڏينهن ۾ ضياءُ الحق جي سرڪار ۾ ڊفينس منسٽر هو ۽ جيڪب آباد وارو مير صبح صادق خان صحت جو وزير هو. اسان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ڪامورا گهٽ ڪري انهن ٻن وزيرن سان ملندا هئاسين. محمد خان جوڻيجو ريلوي جو وزير هو. پر مان ساڻس صرف هڪ دفعو مليس ۽ سندس خشڪ طبيعت ڏسي ٻيهر ڪڏهن به سندس سڏ تي ڪو نه ويس. البت پنهنجا پيا ساٿي، حسن پٽو راول ورياماڻي، روشن منگي، جي ڪي ڏڪڻ، آصف شيخ ۽ غلام مجدد اسراڻ اڪثر ساڻس ملندا هئا. باقي ٽالپر صاحب ۽ ڪوسو صاحب ڪچهريءَ جا ڪوڏيا هوندا هئا. ان ڪري اسان نه به ويندا هئاسين ته فون ڪري يا گاڏي موڪلي پاڻ وٽ گهرائي وٺندا هئا. مير علي احمد ٽالپر انهن ڏينهن ۾ ٻي شادي ڪئي هئي. سندس گهر واري ڪراچيءَ ۾ ڪٿي پڙهائيندي هئي ۽ مير صاحب کان عمر ۾ به ڪافي ننڍي هئي. تيڻ ته اٿين گهربو هو ته مير صاحب پنهنجو وڏيڪ وقت نئين بيگم کي ڏئي، پر ٽيو هيئنءَ جو سج لهڻ شرط مير صاحب جا فون اچڻ شروع ٿي ويندا هئا ته وارو ڪيو سرڪار هليا اچو.

مير صاحب سنڌ هائوس جي پهرينءَ منزل تي ٻن ڪمرن واري سويٽ ۾ رهندو هو هڪ ڪمرو پنهنجي بيڊ روم طور استعمال ڪندو هو. ٻئي کي بيٺڪ بڻايو هئائين. ان ۾ ٿي وي ڪانسواءِ هڪ صوفو ۽ ڪجهه ڪرسيون ۽ سامهون ڪتابن جو شيلف، رکيل هو. مير صاحب سج لٿي کان پوءِ هڪڙو عجيب لباس پائيندو هو جنهن کي ڏسي پهريون ته حيرت ٿيندي هئي پر پوءِ هري وياسين. سرڪس ۾ ڪرتب ڏيکارڻ وارا جيڪو ٽائيٽ پاجامو پائيندا آهن، اهڙو هلڪي نيري رنگ جو تنگ پاجامو ۽ مٿان گنجي پائي، مير صاحب هميشه صوفي تي وهاڻو مٿن ڪان ڏئي ليٽي پوندو هو ۽ اتان ليٽي ليٽي ڪچهري ڪندو رهندو هو. چانهه جو شوقين هو ان ڪري نفيس چانهه جو دور هلندو رهندو هو جڏهن جذبات ۾ ايندو هو ته صوفي تي ٽپ ڏئي اوڪڙو ويهي زور زور سان ڳالهائيندو هو ۽ مدعا بيان ڪري وري ليٽي پوندو هو. اها ڪچهري دير تائين جاري رهندي هئي. اسان اٿڻ جي ڪندا هئاسين ته هٿن سان جهلي چوندو هو: سرڪار اچا ته يارهن مس ٿيا آهن. هاڻي ڪاڏي ٿا وڃو؟

پر واري ڪمري مان پيا سڏ ٿيندا هئس پر پاڻ هڪ ئي جواب ڏيندا هئا: "سرڪار، مهمان بيٺي هين، بس ابي حاضر هوتا هون."

جڏهن مداخلت وڌي ويندي هئي ته مير صاحب اسان سيني کي ساڻ ڪري، گرائونڊ فلور تي پنهنجي پي ايس ويڙهي جي ڪمري ۾ وٺي وڃي ويهاريندو هو. اتي به هر پنجن ڏهن منٽن کان پوءِ اردلي اچي ياد ڏياريندو هو ته بيگم صاحبه ياد پئي ڪري، پاڻ هميشه جواب ڏيندا هئا: سرڪار هم ابي آيا. بيگم صاحبه ڪو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بولو دلجاءِ ڪري، اپي حاضر هوتا هون.

جڏهن اتي به پيغامن جي ڏمر تي ويندي هئي ته پوءِ مير صاحب اسان کي رخصت ڪرڻ جي بهاني، سنڌ هائوس جي ٻاهرئين ميدان ۾ بيهاري ڪچهري ڪندو هو ۽ آخرڪار جڏهن اڌ رات ٿيندي هئي. تڏهن نهايت بي دليءَ سان موڪل ڏيندو هو ۽ سياڻي اچڻ جو سخت تاڪيد ڪندو هو. پٽي صاحب جي قاسيءَ جو مسئلو ان وقت هر زبان تي هوندو هو، پر مير صاحب ڪڏهن به پٽي صاحب جو نالو زبان تي نه آندو صرف هڪ دفعي ٽالپرن جي انتظامي صلاحيتن متعلق دليل ڏيندي ايترو چيو هئائين ته: سرڪار خود پٽي صاحب جهڙي ذهين ماڻهوءَ به هڪ هنڌ لکيو هو ته مير صاحبن به سنڌ تي سٺ سال حڪمراني ڪئي!

اسان چيو: طنز ڪئي هوندائين.

چيائين: سرڪار طنز ته طنز ئي سهي، سٺ سال ته مڃيائين نه؟

پيو وزير صبح صادق خان ڪجهه پريرو رهندو هو. ان ڪري وٽس وڃڻ گهٽ ٿيندو هو پر مير صاحب جا فون ڪنندا ئي ڪو نه هئا. جڏهن ويندا هئاسين ته پريان ئي پريان گاڏين کي گيٽ اندر داخل ٿيندو ڏسي، پهرينءَ ماڙ تان زور سان نوڪر کي رڙڪري چوندو هو: خالد، واروڪر، مهمان اچي ويا. ڪڪڙ ڪُهه.

اسان ڪڪڙ ڪهڻ، پچڻ ۽ کائڻ جي عرصي کي دل ئي دل ۾ ساري ڏکي ويندا هئاسين. بهرحال، صبح صادق خان جي خلوص کي ڏسي ۽ سندس ويڳاڻپ جو خيال رکندي، گهٽ ۾ گهٽ هفتي ۾ هڪ دفعو سندس خدمت ۾ ضرور حاضر ٿيندا هئاسين. روايتي مهمان نوازي ڪانئس پوءِ دنگ هئي. مانيءَ ڪانسواءِ بلڪل نه ڇڏيندو. بنگلي تي جيڪو حاضر هوندو سو وڏي پيار مان پيش ڪندو. ڪچهري ڪندو. در تائين ڇڏڻ ايندو ۽ ٻيهر اچڻ جو واعدو وٺي پوءِ ڇڏيندو. انهن ئي ڏينهن ۾ اسد الله پٽي هڪ ڪتاب اردوءَ ۾ لکي ان جي ڪتابت ڪرائي هئي ۽ فوٽو ڪاپيون ڪرائي جنرل ضياءُ الحق سميت سيني فوجي توڙي سول عملدارن ۾ ورهايون هيون. ان ڪتاب ۾ سنڌ جي سيني اديبن جو تعارف ۽ تصنيفن مان ڪجهه ٽڪرا ڏئي، انهن جي معنيٰ ۽ مطلب کي توڙي مروڙي، کين ملڪ دشمن، اسلام دشمن ۽ ڀارتي ايجنٽ سڏي، سخت سزا ڏيڻ جو مطالبو ڪيو ويو هو. جن اديبن خلاف زهر اوڳاڇيو ويو هو، انهن ۾ مون کان علاوه شيخ اياز امر جليل، سراج، تنوير عباسي، امداد حسيني ۽ ٻيا ڪيترائي اديب شامل هئا.

اهو ڪتاب هڪ تقريب ۾ مير صبح صادق خان کوسي هٿان جنرل ضياءَ کي پيش ڪرايو ويو. ان موقعي تي مير صاحب هڪ جذباتي تقرير پڙهي ڪئي هئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ضياءَ کان پرزور مطالبو ڪيو هو تہ انهن سيني بدبخت ملحدن کي هڪدم گرفتار ڪري جيلن ۾ وڌو وڃي. جڏهن شام جو مير صاحب جي بنگلي تي ساڻس ملاقات ٿي تہ مون ان ڪتاب جو ذڪر ڇيڙيو. چند جملن مان ئي معلوم ٿي ويم تہ مير صاحب نہ اهو ڪتاب پڙهيو هو ۽ نہ وري ان ۾ شامل اديبن متعلق ڪا ڄاڻ ئي هئس، بلڪ ڪيس اهو بہ معلوم نہ هو تہ منهنجو بہ نالو ان ڪتاب ۾ ڇپيل آهي. بيحد جذباتي انداز ۾ وڏي واڪي چيائين: اهي سڀ ڪافر ۽ منڪر آهن. انهن کي تہ سنگسار ڪرڻ گهرجي. چيم: سائين، توهان ڪجهہ ذاتي طور تي بہ تہ جاچ ڪيو مبادا اها ڳالهہ غلط هجي. اتي ٻيهي رهيو. وڏي جلال مان ٻئي هٿ آسمان ڏانهن اڀا ڪندي چيائين: توهان انهن مردودن کي نٿا سڃاڻو. اهي الله ۽ ان جي رسول جا دشمن آهن. ان ڪري اسان جا بہ دشمن آهن!

بهرحال، ٻئي مير صاحب پنهنجيءَ پر ۾ نهايت پيار ڏيندڙ روادار ۽ نيڪ مڙس هئا. ٽالپر صاحب کي هر وقت اهو خوف لڳو رهندو هو تہ سندس ڪمري ۾ ڪٿي نہ ڪٿي ضياءالحق ڪو ننڍڙو مائڪروفون لڪائي رکيو آهي ۽ ان وسيلي سندس گفتگو ٻڌندو ٿو رهي. ان ڪري هو پنهنجي ڪمري ۾ ڪا بہ اهڙي تهڙي ڳالهہ ڪو نہ ڪندو هو. ڪجهہ چوڻو هوندو هوس تہ ٻاهر ورانڊي ۾ وٺي ويندو هو. اتي بہ چت ڏانهن نهاري وري هٿ کان جهلي صفا ٻاهر ميدان ۾ وٺي ويندو هو. چئني پاسي نهاري، پڪ ڪري، پوءِ ڪن ۾ سرٻاٽ ڪري ڳالهہ ٻڌائيندو هو. هلندڙ ڳاڙيءَ ۾ تہ صفا ڪو نہ ڳالهائيندو هو. دنيا پر جون ڳالهيون ڪندو هو پر خاص ڳالهہ لاءِ کيس کليل ميدان گهربل هوندو هو.

ان جي برعڪس صبح صادق خان کوسو کليو ٽليو ڏڪئي مڙس هو جيڪو منهن ۾ ايندو هوس سو چئي ڏيندو هو ۽ پوءِ پيو پٽين ۽ چٽين ڏانهن نهاريندو هو ماڻهو ٻئي سادا هئا، صرف پٽي صاحب سان ذاتي دشمنيءَ کين گڏ ويهاريو هو.

هڪ دفعي ٽالپر صاحب کي چيم: مير صاحب، مان هاڻي اسلام آباد مان بيزار ٿي پيو آهيان. مون کي ڪنهن طرح ڪراچي بدلي ڪرايو.

چيائين: سرڪار مون وٽ آهي دفاع جو محڪمو. ان ۾ تون اچي ڪو نہ سگهندين. پي آءِ اي ۾ پرتيون بند آهن، ان ڪري اوڏاهين بہ وڃي نہ سگهندين. اسان لاچار آهيون، سرڪار.

چيم: اوهان وٽ ڪينٽونمينٽ جو ادارو بہ تہ آهي.

ڏاڍو حيران ٿيو. پڇيائين: واقعي سرڪار؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيمر: واقعي!

مير صاحب اٿي بيهي رهيو. بلند آواز سان دانهن ڪندي پنهنجي پي ايس کي سڏ ڪندي چيائين: ويڙها صاحب!

صاق ويڙهو ڊوڙندو آيو.

مير صاحب چيو: ويڙها صاحب! هي ٻڌو شهباز صاحب ڇا پيو چوي؟ ڪينٽونمينٽ به اسان جو ٿي ڪاتو آهي؟

ويڙهو چپ ڪري بيهي رهيو.

مير صاحب واڪو ڪري چيو: سرڪار اٿين ته نه ڪيو لکي ڇڏيو ته ڪينٽونيمنٽ به اسان جي دائره اختيار ۾ آهي!

پٽي صاحب کي ڦاسي ڏيڻ جو چوبول ته ڪجهه ڏينهن کان اسلام آباد ۾ جاري هو. مختلف ماڻهن جا مختلف رايا هئا. ڪن جو چوڻ هو ته سمجهوتو ٿي ويو آهي. پٽي صاحب کي ملڪ نيڪالي ملندي، بين جو چوڻ هو ته لبيا جو قذافي کيس پاڻ سان وٺي وڃڻ لاءِ پاڪستان پهچي رهيو آهي. اجا ٽين جو چوڻ هو ته پٽي صاحب کي ته اڳ ئي ماريو ويو آهي. ڦاسيءَ جو ته سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. اهي رايا ڪلاڪ ڪلاڪ کان پوءِ پئي بدليا. ماڻهو پرڏيهي ريڊيو کي ڪن ڏئي ويٺا هئا. بي اطمينانيءَ سبب آفيسن ۾ ڪم ٿي نه پئي ٿيو.

ان ڏينهن پڻ مان صبح ساڻ جڏهن آفيس پئي آيس ته رستي تي مڪمل ويراني ڇانيل هئي. ڪو به ماڻهو ڪا به گاڏي رستي تي نظر نه آيم. ڏاڪڻيون چڙهي اچا پنهنجي ڪمري ۾ مس پهتس ته منهنجي سيڪريٽري، شريف روئڻهارڪي آواز ۾ اچي ٻڌايم ته پٽي صاحب کي ڦاسي اچي وئي.

مان وائڙو ٿي ويس. ڪجهه سمجهه ۾ نه اچيم. دل ٿي نه پئي مڃي. شريف جنگ اخبار جو ضميمو کڻي ٽيبل تي رکيو. جنهن ۾ وڏن اکرن ۾ ڦاسيءَ جي تصديق ڪيل هئي. مان اٿي دريءَ وٽ وڃي بيهي رهيس. نڙيءَ ۾ ڄڻ ڪا ڳنڍ ڦاسي پئي هئم. روئڻ چاهيم، روئي نه سگهيس. شريف کي هٿ جي اشاري سان ٻاهر وڃڻ جو چئي واپس اچي ڪرسيءَ تي ويٺس. فون جي گهنٽي وڳي، بي جان هٿ سان فون کنيم ته ڪراچيءَ مان پنهنجيءَ گهر واريءَ جون ڇيخون ٻڌم. چئي رهي هئي: "ماري ڇڏيائيونس. پٽي صاحب کي ظالمن ماري ڇڏيو. توهان اٿي ڇا ويٺا ٿا ڪيو؟ استعيفيٰ ڏئي گهر موٽي اچو. بي غيرت نه ٿيو. موٽي اچو." هو زور زور سان سڏڪي رهي هئي ۽ ساڻس گڏ سڄو گهر روئي رهيو هو. مان اخبار کڻي سڌو رشيد احمد جي ڪمري ۾ هليو ويس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ميز تي هٿن ۾ منهن لڪائي ٻارن جيان روئي رهيو هو. مون کي ڏسي، اٿي ڀاڪر پاتائين ۽ سڏڪندي چيائين: مار ديا، ميري صاحب ڪو مار ديا.
ڏٺم، اڄ هن نہ پتلون لاتي هئي ۽ نہ قميص، اڪين مان ايترو تہ پاٽي پئي وهيس جو منهنجا ڪپڙا بہ آلا ڪري ڇڏيائين.

خبر ناهي ڇو مان ڪيس روئندو ڇڏي، اخبار هٽ ۾ ڪٽي سڪندر حيات جي ڪمري ڏانهن ڊوڙيس. در ٻاهران بہ خانگي بندوقي بيٺا هئا. در کولي اندر ٿيس تہ ڏٺم تہ سڪندر حيات ۽ احمد رضا قصوري هڪ ٻئي جي سامهون خاموش ويٺا آهن. احمد رضا جو منهن لٿل هو. ڪيس چيڪ تي شڪاري ڪوٽ پهريل هو. سائي رنگ جي ٽاءِ پاتل هئي ۽ بلڪل ٿڪل پئي لڳو.

اخبار هٽ ۾ جهلي مون کين خوني ۽ قاتل چوڻ ٿي چاهيو پر منهنجي نڙيءَ ۾ ڦاتل ڳنڍ نہ کلي. هڪ سڏڪو هو جو ڪوڪ بڻجي منهنجي ڳلي مان نڪتو ۽ مان اخبار سندن آڏو اڇلائي ڏاڪڻيون لهندو هيٺ رستي تي لهي آيس. ڪجهہ ماڻهو سهميل سهميل گونگا ڳوڙها ڳاڙي رهيا هئا. هڪ شخص خاڪ مٽي ۾ وجهي وڏي آواز روئي رهيو هو ۽ پار ڪيدي سينو ڪٽي رهيو هو. سيڪريٽريٽ بہ ميل ڪن پري هئي. پر مون کي اڄ تائين ياد ناهي تہ مان اتي ڪيئن پهتس. ڊي بلاڪ ۾ حسن پٽي جي آفيس ۾ سڀ دوست جمع هئا. سڀ بدحواس ۽ ڏڪويل پئي لڳا. پنهنجا ڏسي اکين مان نير وهي هليو. ريهون ڪندي چيم: يتيم ٿي وياسين. اڄ اسان يتيم ٿي وياسين.

ورياماڻي دنياداري وارو ماڻهو هو. ميچ ڏيندي چيائين: آهستي روءِ. پٽيوالا ٽا ٻڌن. هڪدم رپورٽ ڪندا.

منهنجي دل بہ اڌ تي وئي. چيم: جنهن کي جو ڪرڻو آهي ڪري، ڇا اسان هڙي ناحق تي روئي بہ نٿا سگهون؟

پٽي صاحب کي مون صرف پري کان ڏٺو هو. ساڻس گڏ ويهڻ يا ڳالهائڻ جو موقعو ڪڏهن بہ ڪو نہ مليو هوم پر ان جي باوجود هو منهنجو هيرو هو. يوناني ڏند ڪٿائن جي الميہ سورمن جيان سندس پڄاڻي ٿي هئي. هڪ بهادر جيان جان ڏني هئائين. سور سختيون سهي ٿي پيو هو. جهڪي نہ سگهيو هو. اهڙي بيباڪ جوڌي لاءِ دل خون جا ڳوڙها روئي رهي هئي ۽ مصلحت پسند ٽڪي جي نوڪري بچائڻ لاءِ آهہ ڪرڻ کان بہ روڪي رهيا هئا. جو دل ۾ آيم چئي ڏنم. هراسيل دوست چپ چاپ منهنجا ويڻ سهندا رهيا.

اتان اٿي ٽالپر صاحب ڏانهن وياسين. اميد هئي تہ ذاتي رنجشون پنهنجي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاءِ تي، انساني همدردي جي ناتي ئي سهي، مير صاحب ضرور ملول هوندو پر ٽالپر صاحب اسان کي ڏسندي ئي وڏي آواز سان چيو: حق حق ٿي ويو سرڪار. جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي. ظلم قائم آهي. ظالم قائم ناهي. ڏسو قدرت جو انصاف ويو رئي ٿي سرڪار. اسان اٿي آياسين. صبح صادق خان جي آفيس ۾ مڪمل خاموشي هئي. مير صاحب پڻ ساڳئي ئي انداز ۾ جلالي آواز سان چيو: خون جو بدلو خون. اهو اٿو الله تعاليٰ جو انصاف. الله جي گهر دير آهي. انڌير ناهي. موڏي مري ويو. جان ڇٽي! الله وڏو قهار ۽ جبار آهي.

دل تہ اڳ ئي پري بيٺي هئي. اندر جا زخم اٿلي پيا. ۴الاٽي ڇا ڇيوسين. خبر ناهي پر ايترو سو ياد آهي تہ اٺڻ وقت مون مير صاحب کي چيو هو: مير صاحب، ڪو ڏينهن ايندو جو اهي ئي ڦاسيءَ جا ڦندا توهان جي ڳچيءَ ۾ هوندا ۽ توهان اڄوڪي ڏينهن کي ياد ڪري روئندؤ. پر توهان جي پڪار ٻڌڻ وارو ڪو نہ هوندو.

ان ڪان پوءِ ٽالپر صاحب توڙي مير صاحب جا نياپا منلدا رهندا هئا. ڳاڙيون بہ ايندِيون هيون. پر ڪو ورلي ساڻن ملاقات ٿيندي هئي. هڪ ڀرم هو جو پڄي پيو هو. هڪ رشتو هو جو ٽٽي پيو هو. هڪ تعلق هو. جو باقي نہ رهيو.

سڪندر حيات سان بہ ملڻ گهٽجي ويو. نہ هن ڪڏهن اها ڳالهہ ڇيڙي ۽ نہ مون ئي ڪڏهن ساڻس ذڪر ڪيو. البتہ هڪ ڏينهن ٻئي اڪيلا هئاسين جو هن چيو: مون ٻڌو آهي تہ ڀٽي صاحب جي ڦاسيءَ تي تون ڏاڍو رنو هئين؟

چيومانس: هر دردمند دل رني هئي، سائين.

هو چپ ٿي ويو. وري ڪڏهن ڪجهہ نہ چيائين.

ان ڪان پوءِ پي پيءَ جي حڪومت بہ دفعا آئي. بينظير خوشامدين ۽ چاپلوسن جي گهيري ۾ وڪوڙجي وئي. سندس وفادار ۽ جان نثار ڪارڪن ڪانئس ڏار ٿيندا ويا ۽ آخرڪار هوءَ تقريباً اڪيلي رهجي وئي. پنهنجن جو قدر هن ڪو نہ ڪيو. ڏاريا ڪيس رڻ ۾ رلائي ويا. مون کي هڪ دعوت ۾ هڪ مڪراني لياريءَ جو مليو. ساڳي شڪايت ڪندي، پيٽ تان قميص مٿي ڪندي گولين جا بہ گهرا گهاءَ ڏيکاريائين. چيائين: صاحب، اسان تہ ڀٽي صاحب جي عشق ۾ هي گوليون کاڌيون. اسان کي تہ بي بي سڃاڻي ئي نٿي.

شڪارپور جو هڪ ٻيو نوجوان سڃاڻان، جنهن جي هڪ اک ڀٽي صاحب جي لاءِ جلوس ڪيندي، گوليءَ لڳڻ ڪري ضايع ٿي وئي هئي. پائي پائي جو محتاج آهي. مائي صاحبہ سندس سار نہ لڌي.

مير هزار خان بجاراڻي سان پراڻي محبت آهي، جنهن ڏينهن پي پي ڇڏڻ جو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فيصلو ڪيو هئائين. ان رات مون سان گڏ اسلام آباد جي هڪ هوٽل ۾ مانيءَ تي گڏ هو. جنهن تئين دوست جي مهربانيءَ سبب تئي ڄڻا گڏ ٿيا هئاسين. سو هو غلام محمد خان ڏکڻ. مير صاحب ان شام ڏاڍو اداس هو. اڌ رات تائين ويٺو رهيو پر ڏک ۽ پيڙا منهن مان پئي جهلڪيس. پڇيوسين: مير صاحب، اڄ اداس ٿا ڏسجو آواز پرجي آيس. اکين مان ڳوڙها ڇلڪي پيس. چيائين: پي پيءَ کي ڇڏڻ جو فيصلو ڪيم اٿم.

تعجب مان پڇيوسين: آخر ڇو مير صاحب؟

گلوگير ٿي چيائين: جتي عزت نہ هجي، اها جاءِ ئي ڇڏي وڃجي.

مخدوم خليق الزمان پڻ پارٽي ڇڏڻ جو اعلان ڪيو هو. قرب ڪري منهنجي گهر رات جي مانيءَ تي آيو هو. مان ڪيس پر واري ڪمري ۾ اڪيلو وٺي ويس. چيم: ڪو طريقو آهي واپسيءَ جو؟ ڏکاري آواز ۾ چيائين: خوشيءَ سان تہ ڪو نہ ڇڏي اٿم.

1994ع ۾ جڏهن پريءَ مجلس ۾ سيني دوستن جي آڏو وزيراعظم محترمہ بينظير صاحبہ کي پاڻ سان ٿيل ڏاڍاين جو ذڪر ڪيم. تڏهن هن ڏاڍي بي پرواهي سان پنهنجي خاص ماڻهوءَ سراج شمس الدين کي وڏيءَ ڏار سان سڏ ڪندي چيو: سراج، ان سي درخواست لي لو.

مون کي ان وقت ڏاڍو شرم آيو هو. پوءِ جڏهن حميد سنڌيءَ ۽ فتاح ملڪ سان گڏ جيپ ۾ سکر پئي موٽياسين تہ مون کي محسوس ٿيو تہ اهو شرم نہ هو پر ٿي صاحب جي جدائي واري ڏينهن جي ڳنڍ هئي جيڪا منهنجي نڙيءَ ۾ اچا تائين قاٿل هئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سالا ايڪ مچر....!

دريا خان وڏيرو بہ آهي، سياستدان بہ آهي، پڙهيل ڳڙهيل ۽ ڊگري يافتہ بہ آهي. اقتدار کان ٻاهر هوندو آهي تہ سنڌ ياد ايندي اٿس. جيجل جي جهوريءَ ۾ اوڇنگارون ڏئي روئندو آهي. نوڪر پاٽيءَ جا چنبا هٽي سامت ۾ آڻيندا اٿس. ڏندڻجي ويندو آهي تہ جوءِ چمچو ابتو وات ۾ وجهي ڏندڻ پيچندي اٿس. اداس ٿيندو آهي تہ مجري جي محفل مچائي دل وندرائيندو آهي. ان دوران جي ڪنهن پلجي بہ سنڌ جو نالو ڪنيو تہ امڙ جي اوچتي ياد سندس حواس گم ڪري ڇڏيندي آهي. چتو تي پوندو آهي. پتين سان ٽڪر هڻندو آهي. ماڻهن کي چڪ پائيندو آهي. طبلي ۽ باجي وارا پنجي جان بچائيندا آهن. مشين آرا بيگم قتيل حالت ۾ رت ڳاڙيندي، نانيءَ کي ڊال ڪري، خون خون جا نعرا هڻندي، ڏاڪڻيون ٽپندي، گهٽيءَ ڏانهن لوهہ ڪندي آهي. دريا خان سنڌ جي درد ۾ تڙپي تڙپي، ڪرڙيون هٽي، وار پٽي، ڪپڙا ڦاڙي، گهگهي آواز ۾ ٻاڪاريندو آخرڪار سمهي رهندو آهي. گذريل سال بڪ هڙتال تي بہ ويٺو هو. ڪالاباغ ڊيم کي ڪارو نانگ چيو هئائين. ٿل ڪئنال جو نالو ڇَلُ ڪئنال رکيو هئائين. پريس ڪانفرنس ۾ سنڌ جي محرومين جي لسٽ پڙهندي پڙهندي سج لهي ويو هوس. پر لسٽ نہ ڪٽي هئي. ٻئي ڏينهن گذشتہ سان پيوستہ لسٽ پڙهي پوري ڪيائين. مس تہ سندس سيڪريٽري اطلاع ڏنس تہ بيگم صاحبہ جي ماءُ لاڏاڻو ڪري وئي. محرومين جو داستان اڌ ۾ ڇڏي خوشيءَ وچان ڳائيندو وڄائيندو جلوس جي شڪل ۾ هنبوچيون هڻندو سس جي جنازي ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ روانو ٿي ويو ٻئي ڏينهن رهيل پريس ڪانفرنس پوري ڪيائين. شيخ اياز جو "سنڌ ديس جي ڌرتي" ڳائيندي ديوانگيءَ جو دورو پئجي ويس. مائيڪ پٽي ڇٻاڙي ڪائي ويو. ٻوڙ جي پليٽ پنهنجي مٿي تي هاري ڇڏيائين ۽ هڪڙي بندري صحافيءَ کي ڪلهن تي کڻي، وڏي واڪي "سنڌ منهنجي امان" ڳائيندو گيٽ کان ٻاهر پڄي ويو.

دريا خان جي سنڌ دوستي واهڻن وستين ۾ مشهور ٿي وئي. ٻيا تہ ٺهيو پر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهي بندءَ ڏي بنيادي ۽ پيشيور قومپرست بہ ڪانئس ڪن هٽڻ لڳا. انهن مان هڪ تہ ايئن بہ چئي ڏنو تہ جي هن همراه جا اهي حال رهيا تہ پوءِ اسان کي دڪان بند ڪرڻو پوندو. پئي چيو تہ دريا خان ۾ لالو پرساد جو روح واسو ڪري ويو آهي. ڪنهن ياد ڏياريس تہ لالو پرساد تہ اجا جيئرو آهي. جواب مليس تہ پلي جيئرو هجي. هاڻي اهي ڪوچرايون ڪري نہ سگهندو جيڪي اڳ ڪندو هو. سندس آتما هاڻ دريا خان جي دل ۾ اچي ديرو دمايو آهي. بهرحال، جيترا وات اوتريون ڳالهيون. دريا خان ۽ سنڌ بہ الڳ نالا ضرور هئا پر معنيٰ ساڳي ئي پيءَ.

تڏهن اوچتو هڪ ڏينهن خبر آئي تہ دريا خان صدريءَ سبائڻ جو آرڊر ڏنو آهي. ماڻهن کي ڏنڊين آڱريون اچي ويون. صحافين جا وائيسر ڦري ويا. قومپرستن دڪان بند ڪرڻ جو پروگرام ملتوي ڪري ڇڏيو.

دريا خان کان پڇيائون، ”پڌو آهي تہ اوهان صدري سبائڻي ڏني آهي؟“

چيائين، ”هن ملڪ ۾ صدر کان دربدر تائين هر ماڻهو صدري پائيندو آهي. مون ڪو ڏوهہ تہ نہ ڪيو؟“

پڇيائون: ڇا صدري سبائڻ کان پوءِ بہ توهان جا نظريا ساڳيا رهندا؟

چيائين: سنڌ تان جان بہ قربان آهي. اصولن تي سوديبازي نہ ٿيندي.

صدري سبجي راس ٿي، پائڻ جي دير هئي. پل ۾ ڦرڪو ڦري ويو. ابتو رڪارڊ وڄڻ لڳو.

چيائين: سنڌ تان جان اڄ بہ قربان آهي، پر قومي مفادن تي سوديبازي نہ ٿيندي.

پڇيائون: ڪالاباغ ڊيم ۽ ٿل ڪئنال بابت اوهان جي ڇا راءِ آهي؟

چيائين: قومي مفاد ۾ ڪالا يا نيلا يا پيلا ڊيم ضرور ٺهڻ گهرجي. نالو کڙو بہ ڏيو. ڪالا تہ مون کي بہ ڪو نہ ٿو وڻي، پر قومي مفاد ۾ اها ٺلول بہ سهڻي پوندي.

پڇيائون: ڪلهہ تائين تہ توهان پنجاب کي پاڻي چور پئي سڏيو؟

چيائين: اها منهنجي ڀُل هئي. اسان جا چور تہ اسان جي پنهنجي گهر ۾ موجود آهن. ويچارو پنجاب تہ وڏي ڀاءُ جو حق ادا ڪندي وات جو گرهہ بہ ڪڍي اسان کي ٿو ڏئي. سموري بدمعاشي اسان جي ڪامورن ۾ آهي.

چيائون: پر دريا تہ سڪو پيو آهي، اخبارن ۾ فوٽو ٿا ڇپجن.

چيائين: اها ڪئميرا ٽرڪ آهي.

چيائون: سا ڪيئن؟

چيائين: اهي فوٽو ڏينهن جا نڪتل آهن. دريا تہ رات جو وهندو آهي. قومي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مفاد ۾ دريا لاءِ ايئن ڪرڻ تمام ضروري آهي.

چيائون: اسان پنهنجين اکين سان دريا کي سُڪل ڏٺو آهي.

چيائين: توهان آچر ڏينهن ڏٺو هوندو اڙي بابا. اها تہ هر ٻچي ٻار کي بہ خبر آهي تہ آچر ڏينهن موڪل هوندي آهي.

پڇيائون: ڀلا روزگار جي باري ۾ اوهان جي هاڻي ڇا راءِ آهي؟

چيائين: روزگار جا در کليا پيا آهن.

چيائون: پر سنڌي تہ بيروزگاري کان تنگ ٿي خودڪشيون پيا ڪن.

چيائين: سنڌي وائڙي قوم آهن، ڪين در سمجهہ ۾ ئي نٿا اچن. هڪ در کان اندر داخل ٿي ٻئي در کان ٻاهر هليا ٿا وڃن. ان ۾ ڀلا ٻئي ڪنهن جو ڪهڙو ڏوهہ؟

چيائيون: سنڌي سنڌ اندر اقليت ۾ تبديل ٿيندا ٿا وڃن؟

چيائين: ڪيئن نہ ٿيندا؟ آدمشماري وقت ڪاري ڪاريءَ جي ڊپ کان گهرن ۾ لڪي ٿا پون. ٻين قومن کي نہ ڊپ نہ ڊاءُ. سڄو ڏينهن ٻاهر بيٺا آهن. هر هر ٿا نالو لکائين. جيڪي ناهن انهن جا بہ نالا ٿا لکائين.

پڇيائون: ۽ سنڌ ۾ امن امان بابت ڇا راءِ آهي اوهان جي؟

چيائين: امن بہ آهي امان بہ آهي. ڌاڙيلن جي ڀاڄ پنجي وئي. وڏيري ڏنگاڻي خان کي نياپو ڪري ڇڏيو اٿم. ڌاڙيلن جي رجسٽريشن بند ڪري ڇڏي اٿائين. جن بي ڏوهي ماڻهن تي قتل، اغوا ۽ بينڪ لٽڻ جا ڪيس هئا. تن کي باعزت بري ڪري شريف شهري بڻايو ويو آهي. جرگا سسٽم جو نالو بدلائي سرداري فيصلو رکيو ويو آهي. پيار جي پرڻن وارن لاءِ هڪ محفوظ جاءِ تي هزار ڪمرن جي هاسٽل ٺهي رهي آهي.

تڏهن بندرو صحافي اٿي وڏي آيو. پڇيائين: مون کي سڃاڻو ٿا؟

ٺهہ ٺهہ جواب مليس: نہ تون ڪير آهين؟

بندري صحافي ورائيو: مان توهان جو ماضي آهيان. مڇر جي چڪ پائڻ کان اڳ توهان مون کي ڪلهن تي کڻي "سنڌ منهنجي امان" ڳايو هو ۽ جهمر هڻئي هئي.

هو ٽپي ٻاهہ تي ويو. پڇيائين: ڪهڙو مڇر؟

صحافيءَ مرڪي ڏنو چيائين: اهو مڇر هر صدري پائڻ واري کي ڏنگيندو آهي ۽ پوءِ هو نہ دريا خان رهندو آهي نہ دريا خاتون. ڪتي ٻنهي جي وچ ۾ رلي ويندو آهي.

سالا ايڪ مڇر!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻہ اهم خط

ٻہ خط جي ڪجهہ ڏينهن ڪان منهنجي ٽيبل تي رکيا آهن، تن جو بار هاڻي وڏيڪ سهي نٿو سگهان، جن جي امانت آهن، تن تائين پهچائڻ جو فرض گهڻو اڳ نڀائڻ گهرجيم ها. پر ٻيون اهم ڳالهيون وچ ۾ رڪاوٽ بڻجنديون رهيون، اڄ موقعو مليو آهي تہ سڀ ڪان پهريان اهي اوڌر لاهي ڇڏيان.

پهريون خط جنهن مون ڪي گهمائي ڇڏيو آهي، سو آهي ممبئي ڪان پياري نند جويريءَ جو سنڌي ٻوليءَ جو سهڻو شاعر آهي، نثر تي ٻہ اوتري ئي دسترس اٿس. يارن جو يار آهي. مهل ڪو نہ وڃائيندو آهي. انڪار جو لفظ مون سندس وات مان ڪڏهن ڪو نہ ٻڌو. لکي ٿو:

"شاهہ سچل ۽ سامي انٽرنيشنل ڪانفرنس پوريءَ ريت ڪامياب رهي، انهيءَ لاءِ توهان ۽ توهان جي ٻانهن ٻيلين کي گهڻيون گهڻيون واڌايون.

ڪٿي مٺي، ڇڳي لڳي. امرت زهر سڀ کي اپنائڻ ۽ ان کي پنهنجي رنگ ۾ رڱڻ سنڌ جي زمين جو قديم وقت ڪان گڻ پئي رهيو آهي. ان جو ثبوت شاهہ سچل ۽ سامي انٽرنيشنل امن ڪانفرنس آهي.

توهان جنهن کي الله چئو ٿا، آئون ان کي پرماتما چوان ٿو هڪ ساڳي حقيقت کي الڳ الڳ لفظن جي پوشاڪ ۾ سجائون ٿا، پر سنڌ جي حالت ۾ ائين ناهي. جنهن ادب ۽ عزت سان توهان سنڌ چئو ٿا، مان ٻہ ساڳي احساس سان سنڌ کي پڪاريان ٿو.

اڪثر بمبئيءَ جي موڪلن ۾ جڏهن گجراتي پنهنجي ڳوٺ وڃڻ جو پروگرام ٻڌائيندو آهي تہ مان شرمسار ٿيندو آهيان. مان سال پر جو ٽڪ پڄڻ لاءِ پنهنجي ڳوٺ نٿو وڃي سگهان. پر هن دفعي سالن جو ٽڪ لهي ويو. هاڻ بس هڪ ئي آس آهي، ملڪ پل ٻہ رهن پر ٽڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيچڻ جي سهولت ته انسان انسان کي ڏني.

هن ڌرتيءَ تي سڀ جيو جنتر، نديون پهاڙ ماڻهو مرون، سڀ ڌرتي ماتا جا ڪٽنب آهن. اها منهنجي ميتا آهي.

توهان جو سِڪ وچان

نند جويري

مون اهو خط ور ور ڪري پڙهيو آهي، هڪ هڪ لفظ کي توري تڪي ڏٺو اٿم. لکندڙ جي اندر جي اڌمن ۾ ٻرندڙ مچ جو تئه محسوس ڪيو اٿم. بي وطني جي بي حد تڙپ کي محسوس ڪيو اٿم. نند بمبئيءَ جو وڏو جواهري آهي. فلمي دنيا جي وڏن ناميارن ماڻهن جو ساٿس روز جو واهپو آهي. پئسي ڏوڪڙ جي کوٽ ڪانهيس. سکيو ستابو ماڻهو آهي. سڀ ڪجهه اٿس، پر جي ڪا شيءِ ڪانهيس ته اهو آهي وطن، سنڌ ڪٿان آڻي؟ اها اڪيلي نند جويريءَ جي ڪهاڻي ناهي، سنڌ مان لڏي ويل هر ان سنڌي جو اليمو آهي، جنهن ٻئي ملڪ ۾ وڃي ڌن ته ڪمايو آهي، پر من جو قرار پنهنجي جنم ڀومي ۾ ڇڏي ويو آهي.

اسان جي گڏيل نِنڌڙي ڪوشش سبب 32 اديب ۽ دانشور سنڌ آيا. جن هت جنم ورتو هو تن ڀيهر پنهنجا ماڳ مڪان ڏٺا، جن فقط سنڌ جو نالو ٻڌو هو تن پنهنجي اکين سان پنهنجا Roots ڏٺا، سنڌ جي ٻچي ٻار جنهن پيار ۽ پنهنجائپ سان سندن آڌرڀاءَ ڪيو تنهن نه فقط کين ان وقت رئاري وڌو پر هو اڄ تائين به ان سحر مان آجا ٿي نه سگهيا آهن. هاڻي کين پڪ ٿي وئي آهي ته هن ڌرتيءَ جي گولي تي ڪو اهڙو زمين ٽڪر به آهي جيڪو سندن پنهنجو آهي. جتي کين ڳر لائڻ وارا موجود آهن. جنهن کي هو "اباڻا" چئي سگهن ٿا ۽ موڪلن تي وڃڻ وقت پنهنجي گجراتي دوست کي چئي سگهن ٿا ته اسان به پنهنجي ڳوٺ ٿا وڃون.

ٻيو خط روضي ڌڻي پبليڪيشن چور (عمرڪوٽ) مان فقير سردار پيپي جو آهي، لکيو اٿن:

سائين ڪجهه عرصو اڳ ۾ توهان جي خدمت ۾ حضرت پير صاحب پاڳاري جو خطاب موڪليو هيم ته جيئن فرسوده رسمن ۽ غلط رواجن کي ختم ڪرڻ واسطي توهان تفصيلي اثرائتو مضمون لکي موڪليو. پير صاحب پاڳاري 2 فيبروري 2004ع تي خطاب فرمايو ته "ننڍپڻ جا سڱ ختم ڪريو ڇاڪاڻ ته ڄمڻ کان اڳ جا ڪيل رشتا بيڪار آهن. شادين ۾ مڱڻين کان اڳ ڇوڪري/ڇوڪريءَ کان راضپو معلوم ڪريو. نياڻين کي وڏ ۾ وڏ پاڙهيو. عورتن کي جائداد مان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حق ڏيو. عورتن تي ظلم نہ ڪريو. مرد جڏهن چار شاديون ٿو ڪري تہ عورت کي طلاق ڏني وڃي تہ هوءَ خوشيءَ سان زندگي گذاري. جائداد بچائڻ لاءِ گهرن ۾ ويهاريل نياڻين کي پرڻايو وڃي ۽ انهن کي قرآن نڪاح ۾ نہ ڏنو وڃي.

اهو توهان ۽ اسان تي فرض آهي تہ فرسوده رسمن خلاف جهاد ڪجي، توهان جي موٽ جو انتظار رهندو.

سردار پيرو

قاسم آباد حيدرآباد

پير سائين پاڳاري جو مٿي بيان ڪيل خطاب سنڌ جي سيني اخبارن ۾ تفصيل سان ڇپيو هو. هر ننڍي توڙي وڏي ان خطاب جي واکاڻ ڪئي هئي. هڪ روحاني پير جي طرفان ان قسم جو انقلابي بيان واقعي ساراهہ جوڳو قدم هو. جهالت جي چار ۾ ڦاٿل اسان جي معاشري کي سڌارڻ لاءِ ڏنل ڪو بہ سڏ عزت ۽ احترام لائق آهي. پير صاحب پاڳاري جا لکين مريد ۽ مداح ملڪ توڙي ملڪ کان ٻاهر موجود آهن. مريد بہ اهڙا جو مرشد جي حڪم تي سر تريءَ تي کڻي ميدان ۾ نڪري نروار ٿين. حُر فورس جو مثال سيني جي اکين آڏو آهي. اهڙيءَ هستيءَ طرفان پنهنجن مڙني مداحن کي اونداهيءَ مان ڪڍي، روشنيءَ جو گس ڏيکارڻ ۽ سوين سالن جي مُدي خارج، انساني حياتيون تباهہ ۽ برباد ڪندڙ جاهلاڻين رسمن خلاف کلم کلا جهاد جو اعلان ڪرڻ، سچ پچ تہ پير سائين پاڳاري جي ڪلئي ذهن، ترقي پسند سوچ ۽ اعليٰ ظرفي جو اظهار آهي. ڪانئن اڳ مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ پڻ اهڙي قسم جي پرچار ڪندا رهندا هئا. اسان اهڙن سمورن سڌن ويچارن کي قدر جي نگاهہ سان ڏسون ٿا ۽ اميد ٿا ڪيون تہ سنڌ جون ٻيون معتبر هستيون پڻ انهي مهم ۾ حصو وٺنديون ۽ ڏتڙيل عوام کي بيڪار رسمن ۽ ٻين سماجي برائين کان آزاد ڪرائينديون. گڏوگڏ اهو بہ عرض ڪندو هلان تہ سنڌين لاءِ ڏارين توڙي ايجنسين ڌرتي تامو ڪري ڏني آهي. اسان کان پيو تہ ٺهيو هاڻ تہ جيئڻ جو حق بہ ڪسيو پيو وڃي. اسان جي زمين هاڻي اسان جي ناهي رهي. اسان جي زبان، تهذيب ۽ تمدن تي راتاهو هنيو پيو وڃي. سنڌي نوجوانن جي روزگار تي ڌاڙا جاري آهن. پناهگيرن جي چرچ تي ضلعا توڙي شهري حڪومتون جوڙي جناح پور جو خواب ساڀيان ڪيو پيو وڃي. ڪالاباغ ڊيم ۽ ٿل ڪئنال جهڙا موتمار منصوبا جوڙي سنڌ کي بنجر بڻائڻ جون تياريون ٿي رهيون آهن. پيا تہ ٺهيو خود ملڪ جو سربراهہ ڪلئي عام سنڌي عوام جي آواز کي دٻائي، مٿن ٺلوليون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري، هر هنڌ وڏي واڪ انهن منصوبن کي عملي جامو پهرائڻ جا اعلان ڪندو ٿو وتي. ڪيس ڏسي خوشامدڙيا ۽ ڪرسيءَ جا لالچي وڏيرا ۽ سياستدان پڻ سندس سُر ۾ سر ملائي جيجل ماءُ کي ڇيچلائي رهيا آهن؟

اهڙي وقت ۾ اسان کي هڪ برجستي، دبنگ ۽ باهمت اڳواڻ جي سخت ضرورت آهي. پير سائينءَ جو شهيد والد بزرگوار هڪ وڏو قومپرست انسان هو. هن پنهنجي ويڙهاند ۾ انگريزن کي ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيا. گوريلا وار جو جڏهن تصور به نه هو تڏهن پير سائين شهيد حُر فقيرن جي رهنمائي ڪري اها گوريلا جنگ وڙهي، جنهن جو اعتراف خود انگريز محقق به ڪن ٿا. اهڙي عظيم هستيءَ جو فرزند جيڪڏهن وڏي عرصي کان پوءِ سماجي سڌارن واسطي پنهنجن مريدن کي نئين سوچ جو سڏ ڏئي سگهي ٿو ته پوءِ ڪيس هن ڏکيءَ ويل ڌرتي ماءُ جو قرض لاهڻ گهرجي. سنڌ ۾ سنڌين سان ٿيندڙ ڏاڍاين جي خلاف بي ڊپو آواز اٿارڻ گهرجي. اڄ ڪلهه وڏي هن مظلوم قوم جي سرواڻيءَ جو بار پنهنجن ڪلهن تي کڻڻ گهرجي. ايئن ڪرڻ سان پير سائين پاڳارو سنڌي قوم جو جس ته کٽندو ئي پر گڏوگڏ پنهنجي شهيد والد بزرگوار جي روح کي راحت پڻ رسائيندو. پاڻ هڪ دفعو صرف هڪ دفعو سنڌ جي حق ۾ نعرو هڻي نروار ٿين، پوءِ ڏسو ته سموري سنڌي قوم سندن هر حڪم تي جان نڇاور ڪرڻ لاءِ ڪيئن نڪتي ميدان ۾ لهي اچي.

فقير سردار پيا صاحب، اسان جي اها درد ڀري وينتي پير سائين پاڳاري تائين پهچائيندؤ ته آل اولاد سميت هميشه جي لاءِ ماءُ جي دلي دعائن جا حقدار ٿيندؤ. سنڌ تان ڏچو لهرايو. اسان جو وچن آهي ته ايندڙ ستن پيڙهين تائين ڳچيءَ ۾ ڳارو وجهي مرشد جي در جا فقير ٿي رهنداسين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرڪار جا لاڏلا آفيسر

15 ڊسمبر جي انگريزي اخبار "ڊان" ۾ سرڪار طرفان سياسي سفارشن تي عطا ڪيل اعليٰ عهدن لاءِ نوڪريون ڏيڻ ۽ رٽائرڊ عملدارن کي ٻيهر سول ملازمت ۾ رکڻ بابت هڪ خبر ڇپي آهي. خبر موجب 50 ماڻهن کي گريڊ 22(M_I) ۽ گريڊ 21 (M_II) ۾ رکيو ويو آهي. ان کان اڳ 70 ماڻهن کي رٽائر ٿيڻ کان پوءِ ٻيهر نوڪريون ڏئي اهم سرڪاري عهدن تي مقرر ڪيو ويو هو. اهڙيءَ طرح ڪل 200 کان وڌيڪ نوازشون ڪري پنهنجا ماڻهو کپايا ويا آهن. مان هت اهي سمورا تفصيل هوبهو نقل ڪري اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ ٿو چاهيان ته پلي توهان به پڙهو ۽ پنهنجو فيصلو پاڻ ڪيو. ڊان هڪ عملدار علي محمد خواجه لاءِ اهو پڻ لکيو آهي ته کيس گريڊ 21 ڏنو ويو آهي، حالانڪ هو صاحب صرف مئٽرڪ پاس آهي. نسيم مرزا چيئرمين پي ٽي سي ايل، يوسف بيگ مرزا ايم ڊي پي ٽي وي سي، جاويد اختر چيئرمين اين اي پي آر اي کي تمام ڳريون پگهارون آڇيون ويون آهن. مٿين ماڻهن جي ماهوار پگهار 175000 رپيا، 50000 رپيا، 75000 رپيا ۽ 75000 رپيا ترتيبوار مقرر ٿي آهي ۽ کين 35000 رپيا مهانا گهرجو ڪرايو جدا ملندا. 130 سياسي تقررين ۾ جيڪي گريڊ 22 يا M_I ۾ ڪم ڪري رهيا آهن، تن ۾ هيٺيان صاحب اچي وڃن ٿا:

مشاهد الله خان ايڊوائيزر منسٽري آف ليبر، اشتر اوصاف علي ايڊوائيزر هيومن رائيٽس، شيخ جميل محبوب مگون ايڊوايئزر انڊسٽرين، خواجه بلاول احمد چيئرمين ايس اي ڊي اي، هارون خواجه سيڪريٽري پرائيم منسٽرز نيشنل ڊيٽ رٽائرمينٽ سيل (اعزازي)، ڊاڪٽر گلفراز احمد خان سيڪريٽري پيٽروليم، وائس ايڊمرل (رٽائر) خالد محمود مير چيئرمين ڪراچي پورٽ ٽرسٽ، وائيس ايڊمرل (رٽائرڊ) عبيدالله خان چيئرمين پاڪستا ن نيشنل شپنگ ڪارپوريشن، ميجر جنرل (رٽائرڊ)اعجاز احمد چيئرمين نيشنل فرٽيلائيزر ڪارپوريشن، يو اي جي عيساڻي چيئرمين يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن، ليفٽيننٽ جنرل (رٽائر) نشاط

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احمد ريزيڊنٽ انسٽيٽيوٽ آف ريجنل اسٽڊيز، ميان محمد جاويد چيئرمين پاڪستان ٽيليڪميونيڪشن اٿارٽي، ڊاڪٽر اشفاق احمد چيئرمين پاڪستان ايٽامڪ انرجي ڪميشن، نذير اي ناجي چيئرمين اڪيڊمي آف ليٽرز خالد حسين چيف ايگزيڪيوٽو شاليمار رڪارڊنگ اينڊ براڊ ڪاسٽنگ ڪمپني، ليفٽيننٽ جنرل (رٽائرڊ) جاويد ناصر چيئرمين اويڪيو ٽرسٽ پراپرٽي بورڊ، ڊاڪٽر مهر لياقت علي چيئرمين پرائيم منسٽرز لٽريسي ڪميشن، افتخار عارف چيئرمين نيشنل لينگويج اٿارٽي، صديق الفاروق چيئرمين/ايم ڊي هائوس بلڊنگ فنانس ڪارپوريشن، سيد نسيم احمد ايم ڊي پاڪستان اليڪٽرڪ پاور ڪمپني، عبدالرحمان بلوچ چيئرمين نيشنل هاءِ ويز اٿارٽي، تنوير احمد خان پرائيم منسٽر نيشنل ايجنڊا فار يونيورسل لٽريسي، ليفٽيننٽ (رٽائرڊ) ارشد محمود ايم ڊي اوورسيز ايمپلائيمنٽ ڪارپوريشن ۽ سليم محمود چيف سائنٽيفڪ اينڊ ٽيڪنيڪل ايڊوائيزر ڪميونيڪيشن.

جن صاحبن کي گريڊ 21 يا M-I ڏنو ويو آهي. اهي هن ريت آهن:

علي محمد خواجه ايڊوائيزر ڪلچر منسٽري، ليفٽيننٽ ڪرنل (رٽائرڊ) مشتاق علي طاهر خيلي وزيراعظم جو پوليٽيڪل سيڪريٽري، آزاد ايم اعوان ليگل ايڊوائيزر اڪائونٽبلٽي سيل، نادر چوڌري ڪنسلٽنٽ انفارميشن منسٽري، سعيد اختر نيازي ميمبر اين اي پي آر اي، ايوب اقبال رانا ڊي جي نيشنل انسٽيٽيوٽ آف اليڪٽرانڪ، ميجر جنرل (رٽائر) محسن احمد واحدي ڊائريڪٽر پاڪستان نيشنل شپنگ ڪارپوريشن، عبدالخليل ملڪ ميڊيا ايڊوائيزر پي ٽي سي ايل، ميجر جنرل (رٽائرڊ) آغا مسعود حسن چيئرمين پاڪستان منرل ڊولپمينٽ ڪارپوريشن، ميجر جنرل (رٽائرڊ) سعيد احمد واهلا چيئرمين پاڪستان آٽو موبائيل ڪارپوريشن، سيد نجم الحسن نقوي چيئرمين ڪائونسل فار ورڪس اينڊ هائوسنگ ريسرچ ڪراچي، ميجر جنرل (رٽائرڊ) سيد آصف رياض بخاري ڊائريڪٽر او جي ڊي سي، امتياز اي سيد ايم ڊي PTDC، ميجر جنرل (رٽائرڊ) مسعود بخاري ايم ڊي سينڊيڪ ميٽلز، ڊاڪٽر خالد سعيد بٽ اي ڊي لوڪ ورثا، ريئر ايڊمرل (رٽائرڊ) جاويد افتخار ايم ڊي ڪراچي شپ يارڊ، ايم جميل خان ايم ڊي سنڌ بزنيس فنانس ڪارپوريشن، برگيڊيئر (رٽائرڊ) عبدالحئي چيئرمين نيشنل ٽيلي ڪميونيشن ڪارپوريشن، انيس الحسنين نقوي ايم ڊي ٽيليڪام فائونڊيشن، ميان قمر الدين احمد ميمبر (جڊيشل) ڪسٽمز ايڪسائيز اينڊ سيلز ٽيڪس ايپيليٽ ٽربيونل، سردار محمد شريف خان ميمبر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اين پي آر اي، آصف سليم ايم ڊي اين اي ايس پي اي ڪي ۽ جهانزيب خان چيئرمين نيشنل انشورنس ڪارپوريشن.

پيا، جن جي گريڊ جو اجا فيصلو نه ٿيو آهي، سي هن ريت آهن:

ڪرنل (رٽائرڊ) افضل خان ايم ڊي پاڪ اسٽيل، احد ملڪ چيئرمين اين اي ايف ڊي اي سي، طاهر علي اي ڊي پاڪ بيت المال. اعجاز احمد ميمبر اين آءِ آر سي، علاوالدين قريشي ميمبر اين آءِ آر سي، ڪرنل (رٽائر) عبدالله هارون چيف انجنيئر اينڊ پروجيڪٽ ڊائريڪٽر اويڪيو پراپرٽي ٽرسٽ بورڊ. ميجر جنرل (رٽائرڊ) حامد حسن بٽ ميمبر پي ٽي اي، برگيڊيئر (رٽائرڊ) جاويد عباس چوڌري جي ايم اين ايچ اي، برگيڊيئر پرويز محمود خان ميمبر موٽر وي اين ايچ اي، ڪرنل رٽائرڊ راس محمود سيڪريٽري اويڪيو ٽرسٽ پراپرٽي بورڊ. جبار خان جي ايم پاڪ انڊسٽريل ٽيڪنيڪل اسسٽنٽس سينٽر. چوڌري رياض احمد ميمبر اين آءِ آر سي، زاهد حميدي اي پي پي نمائندو واشنگٽن. رانا اورنگزيب خان ڊي جي ايئر فورس، اسڪواڊرن ليڊر (رٽائرڊ) اختر اقبال ڊائريڪٽر پاڪ بيت المال، برگيڊيئر (رٽائرڊ) جاويد احمد جي ايم ڪي پي ٽي، برگيڊيئر (رٽائرڊ) رياض احمد ڪنسلٽنٽ سي اي اي، مس فرزانه عزيز ڪنٽرولر پي ٽي وي سي، اظهر لوڌي ڪنسلٽنٽ پي ٽي وي سي، اعجاز الحق ڊائريڪٽر اين آءِ اي، فخر الدين ملڪ ميمبر اين آءِ آر سي، برگيڊيئر (رٽائرڊ) مشتاق علي ايم ڊي پرائيويٽ پاور اينڊ انفراسٽرڪچر بورڊ. سيد ايم نهال هاشمي ڪوآرڊينيٽر لا منسٽري، نبي بخش پٽي ميمبر اين آءِ آر سي، اجمل حضور ليبارٽري ٽيڪنيشن. جاويد اختر چيئرمين اين اي پي آر اي، يوسف بيگ مرزا ايم ڊي پي ٽي وي سي، عبدالرشيد خان ميمبر اين آءِ آر سي، سيد ياور علي چيئرمين پاڪستان ڊيئري اينڊ لائيو اسٽاڪ ڊولپمينٽ. ليفٽيننٽ ڪرنل (رٽائرڊ) فاروق عمر ايم ڊي نيشنل فرٽيلائيزر مارڪيٽنگ احسان ايم پاشا ايم ڊيء پي ٽي ڊي سي، رياض محمود پروگرام مئنيجر پي بي سي، بهادر علي ميمبر اين آءِ آر سي، نسيم انيس مرزا چيئرمين پي ٽي سي ايل، برگيڊيئر رٽائرڊ. محمود سرور خان ڊائريڪٽر نيشنل انسٽيٽيوٽ آف اليڪٽرانڪس، ايئر ڪوڊور (رٽائرڊ) عبدالواحد سليم ڊائريڪٽر سي اي اي، خورشيد احمد نديم اسپيچ رائيٽر پي آءِ ٽي، ڊاڪٽر سيد آصف حسين اسسٽنٽ پروفيسر پي آءِ ايم ايس، راجا ايم اشرف عباسي ڪنسلٽنٽ بيت المال، همايون نردق اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ايف آءِ اي، عاصم علي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ايف آءِ اي، محمود تبسم ڪنٽرولر وزيراعظم آفيس لاهور،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميجر (رٽائرڊ) خاور تيومر سيڪيورٽي آفيسر وزيراعظم آفيس لاهور، شاڪر حسين صديقي او ايس ڊي وزيراعظم مانيٽرنگ سيل، مرزا ايم بابر اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ايف آءِ اي، هارون ايل ڊي سي تعليم، سلمان طارق اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ايف آءِ اي، عاطق خليق اسسٽنٽ ڊائريڪٽر بورڊ آف انويسٽمينٽ، مظهر افتخار اي ڊي، آفتاب احمد وزيراعظم جو پي ايس، قمر زمان وزيراعظم جو پي ايس، نجم ثاقب ڪو آرڊينيٽر وزيراعظم جي ٽرانسپورٽ اسڪيم، مسعود قريشي، اسپيچ رائيٽر پي آءِ ڊي، عبدالحميد عازمي اسپيچ رائيٽر پي آءِ ڊي، رڪن الدين ميراڻي اسپيچ رائيٽر انفارميشن منسٽري، ايم احسان اي ايس آءِ، ايف آءِ اي، جوهر سرور اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ايف آءِ اي ۽ عدنان ايوب تارڙ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ايف آءِ اي، آءِ آر ايس اي ۾ مقرر ڪيل ماڻهن ۾ ايم سعادت علي، عبدالرسول ميمڻ، عبدالرزاق خان، فتح الله خان ۽ بشير احمد شامل آهن.

عدليه ۾ ڪانٽريڪٽ جي بنياد تي ڀرتي ڪيلن ۾ عبدالحليم صادق، چوڌري محمد علي، جسٽس رٽائرڊ عبدالرحمان، ايم زمان قريشي، محمد سرفراز چيما، جسٽس رٽائرڊ محمود زبير، سيد اقبال رضوي، قدير محمد قريشي، درگاهي منگي، طفيل احمد ميمڻ، جسٽس رٽائرڊ محمد عقيل مرزا، قادر بخش عمراڻي، ذوالقرنين خان، علي اڪبر ايم دوداڻي ۽ قاضي ايم حسين صديقي شامل آهن.

اها ته ٿي اها لسٽ جنهن موجب انهن صاحبن جا نالا ۽ عهدا ڏنا ويا آهن. جيڪي رٽائرمينٽ کانپوءِ سنوان سڌا سول عهدن تي ڳرين پگهارن سان ڀرتي ڪيا ويا آهن. غور سان پڙهي ڏسو ۽ پوءِ فيصلو ڪيو ته سنڌي ڪهڙي ڪڏ جي تري ۾ پيا آهن. اسان سان ڇا پيو وهي واپري؟ ڇا اسان به هن ملڪ جا شهري آهيون يا مورڳو اسان تان هٿ کڻي ڇڏيو اٿن؟ احساس محروميءَ کي پلاپيا ڪي پر ٽيندا آهن ڇا؟ اسان جي شڪل نئي وٺي، ڪپڙو لٽو نئو وٺي، قد ڪاٺ يا بنهه وجود ئي نئو وٺي؟ ان ئي سلسلي ۾ هڪ ننڍڙو واقعو ٻڌائيندو هلان.

ڪجهه مهينا اڳ جڏهن منهنجي رٽائرمينٽ ويجهي اچي پهتي، تڏهن اي پي زيڊ اي جي بورڊ آف ڊائريڪٽرس، جيڪو ان اداري جو ڪل اختياري بورڊ آهي. تنهن جي ميمبرن گڏجي خانگي طور صلاح ڏني ته قمر شهباز نوان زون ٺاهڻ، بهتر انتظام هلائڻ ۽ چوري چڪاري بند ڪرائڻ ۾ جيڪو اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. ان جي صلي ۾ جلد ئي باقاعده ميٽنگ گهرائي ڪيس ٽن سالن لاءِ پيهر ڪانٽريڪٽ آڇيو وڃي.

ميٽنگ جي تاريخ مقرر ڪئي وئي. ايجنڊا تي اهو اسم آندو ويو ۽ ڪاغذ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيني ميمبرن ڏانهن موڪليا ويا. ميٽنگ ڪان صرف هڪ ڏينهن اڳ، موڪل جي ڏينهن، اسلام آباد مان فون تي حڪم آيو ته ميٽنگ ڪن سببن جي ڪري ملتوي تي ڪجي. حالانڪ بورڊ هڪ مڪمل طور تي خودمختيار ادارو آهي ۽ ان لاءِ ڪنهن به وزارت جي حڪم جي پوٽيواري ڪرڻ ضروري ناهي. بهرحال، ميٽنگ تيستائين ملتوي رکي وئي. جيستائين منهنجي رٽائرمينٽ جي تاريخ نه آئي. ان وچ ۾ ڪنهن ٻئي ڪم سانگي اسلام آباد وڃڻو پيو. سوچيم ته وزير صاحب کان ميٽنگ ملتوي ڪرڻ جو سبب ته پڇندو وڃان. ان ڪري سندس آفيس ۾ هليو ويس. ان وقت انڊسٽريز جو وزير ايم ڪيو ايم جو خالد مقبول صديقي هو. مون ان کان اڳ ڪڏهن به کيس ڏٺو ڪو نه هو. ان ڪري آفيس ۾ سندس ڪرسي خالي ڏسي، صوفي تي ويٺل هڪ لساٽ ڇوڪري کان پڇيم ته وزير صاحب ڪٿي آهي؟

چيائين: مان آهيان.

چيم: پوءِ توهان سان ڳالهائڻو آهي.

کيس سڄو قصو سمجهايم.

چيائين: مون کي ته ڪا خبر ئي ڪانهي، توهان پل ميٽنگ ڪيو.

موٽي اچي سيڪريٽري انڊسٽريز کي فون ڪيم. زبير قدوائي منهنجو پراڻو واقف هو ڳالهه اڌ ۾ ڪٽي چيائين. "اهو ڪم ٿيڻو ئي ناهي. مون کي منع ٿيل آهي. ها، البته ان کان مٿي ڪا پڇ اٿئي ته پوءِ ٻي ڳالهه آهي."

ان کان مٿي ڪير هو؟ مانڙي ڪري موٽي آيس. سچ چيو اٿن ته "اسان جا للنگ پيا ليلائن، تنهنجا گرا گنجا پيا ڪائن!"

صاحب تنهنجي صاحبي، عجب ڏٺي سون،

پن پوڙين پاتال ۾، پهڻ تارين تون!

هاڻي جڏهن قومي ڏهاڙن، پرچم مارچن يا حڪومتي اڳواڻن جي آمد تي سنڌي عوام ۽ ليڊرن کي جهمريون پائيندو يا ڪچيون هڻندو ڏسندو آهيان، تڏهن ڏاڍي ڪل ايندي اٿم. "هو ليکين نه ليکن، اسين لال جي ليکي!"

ڊان اخبار جون هي به خبرون پڙهي ويچار جوڳيون آهن جيڪي هيٺ ڏجن ٿيون:

ايم ڊي جي آفيسرن جا پروموشن

اسلام آباد 22 ڊسمبر

ان دوران معلوم ٿيو آهي ته حڪومت هڪ ٻيو به پروموشن ڪيو آهي، جنهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ هڪ گريڊ 18 جي آفيسر کي سندس واري کان اڳ ترقي ڏني وئي آهي. ذريعن مطابق رانا نسيم احمد پنهنجي ساٿي آفيسرن کان گريڊ 19 ۾ 70 نمبر هيٺ هو پر حڪومت ٻين سينيئر سينيئر ڪامورن کي نظرانداز ڪندي کيس گريڊ 20 ۾ ترقي ڏئي ڇڏي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته اسپيشل سليڪشن بورڊ، جنهن ۾ سيني صوبن جا چيف سيڪريٽري ۽ اسٽيبلشمينٽ سيڪريٽري شامل هوندا آهن، جي ٻه ميٽنگ ڪو نه سڏائي ته جيئن اهي ان پروموشن بابت پنهنجي راءِ ڏئي سگهن، بلڪ اها گهربل اجازت بورڊ جي ميمبرن کان سرڪيوليشن (ٽپال) ذريعي ورتي وئي.

اهو به معلوم ٿيو آهي ته 20 گريڊ جي هڪ ٻئي ڊي ايم جي آفيسر وسيم افضل کي، جيڪو هن وقت احتساب بيورو ۾ ڪم ڪري رهيو آهي ٻڌو ٽپو ڏئي، 21 گريڊ بجاءِ هڪدم 22 گريڊ ۾ ترقي ڏيڻ جي آڇ خود وزيراعظم ڪئي پر مسٽر افضل ان آڇ کي لنوائي ڇڏيو ڇو ته سرڪاري قاعدن ۾ ان قسم جي ٻٽي پروموشن جو ڪو به تصور ڪونهي. (ڊان 23 ڊسمبر 1998ع)

لاڏلي آفيسر اجازت بغير محڪمو بدلائي ڇڏيو!

اسلام آباد (21 ڊسمبر) هڪ سياسي تقرر واري آفيسر، جيڪو وڏي پٽ وارو چيو وڃي ٿو تنهن حڪومت لاءِ تمام گهڻي پريشاني پيدا ڪري وڌي آهي. هن نه رڳو مختلف محڪمن کي شرمسار ڪيو آهي، بلڪ خود وزيراعظم سيڪريٽريٽ لاءِ پڻ مصيبت جو ڪارڻ ثابت ٿيو آهي، ڇو ته هن واسطيدار اختيارين جي اجازت توڙي علم کانسواءِ پنهنجو محڪمو پاڻ ئي بدلائي ڇڏيو آهي.

سرڪاري ذريعن "ڊان" کي ٻڌايو آهي ته نادر چوڌري، جيڪو پاڪستان مسلم ليگ جو هڪ متحرڪ ڪارڪن/ملازم آهي ۽ لاهور ۾ مسلم ليگ جي ميڊيا سينٽر ۾ مقرر ٿيل هو تنهن کي تازو انفرميشن منسٽريءَ ۾ صلاحڪار مقرر ڪري 21 گريڊ ڏنو ويو آهي. شروع ۾ کيس 20 گريڊ ڏنو ويو هو پر پوءِ واسطيدار انتظاميا کي چيو ويو ته اها تقرري رد ڪري، نئون نوٽيفڪيشن جاري ڪيو وڃي، جنهن ۾ کيس 21 گريڊ ڏنو وڃي.

دلچسپ ڳالهه آهي ته مٿئين آفيسر ڪڏهن به انفارميشن وزارت ۾ وڃي چارج نه ورتي، بلڪ پنهنجي مرضيءَ سان پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائين ۾ چيئرمين جي صلاحڪار جي حيثيت سان وڃي ڪم سنڀاليو.

وزيراعظم جي آفيس، اسٽيبلشمينٽ ڊويزن ۽ انفارميشن جي وزارت ان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سموري معاملي تي سخت شش و پنج ۾ آهي.

وزيراعظم آفيس جي ذريعن جو چوڻ آهي تہ هنن هاڻي لاڳاپيل وزارت کان باقاعدي پڇيو آهي تہ آخر ڪنهن جي حڪم سان مسٽر نادر پي آءِ اي ۾ ويجي ڪم شروع ڪيو آهي. انفارميشن منسٽري پڻ ان معاملي تي حيرت جو اظهار ڪري رهي آهي تہ هڪ سياسي سفارشي ڪهڙيءَ طرح ويجي پي آءِ اي ۾ پهتو ذريعن جو اهو بہ چوڻ آهي تہ ان سياسي سفارشي ڪڏهن بہ انفارميشن منسٽري ۾ ويجي رپورٽ نہ ڪيو هو.

پي آءِ اي جي ذريعن ان ڳالهہ کي مڃيو آهي تہ مسٽر نادر وٽ پي آءِ اي هيڊڪوارٽر ڪراچي ۾ هڪ عياشيءَ سان سينگاريل آفيس آهي ۽ هو پي آءِ اي جا سمورا ميڊيا ڪم پنهنجي ڪنٽرول ۾ رکي رهيو آهي. هو خط، احڪام ۽ سرڪاري لکپڙهہ پاڻ ئي صحيح ڪندو آهي ۽ تازو ئي هن آمريڪا جو دورو پڻ پي آءِ اي جي خرچ تي ڪيو آهي. ذريعن مطابق هو مڊوي هوٽل ۾ هڪ ”سويٽ“ ۾ رهندو آهي! (ڊان 22 ڊسمبر 1998).

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعصباڻو رويو

20 ڊسمبر 1998ع تي سليم چنا سينيئر جي ڪهاڻين جي مجموعي "لاس اينجلس جي هڪ خوبصورت شام" جو مهورت ڪراچي پريس ڪلب ۾ تي گذريو. صدارت علي احمد بروهيءَ ڪئي ۽ مهمان خاص جمال ابڙو ۽ سليمان شيخ هئا. ان موقعي تي تقرير ڪندڙن ۾ مون کان علاوه سليم چنا جا ٻيا ٻه ڪيترائي دوست ۽ مداح شامل هئا. بيدل مسرور اسٽيج سيڪريٽريءَ جا فرائض ڏاڍي سهڻي نموني انجام ڏنا. جنهن لاءِ هُن کي مبارڪ هجي، مون کي اڪثر فنڪشنن ۾ ويندي ان ڪري تپ چڙهندو آهي جو هر وقت اسٽيج سيڪريٽرين جي اجائي ڊيگهه، بيت بازي ۽ هر تقرير کان پوءِ سندن مني تقرير ٻڌڻي پوندي آهي. اهو فن سنڌين کي اجا چڱيءَ طرح نه آيو آهي. لس ڳالهائڻ، مختصر لفظن ۾ متعارف ڪرائڻ ۽ پنهنجي قيمتي راءِ کان پرهيز ڪرڻ اسان اجا سکيا ئي ناهيون. يا ته جذباتي ٿي وڏا وڏا شعر پڙهنداسين، يا وري بيڪار مشڪري وجهي ماڻهن کي وڏيڪ بور ڪنداسين. ڪن ماڻهن کي وري، مائڪرو فون ڇا هٿ آيو چڻ انڌيءَ کي جنڊ ور چڙهي ويو. ڇتي ڪوريءَ واري ڌڪ پئي پوندي. بهرحال، بيدل جي پنهنجائپ واري لهجي ۽ غير رسمي رويي فنڪشن کي ڪٺي ورتو. تقريب ڪراچي سنڌي ادبي سنگت طرفان ترتيب ڏني وئي هئي پر ان جو ڪو به اعليٰ عهديدار آخر تائين نه پهتو سنگت جا ٻيا نوجوان پوئين ڪرسين تي موجود رهيا. ٻڌڻ ۾ ايئن آيو ته مصنف سان ڪن اختلافن سبب عهديدارن فنڪشن کان پري رهڻ ۾ بهتري سمجهي.

مون پنهنجي تقرير ۾ سڀ کان پهريان ته سنڌي ادبي سنگت جي غير حاضريءَ تي افسوس جو اظهار ڪيو ۽ اڪيڊمي آف ليٽرز جي سنڌي اديبن ڏانهن تعصباڻي رويي جو ذڪر ڪيو. هيءُ ڪالم پڻ ان ئي موضوع تي لکي رهيو آهيان. مکيه سبب اهو آهي ته سنڌ جي سيني اديبن کي عام طرح ۽ سنڌي ادبي سنگت جي ميمبرن کي خاص طرح انهن حالتن کان آگاهه ڪيان، جي منهنجي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيال ۾ هاڻي ڳنڀير صورت اختيار ڪنديون ٿيون وڃن ۽ اهڙيءَ صورتحال ۾ اسان جو جلد ڏيان طلبين ٿيون.

اوهان کي ياد هوندو، مان ڪيئي بار اهو واقعو دهرائي چڪو آهيان، ته فخر زمان جي چيئرمين شپ (پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرز) واري دور ۾ ڪيترن سنڌي اديبن کي دانسته طور انٽرنيشنل ڪانفرنس جي موقعي تي نظر انداز ڪيو ويو هو. رد عمل طور سڄي سنڌ سراپا احتجاج بڻجي پئي هئي. اخبارن، رسالن ۽ ادبي انجمنن ان رويي خلاف خوب لکيو ۽ بيان جاري ڪيا. پهريون ته هر حڪومتي اداري جيان پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرز ڪن لاٽار ڪئي، مٿون ڦوڪيون، منيون پڪوڙيون، پر پوءِ ٻي ڪا واهه نه ڏسي عام معافي ورتي ۽ آئينده ايئن نه ڪرڻ جو واعدو ڪيو. افسوس جو ساڳي انتظاميا گهڻي دير هلي نه سگهي ۽ حڪومت جي بدلجڻ سان ئي فخر زمان جي جاءِ نذير ناجيءَ اچي والاري. هتي نذير ناجيءَ جي تعليمي ادبي توڙي انتظامي قابليت ۽ لياقت جو ذڪر بيسود آهي جو هن دور ۾ گهوڙي ۽ گڏهه جو تفاوت بنهه ڪو نه رهيو آهي. ها، اسان پنهنجي حوالي سان صرف ايترو چئي سگهون ٿا ته "ادو مئو ادي جائي، اسان اوتري جا اوترا!" تازو ٿيل قومي ڪانفرنس ۾ پڻ ساڳيا لاٽون "ساڳيا چگهه" وارو قصو دهرايو ويو بلڪ اڳيان ته صرف قبر کوٽي ڪفن چورائيندا هئا. هنن يارن ڪفن ته کنيو پر مردي جو منهن ڪارو به ڪندا ويا. اکين آڏو اردوءَ جي اديبن کي مان ڏنائون، انعام ڏنائون، اسان جا يار رڳو گلزار فقير وانگر تاڙين ۾ پورا هئا. ڪراچيءَ جي ريذيڊنٽ ڊائريڪٽر صاحب خبر ناهي ڪنهن جي زور تي پراڻا پلوٽ پيهر ڪيا ۽ اهم سنڌي اديبن کي هڪ دفعو وري ان ادبي ميڙ کان دور رکيو. جيڪي ويا تن مان ڪن باضمير اديبن هڪ يادداشت پيش ڪري، سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ سان ٿيندڙ ٻه اکيائيءَ خلاف آواز اٿاريو ته يڪدم سوٽ بوٽ ۽ ٽاءِ جورابن وارن جوانن هڪ ٻي يادداشت موڪلي بيعت جو اعلان ڪيو. مون ان مامري تي هڪدم هنن ئي ڪالمن ۾ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو ۽ دوستن کي دعوت ڏنم ته بنا دير جي انهن ڪارين رڍن کي سنڌن ڪارنامن سميت ڪڍي نروار ڪن پر ٿيو ڪجهه به ڪو نه. لڳي ٿو ته ادب جي جمود سان گڏوگڏ ذهن تي به جمود طاري ٿي ويو آهي. جيڪڏهن اها حالت رهي ته پوءِ گمان غالب آهي ته اهي سوٽ بوٽ ٽاءِ جوراب پنهنجي ذاتي مفادن خاطر اجهو ٿا رنڊڻي ۾ رولو وڃهن. مون کي ته آٿندي جا آثار هاڻي ئي نظر اچڻ لڳا آهن.

توهان کي ياد هوندو ته ستر جي ڏهاڪي تائين ۽ ڪجهه عرصو پوءِ به سنڌي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دانشورن جي آزاد سوچ، بهادري ۽ بيباڪيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ، وقت جي سرڪارن ڪي سرڪاري دانشور پيدا ڪري، سندن پٺو ڪولي ڇڏيو هو. هو تقرير توڙي تحرير وسيلي کلي عام قومي لاڙا رکندڙ ۽ آزاد ذهن وارن اديبن توڙي صحافين کي ملڪ دشمن، ملحد ۽ پرڏيهي ايجنٽ جو لقب لائيندا هئا. مٿن هلان ڪندا هئا ۽ حڪومت کي ششڪر ڏيندا هئا ته سندن خلاف قدم کڻي، سندن چغلخوريءَ سبب ڪيترن ڪتابن ۽ رسالن تي بندش پئي، پريسون سيل ٿيون ۽ شيخ اياز سميت ڪجھ ٻيا اديب قيد ڪيا ويا. ابراهيم منشيءَ تڏهن ته چيو هو ته:

"مون پڪ سڃاتا پنهنجا ها، ڌارين سان گڏ ڌاڙي ۾!"

مون کي هڪ واقعو ٿو ياد اچي، دل چوي ٿي ته توهان کي به ٻڌايان.

پنڌي صاحب جا شروعاتي ڏينهن هئا. مان ڪنڊڪوٽ ۾ هوس ۽ پنهنجن جي عنايتن جو شڪار هوس. قدامت پرست هر روز ڪو نه ڪو نئون شوشو ڇوڙيندا هئا. بيان ڏيندا هئا ۽ مسجدن ۾ منهنجي خلاف واعظ ڪرائي فتوائون جاري ڪندا هئا. انهن ئي ڏينهن ۾ ڪنڊڪوٽ وارو واقعو ٿيو ۽ جنهن تي امر جليل "سرد لاش جو سفر" لکيو. جليل تي ته حڪومت ڏمري سا ڏمري، پر منهنجي خلاف به ڪات ڪهاڙا تيز ٿي ويا. ان وقت ڪنڊڪوٽ ۾ ايس ايچ او حق نواز بلوچ هوندو هو. جو نِنڍپڻ کان ڪرڪيٽ جي حوالي سان منهنجو دوست هو.

هڪ ڏينهن منهن انڌاري وقت در جي گهنٽي وڳي. مون خود ئي ڏاڪڻ تان هيٺ لهي وڃي در کوليو. ڇا ڏسان ته هڪ همراهه سلوار قميص پاتل، منهن تي ڏاڙيلن جهڙي جهنڊ ٻڌل بيٺو آهي. دعا نه سلام، هٿ کان وٺي اچي ڏاڪڻ جي اوٽ ۾ بيٺو. پٽڪو لاهيائين ته حق نواز رازداراڻي نموني چيائين: "مون وٽ وقت ڪونهي، توکي صرف اهو ٻڌائڻ آيو آهيان ته تنهنجي گرفتاريءَ جا آرڊر اچي ويا آهن ۽ مون کي اڄ رات اهو ڪم ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي. ڀڄي سگهين ته ڀڄ وڃ."

چيم: ڪيڏانهن ويندس؟

چيائين: ٻيو نٿو ڪري سگهين ته گهٽ ۾ گهٽ ٻار ڪيڏي ڇڏ.

هو هليو ويو. مون هڪدم فون ڪري جيڪب آباد ۾ عبدالرزاق ٿهيم کي، جيڪو ان وقت صرف وڪيل هو ۽ اڃا جسٽس ڪو نه ٿيو هو سموري ماجرا ٻڌائي.

ٿهيم صاحب چيو: هاڻي جو هاڻي مون وٽ هليو اچ.

مان ڪلاڪ سوا ۾ جيڪب آباد پهچي ويس. ٿهيم صاحب مون کي وٺي ان وقت جي ڊپٽي ڪمشنر اڪرام جي آفيس ۾ آيو. اڪرام جي ٽيبل تي ڪيئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قانوني ڪتاب ڪليا پيا هئا ۽ ساٿس گڏ جيڪب آباد ميونسپالٽيءَ جو ايڊمنسٽريٽر ابراهيم پٽو ويٺو هو.

ٿهيم صاحب ڊي سيءَ کي چيو ته اسان هيءَ خبر پڙهي آهي. ڪيتري قدر سچ آهي؟

ڊي سيءَ وراڻيو: اسان توهان جي ٿي ڪم سان ويٺا هئاسين. قانوني ڪتابن مان قلم پئي ڳوليوسيون ته ڪهڙي ڏوهه هيٺ گرفتاري ڪجي.

ابراهيم پٽو منهنجو پڪو يار هو. پٽي صاحب جو قريبي عزيز هو پر ان کان اهم ڳالهه اها ته هو ساڻس سيني متي مائٽن کان وڌيڪ حجائتو هو. ننڍي هوندي پٽي صاحب کي ملهه وڙهڻ سيکاري هئائين. وڻ تان طوطا پڪڙڻ ۽ گليل سان جهرڪيون مارڻ پڻ هن ئي سيکاريو هوس. وڏو چرچائي ۽ دلبر قسم جو ماڻهو هو. پٽي صاحب جي صدر مملڪت ٿيڻ کان پوءِ به هو بنا پڇڻ سندس گهر توڙي آفيس ۾ هليو ويندو هو ۽ مرحوم سندس هر انگل سهندو هو. ابراهيم هاڻي لاڏاڻو ڪري ويو آهي پر سندس ويجها عزيز مٿين ڳالهين جي ضرور تصديق ڪندا.

ابراهيم جو مون کي ڏنو ته ڏاڍو زوراٽتو پاڪر پائي ڊي سيءَ کي چيائين: ”هن کي ٿا گرفتار ڪيو؟“

ڊي سيءَ چيو: مان مجبور آهيان. مٿان حڪم آيو آهي.

ابراهيم هڪدم فون ۾ ڪٽي هٿ وڌو. چيائين: مان ٿو صاحب سان ڳالهايان.

ڊي سي پريشان ٿي ويو. چيائين: تڪڙ نه ڪر. ڪو حل ڳولي ٿا وٺون.

حل اهو نڪتو ته مون کي مهيني جي موڪل ڏئي سرڪاري خرچ تي ٻارن سميت ڪوهه مريءَ موڪلي ڇڏيائون.

بهرحال پوءِ خبر پئي ته ڪهڙا ڪهڙا دانشور ان معاملي جي پٺيان هئا.

ان کانپوءِ اٽڪل ويهه سال کن اهي چغلخور ”دانشور“ سنڌي اديبن ۽ صحافين جي مستقل مزاجيءَ کان خوفزده ٿي وڃي پنهنجن ٻرن ۾ لڪا. ضياءُ الحق جي لالچ، دڙڪا، داٻا توڙي نقلي ڪنوينشن به سنڌن ڪجهه ڪلياڻ ڪري نه سگهي. سنڌ جو ڪيس باشعور ليکڪ ڏاڍيءَ همت سان لڙندا رهيا ليڪن ڪجهه مهينن کان مون کي ماحول لڙاٽيل لڳي رهيو آهي. لڳي ٿو ته هڪ دفعو ٻيهر ڪاريهر ڪر ڪنيو آهي. تولا ٿهي رهيا آهن. ڪليءَ طرح نه سهي، لڪ لڪاءَ ۾ اهو سڀ ڪجهه ٿي رهيو آهي، جيڪو اڄ کان ويهه سال اڳ وارو نقشو هو. مان نٿو چاهيان ته پنهنجن خدشن کي توهان جي راءِ مٿان زوريءَ ٿاڦيان. ها، البته توهان کي دعوت ضرور ڏيندس ته حالتن جو توهان پنهنجي سر جائزو وٺو ۽ خود ئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن نتيجي تي پهچو. ڏسو تہ ڪير آهن. جيڪي اسان سان گڏ آهن پر وقت پئي گوهي ڏئي تا وڃن. ڪير آهن. جن جو ادب، دانش توڙي صحافت ۾ ڪو ايڏو وڏو دخل بہ ناهي، پر پوءِ بہ نہ صرف هر هنڌ حاضر ناظر آهن. بلڪ وچان گرهہ تا ڪٽن. ڪير آهن. جيڪي هر ڪاڄ اڳيان آهن تہ جيئن پنهنجي اهميت ڪان پنهنجن ڏٿين ڪي اطمينان ڏياري سگهن ۽ سنڌين جو چيڪ ڪيش ڪرائي سگهن.

ها، مون ان تقريب ۾ اهو بہ چيو هو تہ سنڌي ادبي سنگت جيئن تہ سنڌي اديبن جي نمائنده جماعت آهي، ان ڪري ڪيس گهرجي تہ اڪيڊمي آف ليٽرز جي ناروا سلوڪ خلاف هوءَ نہ صرف احتجاج ڪري بلڪ بائيڪاٽ جو بہ اعلان ڪري، جيستائين اسان جي شڪايتن جي پوئواري نہ ٿئي. اڄ ان ڳالهہ کي ڏهہ ڏينهن گذري ويا آهن پر سنگت طرفان ڪو بہ بيان نہ آيو آهي. اها افسوسناڪ صورتحال ڏسي مون فيصلو ڪيو آهي تہ جيستائين سنگت اهو مسئلو نہ ڪٽندي، گهٽ ۾ گهٽ مان اڪيلو ئي سهي، سنگت جو بائيڪاٽ ڪندس. ڪنهن ٻئي کي شامل ٿيڻو آهي تہ پل ضمير جي آواز تي لبيڪ چئي مون سان گڏ اچي بيهي رهي. وڃڻ تن پيو، نالو نينهن ڳنهن جي!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ادبي سنگت ۽ ڪوتا سِڪا

”ڪاوش“ اخبار مون تائين ڪو نہ پهچندي آهي، ان ڪري منجهس ڇپيل ”سنڌي ادبي سنگت جي باري ۾ ايڊيٽوريل مون ڪو نہ پڙهيو آهي، البتہ ڪنهن دوست مهرباني ڪري فون تي ان جو تت ٻڌايو ۽ منهنجي راءِ طلب ڪئي.

ادبي سنگت بابت منهنجي راءِ سيني کي معلوم آهي. سائنس جذباتي لڳاءَ توڙي گذريل ڪارگذاريءَ سبب مون هميشہ ان اداري جي واڪاڻ ڪئي آهي. گڏوگڏ ان کي وڌيڪ ڪارآمد بنائڻ تي زور پڻ ڏنو آهي. ظاهر آهي زور ان ڳالهہ تي ڏبو جنهن جي موجوده ڪارگذاري کان اوهان مطمئن نہ هوندا ۽ ڪيس بهتر بنائڻ جي تمنا رکندا هوندا. مون ان دوست کي چيو تہ: ”ادبي سنگت اصولي طور هڪ اهم ادارو آهي، جنهن کي ٻيهر فعال بڻائڻ جي سخت ضرورت آهي.“

هتي اهو بہ ٻڌائيندو هلان تہ مان ڪڏهن بہ سنڌي ادبي سنگت جو عهديدار نہ رهيو آهيان ۽ نہ ئي وري مون ۾ ايتري همت ۽ لياقت آهي جو ان قسم جي ڪنهن اداري کي هلائڻ جو سوچي بہ سگهان. سنڌي ادب جو هڪ معمولي ليکڪ آهيان، جنهن کي گهٽي ياڳي Recognise ئي ڪو نہ ڪيو ويو. ان ۾ منهنجو بہ قصور آهي. مون ۾ اهي سڀ ناتڪ ڪرڻ جو افعال ئي ڪونهي، جن جي ڪرڻ سان شهرت حاصل ٿئي. مون کي ڪيترائي اهڙا ادبي اداڪار سجهن، جيڪي پنهنجي جادوگريءَ سان ٿوم مان زعفران بنيا محفلن جا مور ٿيا ويٺا آهن. هر حڪومت سندن ”خدمتن“ جي اعتراف لاءِ آتي آهي. سنڌي ادب جي نمائندي هئڻ جي ناتي وچان گرهہ تا ڪٽن. سياسي شخصيتن سان ڏاڙا ڏشا تا هٽن. سائن گڏ هوائي جهازن ۾ اڏامن ٿا. هر ڪانفرنس ۾ تمغو توڙي روڪڙ انعام اڪرام ماڻين ٿا. هڪ ئي ادبي ڪارنامي تي ور ور ورسائجن ٿا. مون مسڪين وٽ سچ چوڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ ڪونهي. ان ڪري مون کان پاسو ڪيو ويندو آهي. ان پاسي ويجهڻ ئي ڪو نہ ڏنو ويندو آهي، جتي ”هلڻ ناهہ حسن ريءَ“ اهي تفصيلي احوال آئنده ڪبا. پهرين سنڌي ادبي سنگت.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنگت سان پهريون واسطو ٿي تڏهن پيو جڏهن سنڌي ٻولي ۽ ون يونٽ جا مسئلا اٿيا. قوم تي راتاهي جا پهريان آثار ظاهر ٿيا. هي اهو وقت هو جڏهن نه ڪاپي ڪلچر آيو هو نه پتو ڪلچر ايجاد ٿيو هو نه سفارشي مافيا منهن ڪڍيو هو نه گهوڙن جي سوداگري. گهٽ ۾ گهٽ ادبي ليول تي سامهون آئي هئي ۽ نه ٿي وري سياسي مُهرا خرزينن جا منهن کولي هيٺينءَ سطح تائين پهتا هئا. اديب لکندا هئا ۽ ايمانداريءَ سان لکندا هئا. شاگردن توڙي نوجوانن کي رهنمائي ڏيندا هئا ۽ سچائيءَ سان ڏيندا هئا. ٻچ ڪو نه ڪندا هئا. پاڻ اڳواٽي ڪندا هئا. اگهه ڪو نه پڇائيندا هئا، اگهامڻ لاءِ آتا ٿيندا هئا. محور هڪ هوندو هو گهٽڻ پيرن جا مريد ڪو نه هوندا هئا. مصلحت نالي ڪا به شيءِ گهٽ ۾ گهٽ اُن زماني ۾ اسان ڪو نه ڏٺي. ضرور ڪي ويڪائو وکر به هوندا پر کلئي عام قڙتيون هٽندي ڪنهن کي ڪونه ڏٺوسين. ها، مذهب جي آڙ ۾ ادب تي وار ڪرڻ وارا سرڪاري ناچو ضرور هئا. اهي ڪڏهن پارٽي ايجنٽ جو لقب لائيندا هئا، ڪڏهن ڪفر ۽ الحاد جو الزام ڏيندا هئا، ڪڏهن نظريه پاڪستان جي مخالفت جو ڏوهدار ٺهرائيندا هئا پر تعداد ۾ تمام گهٽ، علم ۾ ٻڙي ۽ مقبوليت جي لحاظ کان ڪجهه به نه هوندا هئا. ادب ۾ سندن دخل نه جهڙو هوندو هو. سرڪاري پٽ جام هوندي هئڻ، ان ڪري اسان به ڪين اديب جي حيثيت سان نه سرڪاري اهلڪارن جي صورت ۾ وڏيڪ سڃاڻندا هئاسين. مٿينءَ تمهيد کي جيڪڏهن مختصر لفظن ۾ سموئجي ته ايئن کڻي چئجي ته سنڌي ادبي سنگت سمورن سڃاڻ اديبن جو محور هئي ۽ اهي اديب پنهنجيءَ پر ۾ مقصد سان سچا هئا. ان ڪري هر هنڌ سندن عزت ۽ احترام هو. قومي سڄاڳي ۾ هنن جو وڏو هٿ هو. جو لکندا هئا سو خلوص سان بنا ڪنهن لوڀ لالچ جي.

شمشير الحيدري سنڌي ادبي سنگت جي زنده تاريخ آهي، جڏهن موج ۾ ايندو آهي، تڏهن تفصيلي شام غريبان پڙهندو آهي. وقت ۽ دوستن جي بي حسيءَ تي لڙڪ لاڙيندو آهي ۽ گذريل ڏينهن ياد ڪري اداس ٿي ويندو آهي. سچ ته اهو آهي ته اسان سڀ، جن اهو دور ڏٺو سي سنڌي ادبي سنگت جي موجوده حالت کي ڏسي گهٽو دکي ٿيندا آهيون. زوال جا سبب ڪهڙا به هجن، "ڪاوش" جي شڪايت بجا آهي ته هاڻي هيوءَ خان جي گهوڙي وانگر ويهي وئي آهي. منجهس اهو رنگ نه رهيو آهي، جنهن سبب علمي ادبي ته نهيو سياسي گدڙ به ڪانئس ڪن هٽندا هئا. قصور اداري جو ڪونهي اسان جي پنهنجي ادبي لڏي جو آهي. ادارا به ماڻهو ٺي ٺاهيندا آهن. ماڻهو ٺي هلائيندا آهن ۽ ماڻهو ٺي ڊاهيندا آهن. جڏهن ماڻهن جي دلين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ئي ڪوٽ پيدا ٿئي ته پوءِ ادارن لاءِ چڱائي جي اميد ڪيئن ٿي رکي سگهجي؟
منهنجي نظر ۾ سنڌي ادبي سنگت جي زوال جا ڪارڻ ڪجهه هن ريت آهن:

1. غلط ۽ ڪاهل ماڻهن جي هٿ ۾ ادبي سنگت جي واڳ اچڻ.
2. سنڌي اديبن ۾ آپي خانيءَ جو منهن ڪيڻ.
3. ڪن ماڻهن جي اول نمبر سڏائڻ لاءِ ڊوڙ ڍڪ.
4. سياسي ڪلچر جي تبديلي ۽ ڏوڪڙن جي ريل پيل.
5. ايوارڊ ڪلچر.
6. شاگردن جي تعليم کان لاتعلقي ۽ هر قومي ڪارج پنهنجي هٿ ۾ کڻڻ.
7. قومپرست تنظيمن جي گهڻ ۽ هر هڪ جي جدا ادبي مسيت.
8. اديبن جي فلمي سپر اسٽار جهڙي عزت يا اهميت ڏسي هر ايري غيري جو اديب سڏائڻ.
9. بدتميز، بيهوده ۽ شرارتي ماڻهن جو ادبي سنگت ۾ شامل ٿيڻ.
10. خواتين ليکڪائن سان نامناسب رويو رکڻ.
11. پارٽي بازي ۽ ڌڙا پيدا ڪرڻ.
12. ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ سياسي پلانڊ ڪرڻ.

توهان ان ڳالهه سان اتفاق ڪندا ته سنڌي ٻولي ۽ ادب کي ڪيترائي اهڙا ڪارڻ ڳڻائي سگهو ٿا. جن جي ڪري سنڌي ادبي سنگت هاڻي مهڙي هاب تي رهي آهي پر مون کي جيڪا سڀ کان وڏيڪ ڏکوئيندڙ ڳالهه سمجهي ٿي، سا هيءَ آهي ته سنگت جي مرڪزي حيثيت ختم ٿي چڪي آهي. اهم معاملا يا مسئلا، جن تي قوم کي رهنمائي جي ضرورت آهي، اهي ڪٿي ٻئي هنڌ طئي ٿا ٿين يا وري هر گروپ پنهنجي حڪمت عملي پاڻ ٿو جوڙي، جنهن ڪري اسان هن وقت چڙوچڙ ٿي چڪا آهيون. هر ڪو پنهنجي منهن آهي، جنهن جو تازو مثال اڪيڊمي آف ليٽرز آهي، جنهن کي جيڪي وڻيو سو ڪري گذريو. تاڙيون وڄائڻ وارن تاڙيون وڄايون ۽ جهمريون وڌيون. سنجيده حلقن احتجاج ڪيو. منتظمين اڻ وڻندڙ اديبن کي گهرايو ئي ڪو نه. جيڪڏهن اسان جي مرڪزيت قائم هجي ها ته جيڪر اهي تماشا ٿين ئي ڪو نه ها. هڪ فيصلو ٿئي ها ۽ هڪ ئي قدم کڄي ها. سوٽ بوٽ، ٽاءِ جوراب وارا گرگ پنهنجو لولو تاري نه سگهن ها. جيڪو ٽڙڪي يا ٽاٻڙجي ها، سو ٽالهي ياجيءَ مان نڪتو پيو هجي ها. اهڙيءَ طرح ٻيا حساس مسئلا پڻ يڪراءِ حل ٿي وڃن ها. هينئر ته ”انڌي گهوڙي ڪل ۾“ وارو حساب آهي. پاري جا سيڪاٽيل ٽتر وڃيو ٿا هٿن سان جهلجن. ڪي ته پاڻمرادو هلي اچي ٿا شڪارين جي هنج ۾ ويهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوال اهو آهي تہ هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ادبي سنگت کي ٽي پتر ڏئي گهر وهاري ڇڏجي يا ڪيس ٻيهر جاندار بنائي سندس اصلوڪي حيثيت بحال ڪجي؟ ظاهر آهي تہ ادبي سنگت جي آخري اهڃاڻن کي ختم ڪري سندس ڪريا ڪرم ڪرڻ سان اهي يار تہ ڪڏهين هٽندا. جن کي ڪمداري ملي آهي يا ملڻ جي آس آهي. آخري ڪنڊ ۾ ويندو رهندو تہ پوءِ ڊپ ڇا جو؟ جهڙي آهي تهڙي آهي، آهي تہ سهي. گس وڃائي ويٺي آهي، رس ۾ چس وڃائي ويٺي آهي پر ڪنهن بہ وقت پڙڪو ڏئي اٿي تہ سگهي ٿي. مثل ڪان اڳهي چڱي آهي، علاج سان نوبني بہ ٿي سگهي ٿي. ڪراڪوٽا ڪڍي ٻيهر ڪارآمد بڻائي سگهجيس ٿو. ان ڪري منهنجي راءِ ۾:

1. ”ڪاوش“ جو ٽورو مجڻ گهرجي، جنهن بيحد اهم معاملي ڏانهن وقتائتو ڌيان ڇڪايو آهي.

2. سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي عهديدارن کي گذارش آهي تہ هو ڏيک وقت وڃائڻ بجاءِ ڪن بہ ٽن ناميارن اڻ ڏرين ۽ سمجهو اديبن جي ڪميٽيءَ جو اعلان ڪن، جيڪي پاڻ ۾ گڏجي سنگت جي معاملن جي ايمانداريءَ سان ڇنڊڇاڻ ڪن ۽ ڪيس فعال، مضبوط ۽ مرڪزي ادارو بنائڻ لاءِ رهنما اصول جوڙين ۽ انهن جي آڌار تي چونڊون وغيره ڪرائي مناسب ماڻهو ميدان ۾ آڻين. ان ڪميٽيءَ کي اهو بہ اختيار هجي تہ اها آئينده پڻ سنگت تي نظرداري ڪري ۽ جڏهن بہ محسوس ڪري، تڏهن مداخلت ڪري ڪيس ٻيهر سنئين ڏگ تي آڻي. ها، البتہ ڪميٽيءَ جي ميمبرن جي چونڊ خدا ۽ سنڌ کي سامهون رکي بي ريائيءَ سان ڪرڻي پوندي، ورنہ حالتون هن ڪان بہ بدتر ٿينديون.

مايوسي ڪفر آهي، مان حالتن مان مايوس ناهيان. وقتي جهاڪا آهن، لهي ويندا. جن ڇپن ڏوڪڙن جو ذائقو چکيو آهي، جن اکين وڏ ماڻهپائيءَ جي لئہ ڏٺي آهي ۽ جن ذهنن خيالي پلاءُ پچايا آهن، سي آسانيءَ سان آڻ ڪو نہ مڃيندا. پيشيور سوٽ بوٽ، ٽاءِ جوراب وڏيڪ وڏا عهدا ماڻڻ جو خواب چڪنا چور ٿيندو ڏسي ضرور ڏمربا. منهن ۾ مڪر بہ ڪندا. هنج ۾ ويهڻ لاءِ ٽينگ ٽپا بہ ڏيندا پر مڙس ماڻهو ٿجو آزمائي کي نہ آزمائجو. جيب پاڪيٽ ڪان هوشيار رهجو. هڪ دفعو صحيح مرڪزيت آڻي ڏيکاريو پوءِ ڏسو تہ ڪيئن ٿا ادبي بورڊ، اٿارٽيون ۽ سنڌالاجيون مستي ڪن؟ ڪيئن ٿا وڏيرا پارٽيون بدلائين؟ ڪيئن ٿا ڪالاباغي سبز باغ ڏيکارين؟ ڪيئن ٿيون اڪيڊميون نظرانداز ڪن؟

رکو الله تي، چڱا ڏينهن بہ اچڻا آهن ۽ اوهان کي ئي آڻڻا آهن، رڳو ڪوڙن سڪن ۽ ڇٽل ڪارتوسن ڪان پاسو ڪيو آخر جيت اسان جي ٿيندي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواب اسان جا چيتيون چيتيون

خواب هرڪو ڏسندو آهي، ڪي ماڻهو تہ ڏينهن جو جاڳندي بہ خواب ڏسندا آهن پر اهي ڪي تمام ٿورا خوشنصيب هوندا جن جا خواب ساپيان ٿيندا آهن. قومون بہ فردن جيان خواب ڏسنديون آهن. ڪي پنهنجن خوابن کي ٻانهن جي ٻل تي سچو ڪري ڏيکارينديون آهن ۽ ڪي زندگي ڀر خوابن جي سچي ٿيڻ جو انتظار ڪنديون رهنديون آهن.

اسان انهن چند بدنصيب قومن مان هڪ آهيون. جن موهن جي دڙي ڪان بہ اڳ خوشحاليءَ جا خواب ڏسڻ شروع ڪيا. اسان جي سياسي، سماجي، ثقافتي ادبي توڙي معاشي ۽ معاشرتي اڱواڻن وڏي فخر، شان، مان ۽ اعتماد ۽ ڀروسي سان اسان کي موهيندڙ وڻندڙ ۽ سهڻا ۽ مهڻا خواب ڏيکاريا. اهي خواب بار بار سوين بار هن احمق قوم جي نابين اکين ۾ اوتيا ويا. ايتري قدر جو مٿن حقيقت جو گمان ٿيڻ لڳو ۽ پوءِ هر بار، سوين بار اهي ئي سهڻا، مهڻا خواب هزارين، لکين ۽ ڪروڙين عوام جي سامهون چڪنا چور ڪيا ويا. ايتري قدر جو سندن ڀرم ڀري پيو ۽ عوام کي مٿن اعتبار نہ رهيو پوءِ بہ هو انهن ڪوڙن خوابن جي سهاري پنهنجي رڙهندڙ زندگي گذاريندا رهيا.

هو اڄ بہ ڪنهن معجزي، ڪنهن ڪرامت، ڪنهن اڻ ٿيڻي جي انتظار ۾ آهن. اهو ڄاڻندي بہ تہ ساڻن خطرناڪ قسم جي ويساهہ گهاتي ٿي آهي، هنن، جن ٻتن کي خدا ڄاڻي سندن آڏو سر جهڪايو ٻانهون ٻڌي ٻاڏايو سر نمائي سجدا ڪيا سي تہ مٽي جا ڍير ثابت ٿيا. جن کي هنن مسيحا ڄاتو سي انڌا اونڌا ويچ نڪتا. جن کي هنن دولهہ دلير سمجهيو سي شينهن جي کل ۾ گدڙ هئا. جن جي خاطر هنن گهر ٻار لٽايو سر ساهہ صدقي ڪيو سي تہ موقعي پرست، ڪم ڪڍائو معمولي بازيگر هئا.

ظلم جي گهاٽي ۾ بيٺل، بي يارو مددگار پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي ڌاريا هي ماڻهو جي لڳاتار سٺ سالن کان قدم قدم تي قربا رهيا آهن. لٽبا رهيا آهن تن تہ آسمان جي تارن جي تمنا ڪئي هئي. ڪين تہ ڌرتيءَ جي ڌوڙ بہ پلئہ نہ پئي. هي انگ اگهاڙا، ڏکيا ۽ بکيا ماڻهو جن جو اولاد هٿن ۾ ڏگريون کڻي ڌارين جي در تي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏڪا ڪاٽيندو هو ۽ جن جي جهڳين ۽ جهوپن ۾ ڏينهن تائين باهہ نہ ٻرندي هئي ۽ جن جا ماڳ ۽ مڪان، نانءُ ۽ نشان، وستيون ۽ بستيون، واهوندا، واهڻ، چارا، چونڪ ۽ چوراها، سڀ ڪجهہ ڦرجي چڪا هئا ۽ جي اڀوجهہ. اڀالا ۽ اڻ ڇاڻ پنهنجي سادگي ۾ سڀ ڪجهہ وڃائي چڪا هئا، تن هڪ دفعو ٻيهر خوشي ۽ خوشحالي ۽ آزادي ۽ آسودگيءَ جا خواب ڏسڻ جي جسارت ڪئي هئي. هن ڀيري هو اڪيلا نہ هئا، سندن دل گهرئي سورمي ذوالفقار علي ڀٽي جي بهادر ڌيءَ بينظير بہ ساڻن گڏ هئي. بينظير جيڪا ڀٽي صاحب جي هوبهو صورت ۽ مورت هئي، جيڪا سنڌ جي مارئي هئي ۽ هر ڀيءَ جي ڌيءَ ۽ هر ڀاءُ جي ڀيڻ هئي، جيڪا سنڌ جي عظمت جو اهڃاڻ هئي ۽ هر ويري لاءِ ٻرندڙ ڀاڻ هئي، جيڪا روشنيءَ جو مينار هئي ۽ سوچ، لوچ ۽ ساڃاهہ جو مٺو مٺو مهراڻ هئي. فخر هئي اسان سنڌين جو ڪي واعدا هن اسان سان ڪيا هئا ۽ ڪي اسان هن سان ڪيا هئا. هن ڪي اسان جي محرومين ۽ مجبورين جي ڄاڻ هئي، هن اسان جي خوابن جي اڌامندڙ رڪ ڏٺي هئي ۽ اسان جي آسائتين اکين ۾ نراشا جي شام پسي هئي ۽ ڌرتي جي گولي تي اسان جي جلندڙ وجود جي گرمي محسوس ڪئي هئي ۽ تڏهن هن پنهنجن اباڻن جي سر تي ٻاجهہ جو هٿ رکڻ جو پڪو پهہ ڪيو هو ۽ سندن زخمن تي ڦها رکڻ جو واعدو ڪيو هو ۽ ڪين سماج ۾ ٻيهر برابري ڏيارڻ جو عزم ڪيو هو ۽ سنڌي قوم پنهنجي ڀيڻ جي سرخروئي لاءِ پنهنجا سڀ غم ڀلائي، سموري قوت، طاقت ۽ همت سان ميدان ۾ ڪڏي پئي هئي. سندن خواب هاڻي تعبير جي ڪنڌي تائين پهچي چڪا هئا ۽ منزل چند قدمن جي فاصلي جي دوري تي هئي ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جو تاج سندن نظرن سامهون هو.

تڏهن اوچتو هڪ دفعو ٻيهر اهو ٿي ٿيو جيڪو هن کان اڳ ٿيندو آيو آهي. بينظير کي لڳل گولي اسان جا سمورا خواب ڪومائي، مرجهائي، سڪائي، ساڙي، ڇڏيا ۽ يتيمي جي اماوس اسان جي سمورين اميدن کي هڪ دفعو ٻيهر ڪاري ڪکر هيٺ اونداهين ۾ ڀٽڪڻ لاءِ اڪيلو ڇڏي ڏنو ۽ پنهنجي ڌرتي جي تپش اسان جو سمورو وجود جهلسائي ڇڏيو. اٿاهہ مايوسي، غم ۽ بي وسي جي عالم ۾ اسان پنهنجا مرثيا پاڻ ڳايا، پنهنجو جنازو پنهنجن ئي ڪلهن تي پاڻ کنيو ۽ پنهنجي خوابن کي پنهنجن ئي هٿن سان هميشہ هميشہ لاءِ پاڻ ئي دفن ڪري آياسين.

پوءِ ڇا ٿيو؟ اها سيني کي ڄاڻ آهي. ججن جي مامرن، ڪورٽن جي بحالي ۽ اقتدار جي جنگ ۾ ان عظيم عورت جي بي مثال قرباني جهيٽي ٿيندي وئي، رهنمائن ۽ رهبرن جي منهن تي مرڪ موٽي آئي، سياست جي ڪاروبار ۾ هڪ ڀيڻ، هڪ ماءُ، هڪ ڌيءَ، هڪ ليڊر، هڪ اميد ۽ هڪ آس جي تصوير ماند پوندي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٺي. جوڙ توڙ جي بازار ۾ وفادارن جون وفائون نيلام ٿينديون ويون. ظالم، جابر، قاتل ۽ قهار هميشہ جيان تالع آزمائڻ جي مجبوري ٻڌجي پيا ۽ اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻندي بہ تہ اها مجبوري ڪروڙين انسانن تي ٻڌل هڪ قوم جي معذوري ٻڌجي ويندي، اسان جي سياڻن رهنمائن پنهنجا سمورا قول قرار، واعدا ۽ آسرا وساري ڇڏيا ۽ بينظير جو پاڄهہ وارو هٿ اسان جي سرتان هٽائي ڇڏيو.

اسان لاءِ اها ڪا نئين ڳالهہ ناهي، اڳ بہ ايئن ٿيندو آيو آهي، هاڻ بہ ٿيو آهي. آئينده بہ ٿيندو رهندو اڳ اڻ پڙهيل، ڄٽ ۽ جاهل وڏيرا، سردار ۽ پير جي هٿان زخم کائيندا هئاسين ۽ هاڻي پڙهيل ڳڙهيل، سڄاڻ ۽ محب وطن سڏائيندڙ پنهنجن پيارن جي هٿان گهاءَ سهنداسين. اهو اسان جو نصيب آهي. اسان جي تقدير آهي، اسان جو ڀاڳ آهي. بس ڏک اهو ٿي آهي تہ هر بار پٺي ۾ خنجر پنهنجا ڇو ٿا هڻن؟ ۽ اهي ڇو اوچتو ئي اوچتو بدلجي ٿا وڃن. جن جو ويڙهيچن ساڻ وچن اڃا ايترو پراڻو نہ ٿيو آهي؟ اسان جي خوابن جو ڇاهي؟ خواب تہ خواب ئي آهن. ڄمندا، سرندا، اسرندا، مرندا ئي رهندا آهن. جيءَ جي جهروڪن ۾ پلندا آهن ۽ اندر جي اونداهيءَ ۾ گهٽجي مري ويندا آهن ۽ هڪ ڏتڙيل، هارايل ۽ ڏڪاريل قوم جا خواب تہ جنم وٺڻ کان اڳ ئي فنا ٿي ويندا آهن.

اسان تہ ڪنهن جو منو نہ گهريو آهي نہ ڪنهن کي رنجايو اٿئون نہ ڪنهن جي مڏيءَ مال تي بري نظر رکي اٿئون ۽ نہ وري ڪنهن جو جهوپو جهوريو اٿئون. اسان تہ محبت، امن ۽ پيار جا پرچارڪ آهيون. اڌي ۾ آڌر ٿيڻ لاءِ هردم تيار آهيون. پاڻ کي بکيو رکي اڱڻ کي سکيو رکڻ وارا ماڻهو آهيون. مهمان کي مان ڏيون. تڏي آئي تي جان ڏيون ڪنهن جو ڏک اکئين ڏسي نہ سگهون. ٻي اجهي کي اجهو ڏيون. ٻي سهاري کي سهارو ڏيون. پرائي کي پنهنجو سمجهون. پوءِ آخر ڇو ڀلائي جو بدلو هميشہ برائي ۾ مليو اٿئون؟ ايئن تہ ناهي تہ اسان جي نرم دلي کي اسان جي ڪمزوري سمجهيو ويو آهي؟ اسان جي صوفياڻي سوچ کي اسان جي بزدلي سان تعبير ڪيو ويو آهي؟ جي واقعي ايئن آهي تہ پوءِ اها نهايت ئي بدنصيبي جي ڳالهہ چئبي پوءِ اسان هيتري ذلت جا مستحق ناهيون. پوءِ اسان جا خواب مرڻ نہ گهرجن. پوءِ اسان جي سرتان ڀاڄهہ جو هٿ لهڻ نہ گهرجي. پوءِ اسان جا پنهنجا اسان جا ويري ٿيڻ نہ گهرجن. ڇو تہ پيڻ جي شهادت کان پوءِ وارو جنون توهان بہ ڏٺو آهي، هنن بہ ڏٺو آهي ۽ زماني بہ ڏٺو آهي. موهن جي دڙي جا ماڻهو هزارين سال پوءِ بہ زندهہ آهن. سنڌن ٻولي ۽ ثقافت بہ زندهہ آهي. هر دڙو اسان جي وجود جي ضمانت ڏيندو اهو تاريخ جو فيصلو آهي ۽ هر قوڳ پنهنجي موت پاڻ مري ويندو. اهو بہ تاريخ جو فيصلو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي اديبن جي دهلي ڪنوينشن

سنڌي اڪيڊمي دهلي طرفان 28 مارچ کان 30 مارچ تائين هند ۾ سنڌ جي سنڌي اديبن جي گڏيل ڪنوينشن دهلي ۾ ٿي گذري، اخبارن ذريعي ان ڪنوينشن جو احوال پڙهندڙن تائين پهچندو رهيو آهي ۽ هاڻي جڏهن ان موقعي تي هندستان ويل سڀ دوست واپس پهچي چڪا آهن، تڏهن اميد اها ڪئي ٿي وڃي تہ هرڪو پنهنجا تجربا ضرور تفصيل سان بيان ڪندو. مان سفرناما لکي ڪونہ ڄاڻان، ان ڪري اهو ڪم بہ انهن تي ڇڏيو اٿم جيڪي بهتر نموني، سهڻي پيرائي ۽ مناسب لفظن ۾ پنهنجي سفر کي بيان ڪري سگهن. مان اڄ فقط هڪ اهڙي شخص جو ذڪر ڪندس جيڪو سڪيو ستابو هوندي بہ ستن سالن جي ڄمار ۾ ورهاڱي جي ور چڙهي، پنهنجي جوان بيوهہ ماءُ، ڏاڏيءَ، ٻن ڀينرن ۽ ٻن ڀائرن سان گڏجي حيدرآباد جا هٽ ڇڏي هندستان هليو ويو هو ۽ ڪجهہ عرصو ڪئمپن ۾ گذارڻ کان پوءِ پنهنجي وڏي ڀاءُ جي ماهوار پگهار 15 رپين مان سڄي ڪٽنب جو پورائو ڪرڻ (يا ان جي ابتڙ) کان پوءِ بہ رپيا اسڪول جي في ڏئي سنڌي ميڊيم اسڪول ۾ پڙهيو ۽ جڏهن 18 سالن جي ڄمار کي رسيو تڏهن گهرڀاتين کي ڇڏي، پاڻي جي جهاز ذريعي دبئي روانو ٿيو جتي کيس 125 رپين تي ڪنهن سنڌي خانگي ڪمپنيءَ ۾ ملازم رکيو ويو. ان شخص جو نالو آهي رام بخشاڻي ۽ جيڪو اڄ چاليهن سالن جي لڳاتار محنت ۽ اورچائي کان پوءِ ارب پتي آهي ۽ هندستان توڙي دبئي جي امير ترين ماڻهن منجهان ليکيو وڃي ٿو.

منهنجي رام بخشاڻي سان غائبانہ واقفيت اي ميل وسيلي پياري لڇڻ ڪومل ڪنوينشن کان اڳ ئي ڪرائي ڇڏي هئي. جواب ۾ رام مون کي دعوت ڏني تہ ڪنوينشن ۾ وڃڻ کان اڳ ساڻس دبئي ۾ ملندو وڃان. ڪوشش جي باوجود مون کي دبئي کان دهلي جي ملائيندڙ فلائيٽ ملي نہ سگهي، ان ڪري کانئس معافي ورتم. جواب ۾ چيائين تہ ڪا ڳالهہ ناهي، مان پاڻ ان موقعي تي دهلي اچي رهيو آهيان، اتي ملنداسين. ملاقات ٿي بہ تہ ڏاڍي مزيدار جاءِ تي. دهليءَ جا سنڌي هر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سال تمام وڏي پيماني تي ”چيٽي چنڊ“ جو ميلو ملهائيندا آهن. ناچ، گانا، موسيقي، گڏجاڻيون ۽ ڪچهريون ڪندا آهن. اتفاق سان ڪنوينشن جي ٻي ڏينهن هڪ پارڪ ۾ چيٽي چنڊ جو ميلو رٿيل هو. اٽڪل ڏهه هزار سنڌي، پنهنجن ڪٽنبن سان ان موقعي تي اچي گڏ ٿيا هئا. هڪ تمام وڏي ۽ اوچي اسٽيج تي راجستان کان آيل سنڌي ڳائڻا لطيف سائين جو ڪلام ۽ لوڪ گيت ٻڌائي خوب داد وصول ڪري رهيا هئا ۽ پر ۾ هڪ اوچي ٿلهي تي خاص مهمانن کي وهاريو ويو هو. اسان چاڪاڻ تہ سنڌ مان آيا هئاسين، ان ڪري سڀني حاضرين جي نگاهن جو مرڪز هئاسين. هڪ هڪ ڪري اسان جو تعارف ماڻهن سان ڪرايو ويو ۽ جواب ۾ جيڪا عزت ۽ قرب مليو سو زندگي ڀر ياد رهندو. اوچتو ڪنهن ٻڌايو تہ مون کان چند ڪرسيون پري رام بخشاڻي ويٺو آهي. سندس سامهون وڃي ٻيٺس تہ اٿي ڏاڍي پيار سان مليو. سادگي سندس لباس توڙي گفتگوءَ مان صاف ظاهر هئي.

چپائين: مون تنهنجو دبئيءَ ۾ انتظار پئي ڪيو.

چيم: ڪنيڪٽنگ فلائيٽ نہ ملي.

چيائين: هڪ دفعو دبئي پهچي تہ ڏسين ها!

ٻئي ڏينهن رام صبح کان وٺي شام تائين ڪنوينشن ۾ موجود رهيو. چانهہ جي ساهي دوران چيائين: ايندڙ گڏجاڻي دبئيءَ ۾ رکو مان پاڻ هر انتظام ڪندس.

ان ئي شام جو دهلي جي چيف منسٽر شيلا ڏڪشت سنڌي اديبن جي مان ۾ ڊنر ڏني، اٽڪل 300 کن ماڻهن کي دعوت ڏئي گهرايو ويو. ان موقعي تي رام بخشاڻي جي لکيل آتم ڪٿا "Taking the High Road" جو افتتاح ٿيو ۽ رام پنهنجن هٿن سان اهو ڪتاب سوکڙي طور مهمانن ۾ ورهايو. ڪتاب ڏاڍو دلچسپ آهي ۽ سهڻي نموني لکيو ويو آهي. مان هت ان ڪتاب مان ننڍڙو ٽڪڙو سنڌي ۾ ترجمو ڪري پڙهندڙن جي لاءِ پيش ڪيان ٿو ان اميد سان تہ اسان جا نوجوان هر صورت ۾ اهو ڪتاب ضرور پڙهندا، جو تہ منجهس محنت، ڪوشش ۽ ڪاميابي جي ڪهاڻي بيان ڪئي وئي آهي. خود رام جي بہ اها خواهش آهي تہ هر سنڌي سندس جدوجهد جي ڪهاڻي پڙهي ۽ سندس ئي لفظن ۾، ”شل منهنجو هي پورهيو ڪين وڏين ڪاميابين لاءِ اتساهي.“

”منهنجي لاءِ دبئي اچڻ هڪ نئين زندگي جي شروعات هئي، اها ڳالهہ اڄ کان چاليهہ سالن کان بہ وڌيڪ پراڻي آهي. صحيح تاريخ پڇو تہ چوندس 18 نومبر 1959ع. ان ڪري اچو تہ توهان کي اهي سال پنهنجي وٺي وڃان. مون نوڪري جو اهو اشتهار بمبئي (هاڻي ممبئي) جي هڪ سنڌي اخبار ۾ پڙهيو. دبئي جي باري ۾ مون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي رتيءَ برابر بہ چاڻ ڪو نہ هئي. جڳهہ ڪيئن هوندي؟ شهر ڪهڙو هوندو؟ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ڪهڙي هوندي؟ ترقيءَ جا موقعا ميسر هوندا. جيڪڏهن ان وقت ڪو منهنجي سامهون نقشو رکي پڇي ها تہ ٻڌاءِ دبئي ڪٿي آهي تہ جيڪر مان ٻڌائي نہ سگهان ها. اهڙي هئي منهنجي حالت ان اشتهار جي جواب ۾ درخواست ڏيڻ وقت. انهن ڏينهن ۾ دبئي ڪي گهڻو ڪو نہ سڃاتو ويندو هو ۽ نہ وري اڪثر ماڻهو شوق وچان ان طرف رخ ئي ڪندا هئا. دبئي ڪي دبئي ٿيڻ ۾ اڃا ڪافي وقت درڪار هو. دولت ڪمائڻ واري دبئي اڃان گهڻو پري هئي، پر منهنجي لاءِ اخبار ۾ ڇپيل اهو اشتهار ڄڻ خدا جي طرفان موڪليل هڪ انوکو موقعو هو. مان تہ دل ئي دل ۾ اها آس ڪٽي گهمندو رهندو هوس تہ ڪڏهن نہ ڪڏهن سمنڊ پار ڪنهن سنڌين جي ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪرڻ لاءِ ضرور ويندس. مثال طور ڪشنچند چيلا رام ڪمپني، جنهن بمبئي ۾ ڪي سي ڪاليج کوليو يا ڪي اي جي چوٿر مل اينڊ ڪمپني. اتفاق سان ڪي اي جي چوٿرمل اينڊ ڪمپني ITL جي بزنس پارٽنر هئي ۽ مان ان ئي ITL جي اشتهار تي دبئي هليو آيو هوس ۽ جن پوءِ مون کي نوڪري ڏني پنهنجي ڪمپني ۾ ملازم ڪري رکيو. مون اها نوڪري چڱي پگهار ڪان سواءِ ان ڪري بہ ڪرڻ ٿي چاهي تہ ان ۾ رهي مان پنهنجي آئينده زندگي لاءِ سٺو ڪيريئر جوڙي سگهندس. اندر جي ڪنهن آواز مون کي شروع کان ئي آگاهي پئي ڏني تہ مون کي اها نوڪري ضرور ملندي ڇو تہ مون وٽ گهربل لياقتون موجود هيون، تجربو بہ هئم، ڇو تہ مون جيوتي لميٽيڊ ۾ آفيس سپرنٽينڊنٽ طور ڪم ڪيو هو جيڪڏهن سنڌي روايتن کي ڏسنڊؤ تہ منهنجي عمر پڻ ان ڪم لاءِ بلڪل مناسب هئي. 18 سالن جي ڄمار ۾ اسان سنڌي واپاري دنيا جي سخت مقابلي واري ميدان لاءِ تيار ٿي ويندا آهيون. اسان سنڌ ورڪي (حيدرآباد جا ماڻهو) مئٽرڪ ڪرڻ شرط يا 16 سالن جا ٿيڻ کان پوءِ هڪدم نوڪري کي لڳي ويندا آهيون. اسان جا ابا ڏاڏا، جن هندستان کان ٻاهر پنهنجو بزنس قائم ڪيو هو سي انهي ئي عمر ۾ پنهنجن نوجوان ڇوڪرن کي ٻاهر وڃڻ جي نصيحت ڪندا هئا. اها ڪا وڏي ڳالهہ ڪو نہ هئي ڇو تہ سنڌ ورڪي گهڻو ڪري ٻارن کي مئٽرڪ کان مٿي پڙهڻ تي زور ڪو نہ ڏيندا هئا. هنن جو مکيہ مقصد هوندو هو خانداني واپار کي مضبوط ڪرڻ ۽ جاري رکڻ. سنڌ ورڪي کي ننڍڙي وهي کان ئي وٺي ذهن ۾ اها ڳالهہ وڌي ويندي هئي تہ بابا گهڻو پڙهڻ مان ڪجهہ ڪو نہ ورندو. ٻاهر نڪرو ڏکيو سکيو گذر ڪيو پر واپار سکو ان ڪري هو ڏنڌي جي ماحول ۾ پلجي وڏا ٿيندا هئا ۽ غير شعوري طور واپار جا سمورا داءَ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيچ سکي ونندا هئا ۽ جڏهن مناسب عمر کي رسندا هئا تہ بزنس جي سمورن رازن ۽ رمزن کان واقف ٿي چڪا هوندا هئا. مان بہ ٻين کان مختلف ڪو نہ هوس. منهنجو پيءُ، جيوترام گهنو مل بخشاڻي، جيڪو ننڍي ڄمار ۾ گذاري ويو، تنهن پڻ آئلنڊ، موراڪو ۽ جبرالٽر ۾ ڪافي سالن تائين ڪم ڪيو هو. اسڪولي تعليم پوري ڪيان ٿي ڪيان، ان کان اڳ ٿي مون پنهنجن چاچن توڙي ٻين عزيزن کي، جيڪي هانگ ڪانگ، سينگاپور يا نائجيريا ۾ واپار ڪندا هئا،کي ٻڌائي ڇڏيو هو تہ مان پڻ ملڪ کان ٻاهر اچڻ جو ارادو رکان ٿو. مون کي ٻڌايو ويو تہ انهن ملڪن ۾ ويزا جو مسئلو نہ هئڻ برابر آهي ڇو تہ اهي ملڪ ڪامن ويلٿ جو حصو آهن، پر جڏهن ڏنم تہ دير ٿيندي پئي وڃي، ان ڪري دبئي وڃڻ جو پڪو پهہ ڪيم.

سنڌين جون ڪمپنيون، جيڪي هندستان کان ٻاهر ڪم ڪنديون آهن، سي گهڻو ڪري اشتهار بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇاپينديون آهن، ان ۾ تعصب جو ڪو بہ دخل ڪونهي، پر عملي طور اهو طريقو وڌيڪ ڪارگر آهي...

ڪتاب ڏاڍو ڪارائتو آهي ۽ هر سنڌي نوجوان کي پڙهڻ گهرجي، سندن رهنمائيءَ لاءِ سوچيان ٿو تہ ڇو نہ ڪجهہ وقت ڏئي، ان کي سنڌي ۾ ترجمو ڪري وٺان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلبل بيقرار

جڏهن پٽاٽن، ٽماٽن، توري، پينڊي، دال ۽ اوجهريءَ جو اگهه ريڊيو ٽوڙي اخبارن ۾ پڌايل قيمت کان ڏهوڻو ٿي ويو ۽ فقيرن خيرات ۾ مليل پنجين جي نوٽ کي موٽائي منهن تي هڻڻ شروع ڪيو ۽ ڏوهين اوڏر رکڻ ڇڏي ڏني، مهمان ٽري پاسو ڪري ويا، تڏهن پڪ ٿي ويم ته هاڻي پينشن مان پورائو ڪرڻ ممڪن ناهي. روزگار ڳولڻو ئي پوندو.

دل جي ڳالهه شاعر جذبات حضرت بلبل بيقرار سان ڪيم ته ڪلي ڪلي ڪيرو ٿي پيو. جڏهن سامت ۾ آيو ته مون ڏي ڏسي وري ڪلي ڪلي بيهر ڪيرو ٿي پيو. ٽئين دفعي ڪيري ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ پڇيو مانس: منهنجي شڪل رنگيلي جهڙي ٿي وئي آهي ڇا؟

چيائين: تنهنجون ڳالهيون رنگيلي جهڙيون ٿي ويون آهن.

پڇيم: ڪيئن؟

چيائين: جنهن ملڪ ۾ لکيا پڙهيل ڳڙهيل نوجوان ورهين کان بيروزگار هجن، اتي تو جهڙي کوسٽ کي ڪير نوڪري ڏيندو؟

چيم: مان دانشور آهيان، قوم جو ضمير آهيان.

چيائين: تنهنجو حافظو به ڪمزور ٿي ويو آهي شايد. قومي ضمير کي اسان سڀ گڏجي ڪئي سال اڳ دفن ڪري آيا هئاسين. هاڻي ته سندس هڏا به ڳري ويا هوندا.

بلبل جي ڳالهه دل سان لڳي، پر اهو منهنجي مسئلي جو حل نه هو. سوچيم ڪنهن به شاعر کان صلاح وٺڻ نه گهرجي. منجهائي ماريندو منجهائي نه سگهيو ته مهڻا ڏئي ماريندو. مهڻن کان ڳالهه چڙهي وئي ته پوءِ خودڪش حملو ڪري ڏيندو ۽ توهان کي ته خبر آهي ته شاعر جو خودڪش حملو آهي تازه ترين ڪالم پڌائڻ. انڪري بلبل جو خيال دل تان لاهي. منهن مونن ۾ وجهي، غور ۽ فڪر ڪرڻ لڳس، غور گهٽ فڪر وڌيڪ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏهن اوچتو دريءَ ٻاهران روشنيءَ جو هڪ ڪرڻو نظر آيم. ٻڪ پائي هيٺ جهاتي پاتم رستي تي جڳ مشهور پامسٽ، ايسٽرالاجسٽ، ايسٽرانامسٽ، روحاني راز ڄاڻندڙ جنن ڀوتن جو جمهوري اڳواڻ، پروفيسر ڪوڪب ايراني، هڪ هٿ سان پنهنجي چمڪندڙ گنج کي کنهي رهيو هو ۽ ٻئي سان مرچائي پڪوڙا کائي رهيو هو. اميد جو اهو روشن ڪرڻو سنڌس نوڙهہ مان ئي ڦٽي نڪتو هو. پڪ ٿي ويم تہ منهنجي درد جو دارون پروفيسر ڪوڪب ايراني ئي تجويز ڪندو ٻئي جي جاءِ ناهي.

هو مون کي ڪو نہ سڃاڻي، پر مان کيس ان زماني کان سڃاڻان جڏهن هو ريڊيو اسٽيشن اڳيان فوٽ پاٿ تي ويهي طوطي کان ڦال ڪڍائيندو هو. سنڌس گراهڪ گهڻي ڀاڱي ناڪام عاشق، عادي جوئاري، مالش وارا، رڪشا ڊرائيور ۽ ٻشني هوندا هئا.

پوءِ هڪ ڏينهن جڏهن سنڌس طوطي جا پر نڪري آيا ۽ سمجهہ سان ٿيو تڏهن هڪ گراهڪ جي هٿن مان ڏهين جو نوٽ کسي، اڏامي وڃي پر واري وڻ تي ويهي رهيو. پروفيسر پهريون تہ طوطي کي ڏاڍا ايلاز ڪيا پوءِ دڙڪا ڏنا، پوءِ آسرا، لالچ ۽ ڏنا چاڙهيا ۽ آخر ۾ غصي وچان گگ ڳاڙيندو جڏهن رستي تان پٿر کڻي هنيائينس، تڏهن طوطو نوٽ سنڌس نوڙهہ تي ڦٽو ڪري بنگلاديش اڏامي ويو.

طوطي جي وڃڻ کان پوءِ پروفيسر ڏاڍو وياڪل ٿيو. ڪيترائي ڏينهن وڻ کي ٽيڪ ڏئي، اجيوءِ بکيو اداس فلمي گانا ڳائيندو رهيو ۽ طوطي کي ياد ڪري نيڻن مان نير ڳاڙيندو رهيو. سنڌس اها درويشاڻي حالت ڏسي، ميمڻ واپاري کانئس ريس جي گهوڙي جو نمبر ۽ سٽي جو اڳهہ معلوم ڪرڻ لاءِ پڇڻ اچي ويا. ڏسنديءَ ڏسندي روز رات جو فوٽ پاٿ تي موٽرن جي قطار لڳڻ لڳي. پروفيسر ڪوڪب ايرانيءَ جو نالو ميمڻ برادري مان نڪري، سياسي وڏيرن تائين پهچي ويو. اليڪشن لڙڻ کان اڳ ۽ حڪومت ڊهڻ کان پوءِ حاڪم سنڌس حاضري ڀرڻ فرض سمجهڻ لڳا. ڪامورا ڪڙا ڪتر ٽيڻ لڳا. تحفن تحائفن ۽ نوٽن جا ڍير ٿي ويا ۽ پروفيسر فوٽ پاٿ تان اٿي سامهون عالمگير مارڪيٽ جي هڪ آفيس ۾ ويهڻ لڳو.

ان ئي شام جو مان پروفيسر ڪوڪب ايرانيءَ جي آفيس ۾ پهچي ويس سلوار جي ابداڻي مان پنج سو رپيا فيءَ جا ڪڍي سنڌس سيڪريٽريءَ کي ڏنم، جنهن پرچيءَ تي نالو لکي اندر ڏياري موڪليو جڏهن ڪجهہ وڏيرا چڏا کنهندا ۽ هڪ ٻئي کي مبارڪ ڏيندا ٻاهر آيا، تڏهن مون کي اندر وڃڻ جي اجازت ملي. ايئر ڪنڊيشنڊ ڪمري ۾ پروفيسر صاحب هڪ وڏي ميز پويان تنگ تنگ تي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاڙهي هڪ ڦرڻي ڪرسيءَ تي ويٺل هو. مون کي ڏسي اٿيو. وڏيءَ تعظيم سان صوفي تي ويهاريائين. ڪجھ چوان ئي چوان، ان کان اڳ چيائين: توهان جا ڏکيا ڏينهن پورا ٿيا.

حيران ٿي پڇيم: سو وري ڪيئن؟

چيائين: توهان کي عنقريب 22 هين گريڊ ۾ ڪنهن نيم سرڪاري اداري ۾ ڪانٽريڪٽ تي چيئرمين مقرر ڪيو ويندو.

ڪنن تي اعتبار ئي نه آيم. حيرت مان کيس گهوريندو رهيس.

چيائين: ڏيڍ لک رپيا پگهار ، ٻه گاڏيون، مفت رهائش، مفت ميڊيڪل سهولتون ۽ ٻيا نٽ ٿانگر تنهن ڪانسواءِ.

چيم: مشڪري نه ڪر پروفيسر.

چيائين: ڊفينس ۾ پلاٽ ۽ پيٽرول پمپ جي پرمٽ پڻ نظر پئي اچيم.

چيم: اچا ته هٿ ڪو نه ڏنو اٿئي.

پهريون ساڄو پوءِ کابو ۽ پوءِ ٻئي هٿ گڏ ڏسندي چيائين: سنڌ ۾ ٽن جاين تي زرعي زمين پڻ ملندئي.

زبان تارونءَ سان چنبڙي پيم. آواز نه پيو نڪري، تارا ساوا ٿي ويم.

منهنجي دل جي ڪيفيت سمجهي ويو.

چيائين: پهرين زمين پني عاقل ۾ ڪرڪيٽ ورلڊ ڪپ کٽڻ جي خوشيءَ ۾ ملندئي، ٻي سجاول ۾ هاڪي اولمپڪ فائنل کٽڻ جي خوشيءَ ۾ ۽ ٽين بدين ۾ عالمي ڪشتيءَ جو ٽائيٽل کٽڻ جي موقعي تي.

چيم: پر مان ته انهن مان هڪ راند به ڪو نه کيڏيو آهيان.

چيائين: ٻيا ڪهڙو کيڏندا آهن؟

پڇيم: پلا ٻيو ڇا آهي قسمت ۾ لکيل؟

چيائين: عسڪري فور ۾ بنگلو پڻ نظر پيو اچيم.

پڇيم: پر اهو مون کي ڇو ملندو؟

چيائين: ان ڪري جو اهو تنهنجو حق آهي.

چيم: جيسين اهو سيڪجھ ملي تيسين ڪا هزار ٻن واري نوڪري ملندي؟

چيائين: هاڻي تون مشڪري ٿو ڪرين.

چيم: مان سچ ٿو چوان.

چيائين: اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي.

چيم: بلڪل ايئن ئي آهي، پينشن پوري نٿي پوي، مهانگائي وڌي وئي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئڻ جنجال ٿي پيو آهي. ڳڻتيءَ ڳاري وڌو آهي. ڏس پروفيسر منهنجي هٿ ۾ ڪا معمولي روزگار جي لڪير نظر اچئي ٿي؟

هو منجهي پيو. مٿي ڪي هٿ ڏئي ويهي رهيو. گهڻي دير سوچڻ کان پوءِ پڇيائين توهان پنهنجو نالو ڇا ٻڌايو؟

چيم: قمر شهباز.

مُنهن جو رنگ اڏامي ويس، اٽڪندڙ آواز ۾ چيائين: تہ پوءِ مون واري هن انڊي سيڪريٽريءَ ڪرنل شهباز ڪيئن لکي موڪليو؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آرام حرام

سنڌين کي ساهي پٽڻ نہ ڏيڻ شروع کان ئي سنڌ دشمن قوتن جو اهو ئي طريقو رهيو آهي. اجا هڪ سازش کي منهن ڏئي مس ٿا پگهر سڪايون تہ ٻي اڳ ۾ ئي در تي بيٺي آهي. ويجهڙ ۾ ڪالاباغ ڊيم سنڌين جي اڏ جان تہ نپوڙي ڪڍي ڇڏي هئي. احتجاج، ڌرڻا، جلسا، جلوس، اسيمبلين ۾ ٺهراءُ، وري احتجاج، وري ڌرڻا، وري اسيمبلين ۾ ٺهراءَ. هڪ پهاڙ جهڙو نفسياتي دٻاءُ هو جيڪو ڪڏهن لٿو ٿي، ڪڏهن چڙهيو ٿي. هٽي هڃائي رکيائين. خدا خدا ڪري وچي حڪم نامو جاري ٿيو تہ في الحال ان ڪاريهر کي ٽپڻيءَ ۾ بند ٿا ڪيون. جيستائين سنڌ جا "خدشا" دور نہ ٿيندا اوستائين ڪالاباغ ڊيم نہ ٺهندو. چوڪاري جو ڏکهو ساهہ پري اجا ويناسين مس تہ وري وٽ وٺان ٿي وئي. چيائون ٿل ڪئنال منصوبو تيار بہ ٿي ويو مٿس عمل بہ ٿي رهيو آهي، رڳو رسمي اجازت جي ضرورت وٺي آهي.

ٿڪل ٿٽل سنڌي وري ڪڙين پر اٿي بيٺا. وري ساڳيا احتجاج، جلسا، جلوس، قراردادون ۽ ڪميٽيون ٺهي ويون. مذمت جا ٺهراءَ بحال ٿيا. ماٺهو پڪڙيا ويا. ڪين ڇڏي ٻين کي پڪڙيو ويو. ان وچ ۾ ايڪنيڪ کان منصوبو ڪليئر ڪرايو ويو. باقي پوءِ پيا ٿيندا، في الحال ڪوتائي جيتري ڪرائي سگهو اوتري ڏينهن رات هڪ ڪري ڪرائي وٺو تہ جيئن سياڻي اهو چئي سگهجي تہ سنڌ جي ناڪاري رويي سبب قوم کي هيترا ڪي هيترا ارب رپيا نقصان پهچي رهيو آهي!

ٿل ڪئنال منصوبي جي ڪوتائي دوران بہ ڪيترائي ناٽڪ ٿيا. ڪڏهن ها، ڪڏهن نہ. جيسين سنڌ جون غلط فهميون دور نہ ٿينديون، تيسين ڪئنال نہ ٺهندو. سنڌ جون غلط فهميون دور ٿي ويون. ڪئنال ضرور ٺهندو ڪئنال سان سنڌ جو ڪو بہ واسطو ناهي. پاڻي پنجاب جو آهي، سندس مرضي گڏ ڪري يا استعمال ڪري ڇڏي، چڱو ڀلا، ارسا کان ٿا پڇون. نہ نہ ارسا تہ فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. ڪئنال ضرور ٺهندو دنيا جي ڪا بہ طاقت ان کي روڪي نٿي سگهي. سنڌي هرويرو هر معاملي تي رڙيون ڪرڻ تي هري ويا آهن. ڪئنال سنڌ جي مفاد ۾ آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخر ڀيڙ ڏوئنس ۾ اعلان ٿيو تہ ڪئنال ٺهندو ۽ واهہ جو ٺهندو. ان سان پنجاب جي 26 لک ايڪڙ زمين آباد ٿيندي. پنجاب جي خوشحالي سنڌ جي خوشحاليءَ برابر آهي. ڇو تہ ڪنهن بہ هڪ صوبي جي سرهائي، ملڪ جي سرهائي آهي. اهو ڪو نہ چيو ويو تہ ڪنهن بہ هڪ صوبي جي ارهائي سڄي ملڪ جي ارهائي آهي.

اڄا ٿل ڪئنال تي بحث مباحثا جاري آهن. پاڻيءَ جي کوٽ تي ماتم پڻ جاري آهي. ان وچ ۾ ناڳو ڪرڻ سنڌ دشمن قوتن جي شان وٽان نہ هو. هنن هڪدم آرڪيالاجي جو شوشو ڇوڙي ڇڏيو. ڇي، آرڪيالاجي ڊپارٽمينٽ لاهور کڻي وڃي رهيا آهيون.

پڇيوسين: ڇو؟

چيائون: هت خرچ گهڻو ٿو اچي.

چيوسين: ڪهڙو خرچ ٿو اچي؟

چيائون: لاهور کان ڪراچيءَ جي سفر جو خرچ.

چيوسين: تہ پوءِ نہ اچو.

چيائون: اهو ئي تہ اسان بہ سوچي رهيا آهيون، ڪو نہ ايندا سين. بس رڳو ڊپارٽمينٽ، لائبريري ۽ نوادرات هڪ دفعو کڻي وڃون. پوءِ هرگز هرگز ڪو نہ ايندا سين.

چيوسين: اهي تہ اسان جا آهن.

چيائون: توهان بہ تہ اسان جا آهيو.

چيوسين: پر لاهور ڇو؟ هت سهڻا نٿا لڳن ڇا؟

چيائون: اسلام آباد پهچائڻا آهن. پر چند سال لاهور ۾ ٽڪ پيجبو.

وري جلسا، وري جلوس، وري مطالبا، وري سيمينار، وري قراردادون، وري اهي ئي روڄ، اهي ئي احتجاج، اهي ئي نعرا، اهي ئي جواب.

ياد رهي، ان سموري وقت ۾ پاڻيءَ جي کوٽ جو مسئلو پنهنجي جاءِ تي قائم ۽ دائم آهي. سمونڊ ڪاهي پيو آهي. زمين لوڻياڻي ٿيندي پئي وڃي. فصل تباهہ ٿي رهيا آهن. ساموندي مڇي مٺي پاڻي نہ ملڻ ڪري هميشہ جي لاءِ ناس ٿي رهي آهي. ارسا چوي ٿي تہ سنڌ کي سندس حق کان وڌيڪ پاڻي پيو ملي. سنڌ سرڪار چوي ٿي تہ ارسا سچ ٿي چوي، سنڌ جو وزيرِ زراعت چوي ٿو تہ سنڌ سرڪار سچ ٿي چوي، پنجاب چوي ٿو تہ سنڌ جو وزير زراعت سچ ٿو چوي، مرڪزي سرڪار چوي ٿي تہ پنجاب سچ ٿو چوي، اسان جا محترم اليڪشني اڳواڻ چون ٿا تہ مرڪزي سرڪار سچ ٿي چوي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچ ڪير تو چوي، تنهن ڪان هرڪو اکيون ڦيري ٿو وڃي.

ان ڪان اڳ جو سنڌي ساهي پٽي وٺن، چو نہ ڪين هڪ دفعو ٻيهر ڪنهن ٻئي ويل ۾ وجهجي. اچو تہ هاڻي 26 صوبن جي ڳالهہ ڪيون. پاڪستان چئن صوبن جي موجودگيءَ ۾ هرگز هرگز ترقي ڪري ڪو نہ سگهندو! ان ڪري ضروري آهي تہ وڏيڪ صوبا ٺاهيا وڃن يا ملڪ کي وڏيڪ انتظامي ڊويزنن ۾ ورهايو وڃي ۽ صوبن جا نالا ختم ڪري ڇڏجن!

پڇيوسين: ڪهڙا نالا رکجن؟

چيائون: جيڪي وٽن سي رکو رڳو موجوده نالا مٽايو.

پڇيوسين: مثلاً؟

چيائون: سومر، اڱارو، اربع، خميس رکو يا جنوري، فيبروري، مارچ ۽ اپريل رکو. توهان جي مرضي، پر موجوده نالا هٽايو.

چيوسين: موجوده نالن ۾ ڪهڙو نقصان آهي؟

چيائون: صوبائي تعصب ٿا ڦهلائين.

پڇيوسين: ڪيئن؟

چيائون: ٽي صوبا تہ توهان اتان جي ماڻهن جي قومن جي نالن تي ٿا سڏيو. سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان سنڌي، پنجابي ۽ بلوچي قومن جي نشاندهي ڪن ٿا. باقي پٺاڻن کي نارٿ ويسٽ فرنٽيئر پراونس ٿا چئو اها ناانصافي آهي.

چيوسين: تہ پوءِ انهن کي بہ پختونستان جي نالي سان سڏيو.

چيائون: اهو ناممڪن آهي. ملڪي سلامتي خطري ۾ پئجي ويندي

پڇيوسين: پوءِ؟ هاڻي ڇا ڪجي؟

چيائون: وڏيڪ صوبا ٺاهيو. ڊويزنن جي نالن سان پڪاريو. ملڪ ترقي ڪندو.

وري جلسا، وري جلوس، وري احتجاج، وري ڌرڻا، وري مطالبا، وري قراردادون. پگهر سڪائڻ نہ ڏيندا.

چئون ٿا: ظالمو سک جو ساهہ تہ کڻڻ ڏيو!

چون ٿا: زنده قومون سک جو ساهہ نہ کڻنديون آهن. هاڻي ٿل ڪئنال تہ ٺاهينداسين پر گڏوگڏ ڪالاباغ بہ ٺاهينداسين. صوبا بہ ڊهندا، ڊويزنون بہ جڙنديون، آرڪيالاجي بہ لڏبي ۽ پيو بہ گهٽو ڪجهہ ٿيندو. آزادي ٿا ماڻيو ڪا مشڪري تہ ناهي ڪجهہ حق بہ ادا ڪيو.

هلو بابا، اٿو بينر کڻو جلسي جي تياري ڪيو. جلوس ڪيو. پريس ڪانفرنس ڪوٺايو. آرام حرام آهي. آزادي ٿا ماڻيون ڪا تہ قيمت ادا ڪرڻي پوندي!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انٽرنيشنل سنڌي ادبي ڪنوينشن

دادا هري دلگير، جيڪو هاڻي اسان ۾ نہ رهيو آهي، پنهنجي آخري مشاعري ۾ ڏاڍو مزيدار شعر پڙهيو ڇپائين:

ڪڻ ڪلو تہ ٿيئي پلو!

موقعو هو انڊو پاڪ انٽرنيشنل سنڌي ادبي ڪنوينشن ۽ آرگنائيزر هئا سنڌي اڪيڊمي دهليءَ وارا. جيئن اڳ ۾ ڪافي جڳهن تي ٻڌايو ويو آهي تہ اها ڪنوينشن هند ۽ سنڌ جي اديبن جي، دهليءَ ۾ ٽن ڏينهن لاءِ ڪوٺائي وئي هئي، جنهن ۾ هندستان جا تقريباً سڀ ناميارا، نوان توڙي جهونا اديب پري پري کان گهرايا ويا هئا ۽ سنڌ مان پڻ ٻڌن کن ڄاتل سڃاتل اديب شرڪت ڪرڻ لاءِ اتي پهتا هئا. هندستاني جهونن ليکڪن مان اتم، هري دلگير، هري موٽواڻي، موتي پرڪاش، ڪلا پرڪاش، لڇمڻ ڀاٽيا، لعل پشپ ۽ ٻيا شامل ٿيا هئا ۽ سنڌ مان حميد سنڌي، شمشير الحيدري، شوڪت شورو، غلام علي الانا، بشير مورياڻي، هدايت بلوچ ۽ مان شريڪ ٿيا هئاسين. ڪي نوجوان ڇوڪريون توڙي ڇوڪرا آبزرور يا آرگنائيزر طور پڻ شامل هئا.

پهريون ڏينهن تہ افتتاحي تقريب، ميل ملاقات ۾ گذريو. منجهند جي ماني کان پوءِ ڪنوينشن جو ڪم باقاعدگيءَ سان شروع ٿيو ۽ شام تائين نهايت سنجيده گفتگو ٿيندي رهي. ڪي دوست جيڪي پهرئين ڏينهن نہ پهچي سگهيا هئا، سي ٻئي ڏينهن اچي شامل ٿيا. انهن ۾ هڪ نوجوان ڇوڪري پڻ هئي جيڪا رهاڪو تہ راءِ پور جي هئي، ان وقت حيدرآباد دکن کان ڪو سيمينار وغيره پورو ڪري سڌي دهلي پهتي هئي. رنگ سانورو هوس، باقي نيڻ نقشا تکا ۽ وڻندڙ قد ڪاٺ پورو پنو، سفيد ساڙهيءَ ۾ ملبوس، ڳالهائڻ جي جل ڦتاڪي، تيز ترار، حاضر جواب، کلڻي ۽ رلڻي ملڻي ٿي لڳي. نوجوانن جون نظرون مٿس کپي ويون. گهٽ ڪراڙن بہ ڪونہ ڪئي پر هوءَ شايد نگاهن جو مرڪز ٿيڻ جي هيراڪ هئي. ان ڪري ڪنهن کي هاءِ، ڪنهن کي باءِ، ڪنهن کي هيلو ڪنهن کي ٽاٽا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چونديءَ مرڪندي پئي رهي. نالو ٻڌاياٺين نيلو ميگهہ ۽ ڪارڊ تي نالي هيٺان لکيل هئس: هنديءَ سنڌيءَ اردو شاعره ۽ ٽي وي آرٽسٽ. چياڻين تہ ڪن فلمن ۾ بہ آچ تي اٿم.

پنهنجو پهريون ڏينهن خاموشيءَ سان ڪارروائي ٻڌندي رهي. ٻئي ڏينهن (ڪنوينشن جو ٽيون ڏينهن) بہ لنچ تائين تقريباً ماٺ رهي. آخري سيشن هو مشاعري جو وقت ٿورو ۽ اديب گهڻا. هاڻي ڇا ڪجي؟ فيصلو اهو ٿيو تہ ڏهہ سنڌي اديب ۽ ڏهہ هندستاني شعر پڙهندا ۽ هر هڪ کي فقط پنج منٽ ڏنا ويندا. شاعرن جي ڳالهہ هئي. نالي وارن کي تہ ڳڻتي ڪو نہ هئي البتہ جيڪي ٿورا سڃاتا ويندا هئا تن کي فڪر وٺي ويو. سنڌ وارا تہ اڳ ئي ٿورا هئا ۽ منجهانئن بہ ڪجهہ دوست شاعريءَ کان پاسيرا هئا. ان ڪري انهن بہ ايتري بي چيني ڪو نہ ٿي ڏيکاريءَ مٿان وري مخدوم امين فهيم صاحب جن اوچتو اچي نڪتا، سو ڪانئن صدارت ڪرائڻ ۽ سندن ڪلام ٻڌڻ جو بہ موقعو ملي ويو. اسان جا ننگ پورا ٿي ويا، البتہ هندستاني ميزبانن لاءِ چڱي موچاري پريشاني ٿي پئي جو سندن اميدوار وڌي پئي ويا. ٻيا تہ صبر ۽ شڪر ڪري ويهي رهيا، پر پونا مان آيل اندرا شبنم ۽ راءِ پور جي نيلو ميگهہ باهہ ٻاري ڏني. ويچاري ليڇمڻ ڪومل کي اچي سوڙهو گهٽيائون. ليڇمڻ هونءَ تہ مڙس ماٺو آهي، پر ڪنوينشن جي انتظام ۽ دوستن جي انتظار ۾ سٺي ڊاڳي کان وٺي هر شيءِ جي بندوبست هيٺ ڊاهي رکيو هئس. ويچٺو هجيس ساڃي تہ وڃي ڪاهي. ڪانڻ پيئڻ وسري ويس. سندس ڊرائيور ٻڌايو تہ صبح ساڻ گاڏيءَ ۾ چڙهي ويٺو. چيائين سڌو هل. مون بہ سڌو رستو ڪٽي ورتو. جڏهن جئپور جي ويجهو اچي پهتاسين تڏهن چرڪ ڀري چيائين، هي ڪٿي اچي نڪتو آهيون؟ مون کي تہ سنڌ کان آيل مهمانن وٽ هوٽل ۾ هلڻو هو!

هاڻي اهڙيءَ حالت ۾ جو اچي ٻن عورتن ورتس، سو صفا ڇتو ٿي پيو. مون کي چيائين، يا مان پاڻ کي مارينديس يا انهن ٻنهي کي.

ٻئي ڄڻيون مون وٽ سفارش لاءِ آيون. چيومان، جي جان پياري اٿوَ تہ ٻچي پاسو ڪيو. ويچاريون هيسجي چپ ڪري ويهي رهيون.

مشاعرو شروع ٿيو شمشير الحيدري اسٽيج سيڪريٽريءَ جا فرض پيو انجام ڏئي. شاعرن جي خفيہ لسٽ تمام گهڻي رازداريءَ سان وٽس پهچائي وئي. هر ڪنهن جون نظرون مٿس ايئن ڪتل هيون، ڄڻ اجهو ٿو ڪروڙ رپين جو لڪي نمبر ڪڍي اهڙي موقعي تي دادا هري دلگير اهو شعر پڙهيو جنهن جو ذڪر مٿي ڪري آيو آهيان:

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڻ ڪلو تہ ٽيئي پلو!

شاعرن شعر پڙهي پورا ڪيا. صدر مخدوم امين صاحب پڻ صدارتي تقرير ڪئي ۽ جيڪي بہ ٽي شعر ياد هئس سي پڙهي بس ڪيائين.مشاعري پوري ٿيڻ جو اعلان ٿيو تہ ايتري ۾ نيلو ميگهہ اٿي بيٺي. چيائين، دادا هري دلگير اڄهو هاڻي چيو آهي تہ ڪڻ ڪلو تہ ٽيئي پلو سو هاڻي پلي تہ مشاعرو پورو ٿيو هجي، پر مان پنهنجو شعر پڙهي ئي رهنديس.

نہ رڳو شعر پڙهايائين پر چيائين تہ هاڻي ڳائي ٿي پڙهان. ڳائڻ شروع ٿي وئي.

دل جي پڙاس ڪڍي، ڳائي وڄائي چيائين، حق اڄهو ايئن وٺبا آهن.

سڀ چپ چاپ سندس همت کي دل ئي دل ۾ ساراهيندا رهيا. لڇمڻ ڪومل گهٽائي وٽ ست ڪاڏا، پر ڪري ڪجهہ بہ نہ پيو سگهي. ماٺ ڪري ويهي رهيو. نيلو ميگهہ سيني کان موڪلائي توڪلائي، ميزبانن کان حيدرآباد دکن جو ڪرايو زوريءَ وٺي راءِ پور هلي وئي.

رات جو دير سان اندرا شبنم جو فون آيو ڏاڍا ڏک ڪڍيائين. چيائين، شرافت جو زمانو ناهي. مان حڪم مڃي چپ ڪري ويهي رهيس پر جنهن حڪم نہ مڃيو ۽ مشاعري جا سڀ قاعدا قانون ٽوڙيا، سا گوءِ کٽي وئي.

اهڙو فون پونا مان بہ ڪيائين. بلڪ اسان جي موٽي اچڻ کان پوءِ بہ هندستان مان فون ڪندي رهي ۽ پنهنجي بدنصيبيءَ ۽ بيوسيءَ جو روئڻ روئندي رهي.

اهو واقعو مون کي ان ڪري ياد آيو جو هن اخبار ۾ هفتو سوا اڳ ڪنهن سومري نوجوان هڪ سهڻو خط لکي سنڌ جي اديبن کي دردمنديءَ وچان گذارش ڪئي هئي تہ ڪالمن ۾ علامتن کي ڇڏي سڌو سنئون اسان کي ٻڌايو تہ سنڌ جي بچاءَ لاءِ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي. مون کي ان نوجوان جي جذبن ڏاڍو متاثر ڪيو پر منهنجو جواب اهو ئي آهي جيڪو نيلو ميگهہ ڪري ڏيکاريو. ڪڻ ڪلو تہ ٽيئي پلو. اندرا شبنم وانگر حقن لاءِ ايلاز ڪرڻ وارا سڄي زندگي روئندا رهندا، ورندو ڪجهہ بہ ڪو نہ.

اسان جي آڏو ڪئي تازا مثال موجود آهن. بنگالين کان وٺي ڪشميرين، فلسطينين، عراقين، ويٽنامين، آسامين ۽ برمين جي جدوجهد اڄان پراڻي ڪو نہ ٿي آهي. پيو ڪجهہ نہ ڪيو. رڳو پنهنجي تڪ جي چونڊيل ميمبرن کان پڇاڻو تہ ڪري ڏسو. سنڌ جي مسئلن تي سنڌن بہ اڪيائيءَ جو ڪانئن جواب تہ طلب ڪري ڏسو. سنڌن اوطاقن جو گهيراءُ ڪري ڪانئن پاڻي، نالي، نوڪرين، ٻوليءَ ۽ ٻين اهنجن بابت حساب ڪتاب تہ وٺو. ڪين احساس تہ ڏياريو تہ هو ڪنهن ڏانهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوابدار بہ آهن. ڪين اها بہ خبر پوڻ گهرجي تہ جيڪڏهن هو سنڌ ۾ سنڌي ماڻهن جي حقن جو سودو ڪندا تہ پيهر پنهنجي تڪ ۾ ويجهڻ ڏکيو ٿي پوندن. نعريبازي ۾ روڊن رستن تي جلوس ڪيڍي پوليس جي مار موچڙي کائڻ کان ڇا اهو وڌيڪ چڱو ناهي تہ ضمير فروش وڏيرن کي کائڻ وڏي طاقت يعني عوام جي غضب کان واقف ڪري ڇڏجي. اسان تہ صرف ڪاغذ ڪارا ڪري ڇاڻون. سنڌ جي قسمت وري بہ سنڌ جو نوجوان ئي بدليندو اها مون کي پڪ آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلبل بيقرار جا موتمار مشورا

مون کي شاعر جذبات حضرت بلبل بيقرار جي هميشہ سچ چوڻ واري عادت بنهہ ڪو نہ وڻي. ماڻهو سچ پلي ڳالهائي، پر سوچي سمجهي. ڪنهن کي تڪليف نہ پهچي. ڪنهن جو نقصان نہ ٿئي ڪنهن کي ڦڪائي نہ ٿئي. هاڻي مان وينو پنهنجي لئہ رڪان ۽ بلبل بيقرار اتي جو اتي وينو ترديد ڪري ها تہ ٿي سنئين سڌي ڪنهن جي پتڪي لاهٽي. اهڙي سچار کي بندوق نہ هٽي ڪڍجي؟

ٿيو هينءَ جو مداحن جي ٽولي وچ ۾ ويٺي مون پنهنجي سرسي ڏيکاري دانشورن جي ڪچهري ڪنهن پڌي هوندي تہ ڪيس خبر هوندي تہ گفتگو تي صرف ۽ صرف دانشور جو ئي حق هوندو آهي. سچو دانشور ڪا بہ ڳالهہ سنئين سڌي نہ ڪندو آهي. معاملي کي ايترو تہ الجهائي، مشڪل بنائي ڏکين لفظن جا مهتا چاڙهي ۽ گهمائي ڦيرائي بيان ڪندو آهي، جو ٻڌندڙن جي دماغ مان نڪاءَ نڪري ويندا آهن ۽ سندن ميچالو پگهرجي ڪنن مان وهڻ شروع ڪري ڏيندو آهي ۽ هو سڪتي جي عالم ۾ تارا ڦاڙي، هوش حواس وڃائي، صرف دانشور کي گهوريندا رهندا آهن. ارد گرد جي ڪا بہ خبر نہ رهندي اٿن. اهڙن موقعن تي ڪيترن معتقدن جا ڪيسا پڻ ڪپجي ويندا آهن. پر چاڻ گهر پڇڻ کان پوءِ پوندي اٿن. ڪي معتقد تہ خود بي خياليءَ جي عالم ۾ اهڙي غلطي سرزد ڪري ويهندا آهن ۽ پرائي ڪيسي کي پنهنجو ڪيسو سمجهي ويهندا آهن. ڪين بہ خبر تڏهن پوندي آهي، جڏهن ڪنهن سپر اسٽور تان خريداري ڪري، بل ڏيڻ لاءِ پٽون کوليندا آهن، يا ڪنهن پلي هوٽل ۾ مهانگي لنچ کائڻ کان پوءِ نوٽ ڳڻيندا آهن.

بهرحال، ان ڏهاڙي مون پنهنجي مداحن کي علم ۽ ادب تي پنهنجي پُر مغز راءِ ڏيڻ کان پوءِ اديب جي انا ۽ بي خوديءَ متعلق علم ۽ فضيلت جا دريا پٽي وهايا.

هڪ مداح پڇيو: سائين، توهان جو فون ڪنجي ويو آهي، بحال ڇو نٿا ڪرايو؟

چيمر: بل ڏيڻ لاءِ مون کي بينڪ وڃڻو پوندو. ڇا توهان اهو برداشت ڪندا تہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توهان جو ڪو دانشور بينڪ جي قطار ۾ بيهي؟ يقينن نہ.

ٻئي چيو: اوهان جي بجلي بہ ڪٽجي وئي آهي.

چيمر: ساڳيو سبب آهي پيارا.

ٽئين چيو: توهان ڪي مهيني ڪان ساڳيا ڪپڙا پيا آهن. بدلايو ڇو نٿا؟

چيمر: ڌوٻيءَ وٽ پيا آهن. ڌوٻيءَ ڏي هلي وڃڻ سنڌي سچاڻ جو شان ناهي. ڌوٻيءَ کي مون وٽ هلي اچڻ کپي.

اتي بلبلي بيقرار خواهہ مخواهہ وچ ۾ ڳالهايو. چيائين: "ڌوٻي تہ توهان ڏانهن پنڌ ڪري ڪري اڌ مئو ٿي پيو آهي."

چيومانس: وچ ۾ نہ ڳالهاءِ بيقرار."

چيائين: ان ۾ ڌوٻيءَ جو ڪهڙو ڏوهہ؟

چيمر: بلبل، سياڻو ٿيءُ.

چيائين: هن غريب کي بہ پئسا ملندا تہ ڪپڙا ڏيندو نہ؟

چيمر: مشڪري نہ ڪر، شاعر جذبات.

چيائين: بجليءَ وارن ڪي فون ڇو نہ ڪئي؟ مون کي ڏي پئسا، مان ٿو بل ڀري اچان.

مداحن کي چيمر: هن تي ياڳلپٽي جا دورا پوندا آهن. مست تي ميار ئي ڪانهي. ٿوري ٻاهران تازي هوا کائي ايندو تہ ٺيڪ ٿي ويندو.

بلبل ويچاري گهڻي مزاحمت ڪئي، پر منهنجي مداحن کيس تازي هوا کائڻ لاءِ ڌڪا ڏئي ڪڍي ڇڏيو.

پڇيائون: رٽائرمينٽ کان پوءِ توهان جا ڇا ارادا آهن؟

چيمر: هڪ قيد هو سرڪاري نوڪري، جڙ زنجير لهي پيا. پاڻ کي ڏاڍو آزاد ٿو محسوس ڪيان. هلڪو ڦلڪو بي فڪر.

چيائون: توهان جهڙو ذهين ماڻهو گهر ۾ ويهي رهي، اها بہ چڱي ڳالهہ تہ نہ ٿي.

چيمر: نہ منهنجي قوم کي منهنجي ضرورت آهي. چند سڪن لاءِ هاڻي ضمير جو سودو ڪو نہ ڪندس. هو منهنجي جواب تي جهومي اٿيا.

چيائون: اها خدمت توهان ڪنهن اداري مان ويهي بہ ڪري سگهو ٿا.

چيمر: ڪجهہ وٺڻ لاءِ ڪجهہ ڏيڻو پوندو آهي. مان اهڙو سودو نٿو ڪرڻ چاهيان، جنهن ۾ منهنجا ماڻهو خساري ۾ وڃن.

هو ڏاڍا گد گد ٿيا.

چيائون: پوءِ بہ توهان جو تہ هڪ هڪ لمحو قيمتي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيمر: اهو قوم جي امانت آهي. امانت ۾ خيانت منهنجو وڙ ناهي. توهان کي حيرت ٿيندي ته جنهن ڏينهن مون رٽائر ڪيو ان ئي ڏينهن پرائيم منسٽر سيڪريٽريٽ مان مون کي فون آيو ته جي تون چاهين ته توکي ڀڻ سالن جي لاءِ وڌيڪ نوڪريءَ ۾ رکڻ لاءِ تيار آهيون.

پڇيائون: پوءِ توهان ڇا چيو؟

چيمر: مون ترين ئي ٻه هنيون مان، صاف جواب ڏنم. لالچون ڏنائون، ايلاز ڪيائون. سفارشون ڪرايائون پر مون انڪار ڪري ڇڏيو.

هو ڏاڍا متاثر ٿيا.

چيمر: ان کان پوءِ گورنر صاحب جو ماڻهو آيو. چيائين، جنرل صاحب ٿو چوي ته توهان کي صلاحڪار ٿو ڪيان، صرف پنهنجي رضامندي ڏيکاريو.

پڇيائون: پوءِ توهان ڇا چيو؟

چيمر: ساڳيو ئي جواب، نه ڪيي.

چيائون: پوءِ ڇا ٿيو؟

چيمر: پوءِ گورنر صاحب پاڻ فون ڪئي. چيائين، جي صلاحڪاري نه ڪپئي ته ڪا ئي ڳالهه ناهي چوين ته ڪٿي سفير ڪري موڪليونءِ. اهو به نٿو وٽئي ته ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ وائيس چانسلر مقرر ڪيانءِ، ڪنهن بورڊ جو چيئرمين، ڪنهن ڪميٽيءَ تي خصوصي ميمبر؟ چيمر قبله مون کي معافي ڏيو. ظاهر آهي ته توهان مون کي سرڪاري حيثيت ڏئي. مون کان ڪو نه ڪو بيان حڪومت جي ساراهه ۾ ڏياريندئو. اهو ضمير جو سودو مون کي منظور ناهي. مان وڪامڻ جي شيءِ ناهيان. مون کي سرڪاري هٿڪڙيون نه، قلم گهرجي. مان قلم وسيلي پنهنجي ڏتڙيل عوام جي خدمت ڪرڻ ٿو چاهيان. اهو عوام جيڪو بک ۽ بيروزگاريءَ سبب پريشان آهي، جن جي گهر ۾ ٻه ويلا ماني به ميسر ناهي. جن جا نوجوان روزگار لاءِ پريشان آهن. اوهان مون کي ته سينگاريل آفيس، ڪار ۽ پگهار ڏئي سکيو رکڻ گهرو ٿا. پر منهنجي مسڪين ماروئڙن جو ڇا ٿيندو؟ مان انهن سان ويساهه گهاتيءَ جو سوچي به نٿو سگهان.

هنن جي اکين ۾ پاڻي پرجي آيو.

چيائون: ڪاش! سنڌ جا سمورا دانشور اوهان جيان سوچن.

چيمر: اهو ئي ته فرق آهي پيارا. اسان جا دانشور ته صرف سڌ جي انتظار ۾ هوندا آهن. جتيون گسائيندا وتندا آهن سياستدانن جي در تي ته خدا جي واسطي اسان کي ڪو مرتبو ڏيو جيڪو چوندا، سو ڪنداسين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائون: صدق صدق! اهڙي ثابت قدمي اسان ڪٿي ڪو نہ ڏٺي.

ايتري ۾ شاعر جذبات حضرت بلبل بيقرار پيهر محفل ۾ ڪاهي آيو. هٿ ۾ هڪ خط هوس. هوا ۾ لهرائيندو اچي وچ مجلس ۾ ويٺو.

چيمر: تون وري موٽي آئين؟

چيائين: هيءُ خط ڏيڻ آيو آهيان.

چيمر: دماغ تازو ٿيئي؟

چيائين: ڪجهہ وڌيڪ تازو ٿي ويو آهي.

پڇيمر: ڪين؟؟

چيائين: هيءُ خط پڙهہ. پڇيمر: ڪٿان آيو آهي اهو خط؟

چيائين: گورنر هائوس مان.

گورنر هائوس جو ٻڌي، سيني جا ڪن ڪڙا ٿي ويا. هر ڪو سري پري اچي بلبل بيقرار جي ويجهو ويٺو.

چيمر: مون کي خبر آهي. وري پيهر ايلاز ڪيا هونداٿين. هنن يارن کي اجهو هينئرئي ٻڌائي ويٺو آهيان تہ تن مهينن کان گورنر ڪِڏ پئجي ويو آهي. جان ٿي نٿو ڇڏي، هر روز ڪو نہ ڪو نئون آفر ڏيو بيٺو آهي. هاڻي وري ڇا لکيو اٿس؟

بلبل چيو: هاڻي تہ ڪجهہ بيو لکيو اٿس.

مان وسامي ويس. چيمر: بيو ڇا لکيو اٿائين؟

چيائين: پاڻ پڙهي ڏس.

منهنجا مداح، جي منهنجي جذباتي تقرير ٻڌي هاڻي ڳوڙها ڳاڙي رهيا هئا، تن بوڇڻ سان اکيون اگهيون ۽ بلند آواز سان چيائون: تون ئي ڪٿي ٻڌاءِ

بلبل شعر ٻڌائڻ واري انداز ۾ پهريون کنگهڪر ڪري گلو صاف ڪيو ۽ پوءِ

چيائين: هيءُ خط گورنر جي سيڪريٽري صاحب لکيو آهي.

حاضرين جي چهري تي واکاڻ پري مرڪ ڦهلجي وئي.

بلبل چيو: سيڪريٽري صاحب لکيو آهي تہ هيءُ خط توهان جي ان درخواست جي جواب ۾ لکي رهيا آهيون، جيڪا اوهان گورنر صاحب کي نوڪريءَ لاءِ ڏني آهي ۽ ان سلسلي ۾ صاحب وڏي سان ملاقات ڪرڻ لاءِ هن آفيس جا اٺ چڪر ڪاٽيا آهن.

ٻڌندڙن جي منهن جو پنو لهڻ لڳو.

بلبل سلسلو جاري رکندي چيو: اوهان گذارش ڪئي آهي تہ اوهان کي ڪا مناسب نوڪري ڏئي فاقن کان بچايو وڃي. اوهان پنهنجي علمي ۽ ادبي خدمتن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو حوالو ڏيندي پنهنجي تصنيفن جو بنڊل ۽ سرٽيفڪيٽن جو ٿهو پڻ آفيس ۾ ڇڏي ويا آهيو.

منهنجا مداح پاڻ ۾ سس پس ڪرڻ لڳا.

بلبل چيو: اوهان پنهنجي سفارش ڪرائڻ لاءِ ڏِنَن کن معتبرن کان پڻ فون ڪرايا آهن، جيڪا نامناسب حرڪت سختيءَ سان نوٽ ڪئي وئي آهي.

مون رڙ ڪندي چيو: اهو ڪوڙ آهي، منهنجي خلاف سازش آهي.

بلبل ڪن لاتار ڪري چوندو ويو جيئن ته گورنر صاحب هڪ بي حد مشغول ماڻهو آهي ۽ ان قسم جون گذارشون روبرو ٻڌي نٿو سگهي ان ڪري هن خط ذريعي اوهان کي اطلاع ٿو ڏجي ته في الحال اسان اوهان جي ڪا به مدد نٿا ڪري سگهون. اوهان مهرباني ڪري پنهنجا ڪتاب ۽ سرٽيفڪيٽ ڪنهن ٻي وقت اچي آفيس مان واپس وٺي سگهو ٿا. بهرحال، اوهان جا پيش ڪيل اجرڪ، ٽوپي، ڪيس ۽ سوسيءَ جا تحفا گورنر صاحب شڪريه سان قبول فرمايا آهن.

بلبل بيقرار ڪي خدا جي مار پويءِ اهو خط سيني ويٺلن کي کولي ڏيکاري پڪ ڪرايائين ۽ پوءِ منهنجي قدمن ۾ رکندي چيائين جيڪڏهن اوهان جي انا جو مسئلو آهي، ته پوءِ مون کي اجازت ڏيو ته مان ئي ڪٽي اوهان جو سامان سيڪريٽري صاحب وٽان موٽائي اچان.

منهنجو ته اندر ئي سڙي ويو خارن مان ڏڪندي چيو مانس: ٽڪي جا شاعرڙا آخر ڏيکارئي نه پنهنجي اوقات!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڪن جي واپسي

زال کي چيم: ڪاش! مان سومرو هجان ها.
هوءَ مون کي حيرت وچان ڏسڻ لڳي.
چيم: ۽ شڪارپور ۾ پئدا ٿيان ها.
هوءَ وڌيڪ حيران ٿي وئي.
چيم: ۽ ڪنهن بينڪ جو پريزيڊنٽ هجان ها.
هن ڪان وڌيڪ رهيو نہ ٿيو چيائين: چڱو ٿيو جو تون سومرو ناهين.
هاڻي مان ڪيس حيرت وچان ڏسڻ لڳس.
چيائين: ۽ اهو بہ چڱو ٿيو جو تون شڪارپور جي پئداوار ناهين.
مان وڌيڪ حيران ٿي ويس.
چيائين: ۽ سڀ ڪان وڌيڪ سٺو اهو ٿيو جو تون ڪنهن بئنڪ جو پريزيڊنٽ ناهين.
پڇيم: ڇو؟
چيائين: ان لاءِ جو جيڪڏهن تون اهو سڀ ڪجهہ هجين ها تہ لکن ماڻهن جون آهون توکي ۽ اسان سيني گهرياتين کي ڪائي وجن ها.
مان منهن لٽڪائي ويهي رهيس.
ٿوري دير ڪان پوءِ پڇيائين: آخر توکي اهو خيال ڪيئن آيو؟
چيم: اهو خيال ملڪ جي هر پڙهيل لکيل ماڻهوءَ جي ذهن کي جنجهوڙي رهيو آهي، متيري جي ماءُ، ڏس، مان وڏيءَ محنت ۽ ماڻتن جي قربانين ڪان پوءِ پڙهيس. ڪيڏڻ ڪڏڻ وارن ڏينهن ۾ نوڪري ڪيم. وڏي جدوجهد ۽ ڪوشش ڪان پوءِ وچي مچي مانيءَ وارو ٿيس. ٿيهن پنجٽيهن سالن جي وٺ پڇان ڪان پوءِ اڄ بہ منهنجي پگهار ايتري ناهي جو گهر جو خرچ ڪلئي هٿ سان هلائي سگهجي. ايترن سالن ۾ صرف هڪ پروموشن مليو اٿم ٻئي جي اميد ناهي. رٽائر ٿيڻ ڪان پوءِ ڇا ڪندس، اها خبر ڪانهيم. تنهنجو ۽ ٻارن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻچن جو ڇا ٿيندو. ان ڳڻتيءَ ڳاري وڌو اٿم ۽ هوڏانهن هڪ بينڪ جو پريزيڊنٽ نه مون جيترو پڙهيو آهي، نه اوترو ڪڙهيو آهي، نه مون جيتري جاکوڙ ڪئي اٿائين، نه سياڻي جي چنتا اٿس. چون ٿا ته هڪ مهيني جي پگهار چوڏنهن لک تو کٽي. بيون شاهاڻيون سهولتون تنهن کانسواءِ. اهو به چون ٿا ته پنجن سالن جي پگهار ايڊوانس ۾ ورتي اٿائين ۽ پنهنجي اصلي بينڪ کان پگهار الڳ تو وٺي.

زال چيو: هو سون جو چمچو وات ۾ جهلي ڄائو هو. تو کي وات ۾ ڇا هو؟

چيم: مان ذهن ۾ خواب کڻي ڄائو هوس.

چيائين: خوابن جا مسافر رڻ ۾ رُلي ويندا آهن.

چيم: هڪڙي رات ساڏ جي به هوندي آهي.

چيائين: ان ئي رات چنڊ گرهڻ ٿيندي آهي.

مان ماٺ ٿي ويس، جواب هجي ته ڏيان.

ايتري ۾ شاعر جذبات، حضرت بلبل بيقرار به اچي وارد ٿيو. ڪجهه منجهيل ۽ پريشان پئي ڏٺو.

چيم: بلبل بيقرار، اڄ ماٺ آهين؟

چيائين: ماٺ وٺي وئي اٿم.

چيم: شاعريءَ ۾ ماٺ جو ته چولي دامن جو ساٿ آهي.

چيائين: ڪنهن جي چوليءَ جي تو ڳالهه ڪرين؟

ڳالهه بدلائيندي چيم: گهر ۾ ته خير آهي نه؟

چيائين: خير وري ڪهڙو هوندو؟ ڪهرام متو پيو آهي. تو سکن وارو چرچو ته ٻڌو هوندو؟

پڇيم ڪهڙو؟

چيائين: اهو ئي جنهن ۾ هڪ سک پنهنجي ڪنهن دوست کي ٽرين تي چاڙهڻ ويو هو ۽ آخر ۾ پاڻ ريل ۾ هليو ويو ۽ وڃڻ وارو رهجي ويو.

چيم: ها، اهو ته پراڻو لطيفو آهي.

چيائين: لطيفو برابر پراڻو آهي، پر سک ساڳيا ئي موجود آهن.

پڇيم: سو ڪيئن؟

چيائين: هڪڙو پاڻيٺو گولڊن شيڪ هينڊ جي آس ڪنيو وينو هو. ڪڏي ٻئي کي چڏيائون.

چيم: بينڪ جي تو ڳالهه ڪرين؟ اسان پاڻ ٿوري دير اڳ اهو ئي ذڪر ڪري رهيا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿاسين.

چيائين: هزارين ماڻهن کي اوچتو ئي اوچتو بيروزگار ڪري هڪ ماڻهوءَ کي خوشحال ڪرڻ ڪٿان جي چڱمڙسي آهي؟

چيمر: آهي، تڏهن ته ايئن ڪيو اٿن.

چيائين: هر هڪ گهر ۾ ماتم آهي، جيڪڏهن بينڪ نقصان ۾ پئي وئي ته ان کي ٺيڪ ڪرڻ جا ٻيا به ڪئي طريقا هئا. ملڪ ۾ بيروزگاري اڳ ئي جام. مٿان وري هزارين روزگار سان لڳل ماڻهو هڪ ئي ڌڪ ۾ ٻاهر. ماڻهن جون ته مٿيون ئي منجهي ويون آهن. هوڏانهن نئين صاحب جي پگهار ۽ ٺوٺرن جا خرچ وڃي ڪروڙن کي پهتا آهن. مٿان وري رکيا اٿائين ڳرين پگهارن تي صلاحڪار. چون ٿا ته فائيو اسٽار هوٽلن ۾ ٿا رهن ۽ رڳو سندن حفاظت واري عملي تي ئي ماهوار چار پنج لک رپيا ٿا خرچ اچن.

چيمر: ڪجهه وڏاءُ به هوندو.

چيائين: هوندو. پر اپ اڪئين پيو ڏيکارجي. هٽ ڪنگڻ کي آرسي ڪهڙي؟ ويچارا جيڪي گهٽين ۾ رُلي ويا، تن کي هن عمر ۾ ٻيو ڪهڙو ڌنڌو ملندو؟ انهن جا به گهر هوندا، انهن جا به ٻچا هوندا. انهن کي به صحت جو تعليم جو سٺي زندگيءَ گهارڻ جو حق آهي اهي به انسان آهن پاڪستاني آهن.

چيمر: اسان جو ملڪ برهمڻن جي سماج ۾ تبديل ٿيندو پيو وڃي. بلبل ڪي انسان ٻين کان وڌيڪ انسان هوندا آهن.

چيائين: پر اسان ته برابريءَ وارو پاڪستان گهريو هو. ذاتين پاتين، اوچ نيچ وارو سماج ته اسان وٽ اڳ به هو. غلامي ڪرڻي ئي هئي ته پوءِ انگريز جي غلامي ڪهڙيءَ ڳالهه ۾ گهٽ هئي؟

چيمر: انگريز ڌاريو هو. سوٽ بوٽ پائيندو هو.

چيائين: پنهنجن جا پرڪار به ڏسين ويٺو. هزارن کي نڙيءَ تي ننهن ڏئي، پنهنجو پاڙو ويڪرو ڪرڻ نه مسلماني آهي ۽ نه وري انسانيت.

زال مون واريءَ ماٺ ميٽ ۾ سموري گفتگو ويئي ٻڌي، ڪانئس رهيو نه ٿيو. چيائين: توهان ٿورو اڳ سِکن جي پٺي ڳالهه ڪئي.

چيمر: هائو. چرچو پئي ٻڌايو سين.

چيائين: سِک موٽي آيا آهن. شروعات ٻئنڪن کان ڪئي اٿن!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ٽيڻ جو فارمولو

سنڌي بہ ڏاڍي عجيب قوم آهن. سنڌ سان ايترو پيار اٿن جو ملڪ ڇڏي ٻاهر وڃڻ جو مهڙو سهڻ لاءِ تيار ئي ناهن. ٿورا گهڻا جيڪي وڏي همت ڪري ٻاهر نڪتا آهن، سي بہ جڏهن عيد براد تي ڳوٺ ايندا آهن، تڏهن ويڙن کان بچڻ لاءِ وتندا آهن لوٽا هٽندا ۽ مُنهن لڪائيندا. يار دوست تہ وينا ئي ان ڪم تي هوندا آهن. ٽوٽو هٽندي دير ئي نہ ڪندا. چوندا: "اڙي يارو جي هرويرو اهڙا ڪتا هئؤ تہ ڪٽي لسيءَ لپ ۽ جوئر جو ڍوڍو اسان کان پنو ها. ست سمنڊ پار ڪري وڃي پراون جو ٻيلهپو ڪرڻ کان تہ بچي پئو ها!"

ٻيا چوندا، "پلي ٻک پرم جي، شال نہ وڃي شانُ."

ٽيان وري لطيف جي بيت ۾ پناهہ وٺندا، "حيف تنين کي هوءِ، وطن جن وساريو."

دنيا جي ٻي ڪا اهڙي قوم ڏسيو جنهن جو پنهنجي وطن سان پيار سنڌين کان سوايو هجي. اسان وٽ تہ هر شيءِ سنڌي ۽ غير سنڌي جي ساهميءَ ۾ توري ويندي آهي. سنڌي پالڪ، سنڌي گجر، سنڌي تيل، سنڌي لوڻ، سنڌي مهينو سنڌي تاريخ. سنڌي چنڊ تہ عام آهن، هاڻي تہ ٻيون بہ گهڻيون ئي شيون سنڌي ٿي پيون آهن. سنڌي برياني، سنڌي هوٽل، سنڌي چانهہ ۽ سنڌي چُلها بہ پيدا ٿي پيا آهن.

ايمپريس مارڪيٽ ۾ هڪڙو دڪان جانورن ۽ پکين جو بہ آهي. مالڪ ڏاڍو چلتو پرزو آهي. چيائين، "سائين، هي ڳاڙيءَ وارو طوطو وٺو بنگالي طوطو آهي."

پڇيم: "هن ۾ ڪهڙي خوبي آهي؟"

چيائين: "سڄو ڏينهن ڳالهائيندو آهي."

چيم: "نہ بابا، مون کي نہ کپي اهڙو گوڙيلو طوطو مان اڳ ئي پرٽيل آهيان."

چيائين: "تہ پوءِ هيءَ سنڌي طوطو وٺو."

پڇيم: "هن جي ڪهڙي خوبي آهي؟"

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين: ”صرف ٻڌندو آهي. چوندو ڪجهه به ناهي.“

عيد تي ٻڪر وٺڻ وياسين.

چيائون: ”ٻڪر مهانگا آهن. سنڌي رڍ وٺو.“

چيم: ”رڍ وري سنڌي ڪڏهن کان ٿي؟“

چيائون:” رڍ ڄائي ڄمر کان سنڌي ٿيندي آهي.“

چيم: ”هن جي ڪهڙي خوبي آهي؟“

چيائون: ”ڪسڻ وقت نه ڦٿڪندي آهي نه ٻيڪاٽ ڪندي آهي.“

پڇيم: ”۽ ٻلا سنڌي ٻڪر؟“

چيائون: ”سنڌي ٻڪر جي ڪهڙي ڳالهه ڪيو سائين، اکيون پوري پاڻ ٿي وڃي اڏيءَ تي سمهي پوندو آهي. ڪاسائيءَ اچڻ ۾ دير ڪئي ته گهران سڏي به پاڻ ايندو اٿس.“

سنڌين جون ايڏيون خوبيون ٻڌي ڪهڙي قوم پرست سنڌيءَ جي ڇاتي ٻيڻي نه ٿيندي؟ خوشي ته مون کي تڏهن ٿي، جڏهن لنڊن جي آڪسفورڊ اسٽريٽ تي هڪڙي گوري کي اجرڪ ۽ ٽوپي پائي، ٻانهن لوڏي هلندو ڏٺم. منهنجو ته وات ئي ڦاٽي ويو. چيائين، ”تون ٻڪ سنڌي آهين.“

پڇيم، ”ڪيئن سڃاتئي؟“

چيائين: ”واڇ گودو هٽي وئي اٿئي.“

چيومانس: ”تون ڪير آهين؟“

چيائين: ”ڏسين نٿو مان به سنڌي آهيان.“

چيم: ”سو وري ڪيئن؟“

چيائين: ”ڪنهن دوست هي اجرڪ ۽ ٽوپي پارائي اٿم.“

چيم: ”اجرڪ ۽ ٽوپيءَ سان ماڻهو سنڌي ٿي ويندو آهي ڇا؟“

چيائين: ”اسان ته ائين ئي ڏٺو ۽ ٻڌو آهي.“

نيويارڪ ۾ هڪ پورچوگيز گڏيم.

پڇيائين: ”ڪير مڙس آهين؟“

چيم: ”سنڌي آهيان.“

حيران ٿي ويو چيائين، ”ڪمال آهي. مان به سنڌي آهيان.“

پڇيم: ”سو وري ڪيئن؟“

چيائين: ”هڪ پيري سري لنڪا ويندي، جهاز ۾ سنڌ مٿان اڏاميو هوس.“

نوڪريءَ جي زماني ۾ سول سرونٽس جي لسٽ مان سنڌ جي ڪوٽا تي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڇيل ڪامورن جا نالا ڪڍي سنڌن معلومات حاصل ڪيم. ٽيھ سيڪڙي جي ابي ڏاڏي سنڌ ڪو نہ ڏني ھئي. ويھ سيڪڙي پاڻ سنڌ ڪو نہ ڏني ھئي. پنجاھ سيڪڙي سنڌ تہ ڏني ھئي، پر نہ ڪين سنڌي ٻولي تي آئي ۽ نہ وري ڪين ڪا پرواھ ٿي ھئي. اڪثر ماڻھن ڊوميسائيل خريد ڪيا ھئا ۽ باقي ٻچيلن ڪي پھريون ڊوميسائيل، شناختي ڪارڊ ۽ پاسپورٽ ھندستان موڪليا ويا ھئا ۽ پوءِ ڪين پاڪستان ۾ گھرايو ويو ھو.

سنڌ جي ڪوٽا تي مقرر ڪيل ڇھن ايمبيسڊرن منجھان پنج ڏاريا ھئا ۽ ڇھون پاڻ ڪي سنڌي سڏائيندي پئي چرڪيو. آھستي چيائين، "زورآور ماڻھن جي سامھون سنڌيءَ ۾ تہ نہ ڳالھاءِ"

چيم: "ڊڄين ٿو؟"

چيائين: "وچ ڪڍندي آھي ڪير آھر اسان وٽ نہ ٽوٽي نہ ٽنيو."

چيم: "پر نقلي سنڌي تہ اسان ڪان بہ ھٿ مٿي ٿا اڏامن."

چيائين: "جڏھن ڪانگ اڏندا تڏھن ڏسنداسين."

ڳالھہ دل سان لڳي، چپ ٿي ويس پر لنڊن مان الطاف حسين جون تقريرون ۽ تازو ڄام شوري مان صدر صاحب جو خطاب ٻڌي ٻيھر وسوسي ۾ پئجي ويو آھيان. ٻنھي جو چوڻ آھي تہ اسان سنڌي آھيون. سنڌ جا خيرخواھ آھيون. سنڌ جي حقن خاطر جان ڏئي ڇڏينداسين پر سنڌ تي ڏکيو ڏينھن اچڻ نہ ڏينداسين.

سنڌي ٿيڻ ڪو ايڏو سولو ڪم آھي، اھو تہ مون ڪڏھن سوچيو بہ ڪو نہ ھو. بہ ٽي ٻچل ٽنل لفظ شاھہ سائينءَ جي بيت جي اڌوگابري رنيل سِٽ، ٽوپي ۽ اجرڪ ـ بس سنڌي جڙي راس ٿي ويو. ايترو جلد تہ پار مٽيءَ جو گڏو بہ نہ ٺاھي سگھندا آھن. ايترو تڪڙو تہ ڪڪڙ آنو بہ نہ ڏيندي آھي. ايتري عرصي ۾ تہ گلر اڪ بہ نہ پٽيندا آھن. سنڌي تہ ڌرتيءَ جي ڌوڙ مان اٿندا آھن. لطيف جي وائيءَ ۾ جھلڪندا آھن. سنڌوءَ جي ڇولين ۾ ڇلندا آھن. ڪينجھر جي ھوائن ۾ گھلندا آھن. نھائينءَ ڪان نينھن سکندا آھن. مُنھن ۾ ڏڪڙا سھندا آھن. سوريءَ ڪي سينگار پائيندا آھن. سنڌن رڳ رڳ ۾ روڳ، نس نس ۾ نينھن ۽ ساھہ پساھہ سڏڪو ھوندو آھي. ڪڙي ۽ قاتل جا ھيراڪ ھوندا آھن، پتنگن جيان پڇڻ جا پھہ ڪندا آھن ۽ سون تي سيڻ نہ مٽائيندا آھن. ھنن جو جيئڻ مرڻ، اٿڻ ويھڻ، سوچڻ سمجھڻ سڀ سنڌ لاءِ ھوندو آھي. ڊوميسائيل جو پرزو نوڪري تہ ڏياري سگھي ٿو عزت ۽ غيرت ۽ پيار ۽ پنھنجائپ ۽ ٽاٽ ۽ تنوار ڏئي نہ سگھندو. سنڌڙيءَ تان سر گھورڻ جو جذبو ڪٿان ڏيندو؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حميد سنڌي ۽ مدد سنڌي ۽ حيدر سنڌي ۽ زيب سنڌي ۽ يوسف سنڌي راتو رات تہ نہ جڙيا آهن. هنن هن جنم ۾ هُن جنم ۾ وطن سان وچن نباهيو آهي. هن مٽيءَ کي چاهيو آهي، پوڄيو آهي، پرپايو آهي. ماءُ جي هر زخم تي خون جا ڦوڙها ڳاڙيا آهن ۽ جيجل جي هر دانهن تي جهري جهري پيا آهن. سنڌڙيءَ جي هر سڏڪي سندن روح رهڙي وڌو آهي ۽ ويريءَ جي هر وار سندن سک چين ڦٽائي ڇڏيو آهي. سنڌي ايئن ئي جڙندا آهن. عشق سان، پيار سان، جُنون سان، راهہ تان لانگهائو يا وڻ جي ڇانوَ ۾ ساهي پٽيندڙ مسافر سنڌي تي نہ سگهندا آهن ۽ ها، هر سنڌي ماءُ جي ڪک مان بہ ضروري ناهي تہ ڄمندڙ ٻار سنڌي ئي هجي. ڦوڳ ڪان ڇنيسر ۽ کهڙي کان جتوئيءَ تائين اوهان کي سوين مثال ملندا. ها، اها ماءُ ڀلي مرڪي جنهن دودا، جوڌا، هوشو ۽ هيمون ڄڻيا ۽ اها ڌرتي ڀل مهڪي جنهن ۾ اهي سنڌ جا سودائي دفن آهن.

ڪوڙو ڪاڳر هٽ ۾ جهلي سنڌي سڏائڻ ۽ ڌرتيءَ جي دامن تي سر جهڪائي سجدو ڪرڻ ۾ وڏو فرق آهي. اهو سَنڌو سڌڙيا سڃاڻي نہ سگهندا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوما ديويءَ جي خودڪشي

نوابشاهہ پيپلز ميڊيڪل ڪاليج جي شاگرديائي اوما ديويءَ خودڪشي ڪري ڇڏي، سنڌس جسم سنڌس ئي رئي جي رسيءَ سان، پکي هيٺان لڙڪندو رهيو. سنڌس جيڏيون سرتيون روئنديون رڙنديون، پار ڪڍنديون، پاڪاريندِيون، مدد لاءِ وراڻڊن ۾ ڊوڙنديون رهيون، پر حاڪم پرنسپال کي فرصت نہ هئي جو سنڌن ورلاپ ٻڌي. جڏهن دردمندين جي دانهن سنڌس ڪنن تائين پهتي، تڏهن سنڌس ئي ناهيل احمقاڻا اصول ڪاريهر جيان ڪر کڻي سنڌس سامهون اچي بيٺا. بند دروازو پيچڻ جو اختيار ڪاليج جي قانون مان خارج ڪيل هو. اوما ديويءَ ڪان اڳ پرنسپال جي اندر جو مسيحا مري چڪو هو. ان ڏينهن بہ موت ٿيا. اوما ديوي مري بہ امر رهي، حاڪم پرنسپال زندهہ رهندي بہ گندي گار ٻڌجي ويو. رحمت جي فرشتي پنهنجي پيغمبرائي پيشي تي هميشہ هميشہ لاءِ اڻ مٽ، اڻ وڻندڙ بدنما داغ لڳائي ڇڏيو. آڪڙيل گردن ۾ ٿوري بہ لچڪ اچي ها تہ شايد جوان امنگن، آشائن ۽ اميدن واري معصوم مکڙي، اوما ديوي اڄ بہ پنهنجين سکين وچ ۾ مرڪندي نظر اچي ها.

منهنجي جنم وارو ڪمرو نوابشاهہ پيپلز ميڊيڪل ڪاليج جي بلڪل سامهون آهي. اسپتال روڊ ۽ سڪرنڊ روڊ کي ملائيندڙ مختصر رستو تير جيان منهنجي گهر ۽ ڪاليج کي آمهون سامهون ڪري ٿو. انهن ڏينهن ۾ اهو ڪاليج ليڊي گرهام ميٽرنٽي هوم اينڊ هاسپيٽل جي نالي سان سڏيو ويندو هو. ننڍڙي خوبصورت اسپتال هئي، جنهن جو انچارج سول سرجن ڊاڪٽر وليرام هوندو هو. مون کي پهرين سئي بہ ڊاڪٽر وليرام هنئي هئي. سُئيءَ سبب انفيڪشن ٿي پئي هئم تہ معافي وٺڻ لاءِ ڊاڪٽر صاحب پاڻ اسان جي گهر هلي آيو هو ۽ پوءِ تيستائين ايندو رهيو جيستائين زخم بلڪل نيڪ ٿي نہ ويو. شايد هو حاڪم نہ هو يا شايد هُن ڪاريهر جهڙا ڪارا اصول نہ پاليا هئا. انهن ڏينهن ۾ ان شهر ۾ هڪ پيو بہ همدرد، هڏ ڏوکي ۽ سياڄهڙو ڊاڪٽر علي محمد نوراني هوندو هو جنهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اولاد مان مشهور وڪيل ۽ اسٽوڊنٽ ليڊر مسعود نوراني ۽ ڊاڪٽر مقصود نوراني اڄ بہ اسان وٽ موجود آهن. ڊاڪٽر نوراني غريبن جو علاج مفت ۾ ڪندو هو ۽ پهريون ٽانگي تي ۽ پوءِ پنهنجيءَ ڪار ۾ ايندي ويندي مسڪين مريضن جي خير عافيت ضرور پڇندو هو. اهي ماٺهو ڇا ويا، ڄڻ ملڪ مان خلوص ۽ سچائيءَ جو جنازو نڪري ويو. مون ڪي پنهنجو اباڻو گهر ڇڏئي اڄ 38 سال ٿي ويا آهن. ڦوهہ جوانيءَ ۾ ڇڏيا هئم جنم ڀوميءَ جا وڻ. پر اڄ ايتري عرصي گذرڻ ۽ هيترين تبديلين اچڻ کان پوءِ بہ ڪالهوڪو نوابشاهہ مون پنهنجي من ۾ جيئن جو تيئن سانڍي رکيو آهي. رستا، چوڪ، بازارون ۽ ڇهرا پل تہ بدلجي چڪا هجن، منهنجي هينئن ۾ جيئن جو تيئن محفوظ آهن.

ننڍڙي رستي جي هڪ طرف جامع مسجد هئي ۽ ٻئي طرف عيدگاهہ عيد گاهہ مان مينهوڳيءَ جي مند ۾ مينهن وسازا ۽ ٽنگر پئسا ميڙيندا هئاسين ۽ وڻن تي چڙهي طوطا ڦاسائيندا هئاسين. رمضان جي مهيني ۾ ٽپهري ٿيندي ئي مسجد جي دڪيءَ تي ٻانگ ٻڌڻ لاءِ پهچي ويندا هئاسين ۽ اذان ٿيندي ئي اطلاع ڏيڻ لاءِ گهرن ڏانهن ڊوڙ پائيندا هئاسين. اسپتال جي مرده خاني ۾ ڌاڙيلن جا لاش پوسٽ مارٽم لاءِ ايندا هئا تہ سڀ کان اڳ اسان ٻار در جهلي ويهي رهندا هئاسين. غلام حسين واڍو جيڪو ان زماني ۾ سڀ کان خطرناڪ ڌاڙيل مشهور ٿيو ۽ جنهن لاءِ چيو ويندو هو تہ اميرن کان ڦري غريبن ۾ ورهائيندو هو ان جو لاش جڏهن اسپتال آندو ويو تڏهن بہ اسان مرده خاني جي چاريءَ سان لڳي ڪيس هڪ نظر ڏسڻ جي ڪوشش ڪندا رهياسين ۽ اها خبر بہ اسان ٻارن سڄي شهر ۾ ڦهلائي ڇڏي تہ ڊاڪٽرن جڏهن سندس جسم چيريو، تڏهن غلام حسين واڍي جي سيني مان بہ دليون نڪتيون.

پرسان ئي ايڇ ايم خوجا جو اسڪول هو. اسڪول سان گڏ هڪ تمام وڏي ۽ سهڻي هاسٽل هئي، جيڪا خوجا صاحب در در چندو ڪري ٺهرائي هئي ۽ جنهن جي جوڙڻ ۾ نواب ڄام جان محمد ڪافي مدد ڪئي هئي، ان ڪري ان جو نالو بہ خوجا صاحب نواب ڄام جان محمد هاسٽل رکي ڇڏيو هو. ان هاسٽل جو خرچ پکو پڻ سکيا ستابا ماڻهو پاڻ پريندا هئا. هاسٽل ڦي نالي ماتر ورتي ويندي هئي، سا بہ مڃي مانيءَ وارن کان. غريب غربن کي کاڌو پيتو ۽ رهائش تہ مفت هئي سا هئي، ڪپڙو لٽو ۽ ڪتاب پڻ Poor Boys Fund مان ملندا هئا. پر ۾ ئي هڪ ننڍڙو بلاڪ زميندار هاسٽل جي نالي سان هو. جنهن ۾ ڪامورن توڙي زميندار جا ٻار رهندا هئا. ڪانئن البتہ ڦي ورتي ويندي هئي. باقي ماني ٽڪيءَ لاءِ هو پنهنجا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بورچي يا نوڪر چاڪر پاڻ رکندا هئا. ان هاسٽل کان ٿورو پرڀرو استادن جا رهائشي ڪوارٽر هوندا هئا. چڙهن لاءِ ڏاڪڻ ۽ ڪتنب وارن لاءِ ڏاڪڻ آخري ڪوارٽر ۾ ماستر امان الله رهندو هو جنهن کي ٻڌن ڪن پار هئا. خوجا صاحب کي امان الله جي صحت توڙي تنگدستيءَ تي ڏاڍو ترس ايندو هو. هڪ دفعي چيائينس، "امان الله هڪ آمدني پوري ساري، مٿان ٻار مٿان ٻار، بيمار ڏاڍ ٿو رهين ڪجهه تہ خيال ڪر، هاڻي ٻار بند ڪر!"

امان الله وراڻيو: "وس آهر مان بہ ڪو نہ ٿو گهٽايان، الله سائين ڏئي ٿو تہ پوءِ ڇا ڪيان؟"

خوجا صاحب چيس، "زال کان ڏاڍ سمهندو ڪر."

امان الله روئڻهارڪو منهن ڪري چيو "سائين، سڄو سال ورانڊي ۾ سمهيس پوءِ بہ جاڙا پٽ ڄاوا اجا ڇا ڪيان؟"

امان الله جي ڪوارٽر سامهون هڪ هٽ جو نلڪو لڳل هو جتي اسپتال ۾ داخل قيدي وهنجڻ توڙي دلا ڀرڻ لاءِ هٿڪڙين ۾ آندا ويندا هئا ۽ اسان کين حيرت مان ڏسندا هئاسين. هڪ قيدي نلڪو گيڙيندو هو ۽ ٻيا ان هيٺان ويهي وهنجندا هئا. کين آٽينڊڙ پوليس وارا پرسان بيهي سگريٽ ڇڪيندا هئا ۽ قيدين کي گار ڏيندي چوندا هئا، "ڪلمو پڙهہ ڪتي جا ڦرا!" ٺيڪ ان نلڪي جي جاءِ تي خوجا صاحب لطيف هال جوڙائڻ جو فيصلو ڪيو. اهو هال خوجا صاحب جي خوابن جي تعبير هو. پر پئسو ڪٿان اچي؟ ان لاءِ هميشہ جيان خوجا صاحب مٿي تان ٽوپلو لاهي ڪشتي جيان جهليو ۽ هڪ هڪ اداري، هڪ هڪ سرنديءَ واري آڏو ڦهلائي ڇڏيو. لطيف هال ٺهڻ ۾ سال لڳي ويا، پر جنهن ڏينهن ان جو افتتاح ٿيو ان ڏينهن هر ڪنهن جا ڏک درد لهي ويا. ان ئي هال جي اسٽيج تان هيٺ ڪري خوجا صاحب جو والد مهر علي خوجا زخمي ٿي پيو ۽ آخرڪار گذاري ويو. افتتاح واريءَ رات لطيف هال جي اسٽيج تي سنڌي ڊرامو پيش ڪيو ويو جنهن ۾ هميشہ جيان مون پڻ حصو ورتو. ڊرامو هلندي اسان جو دوست ۽ ڊرامي جو هيرو ادا عبدالمالڪ شديد بيمار ٿي پيو ۽ ڪجهہ ڏينهن بعد گذاري ويو. سندس ياد ۾ اسان ماهوار "ادا" شايع ڪيو جنهن امر جليل، برده سنڌي، نظر سنڌي، گل محمد چنا، معصوم هالائي ۽ ڊاڪٽر علي احمد آرائين جهڙا اديب متعارف ڪرايا. لطيف هال ۽ ٽيچرس ڪوارٽرس سان لڳو لڳ حامد علي ڪرڪيٽ ڪلب جو تمام سهڻو راند جو ميدان هوندو هو جنهن تي اسان ڪرڪيٽ کيڏندا هئاسين. هن گرائونڊ تي ويسٽ انڊيزجي مشهور ٽري ڊبليوز مان هڪ "ويڪس" پاڪستان جي حنيف

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد، مشتاق محمد، اڪرام الاهيءَ ۽ امر جليل راند ڪيڏي. جليل دراصل شروع ۾ ميدان جي پويلين جي هڪ ڪمري ۾ رهندو هو ۽ پوءِ لطيف هال جي ڪاپي گرين روم ۾ رهڻ لڳو. رات جو ڪيس اسٽيج تان موسيقيءَ ۽ گهنگهرن جا پراسرار آواز پڌڻ ۾ ايندا هئا. اهي ڏينهن ڏاڍا عجيب هوندا هئا. رات جو دير دير تائين اسان ڪئمپس جي گهاٽن وڻن هيٺان ڪلندا، ڳائيندا، هلندا رهندا هئاسين ۽ پوءِ چانڊوڪيءَ ۾ گرائونڊ جي وچ تي ليٽي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڳالهيون ڪندا رهندا هئاسين.

پيٽي صاحب جي حڪومت آئي تہ پيپلز ميڊيڪل ڪاليج ناهڻ جون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون. عبدالوحيد ڪٽپر صاحب وزير صحت هو. سندس نظر خوجا صاحب جي اسڪول تي پئجي وئي. صلاحڪارن کيس صلاح ڏني تہ اسپتال جي پٺ ڀاڱي، لطيف هال، استادن جا ڪوارٽر، زميندار هاسٽل، جام جان محمد هاسٽل ۽ حامد علي ڪرڪيٽ گرائونڊ اسڪول ڪان ڪسي اسپتال سان ملائي، ميڊيڪل ڪاليج جوڙيو وڃي. اها خبر خوجا صاحب ۽ سندس ساٿين تي وڄ جيان ڪري پئي. گهڻو ئي وڙهياسين، اعتراض ٿيا، مزاحمت ڪئي وئي پر ڪٽپر جهڙي مکڻ ماڻهوءَ بہ سرڪاري زبان ۾ چئي ڏنو تہ جيڪڏهن خوشيءَ سان نہ تہ زوريءَ اها ملڪيت ڪسي ويندي. خوجا صاحب جي دل ٽٽي پئي. اسان جا آکيرا تيليون تيليون ٿي اڏامي ويا. ميڊيڪل ڪاليج ٺهي ويو ۽ خوجا صاحب جو خوبصورت اسڪول ڊهي ويو. اهو ڏک کيس حياتيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين ڏنگيندو رهيو.

ان ئي هاسٽل جي ڪنهن ڪمري جي پکي ۾ لٽڪي نوجوان نياڻيءَ اوما ديويءَ پنهنجا پراڻ ڏنا. کيس اها بہ خبر نہ هوندي تہ ڪانٽس گهڻو اڳ اسان جهڙن ڪيترن ئي ديوانن جا خواب ٺيڪ ان جڳهہ تي دفن ٿي چڪا هئا. هن کي اها بہ ڄاڻ نہ هوندي تہ چانڊوڪين راتين ۾ اسان جا بيقرار روح انهن گهاٽن، ڊگهن وڻن هيٺان اڄ بہ پسار ڪندا رهندا آهن ۽ اجڙيل ميدان جي وچ تي ليٽي ماضيءَ کي ياد ڪري گونگا ڳوڙها ڳاڙيندا آهن.

مان هت ڪراچيءَ ۾ ويهي، نوابشاهہ ۾ پنهنجي ڪمري جي دريءَ ڪان اوما ديويءَ جو پکي ۾ لٽڪيل سرير ڏسي سگهان ٿو ۽ اهو بہ ڏسي سگهان ٿو تہ ڪجهہ بيچين پاڇولا ڪنڌ جهڪائي، خاموشيءَ سان هاسٽل جي سامهون، روڊ تي، وڻن مان ڇڻندڙ چانڊوڪيءَ جي ترورن ۾ ترندا، پٺي ڀانهون آسمان ڏانهن اڀيون ڪري، چپ چاپ هلندا ٿا وڃن. اهو محروميءَ جو ماتم قيامت تائين جاري رهندو ۽ ان ۾ اوما ديويءَ جهڙا ڪيئي مظلوم روح شامل ٿيندا رهندا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جي عيد

عيد ويجهو ايندي ئي اخبارن مان فون اچڻ شروع ٿي ويا.

پڇيائون: عيد ڪٿي ڪندا؟

چيم: گهر ۾.

چيائون: ڪهڙي گهر ۾؟

چيم: پنهنجي گهر ۾.

پڇيائون: پهريون گهر يا ٻيون گهر؟

پڇيم: ڇا مطلب؟

چيائون: اديبن ۽ فنڪارن کي گهٽ ۾ گهٽ ٻہ گهر ٿيندا آهن.

پڇيم: ۽ وڌ ۾ وڌ؟

چيائون: جيترا نڪ ۾ ڪيسو اجازت ڏين.

چيم: مون کي صرف هڪ گهر آهي.

چيائون: الله تہ سڀ ڪجهہ ڏنو اٿئي، پوءِ ايتري ڪنجوسي ڇو؟

چيم: اديب هئڻ جو اجا عارضي سرٽيفڪيٽ مليو اٿم. ٻين سان گڏ خود مون کي پڻ پنهنجين قابليتن ۾ شڪ آهي. هڪ دفعو پڪو ٿيڻ ڏيو، گهرن جي لائين لڳائي ڇڏبي.

چيائون: جن کي گهر گهٽ آهن، تن وٽ ٻارن جي لائين لڳل هوندي آهي.

چيم: نہ ٻارن جي لائين اٿم نہ يارن جي.

چيائون: اهو تہ خراب ٿيو اديب توڙي فنڪار لاءِ چوياري تمام ضروري آهي. هڪڙا هٽڻ وارا، ٻيا ڪٽڻ وارا.

چيم: هٽڻ وارو مان اڪيلو آهيان، ڪٽڻ وارا اجا ڪونہ مليا اٿم.

چيائون: ڪنجوسن کي ڪٽڻ وارا ڪونہ ملندا آهن. ان لاءِ ڪيسو خلاصو ڪرڻو پوندو آهي. محفلون سجائڻيون پونديون آهن. پيالا پُر ڪرڻا پوندا آهن. ادارا ٺاهڻا پوندا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيمر: اهو ئي تہ سبب آهي جو پنجاهہ سالن جي تپسيا کان پوءِ بہ وَتي تي نالو لکائي نہ سگهيو آهيان.

چياڻون: پاڻو پهريون وٺو تہ وٺ. نالي لکائڻ جي ڳڻ پوءِ ڪجانءِ:

بيءُ اخبار واري فون ڪئي.

چياڻين: هن عيد تي سَيون ڪائينديؤ؟

چيمر: ڪٿان ملي ويون تہ انڪار ڪو نہ ڪندس.

چياڻين: هڪ باڪمال، مهان ۽ برک اديب جي حيثيت ۾ توهان کي ڪهڙيون سَيون وڌيڪ وڻنديون آهن؟ پُڪل يا اچيون؟

سرد يا گرم؟ سخت يا نرم؟

چيمر: سوال ٿو پڇين يا وات ٿو پاٽي ڪرين؟

چياڻين: پلا عيد ڏينهن ڪهڙا ڪپڙا پائينديؤ؟ سلوار قميص، ڪڙتو پاجامو يا سوٽ بوٽ؟

چيمر: صبح جو سلوار قميص، شام جو سوٽ بوٽ ۽ مُجري تي ڪڙتو پاجامو.

چياڻين: مُجرو بہ ڏسندا آهيو ڇا؟

چيمر: ها، تمام ضروري آهي. جي مان نہ ڏسندس تہ سڪٽا اديب منهنجو مجرو ڏسڻ پهچي ويندا.

چياڻين: گلن ۾ گل ڪهڙو وڻندو اٿوَ؟

مان چپ ٿي ويس.

چياڻين: ميوو ڪهڙو پسند اٿوَ؟

جواب ڪو نہ ڏنم.

چياڻين: آچار گجر جو کائيندا آهيو؟ ليمي جو يا انب جو؟

ڇا جواب ڏيان، ماٺ رهيس.

چياڻين: خوشبو ڪهڙي لڳائيندا آهيو؟

تپي باهہ ٿي ويس. ڏند پڪوڙي ڇڏيم.

چياڻين: بي وفا جي نالي ڪو پيغام؟

ڪامندي چيمر: رانگ نمبر، هيءُ سڪينہ سمون جو گهر ناهي.

هڪ نمائندو گهر تي پهچي ويو.

چياڻين: ڪي نهايت ئي سنجيده سوال پڇڻا آهن.

چيمر: ترس، مون کي سنجيده ٿيڻ ڏي

چياڻين: اديب تہ هر وقت سنجيده رهندا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيمر: سنجيده گهٽ، رنجيده وڌيڪ رهندا آهن.

چپيائين: سن 2001ع ۾ سنڌي ادب ڪا ترقي ڪئي؟

چيمر: ڪن سنڌي اديبن ترقي ضرور ڪئي.

چپيائين: ڪهڙين صنفن ۾؟

چيمر: گار گند، گلا غيبت ۽ ٽوپڙي لاهڻ ۾.

چپيائين: هڪ ٻئي جا نالا ٻڌائڻ پسند ڪندا؟

چيمر: پسند ته گهڻوئي ڪيان، پر مٿي تي وار ٿورا وڃي بچيا اٿم.

چپيائين: سنڌي ڪهاڻيءَ متعلق توهانجي ڪهڙي راءِ آهي؟

چيمر: ڪي محقق سنڌي ڪهاڻيءَ کي لڱل گوليءَ جي ڳولا ۾ آتشي شيشا کنيون ڦرندا ٿا وتن.

چپيائين: جي گولي لڀي وئي ته پوءِ ڇا ڪندا؟

چيمر: اها ئي گولي ٻيهر وهائي ڪيندس.

چپيائين: پلا گذريل سال شاعريءَ لاءِ ڪيئن رهيو؟

چيمر: پنائيءَ هالار جي چوٽيءَ تان لهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي.

پچپيائين: ڇو؟

چيمر: هيٺ ننڍڙا پنائي ڄار وڇايو ويٺا آهن.

چپيائين: توهان منهنجي سوال جو جواب نه ڏنو گذريل سال سنڌي شاعريءَ لاءِ ڪيئن رهيو؟

چيمر: يارن هڪ ئي شعر سان پستڪ پري ڇڏيا آهن.

چپيائين: اهو وري ڪيئن؟

چيمر: هڪ ئي شعر کي ڌار ڌار انداز ۾ دهرائي ڪتاب ڪارا ڪري ڇڏيا اٿن، هاڻي ته اهو بار مٿن کان ڇڙهي ٽنن تائين پهچي ويو آهي.

چپيائين: تحقيق جي باري ۾ توهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟

چيمر: وٽن، ٻوٽن، گلن، مڇين، اٺن ۽ گهوڙن جا انيڪ نالا گڏ ڪرڻ جي ڊوڙ جاري آهي، مکين، مڇرن ۽ منگهٽن تي ڪم عنقريب شروع ٿيندو.

چپيائين: ٻي ڪا تحقيق؟

چيمر: اديبن ۽ اديبائن جي خانداني پس منظر ۽ پيش منظر تان پردا هٽي رهيا آهن. ڪيل ٽوڙي اڻ ڪيل ڏوهن گناهن جا ڪچا چٺا چپجي منظر عام تي اچي رهيا آهن. دراصل سنڌي اديبن تي ٿيندڙ تحقيق جو مقابلو پاڪستان ته ڇا، دنيا جو ڪو به ادب نٿو ڪري سگهي. ان سلسلي ۾ گذريل سال نهايت ئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪامياب گذريو. گهٽن جا وڪا پڌرا ٿيا.

چيائين: ادبي ادارن جي ڪارڪردگي ڪيئن رهي؟

چيم: ماراءِ نہ مولوي، مون کي اڳ ئي ڪوڪو ٺوڪيو پيو آهي.

چيائين: ڪوڪو! ڪنهن ٺوڪيو آهي ڪوڪو؟

چيم: مون غلطيءَ سان ادبي ادارن تي تنقيد ڪئي هئي، چڙي پيا. ڪوڪو ٺوڪي هليا ويا.

چيائين: ڪٿي آهي اهو ڪوڪو؟ مان بہ تہ ڏسان.

چيم: ڪرسيءَ تان اٿندس تہ ڏسندين نہ؟ ڊپ ڪان اٿان ئي نٿو!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ بچايو!

ان ۾ ڪو شڪ آهي ڇا تہ ورهاڱي کان پوءِ سنڌ کي ڪربلا بنائڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي وئي آهي؟ آزاديءَ جو جهنڊو جُهلنديء ئي سنڌ جي حقن تي ڌاڙا لڳڻ شروع ٿي ويا. اهي ڌاڙا اڄ 55 سال گذرڻ کان پوءِ بہ جاري آهن. فرق صرف ايترو ٿيو آهي جو شروع ۾ حاڪمن جو رويو معذرت خواهاڻو هو. پنهنجي هر نئين جُلهہ جي لاءِ هو ڪو نہ ڪو حيلو بهانو قومي يڪجهتيءَ، نظريہ ضرورت، اسلام ۽ نظريہ پاڪستان جي حوالي سان گهڙي وٺندا هئا. ملڪي سالميت ۽ بقا جي نالي ۾ هو اسان کان انيڪ قربانيون گهرندا رهيا ۽ اسان پورڙا سندن ترڪتالن کي ڇڱيءَ طرح سمجهڻ کان سواءِ، سندن وڇايل ڄار ۾ آهستي آهستي ڦاسندا وياسين. اهو سچ آهي تہ ان وقت بہ رُڃ مان رڙ اينديء رهي. سنڌ جي سائين جي ايم سيد ۽ سندس وفادار ساٿين طرفان احتجاج ٿيندا رهيا، اعتراض ٿيندا رهيا، آواز اٿندا رهيا، پر هر موڙ تي سندن آهہ ۽ پڪار کي وطن دشمني، پارٽي چرُچ، سيڪيولرزم، لامذهبيت وغيره جهڙا سخت الزام هٽي، بُريءَ طرح دبائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ان سموري عمل ۾ وقت جي حاڪمن جو ساٿ سنڌ جي وڏيري سياستدان اهڙي تہ بي شرميءَ سان ڏنو جو هاڻي سندس ڪردار جي چنڊڇاڻ ڪندي، تاريخ جي معمولي شاگرد کي بہ شرم ٿو اچي. دراصل سنڌ جي ان ويڪائو وڏيري، جيڪو بدقسمتيءَ سان پنهنجي راڄ پاڳ، زميندارئءَ ۽ اثر رسوخ سبب اقتدار جي ايوانن ۾ ڪالهہ بہ اسان جو نمائندو هو ۽ اڄ بہ ساڳي ئي سبب ڪري، ڏي وٺ جي راند رچائي، بازيگريءَ جا ڪرتب ڏيکاري ۽ نون مالڪن کي خوش ڪرڻ لاءِ، نوان سوانگ رچائي، هڪ دفعو وري اسان جي سرواٽيءَ جا خواب ڏسي رهيو آهي، هن سنڌ جي عوام توڙي ڌرتيءَ کي پنهنجي ذاتي جاگير سمجهي ورتو آهي. وچولو طبقو نہ هئڻ سبب متاهون طبقو هيٺاهين طبقي کي جسماني توڙي ذهني طور يرغمال بڻائي، دڙڪي دهمان، لوڀ لالچ ۽ سرڪاري مشينريءَ جي مهربانين ڪري، ڪنهن نہ ڪنهن طرح نوٽ سان ووٽ مٽائي، عوامي نمائندن جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسيمبلين تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿيو وڃي. اتي پهچڻ ڪان پوءِ ڪانئس هر وعدو هر عهد، هر سچائي وسريو وڃي. ڪرسيءَ جي راند ۾ هو ايترو ته مست ۽ مگن ٿيو وڃي، جو ڪيس نه سنڌ جي وجود جي سُڌ رهي، نه وري آئيندي جا الڪا ياد رهن.

اهو برابر آهي ته اڄ جي سنڌ، پنجاهه سال پراڻي سنڌ نه رهي آهي. لاڳيتين ڏاڍاين، بي وفاين ۽ زور آورين سنڌي دانشور جي سوچ بدلي ڇڏي آهي. اهو دانشور طبقو مڊل ڪلاس سان تعلق رکي ٿو ان ڪري سندس سجاڳي مڊل ڪلاس جي سجاڳيءَ برابر آهي. سندن تحريڪ ۽ تحريڪ ۾ سچائي، بيباڪي ۽ سنڌ سان بي پناهه محبت جو اظهار آهي. هي اهي ئي ماڻهو آهن، جيڪي بنا لوڀ لالچ جي سنڌ جي عشق ۾ سيڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار آهن. انهن ۾ وچولي ڪلاس جا سياسي اڳواڻ به آهن (جيڪي بدقسمتيءَ سان انهن ئي سببن ڪري ڪڏهن به اليڪشن کٽي نه سگهيا آهن) اديب، شاعر ۽ مفڪر به آهن، صحافي به آهن، استاد شاگرد ۽ پيا جذباتي ڏنڊوڙي به آهن.

ايم ڪيو ايم جي ڪاميابيءَ ڪان پوءِ سنڌي سمجهو ماڻهن جي سوچ ۾ به ڪافي تبديليءَ جا آثار نظر ٿا اچن. هاڻي هو به اهو سوچڻ تي مجبور ٿي پيا آهن ته جيڪڏهن هڪ اهڙي پارٽي، جيڪا شهرن مان جنم وٺڻ ڪان پوءِ سنڌ جي هر واهڻ ۽ وسنديءَ تائين پهچي ٿي وڃي، جيڪا ڪراچي يونيورسٽيءَ جي شاگردن طرفان هڪ نماڻي تحريڪ طور شروع ٿي، ته پوءِ ڪهڙو سبب آهي جو سنڌين جي ڪا اهڙي هلچل ڪامياب نه ٿي جيڪا اصولن ۽ نيڪ نيتيءَ تي ٻڌل هجي؟ ۽ ها، ايم ڪيو ايم نه ڪنهن سرمائيدار، ڪارخانيدار، جاگيردار يا ٻئي اهڙي چوڌريءَ کي چونڊايو بلڪ پنهنجن ئي ڪارڪنن مان وچولي يا معمولي ڪرت ڪندڙن کي نمائندو بڻائي اسيمبلين ۾ موڪليو ۽ مٿن اهڙي ته چوڪسي رکي جو هو نه ته چولو بدلي ٿي سگهيا، نه پنهنجي اصولن ڪان ڦري ٿي سگهيا ۽ نه وري ٻئي ڌُئي پڇي ٿي سگهيا. مٿينءَ ڳالهه ڪرڻ مان منهنجو مقصد صرف اهو ثابت ڪرڻ آهي ته وچولو ڪلاس ۽ هيٺيون ڪلاس جيڪڏهن گڏجي جدوجهد ڪري ٿو ۽ پنهنجي سر تان وڏيرن، پيرن ۽ ميرن جي ڇٽي لاهي ڦٽي ٿو ڪري ڇڏي، تڏهن ئي منجهس خوداعتمادي پيدا ٿئي ٿي. هو پاڻيرو ٿئي ٿو. ڪنهن جو ڳيجهو نٿو رهي. ڪنهن جي اشاري تي نٿو هلي. پنهنجا اصول پاڻ ٿو جوڙي. پنهنجي راهه پاڻ ٿو ڳولي. راهه ۾ ڇڏي پڇي وڃڻ وارن جو محتاج نٿو رهي. رڍن ۽ ٻڪرين جي ڌڻ وانگر ٻڌي اڳهه ۾ وڪامجي نٿو.

ان ڪري منهنجي نه چاهيندي به حقيقت جيڪا اڄ اسان جي سامهون بيٺي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، اها هيءَ آهي تہ سنڌ جي دانشورن کي هن ڏکئي دور ۾ هڪ دفعو ٻيهر سنڌين جي رهنمائيءَ خاطر گڏ ٿي ڪو مناسب فيصلو ڪرڻو پوندو. صحافي ڀلي تہ پنهنجي پريس سان سچا رهن، اديب ڀل تہ معياري ادب پيدا ڪندا رهن، استاد بہ تعليمي سلسلو جاري رکن، سياستدان پنهنجي سياست ڪندا اچن، وڪيل، ڊاڪٽر، انجنيئر پڻ ڪارڪردگي ۾ ڪوتاهي نہ ڪن، پر سڀ گڏجي اهو ضرور فيصلو ڪن تہ هاڻ سنڌ کي روايتي اڳواڻن جي هٿن ۾ رانديڪي طور ڏيڻو ناهي. هاڻي اسان کي پنهنجي تقدير پنهنجن هٿن سان پاڻ لکڻي آهي، پنهنجو آئيندو پاڻ سنوارڻو آهي، پنهنجا فيصلا پاڻ ڪرڻا آهن، اهو ڪم تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهندو جڏهن سنڌ جون سڀئي علمي ۽ ادبي، سماجي جماعتون گڏجي هڪ پليٽفارم تي ويهنديون ۽ عام ماڻهن کي سنڌن ئي لهجي ۾ پنهنجا اصول سمجهائينديون ۽ ارادن کان آگاهہ ڪنديون. پنهنجن تقريرن توڙي تحريرن ذريعي محبت، سچائيءَ ۽ ارادي جي پختگيءَ جو پيغام پهچائينديون. ڇڙوڇڙ نہ ٿينديون. هٿ هٿ ۾ ڏئي هلنديون. ڪنهن تي بيجا تنقيد نہ ڪنديون. الزام نہ هڻنديون. ڏڙڪا، دهمان ۽ ڌمڪيون نہ ڏينديون. رسڻ ۽ پرچڻ واري پراڻي روايت ختم ڪنديون. ڪنهن کي گهٽ نہ سمجهنديون. اسان لاءِ هر اهو شخص اهم، عزت لائق ۽ مهان آهي، جيڪو سنڌ جي حقن لاءِ جاکوڙي ٿو رستا ڀل تہ الڳ الڳ هجن، ڪو عيب ناهي. مقصد هڪ ۽ صرف هڪ هجي تہ: ”سنڌ بچايو سنڌ بچايو سنڌ بچايو.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اديبن جي جندا پٽ ۽ اياز جو قد

مون کي دنيا جو ڪو به اهڙو ادب نٿو سجهي جنهن ۾ ليکڪ معمولي ڳالهين تي ڪلم ڪلا پريس ذريعي هڪ ٻئي تي الزام مڙهيندا هجن يا خسيس ڳالهين جو سهارو وٺي هڪ ٻئي کي لوڙيندا هجن. منجهن جيڪڏهن ڪي نظرياتي اختلاف هوندا آهن ته سهڻي نموني پنهنجو پنهنجو نقطہ نظر بيان ڪندا آهن ۽ مخالف کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جيڪڏهن اڳلو ڳالهہ سمجهي ويو ته خير، نہ ته هر ڪو پنهنجي گهر خوش. ذاتي رنجشون ۽ ذاتي جهيڙا اخبارن وسيلي اڇالڻ صرف سنڌي ادب جي ئي حصي ۾ آيو آهي. اهي جهيڙا ڪي اڇوڪا ناهن. شروع کان ئي اهي الزام تراشيون، غليظ حملا ۽ ڪردار ڪشي ڏسندا پيا اچون.

سنڌي ادب نہ ٿيو جنگ جو ميدان ٿيو. ڪنهن ڪڇيو ناهي، ڏؤ دون وارو موچڙو لڳو ناهيس. عزتدار ماڻهو ته ڪُڇڻ پڇڻ کان ويا آهن. سنجيده ليکڪ ڪناره ڪش ٿي ويا آهن. اڪثر سينيئر اديب اوهان کي عام محفلن ۾ نظر نہ ايندا. گهڻن ته خواريءَ جي ڀوَ کان لکڻ ڇڏي ڏنو آهي. گوشي نشينيءَ جي زندگي پيا گذارين. ذهني تسڪين جي لاءِ ڪجهہ لکيائون ته ماٺ ميٺ ۾ ڇپائي ڇڏيندا، نہ ته چپ چاپ پيا وقت گذاريندا. سراج، امر جليل، رشيد آخوند، آغا سليم، خواجہ سليم ۽ ناصر مورائيءَ جا مثال هڪدم ذهن تي تري اچن ٿا. انهن ۽ اهڙن ڪيترن ئي ٻين دوستن جون سنڌي ادب لاءِ ڪيل خدمتون ڪنهن بہ پر نظرانداز ڪرڻ جهڙيون ناهن. هنن پنهنجي زماني ۾ ۽ پڻ اڄ تائين وڏي محنت ۽ جدوجهد سان ادب ۾ پنهنجو ڪردار نڀايو آهي ۽ نالو ڪمايو آهي، پر زماني جي حالتن کي ڏسي پاسيرا ٿي ويهي رهيا آهن. ڪڏهن ڪنهن ڏر پيار سان سڏ ڪين ته اچي حاضر ٿيندا، نہ ته ڪوشش ڪري ڪنهن بہ بکيڙي ۾ نہ پوندا. يارن جا حال ساريا پيا اٿن. ڪنهن جو پُل چڪ ۾ نالو ڪٽي وڻا ته چڻ ڪکر ۾ ڪڙو هنيائون. وٽ وٺان ٿي ويندي، خدمتون ته ويون خاڪ ۾ ملي، مورڳو گهنگهرڻ ڳچيءَ ۾ پئجي ويندو.

ويچارن ڪالم نويسن جو ته مورڳو برو حال آهي. ڪنهن بہ حوالي سان ڪنهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوست جو نالو چڱو ڀـ ورتائون تـ ڀـ مٽ ڦوڪ شروع ٿي وينديون پرچائينديون پرچائينديون لاهـ نڪري وينديون آهن. ڪجهه ڏهاڙا اڳ مون سنڌ يونيورسٽي، سنڌ الاجي، سنڌي لينگويج اٿارٽي ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ جي افسوسناڪ ڪارڪردگيءَ تي ٻـ اکر لکيا هئا. ان ڏپ کان تـ ڪٿي همراهـ ان کي ذاتي سطح تي نـ وٺن، وضاحتي طور سنڌن شان ۾ ڪجهه چڱا لفظ ٻـ چيا هئم پر ٿيو اهو جنهنجو ڊپ هو. حميد سنڌيءَ ڏک جو اظهار ڪيو. هاڻي ڪيس ڪير سمجهائي تـ پتيا ٽيڪسٽ بورڊ يا لينگويج اٿارٽيءَ جي ڪارڪردگي تـ شروع کان ئي تشويش جهڙي آهي. توکي جمعو جمعو اٺ ڏينهن گذريا انهن ادارن ۾. هر ويرو پاڻ ڏانهن ڇو ٿو منسوب ڪرين انهن ڳالهين کي جيڪي واقعي تنهنجي لاءِ نـ چيون ويون هيون. وضاحت ڪندو هلان تـ حميد ساڻ منهنجا پريت جا رشتا آهن. مان سنڌس انتظامي توڙي ذاتي خوبين جو معتقد آهيان. هن مونسان پلائي ڪئي هونديءَ برائيءَ جو تـ هو ڪڏهن ٻـ سوچي نٿو سگهي پر حالتون اهڙيون آهن جو هرڪو ڏکيو پيو آهي. ڪڙڪي تي چرڪي ٿو اٿي تـ ڪٿي ڪنهن مهٽو تـ نـ ڏنو.

اهڙي ئي صورتحال اياز جي گذاري وڃڻ تي پيدا ٿي وئي آهي. ڪيس گذرئي اجا ٻـ هفتا مس ٿيا آهن جو محترم اديبن وچ ۾ جُنبا پٽ شروع ٿي وئي آهي. هڪڙا الزامن ۾ پورا پيا وضاحتن ۾ مشغول، پيو تـ نهيو اهو الزام ٻـ لڳو آهي تـ فلاڻا ڪي فلاڻا شيخ اياز جي موت جو سبب بڻيا! ويچارا فلاڻا وتن ٿا ڊاڪٽري نسخا ڏيکاريندا ۽ بيمارين جي فهرست ڳڻائيندا تـ پائو شيخ صاحب کي هيتريون ڪي هيتريون بيماريون اڳ ۾ ئي هيون. اسان مٿس ادبي تنقيد نـ ٻـ ڪيون ها تـ ٻـ هن ويچاري جا ڏينهن پورا هئا. پين جو چوڻ آهي تـ نـ. اهي ئي اصلي ڏوهاري آهن. بيماريءَ تي تـ اجايو الزام آهي.

خط ۽ ڪالم مختلف نالن ۾ پيا ڇپجن. راڄ پيا ڪلن. اسان جي جهمر جو نڪاءُ پيو ٿو پوي، ڪنهن کي جهلي ڪنهن کي جهلجي؟ جيڪو وچ ۾ ايندو ان جو ٻـ پٽڪو لهندو. عظيم شاعر کي شاناٿي نموني خراج عقيدت پيش ڪرڻ بجاءِ نمبر وڌائڻ لاءِ اسان مداريءَ وارو کيل شروع ڪري ڏنو آهي. اهو ٻـ خيال ڪو نـ ٿو ٿئي تـ ماٺ هو ڇا چوندا؟

شيخ اياز پنهنجي ادبي پورهئي جي حوالي سان هڪ عوامي ماڻهو هو. جيڪڏهن سندس پڙهندڙ سندس لکڻين تي جهومي سگهن ٿا تـ سندس ئي لکڻين تي تنقيد جو ٻـ حق رکن ٿا. جيڪڏهن نوجوان سندس ڪلام کان متاثر ٿي تحريڪن ۾ جان ڏئي سگهن ٿا تـ سندس بدليل نظرين تي آگر ٻـ کڻي سگهن ٿا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن کان پنهنجي راءِ جو حق ڪير بہ ڪسي نٿو سگهي. هو بلاشڪ نہ صرف سنڌ جو عظيم شاعر هو بلڪ هن صديءَ جو سڀ کان وڏو عالمي شاعر پڻ هو. ان بيان ۾ ڪو بہ وڌاءُ ناهي، ڪا بہ جذباتيت ناهي. اوهان مون کي اهي سڀ ماڻ ۽ ماپا آڻي ڏيو جيڪي ڪنهن بہ شاعر کي مهان بڻائين ٿا ۽ مان اوهان کي انهن ئي ماڻن ۽ ماپن جي آڌار تي تقابلي جائزو وٺي ثابت ڪري ڏيندس تہ اياز سچ پچ سيني کان اوچو اڳرو ۽ اتانهون هو.

تخيل (Thought) تاڃو پيٽو (Texture)، ٻولي (Diction) ۽ رومال (Manner) ئي شاعريءَ کي پرکڻ جا پد ٿي سگهن ٿا. ان کان پوءِ اچي ٿي پڙهندڙن توڙي ٻڌندڙن تي طاري ٿيندڙ ڪيفيت جنهن کي قبوليت يا (Acceptability) چئجي ٿو. انهن ضروري ڳالهين کان سواءِ شاعر جي ماحول، ملڪي توڙي سياسي حالتن ۽ مٿن ٿيندڙ شاعريءَ جو اثر ۽ ردعمل ۽ ان ردعمل طور اٿندڙ تحريڪون ۽ تحريڪن جي نتيجي ۾ ظاهر ٿيندڙ سجاڳي وغيره پڻ هڪ شاعر جي عظمت جي نشاندهي ڪن ٿا.

شيخ اياز کي جڏهن انهن معيارن تي پرکبو تہ معلوم ٿيندو تہ هو جڳ جي سيني اهم شاعرن کان وڌيڪ مان ۽ مرتبو لهڻي ٿو سندس شاعريءَ ۾ نہ رڳو اهي سڀ جُز اتم درجي موجود آهن، بلڪ سندس نظم توڙي نثر ۾ نوان تجربا ۽ نيون ترڪيبون نوجوان نسل لاءِ اتساهيندڙ آهن. اياز باقاعده سنڌي ادب جي گذريل اڌ صديءَ تائين امامت ڪئي. هو هڪ دوست، فلاسفر ۽ رهنما جي حيثيت سان هميشہ ياد رکيو ويندو. دراصل ٻتائيءَ کان پوءِ سنڌي ادب ٻيو معجزو اياز جي صورت ۾ ڏٺو. مٿس گهڻو ڪجهہ لکيو ويو آهي ۽ ان کان بہ وڌيڪ لکيو ويندو. سندس ڏيڪاريل ۽ سيکاريل راهہ تي اسان جي نئين ادب جي عمارت اڏبي. ان ۾ تر جيترو بہ شڪ ناهي ۽ نہ ئي هئڻ گهرجي. مان نٿو ڀانيان تہ سنڌ ۾ ڪو بہ اهڙو هوشمند انسان هوندو جيڪو اياز جي عظمت ۽ اهميت کان ناڪاري هجي. ها، البتہ ساڻس ادبي اختلاف رکڻ جو هر ڪنهن کي حق آهي.

منهنجي نظر ۾ انهن اختلافن جي ادبي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ تمام ضروري آهي. ايئن ڪرڻ ۾ نہ ڪنهن کي شرم محسوس ڪرڻ گهرجي ۽ نہ وري پنهنجا لفظ چٻاڙڻ کپن. اهو اسان جو حق بہ آهي تہ فرض پڻ. ها البتہ بدر ابڙي جا لفظ اڌارا وٺندي ايترو سو ضرور چوندس تہ اهو حق صرف انهن کي ئي حاصل هئڻ گهرجي، جيڪي اياز کان وڏو نہ تہ بہ سندس جيترو قد ضرور رکندا هجن. هر آئي وئي کي نہ اهڙي تنقيد جڳائي ۽ نہ وري ڪيس ايتري همت ۽ حجت ڪرڻ گهرجي. نالي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇپائڻ خاطر ٻوڙهارڻ کان بهتر آهي تہ سنجيده خاموشي اختيار ڪئي وڃي. اياز بهرحال سيني جو هو ۽ ان ناتي هر مناسب حد تائين شعور رکندڙ ماڻهو مٿس راءِ ڏيڻ جو حق رکي ٿو، بشرطيڪ راءِ ڏيندي هو ڪنهن ٻئي دانشور سان همراءِ نہ هئڻ جي حالت ۾ سندس دل آزاري نہ ڪري.

اياز جو آخري دور سندس گذريل ٻن دورن کان ڪافي مختلف رهيو. سندس فن ۾ تہ ڪا خاص ڪمي نہ آئي، البتہ سندس فڪر ۾ اوچتو ئي اوچتو وڏو ڦيرو اچي ويو. هو هڪ ڄاتل سڃاتل باغي ۽ مزاحمتي اديب مان ڦري هڪ Passive Mystic ٿي پيو. ايڏي وڏي تبديليءَ جو ڪو مناسب ڪارڻ خود اياز وٽ بہ ڪو نہ هو. مون اڪثر ور ور ڪري ڪانئس اهو سوال پڇيو هو. ايتريقدر جو ڪيئي دفعا تہ مون سندس ذهني تبديليءَ کي نوجوان نسل جي ساڻس غير مشروط ۽ والهاڻي عقيدت جي پيچڪڙي بہ ڪوٺيو هو. اياز اهڙي قسم جي جرئت کي ڇا بہ سمجهيو هجي، بهرحال منهنجي يا منهنجن ٻين هم خيال دوستن جي اها ڳڻتي ڪلهہ بہ جائز هئي ۽ اڄ بہ جائز آهي. هاڻي ڪو وڏيڪ عقيدتمند جيڪڏهن پنهنجي سچائي ڏيکارڻ ڪارڻ ادبي بحث کي پاسيرو رکي، منهنجي ذات جي ٻويان هٿ ڌوئي پئجي وڃي تہ مان اهڙي ارهہ زوراڻيءَ کي ڇا ٿو چئي سگهان؟

اهي ۽ ڪيئي ٻيا اهڙا پهلو اياز جي فن ۽ فڪر متعلق مباحثا ڪنديءَ آئينده جي محقق کي ضرور آڏو ايندا. انهن جو جواب ۽ جواز بہ گهربو. ڪن تلخ ۽ اڻ ٽر حقيقتن کي مُنهن بہ ڏيڻو پوندو. پوءِ جيڪڏهن اسان جي جذباتيت جو اهو ئي حال رهيو جنهن جو مظاهرو اڄڪلهہ ٿي رهيو آهي، تہ ڊپ اٿم تہ ڪٿي سنڌي اديب ڪنهن ڄاتل سڃاتل سياسي پارٽيءَ وانگر اٺن ڏڙن ۾ نہ ورهائجي وڃن. ان ڪري لازم آهي تہ بردباريءَ جو دامن هٿان نہ وڃڻ ڏجي. فنڪار جي فني لاڙن بابت ڳالهائيندي اهو نہ وسارجي تہ هو بہ هن سماج جو هڪ فرد آهي ۽ سندس فن ملڪي سياسي، سماجي، ثقافتي توڙي معاشي حالتن کان متاثر ٿئي بغير رهي نٿو سگهي. فرشتو ناهي جو هر ڏک سک کان لاتعلق رهي. ها، وڏيڪ سڄاڻ هئڻ جي حوالي سندس قومي ذميواريون ضرور وڏي ٿيون وڃن. اهو صليب هن خود پنهنجن ڪلهن تي پاڻ کنيو آهي ۽ صليب جي لڄ رکڻ هر يسوع جو فرض آهي.

مان هتي پنهنجن سمورن پيارن اديبن کي نيڪ نيتيءَ سان هوشيار ڪرڻ چاهيان ٿو تہ ڪي چڱا ڪم ۽ چڱا انسان پنهنجن پوئلڳ عقيدتمندن ۽ مداحن جي نادان دوستيءَ سبب پڻ پنهنجي اهميت وڃائي ويهندا آهن. ڪي سِڪٽا چامڙا اهڙن موقعن تي ٻين کي لوئي پنهنجي اهميت وڌائڻ لاءِ ڏگهو ٽپو (Long

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(Jump پڻ ڏيندا آهن. ڪميٽيون ٺهنديون آهن، بيان ڏنا ويندا آهن. مرحوم سان ذاتي رشتا وڏائي چڙهائي بيان ڪيا ويندا آهن. البمن مان پراڻا فوٽو ڪڍيچنڊي صاف ڪري ڇپايا ويندا آهن ۽ نير ڳاڙي اوچنگارون ڏئي انٽرويو ڏنا ويندا آهن. انهن سڀني نازيبا حرڪتن کان هوشيار رهو. اياز جو وڇوڙو صرف هڪ شخص جي جدائي ناهي، هڪ عهد جي پڇاڙي پڻ آهي. ان موقعي تي اسان جو ردعمل ئي آئيندي لاءِ رهنمائي مهيا ڪندو. هٿ هٿ ۾ ڏئي هن ڏکئي وقت ۾ پار اڪرڻو آهي. اسان ۽ توهان تي وڏيون جوابداريون آهن. انهن جوابدارين کي سوچي سمجهي ۽ گڏجي نباهڻو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڌڙيا سنڌ پرست!

گهڻو پري جي ڳالهہ ناهي، ڪجهہ سال اڳ ڪنهن ڪتاب جو مهورت، ڪو علمي ادبي سيمينار يا ڪو معلوماتي ميڙ ڪنهن فائيو اسٽار هوٽل ۾ ٿيندو هو تہ اسان جي ڪونڌ اديبن ۾ صف ماتم وڇائجي ويندي هئي. شام غريبان جو منظر نظر اچڻ لڳندو هو. تبرن جو وسڪارو شروع ٿي ويندو هو. فائيو اسٽار جو لفظ هڪ طعنو هڪ مهڻو يا گندي گار بڻجي پيو هو. دراصل اها شروعات هئي نئين نسل کي پنهنجي شاندار ادبي ورثي کان بددل ڪرڻ جي. ڪين اهو ٻڌايو ويو تہ سنڌن مُهڙ وارا ليکڪ يا تہ وڪامي ويا آهن يا وڪامڻ وارا آهن يا انشاءَ الله مستقبل قريب ۾ وڪامي ويندا! ڪين اهو بہ ٻڌايو ويو تہ مزاحمتي ادب، جيڪو ون يونٽ جي تحريڪ دوران يا ان کان پوءِ لکيو ويو سو دراصل چند شوبازن پنهنجو نالو چمڪائڻ لاءِ لکيو يا اگهہ وڌائڻ لاءِ لکيو يا وري وقت جي سرڪار کان مراعتن حاصل ڪرڻ لاءِ لکيو. بين لفظن ۾ اهي ليکڪ پنهنجي ڪاز سان سچا هرگز هرگز ڪو نہ هئا. ڪم ڪيڊائو هئا. هنن کي فقط شهرت گهربي هئي، جنهن کي ڪيش ڪرائي هو ڪي سٽيپون آساميون هٿ ڪري سگهن. اهڙيءَ سوچ جو انهن ئي لفظن ۾ اظهار ڪرڻ اڳتي هلي فيشن بڻجي پيو. هر آيو ويو بنا ڪنهن چنبچاڻ جي اهي ئي لفظ، اهي ئي جملا دهرائيندو رهيو ۽ بي خبر نوجوانن کان داد حاصل ڪندو رهيو. ڪوڙ کي سوَ دفعا دهرائبو تہ آخر مٿس سچ جو گمان ٿيڻ لڳندو آهي. سنڌي اديبن تي مڙهيل اها تهمت پڻ ايترا ڀيرا دهرائي وئي جو نئين نسل ان کي ڏاڍي معصوميت سان سچ سمجهي ورتو. اسان جي يارن اتي بہ بس نہ ڪئي. ايندي ويندي کي دانهن تہ ڏيندا رهيا، پر ملڪ کان ٻاهر پڻ جتي موقعو ملين، اتي خواريءَ جو ڪارو ڪٽي ڊنڊورو ڏيندا رهيا. "سوجهري" جي تازي پرچي ۾ لڇمڻ ڪومل، وهي کاتي جي پنجين پني ۾ اهڙن ماڻهن جو ذڪر اجهو هيئن ڪيو آهي:

"پندرهن ويهہ سال اڳ دهليءَ ۾ ٿيل شاهہ لطيف ڪانفرنس ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شريڪ ٿيڻ لاءِ سنڌ کان ويهه پنجويهه جوان هتي آيا هئا، جن ۾ گهڻو تڻو "جيئي سنڌ" سان لاڳاپيل جوشيلا جوان شامل هئا. تن ڏينهن اهڙن جوانن جو هتي اڪثر اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. انهن ۾ اڪثر ايماندار ۽ پنهنجي مقصد سان سچا هئا پر منجهن حبيب الله ناريجي جهڙيءَ رذيل جنس جا ڳپتيا ۽ شاطر شخص به هئا. انهن جو مفصل ذڪر اڳتي هلي ڪندس. جيئي سنڌ جي جوانن کي سنڌ جي شاعرن ۽ اديبن سان ڪيترين ئي شڪايتون رهنديون هيون. هنن جو چوڻ هو "سنڌ جوا ڪثر ادبي لڏو ياڙيو آهي ۽ سندن ساٿ نٿو ڏئي."

مون کي خبر ناهي ته حبيب الله ناريجو ڪير آهي ۽ هن لڇمڻ ڪومل سان ڪهڙي ڪپت ڪئي. پر تازو جڏهن لڇمڻ امن ڪانفرنس جي سلسلي ۾ ڪراچي آيو تڏهن هن پنهنجو گهڻو وقت امر جليل ۽ مون سان گڏ گذاريو. هن انڊيا ويندڙ سنڌي جوشيلن جوانن جا اهي اهي قصا ٻڌايا جو منهنجا ته ڪن ڳاڙها ٿي ويا. سنڌي اديبن متعلق هنن جيڪي رايا اتي ڏنا، سي ڪاغذ تي لکڻ جي همت نٿو پايان. هنن جيڪي پرڏيهه ۾ وڃي ڪِـــن ڪيا آهن، سي قصا ايترا ته شرمناڪ آهن، جو جيڪڏهن ايمانداريءَ سان بيان ڪجن ته گهڻن چڱن مڙسن جا لٿا لهي ويندا. اهي، جيڪي هت سنڌ ۾ وڏي ديده دليريءَ سان پاڻ کي سنڌي سماج جا چيمپيئن ٿا سڏائين ۽ تقرير توڙي تحرير ۾ پنهنجي اصلي روپ تي وطن دوستي، علم ۽ ڄاڻ جا ڪاغذي لباس اوڍي ماڻهن جي اکين ۾ ڌوڙ ٿا وجهن، سي ڪيتريقدر غليظ ۽ ڪراهت جهڙا آهن. تنهن جو اصل ڪاٿو تڏهن ٿيندو جڏهن پرڏيهه ۾ ويٺل اسان جي سڄڻن جي زباني سندن ڪارناما ٻڌون ٿا. رڳو انڊيا نه انگلينڊ توڙي آمريڪا ۾ آباد سنڌين پڻ نالا وٺي اهڙن ماڻهن جا وڪا پڌرا ڪيا آهن. جيڪي ڪنهن نه ڪنهن طرح انهن ملڪن ۾ پهچي، پنهنجو قد وڌائڻ لاءِ گارگند هڪ طرف ڪندا آهن ۽ بداخلاقي ۽ بڇڙائيءَ جو مظاهرو ڪري پاڻ تي ماڻهو ٿُئي طرف کلائيندا آهن. نالن وٺڻ جي ضرورت ناهي، ڪين ڪڪندا هوندا، پر جي چوندا ته نالا وٺي ٻڌائيبا ته اڪثر جوشيلا جوان ٻاهر وڃي پنهنجي غربت ۽ بيروزگاريءَ جو روئڻو روئي، پنهنجن ميزبانن کان پئسا پنندا آهن ۽ مفت جو شراب لُڪيءَ تائين ڏوڪي آڌر ڀاءُ ڪندڙ سڄڻن جي گهرن ۾ الٽيون ڪندا آهن ۽ سندن ننگن ۾ هٿ وجهندا آهن ۽ لٿا لاهي هو جمالو ڳائي جهمريون هڻندا آهن ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ، سنڌي ادب ۽ سنڌي سيپتا جو نالو روشن ڪري پوءِ ڳوٺ موٽندا آهن. اهڙا واقعا روز پيا ٿين ۽ روز پيا اسان تائين پهچن. انهن پويان اديبن جا به نالا آهن، سماجي ڪارڪنن جا به

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نالا آهن، سياسي ورڪرن جا بہ نالا آهن ۽ خود ساختہ دانشورن جا بہ نالا آهن. هي اهي دانشور آهن، جيڪي پنهنجو پاڻ مڃائڻ لاءِ اوپر کي اولهہ ۽ اتر کي ڏکڻ ثابت ڪرڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي آڏا ابتا دليل ڏيندا آهن ۽ پاڻ کي پاڪ صاف ظاهر ڪرڻ لاءِ پنهنجن چيلن چپاٽن کان هاڪاري بيان ڏياريندا آهن ۽ ٿوريءَ لالچ جي عيوض بنا دير جي اُٺ پيير ٺاهڻ ۾ بہ عار محسوس نہ ڪندا آهن. اهي ماٺهو خاص طور تي سنڌين جي ٻڌي ۽ ارڏائي ۽ ويڙهاند واري جذبي کي چٿڻ لاءِ ڪن خاص طاقتن طرفان اسان جي وچ ۾ ڇڏيا ويندا آهن ۽ کين پنهنجي محنت جو اجورو باقاعدگيءَ سان هر ماه ملندو رهندو آهي.

ڳالهہ هئي فائيو اسٽار هوٽل جي ۽ ياد ان ڪري آئي جو ڪجهہ ڏهاڙا اڳ اهڙيءَ ئي هڪ فائيو اسٽار هوٽل ۾ اسان جي پراڻي ساٿيءَ خواجا سليم جي ڪتاب جي رونمائي ٿي. خواجا سليم وڏي محنت سان شيخ اياز جي چونڊ ڏکهن نظمن جو انگريزي زبان ۾ شاعراڻو ترجمو ڪيو آهي، جيڪو واقعي تعريف جي قابل آهي. هن دوست پنهنجي سر هيڏي ساري محنت ڪري نہ صرف ترجمو ڪيو بلڪہ ان خوبصورت ڪتاب کي ڇپائي پڌرو پڻ ڪيو ۽ پنهنجي پورهئي کي مڃتا ڏيارڻ لاءِ ڪافي خرچ ڪري رونمائيءَ جي محفل بہ سجائي. خواجا سليم جي فن ۽ پورهئي تي تہ جن ڳالهايو سو ڳالهايو ها البتہ فائيو اسٽار جا ازلي مخالف هميشہ جيان اڳيون سيٽون والاري فنڪشن جي ختم ٿيڻ جو انتظار ڪندا رهيا. جن دوستن اهڙيون تقريبون اڳ ڏٺيون آهن، تن کي پليءَ پٽ ڄاڻ هوندي تہ سنڌي ادب جا هي جوشيلا پروانا ڪهڙيءَ نہ شدت سان چانهہ جو سڏ ٻڌڻ شرط پيسٽرين ۽ پيٽيز تي حملي آور ٿيندا آهن ۽ پليٽ تي ڪاڏي جو هماليائي پهاڙ ٺاهي ٻين جي اهڙي تہ رستي روڪ ڪري بيهندا آهن جو سندن هيچ ۽ سڪٽائيءَ کي ڏسي هوٽل جا بيرا بہ ڪنڌ ڦيري ٺهڪ ڏئي کلڻ کان پاڻ روڪي نہ سگهندا آهن. جن اجا تائين اهو منظر نہ ڏٺو آهي، تن کي صلاح آهي تہ هو ايندڙ فنڪشن ۾ اهو تماشو ضرور ڏسن. فائيو اسٽار جي انهن دشمنن پيو سڀ ڪجهہ ڪيو سواءِ ڪتاب خريد ڪرڻ جي. هڪ بہ ڪتاب وڪرو نہ ٿيو. ان ڳالهہ تي ماتم ڪجي، کلجي يا روئجي؟ ۽ اهي ئي پهاڙ ڪاٽڪ دوست سياڻي ڪنهن محفل ۾، اخبار ۾ يا رسالي ۾ يا پرڏيهہ ۾ بوتل چاڙهي ڪتاب جي ليکڪ کي ست سريون ٻڌائيندا ۽ مترجم کي پاڙيو ڪوٺيندا ۽ پاڻ التيون ڪندي لٽا لاهي، هنبوڇي هڻندي هو جمالو ڳائيندا ۽ موڪلائڻ وقت پٽ تي چادر وڇائي موٽ جو پاڙو پنندا ۽ ڳوٺ پهچي پاڻ کي باغي سڏائيندا ۽ پنهنجن بزرگن تي تبرن تي تبرن جو وسڪارو لائي ڏيندا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گامون سچار

اج مان توهان آڏو پنهنجي ذاتي زندگيءَ جي هڪ اهم راز تان پردو کڻڻ وارو آهيان. پوري توجهہ سان ٻڌندا جو هيءَ گهڙي بار بار اچڻي ناهي. بس دل تي هڪ بار آهي، جيڪو هڪ دفعو ئي لاهي پاڻ کي هميشہ هميشہ لاءِ آجو ڪرڻ ٿو چاهيان.

ڪجهہ سال اڳ منهنجي گامون سچار سان پهريون پيرو ملاقات ٿي هئي. ٿي سگهي ٿو تہ اوهان مان ڪي دوست ساڻس مون کان اڳ مليا هجن ۽ ڪئي بار مليا هجن پر منهنجي ساڻس ملاقات اوچتي هئي. پهرين هئي ۽ آخري هئي. ٿيو هيئن ءَ جو ڪنهن سرڪاري ڪاموري سنگتيءَ جي ڌيءَ جي شاديءَ ۾ ويٺو هوس. منهنجي پرسان هڪ شخص ميرا سيرا ڪپڙا پايو ويٺو هو ۽ پنهنجي منهن پڻ پڻ ڪري ڪجهہ ڳالهائي رهيو هو.

پڇيومانس: توهان مون کي ڪجهہ چيو؟

چيائين: جي ها توهان جي ٽاءِ جو رنگ توهان جي سوٽ سان ميچ نٿو ڪري.

چيم: پر منهنجي گهر واريءَ تہ پنجاهہ ٽاين مان اها ئي چونڊي ڏني آهي.

چيائين: توهان جي زال ڏاڍي بد ذوق ٿي ڏسجي.

پرائي ماڻهوءَ جي واتان ان قسم جي گفتگو ٻڌي مون کي ڪتڙيون وٺي ويون، دل ۾ آيم تہ ڏک هڻي ڪيانس، پر پرائي شاديءَ ۾ تماشو ڪرڻ مناسب نہ سمجهيم، منهن ڦيري ويهي رهيس، هو پوءِ بہ نہ مڙيو.

چيائين: ۽ توهان جو سوٽ بہ گهرگهلو آهي، جنهن سوڪڙيءَ طور ڏنو اٿوَ ان کي صحيح ماپ تہ ٻڌايو ها.

مون جواب نہ ڏنو.

چيائين: ۽ ايتري خوشبو هڻڻ جي باوجود توهان جي جسم مان پگهر جي بدبو پئي اچي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون پاڻ تي مڪمل ڪنٽرول ڪري ڇڏيو.

چيائين: ۽ توهان جي گنج بلبن جي روشنيءَ ۾ ترورا پئي ڇڏي نقلي وار ڇو نٿا لڳرايو؟

ڏاڍي ڪاوڙ لڳم. باهه تي ويس. ڪو گٿو لفظ ڇوڙڻ وارو ئي هوس جو ڪنوار جو پيءُ اچي سهڙيو. پڇيائين: انتظام پسند آيو؟

جواب ڏيان ئي ڏيان، ان کان اڳ ۾ واري شخص وراڻيو: انتظام وري ڊوڙ جو آهي! جيتري رشوت ڪمائي اٿئي ان جي سوين پتي به نياڻيءَ جي ڪاڄ تي خرچ ڪرين ها ته جيڪر سچي چمار دعائون ڏيئي ها.

ڪنوار جو پيءُ واڻڙو ٿي ڪيس ڏسڻ لڳو. ڪنن تي اعتبار ئي نه پيو اچيس. پوءِ به شرم پرچائڻ خاطر ڪلندي چيائين: توهان مشڪري ٿا ڪيو. پڪ ئي پڪ گهوٽيتن جا چرچائي مهمان آهيو.

چيائين: نه مان ڪنواريتن جو مهمان آهيان ۽ نه وري گهوٽين سان ڪو واسطو اٿم.

ڪنوار جو پيءُ سڪتي ۾ اچي ويو. دل تي پٿر رکي چيائين: خير خير. ڪير به آهين، گهوٽ ڪنوار کي دعا ڪندو وڃ. آسيس ڏيندو وڃ.

پر واري همراهه چيو: "نياڻين جا نار وارن چاڙهيا وات تي!" نه ڪا گهٽ منجهه گهوٽ، نڪا ڪمي منجهه ڪنوار. پورو شرابي آهي، جوئا به کيڏندو آهي. ڏنڊو ڏاڙي ڪو نه ڪري. تنهنجي ٻيني بس جهڙيءَ ڪاري ڪٽ ڏيءَ سان شادي صرف ان ڪري ٿو ڪري ته جيئن تنهنجي حرام جي ڪمايل مال تي چاپو هڻي سگهي. ڏيٺين جا افعال بچڙا آهن ان ڪري ڪٿي اڳهامي ڪو نه پئي. چنڊ و چنڊي کي سؤ ڪوهه تي ڳولي لهي!

ميزبان جا لاهه نڪري ويا. ڇتو ٿي پيو. وات مان گگ پئي وهيس. غصي ۾ پير جي پن جيان پئي ڦٿڪيو. پاڙي جيڏي رنبي ڪري سچو هال مٿي تي کڻي ڏنائين. ٻه چار ڏنڊا مشتنڊا نوڪر خبر ناهي ڪهڙيءَ ويل آيا ۽ ڪيئنءَ ان اڻ وڻندڙ مهمان کي ٽنگو ٽالي ڪري ٻاهر گند جي ڍير تي ڦٽو ڪري آيا. ڪنوار جي پيءُ جو پوءِ به اندر نه ٺريو. نڪاح وقت به وڃي اسٽيج تي وار پٽيائين ۽ ٻاڪار ڪيائين.

مان ٻاهر نڪتس ته انهيءَ کي فوٽ پاٿ تي پٽ کي ٽيڪ ڏئي ويٺل ڏٺم. پرسان وٺي پڇيو مانس:

جان پياري ڪانهيءَ چا؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين: سچ جان ڪان وڌيڪ پيارو آهي.
چيمر: پلي جان هلي ويچي؟
چيائين: جان ڇا؟ پلي جهان ئي ڇڏائجي ويچي.
پڇيمر: سچ سچ ٻڌاءِ ڪير آهين؟
چيائين: سَچ نہ ٻہ پڇين ها، تہ ٻہ سچ ئي ٻڌايانءِ ها. مان گامون سچار آهيان.
گامون سچار جو رڳو نالو ٻڌو هوم. اکين سان ڏٺم تہ ست ئي طبق روشن ٿي ويا.
چيمر: گامون، اهڙو سچ ئي چو ٿو ڳالهائين جيڪو قدم قدم تي ٽوپي ٿو لهرائي؟
جواب ۾ پنهنجي ٽڪڻ تان ٽوپي لاهي منهنجي مٿي تي رکيائين ۽ ڏسندي ئي ڏسندي اکين کان اوجهل ٿي ويو. گهڙي ئي اها ٿي. منهنجي بدقسمتيءَ جو دور شروع ٿي ويو. گهر پهتس تہ زال پڇيو: ڪيئن ٿي لڳان؟
چيمر: زهر ٿي لڳين.
رسي پيڪين هلي وئي.
ٻئي ڏينهن هڪ صحافي، جنهن سان ورهين جي ياري هئي، پريس ڪلب ۾ مليو.
پڇيائين: سنڌي صحافت متعلق توهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟
چيمر: سنڌي صحافت پيار جي پرٽن ۽ سرڪاري اشتهارن جي سلاجيت تي زنده آهي. مالڪن جي اٽيل ڪوريئڙي جي ڄار ۾ ڪارڪن اڌ مئل مک جيان پوپان پساهہ کڻي رهيا آهن. سنڌ جا مسئلا ڪشمير جيان زيب داستان بڻجي رهجي ويا آهن. اخباري مالڪن جا منهن ٽاٽي هٽي ويا.
هڪ اديب پڇيو: موجوده سنڌي ادب جي باري ۾ توهان ڪي ڇا چوڻو آهي؟
چيمر: ريس جي رٽائرڊ منڊي گهوڙيءَ تي ٽنڊا سوار آهن، جنهن ڪي ٿو لغام هٿ چڙهي، سو شهسوار ٿو سڏائي.
سوال پڇندڙ جي منهن جو پنو لهي ويو. پٺي ڏئي ويهي رهيو.
هڪ پيو همراهہ وڌي آيو.
پڇيائين: علمي، ادبي ۽ ثقافتي ادارن جي ڪارڪردگي ڪيئنءَ ٿا پانيو؟
چيمر: جن علمي ۽ ادبي ادارن جي گڏجاڻين جي غير رسمي ٻولي سنڌيءَ بجاءِ اردو ۽ انگريزي هجي ۽ جن ادارن ۾ پولڙا شينهن جي ڪل پائي، پچ ڪانڊاري گجگوڙ ڪن ۽ ٻاهر نڪري ٻانڊڙا پائي معافيون گهرن ۽ مالڪن ڪي ڏسي رهڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون ڏمڪيون ڏين، سي ادارا سي اين جيءَ تي هلندا آهن ۽ سؤ ڪلوميٽرن کان پوءِ سوارين کان ڏڪو ڏيارينداآهن.

همراهہ ڪي ڏاڍي مٺيان لڳي، منهنجو نالو نوٽبڪ تي لکيائين ۽ ميڙ مان غائب ٿي ويو.

هڪ ڪارڪن پڇيو: قوم پرست ليڊرن لاءِ توهان ڪي ڇا چوڻو آهي؟

چيمر: بلي مارڪہ اگر بتي آلي ٽيڻ کان پوءِ ٻرندي گهٽ، دونهون وڌيڪ ڪيندي آهي. ڏيڍ چانور جون سؤ ديڳيون ڏسڻ ۾ گهٽيون پر پيٽ هڪ ڄڻي جو بہ ڀري نہ سگهنديون آهن. تو مون پارا ڪارڪن خالي ديڳ هيٺان خواه مخواهہ ڪاٺين جيان سڙي رهيا آهن. ڪارڪن جو رنگ پهريون پيلو پوءِ ڳاڙهو ۽ پوءِ نيرو ٿي ويو. اُلر ڪري آيو. پلو ٿٺي بلبل بيقرار جو جنهن وچ ۾ پئي جهيڙو ٽاري ڇڏيو جڏهن هئو مئو ٽري ۽ ڪنڌ ڪٽي سامهون نهاريم تہ پاڻ ڪي اڪيلو ڏٺم.

بلبل چيو: سموري خرابي تنهنجي ان گامون سچار واري ٽوپيءَ ۾ آهي. اڄ اڪيلو آهين، سياڻي پاڇو بہ ساٿ ڇڏي وينديئي، ڀلا هيءَ بہ ڪو سچ چوڻ جو زمانو آهي؟

چيمر: ڳالهہ تہ ڪجهہ ڪجهہ منهنجي بہ سمجهہ ۾ اچي ٿي پرهاڻي ڇا ڪجي؟

چيائين: سچارن جي ڄاتل سڃاتل چيمپئن گامون جا حال تہ ڏسي ورتئي، هاڻي چڱو اهو اٿئي تہ ماضيءَ تي توبهہ تائب ٿيءُ ۽ پنهنجو حال سڌار ۽ مستقبل سنوار.

بلبل بيقرار جي نصيحت منهنجي اٺ جهڙي ميڄالي ۾ ويهي وئي. بلڪہ پيهي وئي. مون گامونءَ جي ڏنل ٽوپي پنهنجي مٿي تان لاهي هڪ سادي سودي، احمق قسم جي واٽهڙوءَ جي سر تي رکي ڇڏي، هاڻيءَ کان ڏيڪارڻ جا ڏند اڏرا وٺي ڇڏيم ۽ قربانيءَ جي رڍ جي کل چوراڻي پائي ڇڏيم.

دوستو! هاڻي مان عام ماڻهن جهڙو ماڻهو آهيان، پنهنجين گذريل نالائقين تي سخت پشيمان آهيان. سچ چوڻ جي غلطي ٻيهر هرگز ، هرگز ڪو نہ ڪندس. ”سڀ ٺيڪ آهي“ جي مهر ٺهرائي ڪيسي ۾ رکي ڇڏي اٿم جيڪا بہ ڪوڙي ڳالهہ ڏسندس، ٻڌندس يا محسوس ڪندس، ان تي اڻ پڇئي اها مهر فرمانبرداريءَ سان هڻي ڇڏيندس. اهو منهنجو توهان سان وعدو آهي. اعتبار نہ اچيو تہ آزمائي ڏسو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ سَين نہ ڏيندي چَين

منهنجي ڪنهن پياري سڄڻ مون کي موبائيل تي هيءُ ننڍڙو نياپو (SMS) ڏياري موڪليو آهي

”اربيمر انهن دوستن کي جيڪي پاور ۾ آهن.

”جب خزاں آئے گی تو وہ لوٹ آئے گا فرازؔ
وہ بہاروں میں ذرا کم ہی ملا کرتا ہے۔“

ڳالهہ ننڍڙي آهي پر وڏي جي ڳنڍڙي آهي. گهڻن کي دل تي ڌڪ لڳو هوندو. ڪن جا تہ چرڪ نڪري ويا هوندا. واسطيدارن جو نڪ پڪو آهي، منهن بڇڙو ڪري ڳالهہ لنوائي ويا هوندا.
هڪ ملندڙ جلندڙ شعر مون کي بہ ياد آيو آهي:

”اِک ذرا سی بات پر برسوں کی یارانی گئی
خیر اچھا ہی ہوا، کچھ لوگ پہچانے گئے۔“

ننڍڙي گجيءَ وارن لاءِ ڪرسي وڏي بلا آهي. چوندا آهن تہ ”ڏهءُ جهلي يا واٽيو يا مينهن“ ٻئي جي جاءِ ناهي.اسان سنڌي بہ گهٽ ناهيون. لئہ رکڻ ۾ اڪيون ڦيرڻ ۾ اهڙا تہ مڙس ماڻهو آهيون جو چڱ مڙسي ملڻي ڪان پوءِ جوڳي نہ ڪنهن جا مِٽ! جهڙي تهڙي رشتيداري، ياري دوستي يا واقفڪاريءَ کي تہ پاڻ ڪنگهئون بہ ڪو نہ چوندا آهن تہ سمن سرڪار جو هڪ ديوانو عاشق هوندو هو. پيپل قوم سان واسطو هوس ۽ نالو هوس ڏيڏيو. ڏيڏئي فقير جي عقيدت ان حد تائين هئي جو ٻيا تہ پيو ڦيرا پائيندو هو ۽ حاضريون پريندو هو پر سمن سرڪار جو هڪ بہ ميلو ڪڏهن ڪو نہ گسايائين. مينهن هجي طوفان هجي، ڪاڙهو هجي يا سخت سردي، همراهہ هر حال ۾ بيماريءَ سيماريءَ ۾ بہ پاڻ ڪٺائي يا گهلجي سهلجي وڃي ڪنهن نہ ڪنهن طرح مرشد جي مزار تي پهچندو هو. هڪ پيري خدا جي ڪرٽي اهڙي تي جو فقير کي جوڪائي اصل صفا گهر ڪري وئي. نہ پئسو نہ پنجڙ نہ مال نہ مڏيءِ اوڙر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ ڏاڍا وس ڪيائين، ليلايائين، ايلاز منٿون ڪيائين، پر ڪٿان به هڙ حاصل ڪو نه ٿيس. مايوس ٿي وڃي سڙڪ ڪناري ڪنهن وڻ هيٺان ڪانپ ڪيڏي ويهي رهيو. ميلي جا شوقين تولا ٺاهي سندس اکين اڳيان تاشا ماشا هڻندا پئي ويا. پر فقير کين فقط حسرت وچان ويٺي ڏٺو. ايتري ۾ هڪ دل گهريو دوست به اچي لانگهائو ٿيو فقير کي گم سم ويٺل ڏسي حيرت مان پڇيائين، ”ڏيڏيا فقير، ميلي تي نٿو هلين ڇا؟“

فقير وراڻيو. ”پائو سمن سرڪار کي منهنجا گهڻا سلام ڏجانءِ ۽ چئجانس ته مرشد. هيل ڏيڏئي فقير جي منهن ڏسڻ لاءِ سڪندين!“

اسان به انهن جي منهن ڏسڻ لاءِ سِڪي پيا آهيون جيڪي هر موقعي، هر محفل، هر ڪچهريءَ ۾ وڏيءَ عزت آبرو ۽ مان شان سان ملندا هئا ۽ فخر سان پنهنجو تعلق جتائيندا هئا ۽ توري گهڻي تي صلاح مصلحت جو موقعو هٿان نه وڃائيندا هئا. سنڌي اديبن، دانشورن ۽ لڪارين جي ذهني لاڙي کي ڏسي هو به وڏا قوم پرست سڏائيندي دير نه ڪندا هئا. اجرڪ ۽ ٽوپيون پائي اسٽيج تي سنڌ جي آجپي لاءِ جذباتي تقريرن جا ڏوڙيا لائي ڏيندا هئا. ٻولي، ثقافت ۽ ادب سان ٿيندڙ جهاتڪي تي ڳالهائيندي گلو پرجي ايندو هو ۽ سنڌين جي غربت، بي روزگاريءَ ۽ ڪسمپرسيءَ تي ڏهه ڏهه ڳوڙها ڳاڙيندا هئا ۽ سنڌ کي پنهنجا حق موٽائي ڏيڻ لاءِ خون جو آخري قطرو به قربان ڪرڻ جا واعدا ڪندا هئا.

اڄ اهي نه رڳو ڳولئي نٿا لڀن، پر جي ڪٿي اوچتو منهن چڙهي ٿا وڃن ته پنهنجي شڪائپ متائڻ لاءِ مورڳو ڏهه ڪڏهه اسان تي لڏيو ٿا اچن. ڏيڏئي فقير ته سچائيءَ ۾ مرشد کي سلام موڪليا ها پر اسان وارا يار ته سکيائيءَ ۾ به سلام نٿا وارين. اها ڪا نئين ڳالهه ڪانهي. هن ڪان اڳ به ايئن ٿيندو آيو آهي، اسان به هري ويا آهيون. هو به هري ويا آهن. ڏوراپا ڏيڻ اسان ڪان ڪو نه ٿا پڄن. منهن موڙڻ ڪان باز هو نٿا اچن. اسان جي ڪمزوري آهي پِتي صاحب جي خاندان سان محبت ۽ هنن جي سرسي آهي اسان جي ڪمزوريءَ مان فائدو وٺڻ.

سچ اهو آهي ته پِتي صاحب جي اقتدار ۾ اچڻ تائين ۽ جي ايم سيد جي فعال هجڻ تائين ”جيئي سنڌ“ تحريڪ وڻ وجائي ڇڏيا هئا. ڪنهن جي مجال هئي جو سنڌ ڏانهن ميري اک ڪڍي نهاري؟ ظلم ته پهرئين ڏينهن کان شروع ٿيو هو. پناهگيرن تي پاڄهه جو هٿ رکي ڄڻ اسان پنهنجي قبر پاڻ کوٽي هئي. ناحق گهر ويٺي نانگ پالي وڌاسين. جيئن جيئن ڦڻ ڪڍيندا ويا. تيئن تيئن تحريڪون به تيز ٿينديون ويون. جيئي سنڌ جو نالو ٻڌي چڱي ڀلي جو ساهه مٺ ۾ اچي ويندو هو. ٻوليءَ جي مسئلي کان ويندي ايم آر ڊيءَ تائين سڀ ڪوٺا پنهنجن ٻرن ۾ لڪا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويٺا هئا. پٽي صاحب جي ڦاسي تي ۽ ايجنسين پنهنجا ڪرتب ڏيکارڻ شروع ڪيا. جيئي سنڌ جا اڪ ڏڙا ٻڃي پيا. سنڌ لاءِ ته سيني جو ساهه تو ترڇي پر اليڪشن ۾ ووٽ پٽي جو آهي. اسان جي قومي تحريڪ جي ڪمزوريءَ لاءِ ۽ اليڪشنون کٽڻ لاءِ پ پ کي سنڌي ماڻهن جو ٿورائتو هئڻ گهرجي، ڇو ته عام سنڌي پ پ کي ئي پنهنجو نجات ڏياريندڙ ٿو سمجهي. هن وٽ هر درد جو دارون پٽي صاحب جي پارٽي آهي. بينظير جي شهادت ته مورڳو ئي سنڌين کان جيئي سنڌ وساري جيئي پٽو چوائڻ تي مجبور ڪيو آهي. اهو جدا بحث آهي ته جيئي سنڌ جا اڪ ڏڙا پڻ سنڌين جي ٻڏي ٽوڙڻ لاءِ مجرمائو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. منجهانئن ڪن ته پنهنجن ڪوڙن سچن دليلن کي هٿي ڏيڻ لاءِ سيد مرحوم جا اهڙا اهڙا قول گهڙيا آهن، جو قيصر لنڊ ٻڌي ته به شرمائجي وڃي. ڪجهه ڏينهن کان اسان جا ڪي نامور دانشور متحده سان سنمک ٿيڻ لاءِ جي ايم سيد جا اهڙا قول ٻڌائي رهيا آهن جي يا ته بلڪل هٿ ٺوڪيا آهن يا وري ان وقت جي سياسي ۽ سماجي حالتن موجب ته بلڪل صحيح هئا پر ٻُل هيئنان ايترو پاڻي وهي وڃڻ کان پوءِ هاڻي گڏيل راءِ سان نئين منصوبابندي اٽٽر تي پئي آهي. ڀلا ان ۾ ڪو شڪ آهي؟ ڇا ته سنڌ جي ٻولي، ثقافت، علم ۽ ادب جي اها آزاد حيثيت هاڻي بلڪل ڪو نه رهي آهي، جيڪا آزاديءَ کان اڳ هئي يا آزاديءَ کان پوءِ ملڪ جي ٻين صوبن جي اڄ به آهي؟ ڪنهن کي ذري برابر به گمان آهي ڇا ته سنڌ جي وسيلن، روزگار ۽ شهري علائقن تي اسان جو هاڻي قبضو باقي نه رهيو آهي؟ ورجاءُ ٿيندو پر ياد ڏيارڻ ڪانسواءِ رهي به نٿو سگهجي ته سنڌ جي ٻهراڙيءَ جو ڊوميسائيل رکڻ وارن کي آمريڪا، انگلينڊ ۽ ڪئناڊا ۾ ته نوڪري ملي ويندي پر ڪراچيءَ ۾ نه ڪين نوڪري ملندي نه پڙهڻ لاءِ داخلا! ٻڏي مرڻ جو مقام آهي ته ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ٻين صوبن لاءِ ته ڪوٽا مقرر آهي پر گهر ڌڻي اتي به جهنجهٽا وڃائيندا وتن. پنهنجي ڌرتيءَ تي جهڙا ٻچڙا اسان ٿيا آهيون، شل ڪو دشمن به اهڙو ذليل نه ٿئي.

جن جي هٿان اهو سڀ ڪجهه ٿيو آهي، اهو ڪو محض اتفاق ناهي. ڄاڻي ٻجهي وڏي مهارت سان اسان جا پير ڪٽيا ويا آهن ۽ ان جي ڄاڻ انهن کي به آهي جن پٽي صاحب ۽ محترمه شهيد جي عقيدت ۽ محبت ۾ موجوده حڪمرانن جي ڪاميابيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيو مارون کاڌيون، جيل ويا، معذور ٿيا يا جان کان ويا ۽ انهن کي به خبر آهي، جيڪي ڪالهه تائين سنڌ تي ٿيندڙ هر جبر تي واويلا ڪندا هئا ۽ اڄ اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ انهن ئي قوتن کي هنج ۾ وهارڻ لاءِ سنڌن هر انگل مچڻ لاءِ آتا آهن، جن کي هو نديندا آيا هئا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهرباني ڪري اسان کي اهو دليل نہ ڏيو تہ امن امان جي صورتحال برقرار رکڻ لاءِ اسان اها ڪوڙي گوري ٿا کائون. ائين نہ ڪيون ها تہ ملڪ ۾ ہائيتال مچي وڃي ها، هل هنگاما ٿي وڃن ها، باهہ جا شعلا آسمان سان ڳالهيون ڪن ها، جيڪڏهن اهو ئي توهان جو دليل آهي تہ پوءِ حڪمرانيءَ تان هٿ کڻو ۽ اسان کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏيو. جيڪڏهن مقدر ۾ بربادي ئي لکيل آهي تہ پوءِ توهان پنهنجو نالو ڇو ٿا خراب ڪيو؟ جي هل هنگامي، بدامني ۽ مار ڌاڙ کان ڊڄو ٿا تہ پوءِ انهن ڌاڙيلن کي بہ وزير يا مشير ڪري جان ڇڏايو جن ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ رڻ ٻاري ڏنو آهي. دل کوٽي، عذر گهڻا! اسان تہ يار جوئا ۾ سڀ ڪجهہ هارائي ويٺا آهيون، توهان بہ پٽڪو ٻڌي ڏسو.

مون جڏهن اهي ڳالهيون هڪ اهڙي سڄڻ سان ڪيون، جيڪو ذاتي طور ڏاڍو پيارو ۽ محبوب ماڻهو آهي ۽ اڄڪلهہ وڏي مان واري عهدي تي آهي، تڏهن هن يار وراڻيو تہ توهان اديب آهيو ۽ اسان سياستدان آهيون. توهان پنهنجو ڪم ڪيو ۽ اسان کي پنهنجو ڪم ڪرڻ ڏيو. ڳالهہ تہ هن جي بہ واجبي آهي، پر ٿورو سمجهہ جو ڦير آهي. اسان تہ ڪڏهوڪو فرنا تي اردوءَ جي اديبن وانگر گل ۽ بلبل جي شاعري ڪيون ها ۽ وهي وهانويءَ جهڙا ناول لکون ها ۽ سرڪاري خرچ تي گهمون ها، ڦرون ها. وضيفا ۽ عهدا ماڻيون ها، صلاحڪار ٿيون ها، ايمبيسڊر ٿيون ها، جيڪڏهن پڪ هجي ها تہ توهان جي سياست سنڌ دوستيءَ تي ٻڌل هوندي ۽ توهان جي ايجنڊا تي اسان جي ٻولي، اسان جي ڌرتي ۽ اسان جا ماڻهو سڀ کان اهم ترجيح رکندا. اسان کي ڪهڙي ڇتي ڪتي ڪاڏو آهي جو خواهہ مخواهہ ويٺا ڌاڙ گهوڙا ڪيون، چڱا مٺا ٿيون، سک آرام ڦٽايون، دوست دشمن جي نظرن ۾ اچون، ڪيس پوڙيون، لٽيون کائون ۽ ڌمڪيون سهون؟

اچو اسان سان ويهو اسان کي آٿت ڏيو اطمينان ڪرايو اعتماد ۾ وٺو سيني سان "مفاهمت" وارو محاورو بہ تہ توهان ئي ايجاد ڪيو آهي نہ؟ جيڪڏهن "قاتل ليگ" کي ڇڏي ٻئي سڄي جهان سان ڊائلاگ تي سگهي ٿو تہ پوءِ گهرياتين ڪهڙو ڏوهہ ڪيو؟ سخاوت تہ گهر کان شروع ڪبي آهي. پهريون تہ اسان جو حق آهي. ٻئي صاحب ۽ بي بي شهيد جا اصل ماتمي تہ اسان آهيون. توهان تہ سندن قاتلن جو نالو وٺڻ بہ ڇڏي ڏنو آهي. جن فردن جا نالا بي بي صاحبہ پنهنجي لابست کي ڏنا هئا. انهن کي ڇڏي توهان تہ نظام کان انتقام جو حصو بڻجڻ لاءِ تيار ٿي ويٺا آهيو. جڏهن توهان پنهنجي شهيد چيئرپرسن جي لاءِ دعا گهرڻ کان وڌيڪ ڪجهہ ڪري نٿا سگهو تہ پوءِ سنڌي قوم جا ڦريل حق وٺي ڏيڻ لاءِ جيڪو طمنچو ڪٽندؤ سو بہ جڳ ڏٺو آهي! الله تعاليٰ اسان سيني تي پنهنجو رحم ۽ ڪرم فرمائي (آمين).

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ليکڪن جي بيماري

سنڌي ليکڪن ۾ جيڪا ٻي اهم بيماري هاڻي تمام گهڻو زور وٺي وئي آهي، سا آهي "مان" جي بيماري. خبر ناهي منجهن ڪهڙو عدم تحفظ (INSECURITY) جو احساس گهر ڪري ويو آهي، جو هو بجاءِ سٺو ۽ صحتمند ادب ڏيڻ جي پنهنجي سر پنهنجي پڏاءَ ۾ ڪاهي پيا آهن. هڪ اديب جو ڪم آهي لکڻ تنقيد ۽ تعريف پڙهندڙن تي ڇڏڻ گهرجي. سٺو لکبو وقتائتو لکبو ۽ عام ماڻهوءَ جي دل وٽان لکبو ته جسُ ته آوَسِ ملندو. وهه واهه به ٿيندي عزت ۽ احترام به ملندو پر جي لکبو هوائي توائي ۽ پنهنجن ئي پيرن ۾ ڇير پائي نچبو ۽ پنهنجو ساراهه جا سهرا به پاڻ ئي ڳائبا ته ماڻهو نه رڳو کلندا پر پرپٺ "هيڙو هيڙو" به ڪندا. انهيءَ خود ثنائيءَ ۾ اسان جا يار ايترو مگن ٿي ٿا وڃن جو اهو به ڏيان نٿو رهين ته پويان ٺٺوليون پيون ٿين ۽ ماڻهن جا هوڪرا پيا ٿا پون. انڌي پونڊي ۾ خوش! ڀلا جو ڪر جي ابتين سبتين حرڪتن تي ڪير نه کلندو؟ اوهان جڏهن پنهنجي عزت نفس جو اچو منهن ڪرڻ تي ڪمر ڪشي بيهندا ته پوءِ ٻين تي ڪهڙي ميار؟ ماڻهو ته آهن رونشي ڪوڏيا. انهن کي الله ڪٽي ڪو مَتِ جو موڙهو هٿ ڏياري. هاسيڪار پيا چوڪون ڏيندا ته من چريو چلولائيءَ تي چڙهي. هڪ پاسي چرٻٽ پنهنجي واڪاڻ جو رڪارڊ وڄايو ۽ ٻئي پاسي هو پيا پاسرين کي هٿ ڏئي کلندا ۽ هڪ ٻئي کي ميڇون ڏئي مزا وٺندا. همراهه جي ليکي ته مون ڪا وڏي کيپ ڪٽي آهي جو هيترا سارا ماڻهو پيا ٿا هوڪرا ڪري کلن ۽ تاڙيون وڄائي وهه واهه ڪن. سو ٽيڪر تي رهيا کهيا لٽا به لاهي بيهي رهندو.

تصويرون توهان جي سامهون اچي ويون هونديون. اهي مهانڊا پري کان پڌرا. نالي ڪٽڻ جي گهرج ئي ڪانهي، سندن خيال ۾ ڪائنات جو مرڪز ۽ محور سندن ئي ذات آهي. چنڊ، سج، تارا، ڪتيون، ستارا، سيارا، پکي پکڻ، جن، پريون ۽ ٻي سموري مخلوق سندن چوڌاري پئي ڦري، سجدا ڪري ۽ ڪورنشون بجا آڻي. هي رنگ روپ، خواب ۽ خوشبو ڌرتي ۽ آسمان، مينهن ۽ واچ، نديون ۽ نارا، سڀ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندن ئي دم سان آهن. هو هٿ مٿي کڻندا تہ ڌرتيءَ جي گردش بيهي رهندي. ماڻهن جي دلين جي ڌڙڪن بند ٿي ويندي ۽ سنسار جو وهنوار ويڙهجي سيڙهجي ٺپ ٿي ويندو. طوطي وانگر بہ ٿي جملا رٽي ڇڏيا اٿن. اهي هر هنڌ پيا ورجائن. هر آئي وئي کي ٻانهن کان جهلي ور ور ڪري پيا ياد ڏيارن تہ مان فلاڻو آهيان. مون هيترا ڪتاب لکيا آهن. فلاڻو ڪلام منهنجو لکيل آهي يا فلاڻو افسانو يا ڊرامون هن حقير جي قلم جي ڪاوش آهي. منجهانئن ڪي تہ اهڙا نرچا آهن جو بنا دعوت جي اکيون ٻوٽي ڊوڙ پائي اسٽيج تي چڙهي مڙس ماڻهو ٿي ويهي رهندا، چئو نہ چئو خود بخود تقرير ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا. شل نہ ڪو ٽي وي چئنل وارو ڏسن، ٽونا پيا هڻندا. ٻين جي گفتگوءَ جي وچ ۾ دخل ڏئي چوندا، مان فلاڻو آهيان. هيترا ڪتاب لکيا اٿم. هيترا ٻار اٿم. هيتريون ڊيئر. هيترا پٽ، سي بہ هڪ ئي زال مان! (ماڻهن جا ٺهڪ) پريس ڪانفرنس لاءِ چئني پاسي سنگهندا وتندا. توهان لکي ڇپي وجي ڪنهن ڪنڊ ۾ پريس وارن سان ڳالهايو هو ناسون هڻندا اتي بہ پهچي ويندا، ڳالهہ هلندي اغرب جي تہ هو مغرب جي پيا وڦلندا. وري بہ ساڳيو ئي رينگٽ مان فلاڻو هيترا ڪتاب لکيا اٿم. هيترا ٻار هيتريون ڊيئر. هيترا پٽ، سي بہ هڪ ئي زال مان! (پريس وارن جا ٺهڪ)

ننڍا هوندا هئاسين، پناهگير نوان نوان آيا هئا، موني بازار ۾ هڪ جهونو پنهنجي گهر ٻاهران ڪرسي رکي ويهي رهندو هو. ٻڌائيندو هو تہ هو هندستاني فوج ۾ ڪرنل هو. پاڙي وارن جو چوڻ هو تہ اتان ئي ڪِل ٽڙي وئي هئس.

ٻارن کي گڏ ڪري سُرَ سان چوندو هو: بولو باجا.

اسان بہ سُر ۾ ئي چوندا هئاسين: باجا.

هو ساڳي ئي سُر ۾ چوندو هو: تو ڦر تم هو گئي گواليار ڪي راجا!

پوءِ پنهنجيءَ ٻولي ۾ چوندو هو: "منڪيا ڪُنڪيا، مِٽي چورو هوا!" (الائي ڇا مطلب).

ڪڏهن چوندو هو: بولو راني.

اسان سُر ۾ چوندا هئاسين: راني،

هو بہ سُرَ سان سر ملائي چوندو هو: لائو ايڪ گلاس ٺنڍا پاني!

۽ پوءِ يڪدم اهو ئي جناتي جملو: مُنڪيا ڪنڪيا، مٽي چورو هوا!

بلڪل اهڙيءَ طرح اسان جا اڌ اکري ۽ اڻ گهڙيا، خود پرست ۽ خود پسند شاعر ڪنهن نہ ڪنهن جي پِر ۾ ويهي چوندا: اجهو هينئر ئي هينئر الهامي شاعري ٿي آهي. مسٽر ڪيسواڻي توهان جي خدمت ۾ عرض آهي تہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سريش ڪيسواڻي،
تون اهڙو پيارو
جهڙو سنڌوءَ جو پاڻي! (مُتڪيا ڪتڪيا، مٺي چورو هو!)
ٻئي کي گهيري چوندا:
رينو عدناڻي،
لڳندي آهين تون،
راڄن جي راڻي! (متڪيا ڪتڪيا، مِٺي چورو هو!)

پوءِ اهو الهامي شاعريءَ جو سلسلو جو شروع ٿيندو ته ٽرين جي گارڊ کان ويندي اسٽيشن جي ڪوليءَ تائين جاري رهندو ماڻهو ڪلي ڪلي ڪيرا ٿي پوندا پر مست سمجهندو ته ڪا وڏي ڪيپ ڪٽي اٿم. سو ٽيگرجي چوندو: بالي ووڊ جي مشهور هدايتڪار رام ڪنگال منهنجي شاعريءَ جي واکاڻ ٻڌي سن 2000ع ۾ مون سان هڪ گزل (غزل) جو معاهدو ڪيو هو پنهنجيءَ ايندڙ فلم جي لاءِ (تاڙيون) هاڻي ڪانٽس ڪو پڇي ته سائينءَ جا سنواريا. سن 2000ع کي پورا ست سال ٿي ويا. ان وچ ۾ رام ڪنگال اٺ فلمون ٺيون ٻه ٽاهي ورتيون. تنهنجو گزل ڪيڏانهن ويو؟ فلم جو ڪو نالو ڪو ميوزڪ ڊائريڪٽر جو نالو ڪو ڳائڻ واري جو نالو؟ ڪجهه ته ٻڌاءِ؟ جواب ڪو نه ملندو. اهڙا ئي ماڻهو پاڻ کي اهم، معصوم ۽ ڏات ڏٺي ميراڻ لاءِ پنهنجي ته واکاڻ ڪندا ئي ڪندا پر پنهنجو رستو صاف ڪرڻ لاءِ ٻين کي گهٽ ڪرڻ لاءِ ڪوڙ جا ڪوٽ اڏيندي به دير نه ڪندا. مون کي سندن حالت تي رحم به ايندو آهي، شرم به ايندو آهي، ڪل به ايندي آهي. فلاڻي مون کي ڏسندي ئي ٻٽونءَ مان ويهه هزار رپيا ڪڍي ڏنا. ٻيا سڀ ڏسندائي رهجي ويا! فلاڻي مون کي اسٽيج تي گهرائي پاڪر پاتا ۽ ٻيا سڀ ڏسندائي رهجي ويا! فلاڻي مون کي هلنديءَ ٽرين ۾ ننڊ مان اٿاري وچي پاڻ سان گڏ فرسٽ ڪلاس ۾ سهاريو ۽ ٻيا سڀ ڏسندا ئي رهجي ويا! ڪو انهن سيني ڏسندائي رهجي ويلن کان ته پڇيو ته قصو ڇا هو؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽوپي

جنهن ڏينهن مون گامون سچار جي ٽوپي پنهنجي سر تان لاهي هڪ سادي سوديءَ احمق قسم جي واتهڙوءَ جي مٿي تي رکي ڇڏي ۽ هاٿيءَ ڪان ڏيکارڻ جا ڏند اڏارا ورتا ۽ قربانيءَ جي رڍ جي ڪل چورائي پائي ڇڏي ۽ اڪين تي نار جي ڍڳي جا ڪوپا چاڙهي ڇڏيا ۽ ڪنن ۾ ڪپهه جا پوپا پري ڇڏيا، ان ڏينهن دوستن، دشمنن ۽ جاتل اڻ جاتل بي ريا ماڻهن جا بي انتها فون آيا. ڪي ملڻ به آيا، ڪن ملڻ جي اميد ڏيکاريءَ ڪن ملڻ جي ڌمڪي ڏني، پر سڀ کان پهريون فون آيو ابليس جو. ابليس اسان جو پنهنجو اديب دوست آهي. وڏو نالو ڪمايو اٿائين. ڇيڻي پور آهي. ڪا نه ڪا ڇوڇڙي پاريو ويٺو هوندو آهي، سچ کي ڪوڙ ثابت ڪرڻ ۽ ڪوڙ کي سچ بنائڻ سندس پسنديده مشغلو آهي. ٻين کي وڙهندو ڏسي سندس هاڻ تي ٽڏو چنڊو پوندو آهي. ڏينهن موج ۾ ۽ رات بي فڪريءَ جا ڪونگهرا هڻندي گذرندي اٿس. ڪي ڏريون نهيون ته دانگي پڃي پوندي اٿس. اونڌي منجي ڪري سمهي رهندو آهي. بلا جو ذهين آهي. پڙهيل ڳڙهيل، هوشيار خبردار پر ڦڏي فساد لاءِ چوويهه ئي ڪلاڪ بيقرار.

ڇپائين: هيءَ ڪهڙو قهر ڪيئي؟

پڇيم: ڇا ڪيم؟

ڇپائين: آڻ مجي سچ تان دستبردار ٿي وئين، ايءَ نه مارن ريت.

چيم: اڪيلا سچ چوڻ وارا يا ته ڦاهيءَ تي چڙهيا يا سنگسار ٿيا يا ڪل لهرايائون.

ڇپائين: تون اڪيلو ته نه هئين، مان به توسان گڏ هوس.

چيم: سو وري ڪيئن؟

ڇپائين: تون زور سان سچ ڳالهائيندو هئين، مان دل ۾ تنهنجي تائيد ڪندو هوس.

چيم: دل ۾ چيل سچ ڪنهن ٻڌو آهي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چپائين: زور سان چيل سچ پلا ڪنهن ٻڌو؟
چيمر: انڌن اڳيان روئڻ اکين جو زيان.
چپائين: محاورو ئي غلط آهي، هئڻ گهرجي انڌن ۽ ٻوڙن اڳيان روئڻ اکين جو زيان. اعتبار نٿو اچئي تہ لئنگويج اٿارٽيءَ وارن کان پڇي پڪ ڪري وٺ.
چيمر: تون ڇو نٿو پڇي وٺين؟
چپائين: مون پڇا ڪئي هئي پر هو عرصي کان عيد ڪارڊ ڇپائڻ ۾ مشغول آهن.
چيمر: عيد گذري وئي.
چپائين: اٿارٽين جي هميشہ عيد هوندي آهي.
چيمر: ابليس، تون مون کي ورغلائي رهيو آهين. تنهنجي ڳالهين ۾ اچڻ وارو ناهيان.
چپائين: ڳالهين ۾ تنهنجي مان اچي ويو هوس، پڪ ٿي وئي هئم تہ منهنجو معقول جانشين پيدا ٿي چڪو آهي، پر نہ تو مون سان ڌوڪو ڪيو. منهنجي پٺيءَ ۾ خنجر هنيو مون کي سخت مايوس ڪيو اٿئي. منهنجي تپسيا جو اپمان ڪيو اٿئي.
چيمر: ابليس سچ چوڻ ۾ منهنجو ڪو بہ مستقبل ڪو نہ ٿي جڙيو. منافق منهنجي ساڄي ۽ کاٻي پاسي کان نڪرندا عهدا، ڪرسيون ۽ تمغا ماڻيندا ٿي ويا. مان سندن ٺيڪر ٿي اصولن جو هوڪو ڏيندو رهيس ۽ هو منهنجي آڙ ۾ معاوضو وصول ڪندا رهيا. هاڻي ماشاءَ الله مان پاڻ منافق آهيان. ساڌن ساڻ سنمڪُ ۽ پٿنچن سان پورو! هڪ هنج مان لهي ٻئي ۾ ويهندس. مارڪيٽ جو ريٽ مان پاڻ طئي ڪندس.
ابليس مايوس ٿي فون رکي ڇڏي.
ٻي فون ڪاري ڪانءَ جي آئي. ڪارو ڪانءُ وڏو دانشور آهي. ٻاهر ٻولي هنج جي ٻوليندو آهي. هر محفل جو مور آهي. هر دعوت ۾ وچان گرهہ کڻندو آهي.
چپائين: سچ تان هٿ کڻي وڏي عقلمنديءَ جو ڪم ڪيو اٿئي. هاڻي وارا نيارا ٿي ويندئي.
چيمر: ڪارا ڪانءُ! مون کي تنهنجي آشيرواد جي ضرورت آهي.
چپائين: منافق آشيرواد جا محتاج نہ هوندا آهن.
چيمر: هاڻي ڇا ڪيان؟
چپائين: پهريون قدم کڻ، مُرڪڻ جي پرئڪٽس شروع ڪري ڏي، ڳالهہ وٺي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ وٺي، مرڪندو رهہ. منهن نہ گهنجاءِ. پلجي بہ غصي جو اظهار نہ ڪر. ڪنهن کي غلط نہ چئہ. ها ۾ ها ملائيندو رهہ. هاڻيءَ جا ڏند ڪهڙي ڏينهن ڪم ايندئي؟

چيم: ٻيو قدم؟

چپاٽين: اکيون پوٽڻ سک.

چيم: ان سان ڇا ٿيندو؟

چپاٽين: اکيون انسان جي اندر جو اولڙو هونديون آهن. اندر جي سچائيءَ جي چغلي هڻنديون آهن. پوٽيل چڱيون آهن. اکين پوٽ ماڻهو ڪاميابيءَ جون منزلون تيزيءَ سان طئي ڪندا آهن.

چيم: ٽيون قدم؟

چپاٽين: تعلقات وڌاءِ. ماٺ ڪري نہ ويهہ. هڪ کي چڱو چوڻ سان ڪجهہ نہ ورندو. سيني کي وهہ واهہ چئہ.

چيم: اهو ڏکيو ڪم آهي، مون کان ايڏي هڻ هٽان نہ پڄندي. مان مائيٽو منافق ٿيڻ ٿو چاهيان.

چپاٽين: آهن. اسان جي قبيلي ۾ اهڙا ٻيا بہ آهن. اهي ٽنگن بجاءِ قلم تي زور رکندا آهن. واڪاڻ جا واهڙ وهائي ڇڏيندا آهن. ساراهہ جون پُلون جوڙيندا آهن. تعريف جا بند ٻڌندا آهن. زبردست، بيباڪ، دبنگ، لاجواب ۽ بي مثال جهڙا لفظ رٽي ڇڏ. ياد رک! ڪامياب منافق تعريف ۾ ڪنجوسي هرگز هرگز نہ ڪندا آهن.

پڇيم: ۽ چوٿون قدم؟

چپاٽين: ان ڪان پوءِ وارا سڀ قدم توکي زمانو پاڻهي سيکاري ڇڏيندو. مون کي ڏس مان ڪارو ڪانءُ آهيان. اپرنڊڙ سچ جو سلامي آهيان. سچ لڪي ڪان پوءِ منهنجو آواز نہ ٻڌندين. مُردو نرڳ وڃي يا سرڳ ان سان منهنجو ڇا؟

چيم: پر سنڌ تہ ڪو مردو ناهي، امڙ آهي.

چپاٽين: پٽڙيءَ تان نہ لهہ. منافقن جي ڪا امڙ ڪو نہ ٿيندي آهي. ڪين تہ پيءُ جو بہ پتو نہ هوندو آهي.

چيم: ۽ ضمير؟

چپاٽين: ضمير نالو پٽ جو بہ رکيو چڱو ناهي. ڪامياب منافقن جي ڊڪشنري چپاٽيءَ جي آخري مرحلن ۾ آهي. ڇٽن هزار صفحن جي ان ڪتاب ۾ توکي ضمير نالي ڪو بہ لفظ نہ ملندو. دلجاءِ ڪر. هاڻي وقت نہ وڃاءِ. ڪاميابيءَ جي منزل تنهنجي انتظار ۾ آهي.

هن فون رکي ڇڏي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يڪدم فون جي گھنٽي ٻيهر وڳي

ٻچيمر: ڪير؟

چياڻين: اهو ئي سڌو سادو بيوقوف قسم جو واڻهڙو ،جنهن جي سر تي تو گامون سچار جي ٽوپي رکي چڙي هئي.

چيمر: مون کي ڪيئن ڳولي لڌئي؟

چياڻين: اخبار ۾ تنهنجو فوٽو ڇپيو آهي.

چيمر: ڇو فون ڪئي اٿئي؟

چياڻين: اهو ٻڌائڻ لاءِ تہ منهنجي مٿي تي ٽوپي رکي تو وڏي غلطي ڪئي آهي.

چيمر: سو ڪيئن؟

چياڻين: مان خانداني منافق آهيان.

چيمر: پر تون تہ مون کي سادو سودو احمق قسم جو ماڻهو لڳين.

چياڻين: مها منافق جو اهو ئي تہ ڪمال هوندو آهي. ٽوپي در تي پئي اٿئي. ٻاهر نڪرڻ وقت پائي چڙجانءِ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَرف ايڪسل هي نا؟

لڳي ٿو ته حڪمرانن کي هاڻي نه سنڌ جي ضرورت باقي رهي آهي، نه سنڌين جي. بنگالين وانگر اسان مان به بيزار ٿي پيا آهن. جي ايئن نه هجي ها ته جيڪر هيئنءَ ڏٺو وائٺو ڄاڻي ٻجهي، سوچي سمجهي، سڀ قانوني، اخلاقي ۽ آئيني حدون ٽوڙي، سنڌين جي اڪثريتي راءِ جي پامالي نه ڪن ها. اسان ته خير هونئن ئي ٻارهن مهينا سوڳ ۾ آهيون، هاڻي ته ڏاريا به اسان جي حال تي رحم ٿا کائين، ڪين به اکين جو شرم ٿو ماري، اهي به هن ڏاڏائيءَ تي احتجاج ڪرڻ لڳا آهن. سچ پڇو ته دل خون جا ڳوڙها ٿي ڳاڙي، اندر ۾ اڌما ٿا اٿن. روح رڙيون ڪري ٿو روئي. الائي اشراف آهيون يا ابوجهه آهيون يا وري ڪمزور آهيون جو ههڙا هاڃا بنا چون چرا جي سهي ٿا وڃون. ٻي ڪا ويڙهو قوم هجي ته جيڪر ڪڏهوڪو سراپا احتجاج بڻجي اٿي کڙي ٿئي. ڇا ڪجي، اسان جو پنهنجو قبلو ئي درست ناهي. ان ڪمزوريءَ ماري وڌو آهي. ٻڌي ڪانهي. ڪاريون رڏون جام ڪاهي پيون آهن، رهبر رهزن بڻجڻ ۾ دير ئي نٿا ڪن. اعتبار ڪيون ته ڪنهن تي ؟ عام ماڻهو پ پ پ جو ديوانو آهي ۽ اها ئي پارٽي ايجنسين جي اک جو ڪنڊو بڻجي چڪي آهي. نه پ پ کي پاور ملندو ۽ نه سنڌين جي راءِ کي اهميت ملندي. موج وچان ٻين جي تي وئي آهي. راڄ دلارا، اکين جا تارا، هارائڻ کان پوءِ به نٿا هارجن. ٽورا هوندي به گهٽائيءَ تي راڄ ٿا ڪن. پنهنجي مرضيءَ جو گورنر، وزير اعليٰ، اسپيڪر، ڊپٽي اسپيڪر، وزارتون، صلاحڪار ڪامورا، مطلب ته الادين جو چراغ آهي، جنهن کي رڳڙڻ سان جن حاضر! ناممڪن کي ممڪن بڻايو ڇڏي اهڙو چراغ اسان کي ڇو نٿو هٿ اچي؟ ڪڏهن ايندو به يا نه؟ مون کي ته نظر نٿو اچي. نه نوَ مڻ تيل نڪرندو نه رادا نچندي (اوڌر ورتل پهاڪو آهي. سنڌيءَ ۾ تيل وارو پهاڪو هٿ فٽ نٿو ٿئي). جڏهن سنڌ جا نوَ وڏا خيرن سان پاڻ ۾ گڏجي ويهندا ۽ ڪلي اٿندا، تڏهن ڪجهه آس اميد ڪَرَ موڙيندي. معجزن جو زمانو ته ناهي پر قدرت کي وڏا هٿ آهن، ٿي به سگهن ٿا. دريا خاتون مان دريا خان ٿيندي ويرم ٿي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙي لڳي؟ جيسين اهڙو ڪو بيو حيرت انگيز واقعو ٿئي، تيسين حقيقت ڪي نہ منهن ڏيکو ٿي پوندو ۽ حقيقت اها آهي تہ الا الدين جي چراغ "سرف ايڪسل" جو ڪم ڪري ڏيکاريو. سمورن اکين جي تارن ۾ راڄ دلارن جا ڏوهہ گناهہ ڏسندي ئي ڏسندي صاف ڪري ڇڏيائين. نہ رڳو ايترو بلڪ سندن ڪلهي تي بادشاهت جو باز پڻ وهاري ڇڏيائين. اسان باز پاليو ضرور هو پر اوچتو ئي اوچتو وجھہ وٺي اسلام آباد اڏامي ويو. موتيو تہ پيرن ۾ سونا گهنگهرو پيل هئس. هاٿي اڏري ٿو تہ لڳي ٿو جڻ ريما پئي رقص ڪري.

هڪ واڻئي ڪي باز پالڻ جو شوق ٿيو. مسلمان ڪي ايلاز ڪيائين تہ باز پڪڙي ڏي، جيڪي پئسا چوندين سي ڏيندومانءِ. مسلمان ڀهريون تہ لنوائيندو رهيو پر پوءِ واڻئيءَ جي شوق ۽ پئسن جي لالچ پاڙي ڪري وڌس. جهنگ مان هڪ سرڻ جهلي آڻي واڻئيءَ کي ڏنائين. چيائين، "اڇي هي وٺ پنهنجو باز ۽ ڇڏاءِ ڏهہ هزار رپيا منهنجي خرچيءَ جا."

ديوان هڪ هٿ سان سرڻ ورتي ۽ ٻئي سان ٻتوءَ مان پئسا ڪڍي مسلمان کي ڏنا پئسا ملندي ئي همراهہ رکيو ڪڙيءَ تي زور، تر ئي ڇڏي ويو.

هيڏانهن واڻيو سرڻ ڇپي تي ويهاري، وڏي فخر سان پلٿي ماري وڃي ٿلهي تي ويٺو. پلا هجي باز تہ ڪا لڏ بہ ڏيکاري. هوءَ هئي ويچاري سرڻ، سا ڪنڌ ڍرڪايو اکيون ٻوٽيو پئي واڻئي جي هٿ تي جهوٽا کائي ۽ واڻئي جي منٿ جو نڪاءُ پيو پوي تہ "باڄ، او باڄ، باڄ ڪنڌ تہ مٿي ڪڻ!"

اسان وارا باڄ بہ واڻين جي ڇپي تي چڙهيا، ڪنڌ جهڪايو ويٺا جهوٽا کائين ۽ هوڏانهن سرف ايڪسل سڀ داغ ڌٻا ڌوئي پوئي، ماڻهن کي اڇو اجرو ڪري ڇڏيو آهي، جيڪي ڪالهہ تائين پوليس جي وردي ڏسي وڃي لڪندا هئا يا جيڪي نيب جي ڊپ کان ملڪ ئي ڇڏي ويا هئا، سي راتو رات نہ رڳو بي ڏوهي ثابت ٿيا، بلڪ جهنڊي واري گاڏيءَ جا مالڪ پڻ ٿي ويا. نڪاح جا بہ ٻول ڏاريءَ زائفان کي زال بڻايو ڇڏين ۽ پارٽي ڇڏڻ جا بہ لفظ ماڻهوءَ جو حليو بدلايو ڇڏين. جن چيو تہ اسان کي ڌڪو ڪنهن ڏنو سي هاڻي سمورو ڪم ئي ڌڪي سان پيا هلائين. ضياءُ الحق پورو هو جو "مثبت نتيجن جهڙو محاورو ايجاد ڪري پاڻ تي ماڻهو کلايائين. موجوده دور جا مهاراجا "مثبت نتيجا" ڪڍي پوءِ ٿا ڳالهائين. چولو مناڻڻ ۾ دير ئي ڪيتري ٿي لڳي؟ ڪنهن کي چٽ، ڪنهن کي لٽ، ڪنهن کي دڙڪو ڪنهن کي دلبو همراهہ ايئن رئي ٿي ويا، جڻ هئا ئي ڪو نہ. انصاف، اصول ۽ رواداريءَ جو جنازو انهن جي ڪلهن تي آهي، جن ملڪ مان ڪرپشن،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اقربا پروري ۽ ناانصافي جي پاڙ پٽڻ جو وعدو ڪيو هو. سيني صوبن کي سندن حق موٽائي ڏيڻ جو عهد ڪيو هو. جمهوريت، برابري ۽ نياءَ جي ڳالهه ڪئي هئي. سڀ لوڻ پاڻي تي ويا. مجرمن کي ملزمن کي ڳولي ڳولي هٿ ڪري، وڏي شان ۽ مان سان بينڊ باجا وڄائي، اهم عهدن تي ويهاريو ويو. عوام حيرت وچان تڪيندو رهجي ويو دنيا ٿوڪون ڪيون، تبصرا ڪيا، تجزيا ڪيا. ماڻهو ڪليا. پر اسان وارا يار وڏيءَ ڏاڏر سان اڃا تائين ان ڳالهه تي قائم آهن ته جيڪو ڪجهه ٿيو يا ٿي رهيو آهي، سو سڀ قانون، آئين ۽ اخلاق جي دائري ۾ ٿي رهيو آهي. اسان فرشتن کان وڌيڪ پاڪ صاف آهيون. ماڻهو اجايو پيا دانهون ڪن. سندن ڪل ٺڙي آهي، مٿو خراب ٿيو آهي، ميچالي ۾ ٻهڻ پرجي ويو اٿن!

سڀ کان وڌيڪ ڏاڍائي ۽ حق تلفي سنڌ ۽ سنڌين جي ٿي آهي. هو جي اجرڪ ۽ ٽوپيون پائي سنڌ جي حقن لاءِ وڙهڻ جون ڳالهيون ڪندا هئا ۽ نون ۽ پراڻن سنڌين جي وچ ۾ ڀائيچاري ۽ محبت جا گيت ڳائيندا هئا، سي هُشي ملندي ئي پنهنجي پراڻي روش تي لهي آيا. نه ڏنائون سنڌين جا سور نه ڏاڍايون نه اڳرايون، نه ارڏايون، نه سندن راءِ جو خيال ڪيائون، نه سندن خواهشن جو احترام ڪيائون. بس اشارو ملندي ئي دنيا کي ڏيکارڻ لاءِ اهو داڻو چونڊي آڻي سنڌ جو گورنر ڪيائون. جنهن جي سر تي انعام رکيل هو ۽ جيڪو ڪيترن ئي ڏوهن ۾ گهربل هو. غير سنڌي گورنر اڳ به ٿيندا رهيا آهن، سنڌين ڪنهن تي به اعتراض نه ڪيو. هاڻي به نه ڪيون ها، جيڪڏهن واقعي ڪو صاف سٿرو ماڻهو ان خيال سان مقرر ڪيو وڃي ها ته هو پنهنجي ڪوشش سان سنڌ جي مختلف طبقن ۾ ڀائيچاري لاءِ ڪوشش وٺي. سڀ کان وڌيڪ ڏک ته انهن سنڌي اديبن ۽ دانشورن ۽ سنڌ جي گهڻگهرن کي ٿيو آهي، جيڪي سنڌ ۾ سنڌي مهاجر ايڪتا جي هڪ پوائنٽ واري ايجنڊا تي ڪم ڪري رهيا هئا. مان به انهن مان هڪ آهيان جنهن جو پڪو ۽ پختو رايو آهي ته گهٽ ۾ گهٽ انهن مهاجرن کي ضرور گلي لڳائجي، جيڪي سنڌ جي ڀهراڙين ۾ رهي سنڌي ٿي ويا آهن، سنڌي ڳالهائين ٿا، سنڌي پڙهن ٿا ۽ سنڌين سان مرڻي پرڻي ۾ پير پرين ٿا. انهن اديبن ۽ دانشورن جي عزت ڪجي، جن سنڌ کي پنهنجو وطن تسليم ڪندي، سنڌي علم ۽ ادب ۾ ڀرپور ورتو آهي ۽ سنڌ جي جائز مطالبن کي پنهنجا مطالبا مڃيو آهي. انهن عام غيرسنڌي ماڻهن کي مان ڏجي، جيڪي امن امان سان سنڌ ۾ رهڻ چاهين ٿا ۽ ان ڳالهه ۾ ايمان ٿا رکن ته وقت گذرڻ سان گڏ هو اصلي سنڌين ۾ پاڻ کي جذب ڪري ڇڏيندا. افسوس جو موجوده صورتحال انهن سمورين اميدن ۽ خواهشن تي پاڻي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦيري ڇڏيو آهي. متحده طرفان ٻارهن وزيرن، ٻن صلاحڪارن ۽ گورنر جي گھر کان سواءِ ڪن اعليٰ عملدارن جي تقرريءَ جو مطالبو سنڌين سڌو جدائيءَ جو تاثر ڏئي ٿو: ٽيڻ ته ايئن گھربو هو ته سنڌين جي دل کٽڻ خاطر اول ته متحده سنڌ جي اڪثريتي راءِ جي لتاڙ کان صاف انڪار ڪري ها پر جيڪڏهن حاڪمن جي مرضي رکڻي ئي هئي، ته پوءِ گورنر، وزير، صلاحڪار توڙي اهم ڪارندا مقرر ڪرڻ واري عمل ۾ سنڌين جي جذبات جو خيال رکندي، ساڻن نه صرف صلاح ڪري ها، بلڪ ڪشاده دلي ۽ نيڪ تمنائن جي اظهار خاطر مٿئين سموري عمل ۾ مهاجرن سان گڏ سنڌين کي پڻ نمائندگي ڏني وڃي ها ته جيئن ڪدورتون دور ٿي سگھن ۽ نئين پرامن ۽ پراعتماد دور جو آغاز ٿي سگھي ها. هاڻوڪين حالتن ۾ سنڌين ۾ پيدا ٿيل شڪ شبها ۽ بي چيني بي سبب ناهي. ان کي دور ڪرڻ لاءِ ڪهڙا اپاءَ وٺڻ گھرجن؟ اهو سوچڻ هاڻي صرف ۽ صرف متحده جو ڪم آهي. ڪين پنهنجن وعدن جي روشنيءَ ۾ انهن مسئلن جو عزت ڀريو حل ڳولڻو پوندو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فلمي

چوڌري فرزند علي ارجمند علي قلفيءَ واري چيو: نئين فلم ٺاهڻي آهي، تيار ٿي وڃ.

چيمر: سنڌي فلمن جو دور ختم ٿي ويو. فلم تنهنجي ڳچيءَ ۾ پئجي ويندي.

چيائين: دنيا اميد تي قائم آهي.

چيمر: اميد دنيا تي قائم آهي. ايئن نہ ٿئي جو نہ رهئي دنيا نہ اميد!

چيائين: خبر ناهي ڇو مون کي پڪ آهي تہ سنڌي ٻيهر ضرور سجاڳ ٿيندا.

چيمر: سنڌي صرف پنجابي فلمن ۾ سجاڳ ٿيندا آهن. ميرا ۽ نرما جا ناچ ڏسي مون تہ مُردن کي بہ جيئرو ٿيندو ڏٺو آهي.

چيائين: بس، اهڙي فلم لکي ڏي.

چيمر: اڳئين دفعي تو مون کان ”ٻيجل ماءُ“ لکائي هئي. اها فلم ٻيجل ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن بہ ڪو نہ ڏٺي هئي.

چيائين: هل ڪوڙا! مون بہ ڏٺي هئي.

چيمر: پئسا گهٽا ٿيا اٿئي تہ پوءِ اليڪشن ۾ ڇو نٿو بيهين؟

چيائين: سنڌ جو نمڪ کاڌو اٿم. پنهنجو سڀ ڪجهہ مٿس نڇاور ڪرڻ ٿو چاهيان.

چيمر: تہ پوءِ روزاني سنڌي اخبار ڪڍ. مهيني سوا ۾ نڇاور ٿي ويندين.

چيائين: چرچا نہ ڪر. مان سيريس آهيان.

چوڌري فرزند علي ارجمند علي قلفيءَ وارو جڏهن سيريس ٿيندو آهي تہ مٿس سرڪس جي جوڪر جو گمان ٿيندو آهي. مشهور ماٺهوآهي. جي توهان اچا تائين کيس نہ ڏٺو آهي تہ پاڻ سان وڏو ظلم ڪيو اٿوَ. اهڙا مهان قلفيءَ وارا صدين کان پوءِ پيدا ٿيندا آهن. بلبل بيقرار جو چوڻ آهي تہ چوڌري فرزند علي ساڄي هٿ ۾ قلفي کڻي پيدا ٿيو هو. مون کي ان ڳالهہ تي بلبل بيقرار سان سخت اختلاف آهي، ڇو تہ مون کي خبر آهي تہ چوڌري صاحب کاٻڙيو آهي. بلبل پوءِ بہ پنهنجي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضد تي قائم آهي. هن جو دليل آهي تہ هن ڪيترائي ڪاپي ڏر جا قومي سياستدان اهڙا ڏٺا آهن، جيڪي ساڄي هٿ ۾ بغاوت جو جهنڊو ڦڙڪائيندي ڇاوا هئا. وري بہ شڪر آهي جو اسان جي گفتگو سنڌي ٻوليءَ ۾ ٿيندي آهي. هيومن رائيٽس ۽ عورتن جي حقن جون علمبردار عاصمہ جهانگير توڙي رشيده پٽيل سمجهي نہ سگهنديون آهن، ورنہ اهو ممڻ مڇي جو خدا ڏئي پناهہ. چوڌري فرزند علي ارجمند علي قلفيءَ وارو پراڻو پنجابي سيٽلر آهي. قد جو بندرو رنگ جو ڪِٽُ ڪارو آواز ڦاٽل نغاري جهڙو پهريون ڪير وڪڻندو هو پوءِ پروموشن وٺي قلفيون وڪڻڻ لڳو ۽ هاڻي سنڌي فلمون ٺاهيندو آهي. مان سنڌس ڪير پِي وِير ٿيو هوس ۽ پوءِ سنڌس فلمون لکي مهان اديب ٿيو هوس. مون سان دل ان ڪري بہ اٽس جو سنڌس راءِ سان اختلاف ڪو نہ ڪندو آهيان. ”بيجل ـ ماءُ“ پارٽي فلم گنگا جمنا جي ڪاپي هئي، پر مون چوڌري صاحب جي حڪم مطابق اداڪارن کي اجرڪ پارائي ڪين خالص سنڌي ڪري ڇڏيو. اجرڪ ۾ اها جادوءَ جهڙي خوبي آهي جو پاتڻ سان ڇپ بہ مينا تي پوندي آهي. اوهان اڪثر ڏٺو هوندو تہ ملڪي سياستدان ۽ وزير امير جڏهن بہ زهريلي مرڪ سان، هٿ ۾ قرآن ۽ ڪڇ ۾ ڇري ڪٽي، ڪڏهن ون يونٽ ۽ ڪڏهن ون هنڊريڊ يونٽ ٺاهڻ جو اعلان ڪندا آهن، تڏهن خانداني چمچا، ڏوٽلا توڙي ڪفگير، تاڙيون وڄائي سنڌن آڏر ياءُ ڪندا آهن ۽ ڪين گلن جي هارن سان گڏ سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ ضرور پارائيندا آهن. جن کي ٻيا نہ پارائيندا آهن، سي پاڻ پائي فوٽو ڪڍائي اخبارن ۾ ڇپائيندا آهن. جڏهن بہ سنڌ کي ڇيپٽ ڏيٽي هوندي اٿن، تڏهن اوچتو ئي اوچتو اهو فوٽو ميدان ۾ اچي ٽڪاءُ ڪندو آهي، چوزڙا اديب ۽ اڌ اکري دانشور اجرڪ مان واسڪوٽي، اسڪارف يا ٽاءِ ٺهرائي پائيندا آهن ۽ سنڌي علم ادب، تواريخ ۽ ثقافت تي پنهنجي هڪ هٽيءَ واري دعوي کي مضبوط ڪندا آهن.

چوڌري ارجمند علي اجرڪ ڪو نہ پائيندو آهي، فلمون ٺاهيندو آهي، سنڌي فلمون، جيڪي سئنيما هال ۾ هڪ هفتو بہ نہ هلنديون آهن. ان هوندي بہ کيس ڪو افسوس ناهي. هر ناڪاميءَ کان پوءِ هو ٻيهر نئين جنگ لاءِ تيار ٿي بيهندو آهي ۽ مون کي سنڌس اها ڳالهہ پسند آهي.

اڄ پڻ هو نئين اميد کڻي مون وٽ آيو هو.

چياٽين: ڪوڙن قصن ڪهاڻين جو دور ختم ٿي ويو. هاڻي حقيقي ڪهاڻيون هلنديون.

چيم: وري ڪهڙو ريچڪ آيو اٿئي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين: هاڻوڪي سنڌ جي ڪشمڪش تي فلم ٺاهڻي آهي. اڄ جا مسئلا اُتارڻا آهن.

چيمر: ان حساب سان تہ سؤ ڪن فلمون ٺاهڻيون پونديون. سنڌ ويچاري تہ مسئلن جي پهاڙهيٺان پوريل آهي.

چيائين: اهو ٺيڪ آهي تہ مان بہ چاهيان ٿو. پاڻيءَ جو مسئلو ناڻي جو مسئلو بي روزگاريءَ جو مسئلو غربت جو مسئلو ڪاروڪاري، ڏي وٺ جون شاديون، ڦريون، ڌاڙا، حق تلفي، ڏاڍ ڏمر ۽ ناانصافي.... بي انتها مسئلا آهن. مان چاهيان ٿو تہ انهن سيني مامرن کي هڪ هنڌ سميٽي، ڪا لاجواب ڪهاڻي لکي ڏينمر. اهڙي ڪهاڻي، جا ڏسندڙن کي تڙپائي ڇڏي، ماڻهن جي نيڻن مان نير جا نيسارا وهي هلن. هر دل ۾ هڪ نئين هلچل جنمر وٺي ۽ ان هلچل منجهان انقلاب اڀري اچي.

چيمر: اهڙي فلم نہ حڪومت برداشت ڪندي ۽ نہ سينسر پاس ڪندي.

چيائين: مون کي ان جي پرواهہ ناهي.

چيمر: پر هنن کي تہ آهي.

چيائين: هرڪو پنهنجو فرض نباهيندو. تون مون کي هڪ اهڙي انقلابيءَ جي آڪاڻي لکي ڏي جيڪو سنڌ جي سورن جي پيدائش آهي. جنهن جي پيشانيءَ تي محروميت اُڪريل آهي ۽ جيڪو هر دور ۾ پنهنجو وجود تلاش ڪندو نظر اچي ٿو.

چيمر: اها تہ هر سنڌيءَ جي ڪهاڻي آهي جيڪا ڪيس جمڻ گهڙيءَ سوغات ۾ ملندي آهي.

چيائين: ۽ پوءِ اهو انقلابي رهنما بڻجي پنهنجي قوم جي تقدير سنواري ٿو. پنهنجي تن من ڌن جي بازي لڳائي سنڌ جي زخمن تي مرهم رکي ٿو. ڪوٽ ڪڙا، ظلم ۽ زنجير سندس راهہ روڪي نٿا سگهن. ۽ ان سموري جدوجهد ۾ ساٿس گڏ رهي ٿي سندس محبوبہ.

چيمر: آئين نہ اصلي ڳالهہ تي منهن مڪڻ جو جهوري جهڻ جي! پلا ڪير اٿئي ذهن ۾ اهو ڪردار ادا ڪرڻ واري فنڪارا؟

شرمائيندي چيائين: آهي ڪا، ڪجهہ تہ اسان بہ لهڻويا نہ؟

چيمر: ۽ اهو انقلابي قوم پرست رهنما؟

چيائين: چوندي ڇڏيو اٿمر. اها سندس حقيقي ڪهاڻي هوندي.

چيمر: پيار جا ڊائلاگ چئي سگهندو؟

چيائين: چوندو رهندو آهي.

چيمر: هيروئن جي پويان ڊوڙندي گانا ڳائي سگهندو؟

چيائين: ڳائيندو رهندو آهي.

چيمر: هڪ انقلابيءَ جي ايڪٽنگ ڪري سگهندو؟

چيائين: ڪندو رهندو آهي.

۽ پوءِ منهنجي منهن تي هلڪي ٿڦ هڻندي چيائين: ڪهڙيءَ دنيا ۾ تو رهين پيو؟ اسان جي سياستدانن جهڙا اداڪار ته توکي هالي ووڊ ۾ به ڪو نه ملندا!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اب تيرا ڪيا هوگا ڪاليا؟

مون کي چڱيءَ طرح معلوم آهي ته منهنجو پير ڳورو آهي، جتي پيو اتي سمجهو ته چاڻ اوندهه ٿي. ذرو نه ملندو ذري سان. ٽر گهمڻ ويس ته خوفناڪ ڏڪار پيو بڙ ڏسڻ ويس موتمار وبا ڦهلي، جنهن گهر ۾ رهيس، ان جو هڪ در به سلامت نه رهيو جنهن وڻ هيٺان ويٺس، اهو پاڙئون سُڪي ويو. ننڍي هوندي ماءُ پيءُ گذاري ويم. شادي ڪيم ته ساهرن ۾ ٽاڪوڙو پئجي ويو. ڪراچيءَ آيس ته بارش پوڻ ڇڏي ڏنو. حيدرآباد ويس ته شيش محل هوٽل بند ٿي وئي. جيڪب آباد پهتس ته شهر جو نالو بدلائي خان ڳڙهه ڪري ڇڏيائون. پهريون دفعو اسلام آباد ويس ته ايوب خان جو تختو اونڌو ٿي ويو. بنگال جو چڪر هيم ته ملڪ ٻه اڌ ٿي ويو. پٽي صاحب سان محبت هئي. ان ڪري اسلام آباد وڃڻ کان لنوائيندو رهيس. پري پري رهيس. خبر هئم ته منهنجي پهچڻ سان ممڻ مچي ويندو. پر آخرڪار اهو ٿي ٿيو جنهن جو ڊپ هو. چوندا آهن ته ”لکيو منجهه نراڙ قلم نه ڪياڙيءَ نه وهي“ خود پٽي صاحب کي ڪُتيءَ ڪنيو!

چوٿين جولاءِ تي فيڪس پهتي ته وزيراعظم صاحب جو حڪم آهي ته جلدي آيو گهرج. هاڻي ڪين ڪيئن ٻڌايان ته بابل سائين پنهنجو خير گهرو ٽا ته مون کي ويجهو اچڻ نه ڏيو.

ڪين ٽارڻ ڪاڻ چيم: اڄ معافي ڏيو لاچار آهي. اچي ڪو نه سگهندس.

چيائون: ڪهڙي مصيبت پئي اٿئي؟

چيم: منهنجي سالگره آهي.

چيائون: تون پهچ سالگره هتي ٽا ملهايون.

چيم: منهنجي گهر واريءَ جي ٻه اڄ ئي سالگره آهي.

چيائون: ان کي ٻه وٺيو آ.

چيم: ٻه جاڙا ٻار ٻه ان ئي ڏينهن تي ڄاوا هئا.

چيائون: ڀُل ۾ شمشير الحيدريءَ جو نمبر ته نه ملائي ويٺا آهيون؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيمر: نہ نمبر صحيح آهي.

چيائون: تہ پوءِ اوڙي پاڙي ۾ جنهنجي بہ سالگره آهي، تنهن کي ساڻ وٺيو اچ پاڙو سرڪار ڏيندي

چيمر: جهاز ڇتي وڃي تہ؟

چيائون: توکانسواءِ نہ هلندو.

چيمر: مينهن پئجي وڃي تہ؟

چيائون: نہ پوندو.

چيمر: مُڙي وڃو.

چيائيون: نہ مڙنداسين.

چيمر: الله توهان سياڻي مون کي ڏوهہ نہ ڏجو.

ان کان پوءِ جيڪي ٿيو سو دنيا ڏسي ورتو.

ضياءُ الحق مون کان ايئن ڀڄندو هو جيئن گنجو پڇي پاڪيءَ کان. يارهن سال لڳاتار ور نہ چڙهيو. آخرڪار وڃي هٿيڪو ڪيومانس. نواز شريف پنگو وڌو ان جو بہ جو حال ٿيو سو ڪنهن کان ڳجهو ناهي. هاڻي گهٽيون ٿي ڏريون ميڙ ڪنيون در تي بيٺيون آهن تہ اسلام آباد هل. دل جو مريض آهيان، همت ٿي نٿي ٿئيمر. وري بہ مولا تي ننگ آهي.

ڪجهہ ڏهاڙا اڳ علي احمد بروهيءَ ايمر ڪيو ايمر ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو. مان ان وقت ساڻس گڏ ويٺو هوس. دل ۾ آيمر تہ الطاف ڀائيءَ کي ٻڌائي ڇڏيان تہ جيڪڏهن بروهي صاحب اڄ پنهنجي خوشيءَ سان ايمر ڪيو ايمر ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان نہ ڪري ها تہ پوءِ ڏينهن ٻن ۾ اسان پاڻ سڀ گڏجي بروهي صاحب توهان کي سوکڙيءَ طور ڏئي ڇڏيون ها. گڏوگڏ هڪ خالي ٻوري بہ موڪلي ڏيون ها. پر پوءِ هڪدمر پنهنجي ڳوري ڀير ۾ ڪاري زبان تي هزار دفعا لعنت موڪليمر جو بروهي صاحب نہ رڳو مون تي بي حد مهربان آهي، بلڪ مون کي بي انتها پيار پڻ ڪندو آهي.

مان تہ توبهہ تائب ٿيس، پر تاج بلوچ کي ڪير سمجهائي؟ سنڌي ادب جو مست ڏاند آهي، جنهن کي وٺيس تنهن کي سڱن تي کڻي. سليمر ميمڻ جي نياڻيءَ جي شاديءَ ۾ ڀريل ڪچهريءَ ۾ بروهي صاحب کي چيائين، "هاڻي الطاف بہ دل ڏکيءَ ۾ وجهي ويهي رهي. توهان ڀِهتا آهيو تہ اجهي ٽا ترا نڪرنس!"

دل تي ڌڪ لڳمر. چيمر: مار ٻيلي! ڇئبو تہ هاڻي اڪيلو نہ رهيو آهيان، مقابلي لاءِ ڀيا بہ مرد مومن ميدان ۾ لهي پيا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڃا ان اڻ تڻ ۾ هوس جو حيدرآباد مان ٻن دل گهرين دوستن جا فون آيا. رسول بخش پليجو ۽ جي اين مغل مون کي تمام گهڻو عزيز آهن. سندن اک جو هڪ معمولي اشارو به مون لاءِ حڪم جو درجو رکندو آهي.

چيائون: هڪ گذارش آهي.

چيم: حڪم ڪيو.

چيائون: فقرائي اخبار آهي ”عبرت“ ان لاءِ ڪالم لک.

چيم: توهان جي ڪا دشمني آهي ”عبرت“ سان؟

چيائون: نه دوستي آهي.

چيم: دوست اهڙا پير ته نه ڪڍندا آهن. مون اڄ تائين جنهن به اخبار لاءِ لکيو سا يا ته بنهه بند ٿي وئي يا وري سندس ڏيڍرئي مٿان ڏنگري پئي آهي.

پڇيائون: مثلاً؟

چيم: برسات، جاڳو سچ، سنڌ، هلال پاڪستان وغيره اهي سڀ منهنجون ڏنگيل اٿو.

چيائون: پرواهه ناهي. تون لک.

چيم: پلا مالڪن کان ته پڇي وٺو.

چيائون: انهن جو فڪر نه ڪر، اهي پاڻهي توکي فون ڪندا.

هفتا نه مهينا گذري ويا، ڏٺين ڪنگهيو ئي ڪو نه. سوچيم: منهنجي شهرت وٽن اڳ ئي پهچي وئي هوندي.

دوستن جو وري فون آيو. چيائون: اڃا ڪالم نه شروع ڪيو اٿئي؟

چيم: مدعي سست، گواهه چست، هنن کي جن نه ڪن، ادي کي عشق انڌو ڪيو. مان نه مان، مين تيرا مهمان.

چيائون: جي اها ڳالهه آهي ته پوءِ تون انتقاماً لک. لک ضرور مڙ نه.

سوچيم: چون ته سچ ٿا، اهڙن بي مروت ۽ بي قدرن کي ڪا ته سيکت ملڻ گهرجي. سمجهن ڇا ٿا پاڻ کي؟

سو دوستو اهو آهي پس منظر هن ڪالم جو هاڻي يا هو رهندا يا مان. پر چاڪاڻ ته منهنجو گذريل رڪارڊ تمام سٺو آهي، ان ڪري پڪ اٿم ڪاميابي اجهو ٿي قدم چمي. پليجي صاحب کي فون ڪري چيو اٿم ته يارن کي منهنجو صرف هي ئي پيغام پهچائي ڏي ته ”اب تيرا ڪيا هوگا ڪاليا؟“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيڙ تي پڙڪڻ جو وقت

پهرين مارچ تي ڪراچيءَ جي پريس ڪلب ۾ ابرار قاضيءَ جي ڪتاب "ڪالاباغ ڊيم " جو مهورت ٿيو. مون کي ذاتي طور ڄاڻ آهي ته ليکڪ توڙي ڇپائيندڙن وڏي تعداد ۾ فنڪشن لاءِ دعوتناما ورهايا هئا ۽ پريس ذريعي عام ماڻهن کي شريڪ ٿيڻ جي دعوت پڻ ڏني هئي. بلڪ ايئن به ٿيو جو ڪن دوستن کي ۽ خود مون کي به دفعا ڪارڊ مليا ۽ فون تي تاڪيد الڳ ڪئي وئي. ان هوندي به ان شام سنڌ جي سڀ کان اهم ۽ ٻرندڙ مسئلي تي ڇپيل هن ڪتاب جي مهورت ۾ شامل ٿيڻ لاءِ هڪ سوَ کان مٿي ماڻهو پهچي نه سگهيا. اها جدا ڳالهه آهي ته سنڌ جا گهڻي ڀاڱي ڏاها فنڪشن ۾ موجود هئا پر ٻڌندڙ پڻ ذري گهٽ اوترا ئي هئا. شرمساري ان وقت وڌيڪ ڏکوئيندڙ لڳي، جڏهن ڪلب ٻاهران ڪنهن ٻيءَ تنظيم جا احتجاجي، اسان کان به گهڻي تعداد ۾ گڏ ٿي فنڪشن دوران زور زور سان نعرا لڳائيندا رهيا ۽ اسان سهميل سهميل ڪين ٻڌندا رهياسين.

مان هن کان اڳ شيخ اياز جي وفات وقت آيل چند ماڻهن جي شرڪت جو ماتم هنن ئي ڪالمن ۾ ڪري چڪو آهيان. ڪن دوستن کي ناگوار به لڳندو هوندو پر فرض ٿو سمجهان ته پهرين مارچ واري مهورت جي صورتحال کي سامهون رکندي پنهنجي قوم کي ٻيهر ڏوراپو ڏيان ته هڙئي وقت جڏهن "مڙيا مڃ هزار ٻاڳا ٿيندي سهڻي" واري ڪيفيت آهي، تڏهن ڪپر کي ڪُن ڪندو ڏسڻ کان پوءِ به ناڪئا ننڊ ۾ ڇو آهن؟ ڇا اهو صرف ليکڪن جو ڪم آهي ته سنڌ جا سور لکي ڪتاب ڪارا ڪن؟ يا صحافين جو ڪم آهي ته ايڊيٽوريل ۽ ڪالم لکي پنهنجن ئي ماڻهن کي سندن ئي ٻيتا ٻڌائين؟

يا سياستدانن جو ڪم آهي ته بيان بازيءَ يا تقرير جي ذريعي ٺلهيون ڌمڪيون ڏين؟ يا دانشورن جو ڪم آهي ته تحقيق ڪري انگ اکر گڏ ڪن ۽ ڪين ٻڌڻ ۽ سمجهڻ ۽ ساٿ ڏيڻ وارو ڪو به نه هجي؟

ڪالاباغ يا اهڙن ٻين مسئلن سان عام سنڌيءَ جو ڪو به تعلق ڪونهي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ ذميداريون صرف انهن جون آهن جن سوري سينگاري آهي؟

مڙئي ميارون انهن تي آهن جي دل ۾ ديس جو درد رکن ٿا؟

ٻيا سڀ آجا ۽ آزاد آهن؟ انهن تي ڪا به قومي جوابداري ڪانهي؟ اهي صرف ٺيڪا ٽپڻي ۽ ڪيڙا ڪيڻ لاءِ ويٺا آهن؟

حيرت جهڙي ڳالهه آهي ته شڪايت ته سڀ ٿا ڪيون ته اسان سان ڏاڍ پيو ٿئي، اسان جو وجود خطري ۾ آهي ۽ اسان جو ڪو اوهي واهي ڪونهي، پر جڏهن ڪا ڏرَ هڙئون وڙئون ڏئي اسان جو ئي ڪارج هٿ ۾ ڪٽي ميدان ۾ لهي پوي ٿي، تڏهن اسان سڀ هٿ هٿ تي رکي ويهي ٿا رهون. رڳو تماشبين ٿيڻ به گوارا نٿا ڪيون. اڪثر ماڻهو نعرا هڻندي ڏٺا ويا آهن ته ڪالاباغ ڊيم نه کپي، ڪالاباغ ڊيم مرده باد. ڪالاباغ ڊيم ملڪي سالميت جي خلاف آهي. پر سچ ٻڌايو ته گهڻن ماڻهن کي ڄاڻ آهي ته ڪالاباغ ڊيم آهي ڪهڙي بلا؟ ڪٿي ٺهندو؟ ڪيئن ٺهندو؟ ٽيڪنيڪل ڪهڙيون خرابيون اٿس؟ پئسا ڪيترا خرچ ايندا؟ سنڌ کي ڪهڙي قسم جو نقصان پهچندو؟ پٺاڻ ۽ بلوچ ڇو ٿا مخالفت ڪن؟ انهن کي ڪهڙو هاڃو رسندو؟

مون کي پڪ آهي ته اڻ پڙهيل ته ٺهيو خود چڱن ڀلن تعليم يافته سنڌين کي به انهن سوالن جا جواب ڪو نه ايندا هوندا. رڳو چمڪي تي بندوق ٻيا هڻون. رڍن وانگر جيڏانهن ٻيا، تيڏانهن اسان به ڏڻ سان. هڪڙي چيو ته نه کپي، ته سيني چيو نه کپي. هڪڙي مرده باد چيو ته ٻئي جو به فرض ٿي پيو ته مرده باد ضرور چوي نه ته قومي ڏوهاري ٿيندو ۽ جيڪڏهن انهن سوالن جا جواب تلاش ڪرڻ لاءِ يا انهن سوالن تي بحث ڪرڻ لاءِ ڪا ڌر سڏ تي ڏئي ته پوءِ اسان جو اهو حال آهي جهڙو پهرين مارچ تي ڪراچيءَ جي پريس ڪلب ۾ ڏٺوسين. ڪرسيون خالي، جوڌا غائب! پريس وارن تي ڪهڙو اثر پيو هوندو ان جو ڪاٿو لڳائڻ ڪو ڏکيو ڪم نه ناهي. ويچارن منتظمين ۽ خود ليکڪ جي دل تي ڇا گذري هوندي، اها ته ويچارا اهي ئي ڄاڻندا هوندا.

ها هڪ طرح سان اهو فنڪشن نهايت ئي ڪامياب ويو اهو هيئن جو جيڪي ٿورا گهڻا دانشور موجود هئا، تن جو تعلق تقريباً سيني سياسي، سماجي، علمي توڙي فڪري ٽولن سان هو. اهو به ته هنن پنهنجين تقريرن ۾ جذبات کي پاسيرو رکندي، نوس حقيقتن تي نه صرف ڳالهايو بلڪ پنهنجن مخالفن کي آمهون سامهون ويهي مناظري جي کلي دعوت پڻ ڏني، سندن دليل وٽندڙ ۽ دل کي ڇهندڙ هئا. ابرار قاضي جنهن وڏي جاکوڙ ڪري انگ اکر ۽ حقيقتون گڏ ڪيون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، تنهن اڏ ڪلاڪ کن ڏاڍي ڌيرج سان دليلن وسيلي پنهنجو ڪيس پيش ڪيو، ڪيس ايڏي وڏي محنت ۽ پورهئي ڪرڻ تي داد نہ ڏيڻ ساڻس وڏي ناانصافي ٿيندي هونئن بہ مان ابرار جي ذهانت ۽ ذهني سچائيءَ جو وڏو مداح آهيان. هيءَ ڪارنامو سرانجام ڏئي، هن گهڻن جون دليون موهي ڇڏيون آهن. ڪيس شاباس ڏيڻ جو سڀ کان وڏو موقعو تہ اهو هو تہ مهورت واري ڏينهن پنڊال پريل هجي ها. بهرحال، هاڻ ڳالهہ هٿان نہ وئي آهي. سندس ڪتاب خريد ڪري، مسئلي کان مڪمل طور واقف ٿيڻ بہ ڪيس شاباس ڏيڻ جي برابر ٿيندو.

رسول بخش پليجو ملڪ جي چند لاجواب مقررن مان هڪ آهي. دل جي ڳالهہ پڇو تہ جيڪر ايئن چوان تہ پليجي صاحب جهڙو ڳالهائڻو مون پيو ڪونہ ڏٺو آهي. اديب تہ آهي ئي، مٿان قدرت ڪيس جيڪا روانيءَ سان تقرير ڪرڻ جي ڏات ڏني آهي، تنهنجو جواب ناهي. ها ڪجهہ جوهر هڪ ٻئي نوجوان ۾ بہ ڏسجن ٿا ۽ اهو اتفاق سان سندس فرزند اياز لطيف پليجو آهي. رسول بخش پليجي کي ٻڌڻ هڪ Experience کان گهٽ ناهي. سندس گفتا، دليل، ٻولي، وچ وچ ۾ مناسب شعر، مطلب تہ سنڌوءَ جيان مستيءَ ۾ ڇال ڏيندو، ڪڏندو ۽ وهندو ويندو آهي. هن موقعي تي پڻ هن وڻ وڃائي ڇڏيا. هر ڳالهہ کلئي عام کولي کولي بيان ڪيائين. انهن جي بدنصيبي چئبي، جيڪي ڪنهن بہ سبب ان موقعي تي موجود ٿي نہ سگهيا.

اهڙيءَ طرح يوسف لغاري، جنهن جي قرب ۽ سچائيءَ جو مان ورهين کان قائل آهيان ۽ جنهن جي مقصدي نيت متعلق ڪي بہ ٻہ رايا قائم نٿا ڪري سگهجن، تنهن پڻ اوپارين لهوارين بجاءِ، سڌي راند سونٽي جي مطابق، ڪالاباغ ڊيم جي باري ۾ هر اها ڳالهہ چئي جيڪا توهان جي ۽ منهنجي دل ۾ آهي.

سڀ کان وڌيڪ حيران ڪندڙ مهمان هو محترم منظور احمد شيخ، جيڪو مرڪزي حڪومت ۾ سيڪريٽري رهيو آهي ۽ هاڻي رٽائر ٿيو آهي. شيخ صاحب اهو ماڻهو آهي، جنهن پنهنجي نوڪريءَ دوران ڪالاباغ ڊيم بابت سنڌ جو نقطهءِ نظر بار بار بيان ڪيو. هن ڪيترن ئي رازن تان پردو هٽايو ۽ اڄ پڻ پنهنجي راءِ تي قائم رهڻ جو اظهار ڪيو. شيخ صاحب جيئن تہ لڪا پڙهي توڙي گفتگوءَ جي سيني مرحلن ۾ شامل رهيو هو ان ڪري سندس راءِ پيشيوراڻي ۽ مستند آهي. هن جهڙا ٻيا بہ دانشور هوندا، جن کي شايد ايتري يا وڌيڪ معلومات هجي، پر ڪن مجبورين سبب هو اڳتي وڏي عام ماڻهن کي حقائق ٻڌائڻ کان لاچار رهيا هجن. اهڙن مهربانن لاءِ شيخ صاحب هڪ مثال جي حيثيت رکي ٿو. ڦڙي ڦڙيءَ تلاءُ ٿيندو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. ماڻهو ماڻهو گڏجي انبوهه ٿيندا آهن. سنڌ ۾ ڏاهپ ۽ ڏاهن جي کوٽ ته ناهي. مسئلو آهي ته صرف اهو ته جن ماهرن کي اوليت جو درجو ڏيون ٿا، انهن جي پوئواريءَ ۾ پنتي نه رهون. سڌ ورنايون. هڪل تي هڪيا تڪيا حاضر ٿيون. ماڻهن کي پتو پوي ته ٿلها دهمان ڪو نه ٿا ٻڌون، جو چئون ٿا ان تي ايمان به اٿئون. رڳو ڪالاباغ ته ناهي، ڪيترائي سبز، نيلا ۽ پيلا باغ به آهن، جن جي متعلق اسان جي راءِ مختلف آهي. ڪيترين ئي اسڪيمون، منصوبا ۽ ارادا اسان جي قومي امنگن ۽ تقاضائن جي برعڪس آهن. ڪيترائي روڳ اجوڳ ۽ اجهاڳ آهن. الله جي هن ملڪ ۾ سچ چوڻ گناهه ته ناهي. سچ چوڻ کان ڪيٻائڻ البته معيوب ۽ معتوب آهي ۽ پوءِ جيڪڏهن سچ ئي چوڻو آهي ته وڏي واڪ ڇو نه چئجي؟ يڪ زبان ۽ يڪ آواز ڇو نه چئجي؟ گهٽي ۾ گهٽي تعداد ۾ گڏجي ڇو نه چئجي؟

ڇڙوڇڙ ٿي يا لاپرواهه ٿي يا سست ۽ ڪاهل ٿي اڳ به گهٽيون چوٿون ڪاڍيون اٿئون. وڏيرا ۽ ڪمدار واري سان اسان کي اسيمبلين ۾ رڍن ۽ ٻڪرين وانگر وڪڻندا رهيا آهن. پل ته سندن هنيانءُ به ڪاڇي ته هيترن سارن سڄاڻ ماڻهن جو سودو ڪرڻ نه صرف مهانگو بلڪ اٽانگو به پوندو. پل ته ڪين به ڪل پوي ته ستا اٿي جاڳيا آهن ۽ سياڻي سندن هٿ اسان جي گريبان تائين به پهچي سگهي ٿو. پل ته ڪين چاڻ هجي ته آخرڪار موتي انهن ماڻهن وٽ ئي ويٺو آهي.

ان ڪري منهنجا پيارا دوستو جن ڳالهين ۾ دلي ۽ ذهني ويساهه رکو ٿا، تن کي طبعي طور جمع ٿي ثابت ڪري به ڏيکاريو. سچ اڪيلو به سهڻو پر گڏيل سچ فيصلي (Verdict) جي علامت آهي. ڏيئي جي سچ ۽ سورج جي سچ ۾ ڏينهن رات جو فرق آهي. چٽنگ ۽ تانڊو به چڱو پر پيڙ جي ڳالهه ئي ٻي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ سالیڊرٽي ڪانفرنس

گذريل آچر تي ڪراچيءَ ۾ سردار ممتاز علي خان ڀٽي جي سڏ تي "سنڌ سالیڊرٽي" ڪانفرنس ٿي گذري. اوهان کي ياد هوندو ته هن ڪانفرنس جون تياريون ڪيترن مهينن کان ٿي رهيون هيون ۽ سردار صاحب بذات خود وڃي سنڌ جي سرڪرده سياستدانن، زميندارن، دانشورن ۽ بيورو ڪريٽن کي شرڪت جي ڪوٺ ڏني، ايتريقدر جو پاڻ بلاول هائوس تائين به ويا ۽ اتي موجود پيپلزپارٽيءَ جي اهم اڳواڻن کي دعوت نامو پهچاياائون.

هن قسم جي ڪانفرنس جي اهميت ۽ ضرورت گهڻي وقت کان پئي محسوس ٿي. جيڪڏهن منهنجي پيارن پڙهندڙن ۽ ويجهن دوستن کي منهنجون گذريل پنجن ڇهن سالن جون ڪي تقريرون ۽ تحريرون ياد هجن ته هو شاهدي ڏيندا ته اها تحريڪ گهڻو وقت اڳ هن ليکڪ ئي هلائي هئي ۽ مان وقت بوقت ان جي ضرورت تي زور ڏيندو رهندو هوس. هڪ خواب هو ته جيڪر سنڌ جون سڀ سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي جماعتون گڏجي ويهن، پنهنجا ڏک سور سلين ۽ پوءِ هڪ مضبوط اسٽيئرنگ ڪميٽي يا ايڊوائزري ڪائونسل جوڙين، جيڪا وقت ۽ واقعن جي نوعيت کي ڏسي، جاچي، پرکي، هڪ لائن آف ايڪشن جو اعلان ڪري ۽ مٿيون سنڌ جون نمائنده جماعتون ان فيصلي جي پوئواري ڪرڻ جون پابند هجن. ڪجهه دوستن مناسب ڪوششون به ڪيون پر سنڌي بادشاهن جي قوم آهي، رنڌٽي ۾ رولو وجهڻ جي سُتي کين ڄمڻيءَ رات ئي پياري ويندي آهي. هلندي گڏجاڻيءَ مان ور ڪُنجي اٿي ويا. ممتاز صاحب هڪ باصلاحيت، بهادر هوشيار ۽ بهترين منتظم آهي. هن جي ڪوشش کي ڏسي، پڪ ٿي وئي ته هن پيري ضرور ميلو مچندو. ذاتي طور مون کي ان ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ جي ڪوٺ ڪو نه ڏني وئي. شايد شڪل بڇڙي اٿم يا وري سڏايل پنج ڇهه سو ماڻهن جي حب الوطني مون کان وڌيڪ شديد هئي. بهرحال اها خوشيءَ جهڙي ڳالهه چئبي ته جتي ڪمٽيڊ سنڌي اديبن، سماجي ورڪرن ۽ دانشورن کي گهرايو ويو هو اتي چند

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙن معتبرن کي بہ دعوت ڏني وئي هئي، جن سنڌي هوندي بہ ڪڏهن سنڌ جي نالي ۾ سياست نہ ڪئي هئي. بلڪ ڪن تہ زندگيءَ ۾ پلجي بہ سنڌ جي سورن جو ذڪر زبان تي نہ آندو هو. نالا ڇا وٺان، سيني کي خبر آهي تہ اهي ڪهڙا مهربان آهن.

ٽيو هيئن جو سنڌ جي قومي سطح جي ڪجهہ معروف سياسي جماعتن ان ڪانفرنس ۾ حصو ئي نہ ورتو هيو. جن کي پهريون دفعو سنڌ جو درد جاڳيو هو سي جن مقصدن لاءِ اچي حاضر ٿيا تن جي نيتن جي قلعي چوويهن ڪلاڪن اندر کلي پئي، جڏهن هنن پنجاب جي سنڌ دشمن ۽ موقعي پرست پارٽين سان گڏجي گرانڊ الائنس ٺاهڻ جو اعلان ڪيو. سنڌين جو خواب ئي رهجي ويو. ڪين پتو ئي نہ پيو تہ هو ڪنگز پارٽي ٺاهڻ لاءِ اڻڄاڻائيءَ ۾ استعمال ڪيا ويا. مون کي اڄ بہ سردار ممتاز علي خان ڀٽي جي سنڌ ۽ سنڌين سان بي انتها محبت تي يقين آهي، جو ٿورو گهڻو وقت مون ساڻس گڏ گذاريو آهي. ان ۾ مون ايمانداريءَ سان محسوس ڪيو آهي تہ سردار صاحب تي سرداريءَ جو اجايو الزام آهي. هو هڪ عام سنڌيءَ جيان سنڌ جي چپي چپي کي پوڄي ٿو ۽ سنڌ جي مسئلن کي نهايت ئي بهادري ۽ بيباڪيءَ سان بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ يا مصلحت جي اوچي آواز ۾ اعليٰ ايوانن تائين پهچائي ٿو. منجهس اهي سڀ خوبيون موجود آهن. جيڪي هڪ عظيم قائد ۾ هئڻ گهرجن. پر اسلام آباد واري الائنس ۾ الائنس ۾ شامل فردن ٽوڙي جماعتن جي ذهنيت ڏسي حيرت تي وٺي تہ آخرڪار هي ڇا ٿي ويو؟ ۽ جيڪڏهن ٿي بہ ويو تہ ڇو ٿي ويو؟ ظاهر آهي تہ سنڌ جا مسئلا پنهنجي منفرد نوعيت جا آهن. اسان کي چئني پاسي کان زخمي جانور جيان ويري ورائي ويا آهن. پيو تہ نهيو اسان جا پراڻا ساٿي، سرحد ۽ بلوچستان پڻ ٿل ڪئنال جي مسئلي تي اسان کي بي يارو مددگار ڇڏي وڃي پنجاب جا ساٿاري ٿيا. صدر صاحب تہ پنهنجي ”تواريخي ريفرينڊم“ کان اڳ ئي ٿل ڪئنال ۽ ڪالاباغ جي حمايت ۾ تقريرون ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون هيون. ريفرينڊم ۾ سندس حمايت ڪرڻ جو مطلب ئي سندس ترجيحن جي پوئواري ڪرڻ برابر هو. صدر صاحب جون خواهہ ڪهڙيون بہ مجبوريون هجن يا ٿي سگهي ٿو تہ هو دلي طور اهڙين اسڪيمن کي ملڪ لاءِ ضروري سمجهندو هجي پر سنڌ جي رهواسين کي تہ موت اکين اڳيان ڦرندو پيو نظر اچي. ٻچي ٻار کي خبر آهي تہ اهي اسڪيمون سنڌ جي وجود تي آخري وار آهن. جيڪڏهن عام ماڻهوءَ جي سوچ اها ئي آهي تہ پوءِ ڀلا سنڌ جي رهنمائن کان اها ڳالهہ ڳجهي تہ نہ هوندي؟ انهن حالتن ۾ اهڙو الائنس جوڙڻ، جيڪو ڪنهن بہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طور سنڌ جي زخمن تي پهو رکڻ جو روادار ناهي، سنڌ جي ماڻهن جي جذبن سان مذاق ناهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ سنڌ پنهنجي مرضي ۽ رضاخوشيءَ سان پاڪستان ۾ شامل ٿي هئي، ڪيس ڪنهن قوم فتح تہ نہ ڪيو هو. برابريءَ جي اصولن تي اسان پنجن ئي قومن گڏجي هي ملڪ جوڙيو هو. نہ ڪوئي ننڍو هو نہ ڪوئي وڏو اصولي طور انهن پنجن ئي قومن کي|پراضيءَ يا آدم شماريءَ بجاءِ هڪ ايڪائيءَ جي بنياد تي هڪ جيتري نمائندگي ملڻ کپندي هئي. بنگال جي حقن سان ڇيڙ ڇاڙ ٿي تہ هو ٻڙ تي ٻيهي رهيا. جڏهن دليل دلائل ناڪام ٿيا، تڏهن هو پلئہ آجا ڪري، هڪ جدا ۽ آزاد ملڪ ٺاهي الڳ ٿي ويا. ان سانحي کان پوءِ تہ باقي بچيل پاڪستان جي معتبر اڳواڻن کي سمجهہ اچڻ گهربي هئي پر اسان ماضيءَ مان سبق پرائڻ سکيا ئي ناهيون. پنجاب پنهنجي سول توڙي ملٽري بيورو ڪريسيءَ جي زور تي مست ڏاند جيان وتي ٿو سيني جا حق ماريندو. ڏاڍايون ڪرڻ ۽ انهن زور آورين کي انصاف جو نالو ڏيڻ پنجاب جو ئي وڙ آهي. ڏاڍو تہ هميشہ ڏاڍو ئي رهندو. جنهن هڪ دفعو هيٺي جو مال کائي ڏٺو تنهن کي هميشہ جي لاءِ چوس پئجي ويندي، سنڌين پنهنجي شرافت، هيٺائي ۽ نفاق ذريعي پنجاب کي جڻ تہ دعوت ڏني آهي تہ هو ڦري گهري هر دفعي نئون چنبو اسان جي مٽي تي هڻي، وات جو گرهہ کسيندو رهي. مٿان وري سون تي سهاڳو اهو جو اسان جنهن کي ٿا چڱو مڙس چونديون يا جنهن تي ٿا پنهنجن آسن ۽ اميدن جا محل کڙا ڪيون سو بنا دير جي، اسان کي اڪيلو ۽ نڌڪو ڇڏي وڃي ٿو پنجاب جي ايجنٽن جي هنج ۾ ويهي. الطاف جڏهن سنڌ جي ماڻهن کي سڏ ڏنو تہ اچو تہ گذريل اڻ وڻندڙ واقعن کي وساري، سنڌ جا سمورا رهواسي گڏ ٿيون ۽ انهن طاقتن جو مقابلو ڪيون جن سنڌ کي تاراج ڪري ڇڏيو آهي، تڏهن بروهي صاحب ۽ ابراهيم منشيءَ جهڙا سمجهو سياڻا ۽ وطن دوست هڪدم ساڻس وڃي گڏ ٿيا. مون کي اهڙن معتبر ماڻهن جي حب الوطنيءَ تي ذري برابر بہ شڪ ناهي. اهڙي مجال گهٽ ۾ گهٽ مون ۾ ناهي. هنن جون سنڌ لاءِ ڪيل خدمتون بي مثال آهن پر ڪين اها گذارش ضرور ڪندس تہ هو مهرباني ڪري الطاف صاحب کان اهو پڇن تہ سائين، اوهان پنهنجي ورڪرن جي موت تي تہ مڪمل هڙتال ڪرائي ٿا ڇڏيو ۽ خود اسان بہ توهان سان گڏجي ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ٿا بيهون، پر پوريءَ سنڌ جي موت جي پرواني تي اوهان ڪُڇو ئي نٿا. سو ڇو؟ سچ پڇو تہ دل جي ڳالهہ اها آهي تہ هاڻي اسان پنهنجي قيادت مان ايترو تہ مايوس ٿيا آهيون، جو جيڪڏهن هن ڏکئي وقت ۾ الطاف جهڙو ماڻهو بہ اسان جو مڪمل (زباني نہ) ساٿ ڏيڻ تي آماده ٿئي تہ گهٽ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ گهٽ مان جهڪي ڪيس سلام ڪندس ۽ باقي رهيل چمار سندس ٻڏو ٻانهو ٿي گذاريندس. اهو منهنجو وچن آهي. باقي رهيو سنڌ جي قوم پرست ڌرين جو سوال، سو انهن کي هٿ ادب جا ٻڌي عرض آهي ته سائين منهنجا، سنڌ امڙ به آهي، ابو به آهي. سنڌ ڌرتي ڌارين جي پنجوڙن ۾ جڪڙجندي ٿي وڃي، ڏاڍا ڪيس ڏارڻ جي پويان آهن. مهل هيءَ اٿوَ. ڪجهه ڪرڻو اٿوَ ته ڪيو ويل وهي وئي ته باقي ڪجهه به نه رهندو ڪيل تماشا بند ڪيو. سنڌ جو چيڪ ڪيش ڪرائڻ جا ارادا لاهي ڇڏيو. امڙ جي وڏ وڏ ۾ روهڻ نه پريو مچي مڙس ٿيو. ڪرسي اچڻي ويڃڻي آهي. عزت ۽ غيرت وئي ته وري نه ملندي. بلاشڪ سرداري ڪيو. اسان جي دلين تي، ذهن تي، روح تي، راڄ ڪيو اسان جي سرير تي، جسم تي، وجود تي ڇانئجي وڃو. اسان جي علم تي، ادب تي، ثقافت تي، نس نس ۾ خون تي ڊوڙو رڳ رڳ ۾ راڳ ٿي رچي وڃو ساهه ساهه ۾ سرور ٿي پيهي وڃو سڏيو نه سڏيو پڇو نه پڇو ليکيو نه ليکيو ماءُ جي ٿڃ ملهايو. لطيف جي لڄ رکو ڌرتيءَ جو قرض چڪايو سرواٽي ڪيو سرداري ڪيو هيڪلو نه ڇڏيو.

ڪو ته هجي هن ديواني سان، هن بيگاني بستيءَ ۾،
نگر نگر جو ننگو ماڻهو هوڏ ڪري ٿو هستيءَ ۾.
ڪو ته هجي، ير ڪو ته هجي،
ڪو ته هجي هن ديواني سان، هن بيگاني بستيءَ ۾!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقيقت ڇا هي؟

27 ڊسمبر جي ڪاري رات اسان سنڌين سان ڪهڙا ڪلور ڪري وئي، ان درد کي بيان ڪرڻ لاءِ لفظ نه فقط عام سنڌيءَ جا لڙڪ ئي ڪجھ سات ڏئي سگھن ٿا. اڄ به رکي رکي ماڻهن جون اپ ڏاريندڙ ڪيهون ۽ سڏڪا ۽ پار ٻڌي اندر به ااڏ تي ٿو وڃي. فقط غم هجي ته ڪٽي تاري ڇڏجي، هيءُ ته عمر ڀر جو گهاءُ آهي. مرڻ گهڙيءَ تائين ڏکندو رهندو. مهڻو آهي، ميار آهي، ڏک آهي، ڏوراپو آهي. بي عزتي، بي غيرتي، ڪم همتي، ڪاهلي ۽ ڪائرپڻي جي گندي گار آهي، جيڪا سنڌي سڏائيندڙ ٻچي ٻار جي روح ۾ صدين تائين تير جيان چڀندي رهندي. تاريخ جو اهو سياهه باب آهي، جيڪو اسان جي پيشانيءَ تي بدنما داغ جيان هميشه هميشه لاءِ چنبڙيل رهندو.

ايندڙ نسل اسان جي مردانگيءَ تي آڱريون کڻندا، اسان جي لباڙن جي قلعي کلڻ تي ٺٺوليون ڪندا. اسان جي بي حسيءَ تي ماتم ڪندا. سڀ کان اهم ڳالهه ته اهڙي ڪاپاري ڌڪ لڳڻ کان پوءِ به چالاڪ ۽ چتر زبان ماڻهن هٿان بليڪ ميل ٿياسين، سا ڳالهه ڪنهن جي به سمجھ ۾ نه ايندي. هو ته اهو به سمجھي نه سگھندا ته ماتمي ماتم ڪرڻ وقت پنهنجي سيني تي ڌڪ ڇو هڻندا آهن؟ پنهنجن پٺن تي زنجيرون ڇو و ُهائيندا آهن؟ پنهنجي سر ۾ خاڪ ڇو وجهندا آهن؟ ٻئي کي ڇو نه آزاريندا آهن؟

اسان به پنهنجي شهزاديءَ جي موت تي پنهنجا گهر جلايا هئا. پنهنجو مال ملڪيت تهس نهس ڪيو هو پنهنجي جان کي جوکو رسايو هو. ان وقت ڪربلا جي منظر ۾ نه ٻئنڪون لٽيون سين، نه گهر پرياسين ۽ نه ڪنهن جي ننگن جي عصمت دري ڪئي سين. اهو سڀ ڪجھ انهن عادي ڌوهارين ۽ ڪرائي جي دهشتگردن جو ڪم هو جيڪي پنهنجي ڪاميابيءَ جو جشن ملهائي رهيا هئا ۽ جيڪي اهڙو ڪو به موقعو هٿان وڃڻ نه ڏيندا آهن ۽ جيڪي ڌڪ به هڻندا آهن ۽ دانهن به ڪندا آهن. هنن کي هر ڍنگ ايندو آهي ۽ اسان اڌنگا آهيون. هنن جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميڊيا ساڻن گڏ آهي ۽ اسان جي ميڊيا وائڙي واچ آهي. هنن وٽ تيز ترار ليڊر آهن ۽ اسان جا ليڊر شير شاهه جا شڪرا آهن. جيڪي گهر جا ڪڪڙ مارينداآهن. اهو ئي سبب آهي جو اسان جي غم جو فائدو وٺي هو ته سونا تي پيا ۽ الزام اسان تي ڏري مورڳو اسان کي پنهنجي بچاءَ ۾ دليلن ڏيڻ تي مجبور ڪري ڇڏيائون. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هميشه جيان اسان جا ڦوڳ به ساڻن ٻٽ تي بيٺا، پر اها ڪا نئين ڳالهه ناهي، ميرن کي گهر منجهان لڳي هئي. اسان جي تاريخ ۾ اهڙا لعنتي ۽ ملامتي ڪردار توهان کي هر دور ۾ ملندا، جيڪي ويڙهاند وقت دغا ڏيندا آهن. سنڌ جتي سورما پيدا ڪيا، اتي گيدي ۽ غدار به پيدا ڪيا. ان ۾ ڪو شڪ هئڻ نه گهرجي. چنيسر نه هجن ها ته دودو شهيد نه ٿئي ها. ايوب کهڙو نه هجي ها ته ون يونٽ نه ٿي ها. ارباب رحيم نه هجي ها ته سنڌ ٽين وال نه ٿئي ها. ڪهاڙيءَ ۾ ڪاٺ جو ڳن نه پوي ها ته وڻ نه ڪپجن ها. ڪوڙا قوم پرست "دانشور" نوڪرين جي دلبي تي سنڌ سان بي وفائي نه ڪن ها ته اسان جا زخم ناسور نه ٿين ها.

ناانصافيءَ جو هيءُ ڪهڙو رخ آهي جو سنڌي مائرن، ڀينرن ۽ ڌيئرن ڏانهن لڪيل ڪليل خطن ۾ مظلوم کي ظالم جي صورت ۾ پيش ڪيو ٿو وڃي؟ جهريل کي ڪريل ظاهر ڪيو ٿو وڃي. گهائل کي قاتل ڪوٺيو ٿو وڃي. بينظير جو غم جا ٽورو هو جو اسان جي غمزده وجود کي وڏيڪ داغدار ڪرڻ لاءِ اسان تي طرح طرح جا الزام ڏريا ٿا وڃن؟ سنڌي سباجهڙا ته صوفين، ساڌن ۽ سنتن جي واٽين جا وارث آهن. هو ڇا ڄاڻن هنگامن ۽ بلون ۽ دهشتگردي مان؟ جيڪي پنهنجي اندر جي پيڙا ۾ نڍال هجن، سي ڪنهن جي نياڻيءَ جي عصمت دري بابت ڪيئن سوچيندا؟ ۽ سو به ڪربلا جي ميدان تي؟

نه دوستو اهو اسان جو وڙ ناهي. نه اهو اسان جو دين آهي، نه ڌرم نه مذهب. اسان جيءَ ۾ جايون ڏيڻ وارا ماڻهو آهيون، اسان ننگ پرور آهيون، اسان اوگهڙ ڍڪڻ وارا انسان آهيون، اسان چپ آهيون ته پرپات آهيون، اٿياسين ته ظالم لاءِ ڪاري رات آهيون. وڙهنداسين ته دوبدو جهڙنداسين ته روبرو مڙس مڙس جي مٽ آهي. نياڻي ست قرآن آهي، پوءِ ڪٿي دشمن جي ڇو نه هجي. طعنا ڏيو ته پل ڏيو هزار ڏيو صبر سان سهنداسين، پر اهڙا ڪريل مهڻا ڏئي اسان جي وجود تي وار نه ڪيو لطيف، سچل ۽ ساميءَ جي پونئيرن کي نه لڄايو.

سنا سيبتا، سلڇڻا ۽ پڙهيل ڳڙهيل اردو دان اسان جا به دوست آهن. ترقي پسند، ڪليل دل ۽ دماغ وارا اردو ڳالهائيندڙ اسان جا به ساٿي آهن. اڄ ڏريا، انسان دوست ۽ اصولن جا پابند اردو دان اسان کي جان کان به پيارا آهن. مظهر جميل سنڌي ادب جي 1700 صفحن تي پکڙيل تاريخ لکي اسان جي اکين جو تارو بڻجي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڪو آهي. مسلم شميم موهن جي ڏڙي تي نظم لکي اسان کي خريدي ڇڏيو آهي. الياس عشقي، نعيم ۽ نسيم تقوي سنڌيءَ ۾ شاعري ڪري اسان جي جيءَ ۾ جايون جوڙي ويٺا آهن. فهميده رياض، تاج حيدر، غازي صلاح الدين ۽ سندس گهر واري صادقہ صلاح الدين سنڌي ادب، ٻوليءَ ثقافت ۽ سماج تي گهري نظر رکن ٿا. اسان جي سرجا سائين آهن. سرمد سنڌي ماروئڙن ۽ جهانگيئڙن کي ڳائيندي امر ٿي ويو ڪيترا نالا وٺان؟ اهي سڀ ٻاهران آيا پر سنڌ جي رنگ ۾ رنگجي ويا. اسان ۾ جذب ٿي ويا. اسان جا ٿي ويا. اسان انهن جا ٿورا ڳائينداسين، لاهي نہ سگهنداسين. مٽيءَ جو قرض ايئن لهندو آهي. تاريخ جو فرض، ايئن ادا ٿيندو آهي. حلالي فرزند پنهنجي قبيلي جو مانُ ايئن مٿانهون ڪندا آهن. سنڌ جڏهن دولهہ دريا خان، دودي، هيمون ۽ هوشوءَ تي فخر ڪندي، تڏهن پنهنجي گود ۾ ليٽيل انهن ٻچڙن تي پڻ مانُ ڪندي، جن ڪيس پاپوهہ مان "ماءُ" چيو ۽ دل جي گهراين سان "ماءُ" مڃيو. اجرڪ ۽ ٽوپي پائڻ سان ڪو بہ سنڌي ڪو نہ ٿي ويندو. زبان سان "سنڌ سنڌ" جو ورڌ ڪرڻ وارا بہ اوستائين سنڌي چوائڻ جا حقدار ناهن، جيستائين پنهنجي عمل سان سنڌي ٿي نہ ڏيکارين سنڌ جي حقن واريءَ ويڙهہ ۾ جيڪو بہ نڪري نروار ٿيندو ۽ ڪليءَ دل سان جهاد ڪندو اهو ئي سنڌي آهي. ڦوڳ بہ تہ سنڌي ماءُ جي ڪکِ مان ڄائو هو پر سنڌي روايتن تي پورو نہ اتريو. ان ڪري هو اڄ بہ ڪڙم جو ويري ليکيو ويندو آهي.

سنڌ جا مسئلا ڪنهن کان ڳجها ناهن. گذريل سٺ سالن کان اسان مظلومن ۽ يتيمن جيان انهن مسئلن جي گهاڻي ۾ پيڙجي رهيا آهيون. وِت آهر ويڙهاند بہ ڪيون ٿا پر ڳجها هٿ وقت بوقت انهن ۾ اضافو ئي ڪندا رهيا آهن. اهڙي موقعي تي جيڪو ڪلهوڪلهي ۾ ملائي اسان سان گڏ بيٺو اهو اسان جو ڀاءُ آهي ۽ جيڪڏهن دريا جي پَرينءَ پر بيهي اسان کي آسرا ڏيندو رهيو سو اسان منجهان ئي ناهي.

هيءَ کهڙي ڀاڳي آهي تہ ڪراچيءَ جا سمورا سنڌي ميڊيم اسڪول ختم ڪيا ويجن. ڪراچيءَ جي تعليمي ادارن ۾ اسان جي داخلا بند ڪئي وڃي، ڪراچيءَ جي ڊوميسائيل ڪانسواءِ ڪنهن بہ سنڌيءَ کي نوڪري نہ ملي. بهارين ۽ بنگالين کي شناختي ڪارڊ جاري ڪري سنڌ جا مستقل باشندا بڻائي اصلي سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪيو وڃي. سنڌ جا ضلعا ٽوڙي پنهنجي مرضيءَ سان جاگرافيائي تبديليون ڪيون وڃن. سنڌ جا ٻيٽ ۽ ساموندي ڪناري وارا علائقا وڪڻي ڇڏجن. اصلي سنڌين جا قديم ڳوٺ ڊاهي کين دربدر ڪيو وڃي. سنڌ جا تهذيبي ۽ تاريخي ماڳ ڊاهي، ڦٽائي، مٽائي سندن حليو بگاڙيو وڃي يا بلڊر مافيا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي حوالي ڪيا ويجن. سنڌي ٻوليءَ کي ملڪ نيڪالي ڏني وڃي ۽ ڪالاباغ يا ان جهڙن ٻين منحوس منصوبن تي سنڌين جو ڪليو ساٿ نہ ڏنو وڃي؟ هيءَ ڪهڙي پاڻپي آهي تہ جنهن ڏيهہ ۾ پناهہ ورتي ان جي ٻوليءَ تي ڪات ڪهاڙا ڪڍجن؟ اتان جي ثقافت جو مذاق اهڙيءَ طرح اڏايو وڃي جو اسٽيج جي هڪ فقري باز مسخري کي ثقافتي صلاحڪار جو درجو ڏنو وڃي ۽ سنڌي ڏاهن، ليکڪن ۽ اديبن مان اها اميد رکي وڃي تہ هو سندس تعظيم ۾ اٿي بيهي سندس آڌر ڀاءُ ڪن. روڊن رستن، محلن ۽ وسندين جا اصلي نالا متائي ڀارتي شهرن، شاعرن ۽ سياسي اڳواڻن جي نالن پويان رکيا وڃن ۽ مقامي مشاهيرن کي بلڪل نظرانداز ڪيو وڃي؟ شهرن، ڳوٺن ۽ وسندين ۾ غالب، جگرمراد آباديءَ حالي وغيره جي حوالي سان مشاعرا ۽ مباحثا ڪرايا وڃن. سنڌي ۽ اردو اديبن کي ڏنل ايوارڊن ۾ تفريق روا رکي وڃي، اها ساڳي تفريق سرڪاري نوڪرين، سروس ڪميشنن، ججن، ٽربيونلن وغيره جي سلسلي ۾ بہ روا رکي وڃي؟ ياد رهي تہ پارت کان آيل اردو (يا بيون ٻوليون) ڳالهائيندڙن جو تعداد اصلي سنڌين جي اڌ جي اڌ کان بہ اڌ آهي ۽ سياسي بازيگريءَ سبب سنڌين جا سمورا حق اڌ جي اڌ کان بہ اڌ رهجي ويا آهن. جيڪڏهن ڪنهن کي شڪ آهي تہ حقيقي ڪاتا ڪولي ڏٺا وڃن ۽ نہ زباني گزيٽ تي اعتبار ڪيو وڃي.

تاڙي ٻنهي هٿن سان وڄندي آهي. نيتون ئي عملن جون ضامن هونديون آهن، ڪير چاهيندو تہ سنڌ ۾ هميشہ لساني ۽ نسلي ڇڪتاڻ قائم رهي؟ ڪير چاهيندو تہ سنڌ جا ماڻهو زبان ۽ نسل جي بنياد تي ورهائبا رهن؟ ڪير چاهيندو تہ اسان جي نفاق جو فائدو وٺي پنجاب يا ٻيا صوبا اسان جي وسيلن تي قابض ٿيندا وڃن؟ اسان وڏيءَ دل وارا ماڻهو آهيون. اسان ماضيءَ ۾ پاڻ سان ٿيل ناانصافين کي وسارڻ لاءِ تيار آهيون. بشرطيڪ ٻي ڌر نيڪ نيتيءَ سان آئينده لاءِ حق ۽ انصاف جو وچن ڪري. هو هڪ قدم اڳتي وڌائي، اسان ڏهہ قدم وڌائڻ لاءِ تيار آهيون. هو اسان کي وڏو ڀاءُ تسليم ڪن ۽ سنڌ کي پنهنجي حقيقي ماءُ مڃن. اسان جي تهذيب ۾ پاڻ کي جذب ڪري ڇڏين ۽ سپ ســنڌا متائي ڇڏين ۽ الزام تراشيءَ کان پاسو ڪن ۽ سنڌ کي لساني بنياد تي ورهائڻ جا سپ رويا ختم ڪن. ظاهر آهي تہ اسان جي گڏيل قوت سنڌ دشمن طاقتن لاءِ هماليہ ثابت ٿيندي ۽ اسان لاءِ سرهائيءَ جو نئون سورج اڀاريندي. ڪاش! اسان جي هن مخلص دعوت تي اسان جا نوان دوست سوچ سمجهہ کان ڪم وٺي عمل ڪن ۽ اسان جي هر خوشيءَ توڙي هر غم ۾ اسان جو ساٿ ڏين لفاظيءَ کي ڇڏي عملي طور پاڻ کي سنڌ جا صالح پٽ ثابت ڪن ۽ چاچي تہ چون پر ڇهنڊڙي نہ پائن!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ جو انتقام

کھڙا کھڙا ڏسڻا وائسڻا ماڻھو پنھنجي اندر ۾ لڪل ڪنھن ننڍي وڏي تعصب، حسد يا ساڙ وس تي ڪڏھن ڪڏھن دل جي ڳالھ زبان تي آڻي ئي وجھندا آھن. تي سگھي ٿو تہ ھن صاحب اھا گفتگو چڱيءَ نيت سان ڪئي ھجي ۽ اھو بہ ٿي سگھي ٿو تہ ان صلاح جي پويان بدنيتي ئي ھجي. بھرحال سنڌ جي ماڻھن کي تڪليف پھتي آھي.

جنھن واقعي جو ذڪر مان ڪري رھيو آھيان، اھو ئي چار ڏھاڙا اڳ ھتي ڪراچي ۾ ٿي گذريو. ملڪي صدارت جي اميدوار ۽ ”جج بحال ڪريو تحريڪ“ جي روح روان ۽ ڪن حالتن ۾ صدر مشرف جي سخت مخالفت ڪرڻ سبب اسان سنڌين سوڌو پاڪستان جي اڪثريت ۾ مقبول رٽائرڊ جسٽس وجيھہ الدين صاحب ڪنھن سيمينار ۾ خطاب ڪندي فرمايو تہ ڪراچيءَ جي صورتحال کي سڌارڻ لاءِ ڪراچي شھر جي ٻاھران پورٽ قاسم وٽ نئين ڪراچي جو شھر اڏي اصلوڪن سنڌين کي اتي آباد ڪرڻ گھرجي. ٻين لفظن ۾ حيدرآباد وارو نقشو ٻيھر دھرائجي، جنھن تحت حيدرآباد جي جدي پشتي رھاڪن لاءِ زمين تنگ ڪري کين شھر ڇڏي قاسم آباد آباد ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو ۽ ھاڻي حيدرآباد شھر سياسي ۽ تنظيمي طور پناھگيرن جي ھٿ ۾ آھي ۽ سنڌن سنڌي گورنمينٽ پارڪ کي ڪنھن بہ طرح نہ سنڌ سرڪار ڏانھن جوابدار ٿي سمجھي ۽ نہ وري سنڌ جي اصلي باشندن تي سنڌن اک ٿي ٻڏي.

وجيھہ الدين صاحب جي ھيءَ رٿ پڙ لڳي ٿو تہ ڪراچيءَ تان سنڌين جو ھٿ ڪٽائڻ ۽ پنھنجي زمين تان سنڌن پير ڊاھڻ جي ھڪ ڪڙي آھي. ايئن ڪرڻ سان ڪراچيءَ جي شھري حڪومت جيڪا اڳ ئي ڪراچيءَ کي ذھني توڙي عملي طور باقي سنڌ کان ڌار ڪري چڪي آھي. سا ھر فڪر کان آجي ٿي ھر حربو ھلائي. سنڌين کي سنڌن نئين قاسم آباد ڏانھن ڌڪالي ڪيندي ۽ پاڻ پنھنجا تڙيل پکڙيل ھم زبان ڪٺا ڪري جناح پور ٺاھڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندي ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان پنهنجي ٿي ڌرتيءَ تي ڌاريا بڻجي ڪا ڪچي بستي جوڙي ويهي رهنداسين.

ڪراچيءَ جي گهيڙن گهٽين، چؤسولن ۽ چؤراهن ۾ سنڌين جو رت ۽ ست سمايل آهي. هن شهر جي گلي گليءَ ۾ اسان جي تاريخ دفن آهي. ڪراچي اسان جو شهر آهي، اسان جي زمين آهي. اسان جو ورثو آهي. قومون ته پنهنجن بيابانن لاءِ به ويڙهاند ڪنديون آهن. اسان پنهنجي جڳ مشهور بندرگاهه لاءِ اکيون بند ڪري ته نه وهنداسين؟ ها، البته حسين هارون جي اها صلاح سٺي آهي ته سنڌين کي گهرجي ته ڪراچي شهر جي چوڌاري پنهنجون نيون بستيون آباد ڪن ته جيئن ڪراچيءَ تي اسان جو ڪرڙو چڙهيل هجي. ان ڪم ۾ سياسي توڙي سماجي قوتون اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون. اهي ڳوٺ جيڪي ڪراچيءَ جي پسگردائي ۾ صدين کان آباد آهن ۽ جن کي گذريل حڪومت ۾ شامل متحده وارا وڏي صفائيءَ سان ڊهرائي پٽ ڪري رهيا هئا، تن کي نئين حڪومت اچڻ سبب آٽت مليو آهي ۽ متن ٿيندڙ زور ۽ زبردستيءَ ۾ به ڪمي آئي آهي، تن کي گهرجي ته موقعي جو فائدو وٺي پنهنجن نمائندن تي زور بار وجهي پڪو ڪرائي ڇڏين ۽ گڏوگڏ نوان ڳوٺ آباد ڪرڻ جا منصوبا بڻائين.

اوهان کي ياد هوندو ته گذريل ارباب حڪومت ۾ نه رڳو ڪراچيءَ جي ٻاهران ٻيٽ وڪيا ويا هئا. بلڪه ساموندي پٽيءَ جي گهڻي ڀاڱي زمين ان بهاني سان خريد ڪئي وئي هئي ته اتي انڊسٽريل زون ٺاهيا ويندا. زمينن جي قيمت ته برابر وڌي وئي هئي ۽ اهي زمينون وڪڻي اپوجهه سنڌين چار پئسا به ڪمايا هئا پر قومي سطح تي اسان تمام وڏي گهاٽي ۾ ويا هئاسين. وقت آيو آهي ته هاڻي انهن چالبازين کي واڪو ڪري پنهنجين باقي بچيل زمينن کي بچايون. ساموندي پٽيءَ وارن زميني مالڪن کي معلوم هئڻ گهرجي ته اهي زمينون سون جي کاڻ آهن. اڄ نه ته سڀاڻي انهن جو اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪندو. بلوچن جوئي ڪٺي مثال وٺو گوادر تي هلندڙ جهيڙو بلوچن جي دور انديشيءَ ۽ دانشمنديءَ جو اعليٰ مثال آهي، هو پنهنجي زمين تي ڪنهن به ڌارئي جو وجود ان لاءِ برداشت نٿا ڪن جو هنن جي سامهون ڪراچيءَ جو مثال موجود آهي. ڪين خبر آهي ته جيڪڏهن ڪنهن به ڌاري قوم سندن سرزمين تي فقط هڪ دفعو پير جمايا ته پوءِ هو پاڻ هميشه هميشه لاءِ نه صرف بي گهر ٿي ويندا. بلڪه سندن وجود به خطري ۾ پئجي ويندو. حڪومتن جي ڀرپور طاقت جي استعمال کان پوءِ به بلوچ اڄ تائين پنهنجي اصولي ضد تي قائم آهن. هو ڪنهن به ٻي قوم کي مستقل طور پنهنجي زمين تي برداشت ڪرڻ لاءِ آماده ناهن. وڌ ۾ وڌ هو ڪين روزگار سانگي پنهنجي علائقي ۾ رکڻ لاءِ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيار آهن پر ووٽ وري بہ ڪين پنهنجي اصلي صوبي ۾ ڪرٽو پوندو.

اسان ڪي بلوچن جي جدوجهد واري تاريخ مان مزاحمتي پنو ڦاڙي پاڻ وٽ رهنمائيءَ لاءِ رکڻو پوندو نہ رڳو ايترو بلڪ بلوچن ۽ سنڌين ڪي ڪنهن نہ ڪنهن پليٽ فارم تي گڏ تي هڪ ٿي منصوبابنديءَ تحت ڪم ڪرڻو پوندو. جي ايئن نہ ٿيو تہ نقصان هر حال ۾ اسان جو ئي ٿيڻو آهي. بلوچ پنهنجي ڌُن جا پڪا آهن. ويڙهاڪ آهن، جبلن ۾ پناهہ وٺي وار ڪري ڄاڻن. قوم پرستيءَ جي معاملي ۾ يڪشمست آهن. ان جي برعڪس اسان پنهنجو جهنم پاڻ تيار ڪيو آهي. ڏارين جي گهيري ۾ آهيون. وڙهي ڪو نہ ڄاڻون. اسان جا نمائندا ويڪائو مال آهن ۽ اسان پاڻ چڙوچڙ آهيون. سڀ کان وڏي مصيبت اها ئي آهي جو اسان جا سڀ ويري ڪمائڻ توڙي پنڻ جي ارادي سان سنڌ جي وڏن شهرن ۾ اچي گڏ ٿيا آهن ۽ اسان کي پيا صلاحون ڏين تہ توهان هاڻي پنهنجا شهر خالي ڪري وڃي نوان شهر آباد ڪيو. اسان کان مالڪي ڇڏائڻ لاءِ پهرين ڪراچي کي مني پاڪستان (Mini Pakistan) ڪوٺيو ويو ۽ هاڻي ان کي "اپنا ڪراچي" سڏيو ٿو وڃي. مون کي حيرت ٿيندي آهي تہ آخرڪار ڪراچي ڇو مني پاڪستان ٿيو؟ زندهہ دلن جي شهر لاهور ڇو نٿو مني پاڪستان ٿئي؟ ۽ اهو "اپنا ڪراچي" جو نعرو لالوکيت وارا ڇو ٿا لڳائين؟ لياريءَ وارا ڇو نٿا لڳائين؟

ڪجهہ ڏينهن اڳ ڪراچيءَ ۾ رهندڙ پٺاڻن پڻ پنهنجي جلسي ۾ وڏي واڪ اعلان ڪيو هو تہ ڪراچيءَ تي پٺاڻڻ جو بہ اوترو ئي حق آهي، جيترو ڪنهن بيءَ قوم جو. پنجابي تہ هونئن ئي اسان جا آقا آهن. اڌ کان وڌيڪ ڪاروبار زمينون، نوڪريون توڙي ڪارخانا هنن جي حوالي آهن. ڪنٽونمينٽ تہ ڪين ڏاج ۾ مليا آهي، هو تہ عرصي کان پنجابي اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي جهنڊي هيٺ، سنڌ ميڊيڪل ڪاليج کي سنڌين کان پاڪ ڪرڻ جي جهادي مهم ۾ رڌل آهن. ٻئي پاسي پنجابي پختون مهاجر اتحاد جوڙي سنڌين جي پلاين جو اجورو پڻ ادا ڪري رهيا آهن. ڪراچيءَ جا قديم ميمڻ، ڪڇي ۽ خواجا بہ اڌ کان وڌيڪ خوف ۽ هراس وچان گهرن ۾ اردو ڳالهائڻ لڳا آهن ۽ ووٽ متحده جي حوالي ڪري چڪا آهن. اهڙين حالتن ۾ سنڌي اڪيلا ۽ تن تنها ٿيندا ٿا وڃن. ڪجهہ وٽ ڪوتا آهن ۽ ڪجهہ ڦودني ۾ ڦير آهي. ڪجهہ حالتون اسان جي فائدي ۾ ناهن ۽ ڪجهہ اسان جي پنهنجي بد افعالائي بہ آهي. نہ تہ پلا اسان تہ وڃي لالا موسيٰ ۾ جيئي سنڌ جو نعرو هڻون! هيءَ پنهنجي ڪرتي پرتي آهي، پنهنجا ڪيتا پيا ٿا لوڙيون. مير نازڻ سائين ڪارا ڪپڙا پهريل ڇگن مڙسن جي ترين پرائي باليءَ کي پرچائڻ لاءِ وڃي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاهور پهتو هو ۽ ميدان ۾ خيما کوڙي ڏرڙو ڏئي ويهي رهيو هو ۽ هر آئي وئي هيرامنڊيءَ جي دلال آڏو جهولي جهلي، ٻانهون ٻڌي ٻئي ٻاڏايائين ته چوڌري صاحب گهر جيڪي گهرڙو اٿئي پر مون کي ٻالي پرچائي ڏيو. اڄ ٻاليءَ جا ياٽيجا ۽ ياٽيا خيرپور جي خانداني ميرن کان حق چڪڻ لاءِ اچي پر گهٽ ٿيا آهن. اهڙا گهڻا حق پيون ڏريون به اسان کان لهڻن. ڪٿي ٻني ڏني سين، ڪٿي ٻارو ڏنوسين، ڪٿي زر ڪٿي زيور ڪٿي بنگلو ڪٿي ماڙيون ڪٿي پنهنجن جو حق ماري کين روزگار ڏنوسين ۽ ڪٿي وات جو گرهه ڪڍي سندن پيٽ ۾ وڌوسين. نازڻ سائين اڪيلو ته ڪو نه هو. هر دور ۾ اسان نازڻ سائين پيدا ڪيا آهن. ڪڏهن ايوب کهڙي جي روپ ۾ ڪڏهن راشدي صاحب جي شڪل ۾، ڪڏهن چانڊ صادق ته ڪڏهن ارباب رحيم. اسان جي پينگ اسانجن پنهنجن جي هٿان ٿي آهي. ٻئي جو ڪهڙو ڏوهه آهي؟

نئون نئون پاڪستان ٺهيو هو ته اسان جا چورا چانگر سورهن سينگار ڪريو وراڙا ٺاهي، بوٽ کي تيت سنو جو مکڻ ڏئي، چيڪات وارا بوٽ پائي، مڇ کي تاءُ ڏئي، پڪار مڪس عطر جو ٻڙو ڪن ۾ وجهي، نواب شاهه جي ڪڌ جو رخ ڪندا هئا ته هلو هلي ٿا پناهگيرياڻيون تاڙي اچون. حيدرآباد جا وڏيرا جيپ ۾ چڙهي ٻه چار نوڪر ساڻ ڪري ويجي شيش محل هوٽل جا ڪنڊون پاسا وسائيندا هئا ته رنون ٿا ڏسڻ ويجون. اين ڏاڏن جون ملڪيتون اگهي پگهي ويهي رهيا. جيڪي داٽا ڪٽا گنديءَ ۾ هٿن، سي ڏئي ولي ٺونا ٿي ويهي رهيا. سياستدانن به ساڳيو ئي ڪم ڪيو. شهرن جا قيمتي پلاٽ محبوب جي اک جي اشاري تي قربان ڪري ويهي رهيا. اڄ سندن ئي رت سندن سامهون ٿي ويهي رهيو آهي، تاريخ جو انتقام ڏاڍو ظالم ٿيندو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ڪو سياڻي ڪي بچائڻ وارو!

سنڌ ۾ هر روز سراسري ٽي ماڻهو خودڪشي ڪن ٿا. پاڻ کي مارڻ جو مکيہ ڪارڻ بيروزگاري آهي. ايڏي وڏي تعداد ۾ آپگهات جا واقعا شايد ئي دنيا جي ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ ٿيندا هجن. جيڪڏهن عالمي ادارن جو ضمير زنده هجي ۽ هو بنا تعصب جي هن قسم جي وارداتن جو نوٽيس وٺن تہ جيڪر دنيا ڀر ۾ واويلا مچي وڃي. عالمي ادارن کي ڏوهہ تہ پوءِ ڏجي، پهريون پنهنجي ٻي حسيءَ تي ماتم ڪجي. سنڌ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڇهہ اهڙيون سياسي پارٽيون موجود آهن، جيڪي پاڻ کي "قومپرست" سڏائين ٿيون. انهن جا ٽنگن ٻانهن ڀڃڻ وارا بيان بہ اڪثر پڙهندا رهندا آهيون. سنڌن تقريرون ۽ جلسا جلوس پڻ اخبارن ذريعي اسان تائين پچندا رهندا آهن. ڪي سنڌ کي جنت بنائڻ جا واعدا ڪندا آهن ۽ ٻيا ڌار ملڪ ٺاهڻ جا دڙڪا ڏيندا آهن. هڪ ٻئي سان سنڌن تعلقات ايتري قدر تہ خوشگوار آهن جو هر قومپرست پارٽي ٻئي کي ننگہ ڦورو، وڪاميل ۽ سرڪاري ايجنٽ جا لقب لائيندي فخر محسوس ڪندي آهي. عام ماڻهوءَ تي انهن الزامن جو اثر هاڻي بنهہ ڪو نہ ٿيندو آهي. ڇو تہ سنڌن دک درد انهن هلڪڙين ڳالهين کان گهڻو مٿي چڙهي ويو آهي. ڪين ڪنهن بہ دلاسي يا دهمان تي اعتبار نہ رهيو آهي. شايد اهو ئي سبب آهي جو قومپرست وڏيرا تہ پنهنجي "راڄ" جي آڌار تي هڪ اڌ سيٽ کٽي اسيمبلي جي زينت بڻجن ٿا، پر ٻين کي اسيمبليءَ جي ٻاهرئين روڊ تان لنگهڻ جي بہ همت ڪانهي. ان ڪري عام سنڌي ماڻهن جا مسئلا پنهنجي جاءِ تي قائم دائم آهن ۽ قومپرستن جا دڙڪا ۽ دلاسا بہ الله جي حڪم سان پنهنجي جاءِ تي قائم دائم آهن. نور الهديٰ شاهہ چواڻي:

"منهنجي ڳوٺ جو رستو ڪالهہ بہ ڪچو هو

اڄ بہ ڪچو آهي"

جهڙا يتيم هئاسين اهڙا يتيم آهيون. ويتر مسئلا وڌندا وڃن ٿا. ڪيترين ئي حڪومتون آيون ۽ ويون، اسان جي درد جو دارون نہ ٿيٽو هو سو نہ ٿيو. گهر اڄ بہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪکاوان آهن. ڪپڙا اڄ به ليڙون آهن. اکيون اڄ به آليون آهن. دل اڄ به ويران آهي. پٺي صاحب کان ويندي نواز شريف تائين سيني سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ پائي صرف فوٽو ڪڍايا ۽ ڪوڙا واعدا ڪيا. اسان به سيني جي دور ۾ جمهريون وڏيون ۽ نعرا هنيا. ليڪو برابر رهيو ٿيو ڪجهه به ڪو نه. ٿوري گهٽي جيڪا نفسياتي برتري ملي، ان کان انوٽي ضياءُ الحق سنڌي هئڻ جي ناتي، ڦٽڪا ۽ پادر هٺي ڪڍي ورتي. بينظير آئي، اسان وري گهنگهرو پائي نچياسين. خبر تڏهن پئي، جڏهن سنڌي وڏيرا ۽ پنجابي چوڌري وڪوڙي ويس. پلو ٿيو خوشامدين جو اسان اهڙي جا اهڙا. نواز شريف ٽي دفعا موٽ کاڌي، بينظير به دفعا حڪومت ماڻي، ڪيٿر ٽيڪر ٽي دفعا آيا، پر فقير جي گودڙي خالي رهي. هر دفعي پنجاب ۽ سنڌي وڏيري جاوا ڪيا. سنڌي ڪوتا سستم جي عشق ۾ انڌا، وتن ڏرٽا هٽندا. ڪين اها خبر ئي ڪو نه ته ڪوٽا ۾ مليل خيرات به وڏيرن جا پٽ، ڀاڻيا، ڀاٽيجا، سالا، ماسات کايو ٿا وڃن. اسان ته مورڳو ميرٽ به وڃائي ويٺا آهيون. نوجوان پڙهي لکي، نوڪريءَ لاءِ پريشان وتن ٿا ڦرندا. جڏهن در در جا ڌڪا کائي مايوس ٿا ٿين، تڏهن پنهنجي بيڪار زندگيءَ جو انت آڻڻ جو ٿا سوچين! حياتي ڪنهن کي پياري ناهي؟ رڳو آگر ڪي چير ٿو اچي ته ماڻهو ست آسمان ٿو مٿي ڪٽي. پاڻ تي گولي هلائڻ، دريا ۾ ٽپو ڏيڻ، جسم کي باهه ڏيڻ يا زهر کائڻ ڪو آسان ڪم ته ناهي! مايوسيءَ جي انتها ان ڪم تي مجبور ٿي ڪري. سماجي اڻ برابري ۽ ناانصافي اسان جي معاشري کي تهس نهس ڪري ڇڏيو آهي. نوجوانن جي دلين مان انصاف، حب الوطني ۽ سچائيءَ لاءِ عزت پر ڪري اڏامي وئي آهي. ان جو جوابدار ڪير آهي؟ ڏوهه ۽ لاقانونيت جي بازار گرم ڪرڻ لاءِ ڪير جوابدار آهن؟ بي حسي ۽ بي وسيءَ جي فضا لاءِ ڪير ذميدار آهن؟

ڇوڪرا ويچارا ڪڏهن هڪ قومپرست جي پويان ٿا ڊوڙن، ڪڏهن ٻئي جي ڪڍ ٿا لڳن. خوشامدون ٿا ڪن. جلسن جلوسن ۾ اڳيان اڳيان ٿا پڄن. نعرا ٿا هڻن. پوليس جا مار موچڙا ٿا کائين، جيلن ۾ ٿا وڃن. مِٺن ماڻٽن جي آسن اُميدن تي پاڻي ٿا ڦيرين. سو آخر ڇو؟ آهي ڪو جو انهن سيني ڳالهين جو جواب ڏئي؟ هر ڪو شڪايت ته وڏي واڪي ٿو ڪري ته ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ پڙهائي ڪانهي. شاگردن ۾ هٿيار ڪلچر وڌي ويو آهي. رستي ويندي ڦرون ٿا ڪن پر انهن شڪايتن جي پاتال ۾ ڇپيل سببن طرف ڪنهن به سياسي ڌر ڌيان ڇو نه ڏنو آهي؟ حيدرآباد جهڙو تاريخي شهر لاچار ڪان ڇڏي، قاسم آباد وڃي آباد ڪيوسين ته جيئن سک ۽ امن سان رهي سگهون. اتي ڪير ٿو ڌاڙا هڻي ۽ پيداگيريون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري؟ انهن جي پٺيان ڪهڙا ڪارڻ آهن؟ پراڻن تہ ڦريو سو ڦريو، پنهنجا ڇوٽا ڦرين، ان هيڏي ساري سوال جو جواب ڪير ڏيندو؟

مون مئٽرڪ پاس ڪري سترهن سالن جي عمر کان نوڪري شروع ڪئي. هاڻي رٽائر ٿيو آهيان. ڪنهن ڪو ماڻهو اعتبار تہ ان سموري عرصي ۾ مون کي صرف هڪ پروموشن مليو؟ پيهر ڪنهن منهن ورائي ڏٺو بہ ڪو نہ. جڏهن بہ ناهيان. پڙهيل لکيل عام ماڻهو کان وڌيڪ سمجهہ رکندڙ آهيان. ايئرفورس جي لاءِ آيل ڇهن هزارن اميدوارن مان چونڊيل ڇهن آفيسرن مان هڪ مان بہ هوس. ايم پي اي جي چونڊ ۾ سريلنڪا، ڀارت، آفريڪا، وچ اوڀر وغيره جي هزارن درخواست گذارن مان چونڊيل اٺاويهن شاگردن مان بہ هڪ هوس. ضياءُ الحق پيو دفعو فيڊرل سروس ڪميشن ۾ ويهڻ جو فرمان جاري ڪيو پر فيل ڪري نہ سگهيو. پوءِ آخر ڪهڙيءَ گهٽتائي سبب سرڪار ترقي ڏيڻ کان انڪار ڪيو؟ گيهہ ڪارپوريشن ۾ سڀ کان سينيئر هئڻ جي باوجود مون کي نظرانداز ڪري، مون کان 67 ماڻهو جونيئر جنرل راڻيءَ جي نياڻي کي ذاتي سببن ڪري منهنجي مٿان چيئرمين بڻايو ويو. اهو هٽيو تہ وري مون کان 39 نمبر جونيئر نقوي کي مون تي ترجيح ڏئي ڪيس چيئرمين بڻايو ويو. ڏک جو اظهار ڪيم تہ پڪڙي جيل ۾ هٽي ڇڏيائون. ڪيس، ڪچهريون ۽ ڪورٽون شروع ٿي ويون. اخبارن ۾ اها ڪردار ڪشي ٿي جو شرم کان ڪنڌ ڪڍڻ جهڙو نہ رهيس. بينظير آئي سندس دعوت تي پيٽي صاحب جي سالگره جي موقعي تي نئين ديري پهچي پري ڪچهري ۾ دانهن ڏني مانس تہ منهن ڦيرائي ڇڏيائين. عبدالله شاهہ سان پراڻي ياري هئي. سنڌ جو چيف منسٽر ٿيو تہ ڳالهائڻ ڇڏي ڏنائين. پيو تہ نهيو ستار بچاڻي جيڪي لفظ چيا، سي تير وانگر دل ۾ پيهي ويا اٿم. چيائين: پين ڪٽي گهٽو ڪاڙو هوندو تو گهٽ ڪاڙو هوندو پر ونگار وهي ويندا سين!"

لغاريءَ جو دور آيو. معراج خالد ڪيئر ٽيڪر وزيراعظم ٿيو. پنهنجي پسند جي هڪ تمام جونيئر آفيسر کي ترقي ڏيارڻ لاءِ وڏو ڊرامو رچاياٿين. سينيئر آفيسرن کي ترقيون ڪو نہ مليون آهن، ان ڪري ڪين ويهہ سيڪڙو پروموشن ڏيون. ڪانٽس سينيئر هئڻ جي ناتي مون کي نظر انداز نہ ٿي ڪري سگهيا. اخبارن ۾ ڇپيل لسٽ ۾ نالو بہ آيو پر نظرثاني ڪيل لسٽ مان غائب هو. معراج خالد کي سيالڪوٽ ۾ وڃي ٻانهن کان جهليم. چيم: سنڌين سان هيڏو ڏاڍ ڇو؟

چيائين: انصاف ٿيندو مان اقبال جي در جو فقير آهيان.

چيم: مان بہ ڀٽائي بادشاهہ جي در جو فقير آهيان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڏنو ڏٺي هليو ويو. پٺائي جو فقير هارجي ويو.

ڪجھ مهينن کان پوءِ وڏيڪ پروموشن جي اجا ٻي لسٽ ٻه نڪتي. ڏيڍ سؤ ماڻهو منهنجي جسم تي لتڙ ڪندا اڳتي وڌي ويا. ٻيو ڪو نہ سجهيم. فون ڪري سنڌ جي عظيم بزرگوار عبدالحميد جتوئيءَ کي چيم: قمر شهباز تو ڳالهايان.

پڇيائين: ڪير قمبر شهباز؟

فون بند ڪري ڇڏيم. پاڻ کان ڏهه سال جونيئر ماڻهوءَ جي هيٺان ڇهه مهينا نوڪري ڪري، رٽائر ٿي گهر موٽي آيو آهيان. انصاف، برابري، شرافت وغيره جون ٿي وي تي ڪوڙيون لباڙون ٻڌي، منهنجي ذهني ڪيفيت ڪهڙي هوندي، اهو تہ ڪو ٻار بہ سمجهي سگهي ٿو. زندگي رهي تہ ڪڏهن تفصيل سان ۽ ثبوتن سان ان موضوع تي لکندس.

اها مون هڪڙي جي ڪهاڻي ناهي، پوري سنڌ جي آتم ڪٿا آهي. اڇوتن وانگر جيئون ٿا، اڇوتن وانگر مرون ٿا. ڪٿي جي زندگيءَ ۾ بہ بهار ايندي هوندي، اسان جي نصيبن ۾ اها بہ ناهي. نوجوانن جون اباڻڪيون، آسائتيون اکيون ڏسي هنيانءَ ۾ هٿ پوندا آهن. پنهنجن جي بي رخي ۽ بي پرواهي ڏسي دل رت جا ڳوڙها ڳاڙيندي آهي. الله تعاليٰ جي هن وسيع زمين تي اسان لاءِ عزت جو هڪ گرهہ بہ ڪونهي؟ اهو سوچي ذهن ڦاٽڻ لڳندو آهي. هيءَ ملڪ آخر ڪنهن جو آهي؟ تنهنجو منهنجو ڇو ناهي؟ ايندڙ نسلن جو ڇا ٿيندو؟ اهي ۽ ان جهڙا ٻيا سوال بي شرم عوامي نمائندن جي ضمير کي ڇو نٿا جنجهوڙين؟ ٺيڪ آهي، امر جليل چواڻي: "سنڌ اسيمبلي ۾ يا تہ ايم ڪيو ايم جا نمائندا هوندا آهن يا وري وڏيرا. سنڌي هڪ بہ ناهي. جيڪڏهن اها صورتحال آهي تہ پوءِ اسان جون نظرون وري بہ موٽي قومپرستن تي ٿيون پون. اهي ڪهڙي مرض جي دوا آهن؟ ڇا سِندن زندگيءَ جو مقصد ئي هڪ ٻئي کي ٻچڙو ڪرڻ وچي ٻچيو آهي؟

مون کي پڪ آهي تہ سنڌ جا ڪافي دانشور هاڻي اهو سوچڻ تي مجبور ٿي پيا آهن تہ جيڪڏهن اسان جا پنهنجا ڪو بہ ٻوتو ٻاري نٿا سگهن، تہ پوءِ ڇو نہ وڃي الطاف حسين جي قدمن ۾ ڪرون؟ ڇا اها صورتحال اسان جي رهبرن ۽ رهنمائن کي قبول پوندي؟ ڪو تہ جواب ڏئي. هيءَ قوم دلجاءِ جي هڪ جملي لاءِ سڪي پئي آهي، آٿت جو هڪ لفظ ڪيترين ئي انساني جانيون ضايع ٿيڻ کان بچائي سگهي ٿو. آهي ڪو جو اٿي چوي تہ مان توهان جو پنهنجو آهيان. منهنجو تن من ڌن توهان جي امانت آهي. توهان جو ڏک سور منهنجو دل درد آهي. مان ٿو توهان جي درد جو درمان ٿيان. مون سڀ ويڇا وساريا. منهنجي دل ۽ نظر ۾ صرف

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ ۾ سندس سور آهن. موجوده نسل جي اداسي ۾ ايندڙ پيڙهيءَ جي پيڙا آهي.
پلي ڪو چا به چوي، چا به ڪري، ڪهڙو به الزام ڏئي، مان هر حال ۾ ايمانداري ۾ سچائيءَ سان پنهنجن ماڻهن جي خدمت ڪندس.

اهڙا دانشور، اهڙا اديب، اهڙا صحافي، اهڙا اڳواڻ گهرجن، جي صدق دل سان زخمي روحن جي پرگهور لهن. راهه ۾ پٽڪي نه وڃن. راهه ۾ رلائي نه وڃن. ڏوڪو نه ڏين، ڏڪالي نه ڇڏين. برابر سنڌ ۾ راڄ به پٽي صاحب جي ناتي پي پي لاءِ ماڻهن جي دلين ۾ محبت آهي پر ان محبت جي موٽ گهرجي. "قومپرستن" جا نعرا برابر سهڻا ۽ وڻندڙ پر نعرن سان نه پيٽ پريو آهي ۽ نه وري ذهن آسودو ٿيندو آهي. سچي سماجي انصاف سان ئي قومون خوشحال ٿينديون آهن. اسان کي اهو انصاف گهرجي. ان کان گهٽ ڪا به شيءِ قابل قبول ناهي.

آهي ڪو اهڙو جو اسان جا لڙڪ اگهي؟ اسان جو هٿ جهلي صحيح راهه ڏيکاري؟ اسان جي ڪومايل ۽ مرجهايل چهرن تي ٻيهر مرڪ نکاري؟

آهي ڪو اهڙو جو اسان جو پرجهلو ٿئي؟ ساٿ ڏئي؟ سڏ ورنائي؟

آهي ڪو اهڙو جو اسان جي وفائن، سچاين ۽ خلوص جو جواب وفا، سچائي ۽ خلوص سان ڏئي؟

اسان سيني سان وڙ ڪيا آهن. ڪو اسان سان به وڙ ڪري. پيار جي بدلي پيار ڏئي. اسان جان ڏني آهي، توهان مان ته ڏيو. اسان گهاوَ سٺا آهن، توهان ڇانوَ ته ڏيو. اسان اڳيون پويون بي رخيون، ناانصافيون ۽ ڏاڍايون معاف ڪرڻ لاءِ تيار آهيون، اوهان آئينده لاءِ صرف سچ جو ساٿ ڏيڻ جو واعدو ڪيو.

زخمي، ڇچريل، جهوباڙيل سنڌ ڪنهن مسيحا جي انتظار ۾ آهي.
ماضي مري چڪو سياڻي کي بچائڻ لاءِ ڪو ايندو؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماٺو پچن تا ماٺي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ _I

سنڌ ۾ هڪ طرف لانگ مارچ پئي ٿئي، ٻئي طرف بڪ هڙتالون، احتجاج ۽ ٽئين طرف ميڙ ميڙاڪا، جلسا ۽ جلوس، پوءِ به ڳالهه نٿي جڙي. ڪا منظم پختي ۽ ڪارائتي تحريڪ جنم نٿي وٺي. سرڪار جي ڪن تي جونءَ به نٿي سري. هٿ هلڪو ڪرڻ بجاءِ ڏارين کي اڃا به ڏکيو رسو ڏنو پيو وڃي، ايئن ٿو لڳي ڄڻ حاڪمن کي پڪ ٿي وئي آهي ته هنن جهڙن تهڙن هلڪن سلڪن احتجاجن مان ڪجهه ورڻو ناهي. موقعو سنو آهي، سنڌ حڪومت کي جيترو بليڪ ميل ڪري وڏ ۾ وڏ فائدا وٺي سگهجن، اوترو چڱو. فائدا به جهڙا تهڙا نه. اهڙا جيڪي پڪا پختا ۽ ديرپا هجن. اهو نظام جوڙي ڇڏجي جيڪو سنڌين کي هميشه جي لاءِ ڳيجهو بڻائي ۽ ٻاهران آيل آباديءَ کي سدائين جي لاءِ سنڌ جو حقي مالڪ ۽ وارث بڻائي ڇڏي ظاهر آهي ته واسطيدار ڌر ته پنهنجي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هر جائز ناجائز حربو استعمال ڪري رهي آهي پر ڪين اوچو اڏامڻ لاءِ ٻه ٻيون ڳالهيون به مهيا ڪري رهيون آهن:

(1) سنڌ جي موجوده ناپسنديده، هيچي ۽ ڏڪڻي حڪومت جنهن جي نڪريءَ تي پاڙ آهي ۽ جيڪا ڪنهن ٽنيي ۽ ٽوٽي ڪانسواءِ سڌو بيهي به نٿي سگهي.

(2) سنڌين جي مزاحمت ۾ جوش جذبي ۽ ڪميٽمينٽ جي کوٽ.

جيستائين پهرين ڳالهه جو تعلق آهي ته ان متعلق صرف ايترو ئي چوڻ ڪافي آهي ته سنڌ ۾ مٿي ۾ اهي نڪر شروع ڪان ئي لڳندا پئي رهيا آهن، پاڪستان ٺهڻ (يا ناهڻ) کان وٺي پناهگيرن لاءِ ديگهيون دمائڻ تائين ۽ پوءِ پنهنجي سموري شهري توڙي ٻهراڙيءَ جي ملڪيت ڪليمن ذريعي پيننگ ٽيندي ڏسڻ تائين اسان جي انهن مت جي موڙهن ليڊرن پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙي پئي وهائي. پاڻ ته وڃي سک پيا، ٻائيتال ٻين لاءِ ٻاري ويا. وري جو ڪٽي انهن سٺ سالن ۾ ڪو غيرتي پٽ پيدا ٿئي ۽ چوريءَ جو ڪو سئي ڏاڳو ڪٽي ورائي ڏئي، سو به نه هڪ ڪان هڪ چٽيهه لکٽو اسان جي ڪرمن ۾ مترڪي جيان پئي لڳو آهي. هنن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي لاءِ صرف ”اڄ“ آهي، سياڻي جو ڪنهن سوچيو ئي ناهي. سنڌي وڏيري، رئيس ۽ سردار جي لئہ فقط پاڻ کان هيٺن تائين محدود هوندي آهي. ڌل نہ ڏاڍي سان ڪم پوين، پوءِ ويهي سنڌن لياڙات. چڙهيون ۽ اوچنگارون پڌوا ننڍين ننڍين غرضن ڪاڻ بہ اٺ پيير ناهڻ کان ڪين ڪيپائيندا. گيسيءَ جو نڪاءِ پيو پوندو روئي روئي ڪٽي رڃ پريندا.

هڪڙو ننڍڙو واقعو ياد ٿو اچيم. دل ٿي چوي تہ اوهان کي بہ پڌائيندو هلان. مير شهداد خان جيڪب آباد جو ڊپٽي ڪمشنر هجي. مڙس قدآور سهڻو ۽ نرم سياءَ وارو پر اصولن جو پڪو هوندو هو هاڻي لاڏاڻو ڪري ويو آهي: خدا کيس جنت ۾ جاءِ ڏيندو واهہ جو آفيسر هو. هڪ ڏينهن مان سندس آفيس ۾ ڪنهن سرڪاري ڪم سانگي ويس. ويٺي چانهہ پيتي سين تہ هڪ تمام وڏي سردار جو ننڍو ياءُ پاڻ سان سئو کن ماڻهن جو هجوم ساڻ ڪري اچي اتي سهڙيو. راڄ کي ٻاهر بيهاري پاڻ آفيس ۾ اندر هليو آيو اجا ڪجهہ چوي ئي چوي ان کان اڳ ڊي سي صاحب اچي سگھن تي ڪنيس. ويهڻ لاءِ ڪرسي بہ ڪو نہ آڇيائينس. حال احوال بہ ڪو نہ ورتائينس، مورڳو تيپي ٻاهہ ٿي چيائينس تہ مير صاحب، مون کي خبر آهي تہ تون ايترا ماڻهو ساڻ ڪٽي ڇو آيو آهين؟ مان ڪا بہ زور زيادتي برداشت ڪرڻ وارن مان ناهيان. غريبن ۽ حقدارن جو حق مارڻ توکي هرگز هرگز ڪو نہ ڏيندس. هاڻي جو هاڻي وڃ ۽ وڃي زمين جو قبضو حقي مالڪن حوالي ڪر. گوڙنات ڪيئي تہ هٿ ڪڙيون هڻندي بہ دير ڪو نہ ڪندومانءِ.

ننڍي سردار صاحب ڏاڍا ايلاز ڪيا، منٿون ڪيون، واسطا ڏنا. آخر ۾ اهو بہ چيائين تہ منهنجي راڄ آڏو منهنجي پت رکو پر مير شهداد خان صفا نابري واري بيهي رهيو. لاچار سردار صاحب موٽ ڪاڏي. ويندي ويندي، منهنجي پليٽ مان هڪڙو بسڪوٽ کنيو ويو. ويرم ئي نہ گذري جو ڊي سي صاحب جو پرائيويٽ سيڪريٽري کل ۾ ٻٽيو آيو. چيائين، سائين، سردار صاحب سان توهان ڪو جيڪا ڪئي سا تہ اسان پئي ٻڌي، پر ٻاهر نڪرندي ئي جيڪا ڏاڍر پڌائين سا توهان کو نہ ڏٺي. پنهنجن ماڻهن کي هڪل ڪندي چيائين تہ هلو بابا هلو ڪم ٿي ويو پلا جتي اسان هونداسين اتي ڪامورا اٽي بيهي سلام نہ ڪندا تہ ٻيو ڇا ڪندا. ڊي سي صاحب تہ ڌڪ پيو ڪري تہ سردار صاحب اوهان اجايو تڪليف ڪئي، مون کي پنهنجو رڳو بيلي ڏياري موڪليو ها تہ بہ توهان جو حڪم اکين تي رکان ها. مانيءَ جي صلاح ڪيائين پر چيومانس تڪڙو آهيان. چئين پلا چانهہ تہ پيو وڃو چيومانس ڪنهن ٻئي دفعي. هيءَ بسڪوٽ بہ زوري ڪٽي هٿ ۾ ڏنائين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ متان دل ۾ ڪيان!

هڪڙو ٻيو بہ واقعو ياد آيو اٿم. هلندي هلندي اهو بہ ٻڌائيندو هلان. هڪ صاحب منهنجي آفيس ۾ بنا ٻڌائڻ جي ڌوڪيندو هليو آيو مان پريشان تہ هيس آخر ڪير ٿي سگهي ٿو جو ايڏي اعتماد سان ڪنهن بہ ضروري ڪارروائي جي پرواهہ ڪئي بغير مون تائين اچي پهتو آهي ۽ بنا چوڻ جي وڏي شان سان سامهون واري ڪرسيءَ تي براجمان ٿيو آهي. ڪجهہ چوان ٿي چوان ان کان اڳ پاڻ ٿي چيائين، اتر سنڌ جي فلاڻي درگاهہ جو سجاده نشين آهيان. چيف منسٽر صاحب جي درخواست تي ڪراچيءَ آيو هوس. سوچيم تہ توهان وٽان ٿيندو وڃان. اخلاقاً خوش خير عافيت ڪيم ۽ اچڻ جو ڪارڻ پڇيم تہ چيائين، هونئن تہ وزيراعظم صاحب وڏو مهربان آهي، مهيني ٻئي نذرانو موڪلي ڏيندو آهي، گذريل سال خاندان سميت پنهنجي خاص هوائي جهاز ۾ حج تي پڻ موڪليو هئائين. ساڳي حالت صدر صاحب جي آهي، هر سال اسان وٽ شڪار لاءِ مهمان ٿيندا آهن ۽ دعا وٺي ويندا آهن. ڪم ڪار جو پڻ پڇندا رهندا آهن پر اسان ڪي نہ ڪنهن جي سفارش جي ضرورت آهي ۽ نہ وري ڪنهن کي ڪم ڪار لاءِ چوڻ ٿي پنهنجي شان وٽان سمجهندا آهيون.

چيم: قبلا!، پوءِ مون کي ڪيئن عزت بخشي اٿوَ؟

چيائين: معمولي ڪم هو چاهيون ها تہ وڏي وزير کان توهان کي فون ڪرائي ڇڏيو ها پر اسان کي خبر هئي تہ توهان باضمير انسان آهيو ان ڪري پاڻ ئي هليا آياسين. ڪم ٻڌايائين. چيم: پير صاحب اهو ڪم غيرقانوني آهي، مان ڪري نہ سگهندس. ڪجهہ دير مون کي تڪيندو رهيو پوءِ چيائين: قانوني يا غير قانوني جي چڪر ۾ مان پوڻ نٿو چاهيان، بس ايترو ٻڌي ڇڏيو تہ اهو ڪم توهان کي هر حال ۾ ڪرڻو آهي. ان ۾ ئي توهان جي ڀلائي آهي.

چيم: سائين منهنجي ڀلائي ان ۾ آهي تہ مان اهو غلط ڪم بلڪل نہ ڪيان.

بگڙجي ويو چيائين: تہ چئبو تہ صدر صاحب کي توهان جي شڪايت ڪرڻي پوندي.

چيم: منهنجي خيال ۾ توهان اهو ڪم صدر صاحب کان ئي ڪرايو تہ بهتر.

غصي ۾ ڳاڙهو ٿي ويو چيائين، اسان سان اهڙي لهجي ۾ چيف صاحب بہ ڪو نہ ڳالهائيندو آهي. لڳي ٿو تہ اسان کي سختيءَ کان ڪم وٺڻو پوندو. آءَ جي صاحب تہ اسان جي خاص مريدن مان هڪ آهي، اجا هفتو اڳ مختيارڪار کي اسان جي چوڻ تي چرس ۾ ٻڌو هئائين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن پير صاحب جي ٻڌاڪن، دڙڪن ۽ دهمانن جي حد ٿي وئي، تڏهن بيل وڄائي پٽيوالي کي گهرايم ۽ چيومانس ته هن صاحب کي ٻانهن کان وٺي ٻاهر ڇڏي اچ. بس منهنجو ايترو چوڻ ۽ هوڏانهن جڻ ڪڪڙ تي مينهن پئجي ويو. سجاده نشين صاحب جيڪو ٿوري دير اڳ وزيراعظم ۽ صدر صاحب کان هيٺ لهي ئي نه پيو. سو ڦهڪو ڪائي اچي پٽ پيو ايلاز منٿون، نيزاريون جهڙوڪر پيرن ۾ پيو ليٽڙجي. آخرڪار اندر جي ڳالهه ڪيائين. ڪنهن ماڻهوءَ سان پئسا ٻولائي آيو هو ڪم ٿئي کان پوءِ ڪميشن جو حقدار ٿئي ها پر منهنجي رهڙ ٻڌي همراهه هيسجي ويو ڪاڏي ويس سجاده نشيني، ڪاڏي ويس پيري مريدي، ڪاڏي ويس آڪڙ خاني! پوءِ ته اچي منٿن ميڙين تي لٿو جڏهن ڏٺائين ته هاڻي مان گهڻو بيزار ٿيو آهيان ۽ ڪٿي پوليس نه گهرائي وٺان، تڏهن ٻئي هٿ ٻڌي بيهي رهيو. چيائين: جي ڪم نٿو ڪرين ته نه ڪر، منهنجي عزت نه وڃاءِ ٻاهر منهنجا ماڻهو ويٺا آهن. انهن کي اها خبر نه پوي ته اندر ڇا وهيو ڇا واپرايو مان پاڻهي ڪين منهن ڏيندس. اهي ۽ ان جهڙا واقعا ته روز پيا ٿين جن مان اسان جي وڏيري ۽ پير ۽ مير جي ذهنيت ظاهر ٿئي ٿي. اصل ڪم ته سياست جي آڪاڙي ۾ ٿين ٿا، جتي سندن ڪڏن ڪمن جا دفتر پريا پيا آهن ۽ وقت پوڻ تي حڪمران انهن فائيلن جي آڌار تي نه صرف ڪين سوڙهو گهٽين ٿا بلڪ ڪانئن اهي ڪم ٿا ڪرائين، جيڪي ڊيڊ کان ڪرائبا آهن. هر ڊڪٽيٽر جي دور ۾ ”نيب“ جهڙي ڪا نه ڪا آرگنائيزيشن ضرور جوڙي ويندي آهي، جيڪا انهن لالچي سياستدانن جا پراڻا ڪاتا کولي ڪين ڳچيءَ ۾ پٽو وجهي پالتو جانور جيان ڪِليءَ سان ٻڌي ويهاري ڇڏيندي آهي. اڄ سنڌ جا برا حال به انهن ئي ماڻهن جي بداعمالن ۽ پيچا ڳاچا جي ڏکٽي سبب ٿيا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو پڇن ٿا هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ _II

وڏيرو هڪ طرف تہ غريب هاريءَ تي باز ٿي ڪڙڪي ٿو ۽ ٻئي طرف حڪمرانن (خاص طور تي وردي‌ءَ وارن) آڏو ڪڪڙ ٿي ڪن لڪائيندو ٿو وتي. وڏا ڪامورا تہ پنهنجي جاءِ تي، وڏيري جو تہ ننڍي صوبيدار ڪان بہ دم ويندو آهي. بدقسمتي‌ءَ سان اهي ئي وڏيرا هر دور ۾ پنهنجي راڄ ڀاڳ، ڪڙمين ڪاسبين ۽ اثر رسوخ سبب اسان سنڌين جي قسمت جا ڌڻي ٿي رهيا آهن. ٻيو تہ ٺهيو خود پيٽي صاحب جي روٽي، ڪپڙي ۽ مڪان واري نعري جي پويان بہ اهي ئي ڪوڙا وڏيرا، زميندار، سردار ۽ پير مُڇن کي تاءُ ڏئي، دل ئي دل ۾ کلندا نظر آيا. جيسين ڀٽو صاحب اقتدار ۾ رهيو اهي همراهہ بہ سندس قدمن ۾ قلابازيون کائيندا رهيا. جيئن ئي مرحوم جو زوال آيو. هو ٻوڙ ٻائي وڃي ضياءَ الحق جي مارشلائي گود ۾ لڪا. ان ڪان پوءِ بہ ايئن ئي ٿيندو پئي رهيو آهي. ڊنڊ جا پڪي ڪڏهن هن پار تہ ڪڏهن هن پار، ڪڏهن سوشلسٽ، ڪڏهن اسلامي سوشلسٽ، ڪڏهن محب وطن پاڪستاني، تہ ڪڏهن روشن خيال وچٽرا. مون کي پڪ آهي تہ انهن سيني نظرين جا مطلب ۽ مفهوم ڪنهن هڪ وڏيري جي محدود ميڄالي ۾ هڪ وقت سمائجي نہ سگهيا هوندا. رڍن وانگر ڌڻ جي پويان ڪنڌ جهڪائي ويچارا بس هلندا ئي رهن ٿا. ان ۾ سندن ڀلائي اها آهي جو هر دور جي سرڪار مائي باپ جو هٿ سندن سر تي رهي ٿو. چار ڏوڪڙ بہ ڪمائن ۽ چار ڪم بہ ڪرائي وٺنا آهن. نظرين جي چڪر ۾ پوندا تہ سر بہ ويندن تہ سرداري بہ ڏوڙ ٿي ويندن.

اهڙن ماڻهن مان اها اميد رکڻ تہ هو ضمير جو آواز ٻڌي سنڌ جي ماڻهن ٻولي‌ءَ، ثقافت، علم ۽ ادب يا ٻين تاريخي ۽ جاگرافيائي حقن خاطر اٿي کڙا ٿيندا يا احتجاج ڪندا يا مزاحمت جو اظهار ڪندا، ٻيرن ڪان ٻير گهرڻ جي برابر ٿيندو. نہ اهي درويش اڳ اسان جا هئا ۽ نہ وري سياڻي ئي اسان جا ٿيندا. اهي فقير پنهنجن پاپن ۾ پورا آهن، سي ڪٿي ٿا اٿي سنڌ لاءِ لٽ بانئو ڪٽن. هنن ڪان تہ اسيمبلين ۾ پنجن ستن سالن ۾ پنج ست جملا نٿا اڪلن. انهن کي ڪهڙي گتي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پئي آهي جو حاڪمن کي ناراض ڪري خواهہ مخواهہ پنهنجي لاءِ مصيبت پيدا ڪن؟ ملڪ ڀلي پيننگ تي وڃي، سنڌ ڀلي ماڪڙ کائي وڃي، سنڌي ڀلي ڪستو ڪٽي در در پنندا وتن، انهيءَ سان هنن جو ڇا؟ ووٽ تہ هر حال ۾ کين ملڻا آهن.
سيٺون تہ هنن جي ابن ڏاڏن جون مورثي ملڪيتون آهن. مار موچڙي، دڙڪي دهمان، زور زبردستي، نڙڪ نڳيءَ سان ڪم نہ هليو تہ پئسو هاريندا. سرڪار کان مدد گهرندا. تمامي ڪامورن جي جادوگريءَ مان فائدو وٺندا. جڏهن اهي سڀ مرحلا هو پاڻ ٿا طئي ڪن تہ پوءِ قوم ۽ ڪميونٽيءَ ڏانهن جوابدار ڇو ٿين؟
ڪڏهن سوچيو اٿوَ تہ سنڌ جي بزرگ ۽ بهادر سياسي اڳوڻن مرحومن جا پونيئر اڄڪلهہ ڪٿي ويٺا آهن؟ جن عظيم رهنمائن سنڌين کي انگريزن خلاف گوريلا ويڙهہ جي تربيت ڏني، سنڌ جي حقن جي ويڙهہ لاءِ تيار ڪيو اسيمبلين ۾ جوشيليون تقريرون ڪيون، وزارت، وڏ۔ وزارت ۽ وزارت عظميٰ جي سٽيين آڇن کي ٺڏي ڇڏيو جيل ڪاٽيا ۽ غداريءَ جا الزام سٺا، تن جا پٽ، پوٽا ۽ ڏوهٽا اڄ سنڌ جو نالو وٺندي بہ ڇرڪن ٿا. ڪالاباغ کان وٺي بهارين ۽ بنگالين جي غلبي کي مڃڻ تائين هر اهو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهن جيڪو حڪم کين مالڪن وٽان ملي ٿو.
ڪڏهن سوچيو اٿوَ تہ سنڌ جون سموريون قوم پرست جماعتون هڪ جهنڊي ۽ هڪ ايجنڊا تحت گڏ ڇو نٿيون ٿين؟
ڪڏهن سوچيو اٿوَ تہ پناهگير تہ هڪڙي جماعت ناهي سنڌ جا والي ٿي ويهي رهيا، هي اسان وارا يار هڪ مان يارهن جماعتون ٺاهڻ جي ٽريننگ ڪهڙي يونيورسٽيءَ مان وٺي آيا آهن؟
منهن بہ اسان جو موچڙو بہ اسان جو پنهنجي ڪئي جو نہ ويج نہ طبيب، پنهنجن جي نااتفاقي، لوڀ ۽ ڪمزوريءَ جو الزام ڏارين تي آخر ڪيستائين ڌريندا سين؟ جي اٿئون پاڻ ۾ ڪا ئوم تہ پوءِ سڀ کان پهريون انهن مورثي ميمبرن جو ڍينگو ڍيري ڪرڻو پوندو انهن ڊڄڻن، ڏڪڻن، هبڇي، لالچي، خود مطلب، خود پرست، جاهل ۽ مجهول ماڻهن جو گهيراءُ ڪري کين اسيمبلين ۾ پهچڻ کان روڪڻو پوندو ۽ جي ڪنهن طرح پُل چڪ ۾ پيا ارهہ زورائيءَ سان اتي پهچي بہ ويا تہ بنگالين جيان لٺ کڻي سندن ٿي در تي وڃي ڪاڻ حساب ڪتاب وٺڻو پوندو. کين اهو احساس ڏيارڻو پوندو تہ اوهان ڌرتيءَ ماءُ کان مٿي ناهيو. اوهان اسان عام ماڻهن ڏانهن جوابده آهيو. اسان جي حقن ۽ ننگن ۽ دنگن جي حفاظت توهان جو فرض آهي، جي فرض ادائي ايمانداريءَ سان انجام ڏيندؤ تہ اسان جي سر جا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سائين آهيو. توهان جي جاءِ اسان جي اکين ۾ آهي. اسان جون دليون ۽ اسان جون ٻانهون اوهان لاءِ هر وقت کليل رهنديون پر جي اسان جي زمين، ٻولي، تاريخ، جاگرافيءَ جو ذري برابر به سودو ڪيو اٿوَ يا ضرورت وقت وات ۾ مگ وجهي ويٺا آهيو ته پوءِ هيڏانهن منهن نه ڪجو. هيءَ ڌرتيءَ ٽڪرو پاڻ لاءِ جهنم سمجهجو!

ڳالهه ڪرڻ سؤلي آهي پر ڪري ڏيکارڻ ڏکي آهي. ها، ڏکي ضرور آهي. ناممڪن ناهي. بنگالين جو مثال مان اڳ ئي ڏئي چڪو آهيان. پناهگيرن جو مثال اکين آڏو موجود آهي. مجال آهي جو سندن ڪو وزير، صلاحڪار يا ميمبر يا ناظم ڪوچرائي ڪري، ڳوليو ڪو نه لڀندو. حڪم ٿو ٿئي ته هڙتال ڪيو ته هڙتال ٿيو وڃي. ڪم ٿو ٿئي ته شهر کليل رکو ته شهر کلي ٿو وڃي. اسان جا ته ڪٽي سڄڻ ناهن. پنهنجن سان ته سؤ سيڪڙو سچا آهن. انهن کي ته مايوس ڪو نه ڪيو اٿن. نه منجهن پير نه مير، نه وڏيرا نه ننڍيرا، نه سردار نه خان، پوءِ به اسان کان ڏهوڻا مضبوط بيٺا آهن. اسان وٽ وڏين مڇن وارا، اٽڪ ڇاڙيءَ وارا، دهل جهڙي ٽڙيءَ وارا، پاجيرو ۽ مرسبيز وارا، هزارين ايڪڙ زمين وارا، وڏين گاڏين وارا، ڇئن زالن ۽ پندرهن سريتن وارا، علم سان گڏ پنگ ۽ چرس جي نشي وارا، مطلب ته هر قسم جا ليڊر موجود آهن پر سندن ڪال تي سئو سوا سئو ماڻهو به نٿا اچن، ان جو ڪو ڪارڻ هوندو؟ اڳي تحريڪون هلنديون هيون ته وقت جون حڪومتون جهڪي وينديون هيون، هاڻي ڪو ڪنگهي به نٿو ان جو به ڪو ته سبب هوندو؟

ماڻهو ته ساڳيا آهيون، سور به ساڳيا آهن، بلڪه ان کان ڏهوڻا وڌيڪ آهن. اديب به آهن، صحافي به آهن، دانشور ۽ ڏاها به آهن، شاگرد به آهن، ليڊر به آهن، پوءِ ڪهڙي گهاٽي پئجي وئي آهي جو ڪا تحريڪ نٿي جڙي؟ حاڪم ڏڪن ڇو نٿا؟ ڪا ته گهٽتائي آهي جو ٻاهران ته اسان سان ڪوڙسچ ڳالهايو نقلي همدرديءَ جا بيان ڏيو ڏڪ گسايو ٿا وڃن ۽ اندران ٿي اندران اسان سان گڏ پنهنجا به ترا ڪيندا ٿا وڃن.

اسان کي هڪ هڪ ڪري پنهنجن سمورن عملن جو جائزو وٺڻو پوندو. ٿڌي دل ۽ کليل دماغ سان پنهنجي ماضي، حال ۽ مستقبل جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻي پوندي، ذاتي ضد ۽ انا ۽ وڏ ماڻهپائيءَ کي پاسيرو رکي پاڻ کي ڏوهارين جي ڪٽهڙي ۾ ببهاري وڪيل جيان پاڻ کان آڏي پڇا ڪرڻي پوندي، جيڪڏهن ايئن ڪرڻ لاءِ تيار آهيو ته پوءِ جي بسم الله! اچو ته پنهنجو ڇيد پاڻ ڪيون. باقي جي آڪڙ ۽ ٺانءَ ۾ پرجي هر ڳالهه کان نٽائي پنهنجو ڏوهه به ٻئي جي سر تي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي سين ته پوءِ ڏکي پلي آهي. ايئن ئي هلڻ ڏيو جيئن هلي پيو. وقت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پري ناهي جو سپ ڪجهہ ڦرائي ناڙي ڪري اوباسي ڏئي سمهي رهنداسين.

ڇاجي سنڌ، ڇاجا سنڌي، ڇاجي ڳالهہ ڇا جي مهاڙ. ڪا قوم هئي، جيڪا پنهنجن ڪرتوتن جي ڪري صفحہ هستي تان مٽجي وئي، ڪي ماڻهو هئا جن کي دنيا جي قديم ترين ثقافت جي دعوي هئي، جيڪي ذهني طور موهن جي دڙي ۾ رهندا هئا ۽ جسماني طور جديد دور ۾ رهڻ جي ناڪ هڻندا هئا. جيڪي دولهہ دريا خان، هيمون ۽ هوشوءَ جي پنيان لڪندا هئا. پڪڙجي پيا تہ ڳيرا نڪتا. جن کي پنهنجي علم، ادب ۽ ٻوليءَ تي گهمنڊ هو جاچي ڏٺوسين تہ اندران کوکلا نڪتا.

ادل، چار جوشيلا هر قوم ۾ ٿيندا آهن ۽ سنڌن مقابلي ۾ چار لک لوسي لپاٽي بہ ساڳي ئي قوم ۾ موجود هوندا آهن. اهم ڳالهہ اها آهي تہ ان قوم جا ڏاها پنهنجي وجود جي بچاءُ ۽ بقا خاطر انهن ناڪارا پرزن کي کهڙيءَ ريت ٽا ڪم آڻين. ڇا اسان ۾ ڏاهن، وفادارن ۽ وطن دوستن جي کوٽ آهي؟ جي کوٽ ناهي تہ پوءِ پاڻ کان ئي سوال پڇڻو پوندو تہ انهن سياڻن سيبتن ماڻهن پنهنجا چپ چو سبي ڇڏيا آهن؟ ڪٿي ايئن تہ ناهي تہ خود اسان جي ساڙ حسد ۽ الزام تراشيءَ کان بيزار ٿي هنن ڪنهن ڪنڊ ۾ لڪي جان ڇڏائڻ ۾ ئي پنهنجي عافيت ڄاتي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو پڇن ٿا هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ _III

چوڻي آهي ته ”ڦٽي ڏيندي وار ڪُسي ته ڪُسڻ ڏينس، سچ چوندي يار رسي ته رسڻ ڏينس!“ منهنجي گفتگو ۾ جيڪڏهن ڪنهن پارٽي ٽولي، اداري يا فرد جي دل آزاري ٿئي ته هٿ ٻڌي پهرين ئي معافي وٺي ٿو ڇڏيان ڇو ته منهنجو مقصد ڪنهن کي نشانو بنائڻ ناهي، ڪنهن جي ذات کي خوامخواه لوڙهو ناهي، ڪنهن جي جيءَ کي رنجائڻو ناهي. البته جڏهن ڳالهه پنهنجي ديس ۽ ديس واسين جي هجي ته پوءِ دوست ته ڇا ياءُ کي به سچ منهن تي ڦهڪائي هڻڻ کان نه ڪيٻائجي.

مان سنئون سڌو ماڻهو آهيان، نه اڳيان خوشامدڙين جا ٽولا اٿم ۽ نه وري پٺيان قوالي ڳائڻ وارا ڏاريندو آهيان. مڪر ۽ مڪر ڪرڻ مان ڪو نه ڄاڻان، جا ڳالهه دل ۾ هوندي اٿم اها سڌي سنواٽي چٽي ڏيندو آهيان ان ڪري ڀڪ اٿم ته ڪي يار هميشه ناراض رهندا هوندا. پر چند ماڻهن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ منهن تي ڪوڙو ماسڪ چاڙهي گهمڻ جهڙي منافقت مون کان ڪو نه پڄندي جهڙو آهيان، جيئن آهيان، اهڙو ۽ ايئن قبول ڪرڻو پوندو جي نه ته گهر ۾ دال ماني الله سيني کي ڏني آهي. ڳالهه پئي هلي سنڌ جي سورن جي. گهڻي سوچ ۽ ويچار کان پوءِ سنڌ جا سڄڻ ان ڳالهه تي متفق ٿيا آهن ته اسان جي تباهي ۽ بربادي جا ڪارڻ ڪجهه هن ريت آهن:

- ايجنسين جون مهربانيون
- وفاقي ٽوڙي قوم پرست سياسي پارٽين جي ڇڪتاڻي، سچي ڪوڙي جي وچ ۾ هلڪي وچوٽي.
- وڏيري، پير ۽ سردار جي غداري، اقتدار جي ڊوڙ ۾ ماءُ جي ٿڃ به وسري وئي.
- سنڌي ڪاموري جي موقع پرستي، آقائن کي خوش ڪرڻ لاءِ هر روز نئين قلابازي.
- سنڌي اديب ۽ دانشور جي لاتعلقي، غير سنجيده ماڻهن لڪڻ تان ارواح ڪڻائي ڇڏيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- سنڌي علمي ۽ ادبي ادارن جي زبون حالي، اهم عهدن تي قصيده گو ۽ ثنا خوانن جو قبضو.
- سنڌي نوجوان خاص طور شاگرد طبقي جي عدم دلچسپي، برگر ڪلچر جو خطرناڪ حملو.
- ڌارين جي ڪلم ڪلا سنڌ دشمني، شهرن تي قبضا. سنڌ جا شهر دهلي، لکنو ۽ ڪانپور جي سڪ لاهڻ لڳا آهن.
- سنڌين جي صوماليا ۽ ايٿوپيا جهڙي غربت واري زندگي، ماٺهو ماٺهوءَ کي کائڻ لڳو.
- ويساهه گهاتين، راتاهن ۽ منافقين جي هڪ ڏکهي تاريخ.
- سنڌين جي روايتي ٿانءَ ڦونءِ ۽ آڪڙخاني، رسي سڙي وئي پر وٽ نه ويو.
- ماضيءَ جي مزارن پويان پناهه وٺڻ جي بيچڙي عادت.
- تعليمي ماحول جي تباهي، ڪاپي ڪلچر، اڌ اکرين جون ڪوڙيون ڊگريون ۽ بيروزگاريءَ جي ويا.
- استاد ٽولي جون استاديون.
- قبائلي جهيڙا، ڪڌيون رسمون ۽ امن امان جا مسئلا وغيره وغيره.

چگن پويان چٽا ته هر هنڌ پيدا ٿيندا رهندا آهن پر سنڌ سڳوريءَ سان مڙئي پلي جا پال ڪجهه وڏيڪ ٿا ڏسجن. قدرت خدا جي، جن بزرگن، معززن ۽ معتبرن سنڌ جي حقن ۽ وقار خاطر جيل سٺا، تڪليفون ڏٺيون ۽ هر نعمت کان منهن موڙيو انهن جي پوين نه نانگ جو پرم رکيو ۽ ڏاڏنگ جي عزت رکي. نالا سيني جي دل تي اڪريل هوندا، چئي ڪهڙو وات جو ذائقو خراب ڪجي؟ جن درويشن جي تقريرن ۽ تحريرن سان سنڌي قوم ۾ جذبي ۽ ولولي جي لهر ڊوڙي ويندي هئي ۽ جن جي وجود کان ڌارين جا ڍيڍر ڍرا ٿي ويندا هئا ۽ جن جي بيخوف خطابن جون ڪيسٽون دڪانن تان ڪٽي وينديون هيون، تن جا پويان اقتدار خاطر ايترا بيچڙا ٿيندا جو سنڌ جو سودو ڪندي به ڪو نه گسندا. اهو ته ڪنهن جي وهم ۽ گمان ۾ به ڪو نه هو پر حقيقت کي ڪهڙا ڪک وجهي لڪائجي؟ اپ اکئين پيو ڏسجي، سچ ترين هيڻان ته ڪو نه لڪندو؟ هڪڙا سيج ماٺي سکيا ستابا ٿي نڪتا، ٻيا نڪ ٻوڙي وزارتن ۽ صلاحڪارين کي چنبڙيا پيا آهن ۽ ٽيان پيٽ جو دوزخ پرڻ ۽ اکين جي اُڃ اجهائڻ لاءِ ٽوڙ جوڙ جي سلسلي کي جنبيا پيا آهن. مٽيءَ مٽيءَ جو شان رکڻ وارا به ڪي چند حيادار وڃي بچيا آهن. ورنه وزارت نه سهي، ناظميءَ جي هڏي به چگن پلن کي پاڙي ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. اهڙا ڪيئي ڪردار نه رڳو اسان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ موجود آهن. بلڪ وقت سان گڏ وڃن ٿا وڌندا. اڄ رڳو جيئي سنڌ جو نعرو گونجندو هو. پيو هار ان نعري تي سرجو سانگو لاهي اچي مڙندو هو. دشمن ڏڙي کي به جيئي سنڌ جي گونجار ڪنبڻي ڏئي ڇڏيندي هئي، پر پوءِ آهستي آهستي ڏڙا بنديون شروع ٿي ويون. مسلم ليگ وانگر جيئي سنڌ ۾ به رئي برڪت پوندي هاڻي ته ماشاءَ الله جيڪو ٿو رسي سو ڊوڙ پائي پنهنجي جيئي سنڌ ٺاهي. جهنڊو ڦڙڪائي ويهي ٿو رهي، پاڙي وارن کي به ڪل ڪو نه ٿي پوي ته پر واري گهر ۾ ڪو ڪونڌ قوم پرست ليڊر رهيو پيو آهي. مون ته هڪ ماٺهوءَ واري به جيئي سنڌ ڏٺي آهي، ان ڪان گهٽ جي گنجائش هجي ته جيڪر اسان وارا يار اتي به گهٽ ڪو نه ڪن. هونئن به سياست هجي يا ادب، سماج هجي يا ڪلا، هر سنڌيءَ کي صدارت جي ڪرسيءَ جي مونجهه ماندو ڪري ڇڏيو آهي. جيڪو ٿو آئي مان ڦٽي سو پاڻ سان گڏ صدارت جي ڪرسي ۽ نئون جهنڊو ساڻ کنيو ٿو اچي . ٻئي جي پويان هلڻ ۾ اسان کي عيب لڳندو آهي. اسان جي ان ڪمزوريءَ جو فائدو ايجنسين خوب ورتو آهي، پنهنجا پگهاردار نمڪ خوار تربيت ڏئي تيار ڪري اسان جي صفن ۾ ايئن ڏڪي ڇڏيا اٿن جو ڪوڙي سچي جي خبر ئي نٿي پوي. هر ڪو سنڌ سان ساهه پساهه ۽ رت جي آخري ڦڙي ڏيڻ جو سنهري نعرو هڻي ائين ويهي ٿو رهي جڻ ڪائنس پوءِ اوندهه ٿي ويندي. اهڙا ڪيئي ڏسٽا وائسٽا منافق اسان جي ٻڌي ۽ يڪجهتيءَ ۾ ڏار وجهي پنهنجن آقائن آڏو ته سرخرو ٿين ٿا پر اهو نٿا ڏسن ته پنهنجي ذاتي غرض ۽ چند پئسن عيوض هو ڌرتيءَ ماءُ جي سيني کي ڪهڙا ڪارا زخم رسائي رهيا آهن. مرڪز پسند سياسي جماعتون ته ڪنهن به حال ۾ اسان جون ٿي نه سگهنديون. آباديءَ توڙي طاقت جي لحاظ کان پنجاب هر وڏي پارٽيءَ جي ڪمزوري رهيو آهي ۽ آئينده به رهندو. ايجنسين جي جوڙيل متحده پنهنجي مخصوص ايجنڊا سبب روز بروز وڃي ٿي وڌندي ويجهندي ۽ مضبوط کان مضبوط تر ٿيندي. هنن وٽ جيئي سنڌ وانگر دہليءَ ٺاهڻ جو ڪو به تصور ناهي. هنن جو مشهور نعرو "جو قائد ڪا غدار هي، وه موت ڪا حقدار هي" فقط لفاظي ناهي، حقيقت آهي. جنهن به اهڙي جرئت ڪئي، اهو ڳوليو ڪو نه ليندو. اهو ئي سبب آهي جو متحده جي ساٿ جي هر سياسي توڙي فوجي حڪومت کي ضرورت پوندي رهندي. پيپلزپارٽي هجي يا مسلم ليگ جو ڪو به ڏڙو گهٽ ۾ گهٽ سنڌ ۾ ته متحده کانسواءِ صوبائي حڪومت جوڙي نه سگهندو، اسان لاءِ اهي سڀ ڏريون "آلو نور مٽي جو سور" ثابت ٿيون آهن. جي پاڻ ۾ دم هجيئون ته جيڪر سڀ گڏ ٿي پنهنجي ڌرتيءَ تي پنهنجي حڪومت ناهي وڃون،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر ايئن ٿيڻو ناهي، اسان گڏ ٿي ڪو نہ سگهنداسين. سنڌ وارن جون همدرديون پيٽي مرحوم جي پيپلزپارٽيءَ سان آهن. پيپلزپارٽيءَ کي پنجاب جي مدد جي ضرورت آهي، پنجاب جو هر قدم سنڌ جي مفادن خلاف آهي. ٻئي طرف نقلي مسلم ليگ کي پنهنجا پير ڪونهن. بيهڻ لاءِ کيس ٽنين ٽ ي گهرج آهي، ان ڪري پڙيءَ تان ويڪائو اڳواڻ هٿ ڪري منهن ڳائو ڏيڍر ٻاڪرو ملائي، متحده جو ٽڙڪو ڏئي حڪومت جوڙي ويٺا آهن. نہ مسلم ليگ جي ڪنهن ڏڙي کي سنڌين جو مفاد عزيز آهي ۽ نہ وري متحده کي سنڌين جي ڪا اون آهي. اسان تہ جنڊ جي ٻنهي پڙن وچ ۾ پيسجي ويا آهيون نتيجي ۾ سنڌ گدڙن جو ڪاچ ٻڻجي چڪي آهي، وزيرن توڙي وزيراعليٰ جا بيان پڙهي ۽ ٻڌي اسان جو تہ ساهہ ئي ٻسڪي ٿو وڃي. اجهو چند ڏينهن اڳ ارباب صاحب دانشورن جي هڪ تقريب کي خطاب فرمائيندي سنڌ کي جڻ لفظن ئي لفظن ۾ ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو. فرمايائون تہ جيڪي اردوءَ کي سنڌ مان تڙي ڪيڻ متعلق سوچي رهيا آهن، سي ملڪ جا سجڻ ناهن. سنڌ ۾ اردو ۽ سنڌي ٻئي ٻوليون رهنديون وغيره وغيره.

اسان ڪنهن بہ ٻوليءَ جي خلاف هرگز ناهيون. ٻوليون اظهار جو ذريعو آهن. علم ۽ ادب جو سرچشمو آهن. انهن کي وڌڻ ۽ ويجهڻ گهرجي تہ جيئن انساني ذهن مان ڦٽي نڪرندڙ اعليٰ ويچار خود انسان جي ڀلائي، بهبود ۽ ترقيءَ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن. هڪ ٻوليءَ جي علمي دولت ٻي ٻوليءَ کي مالا مال ڪري سگهي، هڪ ٻوليءَ جي خالي جهولي ڀري سگهي، پر جتي ٻوليءَ کي هٿيار بنائي ٻين جا حق غصب ڪرڻ جي سازش ٿيندي هجي، اتي سنجيده ليڊرن کي هر لفظ تڪي توري ڳالهائڻ گهرجي. ڇا ان ۾ ذري برابر بہ شڪ آهي تہ اردوءَ جي آڙ ۾ سنڌين کان سندن وات جو گرهہ پيرن هيٺان زمين ۽ هزارن سالن جي ثقافت کسي پئي وڃي؟ ڇا اهو ڪوڙ آهي تہ اردوءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏئي، ٻين صوبائي ٻولين کي پنتي ڌڪي، مادري زبان ۾ تعليم ڏيڻ وارو عالمي اصول ڏينهن ڏٺي جو پيرن هيٺان لتاڙيو پيو وڃي؟ مقابلي جو امتحان، نوڪرين جا انٽرويو دفترن جي لکاپڙهي اهل زبان وڏيڪ آسانيءَ سان سرانجام ڏئي سگهندا يا ڳوناٽا سنڌي، ٻروچ، پنجابي ۽ پٺاڻ؟ هيءَ تہ نگيءَ جو ناهہ آهي، جنهن وسيلي پنهنجن کي نوازيو پيو وڃي. ياد رهي تہ هن دور ۾ ڪا بہ ٻولي فقط علم، ادب ۽ ثقافت جي نمائندگي نٿي ڪري، روزگار ڪمائڻ، ترقي ڪمرشلزم جو سڀ کان اهم عنصر پڻ آهي، اسان خوامخواهہ پنهنجي صوبي کي ٻن ٻولين وارو صوبو ناهي ويهي رهيا آهيون ۽ حيرت جهڙي ڳالهہ آهي تہ صوبي جو سربراهہ خود پنهنجي زبان سان پنهنجا حق اڌو اڌ ورهائي رهيو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

IV_ ماڻهو پڇن ٿا هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

سنڌيءَ ۾ چوندا آهن ته ”آئي ٽانڊو ڪڻڻ، بورچياڻي ٻنجي ويهي رهي“. عرب ۽ اٺ واري آکاڻي به ان ئي مفهوم ۾ مشهور آهي. اسان سان به اها ئي ڪار ٿي آهي، پر اهو به پهاڪو عام آهي ته ”پنهنجي وڏئي جو نه ڪو ويڄ نه طبيب“ اسان پاڻ سان پاڻ ڪئي آهي، هاڻي اڇو ته گڏجي لوڙيون.

جڏهن پاڪستان ٺهيو ۽ لڏپلاڻ شروع ٿي ۽ پناهگيرن جا قافلا پنهنجي نئين ملڪ اچڻ شروع ٿيا. تڏهن پنجاب ۽ سرحد جي اڳواڻن وڏي ڏاهپ کان ڪم ورتو. ريلوي اسٽيشن تي ڏنڊا کڻي ويهي رهيا. جنهن پئي لهڻ جي ڪئي، تنهن کي هڪ هٿ سان ڏنڊو ٿي ڏيکاريائون ۽ ٻئي سان سنڌ ڏانهن اشارو ڪري پئي چيائون ”پاڪستان آڳي هي!“ نه رڳو ايترو بلڪ پنجاب ته ملڪ ڇڏي ويلن جي مال ۽ ملڪيت جي وڪري تي بندش وجهي ڇڏي، ڇاجا ڪليم ڇاجي ڳالهه؟ اهو اسان جو ئي اڇو منهن ٿيو هو جو پائي پائي ڪري، پاڪر پائي، هٿ وٺي آڻي ٿي کين خالي جڳهين ۾ رهايوسين! جن اهي لقاءَ اکين سان ڏٺا هوندا سي هاڻي پڪ شاهدي ڏيندا ته سنڌين جهڙي احمق قوم دنيا جي تختي تي ڪو نه ملندي. اسان جيڪو پوکيو سو پيا لڻون. مڙس مڇي سانهه تي پيا. ٿورو ساهه پين ته اسان کان ئي حق گهرڻ لڳا. مٿان وري پلو ٿئي اسان جي قومي رهبرن جو جن هٿ وٺي کين اجرڪ پارائي سڄي سنڌ گهمائي ۽ پنهنجي تحريڪن جا ٽاڪ ڏيکاريا.

پهريون وار ٿيو ٻوليءَ تي، ٻولي ۽ ڪلچر قومن جي جڙ هوندا آهن. ٻولي ۽ ثقافت ڪانسواءِ ماڻهو ايئن جيئن ننگو حمام ۾! بهرحال، سنڌيءَ کي ٻيهر بحال ڪرائڻ واري تحريڪ هلي. سنڌي ادبي سنگت اڳواڻي ڪئي، اخبارن ۽ شاگردن پنيرائي ڪئي. وڏيءَ جاکوڙ ۽ قربانيءَ کان پوءِ وڃي ٻولي بحال ٿي، پر ان وچ ۾ گهڻو نقصان ٿي چڪو هو. فلمن ۽ ٽي ويءَ سنڌي سماج جون پاڙون اکاڙي ڇڏيون. ٽوٽ ۽ ٽرڙا نو دولتيا خاندان پاڻ کي ماڊرن سڏائڻ لاءِ گهرن ۾ ٺهيو ڪٿن سان به اردو ڳالهائڻ لڳا. سنڌي چوائيندي کين شرم اچڻ لڳو. ڏسندي ئي ڏسندي غريب

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غربو بہ ان ڊوڙ ۾ ڪاهي پيو. شادين مرادين ۾ سنڌي سهرا ۽ گيچ ختم ٿيندا ويا ۽ انهن جي جاءِ تي اردو ۽ پنجابي پنگڙا ڳوئڻ تائين پهچي ويا. تازو جڏهن بشير قريشي صاحب جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌي نوجوانن جو قافلو سچي سنڌ پيادل لتاڙي اچي ڪراچيءَ پهتو تہ ڪوئي ساک ڏئي ڪائڻ پڇي ها تہ توهان بچيري، دوڙ ٻانڌي، ڪوٽ لالو يا متياري توڙي ٽنڊي ۾ دڪانن تي گهٽا بورڊ سنڌيءَ ۾ لکيل ڏٺا؟ پلا جي ڏاري ٻوليءَ ۾ هٿا تہ توهان راهہ ويندي ان ڳالهہ جو ڪو نوٽيس ورتو؟ ڪو ماڻهن کي سمجهايو؟ ڪين ڪو شرم ڏياريو؟ ڇا توهان جو ڪم رڳو جهنڊا ڦڙڪائي لنگهڻو هو؟ ڪالاباغ تہ زمين اجاڙيندو ٻوليءَ واري روش تہ توهان جو وجود ٻهاري ويندي

هر شهر ۾ هڪ "اردو بازار" ٺاهي وئي آهي. جيالن جي شهر شڪارپور ۾ بہ اردو بازار موجود آهي. هونئن تہ شڪارپور جا جوان چنبا ڪنڊيڙي، ڪنڌ نيڙو ڪري اڪيون ڪاپار ۾ وجهي هلندا آهن. ڳالهہ ڳالهہ تي پڪين پئجي ويندا آهن. اتي غيرت ڪو نہ ٿي اچين. جڏهن لکي در وارو مٺائيءَ وارو يا آچار وارو دڪان تي "شڪارپور ڪي مشهور مٺائي اور اچار" ٿو لکي؟ پيو تہ ٺهيو مون رتيديري واري حاجي مائي واري جو دٻو ڏٺو آهي، جنهن تي لکيل آهي: "رتوديرو ڪا مشهور ماوا" وڪڻڻ وارا بہ سنڌي، وٺڻ وارا بہ سنڌي! هي ڏاري ٻولي ڪنهن جي لاءِ ٿا لکو؟ ڇو ٿا پنهنجو آئيندو ڪارو ڪيو؟ ڇو ٿا پنهنجن هٿن سان پنهنجي قبر کوٽيو؟ جيڪي سٺ سالن ۾ توهان جي ڌرتيءَ تي رهڻ ڪان پوءِ بہ توهان جي ٻوليءَ جو هڪ جملو نٿا ڳالهائين. انهن جي لاءِ توهان جو هاڻ ڇو ٿو ڦاٽي؟ مون اڪثر محفلن ۾، مذاڪرن ۾، ميٽنگن ۾ خالص سنڌين کي اردوءَ ۾ تقريرون ڪندي ڏٺو آهي. انهن بي شرمن کان ڪو پڇي تہ ايئن ڪرڻ سان ڪو توهان کي سونو تاج پارائيندو ڇا؟ ها، ڏي وٺ جي ڳالهہ پاڇي آهي، هو هڪ قدم هلن، توهان بہ قدم هلو. هو هٿ ملائن، توهان ڀاڪر پايو. هو ڪلي ڳالهائين. توهان جان نڇاور ڪري ڇڏيو. هو ٻٺ هنيون هڪ هنڌ بيٺا هجن ۽ توهان پيا سجدا ڪيو. اها ڪٿان جي سياڻپ آهي؟

اسان جا ڪي مشهور ۽ ڪاٿائو ليکڪ، جيڪي سنڌيءَ ۾ پنهنجين لکڻين سبب بيحد مقبول ٿيا، ماڻهن جي دلين ۾ گهر ڪري ويا. سنڌين جي روح ۽ ذهن ۾ سمائجي ويا، تن کي جڏهن شهرت ۽ پئسي جي چوس پئي، تڏهن سنڌيءَ کان منهن موڙي اردو جا ٿي ويا. مون کي ان تي اعتراض ناهي تہ هو ڇو ٻي ٻوليءَ ۾ ٿا لکن. ڀلي لکن. ان ۾ اسان جي پنهنجي سرسي آهي پر هڪ دفعو ڏاري ٻوليءَ جو رخ ڪيائون تہ پيهر موٽي پنهنجن پراڻن ماڳن ڏانهن نہ نهاريائون. مارئيءَ کي عمر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا محل ماڙيون، عطر عنبير، ريشم ۽ اطلس پاڻ ۽ پٽجي ويا!؟ پڙهندڙن، ڏسندڙن ۽ ٻڌندڙن جو داءُ ۽ ويڪرو ٿي ويو. سنڌيءَ جي ڏهي جيڏي پاٽيءَ مان نڪري وڃي اردوءَ يا انگريزيءَ جي سمونڊ ۾ پهتا! هاڻي هنن لاءِ موٽڻ مٺو آهي، موٽندا تڏهن جڏهن واهه واهه ڪرائڻي هوندن. اجرڪ ۽ ٽوپين سان آجيان ڪرائڻي هوندن. مداح ته وري به پنهنجا ئي ٿيندا. جهمريون به پنهنجا وجهندا. تاڙيون به پنهنجا وڄائيندا. تعريفون به پنهنجا ئي ڪندا. ڏاريا رڳو پٺي ٺپري ڇڏيندا ته هل استاد تون به وڳر ڪان وڇڙئين. هاڻي خوش رهه پنهنجي خرچ تي!

ٻوليءَ جي بگاڙ ۾ ماشاءَ الله اسان جي پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا به وڏا ڪارناما ڪيا آهن. سنڌي اخبارون خبرن جو ترجمو ايئن ٿيون ڏين جو لڳي ٿو ته اردو اخبار ويٺا پڙهون. اغوا ۽ مغويءَ کان وٺي استثنيٰ ۽ مستثنيٰ تائين جيڪي به هاٿيءَ جيڏا لفظ ڪين نظر اچن ٿا، سي جيئن جو تيئن ڇاپي وڃي ٿا دنگ ڪن. آخر ۾ فرق وڃي ٿو بچي فعل جو. اهو به آيو بيٺو آهي. سنڌيءَ سان اهڙي جٽ ڏارين به ڪو نه ڪئي جيڪا پنهنجا ٿا ڪن. ڪو ڏسڻ وارو ڪو پڇڻ وارو ڪو جهلڻ وارو ڪونهي. جتي وڏيڪ قابليت ڏيکاري انگريزي لفظن جو پائوڊر پف ٿا هڻن. اهو پڙهي ته ڪو به غيرتمند انگريز هڪدم خودڪشيءَ لاءِ تيار ٿي وڃي. مصيبت ته اها آهي ته ڪن ملڪن جا نالا جيڪي اسان وٽ اڳ ئي پڪي پختي استعمال ۾ آهن تن کي پڻ اردوءَ جي رنگ ۾ رنگي بگاڙيو پيو وڃي. مثال جپان کي جاپان، تبيٽ کي تبت، فرينچ کي فرانسيسي لکڻ، سمارٽ، کي اسمارٽ، اسڪول کي سڪول، سمائيل کي اسمائيل لکڻ عام آهي. سنڌي ٽي وي چينلن ته اچا به چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن. ڪمپيئرن يا ميزبانن جي سنڌي ته ٻڌڻ وٽان هوندي آهي ئي آهي، پر ڊرامن جي لکڻي ۽ اداڪارن جي ادائگي به لک لهڻي. گانا ڪٿي ڪيسٽي شاعرن جا ٿي سهي، پر ٻولي ته صحيح هڻڻ گهرجي. ڳائڻ توڙي ڳالهائڻ وارن جو لهجو ۽ اچار ايڏا ته خطرناڪ هوندا آهن جو پنهنجا وار پٽي پٽ سان متو تڪرائڻ تي دل چوندي آهي. (چينل وارا ان کي "دل چوندو آهي" چوندا آهن).

ڏنو وڃي ته اسان پاڻ ئي پنهنجي وجود جا ويري آهيون. هن وقت تائين جيڪو ڪجهه ٿيو آهي ۽ ٿي رهيو آهي ان ۾ ٻين سان گڏ اسان جو پنهنجو به ڪمينو ڪردار ڪنهن نه ڪنهن طرح ضرور قائم رهيو آهي. سنڌي فلمون هجن يا اخبارون يا اليڪٽرانڪ ميڊيا جا ڏٽي، هميشه اهو ٿي تاثر ڏيندا رهندا آهن ته هو اهي ڪاروبار نقط ۽ فقط سنڌ جي عشق ۾ ڪري رهيا آهن ۽ ان ۾ ڪري اداڪارن، صداڪارن، ليڪڪن توڙي دانشورن لاءِ لازمي آهي ته هو سنڌ جي خاطر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو به معاوضو نه گهرن. مفت ۾ ڪم ڪن. جي ڪجهه وٺن به ڪٿي ته به چٽي مٿان چهنب (انتهائي معمولي) وٺن. چالاڪ بزنيس مين ته پنهنجي ذاتي ڪاروبار کي وڌائڻ ۾ آمدني ڏهوٽي ڪرڻ لاءِ سنڌ جو واسطو ڏئي وڏي بيشرميءَ سان روڊن رستن تي جهولي جهلي پنڻ کان به نه ڪيٻائيندا آهن. حيرت جهڙي ڳالهه اها آهي ته اهي سيٺيون پاڻ ته مرسڊيز ۾ گهمن پر پنهنجين سريتن کي به وڏيون گاڏيون ۽ مهانگا اپارٽمينٽ وٺي ڏين پر پنهنجن غريب ڪارندن کي اهو چئي چپ ڪرائي ڇڏين ته بابا! قوم جو سوال آهي. مهل وهي وڃو اسان اخبار، چينل يا رسالو بند ڪيو ته نقصان قوم جو ٿي ٿيندو ان ڪري قرباني وري به اوهان کي ئي ڏيڻي پوندي. گهٽ پگهار يا مفت ۾ خدا ڪارڻ ڪم ڪندڙ اهو ئي ڪندا جيڪو مٿي لکي آيو آهيان. هونئن به اسان جي پنهنجي طبيعت ۾ اهو مڪر شامل آهي ته ڪنداسين پنهنجي پيٽ جي لاءِ پر سنڌين جي جذبات کي اپاري، منجهانئن ڏوڪڙ ڪيڻ لاءِ سنڌ جو واسطو ضرور ڏينداسين. جهولي جهلڻ ته اسان جو مرڪ آهي. انهن ئي پئسن مان ٻاتلي به روز پيئبي. ٺٺ ٺانگر به ڪبا، پرين جو جهرمٽ به چوڌاري ڏاريو. ماڻهن تي لٺ به رکبي، پر مزور کي مزوري نه ڏبي. ليکڪ ۽ فنڪار کي مفت ۾ لوڙائبو. دانشور کان بيگر ڪرائبي، پوءِ پلي ته ٻوليءَ جو ٻيڙو ٻڏي، ثقافت جي ستياناس ٿئي، قوم جي پيرن هيٺان زمين نڪري وڃي.

جيڪي ڇمار ۾ ڪجهه وڏا آهن تن کي چڱيءَ طرح ياد هوندو ته سنڌ تي آيل ڏکين ڏينهن ۾ جڏهن تحريڪون هليون هيون. تڏهن سڀ کان پهريون "الوحيد" پوءِ "هلال پاڪستان" ۽ ان کان پوءِ "جاڳو" وڏيءَ همت سان پنهنجو ڪردار نڀايو هو. رسالن ۾ "روح رهاڻ" ۽ "سهڻيءَ" جا مثال اڄ به ماڻهو ڏيندا آهن. سراج، ف م لاشاري، طارق اشرف ۽ حميد سنڌي ان ڏس ۾ امر ٿي ويا. اسان توهان جهڙا عام ماڻهو هئا. شايد ايتريون سهولتون به ميسر نه هئڻ جيتريون اڄ جي ميڊيا وارن کي آهن. گهر جا زيور، گاڏيون ۽ سامان سڙو وڪڻي به قومي ڪارج کي جاري رکندا هئا پر ڪنهن آڏو هٿ ڪو نه ڦهلايائون. پنيا ڪو نه . اڄ ماڻهو سنڌن نالو عزت سان وٺن ٿا، قوم جو محسن سمجهن ٿا. سنڌن عظمت کي سلام ڪن ٿا. تحريڪون به ان ڪري ئي ڪامياب ويندين هيون. جو سنڌن اڳواڻ مخلص هئا، سچا هئا، هڏ ڏوکي هئا. ڪوڙا، ڏٺي ۽ عياش ڪو نه هئا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو پڇن ٿا ماڻهي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ _V

اسان جي احسان فراموشي ۽ خودغرضيءَ ۽ پاڻ پڏائڻ جي انتها اها آهي ته اسان جا اهي محترم، پيارا ۽ هر دلعزيز ليکڪ جن لکڻ جي شروعات پنهنجي مادري زبان سان ڪئي، جن نالو پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪمايو. جن تي محبت ۽ عقيدت جا گل نڇاور پنهنجن سنڌي سڀاجهڙن ڪيا. جن جي پرستش ۽ پوڄا ڪئي وئي ۽ جن پوءِ اڳتي هلي ان محبت، پرستش ۽ پوڄا جي سهاري ڌارين ٻولين ۾ لکڻ شروع ڪيو تن پنهنجي محسن ٻوليءَ کي ڌڪو ڏيڻ ۾ دير ئي نه ڪئي. وري نه موٽي ماڳ آيا، ڇڻ سنڌيءَ ٻوليءَ سان سنڌن ڪو سنبنڌ ئي ڪو نه هو. ڪڏهن ڪڏهن سال ۾ هڪ اڌ دفعو درڀءَ مان ديدار ڪرائيندا آهن ته جيئن مريد ۽ معتقد نذرانا پيش ڪري پنهنجي نيپرائي وچن. نه ته ٿيو پلو. ها، پنهنجي پراڻيءَ ساک تي اڄ به هو سنڌي ادب جا بي تاج بادشاهه يا راڻا ۽ راڻيون آهن. هونئن به سنڌي ادب ۾ نقادن جي ذڪر سبب ۽ پي ايڇ ڊي ڊگريءَ جي هر هفتي ڪلنڌڙ عام لاٽريءَ سبب، رب سائينءَ جي مهر ۽ ڪرم سان اڄ ڪان سٽ سال اڳ جنهن به ڪاتبِ تقدير پنهنجيءَ چاڻ موجب جن ليکڪن جا نالا ٽاپ ٽين (Top Ten) ۾ لکيا، سي جيئن جو تيئن اڄ ڏينهن تائين پيا ٽا ورجائجن. پٿر تي ليڪو پئجي ويو. غلط لکيو ويو ته غلط ئي سهي پر ان تان هٽڻ، ترميم يا ترديد ڪرڻ گناهه ڪبيرا ۾ شامل آهي. ڪنهن بزرگ کي پُل ۾ ڪهاڻيڪار ڄاڻايو ويو ته اهو اڄ به ڪهاڻيڪارن جو سردار پيو سڏائي. ڪنهن مشڪري کي عظيم شاعر جو خطاب مليو ته اهو خطاب اڄ به برقرار آهي، ريسرچ اسڪالر سڏائيندڙ ڄامڙن ۾ ايتري به اهليت ناهي جو پراڻا ڪتاب کولي پاڻ ئي ڪٽي پڙهي ڏسن ۽ اڏوگابري راءِ پنهنجي به ڪٽي ڏين. مون کي ته حيرت تڏهن ٿيندي آهي، جڏهن ڪنهن ادبي محفل ۾ سيمينار ۾ يا انعام اڪرام ڏيڻ واري تقريب ۾ تقرير ڪندڙ اڪابر پنهنجي محبوب ليکڪ يا ليکڪا جي واکاڻ ڪندي فقط انهن ماڻهن جو ذڪر ڪندا آهن. جيڪي ون يونٽ تحريڪ دوران لکي ويا هئا. مهرباني ڪري اوهان به آئينده اها ڳالهه نوٽ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجو تہ جن صاحبن ڪي اسان علم ۽ ادب جي سنگهاسڻ تي ويهاريو آهي ۽ اٺندي وهندي سندن آڏو ڪورنشون بجا ٿا آڻيون، انهن جا حوالا گهٽ ۾ گهٽ 35 سال پراڻا ڏنا ويندا آهن. انهن باقي رهيل 35 سالن ۾ ڇا ٿيو؟ ڇا لکيو ويو؟ ان جي باري ۾ ڇاڪاڻ تہ ڪاتب تقدير ڪجهہ بہ نہ ٻڌايو آهي، ان ڪري رڪارڊ ڪي گهاري پئجي وئي آهي ۽ "تون هي تون، تون هي تون" تي سئي اٽڪي پئي آهي. جڏهن ڪو نقاد نند مان اٿي ۽ سئيءَ کي اڳتي ڌڪو ڏئي، تڏهن وڃي پراڻي راڳ يا ڪتراڳ مان جان ڇٽندي، ورنہ اهي ئي پراڻا بلڪ قديم رايا هميشہ جي لاءِ سنڌي ادب جو مقدر بڻجي ويندا.

حقيقت اِها آهي. اوهان مان ڪي مون سان اتفاق نہ بہ ڪن يا ڪي تہ ڪاوڙ بہ ڪندا، پر سچ اهو آهي تہ اسان جي سينيئر ليکڪن ۾ هڪڙا تہ اهڙا آهن جن ان زماني ۾ ٿورو گهڻو لکيو ۽ جيڪو ۽ جهڙو لکيو پر ان ڪان پوءِ سوڙ وراڻي سمهي پيا. سندن چيلا ۽ چمچا، مٺ ماٺڻ، پاءُ پيڻ، پوٽا ڏوهٽا سندن عظمت جا قومي ترانا دهرائي دهرائي کين نہ رڳو زندهہ رکيو ويٺا آهن، بلڪ سندن عظمت جا لڳاتار ڳڻ ڳائي کين امر ڪرڻ ۾ ڪين گهٽايو اٿن. انهن بزرگن ۾ ڏسڻا وائسڻا، معتبر ۽ مدبر ڪي اهڙا بہ صاحب هنر آهن، جن سڄا سارا شعر، افسانا بلڪ ناول تائين ڌارين ٻولين مان چوري ڪري پنهنجن نالن ۾ ڇپايا ۽ اڄ تائين اڻوجهہ سنڌي قوم جو نظرن ۾ عظيم پيا ليکجن. نہ رڳو ايترو بلڪ پنهنجن عزيزن، رشتيدارن، پائرن پينرن جي پبلڪ رليشنز طفيل پنهنجي پرائي ڊوڙ تي بار بار هتان هتان، ڪٿان نہ ڪٿان، ايوارڊ ۽ انعام اڪرام بہ پيا ماڻهن ۽ هميشہ سربلند ۽ سرخرو پيا رهن. نالا وٺندي مون کي شرم ٿو اچي پر تعريفون ميڙيندي هنن کي ذرو بہ حياءَ ڪو نہ ٿو ٿئي. ٻيا جن جو ذڪر ٿورو اڳ ڪري آيو آهيان اهي آهن جن کي پذيرائي سنڌيءَ ۾ لکڻ جي ڪري ملي پر هنن اڳتي هلي پنهنجي لاءِ اظهار جو ذريعو ٻين ٻولين ۾ تلاش ڪيو. نتيجو اهو نڪتو جو هو پنهنجي وسيع پڙهندڙن کي خوش رکڻ لاءِ ۽ پاڻ کي تعصب کان پاڪ ثابت ڪرڻ لاءِ ۽ پنهنجي عالمي سوچ جو نقلي مظاهرو ڪرڻ لاءِ سنڌ ۽ سنڌين کان ڪوهين دور هليا ويا. هنن جا موضوع اهي نہ رهيا جن سنڌي ادب ۾ ٿرٿلو پيدا ڪري ڇڏيو هو. هو سنڌ جي ڏکن ۽ دردن کي اجاگر ڪندي سنڌين جي ذهن تي ڇانيا هئا ۽ سندن دل جي ڌڙڪن بڻيا هئا ۽ سندن اکر اکر مان سنڌ جي خوشبو ڇلڪي اٿي هئي پر عالمي ٿيڻ کان پوءِ هنن سنڌ جو نالو وٺڻ ئي ڇڏي ڏنو بزمي وارن فقط سنڌي نالن . سنڌي لباس ۽ سنڌي لهجي تي پنهنجو دڪان چمڪائڻ تي اڪتفا ڪئي. افساني ۽ شعر وارن تہ اهو تڪلف بہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گوارا نہ ڪيو ڪالم نگارن جي احساس ڪمتريءَ جو اهو حال آهي جو هو دنيا جي هر موضوع تي لکن ٿا ۽ ڏاڏي آدم واري دور جي لکيل هڪڙي ئي ڪالم کي هر دفعي نوان گل ڦل، جهل ۽ جهالر لڳائي دهرائيندا رهن ٿا پر هربار سندن اها انتهائي ڪوشش هوندي آهي تہ ڪنهن بہ طرح سندن پڙهندڙ کين سنڌي سمجهي، سندن جوڙيل خيالي سلطنت کي ڍاهي نہ ڇڏين. ڪاڏي ويون اهي پراڻيون ڦڙڪيون. ڪاڏي ويون اهي جُلهون، ڪاڏي ويا اهي ڪڙڪا، ڪاڏي ويا اهي دڙڪا؟ ڪڪڙ تي جڻ مينهن پئجي ويو. واقعي شهرت بڇڙي بلا آهي. ماڻهوءَ کان ننگ، دنگ، رنگ، ڍنگ، سڀ ڪجهہ پلائي ٿي ڇڏي. افلاطون سچ چيو هو تہ گڏهہ جڏهن ماءُ جو کير پي ڊوڙ ڪندو آهي تڏهن پٺي ورائي کيس اِٽَ هڻي ڪيندو آهي. پيا، جيڪي سينيئر يا جونيئر آهن ۽ مهرباني ڪري لکندا رهندا آهن، تن کي سمجهڻ لاءِ اسان کي ست جنم وٺڻا پوندا. انهن ۾ ڪي اهڙا سائينءَ جا سنواريا بہ آهن جيڪي پاڻ کي سقراط جهڙي ڪا جنس سمجهن ٿا پر اڪثر پتڙيءَ تان لهڻ ۾ دير ئي نہ ڪندا آهن. هو آدرشي چوائيندا آهن پر گڏهہ جي مخصوص عضوي تي اڏنگي ڪهاڻي لکي پنهنجي هرفن مولا هئڻ جو ثبوت پڻ ڏيندا آهن. تازو سنڌي ٻوليءَ جي هڪ بگڙيل منٽوءَ جي ڪهاڻي پڙهڻ جي سعادت نصيب ٿي، جنهن ۾ بہ نوجوان جڏهن هر طرح کان پنهنجي جنسي خواهش پوري ڪرڻ ۾ ناڪام ٿا ٿين تڏهن تاشقند معاهدي تحت امداد باهمي جي اصول کي مدنظر رکندي پنهنجي مدد پاڻ ٿا ڪن. اهو ئي حال شاعريءَ جو آهي، پڙهو ۽ عبرت پڪڙيو!

اخبارن ۽ رسالن ۾ هڪ ٻئي جي گهرياتين جا لٽا لاهڻ تہ ڪو ڪمال ئي نہ رهيو آهي. پڇ سوال وٺ جواب. پڙهڻ وارن جي موج ٿي وئي آهي. مٿي جو ڪجهہ لکي آيو آهيان. اهو لکندي مون کي ڪا دلي خوشي ڪو نہ ٿي ٿئي. سچ پڇو تہ هڪ هڪ لفظ دکي دل سان لکيو اٿم. اندر ٿو سڙي، شرم ٿو اچي. پڏي مرڻ تي دل ٿي چوي. سنڌي ادب تہ تحريڪن کي جنم ڏنو هو سنڌي اديبن جي بيباڪ ۽ وطن دوست لکڻين سبب ئي سياسي ورڪر سجاڳ ٿيا هئا. شاگردن، نوجوانن ۽ ڪارڪنن ۾ جوش ۽ جذبي جون لهرون موجزن ٿيون هيون. وطن جي هيٺي حال تي لکيل هڪ هڪ لفظ باهہ جا پنيٺ ٻاري ڇڏيا هئا. جلسا، جلوس، احتجاج، لاٺي چارج، گوليون، کوليون ۽ جيل اسان جي افسانن جا موضوع هئا. انقلاب، احتساب ۽ انتقام اسان جي شاعريءَ جا عنوان هئا. سنڌ ۽ جند جي وچ ۾ ڪو بہ سنڌو باقي نہ رهيو هو. هيءُ اهو زمانو هو جڏهن تفريحي توڙي ڦلهڙو ادب اسان خود پاڻ تي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حرام ڪري ڇڏيو هو. خوشي ۾ خوراڪ اسان کان وسري هئي. خون ۾ قلم ٻوڙي لکندا هئاسين ۽ اندر جي اونهاين مان ورلاپ ڪري شاعري ڳائيندا هئاسين. اديب اڳواٽي ڪندا هئا، جهنڊو ڦڙڪائي هلندا هئا. راهه ڏيکاريندا هئا، همراهه به ٿيندا هئا ۽ همراز به ٿيندا هئا. طارق اشرف جهڙو نفيس ماڻهو به اهڙا دليرانا ايڊيٽوريل لکندو هو جو چڱا ڀلا ڏنديون آڱريون ڏيندا هئا. تڏهن ته سنڌي اديب پنهنجي قلم سان وقت جي آمر کان ظلم جي جنگ کٽي هئي. تڏهن ته سنڌي ادب کي عالمي ادب جهڙي سلام ڪيو هو تڏهن ته ننڍڙڪي سنڌيءَ جي ٻانهن جو ٻل موتي آيو هو اڄ جيڪي ڇٽل ڪارتوس، سرڪاري پگهاردار ۽ پيشيور ٻچاڙا، سنڌي جاتيءَ کي ٻيهر ڪر کڻڻ کان روڪڻ لاءِ هوائي توائي شوشا ٿا ڇڏين ته ون يونٽ سنڌي اديبن نه ٽوڙيو هو. سي ان وقت بيمار ڪوئن جيان بدبودار ٻرن ۾ لڪندا وتندا هئا. هي اهي ئي ماڻهو آهن، جيڪي سنڌي ادب کي پنهنجو آدرشي ڪردار ادا ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ طرح طرح جا ناٽڪ ٿا رچائين. غلط فهميون ٿا پيدا ڪن ۽ جونيئر سينيئر جو فساد ٿا ڦهلائين ۽ اهو ڪهڙو مشڪرو هو جنهن جا جڏهن مر گوڏا ڇٽي وئي، تڏهن دانهن ڪري چيو هئائين هاءِ گهوڙا سنڌي افساني کي گولي لڳي وئي!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زوال ڏانهن ويندڙ سنڌي سماج

رچرڊ برٽن لکيو هو تہ: "سنڌي ماڻهو بنيادي طور ڪمزور آهن، ان ڪري هو ڪوڙا، بهتان باز ۽ حاسد آهن."

اسان گهڻو ئي ايامون، اڏامون ۽ پاڻ کي دودا دلير چوايون، پر ان حقيقت کان ڪير انڪار ڪندو تہ مياڻيءَ جي جنگ هڪ ڪلاڪ بہ نہ هلي هئي ۽ انگريزن جي بہ هزار سپاهين اڪ ڇنڀ ۾ سنڌ فتح ڪري ورتي هئي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جي تاريخ شاهد آهي تہ اسان کان ٻولي کسي وئي. شهر کسيا ويا، علم ۽ ادب تي ڌاڙا لڳا. حق غصب ٿيا. روزگار تي راتاها لڳا! ڇاڇا نہ ٿيو ۽ اسان جا رهبر، آقا، اڳواڻ، ليڊر، چڱا مڙس يا تہ پنهنجي ڏاڙهيءَ پٽ ۾ پورا هئا يا وري ڏاڍن جي قدمن ۾ اونڌا ليٽيا پيا هئا. ڪراچيءَ جي سنڌ کان ڌار ٿيڻ، ون يونٽ ٺهڻ، ٻوليءَ کي ڪنيز جو درجو ملڻ کان ويندي اڄ تائين، جڏهن مرڪزي سرڪار ۾ اسان جو ڊپٽي وزير آهي ۽ فيڊرل گورنمينٽ ۾ ڊپٽي سيڪريٽري آهي! اسان ڪهڙي ترار هلائي آهي؟ ڪهڙو آواز اٿاريو آهي؟ ڪهڙا ڊينگ ڊاهيا آهن؟ سنڌ جا سڀ ترم خان، ڏهہ ڏهہ سر گهورڻ جا دعويدار ۽ آڪڙ خان، اسيمبليءَ ۾ ٻڳل ٻليءَ جيان، ڪيئن ٿا ڪن لڪائي، اک جي ڇڪائيءَ سان وقت جي حاڪمن کي فرشي سلام ڪن. اهو تہ تماشو وڃي ڪوئي پنهنجين اکين سان ڏسي. لياقت جتوئي جي حڪومت ۾ جتوئي صاحب کان سواءِ ڄڻي تہ ڏيکاريو تہ ڪيترا "قوم پرست" خود، سندن پٽ يا پوٽا شامل هئا؟" هيءَ اها حڪومت هئي، جنهن هميشہ ڪالاباغ ڊيم خلاف بل پاس ڪرڻ کان لهرايو، سنڌين جي خواهشن جي خلاف ريزوليوشن پاس ڪيا، پناهگيرن جو آشيرواد حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌين جي حقن جا سودا ڪيا. ڏهہ ڏهہ سر گهورڻ جا واعدا ڪيا پر جيڪي ٿيو سو سيني کي معلوم آهي. الطاف جي ترڙيءَ تي وزيراعليٰ توڙي وفاقي وزير لنڊن ۾ ڪئمپ ڪري ويهي رهيا. اسان روز پيا "ٽنگن ٻانهن" پيچڻ جي ڪيسٽ وڄايون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سماجي طور اسان جو حال ان ڪان بہ ابتر آهي. محنت ڪان جواب، پورهيو ڪو نہ ڪيون، سچ ڪو نہ ڳالهايون. بي ايماني اسان ۾ جام، نشو پتو گهر ڪري ويو آهي. گارگند ۾ اسان ماهر، چوريون، ٺڳيون، داداگيريون، ڌاڙا، ڦرون اسان ڪيون. گهر ڪان ٻاهر نڪرڻ اسان تي حرام. ڪاپي ڪلچر اسان ڪان پوءِ دنگ، مٿن ماڻهن ۾ قرب ڪو نہ رهيو آهي. پنهنجون ناڪاميون ٻين تي مڙهڻ ۾ مڙس ماڻهو. ڪهڙي خرابي باقي بچي آهي، جنهن ۾ اسان پيش پيش ناهيون؟ هر طرح سان پنهنجي رسوائي جو سامان پنهنجن هٿن سان تيار ڪيو اٿئون. مٿان ڏوهہ ڏيون ٿا ڌارين تي. حق ڪٿان ملندا؟ حقن گهرڻ لاءِ بہ مهانڊو گهرجي. "ٺنگون ٻانهون" بہ تڏهن پڄنداسين، جڏهن ٿوم هوندي، ٿلهي دهمان تي تہ ڪتو بہ ڪو نہ ڪنگهندو.

دراصل ورهاڱي ڪان پوءِ سنڌي سماج هڪ وڏي اٿل پٿل جو شڪار ٿي ويو. سنڌي مسلمان گهڻو ڪري ڳوٺاڻو هو. زراعت يا ان سان تعلق رکندڙ پورهيو ڪندو هو. تعليم ڪان وانجهيل هو. هندو شهري هئا. پڙهيل ۽ سڄاڻ هئا. نوڪريون يا واپار ڪندا هئا. 1947ع جي ورهاڱي ڪان پوءِ هندن جي وڃڻ ڪري جيڪو خال پيدا ٿيو ان کي گهڻي ڀاڱي تہ پناهگيرن، پنجابين ۽ پٺاڻن اچي پريو. پر پوءِ بہ ڪجهہ حصو اسان کي پلئہ پئجي ويو. ڳوٺاڻا شهرن ۾ اچي آباد ٿيا. ڪجهہ تعليم وڌي. ڪجهہ نوڪريون مليون. ڪجهہ ڏنڊا ڌاڙي شروع ٿيا. اهڙيءَ طرح سنڌين ۾ هڪ نئين ڪلاس جو اضافو ٿي ويو. هيءُ اهو ڪلاس هو جيڪو بنيادي طور ڳوٺن سان واڳيل هو پر روزگار سبب شهري ٿي پيو هو. ابن ڏاڏن جي ڪرت جي ناتي ڪري، موچي، هاري، حجام، ڪنير يا لوهر هو پر شهري زندگيءَ ۾ ڪلارڪ، ماستر، آفيسر يا سيٺ هو. دراصل اهو ڪلاس ٻن ٻيڙين ۾ هڪ ئي وقت سوار هو. ان ڪري هو نہ تہ پنهنجي بنياد (Roots) ڪان منحرف ٿي پٺي سگهيو ۽ نہ وري پنهنجي نئين ماحول ڪان پنتي هٽي پٺي سگهيو. ڏوٻيءَ جو پٽ پاڻ کي ڏوٻي ڪيئن سڏائي؟ هاريءَ جي پٽ پاڻ کي زميندار چوائڻ شروع ڪري ڏنو. ذاتيون مٽجڻ لڳيون. اصليت غائب ڪرڻ جا طريقا ايجاد ٿيڻ لڳا. اسان جي بنيادي ڪمزوريءَ اسان کي ڪوڙ ۽ دوکو سيکاري ڇڏيو ماضيءَ ڪان شرمساريءَ دروغ گوئيءَ تي آماده ڪيو. ڪن حالتن ۾ تہ پٽن پيءُ کي سڃاڻڻ ڪان بہ انڪار ڪري ڇڏيو. مٿن ماڻهن کي پريي جا واقفڪار سڏائڻ لڳاسين. ڪين جاهل ۽ ڇٽ ڇوڙ جو رواج عام ٿي ويو. هيءُ اهو وقت آهي، جڏهن ماضيءَ ڪان جند ڇڏائڻ لاءِ، اسان مان سڀ ڪان ڪمزور طبقي، پنهنجي ٻوليءَ ۽ ثقافت ڇڏي گهرن ۾ اردو ڳالهائڻ شروع ڪري ڏني ۽ پاڻ کي پيڙهياتا لکنوي ۽ دهلوي سڏائڻ لڳاسين. سيد حضرات تہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪدم پنهنجو ناتو وڃي ايران، افغانستان، بلخ ۽ بخارا سان ڳنڍيو.

هڪ ٻي خرابي اها ٿي جو ڳوٺن ۾ رهندڙ ۽ شهرن ۾ پلجندڙ سنڌين جي وچ ۾ هڪ اڻ ڏٺي ديوار ڪڙي ٿي وئي. نئون ڪلاس نه هيڏانهن جو رهيو نه هوڏانهن جو. ڳوٺن مان شاديون ڪرڻ کي هو حقارت جي نظر سان ڏسڻ لڳا ۽ شهرين کين پنهنجو ڪو نه ڪيو. هيٺ وڃڻ سنڌس شان جي خلاف هو ۽ مٿي پهچڻ سندس وس کان ٻاهر هو. اهڙيءَ طرح اهو ڪلاس وچ ۾ لٽڪي بيهي رهيو. سنڌي ڇوڪرن ته ٻوڙ پائي وڃي پنجابين ۽ پناهگيرن مان سڱ ورتا، پر سنڌي ڇوڪريون گهٽ تعليم ۽ ذاتي شرافت سبب انهن معيارن تي پوريون لهي نه سگهيون جيڪي شهري ماڻهن کي گهربل هئا. اوهان ڏٺو هوندو ته گذريل پنجاهه سالن ۾ هزارين بلڪ لکين سنڌي نياڻيون ويهي ويون. سنڌن ڪو وسيلو ڪو نه ٿيو. ڌاريون عورتون اسان جي نوجوانن تي قابض ٿي ويون ۽ سنڌن اولاد سنڌي ٻوليءَ کان محروم رهجي ويو.

نه رڳو ايترو بلڪ اسان جي بنيادي ڪمزوري محروم ڪلاس کي سڪئي ڪلاس جي مدمقابل آڻي بيهاريو. حسد جي آگ خون جي رشتن کي ڏار ڪري بيهاريو. الزامن، طعنن، مهڻن ۽ گارگند جي بازار گرم ٿي وئي. سمورا جاهلاڻا حربا حرڪت ۾ اچي ويا. ساڙ خاندان ساڙي ڇڏيا. جيڪو پنهنجي ڪم همتي، ڪاهلي يا جاهليءَ سبب ڪو مناسب مقام ماڻي نه پيو سگهي. سو بجاءِ محنت ڪرڻ جي، اڳلي کي غلاظت ۾ گهلڻ جا جتن ڪرڻ لڳو. اهڙي طرح ڀاءُ ڀاءُ جو دشمن ٿي بيٺو. مائٽ مائٽ جي غيبت ۾ مشغول ٿي ويو. معاشرتي طور اسان چڙوچڙ ٿي وياسين. دنيا کلڻ لڳي. ماڻهو مذاق اڏائڻ لڳا. قومي شيرازو بکرجي ويو. جيتري ناچاقي ۽ نااتفاقي سنڌي سماج ۾ نظر ايندي، اوتري ڪنهن ٻئي ٽولي ۾ ورلي لڀندي، بدتميزي ۽ بدڪلاميءَ ۾ اسان سڀ کان اڳتي آهيون. سازشن ۽ شرارتن ۾ اسان جو ڪو ثاني ڪونهي. عورتن جو وات، ڪڙڪو ڪاڪڙو پٽڪو ۽ پاراتا سنڌين ۾ مثالي آهن. مڪر ڊونگ ۽ ناٽڪ ڪرڻ سنڌن ڪاٻي هٿ جو کيل آهي. پرئي بازار ۾ هڪ ٻئي کي بچڙو ڪرڻ، لوئڻ ۽ بدنام ڪرڻ سنڌن روزمره جي ڪرت آهي. پنهنجين ناڪامين کي لڪائڻ لاءِ ٻئي تي نڪر پچڻ هاڻي روزمره جي ريت بڻجي چڪي آهي. جن وٽ چار پئسڙا چوريءَ، رشوت يا بي ايمانيءَ جا ميسر آهن، تن جا تماشا ته ڏسڻ وٽان آهن. ڇتي ڪتي وانگر وتندا لوهون ڏيندا. شل نه ڪو هٿ چڙهي وڃين، ايڙي رکندس. ڪوئي کي هريڙ ڇا هٿ لڳي آهي، پساريءَ کان به ٻه هٿ مٿي پيو اڏامي.

سنڌي آفيسر بي فيض، بي شرم ۽ بدعنوان آهن. اکين اڇا، ٻي وڙا ۽ پئسي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاپوچاري آهن. پرائو ڪم ڪندا. پنهنجي ڪي رلائي رلائي گوڏا گسائي ڇڏيندس. وڏيرا ويڪائو مال، تڙي باز ۽ ڦون ڦان ۾ پورا. سياستدان اڌ اکري، ڏريون متاثڻ وارا ۽ ايرندڙ سج جا سلامي. عام ماڻهو ڪم چور، سنڌ سڪل ۽ ڪوڙا! عورتون گلا خور، بد زبان ۽ اڏنگيون. نوجوان پتي خور، ڪاپي باز ۽ داداگير! هن قوم جو اڳتي ڇا ٿيندو سا خبر خدا کي. مقابلو هڪ بيحد محنتي ۽ منظم قوم سان آهي. آهستي آهستي اسان کي پٺتي ڌڪيندا ٿا وڃن. هاڻي ته وڃي پت سان لڳا آهيون. ٿورا گهڻا جيڪي پورهيت، سچا ۽ کرا ماڻهو بچيا آهن. تن جي پٺيان پنهنجن جي باهه، حسد، ساڙ ۽ غيبت، پاڻ کي اوچو ڪرڻ بجاءِ اوچي کي گهلي پاڻ جهڙو ڪرڻ جي جتن ۾ مشغول آهيون. تعليم جو بيڙو سير تي آهي. سنڌ جي يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ديگ چاڙهي ڇڏي آهي. جن مان استاد ۽ سندن يار ڏهه ڏهه ڊگريون راتو رات وٺي، 90 سيڪڙو مارڪون کٽي اچي ٿا مقابلن ۾ ويهن. اچي اکر به ڪو نه. سڏ صاب ٿيڻ جي! نتيجو اهو نڪتو آهي جو ٻاهريان ته ٺهيو خود پاڪستان جا ادارا به انهن ڊگرين کي مڃڻ لاءِ تيار ناهن. استادن ۾ ڪي ٿورا باضمير ۽ ڄاڻو هوندا. باقي رڳو ايلاز منٿون ۽ سفارشون ڪرائي اعليٰ ڊگريون ۽ سرٽيفڪيٽ وٺيو مفت ۾ ويٺا حرام کائين. ڪين امتحان ۾ ويهاري ڏسو ته پنج سيڪڙو به پاس ڪو نه ٿي سگهندا. پي ايچ ڊي ته ٻارن جو کيل ٿي پئي آهي، جنهن کي پنهنجو پورو نالو به نٿو لکڻ اچي، سو ”ڊاڪٽر“ سڏائڻ ۾ شرم به محسوس نٿو ڪري، سندن شاگرد جو ڇا حال هوندو سو خود سمجهي سگهو ٿا.

ڇا هن ملڪ ۾ ڪو اهڙو ادارو ناهي، جيڪو ٻڙن ڊگريون رکندڙن جو امتحان وٺي اڇا ڪارا پڌرا ڪري؟ حرام خور ۽ جعلي استادن جي جاچ پڙتال ڪري، ڪين بيهر مئٽرڪ پاس ڪرڻ تي مجبور ڪري؟ 90 سيڪڙو مارڪون ڏيندڙن جو محاسبو ڪري؟

اسان ته گهڻوئي اسٽيج تي بيهي وڏيون تقريرون ڪيون، محروميءَ جو روئڻو روئون، ڏاڍاين تي اوچنگارون ڏئي روئون پر دل ۾ حال ته ساريو پيو آهي. ڌارين جي آڏو نه سهي، پنهنجن جي آڏو ته سچي ڪرڻي تي پوي.

هاڻي ٻڌائين سنڌ جا دانشور ۽ اديب ۽ صحافي ته هن قوم کي ڪيئن بيهر سڌاري، سنواري، سڌي دڳ تي لائجي؟ منهنجي راءِ ۾ جيستائين اسان جي فطري ڪانئرتا ختم نه ٿيندي، تيسين خود اعتمادي نه ايندي ۽ جيسين خود اعتمادي نه ايندي، تيسين اسان سماجي برائين مان ٻاهر نڪري نه سگهنداسين. ڪليل بحث آهي. جيڪي ڪجهه لکيو اٿم، دل تي پٿر رکي لکيو اٿم. توهان به ٿوري دير لاءِ امين ٿي، ذاتي جذبات پري رکي، حالتن جي ڇنڊڇاڻ ڪري، سچ ٻڌايو ته هاڻي ڇا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجي؟ اسان لاءِ ڪي رستا ڪجهه هن ريت آهن:

1. حالتن کي جيئن جو تيئن رهڻ ڏجي، پاڻهي ٺيڪ ٿي وينديون.
2. تعليمي نظام ۾ انقلابي تبديلي آڻجي. ڪري ڪوٺي کي، بنا ڪنهن رعايت جي گهر روانو ڪجي، سفارشي، نالائق ۽ دادگير استادن جو محاسبو ڪيو وڃي.
3. تعليمي ادارن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽن سالن تائين سخت آپريشن ذريعي صرف لائق اميدوارن کي پاس ڪجي. بنا پيڊ جي امتحان ايمانداريءَ سان ڪرايا وڃن ۽ مجيل معيار تي مارڪون ڏنيون وڃن.
4. سماجي ڍانچي ۾ ردوبدل ڪرڻ لاءِ ۽ ڪيس موجوده حالتن جي تقاضائن مطابق بڻائڻ لاءِ، دانشور هر سطح تي ڪم ڪن، سڀ ڪان وڏيڪ خدمت صحافي سرانجام ڏئي سگهن ٿا.
5. سنڌين جي ازلي دشمن وڏيري خلاف باقاعده جهاد ڪيو وڃي ۽ ڪين اسيمبلين ۾ هڪ به سيٽ کٽڻ نه ڏجي.
6. وچولي طبقي مان قيادت آڻڻ جا جتن ڪجن.
7. آزمايل ڪامورن ۽ سياستدانن کي سرعام سنڌن ڪارنامن سميت اگهاڙو ڪجي.
8. عورتن جي تعليم تي وڌيڪ ڌيان ڏجي. ڪين پنهنجا حق وٺڻ لاءِ تيار ڪجي.
9. نڪمي ڪلاس کي محنت تي آماده ڪرڻ لاءِ غير سرڪاري ادارا ڪو جامع پروگرام جوڙين.
10. عام ماڻهوءَ کي ڪوڙي تاريخ ۽ لباڙي ڪارناما پڙهائڻ بجاءِ حقيقتن کان آگاهه ڪجي. وغيره.

ان ڪم ۾ اسان جا قومي توڙي خانگي ادارا گهڻو ۽ وڏو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. تازو سنڌي ادبي سنگت جون چونڊون جنهن ڌمال، ڌماڪي، ڇڏڇوٽ، بيان بازي، پارٽي بازي ۽ پينل بازيءَ کان پوءِ ٿي گذريون، ان مان ته ايئن ئي ٿو معلوم ٿئي ته اڇهو باز سنڌن ڪلهي تي وينو. جيڪڏهن هو صرف اليڪشن کٽڻ لاءِ هڻ هٽان ڪري ايترا ساٿا تي پيا هئا. ته اڇو ته ڪين پڳ ٻڌايون ته شعر ۽ ڪهاڻي پڙهڻ سان گڏ هو اهم سماجي مسئلن لاءِ به ڪجهه ڪن.

پيا سڄاڻ ماڻهو مٿين بيان ڪيل مسئلن تي کلي عام ميڙاڪا ڪن، سيمينار ڪرائين، ورڪشاپ ڪرائين ۽ انهن ادارن جي گيٽ تي ڪن، جن ۾ اهو گند پلجي ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرق

باربر ڪليو ترين هلي. سيني پنهنجين اکين سان ڏٺو ۽ بي بي سيءَ جي رپورٽ ڪنن ساڻ ٻڌي ته ڪنهن جا جهنڊا، ڪنهن جا فوٽو ۽ ڪنهن جا نعرا، جهمريون ۽ ڀنگڙا پيا. گذريل ٽن ڦيرن دوران اها به ڳالهه پڪي ٿي ته هتان ويندڙن جو تعداد گهٽ ۽ هوڏانهن ايندڙن جو انگ وڌيڪ هو. اجان به ٽين ڳالهه اها آهي ته جيڪي آيا تن جو حساب ڪتاب ۽ ليکو چوکو به انهن جي هٿن ۾ هو جن جا جهنڊا جهوليا هئا. ويندا ته پنهنجي مرضي سان. رهي پيا ته ٻين وانگر سڃاڻپ ڪارڊ، پاسپورٽ، گهر گهاٽ توڙي روزگار به اهي ئي ڏيندن جن جهمريون هنيون هيون. اسان وارا يار رڳو دڙڪن ۽ دهمانن ٻڌڻ ۾ پورا.

واٽئي کي هڪ چٽ چماٽ وهائي ڪڍي هئي، واٽئي هڪدم هڪل ڪندي چيو هوس، "ٻي ته هٽي ڏيکار!"

اسان جا به حال اهي ساڳيا آهن. چيوسين، ته "ڪالاباغ ڊيم جو اعلان ٿيندو ته اسان ڏوڙيا لائي ڏينداسين."

هنن "ڪل پيران دا خير" چئي پنجن ڊيمن جو اعلان ڪري ڇڏيو.

اسان ڦوڪجي شوڪجي وراڻيو "ڊيم ناهي ته ڏيکاريو!"

چيوسين: "کوڪڙا پار ترين هلندي ته اسان زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏينداسين."

هنن نه رڳو ترين هلائي بلڪه دهلن دمامن سان مٺايون به ورهايون.

چيوسين: "وري ته هلائي ڏيکاريو!"

اسان مان ڪجهه ورڻو ناهي، اها هنن کي پڪ آهي.

هنن چيو: "ٽي وي وڪڻو فرج وڪڻو هٿيار خريد ڪريو."

ڪري ڏيکارياڻون.

هنن چيو: "بينڪون لٽيو پيتا اوڳاڙيو پئسا گڏ ڪيو."

ڪري ڏيکارياڻون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنن چيو: "ماڻهو ماريو فساد ڪيو اليڪشنون ڪٽي ڊيڪاريو.
ڪري ڊيڪاريائون.
اسان چيو: "اسان جو ليڊر جي ايم سيد."
اٺ پارٽيون نهي ويون، سيني جو ليڊر جي ايم سيد، رستا سيني جا الڳ.
هنن چيو "اسان جو ليڊر قائد تحريڪ."
اٺ پارٽيون گڏجي هڪ ٿي ويون، سڀ جهنڊ تي بيٺا.
اسان ستر دفعا قوم پرستن جا گڏيل محاذ ٺاهيا، هر دفعي وڙهي نڪتاسين.
هنن هڪ دفعو ايم ڪيو ايم ٺاهي، اڃا قائم آهي.
اسان مالڪ هوندي غلام ٿي وياسين.
هو ڌاريا ها، گهر ڌڻي بنجي ويا.
اسان ۾ ۽ هنن ۾ بس ايترو ئي فرق آهي، قول جو ۽ فعل جو.
هو هر قدم سوچي سمجهي، تڪي توري، گڏجي سڏجي کڻن ٿا.
اسان ٽڙ تڪڙ ۾ اجائي ڦڙ ڦڙ ڪري، پهرين ئي وک تي ٿڪو ڪائي ڪري ٿا پئون.
هنن مٿين ۽ هيٺين طبقي کي ميساري، وچون طبقو جوڙيو آهي.
اسان مٿين، هيٺين ۽ وچين طبقي کي ٽوڙي، مفاد پرستن جو ٽولو ٺاهيو آهي.
هنن جي اڳواڻ جي اشاري تي لکن ماڻهن جو مجموعو هڪدم خاموش ٿي وڃي ٿو.
اسان جي ٻي انتها اڳواڻن جي مختلف اشارن تي چار ڪروڙ سنڌي ڪٽو ڪٽو ٿي وڃن ٿا.
هو هٿين خالي هئا، سڄي سنڌ فتح ڪري ورتائون.
اسان وٽ سڀ ڪجهه هو، خالي هٿين بيٺا آهيون.
ائين ڇو آهي؟ ان جو جواب اسان کي خود پنهنجي پاڻ کان پڇڻو پوندو. ٿڌي دل ۽ دماغ سان بنا ڪنهن بغض، تعصب ۽ اڳواٽ دل ۾ سانڍيل پنهنجي ئي قائم ڪيل ڪنهن راءِ جي.
ڪجهه ڏهاڙا اڳ هڪ دوست جي گهر رات جي ماني ۽ تي هڪ سنڌي وڏي گريڊ واري ڪاموري سخت جذباتي لهجي ۾ چيو "سنڌين ۽ مهاجرن کي سڀ ويڇا وساري، هڪ ٿيڻو پوندو. اسان ٻنهي جو گڏيل دشمن پنجاب آهي. ان ئي اسان جي پاڻيءَ تي ڌاڙو هنيو آهي. ان ئي اسان جي وسيلن تي قبضو ڪيو آهي. ان ئي اسان جي روزگار تي راتاهو هنيو آهي. متحده وارا اسان جو ڪيس وڙهي رهيا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن پر اسان کين پنهنجي ويجهو اچڻ نٿا ڏيون. آخر ڪار هنن کي هٽ ئي جيئڻو مرڻو آهي. ڏکهي ڀوڙ ۾ هنن جا مفاد اسان جا ئي مفاد ثابت ٿيندا.“ ٿي سگهي ٿو ته هو غلط هجي. ٿي سگهي ٿو ته هو رٽائرمينٽ جي عمر تي پهچڻ سبب پنهنجي نوڪريءَ جي ايڪسٽينشن يا ڪانٽريڪٽ تي نوڪريءَ واسطي هٿ پير هڻندو هجي. اهو به ٿي سگهي ٿو ته هو پنهنجي سوچ ۾ مخلص هجي، پر سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته گذريل سٺ سالن جي تاريخ مهاجرن جي رويي بابت ڇا ٿي، چوي؟ ڇا هنن ڪڏهن به پاڻ کي هڪ سنو سنڌي ثابت ڪرڻ جي ڪا معمولي ڪوشش به ڪئي آهي؟ زباني جمع خرچ يا اجرڪ ۽ ٽوپي پائڻ سان ته ڪو سنڌي ٿي نٿو وڃي، هٽ ته عملي طور پاڻ کي زمين ۽ زبان جو سودائي ثابت ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڏسڻو اهو آهي ڇا هنن ڪڏهن به عملي طرح سنڌين جي حقن واسطي ڪيل احتجاجن ۾ سنڌن ساٿ ڏنو آهي؟ اهو به ڏسڻو آهي ته جتي هنن جي ايجنڊا ۽ اسان جا احتجاج هڪ ٻئي سان نٿا ملن، اتي هنن عقل ۽ انصاف کان ڪم ورتو آهي؟ بهارين جو ئي ڪٿي مثال وٺو. هو چاهين ٿا ته بهاري ڪنهن به طرح سنڌ ۾ اچن ته جيئن سنڌن عددي اڪثريت قائم ٿئي. اسان کي خوف آهي ته بهارين جي اچڻ سان اسان جي مصيبتن ۾ واڌارو ٿيندو. ان حالت ۾ ظاهر آهي ته هو ڪنهن به ريت سنڌ جي ڀلائي سوچڻ بدران پنهنجي ذاتي موقف کي ترجيح ڏيندا. بلڪ سنڌ ۾ آباد غيرقانوني بهارين کي سڃاڻپ ڪارڊ ڏيارڻ خاطر هنن ته غيرقانوني بنگالي به اسان جي ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏيا. سنڌ تي پنهنجي حڪمراني پڪي ڪرڻ لاءِ هنن سنڌ جي پراڻن ضلعن کي پنهنجي مرضيءَ مطابق ڀڃي ٽوڙي وڏيڪ ضلعا ٺهرايا. اردوءَ جي بالادستي قائم رکڻ واسطي سنڌي ٻوليءَ جي حقي مطالبي کي هميشه ٽڪرائيندا رهيا. هاڻي اهڙا ماڻهو جيڪي قدم قدم تي سنڌ جي مفادن سان تصادم ۾ رهن، سي پلا ڪهڙيءَ طرح پاڻ کي سنڌي ثابت ڪري سگهندا؟ ٻاهران ڪٿي ڇا به چون، سنڌ جا ڪي چند ماڻهو پل ته اتي مقصدن خاطر سنڌن جهنڊو به لهرائن، پر جيستائين ٻاهران آيل سڀ ماڻهو سنڌ جي مٽيءَ جو قرض نه لاهيندا، تيستائين سنڌي سڏائڻ جي ڪا به دعوي محض دعوي ئي رهندي ۽ بس.

ها، اسان کي سيکارڻ لاءِ هنن وٽ گهڻو ڪجهه آهي. اسان جي قومي ليڊرن کي شرمائڻ لاءِ به هنن وٽ گهڻو ڪجهه آهي. هنن ۾ ٻڌي آهي. وڙهڻ جو جذبو آهي. پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هو ڪجهه به ڪري سگهن ٿا. هنن جا اڳواڻ پنهنجي ماڻهن جا ٻانها آهن. منجهن حد درجي جو ڊسيپلين آهي. حڪم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميجي ڇاڻن، پوئواري ڪري ڇاڻن. پنهنجي هيرو جي خامين توڙي خوبين کي نظر انداز ڪري مٿس جان نڇاور ڪري ڇاڻن.

اسان ۾ اهڙي ڪا به شيءِ ناهي. اسان جا اڳواڻ رڳو تڙيون، دڙڪا ۽ دهمان ڏئي ڇاڻن، عملي ڪم ڪانئن ڪو نه پڇندو. ڊسيپلين کان بلڪل اڻ واقف آهن. اسان جي جاءِ تي هو هجن ها ته جيڪر اڄ تائين ٽر ايڪسپريس تي نظر رکڻ لاءِ ڪميٽيون ٺهي چڪيون هجن ها، ايندڙن جا نالا ۽ ڏس پتا لکجي وڃن ها، مانيٽرنگ شروع ٿي وڃي ها. وقت سر نه موٽي وڃڻ وارن کي ڳولي هٿ ڪن ها ۽ يا ته ريل ۾يا وري جيل ۾ هٿيڪو ڪن ها. پر سنڌ جي مٿي ۾اهي نڪر لکيل آهن سي لوڙٽا ته پوندا. اسان جو وڏيرو ويڪائو ڪامورو ڪاهل ۽ ليڊر لال جا ڇوها! ويچارا جذباتي نوجوان وڃن ته ڪيڏانهن وڃن؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئين سياسي ڪلچر جي شروعات

جن ملڪن ۾ اسٽيج ڊرامن جون روايتون مضبوط آهن ۽ ٿيٽر کي نهايت ئي عزت ۽ احترام سان ڏٺو ويندو آهي، اتي ناٽڪ جي تيارين کي تہ اهميت آهي ئي پر تماشبين پڻ ٿيٽر ڏسڻ لاءِ وڏا اهتمام ڪندا آهن. ٽڪيٽ حاصل ڪرڻ واسطي مهينن بلڪ سالن جو انتظار ڪرڻو پوندو آهي. لباس جي چونڊ ڪرڻي پوندي آهي. ان رات ماني ٻاهر کائڻ لاءِ ڪنهن مناسب ريسٽورنٽ ۾ ٽيبل بڪ ڪرائڻ جو مرحلو طئي ڪرڻو پوندو آهي. لنڊن ۾ ڪي ناٽڪ تہ گذريل چاليهارو سالن کان لڳاتار پيا هلن، پوءِ بہ سيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ سال ڏيڍ جي شنوائي تہ ضرور ملندي ئي ملندي

ناٽڪن جي تياريءَ جو بہ حيرت ۾ وجهندڙ سلسلو آهي. اسڪرپٽ جي چونڊ ۾ ئي چڱو موچارو وقت گريو وڃي. ان کان پوءِ اداڪارن جي چونڊ، سندن اوچتي ناچاقائي تي Stand_by جي چونڊ، سندن ڳرو معاوضو رهائش وغيره جو انتظام، ٿيٽر جو انتخاب، ويس وڳن جو بندوبست، سامان سڙي Props جو مهيا ڪرڻ. ريهرسل ۾ بہ ٻيو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ ڇهہ مهينا تہ واهہ جا لڳن. جڏهن سڀ ڪجهہ پنهنجي جاءِ تي اطمينان بخش نموني سان مڪمل ٿي وڃي، تڏهن وڏيءَ ڌوم ڌام سان وڃي ناٽڪ اسٽيج جي زينت بڻجي. ٿيٽر جا نقاد بہ تمام وڏي ظالم شيءِ آهن. ڳالهہ مان ڳالهوڙو ناهڻ ۽ وِڏون ڪيڻ تہ ڪو ڪائنن سکي. چڱي ڀلي ناٽڪ کي راتو رات گند جو ڍير ظاهر ڪرڻ ۾ دير ئي نہ ڪندا. ان هوندي بہ ڪي ناٽڪ پنهنجي لياقت جي ٻل تي نقادن جي منهن تي چماٽ وهائي، ايتري تہ ڪاميابي ماڻيندا آهن جو دنيا دنگ رهجي ويندي آهي.

هاڻي توهان ئي سوچيو تہ ان جوش ۽ خروش واري جذباتي ۽ انتظاري ماحول ۾ جڏهن مهينن جي تيارين ۽ بندوبست کان پوءِ افتتاح واري رات جيڪڏهن اوچتو ئي اوچتو لارينس اوليور، رچرڊ برٽن يا پيٽر او ٽول جهڙو مک اداڪار بيمار ٿي پوي يا گذاري وڃي ۽ سندس Stand –by (متبادل) بہ موجود نہ هجي ۽ ڪنهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچان ئي ٿئين اداڪار ڪي لاچار اهو ڪردار ڪرڻو پوي، جنهن کي نہ ڪهاڻيءَ جي پوري ڄاڻ هجي، نہ ڊائلاگ ياد هجن ۽ نہ وري ڊائريڪٽر جي اندر کان واقف هجي تہ پوءِ ان اشراف جو ڇا حال ٿيندو جنهن تي تماشبينن جون بہ نظرون هجن. ساڻي اداڪارن جون بہ اميدون هجن ۽ نقادن جا بہ قلم پالڻ جيان ايا هجن؟

ننڍڙي پيماني تي مون اهو لقاءُ گهڻا سال اڳ نواب شاهہ ۾ خوجا صاحب جي اسڪول ۾ اکئين ڏٺو هو جڏهن ڊرامي جو هيرو اسان جو دوست ادا عبدالمالڪ شهزادي سليم جو رول ڪندي اڌ ڊرامي ۾ بي هوش ٿي ويو هو ۽ هڪدم پوءِ وفات ڪري ويو ۽ سندس جاءِ تي استاد غلام شبير عباسيءَ کي شاهي وڳو پائي اسٽيج تي اچڻو پيو هو. ان وقت ڏسندڙن ۾ آصف زرداريءَ جو والد حاڪم علي زرداري ۽ سندس ڪٽنب جا ڀاتي بہ موجود هئا پر کين اها ڄاڻ هرگز نہ هئي تہ اڳتي هلي خود سندن ئي فرزند تي اها جوابداري تمام وڏي پئماني عائد ٿيندي، جڏهن ڪيس اوچتو ئي اوچتو پنهنجي شهيد گهر واري بينظير ڀٽو جي جاءِ راتو رات والارڻي پوندي، بينظير شهيد آمريڪا، يو اي اِيءِ اسٽيبلشمينٽ جنرل مشرف ۽ ٻين سان ڪهڙي گفت و شنيد ڪئي هئي. ڪهڙا معاملا ڪهڙن شرطن تي طئي ڪيا هئا، قومي سياسي پارٽين جي رهنمائن سان سندس ڪهڙا واعدا قول ۽ قرار ٿيا هئا، تن جي پل تہ ٿلهي ليکي ڄاڻ آصف زرداريءَ کي هجي پر آمريڪا ۾ زير علاج هئڻ سبب ۽ عملي سياست کان ائين سالن جي قيد ۽ پوءِ ملڪ کان ٻاهر هئڻ ڪري ڪيترين ئي اندروني ڳالهين کان لاعلميءَ سبب اها پهاڙ جيڏي جوابداري سندس همت، تدبر ۽ سياسي سوجهہ ٻوجهہ جو سخت امتحان هئي. هونئن بہ بينظير جي هماليائي شخصيت جو خال پرڻ نہ رڳو مشڪل بلڪہ ناممڪن هو. سندس نعم البدل اڄ تہ ڇا آئينده بہ ڪڏهن ملي نہ سگهندو. هوءَ يڪتا هئي ۽ يڪتا ئي رهندي پر آخرڪار ڪنهن کي تہ اڳتي وڏي شهيد جي هٿن مان ڪرندڙ عَلم سنڀالڻو هو. ڪنهن کي تہ ڪاررواڻ جو مهندار ٿيڻو هو. ڪنهن کي تہ پنهنجو ذاتي غم وساري ڏکويل عوام کي دلداري ڏيڻي هئي.

جڏهن آصف زرداري پنهنجي وڇڙيل جيون ساٿيءَ جي وصيت پٽاندڙ پارٽيءَ جي قيادت بلاول جي جاءِ تي وقتي طور سنڀالي، تڏهن ظاهر آهي تہ ڪي فيصلا ڪيس حالتن کي سامهون رکندي اهڙا بہ ڪرڻا پيا، جيڪي عوامي امنگن ۽ ظاهري خواهشن مطابق نہ هئا. خاص طور سنڌين جيڪي اميدون ۽ آسرا پ پ جي قيادت ۾ رکيا هئا. تن کي سخت مايوسي ٿي. متحده سان ناهہ ڪرڻ کي سنڌين پنهنجي مينڊيٽ جي توهين محسوس ڪيو. سنڌي اڄ بہ پنهنجي موقف

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي قائم آهن. تي سگهي ٿو تہ آصف متحده کي سنڌن ئي ميدان تي مات ڏيڻ لاءِ ايئن ڪيو هجي پروڙهندا پيا اچون. ڪالاباغ جي مامري تي سنڌين پنهنجا سوين سهڻا جوان ڪهايا. هزارين زخمي ٿيا ۽ اڄ تائين لکين قيد ۽ بند جون سختيون سهي چڪا آهن. هيءُ معاملو سنڌين جي جدوجهد، مزاحمت ۽ ويڙهاند جو ماپو ۽ ماڻ آهي. گذريل ڪيئي حڪومتون ڪالاباغ کي سيڙهہ جي ڪنڍي طور استعمال ڪندي سنڌ ۽ پنجاب جي وچ ۾ ويڇا وڌائي پنهنجو لولو تاريندي رهيون آهن. سنڌ سميت پاڪستان جي ٽن صوبائي اسيمبلين طرفان رد ٿيل ۽ ڌڪاريل هيءَ رٿا خود ملڪ جون جڙون کوکليون ڪندي رهي آهي پر ايڏو وڏو بهادريءَ پريو فيصلو اڄ ايئن ڪنهن کي بہ ڪرڻ جي همت نہ ٿي. زرداريءَ جي ان هڪ ئي اعلان ماڻهن جون دليون موهي ڇڏيون آهن. هاڻي پل تہ پيا چوڌري برادران مانگر مڇ جا ڳوڙها ڳاڙين، قانوني نقطا ڀڏائين يا ڪوڙا سچا بيان ڏيارين. ٿيڻ تہ ايئن گهربو هو تہ ههڙيءَ عظيم ڪاميابي تي سنڌي قوم ان ئي سطح جو جشن ملهائي ها ۽ آصف کي پنهنجي شڪرگذاريءَ کان آگاهہ ڪري ها. اڃا بہ وقت ويو ناهي. اسان ۾ ايتري اخلاقي جرئت ضرور هئڻ گهرجي تہ پنهنجي محسن جو کلئي عام اقرار ڪري احسان مڃون.

ساڳيءَ طرح صوبي سرحد جي عوام پڻ هن هفتي سالن کان هلندڙ پنهنجي مکيہ مطالبي جي مڃتا جو اعلان ٻڌو. صوبو سرحد هاڻي پختون خواه جي نالي سان سڏبو. اها ڪروڙها پختونن جي دل جي صدا هئي، جيڪا گذريل حڪومتون ٻڌنديون ضرور هيون پر مڃڻ جي همت ساري نہ سگهنديون هيون. اڄ عرصي کان پوءِ ولي خان جي خاندان جي آصف زرداري سنڌن اها آس پوري ڪئي آهي. ڪين پڻ سنڌين سان گڏجي ڪالاباغ ڊيم توڙي پختون خواه جي اعلانن جو آڌر ڀاءُ ڪرڻ گهرجي.

هن ئي هفتي مشرف کي پهريون ڀيرو پ پ جي اعليٰ قيادت تيز ويڙهڻ جو چتاءُ ڏنو آهي. ان خبر پڻ پاڪستاني عوام جي دلين ۾ پلجندڙ وسوسن، وهمن ۽ گمانن کي ڪافي حد تائين ٿڌو ڪيو آهي. مون کي اميد آهي تہ ججن جي معاملي ۾ پڻ زرداري عام ماڻهن جي امنگن وٽان فيصلو ڏئي سرخرو ٿيندو.

ها، هڪ ٻي گذارش بہ آهي. اها هيءَ تہ جتي زرداري صاحب هر پارٽي، هر صوبي ۽ هر قوم کي پنهنجي اعتماد ۾ وٺي رهيو آهي ۽ هر فيصلو مصلحت تحت ڪري رهيو آهي. اتي ڪيس پنهنجي صوبي جي ماڻهن کي بہ وسارڻ نہ گهرجي. انهن کي بہ اعتماد ۾ وٺڻ گهرجي. سنڌن هاڻ تي بہ ٿڌو ڇنڊو هڻڻ گهرجي. سنڌ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان وڏيڪ جان نثار کيس ٻئي ڪنهن به هنڌ ڪو نه ملندا. ڀٽو خاندان جي قربانين جا ڳڻتيل ۽ قائل ماڻهو ئي هاڻي پ پ جي ميراث ۽ طاقت آهن. انهن کي اڪيلو ۽ اٻاڻڪو ڇڏڻو ناهي. ڪين پنهنجائپ جو احساس ڏيارڻو آهي. سندن مٿي تي هٿ رکڻو آهي. سندن مرجهايل چهري جي مرڪ موٽائي ڏيڻي آهي.

۽ ها، ساڳي ئي مصلحت جي جذبي تحت جيڪڏهن آصف زرداري ڪنهن ڏينهن اوچتو ئي اوچتو هالا وڃي نڪري ۽ مخدوم امين فهيم کي ڀڪر ۾ ڀري پائي، پرچائي سرچائي پاڻ سان گڏ اسلام آباد وٺي اچي ته گهٽ ۾ گهٽ مون کي حيرت ڪو نه ٿيندي. يقين ڄاڻو سنڌ جي ٻچي ٻار جي دلي خواهش اها ئي آهي ۽ اها ئي نئين سياسي ڪلچر جي تقاضا آهي ۽ ان نئين سياسي ڪلچر جي شروعات پنهنجي گهر کان ٿيڻ گهرجي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيد قائم علي شاهہ جي خدمت ۾

منهنجا پيارا سڄڻ سائين قائم علي شاهہ بادشاهہ! اميد اٿم تہ هاڻي توهان خوش هوندا، الڪا لهي ويا، انتظار ختم ٿيا. بي يقينيءَ جا بادل ٽڙي پکڙي ويا. سنڌ جي وڏ وزارت اوهان جي حصي ۾ آئي. لٽو لڙ لطيف چئي، اوهان خوش تہ اسان بہ خوش.

پيارا سائين، توهان کي تہ خبر آهي تہ سنڌ جي واڳ سنڀالڻ ڪو سولو ڪم ناهي، اهو تجربو توهان کي هن کان اڳ بہ ٿي چڪو هوندو گلن جي سيج بہ ناهي جو ماڻهو سڀ غم وساري بي فڪر ٿي سمهي آرام ڪري. ارباب رحيم پارن لاءِ تہ سي ايم هائوس ڪيٽلاريءَ واري اوطاق جون سڪون لاهيندو هو پر توهان عوامي ماڻهو آهيو. عوام جي ووٽ تي چونڊيا آهيو عوام ڏانهن ئي جوابدار آهيو ارباب صاحب تہ ڪشالا ڪري، مرليون وڄائي، نانگ ريجهائي، انجام اڪرام ڪري، وڏي ڏچي کان پوءِ سوديبازيءَ جا سڀ امتحان پاس ڪري ان ڪرسيءَ تائين پهتو هو عوام ۾ جڙ ڪا نہ هيس. ان ڪري ڪڏهن يونيفارم جي پاچي ۾ چنبڙيو پيو هوندو، ڪڏهن لغڙ جي ڏور کي مانجهو لڳائڻ ۾ مشغول هوندو هو تہ ڪڏهن چوڏرين جي چلم تازي ڪرڻ ۾ رڌل هوندو هو. سنڌ ۾ سنڌي سندس نہ پهرين ترجيح رهيا ۽ نہ آخري. وڏي سرڪار کي جيڪي بہ اٽوٽندڙ ڪم ڪرائڻا هوندا هئا. سي صاحب موصوف سيني تي هٿ هڻي، هڪ سيڪنڊ ۾ ڪري وڃي پار پڄندو هو. ضلعا ٽوڙائي ڏارين جي لاءِ محفوظ تڪ ناهيائين. بنگالين ۽ بهارين کي سڃاڻپ ڪارڊ جاري ڪري کين سنڌ جو شهري تسليم ڪري کين ووٽ جو حق ڏياريائين. راتو رات هزارين نوڪرين جا آرڊر ڪيڏي پين آڏو پاڻ وٽايائين. سنڌي ٻولي جي حق ۾ ۽ ڪالاباغ توڙي بهارين جي خلاف ڪا بہ تحريڪ اسيمبليءَ مان پاس ٿيڻ نہ ڏنائين. سنڌي علم ادب جي ٽڙيءَ تي ننهن ڏيڻ ڪاڻ قصيده نويس ڪالم نگارن کي انعام طور عهدن تائين پهچايائين. سنڌي ٻوليءَ جي پيڙي ٻوڙي ڇڏيائين. سندس دور ۾ سنڌي اسڪول بند ٿيا. ڪراچيءَ کي سنڌي شاگردن لاءِ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوگو ايريا بنايو ويو. مشڪرا ايڊوائيزر مقرر ٿيا. سنڌي دانشورن سان بدسلوڪي ڪئي وئي. سنڌي سرڪاري ملازمن سان بي انصافيون ٿيون. ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. مٿان وري محترمہ جي شيرين گفتگو ۽ تقرير دلپزير اهڙي جو دل چوي تہ زبان مبارڪ مان اهي موتي بارش جي قطرن جيان اوهيرا ڪري وسندا رهن ۽ اسان جهول پري گهر ڊوئيندا رهون. خاص طور محترمہ شهيد جي آمد ۽ شهادت کان اڳ ۽ پوءِ واري ڏکوئيندڙ صورتحال ۾ سنڌي رسمن، رواجن ۽ روايتن جي بلڪل برعڪس بيان بازي نہ صرف سنڌي ماڻهن بلڪ بي پاڙن ۽ بي ڏٽين ماڻهن کي شرمسار ڪرڻ لاءِ ڪافي هئي.

اوهان کي اهڙي سنڌ ورثي ۾ ملي رهي آهي جنهن کي اڳوڻن حڪمرانن چيري ڦاڙي ٽوٽا ٽڪر ڪري ڇڏيو آهي. جنهن کي هنن پنهنجي ذاتي مفاد خاطر مختلف ڌڙن، ٽولن ۽ گروهن وٽ گروي رکي ڇڏيو آهي. جنهن جي مالڪي اصلي ڌڻين کان زوريءَ کسي ٽڪن، ڦورن ۽ بليڪ ميلرن جي حوالي ڪئي ويئي آهي. جنهن جي زبان، ادب ۽ ثقافت جو جنازو ڪڍيو ويو آهي. جنهن جي ثقافتي آثارن ۽ اهڃاڻن ۾ ناچ گهر، ناٽڪ گهر ۽ لکنوي اسٽائيل جا مشاعرا مرڪز قائم ڪيا ويا آهن. يا بلڊر مافيا سان ملي ڪين فليٽن ۽ اپارٽمينٽن ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي. جنهن جو سامونڊي ڪنارو پکڙن مٺ تي وڪيو ويو آهي ۽ ٻيٽن کي غيرملڪي ڪمپنين جي حوالي ڪيو ويو آهي. جنهن جا ڳوٺ ڊاهي، اتان جي صدين پراڻن رهواسين کي ڪلئي آسمان هيٺان نڌڻڪو ڇڏيو ويو آهي. جنهن جا پڙهيل لکيل نوجوان پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي بيروزگاريءَ کان تنگ ٿي خودڪشين ڪرڻ تي مجبور ڪيا ويا آهن. جنهن جون زمينون پاٽيءَ جي اٽاٽ سبب سڪي نوٽ ٿي ويون آهن ۽ آبادگار بکون ڪاٽي رهيا آهن. جنهن کي زوريءَ يتيم خاني ۾ تبديل ڪري، هر قسم جي ماڻهن کي دعوت ڏئي سنڌ ۾ گهرايو پيو وڃي. جنهن جي روزگار قدرتي وسيلن، واپار ۽ اقتصاديات تي ڌاريا قابض آهن. جنهن جي گهٽين، روڊن، رستن، پاڙن ۽ محلن تي ڌاريا نالا رکي سنڌ جي تاريخ بگاڙي پئي وڃي. اوهان کي سنڌ هڪ پڳل، ٽٽل، لولي ۽ لنگڙي روپ ۾ ڏني پئي وڃي. جنهن کي ميڙي سيڙي، چنبڙي ڦوڪي، ڳنڍي جوڙي، چمڪائي چلڪائي، اصلي روپ ۾ آڻڻ جهڙو ڪٺن ڪم اوهان کي ڪرڻو پوندو. ماضيءَ ۾ ٿيل سموري زيان ۽ نقصان جو ازالو توهان کي ڪرڻو آهي. سنڌ کي سندس جسماني، روحاني ۽ ذهني اپاهجپڻي کان ڇٽائي، صحتياب ڪري، پنهنجي پيرن تي بيهارڻو بہ توهان کي ئي پوندو.

مرشد سائين، اسان ڪنهن جو حق مارڻ نٿا چاهيون ۽ نہ وري ڪنهن کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو حق مارڻ ڏيندا سين. جن دل ۽ جان ۽ ايمان سان سنڌ کي پنهنجو وطن تسليم ڪيو ۽ سندس رنگ ۾ رنگجي وڃڻ جو پختو اظهار ڪيو سي اسان جي سر جا سائين آهن. جن اسان جي تاريخ، ثقافت، ٻولي ۽ روايتن جو احترام ڪيو سي اسان جي گهر جا ڀاتي ۽ اسان جي جسم جو حصو آهن. جن دل ۾ دوئي نه رکي، اسان جي وات مان گرهه کسڻ جا جتن نه ڪيا، اسان جي زمين تي ڪوڙو قبضو نه ڪيو، تن لاءِ اسان جي دل جا دروازا کليل رهندا. صديون اڳ آيل بلوچ، پٺاڻ، پنجابي، ڪاٺياواڙي ۽ خود هندستاني جيڪي اڄ سنڌين سان گڏ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي حقن جي ويڙهاند ۾ اسان کان به اڳرا آهن، سي انهن سنڌين کان لک دفعا وڌيڪ عزت ۽ احترام جي قابل آهن، جيڪي ڄاوا ته سنڌ ماءُ جي ڪک مان آهن پر لوڀ، لالچ ۽ ذاتي غرضن سبب سنڌ دشمنن جا مهرا بڻيل آهن.

اسان امن پسند، سادا سودا، صوفي ماڻهو آهيون، جن ۾ نه نفرت آهي نه ڪٽرپڻو. نه تعصب، نه ٻيائي. نه شرانگيزي، نه شيطاني. ماٺ آهيون ته ماٺ آهيون، چڙياسين ته چوهو ۽ طوفان آهيون. ون يونٽ، ٻولي فساد ۽ ايم آر ڊي واري ويڙهه جا ته توهين اکين ڏٺا شاهد آهيو، پر 27 ڊسمبر وارو جنون توهان اڳ ڪڏهن به ڪو نه ڏٺو هوندو. ان ڏينهن سنڌ جي نياڻيءَ کي پريءَ بازار ۾ ڪٺو ويو هو. ان ڏينهن پوري دنيا جي سامهون اسان جي دودائي تاريخ کي اگهاڙو ڪيو ويو هو. ان ڏينهن اسان پنهنجو ئي ماس پٽيو هو. پنهنجا ئي جهوپا جلايا هئا. پنهنجو ئي خون وهايو هو. اها اسان جي سجاڳيءَ واري رات هئي، جنهن رات ماتم ڪندي اسان پاڻ کي لهولهان ڪري ڇڏيو هو. اهو ماتم قيامت تائين جاري رهندو ۽ ان سان گڏ جاري رهندي اسان جي اها بدنصيب ڪاري رات.

شاهه صاحب، اوهان به ان ڪاري رات جي صدقي ۽ سنڌ جي نياڻيءَ جي قربانيءَ جي طفيل هن ماڳ تي پهتا آهيو، بيقاعدگيون، ڌانڌليون، چالاڪيون، ٺڳيون ۽ مڪاريون نه ٿين ها ته ان ڪاري رات جي ڪاري آنڌي پوري سنڌ جي گندگاهڻ کي پاڻ سان گڏ ٻهاري وڃي ها. اهڙا سنڌي ڪلهه وارا مظلوم سنڌي نه رهيا آهن، ڀيڻ جي شهادت کين بي ڊپو بڻائي ڇڏيو آهي.

ساڳيءَ طرح اڄ جي چيف منسٽري توهان جي گذريل چيف منسٽريءَ جهڙي لاچار نه هئڻ گهرجي، اهڙي سجاڳ سنڌ توهان جو هر قدم تي ساٿ ڏيندي ۽ توهان جي قوت ۽ طاقت بڻبي. سنڌ جا نوجوان، ماهر، عالم ۽ دانشور توهان جا ٻانهون ٿيندا.

عرض فقط هيترو آهي مرشد سائين! ڪنهن جي ڏئونس ۽ ڌانڌليءَ ۾ نه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڇڄو سنڌ جي مفادن جو سودو نہ ڪجو. سنڌ جا وسيلا سنڌين جي امانت آهن، انهن کي ميري اک کان بچائجو. سنڌي نوجوان بيروزگاريءَ جي گهاٽي ۾ پيڙهجي رهيا آهن، انهن کي حق حلال جي روزي ڪمائڻ جو موقعو ڏجو. سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ جي پارت اٿو ان کي مٽجڻ ۽ ميسارجڻ نہ ڏجو. ماضيءَ جي ناانصافين ۽ غيرقانوني قدمن کي پهرينءَ فرصت ۾ درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪجو. وڏيرن، خوشامدين، سفارشين ۽ نااهلن کان پاسو ڪجو.

سنڌي قوم هاڻي اڳ کان گهڻو وڌيڪ سجاڳ آهي. عام سنڌي ماڻهن ۾ جاڳرتا آهي. اسان جو نئون نسل وڌيڪ قابل، وڌيڪ سڄاڻ ۽ وڌيڪ وطن دوست آهي. اسان ۾ ماهر. قانوندان، ڊاڪٽر، اڪانامسٽ، تعليمدان، هڏڏوکي، اين جي اوز اديب ۽ عالمي شهرت رکندڙ ڏاها موجود آهن. اهي سڀ هڪ صلاحڪار ڪائونسل جوڙيو جيڪا هر ڏکئي مرحلي تي توهان کي سٺي صلاح ڏئي.

اڳتي مرضيءَ جا مالڪ آهيو لوهہ گرم آهي. سنڌين جي جنون، ديوانگي ۽ بي اختياريءَ مان فائدو وٺو يا وري وڏيرن، رئيسن ۽ اڌ مڪرين ۽ موقعي پرستن جي ڦهلايل ڄار ۾ ڦاسي وڃو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتي جو پيچ ۽ ڇٻو ٽيل نڙ

ٻوليءَ توڙي ادب يا ثقافت جي بچاءَ، واڌاري ۽ جيئڻدان لاءِ قومن کي ڪشالا ڪرڻا پوندا آهن. ڏينهن رات محنت ڪرڻي پوندي آهي، پنهنجو سک قربائي پاڻ ارپڻو پوندو آهي. اها جنگ آسان ناهي، مڪمل طور جهاد آهي. وڏاندري ويڙهاند آهي. ڏينهن اڌ، سال ۽ مهيني جو کيل ناهي، صدين جا سودا آهن. جن قومن اها جنگ لڙي آهي تن کان پڇي ڏسو تہ سسي نيزي پاند ڪيئن ٽيندي آهي؟

پري ڇو ٿا وڃو؟ بنگالين جو مثال توهان جي اکين سامهون آهي. جيڪي سمجهن ٿا تہ بنگالي هوڙهيائي ڪري اسان کان ڌار ٿيا، سي ڀليل آهن. بنگالين ان ڏينهن ڌار ٿيڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو جڏهن ٻوليءَ جي معاملي تي متن گوليون هلايون ويون هيون ۽ سندن شاگردن کي شهيد ڪيو ويو هو. هو پنهنجي ٻوليءَ، ادب ۽ ثقافت تان هٿ کڻڻ لاءِ تيار نہ هئا ۽ اردو جي حق ۾ ڏنل دليلن کي رد ڪري ڇڪا هئا، جن ۾ اردوءَ کي اسلام، قرارداد پاڪستان ۽ حب الوطنيءَ جي علامت طور پيش ڪيو ويو هو ۽ ڪنهن بہ ٻي ٻولي جي قومي ٻوليءَ طور ڳالهہ ڪرڻ ڪفر ۽ وطن دشمنيءَ جي برابر ٺهرايو ويو هو.

هڪ اهڙي قوم جنهن رضا خوشيءَ سان پاڪستان ۾ نہ صرف شامل ٿيڻ جي حامي ڀري هئي بلڪ سندس ليڊرن توڙي عوام پاڪستان جي قيام لاءِ وڏي جدوجهد ڪئي هئي. ان جي بنيادي حقن کي جڏهن نفرت جي نگاهہ سان ڏٺو ويو ۽ سندن جائز مطالبن کي پيرن هيٺان لتاڙيو ويو ۽ احتجاج ڪرڻ تي کين وطن دشمن ڄاڻائي سندن نوجوانن کي سرعام ڪُٺو ويو ۽ عورتن جي آبرو لُٽي وئي ۽ سندن وسيلن تي ڪاريهر وارو قبضو ڪيو ويو. تڏهن ظاهر آهي تہ هنن جي لاءِ ٻيو ڪو بہ رستو نہ بچيو ۽ هو هٿياربند جدوجهد تي لهي آيا ۽ آخرڪار آزاديءَ جو اعلان ڪري هميشہ هميشہ لاءِ ظلمي ٽولي کان جان ڇڏائي پاسيرا ٿي ويا.

هاڻي بنگلاديش هڪ آزاد ملڪ آهي. هنن کي پنهنجي ٻولي ڳالهائڻ کان ڪو بہ روڪي يا ٽوڪي نٿو سگهي. کين پنهنجي شاهوڪار ثقافت آهي جنهن ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عالمي معيار جو ناچ آهي، مصوري آهي، ويس وڳا آهن. هنن جي پنهنجي انوکي دنيا آهي جنهن ۾ هو آهن. سنڌن تاريخ آهي، ثقافتي ورثو آهي. علم ۽ ادب سان مالا مال آهي. ڪو ڪين ڪوجهو. ڪمتر يا اڻ سڌريل چوڻ وارو ڪونهي، ڪو سنڌن ڌرتيءَ تي غاصباڻو قبضو ڪرڻ وارو ناهي. ڪو مذهب، ملڪ يا نظرئي جي آڙ وٺي سنڌن حق ڦٻائڻ وارو ناهي. ڏکيا آهن، سکيا آهن، ڪاٺڻ لاءِ اٽن، نه اٽن، پائڻ لاءِ گنجي اٽن يا گوڏ، بهرحال هو آزاد آهن. ڪنهن جي آڏو حقن جي خيرات گهرڻ لاءِ هٿ نٿا ٽنگين. گوليون نٿا سهن. ويڙ نٿا ٻڌن. نياڻين جي ستر جو سودو نٿا ڪن. خدا ڪين خوش رکي ۽ سنڌن آزادي سلامت رکي. اسان جهڙن ڏتڙيل ۽ ڦريل صوبن لاءِ سهارو هئا. سنڌن ڏيڌ تي اسان جون به اپريون سيريون تحريڪون هلنديون هيون. هو ويا ته اسان به وهاڻو سيرانديءَ ڪري سمهي رهياسين. چور اکين سان ويٺا ڏسون پر ڪڇڻ جي مجال ناهي. ڏينهن ڏٺي جو ڌاڙا پيا لڳن پر ٻڙڪ ٻاهر ڪڍي نٿا سگهون. ڪوڙا ڪاريگر ظاهر ظهور هٿن جي صفائي پيا ڏيکارن پر اک جي اشاري سان به احتجاج ڪري نٿا سگهون. اسان ڪان وڌ مظلوم ٻيلا ٻيو ڪير هوندو؟ ڪچان ته ڪافر ٿيان، ماٺ ڪيان ته مشرڪ.

سڀ ڳالهيون صحيح، پر ڏوهه ورهائي ڪٿجي. مون کي خبر آهي ته اسان مان سچ ٻڌڻ لاءِ ڪو به ڇڱو مڙس تيار ڪونهي. ٻهريون ته سچ چوڻ وارا مصلحتن جو شڪار ٿي ماٺ ڪري ويهي رهيا آهن پر جيڪڏهن هرويرو ڪنهن کي لوچ ويهڻ نٿي ڏئي ته پوءِ وڌ ۾ وڌ علامتن، اشارن ۽ تشبيهن جي لڪل ستن پوشن ۾ ڪٿي نه ڪٿي سٽ ڏئي ٿا وٺن جنهن مان نه هوند نه شڪر. ڳالهه ۾ اها شدت ئي نٿي رهي جيڪا هڪ ستل قوم کي جهنجوڙي گهريءَ ننڊ مان ڇڪي سجاڳ پيدا ڪري سگهي. پر جي ڪٿي ڪنهن واقعي نعرو هڻي حقيقت بيان به ڪئي ته ڪنهن نه ڪنهن جي پيچ تي لت ته ضرور ايندي، ڪنهن نه ڪنهن جي منافقي پڪڙجي ته پوندي. ڪنهن نه ڪنهن جي پت وائکي ته ضرور ٿيندي پوءِ ان همراهه جي هاءِ گهوڙا. گارگند. گلا غيبت کان جان ڇڏائڻ مشڪل ٿيو پوي. مون کي اهي ڏک لڳل آهن. پاڻيءَ جا لڏڙا هر حيلو هلائي ڪردار ڪشيءَ تي سندرو ٻڌي ويهي رهيا آهن. ڪهڙي مڪاري، ڪهڙو الزام، ڪهڙي غلاظت اهڙي بچي هوندي جيڪا هنن پنهنجي ذات ۽ ڪردار تي نه لڳائي هوندي. پر مون کي مڪمل يقين آهي ۽ اطمينان آهي ۽ منهنجو اهو ايمان پڻ آهي ته ڪٿو ڪوٿيندو ته منهن ۾ پائيندو.

مان نهايت خلوص سان پنهنجي قوم ۽ ماڻهن کي سجاڳيءَ جو سڏ ڏيندو رهندس. اهو منهنجو سنڌ ۽ سنڌين سان وچن آهي. لڏڙا پل ته پيا پنهنجا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرتب ڏيکارين مون کي نه نالي جي پرواهه آهي ۽ نه سڪٽي وهه واهه جي. اها انهن کي مبارڪ هجي جيڪي تاڙين جو پٽڪو ٻڌڻ لاءِ اهو ڪجهه ٿا ڳالهائن، جنهن جي خود کين به خبر ناهي. مان هاڻي انهن ڳالهين کان چڙهي ويو آهيان. مون کي ان جي به پرواهه ڪونهي ته تازو ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ڪنهن نجي آرگنائيزيشن طرفان سڏايل ڪهاڻي ڪانفرنس ۾ پيو ته نهيو مون کي دعوت تائين نه ڏني وئي. افسوس ضرور ٿيو. مون کي پڪ آهي ته سنڌي ادب جي جديد دور ۾ منهنجو به ڪو ٿورو گهڻو حصو ضرور آهي. سنڌي سماج کي بيدار ڪرڻ ۾ پڻ ڪو نه ڪو ڪردار ضرور ادا ڪيو اٿم. چند اڀوجهه يا افلاطون ماڻهن جي نظرانداز ڪرڻ سان منهنجي صحت تي ڪو خاص اثر ڪو نه پوندو.

ها، ايترو ضرور ٿيندو ته عام ماڻهو انهن جاهلن کان واقف ٿي ويندا، جيڪي تعليمي ادارن ۾ وڏيون ڪرسيون والاري ويٺا آهن پر علم ۽ ادب کان بلڪل ڪورا آهن يا اهي جيڪي ادب جي ٺيڪيداريءَ جي دعويٰ ڪندي سنڌي ادب ۾ "وهي وهانويءَ" جي ڪلچر کي فروغ ڏيڻ ۾ ڏينهن رات مشغول آهن. خدا کين ساڃهه ڏيندو ۽ کين جانوراڻين خصلتن کان نجات ڏياريندو. شمشير الحيدري چواڻي "اهڙا ڪتي جا پڇ نڙکي چپو ڪري ڇڏيندا آهن پر پاڻ سڌا ڪو نه ٿيندا آهن."

ممتاز ڀٽي صاحب جي اڄوڪي بيان دراصل مون کي پراڻا پٽ ڦولهڻ تي مجبور ڪيو آهي. چيو اٿس "سنڌي قوم جي ٿيندڙ توهين ٻئي ملڪ ۾ ٿئي ها ته انقلاب اچي وڃي ها."

ان کان وڌو سچ ٻيو ڪوئي نٿو سگهي. شروع ۾ مون بنگال جي ڌار ٿيڻ جا سبب به ان ڪري ٿي ڄاڻايا آهن ته جيئن پنهنجن موجوده حالتن سان سندن ڀيٽ ڪري ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهجي. هونئن ته اسان پاڻ کي وڏا غيرتمند، بهادر ۽ ارڏا ٿا سمجهون، مهڙي تي ڪهاڙيون اپيون تي ٿيون وڃن. خون جا دريا وهي ٿا وڃن. سالن تائين پلاند ٿيندا ٿا رهن، ڪاروڪاريءَ جي راند ته اسان وٽ گُڏي گڏيءَ جو کيل ٿي پئي آهي. پر ٻنين ۽ ونين لاءِ سر جو سودو ڪندڙ اسان جا "جودا جوان" ان وقت ڪهڙي ٻر ۾ لڪي ٿا وڃن جڏهن سندن اڌ صوبي تي ڌاريا پنهنجو حق ڄمائڻ جي دعويٰ ٿا ڪن ۽ لساني فسادن ۾ سندن نياڻين جي ڇاتين تي ڏنبيا ٿا ڏين؟ اسان جي ٻولي ۽ ثقافت کي جهالت سان تشبيهه ٿا ڏين؟

ڇا اهي حالتون اهي ساڳيون حالتون ناهن جن تحت بنگالين اسان کان جان ڇڏائي هئي؟ ڇا اڄا اهو ڪجهه به ڏسڻ جو اوسيئڙو آهي جيڪو ڍاڪا، کلنا ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چٽگانگ وغيره ۾ بنگالي عورتن سان ڪيو ويو هو؟ ممتاز ڀٽي صاحب کي وري به شابس آهي جو وقتائتو سچ ته چيو اٿس. اسان جا پيا "دودا" الائي ڪهڙي غار ۾ غرق آهن؟

يارو حق وٺڻ لاءِ تحريڪون ضروري هونديون آهن ۽ تحريڪن لاءِ ادارن جو مستحڪم هئڻ لازمي آهي. بدقسمتيءَ سان اسان جي تعليمي، ادبي، ثقافتي توڙي نجي ادارن ۾ ڪا نه ڪا چٻ وڏي ڪرسي تي چڙهيو ويٺي آهي. اهڙين چٻن کي پنهنجي ذاتي شهرت ۽ ذاتي دشمنيون پاڙڻ کان فرصت ئي نٿي ملي جو قومي ڀلائي جو ڪو ڪم هٿ ۾ کڻي سگهن. اهو ته وري به ڀلو ٿئي پير مظهر ۽ سسئي پليجو جو جنهن اچڻ شرط کي ٽڪرا قدم کڻي متيءَ جي چند پنوڙن مان جان ڇڏائي پر منزل اڃا گهڻو دور آهي. ڪين تازيون تبديليون مبارڪ هجن. پر ديرپا منصوبن لاءِ کين هڪ دفعو وري به سنڌي سچائن سان صلاح ڪرڻي پوندي. قوم جي ڀلائي خاطر کين هر ان نوجوان کي اڳتي آڻڻو پوندو جن ۾ ڪا مٽيا آهي ۽ هر ان سينيئر دانشور جي رهنمائي وٺڻي پوندي جيڪو پنهنجي قول ۽ فعل سان سچو آهي.

نجي ادارن کي به هاڻي پنهنجي روش بدلڻي پوندي. کين پڻ ڪوچرائي ڇڏي قوم جي وسيع تر مفاد لاءِ ايمانداريءَ سان ڪم ڪرڻو پوندو. هر ماڻهو هر محاذ تي جڏهن ايمانداري ۽ سچائي سان اڏول ۽ اٽل ٿي بيهندو تڏهن موجوده حڪومت کي پڻ ساڻن انصاف ڪرڻ جو مضبوط دليل هٿ اچي ويندو هو. هو اسان جي جنگ نقط ان حالت ۾ وڙهڻ لاءِ تيار ٿيندا جڏهن اسان ۾ به ڪي ڪٽا ڏسندا. باقي جيڪڏهن "ڪهاڻي ڪانفرنس" وارو حال رهيو ته پوءِ ساجهر ئي رلهي ويڙهي سمهي رهون ته بهتر.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڏيءَ جو انصاف

ناجائز قبضو صرف زمين تي ئي ڪونہ ڪيو ويندو آهي، غيرقانوني، غيراخلاقي ۽ غير مهذب قبضا ماڻهن توڙي قومن جي ذهن، تهذيب، ٻولي ۽ مزاج تي بہ ڪيا ويندا آهن. اهي قبضا اهي ماڻهو ٽولا يا قومون ڪنديون آهن جن ڪي پنهنجي جهوليءَ ۾ ڪجهہ بہ نہ هوندو آهي نہ زمين، نہ تهذيب، نہ تمدن، نہ مزاج ۽ نہ وري ڪا گڏيل سڌريل ٻولي. اهي رولو ٽولا جڏهن ڪنهن سڪئي ستابي ملڪ ۾ ڪنهن طرح ڏڪا ڏوما جهلي اچي گڏ ٿيندا آهن، تڏهن پرائو ملڪ ۽ ان ملڪ جي خوشحالي ڏسي سندن گگ ڳڙي پوندي آهي ۽ پوءِ ويهي پاڻ ۾ سازشون جوڙيندا آهن تہ ڪهڙيءَ ريت اهو زمين ٽڪرو تہ ڦٻائجي ئي ڦٻائجي، پر اتان ماڻهن کي بہ ذهني طرح اهڙو تہ مفلوج ڪجي جو ڪائنات هر اها شيءِ وسري وڃي جيڪا سندن انفرادي سڃاڻپ طور دنيا ۾ هڪ خاص مقام ڏينديءَ هئي. ظاهر آهي تہ ڌرتيءَ کان پوءِ ٻي اهم سڃاڻپ آهي ٻولي ٻولي کان پوءِ آهن ريتون، رسمون ۽ روايتون، ماضي جي تاريخ، تاريخ جا اهڃاڻ ۽ انهن اهڃاڻن جي موجودگي. اهي سڀ شيون غاصبن جي هانوَ تي تور تي بيهنديون آهن. اندر ۾ وڍ پيا پوندا اٿن، دل تي چريون پيون وسنديون اٿن. پاڻ پلي وڻ وڻ جي ڪاٽي هجن، منجهن ٻي ڪا بہ هڪ جهڙائي نہ هجي پر غاصبن جو نہ دين نہ ڌرم، نہ ڪٽنب نہ قبيلو. ڪٿي ساڳيو هجي پر ٻئي جي مال تي ٽوپي نراڙ تي، ٻتا ٻتا ياڪر پائي، پاڻ ۾ اهڙيءَ طرح کير کنڊ ٿي ويندا آهن جو لڳندو آهي تہ هڪ ئي ابي امڙ جو اولاد آهن.

اڳي ٻاراڻي ڪتاب ۾ رامجي ۽ ٽن ٽگن جو سبق پڙهايو ويندو هو. هاڻي نصابي ماهرن پنهنجي قابليت ڏيکارڻ لاءِ اهي اهم ۽ وڻندڙ ۽ نصيحت ڀريا سبق هٽائي، پنهنجا ۽ پنهنجن مٽن ماٽن جا ۽ پنهنجن يارن دوستارن جا اڻ وڻندڙ اگرا ۽ اٽيا مضمون شامل ڪري شاگردن جو ارواح ئي ڪٽائي ڇڏيو آهي. مون کي ٻي اي جي نصاب تي رکيل سنڌيءَ جو ڪتاب ڏسڻ جي سعادت حاصل ٿي. ديدار ڪرڻ سان چوڏهن ئي طبق روشن ٿي ويم. مرتب پنهنجين مجرماڻين غلطين تي شرمسار

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيڻ بدران وڏي اڪ جي پڪائيءَ سان جڳهہ جڳهہ تي پنهنجو نالو ڇپرائڻ ضروري سمجهيو آهي. هر صفحي تي، هر مضمون تي، ڪنهن نہ ڪنهن بهاني هر هنڌ پنهنجو نالو نروار ڪري لکيو آهي. اڃا بہ دلچاءِ نہ ٿي اٿس تہ ڪنهن ميٽنگ جا Minutes بنا سبب جي ڇاپي ان جي آخر ۾ پنهنجي دستخط سان پڻ نوازيو آهي.
سڀ کان وڏيڪ ڏکوئيندڙ ۽ شرمناڪ ڳالهہ اها آهي تہ سنڌيءَ جو اهو نصابي ڪتاب انگريزي وانگر کابي هٿ کان شروع ٿئي ٿو ۽ ساڄي هٿ تي ختم ٿئي ٿو. اهڙا هٿ ٺوڪيا دانشور جيڪي هڪ اڌ اڌوگابرو مقالو لکي، مريدن جي زور ۽ پنهنجي اڻ ٿڪ تعريف ۽ نقلي مشهوريءَ جي ڏيڏ تي ٽوم مان جافران بڻجي ٿا وڃن، سي جڏهن پنهنجي قابليت ۽ لياقت جا جوهر ڏيکارڻ شروع ٿا ڪن، تڏهن ٻوليءَ کي ڪنهن ڏاڍي دشمن جي گهرج باقي نٿي رهي! خير، ان موضوع تي آئينده وڌيڪ تفصيل سان لکبو. في الحال رامجي ۽ ٽي ٽڳ.
رامجي هڪ ٻڪري ڳنهي گهر ڪاهيو پئي آيو جو رستي ۾ ٽن ٺڳن تاڙي ورتس. پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ اها ٻڪري ڪنهن اٽڪل بهاني سان رامجي کان ڇڏائڻي آهي، اهو سوچي هڪ ٻئي کان ڏار ٿي ڪجهہ پرپرو ٿي بيٺا. رامجي جڏهن پهرئين ٺڳ وٽ پهتو تڏهن هن چيس، "رامجي، هيءَ ڪتو ڪٿان آندو اٿئي؟"
رامجي چيو: "چريو آهين ڇا؟ ٻڪري کي ڪتو ٿو سڏين؟"
سڏ پنڌ تي ٻيو ٺڳ گڏيس، چيائين، "رامجي هيءَ ڪتو ڪنهن جو کنيو اٿئي؟" رامجي ٻڪري کي هٿ لائي ڏٺو ۽ پوءِ چيائين، "يار ڪمال آهي! توهان کي ٻڪري الائي ڇو ڪتو ٿي نظر اچي؟"
جڏهن ڪجهہ فاصلي کان پوءِ ٽئين ٺڳ بہ ساڳيو سوال ڪيو تڏهن رامجي کي پڪ ٿي وئي تہ سائنس دوکو ٿيو آهي. واپاري ٻڪريءَ جي بدران ڪيس واقعي ڪتو ڏئي ڇڏيو آهي. اهو سوچي ٻڪري کي ڇڏي ڏنائين ۽ ٺڳ پنهنجي ڪاميابيءَ تي ٺهڪ ڏيندا، ٻڪري ڪاهي هليا ويا.
اسان کي بہ ٺڳن جو ٽولو پلئہ پئجي ويو آهي. ڪڏهن اسلام جي نالي تي، ڪڏهن نظريہ پاڪستان جي نالي تي ۽ ڪڏهن حب الوطني جي نالي تي اسان کي ڦري ناس ڪيو اٿن. پنهنجي مطلب ڪارڻ ڪڏهن سنڌ کي سوڙهو ڪري سمائي، ون يونٽ جي حوالي ٿا ڪن تہ ڪڏهن ضلعن کي ڦٽائي ڇڪي تاڻي وڏو ظاهر ڪري، مٿن ڇرين ۽ خنجرن جو وسڪارو لائي، ٻن ٽن حصن ۾ ورهائي نوان ضلعا ٿا ناهين. ڪراچي ۽ حيدرآباد جا سڀ ضلعا ملائي سٽي گورنمينٽ کان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محروم ٿا ڪن. اردوءَ کي قومي زبان ڄاڻائي، پاڪ صاف ڪري، آب زم زم سان ڌوئي، محترم ۽ متبرڪ ٿا بنائين ۽ سنڌي ٻوليءَ کي اڇوت ڄاڻائي، ملڪ نيڪالي ڏئي، نيست ۽ نابود ڪرڻ جا ناپاڪ پهه ٿا پچائين. سنڌ ۾ مذهبي تهذيب ۽ تمدن کي زوري روشناس ڪرائڻ لاءِ فلمن، ناٽڪن ۽ مشاعرن جو سهارو ٿا وٺن ۽ سنڌ جي اصل تهذيب جا اهڃاڻ مٽائي، ملياميٽ ڪرڻ جا گهات ٿا گهڙين.

اهي ننگ ڪڏهن اجرڪ اوڍي پاڻ کي سنڌي ٿا چوائين ته ڪڏهن اجرڪ لاهي پاجامي ۽ واسڪوٽي ۾ نروار ٿي سنڌ ۾ ڌاري تهذيب جا وارث ٿي ٿا بيهن. اسان The great Train Robbery ته ٻڌي هئي پر هاڻي پنهنجن گناهگار اکين سان The Great Nation Robbery پيا ڏسون. عام ماڻهو ان اٽڪلبازيءَ، چالاڪي ۽ ننڳيءَ تي ته پيو ٿو ڦٿڪي پر اسان جا پنهنجا رهنما اسان جي ئي سونپيل ٽوپي پنهنجي مٿي تان لاهي سنڌن سر تي پيا سجائين. ستمر ظريفيءَ جي به ڪا حد ٿيندي آهي! جن اسان کي ڦريو، لٽيو بيحال ۽ بدحال ڪيو سي ته اسان جي ووٽن سان چونڊيل سرڪار جي هنج ۾ ويٺا آهن ۽ جن جا حق لٽيا ويا، وارثي کسي وئي ۽ ڌرتي ڦٻائي وئي، سي اڄ به ويڳاڻا، ويچارا ۽ ڌاريا ٿيو، ڪنهن ڪنڊ ۾ منهن لڪايو پيا گونگا ڳوڙها ڳاڙين! آڌيءَ جو انصاف ان کي چئبو آهي.

ميرن کي گهران لڳي هئي. اسان جو اڄو منهن به پنهنجن ئي ڪيو آهي. سالها سالن تائين آمرن ۽ جابرن جي لانگ بوٽن هيٺان لتاڙجڻ کان پوءِ، وڙهي جهڙي، قربانيون ڏئي، لٺيون کائي، جيل ڏسي، خاڪ ۽ خون جا دريا اڪري، اڃا چڪي تائي پنهنجي وارا مس ٿا ٿيون ته خود اسان جا ئي برسر اقتدار آنڌل مهرا، منهن ڦيرائي، هٿيار ڦٽائي، اسان تي ئي وار ڪرڻ لاءِ ڪڙڪي ٿا پون ۽ اسان هميشه جيان ڪٽيل جنگ هارائي، يتيم ٻار جيان، بي اجها، بي آسرا، ٽچڪندڙ رڻ پٽ ۾ هڪ دفعو ٻيهر پٽڪڻ ٿا لڳون.

اهي شهري حڪومتون جيڪي جنرل مشرف صاحب پنهنجي حڪمت عملي سان جوڙيون هيون، سي سندس آمراڻي ڦوهه جواني ۾ سندس ئي دست و بازو ٿي ڪم ڪنديون رهيون. هاڻي جڏهن هو صاحب جنرل نه رهيو آهي، تڏهن به سندس وفاداري جو ڪردار نڀائينديون رهن ٿيون ۽ جمهوري حڪومت سان اڻ پور وڇوٽيءَ جيان گڏوگڏ هلن ٿيون ۽ اهي ئي اختيار استعمال ڪن ٿيون، جيڪي هوند صوبائي سرڪار استعمال ڪري. ٻين لفظن ۾ ايئن ڪٿي چئجي ته سنڌ جي صوبائي سرڪار جو وس نه ڪراچيءَ تي آهي ۽ نه حيدرآباد تي، سنڌن لٺ وسندي ته وري به سنڌ جي ڪنگال حصن تي. شروع شروع ۾ هڪ ٻن اڙينگ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وزيرن ڪراچي جي شهري گورنمينٽ جي ڪجهه ادارن سان هٿ چراند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر وريو ڪجهه به ڪو نه ٿوري گهٽي لڏ جيڪا باقي وڃي بچي هئي، سا به "ٽوپي ڊپلوميسي" جي ور چڙهي وئي. "ادو مئو ادي چائي، اسان اوتري جا اوترا" ـ منهنجو ڪٿي آيو خير سان، هو جمالو!

ان ئي شهري حڪومت پاڻ کي سئو سيڪڙو حلفيا طور سنڌي چوائڻ کان پوءِ ۾ هر طرح سنڌ جي حلالي فرزندن جا حق بجا آڻڻ جي واعدن کان پوءِ ۾ ٽوپي ٽوپي راند جي ختم ٿيڻ کان پوءِ به عالمي مشاعرا ڪرايا. اها ڳالهه گذريل هفتي ۾ ان کان به چار ڏهاڙا اڳ جي آهي. هڪڙو عالمي مشاعرو ڪراچيءَ ۾ ٿيو ۽ ٻيو حيدرآباد ۾ خرچ پڪو شهري حڪومتن جو يعني سنڌين جو. سڏايا ويا هندستان جا اردو شاعر. هتان جي لوڊ به اجميرين، دهلوين ۽ لکنوين تي ٻڌل هئي. هڪ ٻه سنڌي به نظر ڏنياٽيءَ طور سڏايا ويا هئا، جيڪي ڌارين جي هجوم ۾ ايئن پئي لڳا جيئن ڪوٽ لالوءَ جو ڪولهي ڪئناڊا ۾.

هي همراهه جيڪي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ چاليهه سيڪڙو حصو وٺڻ لاءِ ور ڪنجيو وتن رلندا ۽ چاليهه سيڪڙو زوري وٺڻ کان پوءِ ٻيو چاليهو سيڪڙو ارهه زورائيءَ سان کسيندا، سي موٽ ۾ اسان کي هڪ سيڪڙو ڏيڻ لاءِ به تيار ناهن. ذاتي طور مان مشاعرن جو حامي ناهيان، پر اصولي ڳالهه نه ڪرڻ به ناانصافي ٿيندي.

هڪ ٻي اصولي ڳالهه اها ته آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ۾ تقريباً 4ـ5 هزار ميمبر آهن جن مان سنڌي هڪ سئو کان مٿي هرگز ناهن. ايئن ناهي ته سنڌي دلچسپي نٿا وٺن. جيستائين مون کي خبر آهي ته سنڌين جون سوين درخواستون سالن کان پيو ٿيون سڙن ۾ هوڏانهن هو پنهنجن دڪاندارن، اسٽيٽ انجنيئرن ۽ ننڍين وڏن ڏنڌوڙين ۾ پيا ٿا ميمبرشپ ورهائين. ظاهر آهي ته آرٽس ڪائونسل جي هر روز ٿيندڙ ڪنهن نه ڪنهن فنڪشن مان ڪنهن به هڪ جو واسطو سنڌين سان ناهي. چاليهارو ڪن عهديدارن مان هڪ به سنڌي عهديدار ناهي. هو به عالمي مشاعرا ۽ مذاڪرا ڪرائيندا رهندا آهن پر اڄ تائين ڪنهن به هڪ سنڌيءَ کي ٻاهران دعوت ڏئي نه گهرايو اٿن.

اجهو هاڻي وري "اپنا ڪراچي" جو رينگٽ شروع ٿي ويو آهي. اڳي جيان ان ۾ به ڪراچيءَ جي اصلي ڌڻين جو حشر ڏسي ونجو. ان ڪري ئي چيو هوم ته ناجائز قبضا صرف زمينن تي نه ٿيندا آهن. ٻولي، ثقافت ۽ ذهنيت تي پڻ ٿيندا آهن ۽ اهڙن ناجائز قبضن جو ڏنو وائٺو ثبوت اسان جي سامهون آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورهاڱي ڪان اڳ جو لکيل هڪ مزاحيہ ڊرامون ڪتابي شڪل ۾ "آڌيءَ جو انصاف" نالي سان پڙهيو هوم. ليکڪ جو نالو وسري ويو اٿم پر ڪتاب دلچسپ هئڻ سبب اڄ بہ ياد اٿم. سڄو ڊرامو نظم ۾ آهي ۽ تڪبندي سبب ڊائلاگن جي حسن ۾ اضافو ٿئي ٿو.

قصو هيئن آهي تہ مني ٻائيءَ جو مڙس دارونءَ جي نشي ۾ زال جو نڪ ڪپي ٿو وجهي. مائي ڪورٽ ۾ فرياد ٿي ڪري، ڪورٽ سڄوري اڌ رات ڪان پوءِ لڳندي آهي ۽ جج سڳورا گوڏ ۽ گنجيءَ ۾ انصاف جي ڪرسي تي ويهندا آهن ۽ وڪيل توڙي سرڪاري وڪيل فراسيون ۽ غاليچا ٻڌي دليل ڏيندا آهن. مني ٻائي گهٽو ٿي ٿي ٻاڪاري، پنهنجو ڪپيل نڪ شاهدي طور پيش ٿي ڪري پر عدل ۽ انصاف جا رکوالا سندس مڙس کي باعزت بري ڪري ٿا ڇڏين ۽ مني ٻائي کي قصور وار ٿا ٺهرائين ۽ پوءِ انصاف انصاف جا نعرا هڻندا عدالت ختم ڪرڻ جو اعلان ٿا ڪن.

اسان سنڌين سان ٿيندڙ موجوده انصاف بہ آڌيءَ جي انصاف کان ڪنهن بہ ريت گهٽ ناهي. اعتبار نہ اچيوَ تہ سنڌين جو ڪپيل نڪ ڏسو ۽ سندن ٻاڪارون ٻڌو ۽ انصاف جي ڪرسين تي ويٺل حاڪمن جي فتوي ٻڌو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امين فهيم جو دائمي درد

27 ڊسمبر جي قهري شام ظلم جو اهو داستان اکين سان ڏٺو جنهن ڪربلا جي ڪوس جي ياد تازي ڪري ڇڏي. پوري دنيا ۾ ماتم برپا ٿي ويو جو جتي سو تتي غم ۽ الم جي تصوير بڻجي ويو. هر طرف ڪهرام مچي ويو ويچاري سنڌ، جنهن گذريل سٺ سالن ۾ خوشيءَ جي هڪ گهڙي به نه ڏٺي هئي، سا هڪ ٻيو زخم کائي سور کان ٻيٽي ٿي وئي. اميد جي آخري شمع به گل ٿي وئي. آس جا سهارا ويندا رهيا. دل جي دنيا اجڙي وئي. آمراڻي ۽ غاصباڻي ٽولي مان نجات جي جيڪا مڌم لاٽ ماڻهن جي دلين ۾ روشن ٿي هئي، هوا جي هڪ ئي جهوٽي سان اجهامي وئي. سنڌي هڪ دفعو وري ۽ شايد آخري بار يتيم ٿي ويا! جياپي جي جنگ لڙندي لڙندي هو رتوڇاڻ ته اڳ ئي هئا. بينظير جي شهادت کين سڪرات جي پوئين پهر تائين پهچائي ڇڏيو. ان غم ۾ آصف زرداري ۽ سندس ٻار سڀ کان وڌيڪ جهڄي، پڄي، پري پيا. پارٽيءَ جا عهديدار ورڪر ۽ همدرد پڻ نڍال آهن. دشمن توڙي دوست جي اک آلي آهي. هر گهر مان آهون ۽ صدائون گونجن ٿيون. ايئن ٿو لڳي ڄڻ هر پڌر مان جنازو کڄيو آهي، راڙو آهي، ماتام آهي، ڪهرام آهي.

اهڙي سمي هڪ شخص اهو به آهي، جنهن جي دل ۾ ڇپيل درد جو ڪاٿو ئي ڪونهي، پر پوءِ به ڇهري تي غم جو بادل ڇانئڻ نه ڏنو اٿائين. من ۾ مانڌاڻ اٿس، پر لوڪ اڳيان لڙڪ نه لاڙيو اٿائين. ساهه ساهه ۾ سڏڪو سمايل اٿس پر ٻاهر ٻاڦ نه ڪڍي اٿائين ۽ اهو آهي مخدوم محمد امين فهيم، مخدوم محمد زمان طالب المولي جو محبوب فرزند. پنهنجي والد جي نفاست، شرافت، نماڻائي ۽ نهٺائيءَ جي زندهه تصوير. شاعر آهي، حساس به هوندو عام ماڻهن کان وڌيڪ من ۾ ڪنڊو چڀندو محسوس ڪندو هوندو. شهيد راڻيءَ سان آخري گهڙيءَ تائين ساٿ نڀايائين. ايتري قدر جو سندس آخري ساهه به سروري جماعت جي سربراهه جي هٿن ۾ پورا ٿيا. هن جمهوريت جي آخري ويڙهاڪ جي آخري هڏڪي به سڀ کان قريب ٻڌي ۽ سنڌ جي نياڻيءَ جي اجهامندڙ اکين ۾ پنهنجو عڪس به آخري بار ڏٺو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بينظير جو موت، جنهن تي هماليا به رنو هو ۽ تارن منهن لڪائي سڏڪا پريا هئا ۽ ڌرتي محورتان هٽي ورلاپ ڪيا هئا ۽ هر طرف باهه جا شعلا اٿيا هئا ۽ هٿيارن کي ڄڻ زبان ملي ويئي هئي ۽ صدين کان ستل سنڌي قوم شير جيان گجگوڙ ڪري جاڳي پئي هئي. پر پوءِ به امين فهيم اٽل ۽ اڏول بٺيو پٿر جي مورتيءَ جيان بيٺو رهيو. هن پنهنجي اندر جي اٿاهه درد کي دل ۾ دٻائي ڇڏيو هو ۽ روح جي راڙي کي مائو ڪري ڇڏيو هو. هو نه رنو نه رڙيو نه دانهن ڪوڪ يا فرياد ڪيائين. هڪ بردبار ۽ سنجيده انسان جيان سانحي جو سور چپ چاپ پيئندو رهيو.

مخدوم طالب المولىٰ سنڌ جو هڪ امر Legend تي گذريو آهي. لڪين مريدن جو پير هو پر طبيعت فقيراڻي هئس. شاعر هو ذات پات، قدبت، شڪل صورت ۽ سماجي رتبي کان بي نياز. هر ان شخص کي جيءَ ۾ جايون ڏيندو هو جيڪو علم ۽ ادب جو پانڌيئڙو هو. اولاد کي پڻ درويشي ورثي ۾ ڏئي ويو. ذوالفقار علي ڀٽي سان جيڪو وعدو ڪيائين ان تي آخري دم تائين قائم رهيو. ڪو به آمر، ڪو به جابر، ڪو به زور آور ڪيس نه خريدي سگهيو نه روڪي سگهيو ۽ نه وري جهڪائي سگهيو. ويندي وقت وفاداريءَ جي اها وراثت پنهنجي پياري فرزند امين فهيم جي سپرد ڪندو ويو ۽ امين فهيم پنهنجي خانداني روايت جو شانُ ۽ مانُ رکندي اها روايت خوب نڀائي. بينظير جو ساڄو هٿ تي رهيو. ڏکيءَ ۾ سکيءَ ۾ ساٿس گڏ رهيو. پيڻ ڇيو هئائين ۽ پاءُ جو حق ڀرپور نموني ادا ڪيائين. به دفعا وزيراعظم جي آڇ ٺيس ۽ ٻئي دفعا ٺڪرائي ڇڏيائين. به دفعا خودڪش حملا ٿيس ۽ ٻئي دفعا محترمه جي پير ۾ رهيو. ورنه هن دور ۾ پير ۽ مرشد ته فقط اشاري وهيٽا وينا هوندا آهن. ڪٿان سٽيو ٺڪر مليو ته جماعت سوڌو وڃي اتي ڦهڪو ڪندا. ڇا جا اصول، ڇا جا واعدا، ڇا جو شرم، ڇا جو حياءُ؟

امين فهيم گهٽو ڪجهه ڪري سگهيو ٿي، پر هن ويڙهيچن سان وچن نڀايو. گرميءَ توڙي سرديءَ ۾ پنهنجي پارٽيءَ ۽ پنهنجي ليڊر سان گڏ رهيو. سنڌ جي پيراڻي ڪل ۾ اها نئين روايت آهي ۽ فقيري ٽولي جي قديم رسم آهي. مون کي چڱيءَ طرح اندازو آهي ته امين سائينءَ جي دل هن سانحي تي خون جا ڳوڙها روئندي هوندي، پيڻ بينظير جي شهادت سندس اندر وڍي به اڌ ڪري ڇڏيو هوندو. هن جي شاعراڻي ۽ حساس من ۾ مانڌاڻ متل هوندو. ان هوندي به جنهن صبر ۽ سنجيدگي ۽ شان جو هو مظاهرو ڪري رهيو آهي، اهو فقط سنڌي صوفين جي سوچ جو هڪ رخ ڇٽي سگهجي ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي سوداگر سياسي اڳواڻن لاءِ مخدوم صاحب جي شخصيت هڪ شفاف آئينو آهي، جنهن ۾ هو پنهنجي مڪروهه شڪل ڏسن ۽ پنهنجي پاڻ کان سوال پڇن تہ عوام جي دل ۾ گهر ڪرڻ لاءِ ڪين ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ڇا ڪرسي ئي سڀ ڪجهه آهي؟ ڪين خود ئي جواب ملي ويندو تہ نہ شرافت ئي سڀ ڪجهه آهي، جيڪا بدقسمتيءَ سان هنن مان گهٽ ناهي ۽ شرافت، رواداري، وفاداري، نڀائي، نماڻائي توڙي سنجيدگي نہ پاور سان خريدي سگهبي آهي ۽ نہ وري پئسي سان. اها فقط ۽ فقط شريفاڻي خون ۾ شامل هوندي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجا سنڌي سڄڻو!

منهنجا سنڌي سڄڻو توهان باهہ جو درياهہ اڪري پار پيا آهيو. هماليا سرڪيو اٿوَ جهونا ڳڙهہ جهوري وڌي اٿو سچ پچو تہ سالن جي سڪ لاهي چڙي اٿو. دل تي چوي تہ هڪ هڪ سان ياڪر پائي ڪيس خوب پيار ڪيان. هڪ هڪ کي واڌايون ڏيان. هڪ هڪ جا هٿ چمان!

پر ڇا اها ئي توهان جي منزل آهي؟ اڳتي ڪجهہ بہ ناهي؟ ڇا، اتي ئي ساهي پٽڻ ويهي رهون؟ اتي ئي خيما کوڙي لت ڌئي سمهي پئون؟ بس، اهو ئي ڪجهہ ڪرڻو هو جو ڪيو اٿئون يا پيو بہ گهڻو ڪجهہ رهيل آهي؟

ظاهر آهي جن جا ٻچا ڌڳريون هٿن ۾ ڪٽي هر روز رات جو مايوس گهر موٽندا هوندا، جن جا گهر ياتي قبيلائي دشمنين سبب راتيون جاڳي پهرو ڏيندا هوندا. جن جي گنديءَ ۾ سياٽي ڪائڻ جيترا داڻا نہ هوندا، جن جي مٽي تي ڇت نہ هوندي، جن جي تن تي اوڍڻ لاءِ پيو جوڙو نہ هوندو اهي سڀ گڏجي هڪ زبان ٿي چوندا تہ نہ اسان جي منزل تہ اڃا گهڻو گهڻو پري آهي. اسان کي تہ اڃا گهڻو پنڌ ڪرڻو آهي، جبل جهاڳڻو آهي، وندر ووڙڻو آهي. هيءَ تہ فقط پهريون قدم آهي. اڃا ڪوهن جو سفر باقي آهي.

سنڌي سڄڻو ان ڪان اڳ جو مان توهان سان وڌيڪ دل جو حال اوريان، هڪ ڳالهہ صاف صاف ٻڌائڻ چاهيان ٿو ڪن کولي ٻڌو! توهان کي نہ تہ ڪو توهان جو چونڊيل ميمبر ڪم ايندو نہ ڪا پارٽي سات ڏيندي، نہ وري ڪو حاڪم وڏيرو يا نڌيرو توهان سان همراهہ ٿي بيهندو. هرڪو پنهنجي مطلب جو آهي، ”ڪم لٿو ڏکڻ وسريو!“ اڳ بہ پنهنجي سر تي وسائي اٿو هاڻي بہ ڳن توهان کي ئي ڏيڻا آهن، ان ڪري سڄڻو ڪنهن بہ خوش فهميءَ ۾ مبتلا ٿي وهاڻو سيرانديءَ ڪري سمهي نہ پئجو. مفادن جي جنگ شروع ٿي چڪي آهي. رسنديءَ وارن هاڻي ڪان ٿي ڪلف وارا ڪپڙا ڪڍي رکيا آهن. چيڪاٽ وارا بوٽ پالش ڪرائي چڙيا آهن ۽ دعوتن لاءِ در تي ٻڪر ٻڌي چڙيا آهن. تو مون پارا هنيوچي هٽڻ وارا رڳو در

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين پهتا تہ سمجهو لک ڪٿيوسين. ٻڌو ڪو نہ اٿوَ تہ "لنيون جهلي پولڙو ڪٿيو ڪائي فقير" عقلمند کي اشارو ڪافي آهي. وڏيڪ پاڻ سياڻا آهيو.

ڏسڻو اهو آهي تہ اسان "گُت خلق" جا ڪهڙا مسئلا آهن ۽ انهن کي ڪيئن منهن ڏجي. ظاهر آهي چند ڳالهيون اهڙيون آهن جي اسان جي وس کان ٻاهر هونديون آهن. فقط حاڪم ئي حل ڪري سگهندا. پاڻي، ناڻو روزگار صحت، تعليم وغيره جا مامرا اسان ۽ اوهان ووٽ ڏئي حوالي ڪري ڇڏيا ايندڙ سرڪار جي حوالي. ان ۾ قانون جي حڪمراني، انصاف، امن امان جي صورتحال وغيره بہ شامل ڪري ڇڏيو مهانگائيءَ جو بار بہ وجهوس مٿان، پرڏيهي پاليسي، دهشتگردي ۽ ملڪي دفاع بہ عام ماڻهوءَ جي وس جي ڳالهہ ناهي. تہ پوءِ توهان پڇندا تہ باقي ڇا بچيو جيڪو اسان جي ڪرڻ جوڳو آهي؟ ان سوال جو جواب وٺڻ کان اڳ اسان کي پنهنجي قد بت، وِت ۽ اوقات جو جائزو وٺڻو پوندو. ياد رهي تہ "اسان" مان مراد آهي "اسان سنڌي"

نہ شڪ ڪجو نہ شرم، نہ ميار ڏجو نہ مهڻو نہ ڪِنجهجو نہ گُرڪجو ۽ نہ وري ڪاوڙ ۾ ڏند ڪرٽجو. جي ڪرو ڪهرو ۽ ڪڙو سچ ٻڌڻ ٿا چاهيو تہ گذريل سٺ سالن ۾ (سواءِ چند سالن جي) هن ملڪ جي هر حڪمران اسان کي "پاڙئي جي جوءِ" کان وڌيڪ ذري جي بہ اهميت ڪو نہ ڏني آهي. يتيمن لاءِ بہ ادارا آهن، جيڪي سنڌن پرگهور لهندا آهن. خدا ترس ماڻهو بہ پيا آهن، جيڪي سنڌن مٿي تي ٻاجهہ جو هٿ رکندا آهن. پرڏيهي حڪومت ۽ انهن جون اين جي اوز بہ اهو خير جو ڪم ڪنديون آهن پر اسان اهڙا اڻ وٽندڙ نڌڻڪا ۽ نياڻگا يتيم آهيون، جن تي نہ ڪنهن ڪهل ڪئي، نہ ٻاجهہ نہ خدا ترسي، جيڪو آيو تنهن اڳئين کان وڌ سور ڏنا. اڃو منهن اسان جو پنهنجو بہ هو پر دانگي ٻين گهمائي. زمين وئي ٻولي وئي. روزگار ويو. امن امان ويو سک ۽ سهانگائي وئي. پينگ ٽي وئي. مورڳو جڳ جي اڳيان مياردار ۽ ٻچڙابہ اسان ئي ٿياسين. تعصب، تنگدلي، وطن دشمني ۽ پرڏيهي ايجنٽن جا لقب بہ اسان کي مليا. اڻ سڌريل ۽ جهنگلي بہ اسان ٿياسين. بي دين ملحد ۽ ڪافر جا خطاب بہ اسان ئي ماڻيا. ڪو هيڏانهن ٺڦ وهايو ڪيدي ڪو هوڏانهن چوڪ ڏيو ڇڏي ڪو سٽڻ مان ڇڪي، ڪو ڪالر کي پٽي، ڪو ڌڪو ڏئي، ڪو ڌونڌاڙي، ڳڄڻ چاهيو تہ ڪڇڻ نہ ڏين، روئون تہ روئڻ نہ ڏين. دانهن ڪوڪ جي تہ ٻنهہ اجازت ئي ڪانهي، ڦٽڪون تہ ڦٽڪڻ تي پابندي وڃون تہ وڃون ڪيڏانهن؟ ڪيون تہ ڪيون ڇا؟ جيئون تہ جيئون ڪيئن؟

ان وچ ۾ ڦري ناڙُ ڪري ڇڏيائون. چئي تہ "شهر بہ اسان جا، روزگار بہ اسان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو زمين بہ اسان جي، زبان بہ اسان جي، ادارا بہ اسان جا. توهان وچي آڳريون چوپيو گهمو ڦرو تہ هوا لڳيڙ گهٽو گهٽو ڪندؤ تہ ٻوري تيار آهي.“

هاڻي حال اهو آهي جو ذري گهٽ شهرن مان ٿا تڙجون. نوجوان بيروزگاريءَ کان عاجز ٿي وڃن ٿا. نشي پتي تي لهن يا ڌوهاري ٿين يا مورڳو آپگهات ڪري جان ڏين. غربت موذي مرض جيان وڪوڙي وئي آهي هڪ ويلو آهي تہ ٻيو ڪائڻ لاءِ ڪونهي. هڪ جوڙو آهي تہ اهو لٿو ڪونهي جنهن جو انگوڇو ٻڌي ڪٽي ميرو جوڙو ڌوئجي. ايتري اميد ناهي تہ صبح جو گهران نڪتا آهيون تہ شام جو صحيح سلامت موٽي بہ ايندا سين يا ڪٺ تي ڪٺائي ايندا.

پيارا سنڌيو مون کان وڌيڪ حال توهان کي ساريو پيو آهي. ورجائڻ سان تڪليف وڌندي. ان ڪري وڌيڪ وو نہ چونداسين. سوچڻو اهو آهي تہ موجوده سجاڳيءَ جي لهر کي پنهنجي طاقت ۾ تبديل ڪندي هاڻي اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ مان اهو تہ ڪو نہ چوندس تہ پنهنجا فرج ۽ ٽيليويزن وڪڻي پنهنجو دفاع ڪيو ڇو تہ مون کي خبر آهي تہ اسان جا اسي سيڪڙو کان بہ وڌ سنڌي غربت جي ليڪي هيٺ ايپپائن واري زندگي گهاري رهيا آهن. هو فرج ۽ ٽي وي جو تہ تصور بہ ڪري نٿا سگهن. ها، ايترو ضرور چوندس تہ پنهنجي بچاءَ جو بندوبست ضرور ڪيو ۽ جلدي ڪيو ڇو تہ تمام ڏکيا ڏينهن جلد اچڻ وارا آهن. خانداني ۽ قومي جهيڙن کي جيترو جلد ٿي سگهي نبيري وٺو جو اها طاقت گڏيل صورت ۾ توهان جي ڪم ايندي، چورن، ڌاڙيلن، پاٿاريدارن ۽ رهزنن کي هٿيڪو ڪيو جو اهي توهان کي ڪمزور ڪري رهيا آهن. سياسي رهنمائن تي پريشر جاري رکو جو انهن کي توهان پنهنجو نمائندو چونڊيو آهي. بينظير صاحبہ جي شهادت کان پوءِ اسان ويڳاڻا ٿي ويا آهيون ۽ ان ويڳاڻپ ۾ واڌارو ٿيو آهي. اليڪشن کان پوءِ اسان جا نمائندا اهڙا فيصلا ڪري رهيا آهن. جن ۾ اها دانائي ۽ گهرائي نظر نٿي اچي جنهن جي اسان کي اميد هئي.

تعليم اسان جو اهم مسئلو آهي، سنڌ جي ننڍين شهرن ۽ ڳوٺن ۾ معياري اسڪول ڪونهن. سرڪاري تعليمي ادارا ان لائق بہ ناهن جو ماڻهو انهن ۾ پنهنجا گڏهہ ٻڌن. ان جي برعڪس شهرن ۾ جديد کان جديد طرز جا ادارا کلندا پيا وڃن. ظاهر آهي تہ اهڙي تعليم پرائيندڙ شاگرد زندگيءَ جي هر شعبي ۾ سڀ کان اڳتي هوندا ۽ اسان جا ٻار بي اي ڪرڻ کان پوءِ بہ پٽيواليءَ جي لائق نہ رهندا. سنڌ جي هڏ ڏوکين، خاص طور مجيل NGOs کي منهنجي گذارش آهي تہ هو متحرڪ ٿين زيبسٽ کي خاص طور تي عرض آهي تہ هو پنهنجي برانچن جو ڄار وسيع ڪري،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرنديءَ وارا خدا ڪارڻ نہ سهي، بزنيس سمجهي ئي ننڍين ننڍين شهرن ۾ انگريزي ميڊيم اسڪول کولن ۽ پڙهائڻ لاءِ قابل استادن جون خدمتون حاصل ڪن. ثواب جو ثواب، ڪمائي جي ڪمائي. ڪين مان گارنٽي ٿو ڏيان تہ انهي تعليمي ادارن مان هو ايترو ڌن حاصل ڪير ويندا، جيترو شايد هو ڪا فيڪٽري لڳائڻ سان بہ ڪمائي نہ سگهن.

ٻارن کي پڙهايو. پڙهائي رائيگان نہ ويندي آهي. ڀل نوڪري نہ ڪن. بلڪہ نوڪري ڪن ئي نہ تہ چڱو. ڇو تہ ڏنڌي ۾ وڏي دولت آهي. نوڪري توڪري آهي. پنهنجو بزنس ڪٿي ڪيترو بہ معمولي ڇو نہ هجي، وري بہ پنهنجو آهي. هاڻي اسان کي مٿي مان نوڪري جو سوداءُ ڪڍي ڇڏڻ گهرجي. ڪو نہ ملندي ملندي تہ بہ محدود ۽ مقرر آمدنيءَ مان پورت ڪرڻ ناممڪن آهي. اڳتي هلي اهو تورو گهٽو گذران بہ مشڪل ٿي پوندو ان ڪري چڱو آهي تہ ٻارن کي هنر سيکاريو بجليءَ جو مڪينڪ جو، پلمبنگ جو، فرنيچر جو، ويلڊنگ جو ننڍڙي پيماني تي ڪاروبار ڪرايو. ريڙهي لڳايو رڪشا هلايو دڪان کوليو ميڊيا جا رپورٽر ٿيو. خبرون پڙهو ڪئميرامين ٿيو ٽيڪنيشن ٿيو. واندا نہ ويهو. ڪجهہ ڪندا رهو. خوشحال ٿيو سنڌي خوشحال ٿيا تہ ڪير بہ سنڌن وار ونگو ڪري نہ سگهندو. خوجن کي ڏسو ميمڻن کي ڏسو. بوهرين کي ڏسو اٿن ڪا سياست جي پچار؟ ڏٺو اٿو ڪين ڪڏهن جلوس ڪيندي يا نعرا هڻندي؟ سنڌي هندن دنيا ۾ نالو ڪڍيو آهي سو بہ ڪاروبار ۽ واپار جي حوالي سان. دنيا جو شاهوڪار ترين ماڻهو مڪيش انباڻي بہ تہ سنڌي آهي. هندو بہ سنڌي آهن. رام بخشاڻي توڙي مورج منگهناڻي بہ سنڌي آهن. ڊالرن ۾ ارب پتي آهن. ورهاڱي کان پوءِ ڪنگال ٿي پهتا هئا هندستان ۾. پيءُ نيلها لڳائيندا هئا ۽ مائون پاپڙ وڪڻنديون هيون. اڄ محنت سان ڪٿي وڃي پهتا آهن! اسان بہ تہ ان ئي مٽيءَ مان جڙيل ماڻهو آهيون. اسان بہ اهو ڪجهہ ڪري سگهون ٿا بلڪہ ان کان گهٽو وڌيڪ ڪري سگهون ٿا. پوري هندستان ۾ مون هڪ بہ سنڌي هندوءَ کي پنندو نہ ڏٺو نہ ٻڌو. اتان جي آباديءَ جو ڪل هڪ سيڪڙو بہ ناهن پر سڄي ملڪ تي ڇانيل آهن. انڊسٽري، ايڪسپورٽ، فلمي دنيا، بينڪون، هوٽل، جهاز راني، بيڪريون، مٺايون، ڪيسٽ ۽ ڪمپيوٽر مطلب تہ هر ميدان ۾ اڳتي آهن.

ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ اسان جا ڇوڪرا ماءُ پيءُ جي پگهر جي پورهئي جا ڏوڪڙ نوابيءَ ۾ اڏائڻ جا ماهر آهن. پڙهندا ڪو نہ لڏ رکڻ لاءِ داداگريون ڪندا. جهيڙا جهڳڙا ۽ فساد ڪندا. گرلز هاسٽلن جا طواف ڪندا ۽ پوءِ جڏهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امتحان ايندا تہ هٿيارن جي زور تي ڪاپي ڪندا يا اتو پڏي سفارشن تي نڪرندا. اهڙا چنڊا پاس بہ ڪٿي تي ويندا تہ بہ لياقت نہ هئڻ سبب پنهنجي بہ خواري ڪرائيندا ۽ سڄي سنڌي قوم کي بہ ڪلٽهار ڪرائيندا. محنت ڪانهي. اسان جي هڏن ۾ ڪاهلي گهر ڪري وئي آهي. چئون تہ جيڪر وات ۾ گرهہ بہ پيو ڪو وجهي. پورهئي کي جيترو سنڌين عيب سمجهيو آهي، دنيا جي ٻي ڪنهن بہ قوم ايئن نہ سمجهيو آهي. خوابن جي دنيا ۾ رهون ٿا. فلمي ڪهاڻين وانگر راتو رات بنگلن ۽ ڪارن جا مالڪ ٿيڻ چاهيون ٿا.ا سان کي اوچتو مليل دولت جا انبار گهرجن. نٽ نانگر گهرجن. ناهوڪڙين جوانڙين جا هجوم گهرجن. اهي خواب جڏهن پورا نٿا ٿين تڏهن مايوسيءَ ۾ ڪنهن ٻي کي نقصان ٿا پهچايون يا پاڻ کي ماري ٿا وجهون. خوشحالي خوابن ۽ خيالي پلاءُ پچائڻ سان ڪو نہ ايندي آهي، ان لاءِ راتيون جاڳي، ڪشالا ڪڍي، محنت ڪرڻي پوندي آهي. پگهر وهائڻو پوندو آهي. سک ڦتائڻو نپوندو آهي. ها البتہ سچيون قومون ڪميونٽيءَ جي بنياد پنهنجن هيڻن ماڻهن جي مالي توڙي اخلاقي مدد ضرور ڪنديون آهن. ڪين ڪِرڻ کان اڳ سنڀالي وٺنديون آهن. چندو ڪري ڪو ڏنڊو ڏاڙي هلائي ڏينديون آهن. مرڻي پرڻي سهائتا جو هٿ وڌائينديون آهن. اسان جي وڏيرن وانگر خودغرض تي فقط پنهنجي لاءِ ڪو نہ جيئنديون آهن.

منهنجا پيارا سنڌيو! وقت ڏاڍي ظالم شيءِ آهي. هڪ وار هٿن مان نڪري ويو تہ پيهر ڪو نہ ملندو. هيءُ وقت آهي تہ اسان اٿي کڙا ٿيون. پنهنجي بچاءَ جو بہ سوچيون ۽ بقا جي بہ ڳڻتي ڪيون، همت ڪيون، مڙس ماڻهو ٿيون. توهان جي پهچ کان ڪا ڳالهہ پري ناهي. پاڻ تي ڀاڙيو ٻئي جو آسرو نہ ڪيو. لطيف آباد مان ڏڪجي قاسم آباد تائين پهتا آهيو . قاسم آباد کان پوءِ ڪيڏانهن ويندؤ؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خط_I

پيارا پٽ پپن!
خوش هجين شال

گهڻن ڏينهن کان پوءِ توکي خط لکي رهيو آهيان، ڇا ڪيان مصروفيتون ئي ڪجهه اهڙيون هيون. مرڪز کي مضبوط ڪرڻ ۾ رڌل هوس. ٻچا، جيسين مرڪز مضبوط نه ٿيندو، تيسين نه هيءَ قوم ترقي ڪندي ۽ نه وري ماڻهو ئي خوشحال ٿيندا. خوشحال ته جيڪي آهن سي آهن، جيڪي ڪنهن طرح رهجي ويا آهن، انهن کي پڻ ان سطح تائين آڻڻو آهي. اهو ڪم صرف ۽ صرف فوج ئي ڪري سگهي ٿي. ٻئي جي جاءِ ناهي. پڇڻا پڇي ويا، جيڪي نه پڳا آهن، سي به ڇاڻ پڳا. دير آهي، انڌير ناهي. دعا ڪر ته اسان به جلد ئي اچي توسان ملون، جي نه ملي سگهياسين ته پوءِ سمجهجانءِ ته گهوري جان جتن تان. خوشحالي ڪا جادوءَ جي چڙي ناهي، جيڪا گهمائجي ته راتو رات سڀ امير ٿي وڃن. مرحليوار ڪم آهي. پهريون خويش، پوءِ درويش. پهريون ورديءَ وارا پوءِ بنا وردي ۽ پوءِ بنا لٽي وارا. پهريون مرحلو الحمدلله شروع ٿي چڪو آهي. ماڻهو هر حاضر توڙي ناظر آساميءَ تي کپائجي رهيا آهن. وڏين رقمن ۽ آسائشن تي کين ڪانٽريڪٽ بنياد تي ”جلدي آئو جلدي پائو“ جي عالمي اصولن مطابق روزگار مهيا ڪيو پيو وڃي. عنقريب رهيل کهيل ضرورتمند به هَنبَس رسندا. سنڌي ماڻهو توکي ته خبر آهي، شروع کان ئي بي صبرا ۽ بي شڪرا رهيا آهن. ڪا به حڪمت عملي سمجهڻ کان سواءِ احساس محروميءَ جو نعرو هڻي ٻڪ پائي وڃي ٿا خودڪشي ڪن. هاڻي اها به ڪا ڳالهه آهي؟ ٿورو تحمل ڪن ته جيڪر سندن وارو به اچي ويندو. ايتري دوراندیشي اسان ۾ ڪٿي؟ دل جا ته ائين ئي ڪمزور آهيون، رڳو پٽائڻ تماڻن جو اگهه ٻڌي هانءُ ڦاٽي ٿو پوي، قومون ته قربانيونُ ڏينديون آهن. قربانيءَ جو جذبو اسان ۾ آهي ئي ڪو نه. ترڪيءَ تي بهشت ٿا گهرون. جي نٿو ملي ته پوءِ دل ونئي ڊهي ٿا پئون. اسان جي قوم کي الائي ڪڏهن سمجهه ايندي؟ اسان ته شاهه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبداللطيف جي هن سٽ جو بہ مطلب چڱيءَ طرح نہ سمجهي سگهيا آهيون.

گولا جي گولن جا، تن جو تيءَ غلام........

جنهن ڏينهن ان سٽ جو اصل مفهوم ميڄالي ۾ ويهي ويو ان ڏينهن سنڌي قوم جو پهريون برٽ ڏي ملهائيندا سين. انشاءَ الله.

پيارا پٽ پپن، اڄڪلهہ ملڪ ۾ ريفرينڊم جي تياري عروج تي آهي. اها فلم اسان اڳ بہ ساڳئي سئنيما هال ۾ گڏ ڏٺي هئي. پبلڪ جي پرزور اصرار تي پيهر لڳي آهي. توکي تہ خبر آهي تہ پياري پاڪستان ۾ ڪو بہ ڪم پبلڪ جي پرزور اصرار کان سواءِ نہ ٿيندو آهي، صدر پاڪستان جناب پرويز مشرف صاحب، الله سائين کيس ڏگهي ڄمار عطا فرمائي (آمين) غريبن ۽ نادارن جون دعائون کڻڻ لاءِ، بدعنوان عنصرن کي هميشہ لاءِ نيست ۽ نابود ڪرڻ لاءِ ۽ قوم جو ٻڏل ٻيڙو تارڻ لاءِ، رب تعاليٰ جي رحمت ٻڌجي پي آءِ اي جي فلائيٽ ۾ ڪراچيءَ پهتو هو. هن ملڪ جو فلائيٽن سان پراڻو رشتو آهي. پاڻ سائين جن، ملڪ جي بري حالت ڏسي، ڏک وچان لڙڪ لاڙيندي، لاچاريءَ کان ملڪ جي واڳ سنڀالڻ قبول فرمائي. هاڻي بہ ساڳئي پرخلوص جذبي تحت، مجبورن ريفرينڊم ڪرائي ايندڙ پنجن سالن لاءِ، پنهنجي شخصي آزادي داءَ تي لڳائي، صرف ۽ صرف عوام خاطر صدر ٿيڻ جي حامي ڀري اٿن. نهٺائي ۽ نماڻائيءَ جي انتها تہ ڏسو پاڻ سائين جن، گذريل ٽن سالن ۾ ڪيل پنهنجن ڪارنامن جو ذڪر ڪرڻ کانسواءِ، هڪ عام ماڻهوءَ جي حيثيت ۾ ريفرينڊم لڙي رهيا آهن. نہ پيٽرول جي قيمتن گهٽ ڪرڻ جو ذڪر ڪيو اٿن، نہ بجلي، ٽيليفون، گيس ۽ دوائن جي اگهن ۾ سستائيءَ جي ڳالهہ ڪئي اٿن نہ عام ماڻهوءَ جي معاشي خوشحاليءَ جو مذڪور مطلب تہ گذريل ٽن سالن جي مختصر عرصي ۾ جيڪي انقلابي سڌارا ٿيا آهن ۽ مهانگائيءَ جو جيڪو عظيم الشان دور آيو آهي، تنهن کي خواهہ مخواهہ پبلسٽي ڏيڻ بجاءِ صدر صاحب بيحد انڪساريءَ کان ڪم وٺندي، صرف ايترو پڇيو آهي تہ جيڪڏهن توهان کي معاشي توڙي معاشرتي طور تي منهنجو پروگرام وڻي ٿو تہ پوءِ مان ايندڙ پنجن سالن لاءِ توهان جو صدر آهيان. چون ٿا تہ ڪابينا جي اجلاس ۾ هڪ ڏاهي وزير تہ اها بہ صلاح ڏني تہ آئينده صدر چونڊڻ لاءِ سولي ۾ سولو طريقو آهي ٿي ريفرينڊم. نہ هئي هئي، نہ ڪئي ڪئي. سڏي راند سونٽي جي. منظور نہ منظور اسان جا ماڻهو نامنظور چوڻ سکيا ئي ناهن. پر ماڻهن کي ڪير ٿو پڇي؟ چوڏهن ڪروڙ عوام ۾ پوڻا چوڏهن ڪروڙ تہ اڻ پڙهيل آهن. مُني ڪروڙ پڙهيل عوام کي فرصت ڪٿي آهي جو ويهي اجايو وقت وڃائي. هونءَ بہ ناظم ڪهڙي مرض جي دوا آهن؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄڪلهه تہ اسلام آباد سرڪاري سڏ تي ويل آهن. موٽندي ٿي لاريون پرڻ شروع ڪري ڏينديا. اهو ڪم هو ابن ڏاڏن کان ڪندا پيا اچن، پڙ تي ويا آهن. جيڪڏهن نہ بہ ڪياڻون تہ بہ خير آهي. عوام ايترو تہ سجاڳ ٿي چڪو آهي جو ٻارن ٻچن سميت اسر ڏئي اچي پولنگ اسٽيشن تي لڏو لاهيندو. هت اسان ڪي متان نظر نہ اچي، تون پيءُ تي ويءَ تي خبر ناميءَ ۾ ضرور ڏسجانءِ. تر چنڊ جي جاءِ نظر نہ ايندئي، دعا ڪر تہ اهو مرحلو بہ خير خوبيءَ سان نباهجي وڃي. اڳتي اسان جي قسمت. آڪٽوبر ۾ جمهوريت بہ ڳنَ ڪيندي، مون کي خبر آهي، نانيءَ مهانڊي هوندي، هن کان اڳ بہ اهڙيون جمهوريتون اسان ڏسي چڪا آهيون. جيڪي نہ ڏسي سگهن، نہ ٻڌي سگهن ۽ نہ ڳالهائي سگهن اهڙن مڙهن کي اٿارڻ ويهارڻ بہ جنجال ۾ مُئي کان پوءِ قبر ۾ لاهڻ بہ آزار. ٻڌو اٿئون تہ هيل آئين ۾ اڳوات ترميم ذريعي ايندڙ جمهوريت جي پلاسٽڪ سرجري ڪري، ڪيس وڏيڪ وٽندڙ بڻايو ويندو. پلاسٽڪ سرجريءَ جي ڪمالن تہ توکي چڱيءَ طرح ڄاڻ هوندي، گوري کي ڪارو ڪرڻ ۽ ڪاري کي اڇو ڪرڻ تہ پلاسٽڪ سرجري آڏو ڪو مسئلو ئي ناهي. هٿ، پير، اکيون، نڪ ۽ ڪن نوان مهيا ڪرڻ بہ پلاسٽڪ سرجريءَ جي آڏو ڪو وڏو ڪارنامو ناهي. هڪڙي پاسي ڪجهہ هڏا، ڪجهہ گوشت، ٿوري کل ۽ رت جون بہ چار بوتلون وجهو ٻئي پاسي نوجوان، خوبصورت، نخريلي نازنين چلولايون ڪندي نڪري ايندي، اهڙيءَ طرح ٻئي پاسي چڱو ڀلو پڙهيل لکيل ۽ سمجهو سياڻو انسان وجهو تہ ٻهرئين پاسي کان هڏا گڏا، ڇيڇڙا ۽ سري پاوا ٻاهر اچي ڦهڪو ڪندا. ڏسڻو اهو آهي تہ مشين ڪاٻي ٿا ڦيرايو يا ساڄي! مشين ماهر ٿو هلائي يا اناڙي، هيءَ ريفرينڊم اول خير اسان جي سيني سوالن جو مثبت جواب ڏيندو. ڏسجانءِ وينو.

تنهنجو پيارو پيءُ

چريٽ راجا

(نرس ۽ قلفيءَ وارو).

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خط_II

پيارا پٽ پپن!

خوش هجين شال.

احوال تہ هت سڀ خير آهي، اميد تہ تو ڏانهن پڻ خير خيريت هوندي، تنهنجي ماسيءَ ملوڪان جي تنگ پچي پئي آهي، ٻيو سڀ خير آهي. مامنهنِ موسي جي مينهن ڪي آڦري ٿي هئي. ڪالهہ رات گذاري وئي. ضلعي جو ناظم جوڙو فاتح ڏيڻ آيا هئا. پوريءَ مينهن جو بہ حال ڪونهي. اڄ سيان تي بيٺي آهي. باقي سڀ خير آهي. چاچهنِ وڏي جي گهر ۾ ڪات لڳو هو. الهہ تلهہ چور ٻهاري ويس. پُل ۾ چاچنهن راڻيءَ ڪي بہ ساڻ ڪڻي ويا. اميد تہ ڪَڪِ تي ڏينهن ٻن ۾ ساڳئي هنڌ ڇڏي ويندس. ٻيو مڙئي خير آهي. چاچهن ننڍي جي گهر ڪي باهہ لڳي هئي. سڀ ڪجهہ سڙي رک ٿي ويو. رڳو گهر ۾ رکيل 1973ع جي آئين جي ڪاپي معجزاتي طور تي بچي وئي. پوليس ڪيس حڪومت خلاف سازش جي الزام ۾ گرفتار ڪري وئي آهي. پاڙي وارن جو خيال آهي تہ آئين جي ڪاپي يا چاچهن ننڍي مان ڪو بہ هڪ بچندو. باقي ڪل خير آهي.

تو هتان جا حال احوال پڇيا آهن. ڪجهہ تہ مٿي لکيا اٿم. باقي بہ آهستي آهستي ڪري وقت بوقت لکندو رهندو مانءِ. دلجاءِ ڪر!

ادبي دنيا جون خبرون هي آهن تہ هر طرف سک چين جي بنسري پئي وڄي ۽ گوپيون پيون نچن، ڪي گوپيا پڻ ساڻن جهمر ۾ ساٿ ڏين ٿا. اهو دلڪش منظر ڏسڻ لاءِ سنڌ جو سڄاڻ عوام ڪنڌ ڪڙڇ ڪان ڪهي ايندو آهي ۽ جهومي ڳائي موتي ويندو آهي. شاعر ڪيسٽي شاعري لکندا آهن، ڪمپنيون ڪيسٽون ٺاهينديون آهن ۽ ماڻهو جهومي جهومي اهي ڪيسٽون ٻڌندا آهن. اهڙيءَ طرح شاعراڻي ادب ۾ بي پناهہ واڌارو ٿي رهيو آهي. تون الڪو اصل نہ ڪر. هت هر طرف روشني ئي روشني آهي. خوشبو ئي خوشبو آهي. سوجهرو ئي سوجهرو آهي. ان تي ياد آيم تہ ادبي ڪيتر ۾ نوان نوان تجربا ٿي رهيا آهن. ريسرچ جو ڪم زور

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٺي ويو آهي. مشهور دانشور اٽڪ ڪوشش سان اهو ثابت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهن ته ليمون لنگڙو جيڪو هاٿي پاڻ کي ڪهاڻيءَ جو بي تاج بادشاهه ٿو سڏائي، سو ننڍي هوندي گڏهه گاڏي وهائيندو هو. پڙهس ڪُتر وڪڻندو هو ۽ ماڻهس ماڻهن جي گهرن ۾ ٿانوَ ٻهاري ڪندي هئي.

مشهور شاعر ٻوڙي ٻڍاپوريءَ جي ناني هڪ پنجابي پوليس واري سان ڀڄي وئي هئي. برڪ نقاد آڪُ اداسي پنهنجيءَ پيرسن ماءُ کان پيشو ڪرائيندو هو ان ڪري سندس لکڻين ۾ ڪراهت آميز ڪوڙ تهمت بازي، بڪ ۽ هيچ جهلڪندي نظر ايندي آهي. محققن گهڻو ڪري سيني ليکڪن کي (سواءِ پنهنجي) ادبي چور، ادبي ڏاڙيل ۽ ادبي داداگير ثابت ڪري پڙهندڙن جي دل جيتي ورتي آهي. هنن جو چوڻ آهي ته اهڙو ڪارنامو دنيا جي ڪنهن به ادب ۾ اڄ ڏينهن تائين رونما نه ٿيو آهي. شيخ اياز جون ادبي چوريون ته هنن برڪ ليکڪن سندس زندگيءَ ۾ ئي پڪڙي ورتيون هيون. هاڻي هو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جا وڪا پڌرا ڪرڻ جي پويان پئجي ويا آهن. اهڙيءَ طرح افسانوي ادب جي پهرئين چور مرحوم نسيم ڪرل کي پڻ واڪو ڪري رهيا آهن. ان کانسواءِ هڪ بيحد ڪاوڙيل اديب ته پنهنجي ڪمزور ڪلهن تي ون يونٽي ۽ وڪاميل اديبن جي ڊائريڪٽريءَ جوڙڻ جو هماليا جيڏو وڏو ڪم کڻي ورتو آهي. هن جو چوڻ آهي ته ان ڊائريڪٽريءَ ۾ الف کان ي تائين انهن سيني مڪار ليکڪن جا نالا، سندن پيءُ جا نالا (جي ملي سگهيا ته) وڪامڻ جو اگهه، وڪامڻ جو هنڌ ۽ وڪامڻ جي تاريخ سميت شايع ڪندو. ڪم واقعي ڏکيو آهي، پر چوندا آهن ته ”همت مردان، مدد مولا.“ شينهن جي پويان ڦيڪاري تي لڳجي ته شينهن شير خدا جو به رڍ تي پوندو آهي. اديبڙو ته وري به ويچارو ماڻهو آهي. ڪٿي نه ڪٿي ته دسجي پوندو. سندس اها دعويٰ ٻڌي ماڻهن کي ڏندين آڱريون اچي ويون آهن، جن کي ڏند ناهن، تن آڱريون مناسب نعم البدل جاين تي ڏئي ڇڏيون آهن.

ڪانئس پڇيم: اهڙو اچرج جهڙو ڪم ڪيئن سرانجام ڏئي سگهندين؟

چيائين: منهنجي هٿ ۾ قلم آهي.

چيم: قلم ته هزارن جي تعداد ۾ بازار ۾ وڪامن پيا. خريدارن کي جهل پل ته ناهي؟

ماٺ ٿي ويو. چيائين: اها ڳالهه ته مون کان وسري وئي هئي.

بهرحال، پيارا پٽ پپن، پريشان ٿيڻ جي ڪا ڳالهه ڪانهي. مون پنهنجي بچاءَ لاءِ ضروري اُپاءَ وٺي ڇڏيا آهن. گهر کان ٻاهر نڪرڻ وقت مٿي تي لوهي ٽوپ،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنن تي وَٺيونُ، ڇاتيءَ تي زرهہ بڪتر ۽ پنيءَ تي ٽئو ٻڌي ڇڏيندو آهيان. ڇتن ۽ ڏاڙهيندڙ اديبن کي هڪلڻ لاءِ گلڻ راندي کان ڪفگير اوڏر تي ورتو اٿم. تون ڪو بہ فڪر نہ ڪر!

ها، هڪ ٻي ڳالهہ. سنڌ جي البيلي، چلولي ۽ چنچل شاعر تاجل بيوس عوام جي بيحد اصرار تي سنڌي ادبي سنگت جي ناڪاميءَ بعد "سنڌ ادبي سنگت" جوڙي ورتي آهي. سنڌي ادبي سنگت جي اهلڪارن کي تاجل بيوس جي نيت تي نہ، نالي تي اعتراض آهي. تاجل پلي پنهنجي نالي سان يا پنهنجي پسند جي ڪنهن ٻئي نالي سان سنگت ٺاهي پر سنڌ ۽ سنڌيءَ کي هٿ نہ لائي. اهي ٻئي نالا سنڌين جي امانت آهن ۽ تاجل جي سنڌي هئڻ متعلق ماڻهن جي دلين ۾ شڪ پئدا ٿي پيا آهن. ڪنهن ٻئي اديب تہ اهو بہ انڪشاف ڪيو تہ تاجل عنقريب ايم ڪيو ايم ۾ شامل ٿيڻ وارو آهي ۽ اهي ڪيس پهريون سينيٽر، پوءِ وزير ۽ ان ڪان پوءِ اطلاعات جو وزير چونڊائي ڇڏيندا. ان ڪري هو سنڌي ادبي سنگت جهڙي مضبوط ۽ اهم جماعت جا بخيا اڌيڙڻ پويان پئجي ويو آهي.

تاجل جو چوڻ آهي تہ هن جو اهڙو ڪو بہ ارادو ناهي. هو تہ صرف هائيڪو ۽ ترائيل وغيره جا ڪوچنگ ڪلاس شروع ڪرڻ ٿو چاهي. ان سان گڏ پهريون چيٽيءَ تي ۽ پوءِ هارموني تي سيڪڙات شاعرن کي ماترائن ۽ عروض جي شاعريءَ جي ٽيوشن ڏيڻ جو بہ ارادو رکي ٿو. ان ڪم لاءِ هن هڪ فليٽ پڻ خريد ڪري ڇڏيو آهي، جتي شوقين حضرات پاڻ کي رجسٽر ڪرائڻ کان پوءِ روزانو حاضري ڀرائي سندس علم ۽ دانش کان پوريءَ طرح فيضياب ٿي سگهندا.

ٻئي ڳالهيون ٻڌڻ کان پوءِ مان ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ تاجل کي سنڌ ادبي سنگت ٺاهڻ جو هرڪو حق حاصل آهي. آخرڪار پير پاڳاري صاحب بہ تہ گهڻو اڳ پنهنجي جدا ڪرڪيٽ ٽيم ٺاهي هئي، جنهن جي ميچن ۾ پير صاحب کان اڳ سندس جان نثار مريد بال جي پويان ميدان ۾ لهي پوندا هئا ۽ اهڙيءَ طرح ميچ ميلي ۾ تبديل ٿي ويندي هئي. آخرڪار تنگ ٿي پير صاحب پنهنجي ڪرڪيٽ ٽيم ئي ختم ڪري ڇڏي، ٿي سگهي ٿو تہ تاجل بيوس پڻ پنهنجي مداحن جي بيحد وٺ پڪڙ کان بيزار ٿي مورڳو سنگت تان ئي هٿ ڪڻي وڃي. اميد تي دنيا قائم آهي. هونئن بہ سنڌي قوم کي هڪ هنڌ قرار گهٽ ايندو آهي. ڪلهہ سنڌي ادبي سنگت ٺهي، اڄ سنڌ ادبي سنگت ٺهي آهي، سڀاڻي سنڌو ادبي سنگت ٺهندي، پرينهن امر سنڌو ادبي سنگت ٺهندي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ ان کان پوءِ قمر امر سنڌو ادبي سنگت ٺهي. آخرڪار امر، اڪبر ۽ اينٿوني بہ تہ ائين ئي ٺهي هئي!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيڪ احوال ٻئي خط ۾ ڏيندس. ماٺهين شڪارپور جو آچار چنٽي ۾ منيون مانيون ڏاڏي آچر هٿان موڪليون اٿئي. ڳجهاڻ ضرور ڏاڏي تي اعتبار نہ رهيو آهي. ملڪي حالتون ئي اهڙيون آهن.

تنهنجو پيارو پيءُ،
چرپٽ سنڌي
(نرس ۾ قلفيءَ وارو)

قلم تازو: هڪ ٻئي ڪاوڙيل اديب ڪلفٽن ۽ ڊفينس ۾ رهندڙ اديبن جي رهائش گاهن تي هڪ جامع تحقيقي مقالو لکڻ جو اعلان ڪيو آهي. انهن علائقن ۾ رهندڙ اديب اڄ ڪلهہ فرش تي لڳل ٽائيلن، باٿ روم جي سيٽن ۽ لان ۾ پوکيل ٻوٽن جو بغور جائزو وٺي رهيا آهن تہ ڪٿي انهن ۾ صلاحيت، بلاغت يا فصاحت جو فقدان تہ ناهي يا وري اهي بحر ۽ وزن کان ٻاهر تہ ناهن. تون فڪر نہ ڪر، مون قيت ڪٽي ماڀي ڏنو آهي. پنهنجو گهر هر طرح ادبي معيار تي پورو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خط_III

پيارا پٽ پپن!

اک پَٽِ، انب ڏس. انب جي موسم ناهي تہ انگور ڏس، انگور نٿو ڏسين تہ لنگور ڏس، ڪجهہ نٿو ڏسي سگهين تہ چشمو وٺ. سڀ ڪجهہ صاف نظر اچي ويندءِ.سترهن ديهون، جي پنجاب ڦباڻ جي چڪر ۾ آهي. ڪالاباغ ڊيم، جيڪو ديوَ جيان مري مري وري جيئرو ٿي ٿو پوي، افغان پناهگير، جيڪي جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ بہ سنڌ مان وڃڻ جو نالو نٿا وٺن. پري پيڙيءَ ۾ ڳورا سنڌي ملازم، جي مختلف بهانن سان بي روزگار ڪيا پيا وڃن. ڏبرا، بيحال، بدحال ۽ چڙو چڙ سنڌي، جي پنجاهہ سال چيتاڙجڻ کان پوءِ بہ وڏيرن، رئيسن، پيرن ۽ ڪامورن جي لوپي جمهوري اتحادن کي سڃاڻي نہ سگهيا آهن. عينڪ پائڻ سان اهو سڀ ڪجهہ ڏسي سگهندين. عينڪ مان ڪلياڻ نہ ٿيئي تہ دوربين وٺ. ڏارين جي اکين جو حرص، دماغ جو فتور ۽ دل جي ڪارنهن نظر اچي ويندئي. دوربين کان بہ ڳالهہ چڙهي وئي هجي تہ پوءِ مياشاهہ قبرستان ۾ بوچڻ وڃائي وڃي ويهي رهہ ۽ گذاري وڃڻ جو انتظار ڪر.

بابلا، مُنهن مونن ۾ پائي ڏئني، ڇا نظر آيئي؟ نہ ٻڌائجانءِ، مون کي خبر آهي. غربت ساڻ گذاري ڏئني، ڇا مليئي؟ نہ ڪڇجانءِ، مفت ۾ مري ويندين. جيتامڙو آهين. ڏکهن، وڏن، مضبوط بوٽن هيٺان چٿجي ويندين. الف جي اکر الحاد جا الزام ڏئني. ورق وسارئي تہ جهالت جي تهمت سنئي. پِرتِ جو پير پريئي تہ وڏو وير پرايئي. سنهو ڪتيئي تہ ڏُکو داخل نہ ٿيئي. برابريءَ جي ڏوهہ ۾ برادريءَ کان نڪتين. سچائيءَ جي شوق ۾ سوريءَ سزا وار ٿئين. ڏرتيءَ کي سرتي چيئي مڇ کي مڇرائي وڏئي. هاڻي تون ئي ٻڌاءِ منهنجا پيارا پٽ پپن، تہ نظر خراب اٿئي، قسمت بري اٿئي يا مٿو ڪچو اٿئي؟ ايڏا نوڳرا ڪائڻ کان پوءِ تہ پولو بہ بندوق هلائڻ سکي ويندو آهي ۽ طوطو بہ توب هلائي ويندو آهي. تون تہ سائيڪل بہ نيڪ سان هلائي نٿو سگهين. اڳ اچا ڪجهہ جهيڙيندو هئين. وڙهندو هئين. رُسندو هئين، هاڻي تہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڪجھہ ڪُڇين ٿو نہ پڇين ٿو ۽ نہ وري لُڇين ٿو. بابا، ماٺ موت جي نشاني هوندي آهي. پيو نٽتو ڪري سگهين تہ پاڻ کي ئي پاراتو ڏي پنهنجو ئي گريبان ڦاڙ پنهنجا ئي زخم اڌيڙ ڪجھہ تہ ڪر. ڪجھہ تہ ڳالهاءِ ڪجھہ تہ چئہ. خواب ئي ڏس، خيال ئي پچاءِ. دليل ئي ڊوڙاءِ! ٻچا، پريشان نہ ٿي. چريو ناهيان ٿيو. هيءَ خط ساڻ سالم هوش ۽ عقل جي لکي رهيو آهيان. عاقل، بالغ ۽ وات وڪيل آهيان. نہ ڪنهن زور زبردستي ڪئي آهي ۽ نہ ڪنهن برغلايو آهي. ها، چرئي ٿيڻ جا جتن ضرور ڪري رهيو آهيان. سياڻا اهو ڪجھہ نہ ڪري سگهندا آهن، جيڪو اياڻا ڪري وجهندا آهن. الا، ڏاهي مَر ٿيان عقل ۽ فهم پنهنجا مامرا نبيري نہ سگهندو. سرمست واري مستي گهرجي پنهنجي هستي بچائڻ ڪاڻ. شل اهو جنون اسان سيني کي نصيب ٿئي، جنهن ۾ سڌ پڌ باقي نہ رهي. صرف سڪ رهجي وڃي. دنيا جا عظيم انقلاب نہ بندوق آندا، نہ گوليءَ صرف اُڪنڊ ۽ اُڪير آندا. شل خدا تنهنجي دل مان سڀ خوشبيون ۽ خدشا کسي وٺي. فقط سڪ جي سُرڪ باقي رکي. چو تہ سڪ ئي سچائيءَ تائين پهچڻ جو پهريون ڏاڪو آهي ۽ سوري آخري

چوندين تہ اڄ بابا ڪهڙا قصا کڻي ويٺو آهي. نہ چرچا ٿو ٻڌائي، نہ ڪل مشڪري ٿو ڪري، ٿيو ڇا اٿس؟

ها پٽ، ٿيو آهي، گهڻو ڪجھہ ٿيو آهي. بشير قريشيءَ جي هڪ سٽ ڳهائي وڌو آهي. چوي ٿو: ”سنڌ کسجي رهي آهي. ڪجھہ ڪيو ڪيس بچايو.“

ڪيس ڪو نہ سڃاڻان، ڏنو بہ ڪو نہ اٿم. پر پوءِ بہ ڪيس گهڻو سڃاڻان. نذير عباسي، يوسف جکراڻي ۽ لالا اسد جي قبيلي جو ماڻهو آهي. مڙس ماڻهن جي هڪ ئي ذات، هڪ ئي نالو هڪ ئي سڃاڻ ٿيندو آهي. اهي وجود تعارف سان ورهائي نہ سگهبا آهن. مون صرف جکراڻي ڏٺو هو. ارڏو اڏول، اٽل، هاٺي هر مست جکراڻي نظر ايندو اٿم. اهي ڪونڌر قدم قدم تي محبت جون مسجدون جوڙيندا ويندا آهن. جن آڏو مون جهڙا هيڻا صرف سجدو ئي ڪري سگهندا آهن. .

سنڌ واقعي کسجي رهي آهي. زمين ٽڪر تہ هتي ئي رهندو سنڌ ئي چوائيندو پر جي پنهنجي ٻولي، ڪلچر ۽ سماجي حيثيت نہ رهي تہ پوءِ صرف نالي ۾ نهال رهڻ مان فائدو؟ ڳوٺ، وسنديون، چنگ، بوٽيندا، اجرڪ، سوسي، لطيف ۽ سچل نہ رهيا، فقط نالو رهجي ويو يادون رهجي ويون. تواريخ جا چند ورق رهجي ويا. سنڌوءَ جي پيٽ ۾ پاڻيءَ بجاءِ اڏرنڌڙ واري رهجي وئي، تہ پوءِ پٽ، ڪهڙو منهن کڻي مرڪندين؟ ڇا چوائيندين پاڻ کي؟ ڪهڙو نالو ڏيندين ماضيءَ جي مزارن کي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ سردار، پير، سيد، وڏيرا ۽ ويڪائو ڪامورا هميشہ جيان هڪ دفعو وري پنهنجي مرده ضمير جو بدبودار لاش کڻي، ڪيس اجرڪ ۽ ٽوپي پارائي، اقتدار جي ايوان آڏو سوکڙيءَ طور پيش ڪرڻ لاءِ آتا آهن، گڏجاڻيون ٿي رهيون آهن. قبلا بدلجي رهيا آهن. سودا طئي ٿي رهيا آهن. تنهنجي ۽ منهنجي وجود جي ٻولي لڳي رهي آهي. رڍن ۽ ٻڪرين جيان اڻ ڄاڻائيءَ ۾ وڪامي رهيا آهيون. چاڙتا، ڏوتا ۽ دلال معتبرن جي ويس ۾ اسان جي وچ ۾ ويهي، پنهنجن پنهنجن ڏڻين تائين چغليون پهچائي رهيا آهن. علم ۽ ادب ۾، سماج ۾، سياست ۾، ثقافت ۾ هر طرف، هر ڏس ۾، پڳهاردار سفيد پوش، پنهنجي ڪارڪردگيءَ ۾ رُڌل آهن. ڪردار ڪشيءَ جا ڄاتل سڃاتل ماهر بازيگر، چرب زباني ۽ چالاڪيءَ سان اشراف ۽ اصول پسند ۽ هڏ ڏوکي ۽ همدرد دانشورن کي پرئي بازار ۾ بي سبب بيچڙو ڇوٽا ڪن؟ بي لوث ۽ خدمتگار سماجي ڪارڪنن کي لقب ڇو ٿا لائن؟ سچار ۽ وفادار قومي سياستدانن کي داداگير، ڦورو ۽ ايجنٽ ثابت ڪرڻ لاءِ ڇو سندرو ٻڌي بيٺا آهن؟ جونيئر ۽ سينيئر جو سنڌو ڇو پئدا ڪيو ويو آهي؟ ”ون يونٽي اديب“ جهڙو ڪراهت آميز محاورو ڇو جوڙيو ويو آهي؟ مڙس ماٺهو مٽيءَ ۾ ڇو لوئجي رهيا آهن؟

اهي سڀ ڪارستانيون ضرور ڪنهن جي چُرچ تي ٿي رهيون آهن. ڪارين رڍن کي ڳوليو. ڪين ڄاڇيو. نظر ۾ رکو مير جعفر ۽ سيٺ نائون مل اوهان کي پنهنجن ۾ ئي ملي ويندا.

ننڍڙو آهين، سادڙو آهين ۽ اڪيلڙو آهين، تڏهن تو اهي ڳالهيون ٻڌايانءِ، اکيون بند ڪري، ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي، ماٺ ميٺ ۾ ويچاريندين تہ اڄاڪارا پڌرا ٿي پوندا. هڪ پيرو ايئن ڪري تہ ڏس، پوءِ اکہ پٽيندين تہ انب نظر ايندءِ. انب نہ سهي، انگور سهي پر جي لنگور ڏٺئي تہ لک کٽياسين. لنگور ئي ڏسجانءِ!

تنهنجو پيارو پيءُ

چريٽ سنڌي

(نرس ۽ قلفيءَ وارو)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خط_IV

پيارا پُٽ پپّن!

خوش هجين شال.

حيران هوندين تہ ايترو جلدي ٻيو خط ڇو ٿو لکانءِ، جڏهن تہ ٽپال جي ٽڪلي، سادي پانَ ۾ چانهہ جي ڪوپ جي قيمت هڪ جيتري وڃي بيٺي آهي. ٽڪي سير ڀاڄي، ٽڪي سير کاڄا!

هيءُ خط ان ڪري ٿو لکانءِ جو ڊپ اٿم تہ اڳيون خط تو تائين ڪو نہ پهتو هوندو شايد. ڪمپازيٽر سرنامو ڪمپوز ڪو نہ ڪيو جي ڪيو تہ پيسٽر ڪان پيسٽ ڪرڻ وسري ويو. پروف ريڊر پنڪيءَ ۾ اها چُڪ پڪڙي نہ سگهيو ۽ ايڊيٽر صاحب جيئن جو تيئن اوڪي ڪري ڇڏيو. اخبار نہ ٿي، حڪومت سنڌ جو گهرو کاتو ٿيو شام تائين ننگ پورا ڪري ڏيٽا آهن. چور هجي توڙي ساڌ، جنهن کي ڦاهي پوري اچي!

پپن پٽ، سنڌي ادبي بورڊ پلي جي ڪنڍي جيان سنڌي ماڻهن کي نڙيءَ ۾ ڦاسي پيو آهي. نہ نڪري ٿو نہ اڳري ٿو. جي ٿا جوئر جو وڏو گرهہ کائي زوريءَ هيٺ لاهيونس، تہ پوءِ آنڊا تہ رهڙيندو ويندو سو تہ ٺهيو پر سياڻي جيڪا قيامت آڻيندو سو سوچي منهنجي تہ ڏرن ٿي ڏڪي. (ڏرن الائي ڇا ٿيندي آهي، مون بہ پارٽي ناولن ۾ پڙهيو آهي.)

ڏينهن بہ اڳ گورنر صاحب جي ٽئلينٽيڊ ڪزن، خالي خزاني جي ڀرپور تجربي واري وزير، حفيظ شيخ صاحب ٻين ڳالهين سان گڏ سنڌي ادبي (بليڪ) بورڊ جي منجهيل سٽ کي سلجهائڻ لاءِ هڪ هاءِ ليول يعنيٰ اعليٰ معيار جي ميٽنگ گهرائي. ان ميٽنگ ۾ ثقافت کاتي جي سيڪريٽري ۽ اسان جي دلبر دوست عاشق ميمڻ ڪانسواءِ سنڌ جا تمام اوچي پائي جا دانشور ۽ اوچي ڪڙيءَ واريون دانشوريون گهرايون ويون هيون. سندن دل ۾ سنڌ، سنڌي ادب ۽ سنڌي سماج متعلق بي پناهہ درد ڏسي، هارٽ اٽيڪ جي امڪان تحت، پرواري ڪمري ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ماهر ڊاڪٽر ۽ گيٽ ٻاهران ايڏيءَ جي ايمبولينس جو پڻ انتظام ڪيو ويو هو. اهو تہ خير ٿيو جو وزير صاحب ۽ درويش سيڪريٽريءَ صاحب ڪورس منجهان ٿي سوال پڇيا، ورنہ ايمبولينس جي ڊوڙ پئي پوي ها. بورڊ جو برو حال ڏسي ويهہ لک رپيا نقد امداد جا ڏنا ويا ۽ باقي خرچ جي پورائي لاءِ بورڊ جي پريس کي وڪرو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ان تي مون کي ان جابلو پٺاڻ جو قصو ياد ٿو اچي، جيڪو ٽرڪ جي ڊرائيونگ سکڻ لاءِ ڪراچيءَ آيو هو. گل خان اچڻ شرط ٽپ ڏئي ٽرڪ جو اسٽيئرنگ سنڀاليو ۽ ڪٽي آءِ ڪيائين مين روڊ تي. خبر ئي ڪا نہ پيس جو هڪ بنگلي جي گيٽ ٽوڙي، ٽيرس ۾ بيٺل گاڏيون لتاڙيندو وچي ڊرائنگ روم تائين پهتو. وورس ڪرڻ جي بجاءِ ڪٽي جو ٿو ايڪسيلريٽر کي زور ڏئي تہ ڊرائنگ روم جي پٽ ڊاهي، ڊائننگ روم مان ٿيندو سڌو وچي بيڊ روم تائين پهتو. گهر جو مالڪ ۽ سندس جوءِ گهري ننڊ مان ڇرڪ ڀري ڇال ڏئي اٿي ڪڙا ٿيا. ڇا ڏسن تہ هڪ ديوَ جيڏي ٽرڪ سندن پلنگ کان بہ چار انچ پري بيٺي آهي. تارا ساوا ٿي وين. ساهہ سُڪي وين. هوش اڏامي وين. ڪجهہ ڪڇڻ ئي ڪڇن، تنهن کان اڳ گل خان بوکلاهٽ ۾ چيو: "معاف ڪرنا صاب، هم بندر روڊ کو تلاش ڪرتي."

گهر ڌڻيءَ ڏند ڪرٽيندي چيو: هيءَ منهنجي بيڊ روم جي پوئين ديوار ڏسين ٿو نہ؟

بس، اها پيچي ٻاهر نڪرندين تہ بندر روڊ تي پهچي ويندين!

بس، ادبي بورڊ جي جيڪا پرنٽنگ پريس ڏسو ٿا نہ؟ اها وڪڻي ڇڏيندؤ تہ سامهون سپرهاءِ وي نظر ايندؤ. جيڏانهن مرضي پئيوَ اڏاهين هليا وڃو!

پپن پٽ، ڏاڏنهن آچر کي تہ چڱيءَ طرح سجاٽين. سوَ کي اچي ڏک هنيو اٿس. نہ ڏسي، نہ ٻڌي، نہ ڳالهائي، نہ هلي سگهي. هڪ ڏينهن سڀ ويٺا هٺاسين ڪمري ۾، ڏاڏنهن ايمٽان ڪم ڪار پورو ڪري اچي ڏاڏي آچر جي پير ۾ ويٺي. ڏاڏي پڇيو: ابا ڪهڙو آهين؟ ڏاڏيءَ ايمٽان نڪ کي موڙو ڏئي مُنهن ڦيري ڇڏيو.

ڏاڏي آچر کي جو جواب نہ مليو تہ اچي هورا ڪورا ٿيس. هٿوراڙيون هٽي ڏاڏي ايمٽان جا وار ڇُهيائين، اکيون، پرون، نڪ، ڪاڏي چڱيءَ طرح جاچي چيائين: ڪوڙو خان آهين؟ ياڙيا، طالبان جنگ هارائي آهي افغانستان ۾، ڏاڙهي تو هتي ڪوڙائي ڇڏي آهي؟

ڏاڏي ايمٽان مُهن بچڙو ڪندي چيو: هاٽي هن مڙهہ کي ڪيڏانهن ڪيان؟

چيم: هڪ جاءِ آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين: نہ ابا، ايڏيءَ وارا بہ ڪو نہ وٺندس.

چيم: ايڏيءَ ڪي چڱ ڏاڍي، سنڌي ادبي بورڊ موڪلي ڏينس. ڪو نہ ڪو عهدو ملي ويندس!

وزير صاحب جي گڏجاڻيءَ ۾ شامل بي زبان سنڌ جي بازبان (بلڪ بلند زبان) دانشورن نہ رڳو ادبي بورڊ کي بچائڻ ۾ عالمي معيار جو ادارو بڻائڻ لاءِ پنهنجا زرين مشورا ڏنا، بلڪ سنڌي ثقافت، سماج ۽ معيشت کان وينديڊ پٽائيءَ ۾ قلندر جي فقيرن جي خوشحاليءَ لاءِ پڻ مفيد منصوبا پيش ڪيا. جلد ئي هڪ سنڌي ميلي لڳائڻ جو بہ فيصلو ڪيو ويو، جنهن ۾ ملاڪڙي ڪانسواءِ سنڌي ڪاڏا تيار ڪري مهمانن کي کارايا ويندا. نمائش ۾ هالا ۽ ڪشمور جي جنڊيڊ، نصرپور جا اجرڪ ۽ متياريءَ جا پيڙا نماءَ ۾ رکيا ويندا. هڪ معزز ميمبر جي عاجزاڻيءَ درخواست تي اهو پڻ فيصلو ٿيو تہ هڪ شوڪيس ۾ تاج مستانيءَ کي پڻ ويهاريو وڃي. پڪ سان نٿو چوان تہ تاج مستانيءَ جي باري ۾ فيصلو ٿيو يا ڪنهن ٻئي تاج جي باري ۾ بهرحال، فيصلو ضرور ٿيو. هونئن بہ سنڌ جا مڙئي تاج اکين تي ويهارڻ ۽ شوڪيس ۾ بند ڪرڻ جهڙا آهن. اهي يار نہ هجن تہ اسان الائي ڪيئن زندگي گذاريون ها! حياتيءَ ۾ ٿوري گهڻي مُرڪ ۽ مزاح انهن جي دم سان ئي تہ آهي.

بهرحال، ميٽنگ برخاست ٿي. ويهہ لک رپيا جاڻ تہ لوڻ پاڻي ٿيا. ادبي بورڊ وارا اڳي پٽيون پيچي، راتو رات ٽپڙ وڪڻندا هئا. هاڻي ڪلمر ڪلا پريس تين وال ڪندا. قابل، لائق فائق، معزز مهربان، ثاقيل ميمبر ايندڙ ڪجهہ ميٽنگ ۾ ڪڪڙ جو ٻوڙ ڪجهہ کائيندا، ڪجهہ هاريندا، سنڌي ادب پروان چڙهندو. اديب بک مرندا. نامر بڙا. ڏيهہ ويران. اسان سان هوندؤ تہ اهي مزا ماڻيندؤ.

پيپن پٽ، چوندا آهن تہ گهر جي مرغي دال برابر! تنهنجي ماءُ تہ مون کي ان کان بہ حقير بڻائي ڇڏيو آهي. گدو بندر ۾ ڇهہ مهينا پنهنجي مرضيءَ سان ڇا رهيس، زندگيءَ ڀر جي خواري ڏئي ڇڏي اٿائين. توکي ياد هوندو تہ جڏهن مان ملازمت مان رٽائر پئي ٿيس، تڏهن بين الاقوامي قانون جو حوالو ڏئي کيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي هئم تہ دنيا جي ڪا بہ طاقت، ڪو بہ قاعدو ۽ ڪا بہ عدالت ڪنهن بہ ملازم کي سندس مرضيءَ خلاف ڪرسي ڇڏڻ تي مجبور نٿي ڪري سگهي. اهو هر انسان جو بنيادي حق آهي تہ هو جتي چاهي، جيترو چاهي، جيئن چاهي پنهنجي مرضيءَ سان ويهي سگهي ٿو. اهو ئي سبب هو جو مون رٽائر ٿيڻ واري ڏينهن ڪرسي ڇڏڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو هو. سڄي آفيس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهلي اٽارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر مان پوءِ بہ ڪرسيءَ کي چنبڙيو رهيس. آخرڪار ظالمن ٽنگو ٽالي ڪري مون کي گهر پهچايو. ماڻهين چٽرون ڪيون، پاڙي وارن پاڳل چيو گهٽيءَ جي ڇورن پٿر هنيا. ان هوندي بہ مان پنهنجي اصول تي قائم رهيس ۽ اڄ بہ آهيان.

تازو صدر صاحب منهنجي هر سوچ ۽ هر عمل جي حمايت ڪئي آهي. پهرين پنهنجي پاڻ کي ايڪسٽينشن ڏنائين، پوءِ صدارت سنڀاليائين ۽ هاڻي آئينده پڻ ساڳئي عهدي تي رهڻ جو اعلان ڪيو اٿائين. مون کي بيحد خوشي آهي تہ اسان جي روشن خيال صدر محترم مون ناچيز جي اصولن کي مانُ بخشيو خدا ڪيس ڏگهي ڄمار ڏئي، مون مسڪين جا تہ سڀ ڏک دور ڪري ڇڏيائين. ماءُ کان خط لکي پڇجانءِ تہ هاڻي سندس منهنجي متعلق ڪهڙي راءِ آهي.

تنهنجو پيارو پيءُ
چريٽ سنڌي
(نرس ۽ قلفيءَ وارو)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مون قمر جي نالي سان ملندڙ جلندڙ اُچار وارو نالو امر تہ پاڻ تي رکي ڇڏيو هو، پر اصل ۾ قمر جي دز کي بہ پهچي نہ سگهيس. مون کي پڪ ٿي وئي تہ ڪرڪيٽ ۾ جيئن مان امتياز جهڙو ٿي نہ سگهيو هوس، تيئن ادب ۾ مان امر نالو رکائڻ جي باوجود قمر ٿي نہ سگهندس. مون شاعريءَ تان هٿ کڻي ڇڏيو. ڪجھ عرصي تائين بي فيض ۽ بي لاڀ جدوجهد ڪانپوءِ مون محسوس ڪري ورتو تہ، مان ناممڪن کي ممڪن ڪري نہ سگهندس. مان قمر وانگر ڪابہ ڪهاڻي لکي نہ سگهندس.

عين ممڪن هو تہ مان بدحواس ٿي لکڻ تان هٿ کڻي ڇڏيان ها، بي مقصد ۽ بي معنيٰ زندگيءَ کي ڪوبہ مقصد ۽ ڪابہ معنيٰ ڏيڻ ڪانسواءِ هتان هليو وڃان ها! پر، قمر ائين ٿيڻ نہ ڏنو. قمر ڏاڍي يقين سان مون کي اعتبار ڏياريندو آيو، تہ مان لکندو رهان، مسلسل، لاڳيتو، پوري ڪمٽمينٽ سان لکندو رهان؛ ڇو جو مان ٽيسٽ ڪرڪيٽ کيڏڻ لاءِ نہ، بلڪ لکڻ لاءِ پيدا ٿيو آهيان! فقط لکڻ لاءِ! تڏهن مون سوچيو هو تہ مان جيڪڏهن لکڻ لاءِ پيدا ٿيو آهيان، تہ پوءِ مون کي هڪ حقيقت کي قبول ڪرڻو پوندو تہ مان قيامت تائين، ڪنهن بہ جنم ۾ قمر جهڙي هڪ بہ ڪهاڻي لکي نہ سگهندس! مون کي ادب جو صحرا جهاڳڻو پوندو! پنهنجي لاءِ اظهار جو نئون رستو تلاش ڪرڻو پوندو. نئين راھ جو کوج لڳائڻو پوندو. مون کي جوڳ وٺڻو پوندو. وستين بدران وستين جي ويرانين ۾ ويهي لکڻو پوندو. مون کي سڀڪجھ ڇڏڻو پوندو. دوست، احباب ۽ ساٿي!

Grafix: Habib Jakhro

امر جليل

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.
sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com